

ياگو - II

ڪوٺ لکپت جو قيدي

رسول بخش پليجو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪوٽ لکپت جو قيدي

(ياگو II)

جيل جي ڊائري

رسول بخش پليجو

نيوفيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1993ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ايڪهتر

چپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪشنس
ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

چپيندڙ ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي.

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ڪمپيوٽچ سسٽمس، هيرآباد
حيدرآباد، سنڌ.

ٽائيٽل ڪيليگرافي اي.آر.آزاد

پهريون ايڈيشن مارچ 1993ع

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

KOT LAKH PAT JO QADI - Part II (Jail Diary). Written by RASOOL BUKHSH PALEEJO. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition: March 1993. Price Per Copy: Rs. 65/- Book No. 171

þрнЇ вҒ „ Эҕ ⁸ҤҒ ᵧ ҙҤ Р ß ᴺ нуўЎЃ ўЖрнлз_ ᵛ тҒбҒҒдҖҒ_
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

انهن ثابت قدم وطن دوست عوام دوست

سرويچن جي نالي.

جيڪي اوير يورپ تي سرمايه دار سامراجي غلبي کان
بدحواس ٿي، عوامي جدوجهدن جا جهنڊا ڦٽا ڪري پيچي
وڃڻ وارن جي ابتڙ، نئين سمجهه، سرت ۽ ساڃهه جون
مشعلون جلائي، نوان پيچرا ۽ گس ونڊي آزادي ۽ انصاف
سڪ ۽ سڪار جي روشن منزل طرف وڌندا رهن ٿا.

پل پل ٿي پلي ڏهم ڏيهاڙي ڪيترو
پسي دور درياهم جو وڃان ڪين وري
ڪري، رات قريب ڏي منجهان حب هلي
نہ ڪنهن جهول جهلي هڻي سهن پوري سهڻي (شاهم)

رسول بخش پليجو
بي 33 نسيم ڊيلڪس حيدرآباد

مهاڳ

رسول بخش پليجي بابت دانشورن جي اڪثريت جي راءِ آهي تہ هو بنيادي طرح هڪ تمام وڏو اديب آهي. پوءِ ڪٿي هو ساڳي وقت هڪ چوٽي جو وڪيل، نقاد، سياستدان، دانشور اڪابر ۽ آهي. شيخ اياز 'ساهيوال جيل جي ڊائريءَ' ۾ لکي ٿو تہ. "جيڪڏهن پليجو ڪجهہ وڌيڪ وقت وڪالت کي ڏئي ها تہ سپريم ڪورٽ جي چوٽي جي وڪيلن مان هڪ هجي ها."

'سندي ذات هنجن' جي مهاڳ ۾ سنڌ جو هڪ ٻيو اڪابر ۽ دانشور محمد ابراهيم جويو، روسي ليکڪ ٽرگنيف جي حوالي سان رقم طراز آهي تہ. "شعر جي دنيا ۾ اسين ۽ پنهنجي تواريخ جي دؤر ۾ هڪ اهڙو پنهنجو محسن رکون ٿا- لطيف- جيڪو هڪ ئي سڳورو شخص- اسان جو پورو ترجمان هو- پر اسان جي نثر جي دنيا ايڏا اهڙن ئي رڳو ڪجهہ ڪجهہ ترجمانن سان آباد آهي، ان کي ايڏا ڪنهن پوري دؤر جو ترجمان نہ مليو آهي. اسان جي هن رهنمائي اديب ۽ نقاد سائيءَ، رسول بخش پليجي ۾ اها ڏات ۽ ڏان هٿا، جو هو ادب جي نثري صنف ۾ پنهنجي دؤر جو پرو ترجمان بنجي سگهي ها- پر افسوس، هن جي سياسي مصروفيتن هن کي اها فرصت نہ ڏني."

سنڌ جي مٿين قدآور شخصيتن طرفان پليجي صاحب جي صلاحيتن جي ميتا پليجي صاحب لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. پر منهنجو ذاتي خيال آهي تہ وڏو اديب يا زبردست وڪيل يا نقاد يا مدبر يا اڪابر يا عظيم سياست دان هڻڻ جي باوجود پليجو بنيادي، بلڪ فطري طرح هڪ وڏو انقلابي آهي.

پليجو صاحب مختلف غلافن، خولن، پرتن يا چلڪن جو ٺهيل آهي. وڪالت وارو خول، تنقيد وارو پرت، اڪابريءَ وارو غلاف، اديب وارو پڙ، صحافت وارو چلڪو- اهي سڀ پرت ۽ چلڪا ڪڍ تہ اندران نج انقلاب وارو گودو نڪرندو. اصلي پليجو اهو انقلاب آهي.

آڻون پليجي صاحب کي لينن، مائوءَ، هوچي منه ۽ لي دٽان جو تسلسل سمجهندو آهيان ۽ ڪيس "قائد انقلاب" چوندو آهيان. ان ڏس ۾ آڻون پاڻ کي اڪيلو نٿو سمجهان. موجوده دؤر جو ترجمان شاعر شيخ اياز پنهنجي ساهيوال جيل جي ڊائريءَ ۾ لکي ٿو تہ. "پليجي ۾ هڪ عظيم انقلابي ٽيڻ جا سڀ امڪان آهن. جي حالات هن جو ساٿ ڏئو تہ هو ڪنهن وقت سنڌ جو هوچي منه ٿي ويندو."

وڪالت، تنقيد يا ادب يا فڪر يا اڪابري يا ماڳهين سياست خود منزل نہ آهن پر ڏڳ تي پهچڻ جو وسيلو آهن ۽ اها منزل بلاشڪ انقلاب آهي.

مائوءَ چيو هو تہ. "جڏهن سياست بيهي رهندي آهي تڏهن ان کي ٻيهر هلائڻ لاءِ جنگ لڳندي آهي." يعني جنگ سياست کي هلائڻ جو هڪ وسيلو آهي. ساڳي طرح مٿيون جيڪي ٻہ صنفون آهن، پليجو صاحب انهن کي ڪنهن ماهر ٽيڪنيشن وانگر پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ ڪمال

هوشياريء سان بطور وسيلن جي استعمال ڪندو رهيو آهي. اهڙي ريت هن ثابت ڪيو آهي ته هو نه صرف هڪ وڏو نظريه دان آهي پر حڪمت عمليء جو بادشاهه پڻ. جيتوڻيڪ منزل اڃ به ڪائنس اوتروئي ڏور نظر اچي ٿي جيترو ويهه سال اڳ هئي بلڪ سنڌ ۾ سنڌي پاڻ گهٽو پوٽي ويا آهن.

سائين جي ايم سيد ۱۰ مارچ ۱۹۹۳ع واري ڪاوش اخبار جي مٽگزين ۾ هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿو. "سنڌ مان مهاجر مسئلو الله حل ڪندو. اهي مهاجر سنڌين کي ڪائي ويڻ ها. خدا معجزو ڪيو جو اهي پاڻ ۾ وڙهي پيا! نه ته پهريان سنڌين کي ماري ماري سائو ڪري وڏو هين." سائينء جي انهن خيالن جي اڪثي هلي چند چاڻ ڪندس.

انقلاب ۽ انقلابيء جي ڳالهه نڪتي آهي ته ٻڌائيندو هلان ته پرائي فرسوده نظام کي ختر ڪري ان جي جاه تي سندس ٿي ڪڪ مان اپرندڙ نظام قائم ڪرڻ کي انقلاب چئجي ٿو.

پليجو صاحب 'ٽئون نياپو' جي انٽرويو ۾ چوي ٿو ته جائي جر کان سندس اها پاليسي ۽ مقصد رهيو آهي ته "پرائي دنيا ڀاهيو شاندار نئين دنيا ناهيو."

شروع ۾ پليجو صاحب رڳو بين الاقوامي انقلاب ڏانهن متوجه هو. پر پوء هو نيٽ سنڌ ڏانهن وريو. ساڳي انترويوء ۾ هو اڪثي هلي چوي ٿو. "۱۹۳۷ع کان وٺي منهنجو گول ترقي پسندي رهيو آهي ۽ اهو بين القوامیت جي حوالي سان آهي. مونکي قوميت جي ڳالهه بعد ۾ سمجهه ۾ آئي. شروع ۾ آئون قوميت واري معاملي ۾ واضح نه هوس. دارصل انهيء شروع واري دؤر ۾ مونکي اها خبر ٿي ڪونه هئي ته سنڌي ماڻهو به ڪو مظلوم آهن. سنڌ جي ڳالهه سمجهڻ لاء مونکي سڄي بين الاقواميت جي ڳالهه سمجهڻي پئي. پوء وري لينن جو مضمون. "قومن جي خود اختياريء وارو حق" پڙهيوسين ۽ ڳالهه سمجهه ۾ آئي- 'صبح ٿيندو' ۾ سنڌي قوم ۽ ان جي مظلوميت جي ۾ربور نمولي ڳالهه کيل آهي. قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي گڏ هلائڻ واري ڳالهه مون ۱۹۳۷ع کان ٿي ڪرڻ شروع ڪئي هئي." مطلب ته هن مهاڳ ۾ جتي آئون انقلاب جو ذڪر ڪيان ٿو اهو سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جي حوالي سان ڪيان ٿو. مانوار پڙهندڙ ڏسندا ته 'انڊا اوڏا ويڄ' هجي يا 'سندي ذات هنجن'. 'پسي ڳاڙها گل' هجي يا 'بختاور' 'صبح ٿيندو' هجي يا تحريڪ رسالو، ووٽرن جي لسٽن جو معاملو هجي يا زمين جا نيلام وارو مسئلو. بزم صوفياء سنڌ هجي يا متحده محاذ. سنڌي شامون هجن يا لطيف ڊي يا ٻيا جلسا. لانگ مارچ هجي يا شارٽ مارچ انهن سيني جي پويان هڪڙو ئي مقصد نظر ايندو 'سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي نجات'.

جڏهن آئون پليجي صاحب کي لينن يا مائوء يا هوچي منه جو تسلسل چوان ٿو ته اها دعويٰ آئون سنجيدگيء سان ڪيان ٿو. مونکي يقين آهي ته جيڏي پايي جا اهي ليڊر هٽا اوتري ئي درجي جو انسان جو هيء ليڊر رسول بخش پليجو به آهي. هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن پليجو صاحب ايڏي ئي وڏي دينگ شخصيت آهي ته سنڌ جو مسئلو چو نٿو حل ٿئي ۽ هيڏي وڏي هستي هٿ جي باوجود پليجو صاحب پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب چو نه ويو آهي؟ جڏهن ته مٽين هستين جي سامهون. بظاهر. سنڌ کان به وڌيڪ اهنجا مسئلا سامهون هٽا. جيڪي هن نيٽ حل ڪيا ۽ پنهنجي پنهنجي عوام کي ڪاميابيء سان همڪنار ڪيائون. ان سوال جو جواب هيء آهي ته جيتري شخصيت پليجي صاحب جي وڏي آهي. اوتروئي ڪنهيئر سنڌ جو مسئلو به آهي.

هڪ دفعو پليجو صاحب ۽ آئون سندس گرفتاريء کان ٽورو اڳ، شاه نواز جوڻيجي سان ملڻ

نارا جيل ٿي وياسون. پليجي صاحب جوڻيجي صاحب توڙي جيل جي ڪن ٻين باندين لاءِ ڪجهہ سامان ورتو. ان دوران منهنجي هن سان مختصر گفتگو ٿي. گفتگوءَ جو موضوع هٿا. (١) ذوالفقار علي ٻٽي کي قاهي ڏيندا يا نہ؟ (٢) موجوده حالتن ۾ پليجي صاحب کي پبلڪلي حڪومت خلاف تقريرون ڪرڻ گهرجن يا نہ؟ پوءِ مون چيو. "سنڌ جي نجات جو مسئلو دنيا جو ڏکيو ۾ ڏکيو مسئلو آهي." هن چيو تہ. "نہ. ڏکي ۾ ڏکيو مسئلو فلسطين جو آهي. چو جو هن کي ڏيهہ نيڪالي ملي آهي. انهن کان پنهنجي ڌرتي ٻہ کسجي ويئي آهي ۽ هو ڌارين جي ڌرتيءَ تان پنهنجي تحريڪ هلائي رهيا آهن. جيڪا هڪ وڏي محتاجي آهي، جڏهن تہ سنڌين کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو وطن آهي ۽ اهڙي طرح کين پنهنجي ڪنهن ٻہ قسم جي تحريڪ هلائڻ لاءِ پنهنجو هڪ بيس ۽ بنياد آهي."

پليجو صاحب پنهنجي تجزيي ۾ ضرور صحيح هوندو. چو جو بلاشڪ هو دنيا جي چوٽيءَ جي اڪابرن مان هڪ آهي. ۾ آڻون وري ٻہ اهو چوڻ کان نہ مڙندس تہ سنڌ جو مسئلو جيڪڏهن فلسطين کان وڌيڪ ڳنڀير نہ آهي تہ گهٽ ٻہ ڪونهي.

نہ روسين، نہ چينين ۽ نہ ئي ويٽنامين کي اهي مسئلا درپيش هٿا جيڪي سنڌ کي آهن. مثلن اتي ڪنهن ٻہ ملڪ ۾ ٣٠ - ٣٥ سال کان ڌارين يا مهاجرن جا قافلن جا قافلا وارد ٿيندا نہ رهيا، نہ ئي ملڪي فوج ۾ اڪثريت هڪ وڏي صوبي جي هئي، نہ ئي اتي مقامي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جو مسئلو هو، نہ ئي ثقافت جي خاتمي جو ڊپ! نہ دنيا جي ڪرپٽ ترين ۽ بدعنوان ڪامورا شاهيءَ سان سنڌن واسطو پيو هو ۽ نہ ئي وري غدار جاگيردارن، وڏيرن ۽ پيرن جي لوڌ سنڌن عوام مٿان مسلط هئي. نہ گاديون هيون نہ گادي نشين. اهي سڀ جنسون سنڌ جي مقدر ۾ آيون آهن. نہ ئي سنڌ واڪر هو دنيا جي تحريڪن کان ڪٽيل هٿا نہ ئي اتي هڪ ٻئي جي ٽنگ ڇڪيندڙ ليڊرن جي هڪ فوج هئي. نہ سنڌن ملڪ دنيا ۾ جي لوڌيلن لاءِ يتيم خانہ ٻڌيل هٿا نہ ئي وري اتي جو خطو (Terrian) مختلف تحريڪن لاءِ نامناسب هو جيئن سنڌ جو آهي. نہ ئي وک وک تي چانوٽيون ٽهيل هيون. جيئن سنڌ ۾ آهن. مطلب تہ سنڌ کي مٿين ملڪن جي مقابلي ۾ ڪا ٻہ انڊوانٽيج يا سهوليت ميل ڪانهي. اهڙي منفي ۽ دلشڪستو ڪندڙ حالتن ۾ پليجي صاحب ٣٠ سالن تائين ويڙهہ ڪئي آهي ۽ اوياروهليو آهي ۽ ماٺهو گهٽ ۾ گهٽ نجات ۽ انقلاب جي ڳالهہ سمجهڻ لڳا آهن. اها سندس هڪ وڏي ڪاميابي آهي.

پليجي صاحب جي ويرين سدائين ٻن محاذن تان ڪيس چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اول تہ پليجي صاحب کي ازل کان مهاجرن جو دشمن قرار ڏيئي الزام هنيو ويندو آهي تہ هو سنڌين جي ڪنهن ٻہ اتحاد ۾ مهاجرن کي شامل ٿيڻ جي مخالفت ٿو ڪري، ۽ اهڙي طرح، سنڌين ۽ مهاجرن جي اتحاد ۾ روڙو اٽڪائي. ان سڌيءَ طرح پنجابي سامراج کي فائدو ٿو رسائي. سنڌن خيال ۾ سنڌي اڪيلي سر پنجابي سامراج سان ٽڪر نٿا ڪائي سگهن. انهيءَ ڪري هو فقط ۽ فقط مهاجرن جي مدد ۽ سهائتا سان پنهنجو مقصد ماڻي سگهن ٿا. تنهنجي ڪري مهاجرن سان دوستي ڪرڻ لازم آهي.

پليجي صاحب تي ٻيو الزام اهو هنيو ويندو هو تہ هو آل پاڪستان ليول جي سياست ٿو ڪري ۽ جيئن تہ سنڌ ۽ پاڪستان جا مفاد متضاد آهن، تنهنجي ڪري هو ائين ڪرڻ سان سنڌ جي

مفادن تان هٿ کڻي. سنڌ جو غدار ٻڌجي چڪو آهي. اهو الزام هٿندڙ خود هاڻ پليجي صاحب جا پوئلڳ ٿي چڪا آهن ۽ خود ملکي سياست ٻيا ڪن.

جون- جولاءِ ۸۷ع جي ماهوار 'نئون نياپو' ۾ پليجو صاحب چوي ٿو ته 'مون ۱۹۷۳ع ۾ هڪ مضمون "سنڌي عوام جو وطن دوست انقلابي نظريو. لکيو. ان ۾ مون ڄاڻايو هو ته. "اسين سنڌي ماڻهو. مهاجر ۽ پنجابي عوام جا هرگز مخالف نه آهيون. اسين انهن سان تعاون رکو انهيءَ ڪري نٿا ڪري سگهون جو اهڙا ماڻهو..... اسان کي ان جي لائق ئي نٿا سمجهن جو اسان سان تعاون ڪن. جيڪڏهن اهڙا ماڻهو ٽيا ته پوءِ يقين تعاون ڪنداسون." "اسين مهاجرن ۽ پنجابين جي خلاف نه آهيون اسين انهن سان پائپي چاهيون ٿا. اسان جو ايمان آهي ته اسان جا جيڪي ۽ تضاد آهن سي عارضي آهن. دائمي ڪونهن. دائمي طرح سيني قومن جي ماڻهن ۽ محنت ڪشن کي پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻو پوندو ۽ اهو ضرور ٿيندو. پر في الحال اچوڪي اسٽيج تي اسين پنهنجي مهاجر ۽ پنجابي دوستن مان ڪنهن حقيقي اتحاد جو توقع نٿا رکون. پو جو حالتون اسان کي حقيقت پسنديءَ جي لحاظ کان اهڙي اجازت نٿيون ڏين."

افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته متيان ٻڌي الزام انهن شخصيتن طرفان هنيا ٿا وڃن جن جو حب الوطنيءَ جي لحاظ کان خود ڪردار ۽ صاف نه آهي.

مرحوم پٽي ۽ پليجي صاحب ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. پليجي صاحب کي آل پاڪستان ليول جو سياست دان چئي مرحوم پٽي سان پيٽي. سنڌ جو غدار قرار ڏيڻ صحيح نه آهي. مرحوم ذوالفقار علي پٽي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ ۽ ون يونٽ ٽٽڻ کان ڪجهه ڏينهن پهرين سنڌ يونيورسٽيءَ جي پليٽ فارم تان ورجائي ورجائي. وڏي واکي پريس وارن جو ڏيان ڇڪائيندي چيو هو ته. "آڻون پنجاب سان غداري نٿو ڪري سگهان. وري ٻڌو. آڻون پنجاب سان غداري نٿو ڪري سگهان." اهو پٽو صاحب هو نه ڪه پليجو صاحب. پليجي صاحب ڪڏهن ۽ ايئن نه چيو آهي ته آڻون پنجاب سان غداري نٿو ڪري سگهان، پر الٽو سندس تحريرن ۽ تقريرن مان اهو صاف عيان آهي ته "ڇا ۽ ٽي پوي آڻون سنڌ سان غداري نٿو ڪري سگهان." اهو آهي بنيادي طرح مرحوم پٽي ۽ پليجي صاحب ۾ فرق، جيڪو صاف ظاهر آهي.

پليجي صاحب جا پنجابين يا مهاجرن سان اتحاد قائم ڪرڻ بابت 'نئون نياپو' ۾ ڇپيل خيال متي اچي چڪا آهن. انهن کي ورجائڻ جي ضرورت نٿو پائيان. البت پليجو صاحب سڀاڻين سنڌين جي سچي اتحاد ۽ بدي لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي. اها بي ڳالهه آهي ته جن صاحبن سڀاڻين نج سنڌي ماڻهن جي اتحاد جي بجاءِ سنڌين ۽ غير سنڌين جي اتحاد کي ترجيح ڏني آهي، انهن سان نه ڪڏهن پليجي صاحب ڪامپرومائيز ڪيو آهي نه ٿي هڻ پليجي صاحب سان. پليجي صاحب کي اتحاد جي اهميت جي خبر آهي. ڪيس معلوم آهي ته هڪ ڪائيءَ کي پڇڻ سولو آهي پر ڪائين جي ڳڻڻيءَ کي پڇڻ ڏکيو مامرو آهي.

۱۹۶۷ع ڌاري پليجي صاحب حفيظ قريشيءَ ۽ مون ڪڏجي سائين جي ايبر سيد سان ملاقاتون ڪيون. جوٽين مارچ ۱۹۶۷ع وارن جوڌن مان به غالباً ڪيترا جوڌا سائين سان مليا هٿا. ائنٽي ون يونٽ محاذ ناهڻ جون ڳالهيون هليون. نيٽ اهو محاذ نهيو. ورڪنگ ڪميٽي توڙي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ ۾ موسان گڏ ڪيترن نوجوانن کي به ڪنيو ويو. سائين ان محاذ جو صدر ٿيو.

سڄي سنڌ جا مڪ محب وطن ۽ قوم پرست توڙي ترقي پسند اڄي انهي محاذ تي شامل ٿيا. سڄي سنڌ ۾ هڪ نئين قسم جو ولولو ۽ جوش ڦهلجي ويو. وڏي زور شور سان اٺنتي ون يونٽ تحريڪ هلائڻ جو تياريون ٿيڻ لڳيون. محاذ ايڪا تنظيمي دؤر ۾ ئي هو جو هڪ ڏينهن ڪراچيءَ ۾ سائين جي ايم سيد جي بنگلي تي فرنٽ جو اجلاس رکيو ويو. ان زماني ۾پليجي صاحب، حفيظ قريشيءَ ۽ منهنجو هڪ گروپ ڪميٽيءَ جي صلاح کان سواءِ اهڙن ماڻهن کي فرنٽ جو ميمبر بڻايو ويو آهي، جيڪي نه رڳو سنڌو ون يونٽ ناهڻ جا زميوار هٿا پر خود ان سڄي قصي جا اهم ترين ڪردار به هٿا. هاڻ ٻن قسمن جا مسئلا پيدا ٿي پيا. هڪڙا مسئلا شاهه صاحب جا هٿا. پس پرده هن ڪن صاحبن جي معرفت مرحوم پٽي سان گفت وشنيد شروع ڪري ڏني هئي. مرحوم پٽي غالباً سيد کي آڇ ڪئي ته. "مونکي چڏيو آئون پنهنجي طرفان مير رسول بخش تالپر يا حفيظ پيرزادي صاحب کي اجازت ٿو ڏيان ته هو فرنٽ ۾ شامل ٿين پر مونکي آل پاڪستان ليول جي سياست ڪرڻ ڏيو." يا ڪو ٻيو ڪيڏ هو جنهن جي مونکي خبر ڪانهي. البت ڪا وڏي راند پس پرده کيڏي پي ويئي. ٻيا مسئلا اسان نئين نهيءَ وارن لاءِ پيدا ٿي پيا. اهي هي هٿا ته سڄي سنڌ "غدارن تي لعنت" جي نعرن سان ڀري رهي هئي. اهڙي چارجڊ ماحول ۾ ون يونٽ جي بانين سان گڏ هڪ چٽ هيٺ وهڻ ممڪن نه هو. ائين ڪرڻ سان خود شاگردن ۾ اسان جي Credibility متاثر ٿيڻ جو وڏو انديشو پيدا ٿي ٻيو. مون اها ڳالهه نه صرف پليجي صاحب سان ٻه ڪئي ته وري حفيظ قريشيءَ توڙي ٻين صاحبن سان ٻه جن جو ٻه رد عمل ساڳيوئي هو. ٽيٽ ڪارروائي شروع ٿي. اسان نون ميمبرن کي ورڪنگ ڪميٽيءَ يا اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي اجازت کان سواءِ انهن ڪميٽين تي ڪٿ متعلق سائين کان سوال ڪيا. سائين چيو آئون صدر آهيان. مونکي اختيار آهي ته آئون ڪنهن به ميمبر کي OPT ڪيان. مون ۽ مختلف ميمبرن تقريرون ڪيون. گوڙ ٿيو. بحث ٿيا. پليجي صاحب پردليل تقرير ڪئي. ٽيٽ سائين چيو. "يا انهن ماڻهن جي شموليت تسليم ڪيو يا منهنجي جاه تي ڪو ٻيو صدر چونڊيو يا وري اجلاس چڏي هليا وڃو". ٽيٽ اسان ٽيون رستو اختيار ڪيو. پر پليجي صاحب ۽ مون سيد صاحب کي اهو ضرور چيو ته. "جن ماڻهن جي ڪري اوهان اسان کي پاڻ کان ڌار ڪري رهيا آهيو اهي اوهان جو ساڻ فقط پنهنجن مفادن جي ڪري ٻيا ڏين. وقت پري نه آهي جڏهن اهي اوهان کي اڪيلو چڏي هليا ويندا." ٽيٽ اهوئي ٽيو جنهن ڳالهه جي پيشن گوئي پليجي صاحب ۽ مون ڪئي هئي. پوءِ وري متان جو يحيٰ خان جو مارشل لا لڳو ته سياست کي في الحال ٻنجو اچي ويو.

سين بدلجي ٿو.۱۹۸۸ع ۾ پهچون ٿا. ۲۰ سالن کان پوءِ وري سنڌين جي اتحاد جون ڳالهيون ٿين ٿيون. پليجي صاحب جي سڏ تي سنڌي عوام جو قومي اتحاد ٿهيو. اتحاد جي اڳواڻن ۾ پليجو صاحب، جويو صاحب، شاهه محمد شاهه، مير ٽيهو، امداد چانڊيو، غلام رسول سهتو، مولانا صاحبزادي ذاهري آئون ۽ ڪي ٻيا صاحب شامل هئاسون. ظاهر آهي ته مٿين صاحبن اتحاد ۾ پنهنجين پنهنجين جماعتن جي نمائندگي پئي ڪئي. ان اتحاد وڏا ڪارناما سر انجام ڏنا ۽ توري ئي وقت ۾ پليجي صاحب جي اٿڻ ڪوشش جي نتيجي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وڏا جلوس ۽ جلسا ڪرايا. مختلف قسم جا پمفليٽ ڇاپي. سنڌين ۾ سڃاڻپ آندي ۽ انهن ۾ پڌي پيدا ڪئي.

ان اتحاد M.Q.M جي ستايل سنڌي مظلومن جي دل تي پها رکيا ۽ وس آهر سندس مالي معاونت ۾ ڪئي. جيتوئيڪ محاذ جي مالي پوزيشن ڪا خاص نہ هئي. محاذ جو وڏو ڪارنامو ڪالا باغ ڊئم خلاف هڪ پوسٽر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هٽائي ڪالا باغ ڊيم خلاف سنڌي عوام کي موبيلائيز ڪرڻ هو. اتحاد اپريل جي وچ ڌاري ڪراچيءَ ۾ هڪ عظيم الشان جلوس ڪڍي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو. ان جلوس ۾ سنڌين جي هر جماعت جي مقبول رهبرن توڙي مڪ شخصيتن شرڪت ڪئي. ان جلوس جي اختتام تي اڳواڻن زبردست تقريرون ڪيون. ان موقعي تي پليجي صاحب زبردست تاريخي تقرير ڪري عام طرح هر سنڌيءَ ۽ خاص طرح سنڌ جي وڏن شهرن ۾ رهندڙ سنڌين جي دل چوٽي ڪري چڏي.

ان جلوس ۽ جلسي جي ڪاميابيءَ کان پوءِ پليجي صاحب چيو ته اڄان به سنڌين جو اتحاد مڪمل نہ آهي. هن مونکي ۽ عالم شاهه کي سائين جي ايم سيد کي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليو. اسان سائين سان ڳالهايو. اتحاد جي قيادت ڪرڻ جي دعوت ڏني. سائين پنهنجن ساٿين ۽ سنگت سان صلاح مشوره ڪرڻ جو وقت گهريو. نيٺ مونکي حيدرآباد ۾ فون آيو ته پليجي صاحب کي ولي اچو. ٽئون اتحاد ٺهڻ لاءِ ڳالهيون هليون. اتحاد جا رهنما اصول تيار ٿيا. انهن مان هڪ هيءَ به هو ته فيصلا اجتماعي طرح ٿيندا ۽ اتحاد فقط سنڌين جو ٿيندو.

غالباً ٢٠ مئي ١٩٨٨ع جي سن ۾ اهو تاريخي اجلاس رکيو ويو. ان وچ ۾ ڪاغذي تيارين ۽ رهنما اصولن جي تيارين توڙي مختلف ڪميٽين جي ٺاهه ۾ سائينءَ ۽ سندس ساٿين جيڪا رکائي پليجي صاحب ۽ سندس ساٿين سا روا رکي. سا سنڌ جي روايتي مهمانوزاي جي برعڪس هٽي ۾ تنهن هولدي به سنڌ ۽ سنڌين جي مفاد خاطر اها بي رخي برداشت ڪئي ويئي.

جهڙي نموني جي ڳالهه ٻولهه پي ٿي ۽ جهڙي طرح مهاجر ليڊرن کي به اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پنهنجي ليکي دعوتون پي ڏنيون ويون انهيءَ مان اندازو لڳائڻ مشڪل نہ هو ته سنڌي قوم کي ساڳي سوراخ مان ڏنگائڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي.

ان ڏوران، مکيه اجلاس کان اڳ، مختلف قراردادن تي ويچار ڪرڻ ۽ ٻيا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جڏهن مختلف جماعتن جا اجلاس سائين جي ايم سيد جي صدارت ۾ پي ٿيا ته مون ٻين قراردادن ۽ ٺهرائن کان سواءِ آمريڪي سامراج کي لنڊن متعلق هڪ ٺهراءُ پيش ڪرڻ چاهيو. جنهن جي ڪري پاڪستان ۾ نندين قومپتن مٿان عتاب نازل ٿيا آهن. سائين جي ايم سيد اها قرارداد شامل ڪرڻ کان انڪار ڪيو. مون جڏهن ارباب ڪاوڙ ۽ جام ساقيءَ کان متين قرارداد جي تائيد لاءِ مدد گهري ته ٻنهي صاحبن حمايت ڪرڻ جي بجاءِ ڪنڊ ئي ٻٽي پاسي ڪري چڏيا. مون سوچيو ته جيڪي ماڻهو پنهنجن اصولن، موقف يا نظرين سان ئي سچا ڪونهن سي ڪيئن پنهنجي قوم جي مدد ڪري ٿا سگهن!. ياد رهي ته متيان ٻٽي صاحب پاڻ کي وڏا ڪميونسٽ سڏائيندا هئا ۽ ڪميونسٽن جو بنيادي نعرو هو ئي "آمريڪي سامراج مرده باد".

جام ساقيءَ تي ياد آيو ته ڪنهن مونکي ٻڌايو ته اڄ ڪالهه ڏاڍو غل آهي ته جام ساقي چوٽين مارچ ١٩٦٧ ع جو هيرو آهي. پر حقيقت ڇا آهي؟ چوٽين مارچ ١٩٦٧ع واري واقعي ڏوران جام ساقيءَ ۽ سندس ساٿين، نمپ جي مهاجر ليڊرن جهڙوڪ محمودالحق عثماني، اعزاز نظير ۽ جمال نقويءَ جي هٿيءَ تي هڪڙو پمفليٽ ڇپيو ۽ ورهايو جنهن ۾ سڄي چوٽين مارچ جي واقعي

کي ڪامورا شاهيءَ جو ڪيڏ قرار ڏنو ويو هو. سنڌي مظلوم وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان، جنهن کي مسرور حسن خان وقت جي آمريت جي مدد سان خوار خراب ڪري يونيورسٽيءَ مان نيڪالي ڏني هئي ۽ جنهن کي واپس آڻڻ لاءِ اها چوٽين مارچ واري تحريڪ هلي هئي تنهن کي به چار صاحب اهڙو ئي ظالم ڪامورو قرار ڏنو هو جهڙوڪ مسرور حسن خان خود هو. سندس خيال ۾ چوٽين مارچ جي تحريڪ فقط هڪ ڪاموري کي بچائڻ جي تحريڪ هئي تنهنجي ڪري شاگردن توڙي عوام جي حمايت جي مستحق نه هئي. آڏون پاڻيان ٿو ته چار صاحب پهريون شاگرد اڳواڻ آهي جنهن شاگردن جي ايڪي ۽ بڏيءَ جي پرسڪون تلاءِ ۾ نااتفاقيءَ، نفاق ۽ ڪروڌ جو پهريون پٿر اڇلايو هو.

مٿيون ڳالهيون بائي دي وي نڪري آيون. وري اتحاد ڏانهن موٽون ٿا. پهرين بحث ٿيو ته اتحاد جو نالو ڇا رکجي. پليجي صاحب ۽ سندس ساٿين چيو ته جيئن ته اتحاد فقط سنڌين جو آهي تنهن ڪري نالو رکوس "سنڌي قومي اتحاد." پر حسب معمول ساٿين جي ايم سيد ۽ سندس ساٿين وري ساڪيو قصو ورجايو. چئي نالو ٿا رکون "سنڌ قومي اتحاد". جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته سنڌ ۾ رهندڙ ڪنهن به ماڻهوءَ کي جنهن کي سنڌ جو ڊوميسائيل آهي يا هتي جو ريزيڊنٽ آهي، تنهن کي اتحاد ۾ ڪٽ جي گنجائش موجود هئي. پليجي صاحب چيو ته جيڪڏهن اهڙو اتحاد ناهڻ جي ڪوشش پيا ڪريو، جنهن ۾ مهاجر، پنجابي يا پٺاڻ جيڪي سنڌ ۾ آباد آهن سيئي شامل ٿين ته نئون محاذ ناهڻ جي ضرورت ڪونهي. اهڙي اتحاد جي قائم ٿيڻ جي خواهشمند حضرات کي گهرجي ته پ پ يا مسلم ليگ ۾ وڃي شامل ٿين. هن سڄو زور ان ڳالهه تي ڏنو ته پهرين سنڌين جو اتحاد ناهيو پوء وقت آهر حالتون ڏسي ضروري سمجهيو ويو ته ٻين ڏانهن به هٿ وڌائڻ جو سوچيو. تڪڙ ڪاڻ هئي. هن چيو ته اسين ڪنهن جي خلاف نه آهيون پر هن وقت سنڌ ۽ سنڌين جون حالتون ٻئي ڪنهن سان اتحاد ڪرڻ جون اجازت نٿيون ڏين. ڳالهه معقول هئي پر نه مڃي ويئي. مونکي ياد آهي ته قاضي ڏامره پ پ سان واسطو رکڻ جي باوجود الٽي ٻيٽو ۽ چياڻين ته پلا سنڌي پاڻ ۾ اتحاد ڪن ته ان ۾ ڪهڙو نقصان آهي؟ پر پوء غالباً سَرَّ بَكَرَّ عَمىٌ فَهُم لا يرجِعُونَ وارو قصو هو. هاڻ ان اتحاد جو وڏو معاملو آهي. ان تي تفصيل سان لکجي ته هڪ وڏو ڪتاب ٿي پوندو. تنهنجي ڪري مختصر لکان ٿو ته ويهارو ڪن ڪاغذي جماعتن جن ۾ هڪ يا به ماڻهو شامل هٿا. ڪي ووٽ جو حق ڏيئي، اڪثريت ناهي. اتحاد جو نالو "سنڌ قومي اتحاد" رکيو ويو. سون تي سهاڳو اهو ٿيو ته ساٿين جي ايم سيد عبدالحميد جتوئي صاحب کي اتحاد جو صدر بنايو. ظاهر آهي ته هڪ اهڙو اتحاد جنهن ۾ اڪثريت ترقي پسند قوم پرستن جي هئي، تن جي واڳ هڪ وري زميندار جي هٿ ۾ ڏيڻ بذات خود اتحاد ۾ وڏو تضاد پيدا ڪرڻو هو ۽ ڇا ته اتحاد جي وجود سان گڏ سندس بربادي۽ جو بيج به ڇٽيو ويو. يعني قصو اهو ٿيو ته .

ازنے بھي نہ پائے تھے کہ گرفتار ہوئے

اخبارن ذريعي معلوم ٿيو ته اتحاد ڪيترن ئي مهاجرن کي اتحاد ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي پنجن يا ڇهن مهينن ۾ اتحاد اڪثي وڌڻ جي بجاءِ ٻوڙتي هٿيو. M.Q.M جي مقابلي ۾ سندس رويو سڀاڻين مدافعي ۽ معذرتي رهيو. لاتعداد فنڊز گڏ ڪيا ويا. سي الاهي ڪهڙي ريت برباد ڪيا ويا؟ M.Q.M جڏهن سنڌين سان قهر ڪيا ته انهن جو تدارڪ نه ڪيو ويو. ڏٽڙيل

سنڌين جي صحيح واهر نہ ڪئي وئي ۽ سنڌي سڌائين بي يارو مددگار رهيا. غالباً اتحاد وارن ايم ڪيو ايم سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ ناه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان معاملي ۾ تمام غير سنجيدگيءَ سان ڪم ورتو ويو. جنهن جو نتيجو نہ صرف کين پر سڄي سنڌي قوم کي پوڳٽو پيو. انهن سيني بي اصولين جي هوندي، پليجي صاحب ۽ سندس سائين وڏي صبر ۽ تدبير کان ڪم ورتو ۽ سيد صاحب توڙي سندن حامين طرفان نهايت سرد مهريءَ، بلڪ ڪنهن ڪنهن وقت بي عزتيءَ واري رويي جي باوجود، پليجي صاحب اتحاد مان سنڌين جي وسيع تر مفاد ۾ Pull out نہ ڪيو پر جڏهن اتحاد اهڙيون پاليسون ٺاهڻ لڳو جيڪي ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي مفاد وٽان نہ هيون ۽ جن جي ڪري پليجي صاحب توڙي سندن سائين جي ساک جي متاثر ٿيڻ جو انديشو ٿي پيو تہ نيٽ مجبور ٿي پليجو صاحب ۽ سندس سائي اتحاد مان نڪري آيا. ڏسڻ ۾ ايندو تہ جي ايم سيد صاحب سنڌي قوم کي مشڪل مان ڪيڏو جا ۽ نادر ۽ تاريخي موقعا هٿان وڃائي ڇڏيا.

٣٠ سيپٽمبر ١٩٨٨ع تي حيدرآباد شهر ۾ ڪن مائهن زبردست فائرنگ ڪري اڪل ٿي سڏ ڪن مهاجر توڙي سنڌي اڇت ماري، سون ٻارڙن کي يتيم، سوين عورتن کي بيواه ۽ ڪيترن کي بي اولاد ڪري ڇڏيو. ان واقعي جي آڙ ولي، پٽي ڏيڻهن هزارها سنڌين کي حيدرآباد، ڪوٽڙيءَ ۽ ڪراچيءَ ۾ قتل ڪيو ويو ۽ سندن ڳوٺن ۽ ملڪيتون لٽيون ويون. ظاهر آهي تہ جن بہ اها ڪارروائي ڪئي هئي تن جو مقصد سنڌين ۽ مهاجرن کي هڪ ٻئي جي خون جو پياسو بنائڻو هو.

ان سلسلي ۾ نيٽ ڪي گرفتاريون ٿيون ۽ ترت ئي ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ سندس سائين جا ناڪا منظر عام تي آيا. انهن جو تعلق جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ سان ٻڌڻ ۾ آيو. هاڻ اهو معاملو ڪورٽ ۾ آهي تنهن ڪري ان تي تبصرو نٿو ڪري سگهجي. پر ان وقت جي تجزيي نگارن جو اهو تبصرو سامهون آيو تہ اثر وارا طبقا سنڌين ۽ مهاجرن جي پولارائيزيشن چاهين ٿا. جيئن ايندڙ چوڌڻ ۾ مهاجر فقط مهاجرن کي ۽ سنڌي فقط سنڌي قوم پرستن جماعتن کي ووٽ ڪن.

اها پلاننگ فقط ان حد تائين ڪامياب ويئي جو مهاجرن تہ M.Q.M جي قيادت ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان تقريباً سڀ سيٽون کٽي ويا ۽ P.P.P سان گڏ مذهبي جماعتون بہ هارائي ويون پر سنڌ جي بهراڙين ۾ ڪهڙيل نتيجا ڪونہ نڪتا. هڪڙو تہ سنڌ قومي اتحاد جي نامقبوليت ۽ پاليسين جي ڪري ٻيو تہ پ پ جي بهراڙين ۾ مقبوليت جي ڪري. ان جو آخرڪار نتيجو هيءَ نڪتو تہ M.Q.M مهاجرن جي چيمپين بنجي ويئي ۽ آخرڪار پيپلز پارٽي توڙي سنڌين لاءِ هڪ عذاب بنجي ويئي. جو جي ايم سيد صاحب بہ چئي اٿيو تہ "خدا معجزو ڪيو جو پاڻ وڙهي پيا نہ تہ اهي مهاجر سنڌين کي کائي وڃن ها." جيئن مون اڳ ۾ بہ اهو حوالو تفصيل سان ڏنو آهي. الاهجي جي ايم سيد کي اهي جملا چوندي پليجو صاحب ياد آيو يا نہ!

هيڏي ساري بحث جو مطلب اهو ثابت ڪرڻ آهي تہ پليجو صاحب سڌائين سنڌين جي سچي اتحاد جو خواهشمند رهيو آهي. هو چاهي ٿو تہ پهرين فقط سنڌين جو اتحاد ٺهي، پوء جڏهن اهو اتحاد مظبوط ٿئي ۽ ڪجهہ ڪم ڪرڻ جهڙو ٿئي تہ پين قومن کي شامل ٿيڻ جي دعوت ڏيئي سگهجي ٿي. پليجو صاحب مهاجر يا پنهنجي عوام جي خلاف نہ آهي. پر موجوده حالتون جي في الحال انهن سان اتحاد ڪرڻ جي اجازت نٿيون ڏين. ڏسڻ ۾ ايندو تہ پليجو صاحب سنڌين جو اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهيو آهي. جڏهن تہ سائين جي ايم سيد سائين پليجي صاحب جي

ڪوشش تي پائي ڦيرندو رهيو آهي. پليجي صاحب جي اها ڪوشش رهي آهي تہ اتحاد کي صحيح قومي، عوامي رنگ ڏيي. جڏهن تہ سيد صاحب انهن اتحادن کي وڏيرن جاگيردارن جي سياسي راند لاءِ هڪ ذريعو بنائيندو رهيو آهي.

آئي پڌر ون جاءِ مان مکريون چري،
ڪڏا ٿورو ڪرهو لکيو لائي ڪاءِ،
هن ميي سندي ماءِ ڀالهڙين ڳوڙها ڪيو.
(شاهہ)

ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پليجي صاحب بابت لکيو آهي تہ "رسول بخش ۾ ٻہ خوبيون نمايان آهن. هڪ تہ هو ذهين آهي. وڏي حوصلي وارو آهي ۽ عوام جي پلي لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ هن قومي سطح تي سياسي تعاون جي ذريعي جدوجهد ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي." (ڪتاب رسول بخش پليجو صفحو ۵۳) هاڻ جيڪڏهن ڈاڪٽر بلوچ جهڙي Tradi-tionalist يعني روايت پسند ماڻهوءَ کي ٻہ اها ڀالهہ سمجهہ ۾ آئي آهي تہ موجوده حالتن ۾ ملکي سياست ڪرڻ ۾ ڇگائي آهي تہ پوءِ انسان جي ترقي پسند ۽ قوم پرست دوستن کي اها ڀالهہ ايترو دير سان ڇو سمجهہ ۾ آئي؟ ٿيڻ تہ اڳين ڪهرجي تہ سنڌ جي مسئلن جي اپتار نہ صرف سنڌ اندر پر سڄي ملڪ اندر بلڪ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪرڻ ڪهرجي. اها ڀالهہ نہ وساريڻ ڪهرجي تہ سنڌ جو مسئلو دنيا جي ٻين مظلوم ملڪن جي تحريڪن سان ڳنڍيل آهي. سنڌ جو مسئلو نہ رڳو سنڌ جو پاڪستان جو بلڪ هڪ عالمي مسئلو آهي.

تازو M.Q.M خلاف فوجي ڪارروائي توڙي سنڌ ۾ ڏاڙيلن خلاف فوجي ڪارروائيءَ جو تجزيو ڪرڻ ڪهرجي. M.Q.M هڪ تمام منظم ۽ مسلح دهشت گرد تنظيم آهي. ان تنظيم جو فوج چند مهينن ۾ مٽ سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. حالانڪ سڀني کي خبر آهي تہ ان خلاف موجوده مرڪزي توڙي صوبائي حڪومت جي مداخلت سبب ڪا پرپور ڪارروائي نہ ٿي آهي. ڪيترا ٻيا مثال ٻہ ان ڏس ۾ ڏيئي سگهجن ٿا جن مان اهو ٿي الومان نڪري ٿو تہ جيڪڏهن ڪو سنڌي سنڌ جي فائدي لاءِ وفاق جي سياست ڪري ٿو تہ ان ۾ خرابي نہ آهي. سنڌ جي سياست جو دائرو جيترو وسيع هوندو اوترو ٿي سنڌ کي فائدو رسندو. سنڌي جيترا وڌيڪ اڪيلا ٿيندا يا آئزوليٽ ٿيندا اوترو ٿي موچڙا ڪائڻ جا امڪان وڌندا. هاڻ جيڪي صاحب موچڙو موچڙا ڪن ٿا سي رڳو صوبي جي سياست ڪن. جيڪي صاحب وقت سان ڪڏ هلي سنڌ جي ڪا خدمت ڪرڻ چاهين ٿا ۽ سنڌ جي نجات چاهين ٿا سي پليجي صاحب سان اچن. مون هڪ ٻي ڀالهہ اها ٻہ محسوس ڪئي آهي تہ سنڌ جي انٽيلڪچوئل ڪلاس جا ڪي ماڻهو پهرين چوندا تہ پليجي صاحب مان نظرياتي يا حڪمت عمليءَ جا اختلاف رکي سگهجن ٿا پر پوءِ اهو ٻہ چيو ويندو آهي تہ پليجو صاحب وڏو زهين آهي هوشيار اهي وڏو عظيم رهنما آهي مخلص آهي ۽ جمهوريت جو چٽمپين پڻ. هو سنڌي عوام سان ڪميٽيڈ آهي وغيره. هاڻ سوچيان ٿو تہ جڏهن آهي صاحب پليجي صاحب جي خداداد صلاحيتن جا معترف آهن تہ پوءِ حڪمت عمليءَ يا نظرين جا ڪهڙا اختلاف!

جڏهن هو چوي ٿو تہ "بابا هيءَ ڪندي دنيا ڏاهيو ۽ ڪا ٻي فرسٽ ڪلاس دنيا ناهيو جهن ۾ جان عالم هجن پريون هجن. صراح هجن.... يعني سندس مقصد ٽيڪ آهي ۽ هو زهين ٻہ آهي. وڏو

وکيل به آهي. وڏو سياستدان به. اڪابر به ۽ سچو انقلابي به آهي ته پوءِ هن سان اختلاف ڪهڙا؟ هر سنڌيءَ جو فرض آهي ته پليجي صاحب جا هٿ مظبوط ڪري.

جيل جي ڊائريءَ جو هيءُ ٻيو حصو پهرين حصي جو تسلسل آهي ۽ ساڳي ئي استائيل ۾ لکيو ويو. آهي مونکي فخر آهي ته آڻون هن سان گڏ ڪو وقت بنديخاني ۾ رهيو آهيان ۽ سندس يادن جو خود حصو بـ آهيان. ۱۹۶۸ع کان ونڊي غالباً فيبروري ۱۹۶۹ ع تائين آڻون ۽ حفيظ قريشي صاحب هن سان گڏ هڪ ڪوليءَ ۾ بند رهيس. انهن ڏن مهينن ۾ مون جيترو پليجي صاحب جو جيڪو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو آهي سو ورلي ڪو مائهو ڪري سگهندو. سندس ڊائريءَ جي لفظ لفظ ۾ جيڪي احساس ۽ جذبا لکيل آهن سي اصل ۾ سنڌي قوم جي مظلوميت جي ترجماني ڪن ٿا ۽ اسان کي پنهنجي وطن جي نجات لاءِ جدوجهد ڪرڻ تي آماده ڪن ٿا. اهڙي طرح هيءَ ڊائري سندس ٻين ڪاوشن وانگر انقلاب ڏانهن وڌيل هڪ پي وڪ آهي.

هن ڊائريءَ ۾ مختلف ڪيفيتن، تڪليفن، نديڙين خوشين، مسئلن ۽ تجزين ۽ جدوجهدن کي اهڙي سڌي تز ۽ لاجواب انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي جو ٻ ئي صفحا پڙهڻ سان ئي اهو احساس ٿيو وڃي ته هيءَ جيل ۾ لکيل جيل جي ڊائري آهي. حالانڪ ڪڏهن جيل کان ٻاهر اچي ٻ جيل جون ڊائريون لکيون ويون آهن. پليجي صاحب جهڙو ليکڪ جنهن 'پسي ڳاڙها گل' 'سنڌي ذات هنجن' ۽ 'انڌا اونڌا ويڄ' جهڙن ڪتابن ۾ شاهڪار ادبي ٻولي ٻڌهندڙن کي ڏني آهي تنهن جي پاران ان قسم جي سڌي ۽ تز ڪالهه ڪرڻ جو انڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ مقصد نظر نٿو اچي ته هو پنهنجي سئل سختين کي ڊراما ٽائيز ڪري عوام جون همدرديون نٿو حاصل ڪرڻ چاهي. هو پنهنجي قيد کي قرباني ته پر فرض ڪري ٿو ليکي. جيل جيڪو بذات خود دنيا اندر هڪ دنيا آهي. اتي جيئن پليجي صاحب مسلسل جدوجهد ۽ اورچائي سان محرومين ۽ مجبورين جو مقابلو ڪيو آهي سو سڄي ملڪ جي سياسي ڪارڪنن لاءِ هڪ نرالو مثال آهي. هي ڊائري ثابت ٿي ڪري ته رسول بخش پليجو جيڪو بحيثيت انقلابي سياستدان، اديب ۽ دانشور جي بهادري ۽ ته جهڪڻ جي علامت بڻيل آهي سو بحيثيت هڪ قيدي ايڏا بہ وڏيل. مٿانهون ۽ قداور نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو رسول بخش پليجو بحيثيت هڪ سياستدان جي ڪن مائهن جي تنقيد جو نشانو بہ بنيو آهي ته جيل اندر. ٽارچر سيلن ۽ ڪورٽن ۾ ساڳين مائهن لاءِ هڪ سائي، هڪ ويڄ ۽ هڪ شفيق ٻيءَ جو روپ ونڊي چپر چاڙو بنجي ويندو آهي ۽ اها ئي سنڌ جي روايتي عظمت جي سچي پاسباني آهي.

۱۱-۳-۱۹۹۳

مسعود نوراني
B-41 نسير ڊيلڪس، حيدرآباد.

20/10/82

رات جا ست بجا تيا آهن. ٽيبل ايپي ڪريو. دروازي ڏانهن منهن ڪريو ويٺو آهيان. ڪڙ جو پَٽ ڪايو ويٺو آهيان. ظفر ليٽيو پيو آهي. منٽ اڳ پنهنجي نَوَن سڪيل ۽ ٽن پشتو جملن کي آزمائيندي، پڇيو مانس" ابو گرم دي کي يخي دي؟" چيائين "گرم اردو هي، پشتو مين، هر کهي گا، 'ابو توده دي کہ يخي دي؟'" پوء پاڻ ئي چيائين "'توده' ابهي کہ بولتا هي، ابهي اردو والا 'گرم' بولتا هي." چيومانس، "پشتو ۾ چئو 'ٽيبل کي نيچي اينٽين رکهو،'" "پنجابي نٽو ڳالهائي ۽ منهنجي نئين سڪيل پنجابيءَ جو ئي مٽو ويجائي رکيو اٿس. چيائين، "اينٽ کا پشتو نئي آتا؟" مون چيو "نہ!" چيائين "دَ ٽيبل دَ لانديِ دَ خختا کيدا! (ٽيبل هيٺان سر رک.) مون ورجائي ٻڌايس "دَ ٽيبل دَ لانديِ دَ خختا کيدا؟" خوش ٿي چيائين "بلڪل ٽيڪ!" مون چيو" پلا مٽان سر رک ! ٽيل تي؟" چيائين "خختا دَ ٽيبل دَ پاسا کيدا" (سر ٽيبل تي رک.) ڏاڍو شوق اٿس پشتو سيکارڻ جو پر نهايت وڏي بد قسمتيءَ سبب آءُ منجهائنس پورو فائدو نٽو وٺي سگهان. هل هلان پر آهي، اڄ جيڪو جيل عملدار ٿو مون وٽ اچي تنهن کي ٿو چئي، " مون کي سوات موڪليو؟" ۽ ٽي ڏينهن تيا نهايت معصوميت سان مون کي چيائين، "صاحب جي! منهنجو ڪوٽ ويڙ اوهان جي چنيءَ ڪري روکيو پيو آهي!" ڪنهن پٽي پڙهائي اٿس تہ 'سپرنٽيڊنٽ کي فلاڻو (يعني رسول بخش پليجو) چئي لکي تہ تنهنجو بيٽي پير ڪر ٽي ويندو!' مون مناسب کوشش ۽ وسان کونہ ڪهتايو آهي. لکيو پيو روئندو آهي! جيڪو فوجي اچي تنهن کي اک تي ڳوڙهو! اکثر ٻار ٻار پرتي کيو وڃن جيڪي ۽ ٽن ڏينهن کان پوء وٺيو ڪڙين تي زور ڏين! پوء کين پڪڙي سزا ڏيئي. موڪلين جيل ۽ هتي همراهن جي اوچنگارن جو ٽڪاءُ! ڪيترين ڳالهين ۽ صفا درويش آهي. مختيار کي نقل ڪرڻ جي ڏاڍي اٽڪل آهي. روز هن جا نقل ٻڌائيندو هو. چيائين،" هڪڙي ڏينهن مون کي چيائين'صاحب جي ! آپ عيد پر چهٽي پر جائيگا نا! همارا بهي چهٽي لي کي دو!'" هن جو خيال آهي تہ پاڻ ٻئي وڏا آفيسر آهيون ۽ عيد تي موڪل تي ڪوٽ ويندا سون ۽ هن کي ۽ موڪل وٺي ڏيئي سگهون ٿا!"

امان جن کي هتي اچي کا تڪليف نہ ٿئي ۽ موجوده هنگامي حالتن جو مٽن اثر نہ پوي، تنهن لاء جيڪي ۽ ڪوششون ۽ رڪاوٽون ڪيرسي ناڪام ٿيون ۽ امان کي نيٽ وجي مارشل لا وارن سان روبرو مقابلو ڪري موڪل وٺي هتي اچڻو پيو. عارب، حور، غلام فاطمہ ۽ شريفان هٽا. ٻار ڪونہ آندائون. پنج ڇهہ ڏينهن رهڻو پين. مسعود آيو هو سو رڳي ويو. بهرحال بقول "چانڻ تي دريا" تي- وي نائڪ جي هڪڙي ڪردار جي "چار پيسي تي خرچ هوئي پر چيز چنگي بڻ

گئي!" رولڙو ٽيس پر هاڻي چئي سگهن ٿا ته ڏکا جهلي، ڪيئن به ڪري، ماري ميڙائي، لاهور وڃي ملاقات ڪري آياسون! ٻئي ڏينهن ڪوٽ جي ڪنڊيءَ مان ٻاهر بہ رهيا. نوان ماڻهو بہ ڏٺائون! نئون ماحول بہ نظر آين.

امان وڃڻ مهل آهستي مونکي ليلائي چيو"آءٌ راضي آهيان ته تون مون سان گڏجي هل!" اهڙي نموني ٻاڏائي چيائين، جڻ ڪيس ٽورڙي، رتيءَ جيتري سهي، پر ڪجهہ نہ ڪجهہ امید هجي ته من اِها ڳالهہ ائين ٿي پوي ۽ آءٌ ساڻس گڏيو وڃان! ٽورڙو رکي وري منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي وري ليلايائين. آخر ناامید ٿي چيائين "بس؟ هاڻي وڃان؟" هن سڃي قيد جي عرصي ۾ اِها گهڙي مون لاءِ ڏکين ۾ ڏکين گهڙين منجهان هئي! هڪ پلڪ لاءِ دلِ ڪي ست اڇي ويم. چيم "هن چريءَ ڪي ڪير سمجهائي ته با غيرت پٽن جي وس ۾ ئي ڪونهي جو مائرن جي دل جي انهن پڪارن کي رڳو ڪن ڏيئي بہ ڏيان سان ٻڌي سگهن!" ڏرتيءَ جو نظام اڄا مائرن لاءِ ڪيڏو نہ ظالم آهي! جيڪڏهن هن نظام جي ڍهڻ ۽ ڊاهجڻ لاءِ ٻيا بہ ڪافي سبب نہ هجن ها ته اهو هڪڙو سبب ئي ڪافي آهي ته هي نظام مائرن، پينرن، زالن ۽ ڏيئن لاءِ بي رحم ۽ سفاڪ آهي. ان کي ان هڪڙي سبب جي ڪري ئي ۽ رڳو انهن ماڻهن جي بددعائن سبب ئي تباهہ ۽ ناس ٿيڻ گهرجي! ۽ ٽيندو بہ تباهہ! پڪ ئي پڪ!

الائي ڪهڙو سامان آندائون ڪهڙو ڪونہ آندائون؟ سڀ شهر ۾ رهجي ويو. ٻوڙ آندائون. مڇيءَ ۽ گوشت جو. سو وارا ڏيئي ظفر ڪاڏو. مونکي ڪجهہ ناڇاڪائيءَ سبب ڪِري هئي. دال پٽ تي گذارو هو. اڄ ان جي ڪسر پوري ڪئي اٿر.

پورا ٽي سال اڳ، اڄوڪي تاريخ هِن 20 آڪٽوبر ڪان بہ ڏينهن اڳ، آءٌ سينٽرل جيل حيدرآباد آيو هوس. شام جو وقت هو، مون کي بدين ڪان وٺڻ ڏريعي سينٽرل جيل وٺي آيا هئا. مون کي ان وارڊ ۾ وٺي آيا جنهن جو پوءِ نالو عوامي تحريڪ جي قيدين ڪري "عوامي وارڊ" پئجي ويو. اچڻ سان "سلاماليڪا!" ڪندي ئي راج مڙسن جي وراٽيو. "ماليڪم السلام!" ڏسان ڪٽي ته مڙسن جو حساب ئي ڪونهي! محمد فاضل، عالم شاهہ، غلام قادر، حسين بخش، ادريس، مٺو مهري، اسماعيل مهري، چانگ، ٻيا ڪيئن راج ويٺا اهن!

ان کان چار ڏينهن اڳ، 15 آڪٽوبر 1979 تي آءٌ لاڙڪاڻي هوس. شام جو ڪچهري پئي ڪئي سين ته اخبار آئي. هڪڙي همراهہ ڏسي ڪٽي منهنجي هٿ ۾ ڏني! چئي "هيءَ خبر پڙهو! بدين جي فوجي عدالت جي طلب آهي ته سپاڻي يعني 16 آڪٽوبر 1979 تي بدين حاضر ٿيو. توهان، حسين بخش، ادريس، وغيره" مون کي زڪام هو. رات جي سفر اهو وڏائي چڏيو. ٻڊاپور ۽ جامشوري جي وچ

ٻر ريل بيهي رهي. ڪرينون آيون تن رستو صاف ڪيو. ٻئي ڏينهن ڪونہ ويس. ٽئين ڏينهن ٻن ٻهرن جو ٻهتاسون. آءٌ ۽ عارَو. بسترو ساڻ هو. هڪڙي فوجي چونڙوءَ کي ليٽر ڏنر تہ ڪرنل کي ڏئي تہ منهنجي طبيعت خراب آهي. مون کي ڊاڪٽر ڪهرائي ڏنو وڃي. انتهائي بيهودگيءَ سان مونائي ڏنائين. رات بدين سب جيل جي لاڪ اپ ٻر گذري. اڌ ڇت ڦاٽل. جنهن مان وڻيون ٻئي ڪريون. هڪڙو صوبيدار جو نوڪر موالي قبضو ڪريو ويٺو هو. چي "مون کي خود منهنجي صوبيدار خوامخواهہ ٻڌايو آهي!" ٻئي ڏينهن 'عدالت' ٻر پيش ڪرڻ لاءِ وٺي ويا. ڊبل هٿڪڙيون هٿي. آڪٽين ڏينهن ٻہ لاڪ اپ وٺي ويا تہ ٻہ ٻنهي ٻانهن ٻر ڊبل هٿڪڙي ۽ شهر جي وڃان سرڪس. چيومان تہ "ٻاهران ٽي ٻاهران هلون" تہ چيائون، "آرڊر اهو آهي!" سمجهيہ تہ خوار ۽ ذليل ڪرڻ ٿا گهرن. دل ٻر چيہ بي وقوف آهن! ايترو ٻہ نٿا سمجهن تہ دشمن طرفان کيل هر بي عزتي ۽ ذلت، سندس ڏنل سمورا گهاءَ تمڳا هوندا آهن- باشعور عوام جي نظرن ٻر، ضمير جي نظرن ٻر، ايندڙ نسلن ۽ تاريخ جي نظرن ٻر. آءٌ وڏي اعتماد سان هٿڪڙيون ڪڙڪائيندو، ڪنڊ مٽي ڪري، هر ڪنهن جي سلام جو مُرڪندي جواب ڏيندو، شهر وڃان لنگهيو هوس. ٻئي ڏينهن ٻہ ائين ڪيہ. ڏنر تہ رستي تي ماڻهن جا هشام هٿا. هڪڙي هنڌ ڪا شيءِ رکي هٿي ڪاڪ جي. آءٌ غير حاضر دماغ! چيہ الائي ڇا آهي؟ ٻئي ڏينهن خبر پئي تہ اها ٽڪٽڪي هٿي جيڪا خاص عوامي تحريڪ جي ڪارڪن کي وچ شهرير ڦٽڪا هڻڻ لاءِ آندي ويئي هئي. غلام قادر کي پيٽ جو السر هو. ان کي ڇڏيائون. پر چانگ کي ٽي- بي هئي، ان کي 15 ڦٽڪا هنيائون. حسين بخش، مٽي ۽ ادريس کي ٻہ هنيائون، وچ بازار ٻر ڦٽڪن جو جڏهن التو اثر پيو ۽ ٽي- بيءِ واري يار اڳتي وڌي چيو تہ "پهريائين مون کي ڦٽڪا هڻو!" ۽ سيني همراهن ڦٽڪن لڳڻ کان پوءِ-هجوم کي ڪيڪاريو ۽ ساڻن خبرون ڪيون، تڏهن هُنن همراهن جو شڪست جي احساس وڃان برو حال ٿي ويو ۽ ماريل مڙسن کي گهرائي 'ڪرنل صاحب بهادر' پاڻ بي دردي‌ءَ سان وري ماريو!

چوپ ڪاري، ٽلهڙي ميجر چيو، "ڏس تون اڄ بيٺو آهين! توکي ويهڻ لاءِ ڪرسي ٻہ نٿي ملي! جيڪڏهن تنهنجا اعمال سڌا هجن ها ۽ تنهنجو رڪارڊ صاف هجي ها تہ تون وڪيل ماڻهو آهين، اڄ توکي ڪرسي نہ ملي ها؟"

مون نهايت فهميدي نموني عرض ڪيو تہ "آءٌ وڪيل آهيان. ڇهہ ڇهہ ڪلاڪ بيهڻ جو عادي آهيان." چيائين، "تون ڏوهہ جو قبولدار آهين؟ تو تقرير ڪئي؟" مون چيو "مون ڏوهہ تہ ڪونہ ڪيو آهي. باقي تقرير ڪئي هير." اپو ٽي ويو! چي "عدالت ٻر ڪوڙ! تقرير ڪئي هيئہ پوءِ ٻہ چئين ٿو تہ ڏوهہ ڪونہ ڪيو اٿر!" مطلب تہ درويش ماڻهو هو. هن آبروءِ وارا ماڻهو پئي ڳوليا جيڪي

"آبروءَ" خاطر، ڪرسيءَ خاطر، "قانون جو احترام ڪندڙ" جو لقب حاصل ڪرڻ خاطر پيرن ۾ نَوس نَوس ڪن .

ڪرنل صاحب اڳيان 'پيشي' ٿي. ڊڙڪا دهمان! آڏيون پچائون. فوٽا. سڃاڻپون. هڪڙي ڏاڪي تي مون چيس "ڪرنل صاحب، ڀالهه ٻڌ! بهتر آهي تہ توهان پنهنجو ۽ منهنجو وقت ڏيان نہ ڪريو. توهان پاڻ کي ملڪ ۽ قوم خاطر ڊيوٽيءَ تي سمجهو ٿا، پاڻ کي قوم جو سپاهي سمجهو ٿا، پاڻ کي بهادر سمجهو ٿا، بزدليءَ کان موت بهتر سمجهو ٿا. هانءَ؟ اسين بہ پاڻ کي ملڪ ۽ قوم جي ڊيوٽيءَ تي سمجهون ٿا، پاڻ کي پنهنجي سمجهہ موجب عوام جا سپاهي سمجهون ٿا، پاڻ کي بهادر سمجهون ٿا ۽ بزدليءَ کان موت بهتر سمجهون ٿا!" ٻئي پيري چيو مانس، "توهان مونکي وري ڪوڙو نہ چئجو! آءٌ ڪوڙ کي عام حالتن ۾ بزدلي سمجهندو آهيان. جي توهان مون کي اشارتاً بہ ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پوءِ وڌيڪ گفتگو فضول آهي!" بي قاعدي جلسي ۾ "خلافِ قانون" تقريرون ڪندڙن جا فوٽا ڏيکاريائين. هڪڙي ننڍڙي مڙس جو فوٽو ڏيکاري، منهنجي منهن ۾ نهارڻ لڳو تہ آءٌ ان جي جان ڇڏائڻ لاءِ چا ٿو چوان ۽ ڪيئن نہ پشيمان ۽ وائڙو ٿو ٿيان! مون ٿهر سان چيو، "هي منهنجو پٽ ايياز لطيف پليجو آهي. سڄي تقرير ڪندو آهي. هوشيار آهي ۽ مڙس ماڻهو بہ." آخر ڪاوڙجي پيو چئي، "تون مون کي ليڪچر ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪر! هاڻي هلي باهر ويهہ!" مون فوج ۽ عوام جي صحيح ڪردار تي پنهنجو نقطہِ نظر ڪيس سمجهايو پئي!

ڊاڪٽر تپاسيو تہ قتکن لاءِ ٺيڪ آهي، يا نہ. اکيون هيٺ! لکي ڏنائين تہ فٽ آهي. پوءِ بہ بدين جا ڊاڪٽر ويچارا بچيا ڪونہ. هڪڙي ڊاڪٽر کي ٽيپ آئي ۽ اسان جي هوندي جيل ۾ آيو.

ڪيس هلائيندڙ ميجرصاحب مٿو، ماڪيءَ جي لار! ڪچهريون. چي، "جنگشاهيءَ ويو هوس. پليجن جون مايون بہ باغي! پاڪستان جون دشمن. مون کي سپ خبر آهي!" ڏاڍا قرب! پنهنجون مجبوريون. مطلب ڀالهہ جو تہ 'سال سخت پورهئي سان سزا ۽ ٽيهہ هزار ڏنڊ!' مٿان سفارش اها تہ "هن کي ماني کارائي پوءِ جيل وٺي وڃجو!" صبح جو لنگهڻ هوس. مٿان اڇي وڇيون ٽيون هيون.

باهر نڪري ڏٺر تہ تنبوءِ ۾ واڻيا ويٺا هٿا. مون چيو تہ "مسڪين مري ويا!" منجهائن هڪڙي همراهہ کي هٿڪڙيون لڳل هيون. ڪنڌ هيٺ ڪريو. يتيم ۽ بيواهہ ٽيو ويٺو هو. سخت بي چين ٿي ويس. چيم، "جيڪي وڙهن تن سان وڙهجي. ههڙن بي واهہ مسڪينن کي ڇپڻ انسانيت ڪانهي. ڏلالت آهي!" اهو همراهہ ٽيپ وٺي آيو. اسان واري بارڪ جي پرسان رکيائونس. معلوم ٽيو تہ

همراهه رڳو ڏسڻ ۾ ائين هو. وڏي کا ڪِتَ هو. بحثن ۾ راڄن کي توبهائون ڪرائي ڇڏيائين. آخر ڪيس منٽ ڪرٽي پيئي ته هيلي ڪجهه ٿڏو! عوامي تحريڪ جو نڪتو، عوامي وارڊ، جو دور گهٽن کي زندگيءَ ۾ ياد رهي شايد! زندگيءَ ۾ اهڙيون گڏيون، اهڙيون محفلون، اهڙا قرب، اهڙيون ڪچهريون ڪٽي؟ قيد عذاب به آهي پر ان جون کي يادگيريون روح جي راحت به آهن! سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي! (لطيف)

اڄ هن اڪيلائيءَ جي عالم ۾ اهي ڪچهريون حسين يادن وانگر لڳن ٿيون. ٽي- وي ڪانه ملي. اخبار پنهنجي پئسن سان به نٽي ملي ته آڏاري به نٽي ملي. ريڊيو ۾ گرڙ گرڙ! لطيف تي ڪجهه لکان پيو. ان ڪري ٻي پڙهائي به نٽو ڪيان ته جيئن ذهن اجايو ٽڪي نه پوي. ان ڪري پاڻهي پاڻ سان ويٺي رهاڻ ڪيم سچو ڏينهن. "پاڻهين وينا پاڻ ۾، پر ۾ پرياڻين!" (لطيف.) امان پچيو "ٻيا ڪير ٿا رهن تو سان گڏ!" مون چئي وڏو ته "ڪير به نه!" سخت پريشان ٿي ويئي. حور ۽ غلام فاطمه به. چئي ڦاٽس. مختصر ملاقات ۾ جيل عملدارن ۽ سي آءِ ڊي وارن جي اڳيان هن کي ڪير سمجهائي ته "جن ماڻهن جو پنهنجي مارن سان پيڇ پختو آهي، جن جو رشتو سڄي عالم جي انسانن سان، سندن سموري تاريخي وجود سان آهي ۽ جن جا هزارين ڏنل ۽ لکين اڻ ڏنل ساٿي آهن، اهي اڪيلا هوندي به اڪيلا ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ جي دليون محبت سان ڇلڪندڙ ۽ ذهن ۽ ضمير روشنين سان چمڪندڙ هجن ته تنهائيون ڇاٽيون ڪري سگهن؟ ٻيلو به وڪون! اجهو ڪر کان واندو ٽي پاسي پر ليٽندس ۽ اکيون پورينديس ته اِجها هيءَ سنڌ! اجهو هي سڄا راڄ!"

24/10/82

ٽي ڏينهن ڊائري کانه لکي اٿم. جيل جي حساب سان "وڏن" مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ رڌل هوس. شيءَ شڪل گهرجي ته ڇٽي لکجي سپرنٽنڊنٽ کي ته "منهنجي اوهان وٽ رکيل رقم، (جنهن کي P.P.C (Prisoneros Personal Cash ڇٻبو آهي، ان مان گهرائي ڏيو." اهي پئسا اڇڪلهه آهن محترم رضا "مهاجر" جيلر جي حوالي. رضا آهي بادشاهه ماڻهو. شريف، نه ڏيندڙ نه ڏکوئيندڙ ۽ بي خيالو ماڻهو. مون کي P.P.C جي معاملي ۾ رت ڪري ڇڏيو اٽس! جيڪي ڇٽيون لکان سي وڃايو ڇڏي. ڳالهه ٽي وساريو ڇڏي. هفتي کان پوء يادگيري ڏياريان ته جواب ندارد. سڄي جهان وٽ گهوڙا گهوڙا ڪرڻ کان پوء معلوم ٿئي ته اها چٽي به گم ٿي ويئي ۽ همراهه کي ڳالهه ٽي ياد کانهي. هڪڙي همراه (جيلر) مشتاق اعوان پاڻ تي ڏمو ڪنيو ته "آءُ ياد ڪري وٽي موڪلينديس. تون

مون کي لکندو ڪر." ڊپٽي ويچارو پيرن پر بيٺو آهي. راڄ ٽرٽلي ۾. اها شيءِ خوارين سان ملي ته وري ٻي ڪپي ۽ وري ساڳيو ٽنڊ سرو! اخبار لاءِ پئسا ڪپن. اهي به ونس ۽ تنهن ڪري اخبار ندارد! وڏي غور فڪر سان، ايتري غور فڪر سان جيتري سان ماڻهو جيڪر خون جي ڪيس ۾ بچاءِ جي لائين ناهي وئي، آخر سپرنٽنڈنٽ کي لکڻ جو فيصلو ڪيو. سپرنٽنڈنٽ هڪدم ماڻهو موڪليو ته "اخبار توهان کي سرڪاري موڪلبي." ماڻهوءِ اچي چيو ته "ڪابه شيءِ گهرجي ته مون کي چئو. آءٌ گهرائي ڏيندس. ٽي- وي به مستري اچي ته ٺهرائي موڪليون" ماڻهو کهڙو؟ محترم جناب شيخ عظمت صاحب! چانهه پيتائين. اڏ منو ڪلاڪ ويٺي خبرون ڪيائين. فضيلت پريو. اکيون هيٺ، تابعدار.

ٽيون ڏينهن ڊاڪٽر آيا. هڪڙو چوڌري صديق ڄامشوري وارو. ٻيو ڊاڪٽر ظفر الله. چوڌري صديق وڏي فخر سان ٻڌي کي ٻڌايو ته "اڳي هن جي صحت جي صورتحال ڇا هئي ۽ هاڻ ڇا آهي." لکي ويا آهن ته مهيني مهيني کان پوءِ ڊاڪٽر اچن. چوڌري صديق ساڳي پنهنجائيءَ سان مليو. ڄامشوري جي ڪري. منهنجو وارث ٽيو ويٺو هو.

راڄن کي خط لکڻا هئا. هي جيڪي به ٽي ڏينهن لکڻ لاءِ مقرر ٽيا هئا سي خطن وغيره لاءِ وقف ڪيو. محمدخان مجاور، اچن، اسماعيل، عالم شاهه، عبدالله ولد الهڏنو، امان، سليم، ايباز، نذر، ديوان وارن سان حال احوال ڪيو. رزاق جي قصي مان ايجا واندو ڪونه ٽيو آهيان. لکي ڇڏيم پر فيئر ڪرڻ مون لاءِ چڱي!

اڇڪلهه ٻي ڪابه شيءِ ڪانه پڙهندو آهيان. رڳو هٽ ۾ ڪنيل ڪم سان واسطو رکندڙ ڪتاب پڙهندو آهيان. پر ڪجهه ڏينهن کان ذهني طرح ٽڪل ٽو محسوس ڪريان. ان ڪري هڪڙو ڦٽلڙو ناول شروع ڪيو. مڙئي هوائي. انگلينڊ جي ويلس صوبي بابت آهي. ويلس جي ٻولي انگريزيءَ کان بلڪل الڳ. قوم به ٻي، ثقافت به ٻي. غريب. ناول هڪڙي مهاڻن جي ڳوٺ بابت آهي. ڳوٺ جي وڏيري کي چون 'مشٽير' Mishtear. ڏنڊا ڪيترا ايشيائين وارا- وهم، سوڻ، غريبي، شاديءَ جي ڪهور زوريءَ وصول ڪن. ڪنوار ٽالهي ڪٽي ويندي ڪهور وصول ڪرڻ! ڪهور جي سڏ کي چون Bidding يا ڪوٽ. لکي موڪليندا ته اچي ڪهور ڏيو!.

سندن گيتن ۾ ڏاڍو ڏک آهي!

"خوش آهي اهو ماڻهو، جنهن جي محتاط دل،
محبت جي زنجيرن ۾ جڪڑجڻ کان انڪار ڪيو.
پر حقيقت ۾ اها پڪ ڪانهي
ته ڪو ڪتيائين يا وڃايائين!"

"هڪڙي ڏينهن باغ ۾ سڄو ڏينهن گهميس،
چير ته رابيل جا گل پٽي گلدستو ٺاهيندس.
ڳاڙهن گلابن ۽ بنفشي جي مکڙين کي ڇڏي ڏنم،
شام جو موٽيس ته منهنجي هٿن ۾ ڪنڊن جي مَٽ هئي!"
"اکيلي اکيلي، طوفاني ساموندي نار جي ڪناري تي،
هڪڙي برف جهڙي اڇي ساموندي پکياڙي ويٺي آهي،
چولين جي ڪري، آلا ٽيل پک پيٽي سوئي،
آلي چمڪندڙ ريتيءَ مٿان،
پر متان آءُ پليو هجان!
شايد ڪا نوجوان نينگر،
ڳوڙهن جي بارش ۾ ينې بيٺي آهي،
۽ شايد ان طوفاني ساموندي نار وٽ،
هوءَ ايندڙ سمورن سالن ۾،
روئندي ٿي رهي!"

***

"اڄ دل درد سان ٽمٽار آهي، ڇو ته جيڪو جهاز سڙهه سنوان ڪري روانو ٿيو آهي،
سو وري ڪڏهن به ڪونه موٽندو! "

***

هڪڙي لڏڻ، جنهن جي پرينءَ جي ٻيڙي سمنڊ تان موٽندي طوفان ۾ گهيرجي ويئي آهي، چوي ٿي:
" دهشت ۾ پريل سمنڊ مٿان،
هوا تيز آهي،
آسمان هيٺان سمنڊ جي گجيءَ ۽ ڏنڊ ڪانسواءِ،
ڪجهه به نظر نٿو اچي!
امان! بابا! ڊوڙي اچو سمنڊ جي ڪناري تي!
دوستو، پاڙيسريو! دروازن وٽ اچي بيهو!
دعا ڪهرو!
يلي ڪٽي زندگيءَ ۾ اڃ ڪڏهن به دعا نه ڪهري هجيو.

تہ ہ دعا گھرو:
"اي رب! اسان جي پڪار ٻڌ!
سڙھہ پلي ڦاڻي ويا ھجن،
ونجھہ پلي ٽٽي ويا ھجن،
پر الله! ٻيڙيءَ کي ڪنھن نموني ڪناري سان لڳائي!
ٻيڙيءَ کي ڪنھن نموني ڪناري سان لڳائي!"

ظفر اڄ چپ آھي. ٻڌي ڏينھن پئي ڏوھيڙا ڏنائين، پوءِ وري رڙائين پئي. مون وٽ جيڪو جيل جو عملدار اچي تنھن کي چئي تہ مون کي سپرنٽنڈنٽ وٽ پيش ڪريو تہ آءٌ ڪيس عرض ڪريان تہ "مون کي سوات جيل بدلي ڪري." عملدار ڏاڍا وٽ ڪائين پر ھتي ڪجي پڄي نہ سگھن. وريو نمبردار کي ڊوڙائي تہ وڃي انھن کي يادگيري ڏياري! اڄ آخر چيو مانس تہ ڪنھن سان اِھا ڳالھہ نہ ورجائي، نہ وري نمبردار کي ڊوڙائي. جيڪا ڪوشش ٿيٽي ھئي سا تو ڪئي ۽ مون کان ڪرائي. وڌيڪ حد کان وڌي ويندا سين تہ اٽلو توتي خاري ٿي پوندا ۽ توکي کو نقصان رسائيندا. اڪيون آليون ٿي ويس.

ڇڪر ڏيندي سوچيو تہ "ھي پڪ دل ۾ مون کي ظالم ۽ بي رحم سمجھندو ۽ ڪڏھن بہ ڪين مڃيندو تہ اھا ڳالھہ آءٌ سندس فائدي لاءِ ٿو ڪريان." مون ۾ نديڙپ کان وٺي ھڪڙو لاڙو آھي. آءٌ ماڻھن کي ڪيئن بہ ڪري خوش ڪرڻ ۽ سندس دل ۾ شڪر گذاريءَ جا جذبا پيدا ڪرڻ تي گھٽ ڏيان ڏيندو آھيان ۽ سندس جيڪو فائدي جو ڪم ھوندو آھي اھو ڪرڻ تي وڌيڪ ڏيان ڏيندو آھيان. آءٌ انھن کي بي ايمان ۽ نڪ سمجھندو رھيو آھيان جيڪي ڪم ٿورو ڪندا ۽ ڏيکاءُ گھٽو ڏيئي. ماڻھن جي شڪرگذاريءَ جو ناجائز اجورو حاصل ڪندا رھندا آھن. منھنجي نظر ۾ شڪرگذاري بہ ھڪڙو اجورو آھي. اھو جائز طرح وصول ڪجي، ناجائز طرح نہ. پر ڳوڙھي ويچار کان پوءِ مون پاڻ ۾ اھو عيب ڳولي لڌو آھي تہ آءٌ ماڻھن جي جذبن بدران سندن مفادن جو وڌيڪ خيال ٿو ڪريان. آءٌ خود ماڻھوءَ کي نظرانداز ٿو ڪريان ۽ سندس شين، ڪمن ۽ مفادن کي وڌيڪ اھميت ٿو ڏيان. ممڪن آھي جيڪو مون ڪم ڪيو، تنھن جي جيڪا خوشي ھن کي ٿيندي سا منھنجي رُکي ۽ ڪاروباري ورتاءَ جي ڪري (جنھن ڪانسواءِ دنيا جا اڪثر ڏکيا ڪم نہ ٿي سگھندا آھن.) ھن جي دل کي جيڪو ڏک رسيو، تنھن کان گھٽ قيمت رکندي ھجي ھن جي نظر ۾! دراصل مون ڪڏھن سوچيو بہ ڪونھي تہ "ماڻھو پنھنجن پلي جي ڪمن ڪان ڪنھن ٻي ڳالھہ کي وڌيڪ اھميت ڏيئي سگھن ٿا. پر ممڪن آھي تہ ھو منھنجي ورتاءَ ڪري سمجھندا ھجن تہ منھنجي نظر ۾ ھو ڪري پيا آھن ۽ مون وٽ سندن لاءِ ھاڻ ڪابہ عزت ڪانھي ۽ اھو نقصان ھنن لاءِ ٻين ڪمن ۽ فائدن کان وڌيڪ اھميت رکندو ھجي. پنھنجي سوچ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

کي سڌارڻ جي ڪوشش ۾ آهيان. وڌيڪ ويچار جي به ضرورت آهي.

ريڊيو تي ڪابه چگي شيءِ ڪانه ٻڌي اٿر ڪِچ ڏينهن ۾. رات مها ڪوي گرديو رابندرا ناٿ ٽئگور جي انڪل 65 سال اڳ، پهرين جنگِ عظيم کان اڳ، لکيل قوم پرستيءَ بابت انگريزي مضمونن مان ڪجهه ٽڪرا پڙهيم. ڏهني طرح جبل جيڏو مڙس ٿو لڳي پر پيرن ۾ خيال پرستيءَ، جاگيرداريءَ سرمايه دار فلسفي ۽ عالمي تاريخي نقطه نظر جون ٻيڙيون پيون اٿس سي چرڻ به نٽيون ڇڏينس. مور چئي "آءُ گهٽو ئي نچان ۽ پير ونگا!" سرمايه داري سامراجي نظام جي زبردست مخالفت پر بدتر غلام داري جاگيرداري ايشيائي نظام جي اڻ سڌي سارهه جو سياسي سوچ اِها ته ايشيا سدائين اين ئي رهندو! منجهس سرمائيداري نظام ۽ سرمائيداري سوچ ڪونه ايندا. يورپي سرمائيداري ٽڪي ٽٽي بيزار ٿي وري غلامدار جاگيردار ايشيا کان اڳي سبق ونڊندي" مطلب ته اڄ جي ڄاڻو ماڻهوءَ لاءِ نانين پوڙهين واريون آسرپوتاڻيون ڳالهيون.

پر خطابت جو زور سبحان الله! پنهنجي جاڻ، سوچ ۽ سمجهه آهر آفت مڙس! ڪيڏا ڪيڏا ذهن، ڪهڙا ڪهڙا مڙس، رجعت پرست، خيال پرست فلسفن ۽ طبقاتي سوچن جي ڏاڍ ۾ سٽون ڏيندي مري ڪپي ويا!

سامراج کي هڪڙي هنڌ "قومن جي منظم خود مطلبي" سڏي ٿو. لکي ٿوته "اسان ڏنو آهي ته آزاديءَ سان محبت جي ٻتاکن جي باوجود اُن (سرمائيداري سامراج) غلاميءَ جا آهي روپ گهڙيا آهن، جيڪي غلاميءَ جي اڳوٽن روپن کان به بدتر آهن. غلاميءَ جون هي زنجيرون ٽوڙڻ ناممڪن آهن. چو ته يا ته اهي نظر نٽيون اڇن يا ته وري انهن کي آزاديءَ جو ڏيڪ ڏيئي اُن تي آزاديءَ جا نالا رکيا ويا آهن!" "اهو (سامراج) آدمخور آهي. اهو ٻين جي پيداواري وسيلن تي پيٽ پاري ٿو ۽ سمورو مستقبل ڪُڙڪائي ڇڏڻ گهري ٿو..... ان پنهنجون ٻکيون جاڙيون وڌيون ڦاڙي ڏرتيءَ جي ڪنڊن جا ڪنڊ ڪُڙڪائي ڇڏيا آهن. ان لالچ جي اجگر جيڏن بتن کي شهنشاهي مندرن ۾ سينگاري انهن جي پوڄا شروع ڪرائي آهي."

ٻئي هنڌ لکي ٿو ته " کي سچ اهڙا آهن جيڪي ماڻهن جي دلين کي اجهو ۽ آڏو ڏيندا آهن"

ايشيا ۽ يورپ جي پيٽ ڪندي لکي ٿو:" کي ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي انتظار ڪري نٽيون سگهن. جيڪڏهن توهان کي مارڪيٽ ۾ بهترين جڳهه ڪپي ته توهان کي ڊوڙ پائي سيني کان اڳ پهچڻو پوندو. جي وڙهڻو اٿو ته مارچ ڪرڻي پوندي. جيڪي موقعا سدائين پَرَ ڪريو پيا آڏامن تن کي هٽ ڪرڻ لاءِ توهان کي پنهنجي ذهن جي تار تار کي تاڻڻو پوندو ۽ هر وقت چوڪس رهڻو پوندو.... پر کي اهڙا به اعليٰ ترين مقصد ۽ آدرش آهن جيڪي اسان جي زندگيءَ

سان لڪ لڪوڻي نٽا ڪيڏن. آهي آهستي آهستي هڄ مان ڦٽي گل ٿين ٿا، گل مان وڏي ميوو ٻڌجن ٿا. ڪين وڏي ويجهي، پڇي راس ٽيڻ لاءِ اٽاهه جڳهه ۽ آسماني روشني ڪپي. آهي جيڪي ميوا پيدا ڪندا سي سالن جي بي عزتين ۽ لاپرواهين جي باوجود سلامت رهندا. اعليٰ آدرش وارو اوير (ايشيا) جنهن جي سيني ۾ ڪن زمانن جون سڄ جون روشنيون ۽ ستارن جون خاموشيون ڪڏ ٽيون رکيون آهن، سو تيستائين صبر ڪري سگهي ٿو جيستائين فوري گهربل شين پويان ڊوڙندڙ يورپ ٽڪي ڦان ٿي پوي ۽ بيهي رهي. يورپ پنهنجن ڪمن ڪارن ڏانهن مصروف نموني ڏوڪيندي، پنهنجيءَ گاڏيءَ جي دروزاي مان بي خياليءَ ۽ لاپرواهيءَ سان آن لاياري ڏانهن نظر اڇلائي ٿو جيڪو ٻنيءَ ۾ پنهنجي فصل ۾ لابارو پيو ڪري. پنهنجي رفتار جي نشي ۾ هو پائڻي ٿو ته لابارو تمام ڊلو آهي ۽ پوئتي ڪسڪندو وڃي. پر نيٺ رفتار اڇيو پوري ٽئي. جيڪو فوري ۽ تڪڙو ڪم هو سو پنهنجي معنيٰ وڃايو ڇڏي ۽ بکي دل ڪاڏي لاءِ دانهون ٽي ڪري. تان جو آها ان لاياري وٽ اچي ٽي جيڪو آس ۾ لابارو پيو ڪري . برابر آفيس انتظار نٽي ڪري سگهي، وڪڻڻ يا خريد ڪرڻ يا مزا ماڻڻ جو هوس انتظار نٽا ڪري سگهن. پر محبت انتظار ڪري سگهي ٽي، سونهن ڪري سگهي ٽي. ڏکن وسيلي حاصل ڪيل دانائي ڪري سگهي ٽي ۽ صبر واري عقيدت ۽ احترام واري نماڻائي ڪري سگهن ٽيون. اهڙي ريت جيستائين سندس وارو اچي تيستائين اوير (ايشيا) انتظار ڪري سگهي ٿو."

ڪن ڳالهين ۾ ايمرسن جون سڪون ٿو لاهيا پر ايمرسن هن ڪان گهڻو اڳ جو هوندي به عملي طرح هن ڪان وڌيڪ روشن خيال هو. ڇو ته عالمي تاريخي نقطه نظر نيم جاگيردارانه نه پر ترقي پسند سرمايه دارانه هويسا اصل ڳالهه ڏات سان ڪڏ عالمي تاريخي نقطه نظر ۽ طبقاتي سوچ، ڄاڻ ۽ سمجهه آهن. نه ته ماڻهو ڪيڏو به وڏو اڪابر هجي جيڏي ٽي مدي خارج ٽي ويندو.

بهرحال مهاڪوي گرديو ٽئگور، ٽئگور آهي، ان سوچ جي دائري اندر پنهنجو مٽ پاڻ هو.

ٽالسٽاءِ جو پوئلڳ هو. خيال پرست عالمي تاريخي نقطه نظر ۽ نيم جاگيردارانه طبقاتي موقف ڪهڙن هيرن جهڙن ماڻهن کي انقلاب دشمن گنديءَ ڏبڻ ۾ قاسائين ٿا. تنهن جو هڪڙو سڀ کان درد ناڪ مثال ٽالسٽاءِ جو هو.

جڏهن 1905 ۾ روس جا ماڻهو صدين جي ظلمن خلاف اٿي ڪڙا ٽيا ۽ زار شاهي خلاف انقلاب برپا ڪيائون تڏهن جيڪي ماڻهو انقلاب جي مذمت ڪرڻ لڳا تن ۾ هڪڙو نالو ٽالسٽاءِ جو به هوا گوركيءَ جو ان تي ٽالسٽاءِ کي لکيل خط ۽ لين جو ٽالسٽاءِ جي زندگيءَ ۽ فن جو تجزيو پڙهڻ وٽان آهن. ٽالسٽاءِ اهو هو جنهن لاءِ ڪنهن زبردست ماڻهوءَ لکيو آهي ته "جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن

انسان ذات تي الله سائين ڪيس هلايو ته اوهان منهنجي نافرماني ڪئي ۽ هِي هِي ڏوهہ ڪيا. اوهان کي پنهنجي بچاءَ ۾ چا چوٽو آهي؟ ته انسانذات لاءِ فقط هڪڙو جملو چئي چڏڻ ڪافي ٿيندو'اي الله، اسان پاڻ مان ٽالستاءِ پيدا ڪيو!' "

مون کي پڪ آهي ته شيخ ايياز سان زندگيءَ جيڪا ملهہ ڪئي تنهن ۾ ٻين ڪالهين سان گڏ جنهن قسم جي فلسفي جو مٹس اثر هو تنهنجو جو ٻہ وڏو دخل هو.

26/10

رات.

" ٽائيم" هفتيوار رسالي ۾ "جمي ڪارٽر" آمريڪا جي اڳوڻي صدر جي لکيل آٽم ڪهاڻيءَ جا ايران سان واسطو رکندڙ کي حصا پڙهي رکيا اٿم. معلوم ٿيو ته پاڻ کي دانا بينا ۽ حاضر ناظر سڏائيندڙ سامراج هرو ڀرو ايڏو دانا بينا ۽ حاظر ناظر ڪونهي. نکي وري کو ايڏو هر شيءَ تي قادر ٿي آهي.

ٽائيم ۽ ٻيون مخزنون، جويِي صاحب جو موکليل ناول وغيره اڄ وڏي ٽنڊ-سري کانپوءِ مليا آهن. عارب وارا ٻئي سامان سان گڏ ونڊي، تکڙ ۾ شهر چڏي آيا هئا. پرويز ملک آرٽوار ڏينهن ڊپٽي سپريٽينڊينٽ کي ڏيئي ويو. ڊپٽيءَ ٻيو سامان ڏياري موکليو. باقي ڪتاب ۽ منهنجي گهڙي (جيڪا ايجا گردش مان کانہ نڪتي آهي) جي بدلي مليل پرويز جي گهڙي رکي چڏيائين. مون سڀ سامان موتائي موکليو. "پهريائين رسالا، ڪتاب ۽ گهڙي، پوءِ ٻيو سامان!" مشتاق اعوان آيو. چي "سپرٽينڊينٽ کان پڇي موکلينداسين." ڪجھ دير ويٹو رهيو اخلاقاً. اڄ ٻہ ڪتاب کونہ آيا. لاچار سپريٽينڊينٽ کي لکيم. لکڻ جا خراب نتيجا ٻہ نڪري سگهن ٿا. ڪالهہ قانوني روپ ونڊي آئيندہ لاءِ ٻہ هڇا ٿي سگهي ٿي. بهرحال ٽپڑ مليا. ڪنجوسي ڪريو ۽ صحت جي ڪري ٻہ، آهستي آهستي پيو پڑهان. وڏو عرصو ٿي ويو آهي ان قسم جي مطالعي کي. ماٹهوءَ کي ہاڑ ٿيو لڳي.

ٽي- وي ڪانهي، مستري کونهي، اخبار اڄ کانہ ملي. لاکو گرفتار ٿيو. گول ميز ڪانفرنس بابت بيان بازي چالو آهي. جماعت چئي ٿي استنٽ آهي. پاڪارو چئي ٿو ڪانهي. خيالي وجود رکندڙ نظام اسلام پارٽيءَ گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي فيصلي جو اعلان فرمايو آهي ۽ پنهنجون لياقتون ٻہ چاڻايون آهن. نوراني جي نيت اهاڻي ڏسجي ته ڪانفرنس ۾ ايتريون هوائي پارٽيون شامل ڪريان جو ايم- آر- ڈيءَ کي وهڻ لاءِ جاءِ مس مس ملي ۽ ڪالهائڻ جي واري لاءِ پيئي سکي! بهرحال هيڈانهن ٻہ سڀ سڏاتورا اچي ڪٹا ٿيا آهن. لترن ۽ چڪرن جو مقابلو آهي. جناب جتوئي صاحب سخت تقرير ڪئي آهي. پاڪارو صاحب خوش خبرين جي زماني اچڻ جون خوش خبريون پيو ڏئي.

بهرحال جونءَ جي رفتار سان ئي سهي جمهوريت دشمن ٽولن جون پاڙون ڪاڇي رهيون آهن. جيئن وقت گذرندو ويو تيئن ماڻهو وڃن گڏ ٿيندا، مڇندا، مڙس ٿيندا، ممڪن آهي ته نڪ جي ڏاڍائي ڪري ڇهٽيا پيا هجن. سال ٻه، ٽي پر جيترو وڌيڪ ڇهٽندا اوترو حاڪم طبقن ۽ سامراج جي مفادن کي نقصان رسائيندا ڇو ته اليڪشن ۽ اقتدار جي تبديليءَ کان پوءِ اقتدار ۾ آيل ٽولا پنهنجي دستوري ڦرلٽ ۽ مارڌاڙ ۾ لڳي ويندا. جمهوريت ۾ عوام، آئين ۽ قومي حق ۽ آزاديون وغيره ڳالهيون ٻه ڪنهن کي ياد ڪونه هونديون. پر جي هي ڇڇڙ ٿيو ڇهٽيا پيا هوندا ته پوءِ اهي ڳالهيون پيون هلنديون ۽ ويندیون پنهنجا پير پختا ڪنديون. تان جو اهي عوام جي دلين ۽ ذهن ۾ گهر ڪري هڪڙي مادي قوت بنجي ويندیون ۽ اقتدار وارن توڙي اقتدار کان محروم حاڪم طبقي جي ٽولن لاءِ ڳڇيءَ جو ڪٺ بنجي پوندیون. عوام جون ڳالهيون عوام دشمنن جي ڳالهين کي ماري ويندیون. کين گهربل پروگرام، نعرا، تقريرون، دليل، جدوجهد جا طريقا تيار ٿي ملي ويندا. هيستائين عورتن کي جنر قيد ڏيڻ واري ڳالهه مار کائي ويئي آهي. سستي انصاف جي نالي ۾ اعليٰ عدالتن جا رهيل کهيل اختيار ختر ڪري ملڪ ٽڙڪو ٽڪريل ملن معرفت پيلڙ جي ڳالهه مار کائي ويئي آهي. فوج کي اقتدار ۾ آئيني حصو ڏيڻ واري ڳالهه مار کائي ويئي آهي. فوج جي ملڪ بچائڻ واري ڳالهه مار کائي ويئي آهي. ڪيئن ٻيون ڳالهيون جيڪي ناهيو، تيار ڪيو، ڪنهن ڏينهن لاءِ رکيو وينا هٿا سي ڪيڙي ميدان ۾ آڻيون ۽ مارائيون پيون اڻن. ايا ڳالهه ڪٿي؟ سال ٻن کان پوءِ ته رجعت پرست ڳالهين کي ڪير ٻڌڻ لاءِ ٻه تيار ڪونه ٿيندو. عوام پنهنجين ڳالهين جا ڪات کهاڙا ڪيو انهن لاءِ سنپريو تيار ٿيو وينا هوندا. دشمن ڳالهه آئي ناهي، سندس سسي لٿي ناهي!

ڪنهن ماڻهوءَ يا طبقي جون ڳالهيون ماڻهن هٿان مات کائي وڃن ته پوءِ سندس جيئڻ کهڙو؟

اڄ شام جو ڪجهه پڙهيم ويئي ته ٻاهر ڦٽ ڦٽ ٿي. ٻاهر نڪري ڏسان ته همراهه ٻه ڪنهن شئي کي پيا جهلين پر ڦهن ڪونه پيا. ٻئي نمبردار. "ابا خير؟" چي "ٽائيگر کي ٽا جهليون!"، "خير؟" چي "ساٿس پيار ٽا ڪريون. اڳي اسان وٽ ايندو هو پاڻهي. هائي اچي نٿو، سو جهليونس ٽا!" مون چيو "بابا ٽائيگر آهي بادشاهه ماڻهو. ڪنهن مهل ڪهڙن پورن ۾، ڪنهن مهل ڪهڙن۾. ان کي جهلينداَ نه وجو. ٻيو ته ڪجهه پاڙي ٻه آهي. ڊڄي ٿو ته الائي ڪيڏانهن ٽا ڪٽيو وجن؟"

ٽائيگر ڊوڙ ڪري اندر ڪٻٽ ۾ لڪي ويهي رهيو. ڏکيو ٻئي. ساٿس گهٽيون ڳالهيون ڪيوسين. پر نڪري ئي نه. ڪير ٻير ڏيکاريوسونس ته ٻه ڪين نڪتو. آخر ظفر زوريءَ کڏيس ته ڊوڙي وڻ تي چڙهي وڃي ويهي رهيو. مون

گھٽو ئي سمجھايس پر نہ لٿو. آخر ڪلاڪ ہن کان پوء مس مس پاٿھي لٿو.

صبح جو ڪو ماڻھو ھڪڙي چٺڪي ڏيئي ويو. بي ڪلاس مان ھڪڙي سياسي قيديء لکي ھئي. چئي اردوَ ۾ ھئي:

محترم قبلا پليجو صاحب،

آداب محرم جو مبارڪ مھينو آھي. مون کي معلوم آھي تہ توھان ھن ملڪ جا مايہ ناز قانون دان، سياستدان، دانشور ۽ تاريخ جا ڄاڻو آھيو. منھنجي درخواست آھي تہ مون کي ٻڌايو تہ ڪربلا جو واقعو سڀ کان پھرين ڪنھن لکيو ۽ اڄ جيڪا شڪل اسان جي سامھون آھي ان جي تصديق ڪھڑي مؤرخ ڪئي آھي. ۽ اسان وٽ ڪھڑو ثبوت آھي تہ ھي واقعو ھوبھو ائين آھي جيئن بيان ڪيو وڃي ٿو. ڪنھن مون کي ٻڌايو آھي تہ ھي واقعو سڀ کان پھريون ھڪڙي يھوديء انڪل چار سؤ سال اڳ لکيو. ان کان اڳ جو ڪوبہ ڪتاب ڪونھي.

اوھانکي ڏسڻ ۽ نياز حاصل ڪرڻ جي تمنا آھي. خدا ڄاڻي ڪڏھن پوري ٿيندي.

خادم.

ڪلھہ منظور موھل وڪيل نظر بند (بھاول نگر پاسي جي) چوائي موڪليو تہ "توھان بہ الڳ رھڻ پسند ڪريو تا ۽ آءُ بہ. اوھان کي ڪھڙ ماڻھو پسند اچن تا ان ڪري الڳ رھون تا. باقي منھنجي خواھش آھي تہ اوھان جي خدمت ڪريان. جيئن حڪم ھجي تيئن ڪجي. نقد رقم ڏياري موڪليان يا ڪنٽين ۾ اوھان جي نالي جمع ڪرايان. ڪنھن بہ شيء جي ضرورت ھجي تہ ڳھرائي ڏجي" مون شڪر ادائي چوائي موڪلي.

ڪلھہ مشتاق اعوان جيلر پڇيو "اوھان جي زميندارى گھٽي آھي؟" مون چيو "ڪجھہ بہ نہ؟". "نيٽ؟" مون چيو "ايڪڙ بہ نہ!" "ڪاروبار؟" "ملڪيت؟" سڄو ڪاروبار ٻڌايومانس. چيومانس تہ "جڏھن بہ جيل مان مونکندو آھيان تہ سور اھو ھوندو اٿم تہ ڪرسيون ۾ چار جيڪي آھن سي ماڻھن پرپٽ پڇي ڇڏيون ھونديون. جيسين نيون ونڻا يا ھمراھہ ونې ڏين تيسين ملاقاتين کي پڙچ تي ويھڻ ۾ تڪليف ٿيندي، خاص ڪري پتلونن وارن کي. اسين تہ آھيون ئي پڙچن تي پليل" "توھان ھيڏا وڏا وڪيل آھيو!" "وڪيل برابر چگو آھيان" "پوء؟" "پوء؟" سڄو فلسفو ويھي سمجھائيو پيو. "ٻئي ڪدرا مٽ ۾ ڪونہ ايندا. يا ملڪيت وڃائبي يا سلامت رکبي يا معيار زندگي برقرار رکبو يا وڃائبو يا ماڻھن جي نوڪري ڏبي." اڃ ڪلاڪ ٻڌي پوء ڪاڙي ڪنھندو ھليو ويو. پڪ مون کي چريو سمجھي ويو.

اوشا پٽ يوپيءَ جو لوڪ گيت پڻي ڳائي
گهر گهر آئي گهٽا، ڪاري ڪاري گهٽا

يو-پي رڳو جاگيردارن ۽ سندن حوارين جو ناهي. اهو تہ مٿيون سامراجي تهہ آهي، جيڪو هزار سال مٿس زبردستيءَ چاڙهيو ويو آهي. اصل يوپي تہ نهايت پيارن پيارن، سادن سادن، هاري ماڻهن جو آهي. سندن گيتن ۾ بي پناهہ سادگي، ازلي دک، پيار، پڇتاءَ جا سادا سادا گهرا گهرا جذبا آهن. يوپيءَ جي مسلمان جاگيردارن جي نام نهاد مسلمان تهذيب هڪڑو بيهودو ڏيک آهي. اصل شيءِ تہ هندو توڙي مسلمان ڳوٺاڻن جي ثقافت جا جمهوري عنصر آهن. شروعاتي دور جي فلمن ۾ اڪثر بنگالي ۽ يوپي لوڪ گيتن جون ڏنون هوندیون هيون. مرهٽي، پنجابي ۽ مدراسي ڏنون پوءِ رائج ٿيون. قديم فلمن جي گائن جون ڪي ڏنون يوپيءَ جي عوامي راڳ جا حسين نمونا آهن.

امان جي آندل "خوراڪ" کي ڏينهن رات ڪريو لڳو پيو آهيان. متان رکي رکي مون کي وسري وڃي ۽ پچاڙيءَ جو جان ڪٽي ڏس تہ سينئاري پئي آهي! اڳي هميشہ اٿين ٿيندو آهي، پر امان کي ٻڌايم ڪونہ.

مختيار جو جواب ڪونہ آيو آهي. سندس اڳ لکيل خط مليو. لکيو اٿس تہ

● "ح" سان ملڻ ڪونہ ٿو ٿئين. "ح" منهنجي شعرن کي پڙهي هڪڑو لطيف جو شعر چوائي موڪليو.

"اڄ پڻ جوڙيم جوڙ، دوست پيهي در آيو،
سکن اچي ڏکن کي، محڪم ڏني موڙ،
جا پرکڻيءَ کوڙ، سا پر سورن سا ٿئي."

مختيار لکيو آهي تہ حيدر کي چوائي موڪليم تہ جيڪي "شاهہ" جا شعر پليجي صاحب لکي موڪليا آهن تن مٿڙن بيتن جي معنيٰ مون کي لکي موڪل. تہ لکي موڪلياٿين (ترجمو) "سچ پچو تہ استاد جيڪي لطيف سائين جا شعر لکيا آهن تن ۾ هن پنهنجي بي چيني، احساس، جذبن، تڙپ، لوڇ ۽ پنهنجي من جي پيڙا کي سمائي ڇڏيو آهي منهنجي دل جي ڪيفيت جو اندازو لطيف سائين جي هن بيت مان لڳائي سگهو ٿا" پوءِ مٿيون شعر لکيو اٿس.

مختيار جي خط سان گڏ سائين جوئي صاحب جو بہ خط رکيو آهي. لکيو اٿس:

● ح = حيدرشاهہ شاگرد اڳواڻ

"پيارا ساهه جا سهارا، رسول بخش توکان جدا ٿي ڇڳي مدت گذري آهي. پريشان دل کي تنهنجي ڏاڍي سار ۽ سڪ محسوس ٿئي ٿي. پنهنجي صحت جو خيال رکج چو ته اها پاڻ ڏانهن. پنهنجي ذات ڏانهن بنيادي ذميواري آهي جا بهرحال پوري ڪرڻي آهي.

هتي ڪيئي دوست منهن متيندا رهن ٿا ۽ ڪيئي نوان ڳانڍاپا ڳنڍيا ٿا رهن. پر دوستي هر حال ۾ زنده آهي ۽ جاندار رهي ٿي. دل کي ڪافي اهو ڏڍ ۽ آسرو آهي .....

هي ڪتاب Trinity تنهنجي پڙهڻ لاء موڪليان ٿو. مون کي پڪ آهي ته اهو توکي ڏاڍو وٺندو. تنهنجا عزيز ننڍا وڏا وقت بوقت ملندا رهن ٿا. اها سندن مهرباني آهي، پر ان کان وڌيڪ اهو سندن قرب سمجهان ٿو جو هو ڏيکارين ٿا.

چو نه تون اتي ڪنهن طويل ناول لکڻ جي رٿا هٽ ۾ ڪٽين يا ڪنهن ٻئي ڪنهن بنيادي ۽ تفصيلي ڪتاب جي تصنيف يا خود هن Trinity جو ئي اختصار "(ABRIDGMENT).

فقط

تنهنجو دعاگو

م- ا

21.9.1982

رات جا 10.9 ٽيا هوندا ۽ منهنجي نئين ملير گهڙي پوٽا ڇهه پيئي ڏيکاري. چاهي ڪنهن کي ياد پوي! ان سور کان آڏو ميڙڪ واڇ رکبي آهي.

28/10

هن پهرن جا ٻه لڳا آهن، هوا تيز پئي لڳي. مٽان صبح کان واري وٺي آهي. سڄو ڪمرو ۽ وراندو واري ٿي ويو آهي. سياري ٻٽن ڏينهن کان سلام پئي موڪليا. اڄ خيرن سان پاڻ لڏي لانچي اچي پهتو آهي. نمبردار گيٽ ڇڏي اندر اچي ويٺو آهي ۽ سمهي رهيو آهي. ويچارن سان نسورو وڻل آهي. ڏينهن رات ڏيوٽي. ٿورو اڪ لڳي وجي ته ٻئي ڏينهن ٽوپي ختر، سونٽن جو سوسٽ!

آڌ گرم ٽوپي ۽ گرم ڪوٽ وجهيو بستري ۾ لڪو ويٺو آهيان. اڄ صبح جو چڪر تي ٻه ڪونه ويس. ويٺي "جنگ" ۽ "نواء وقت" پڙهيم. اڄ مس مس ارشاد احمد حقاني، سرڪار کي نصيحتون ڏيڻ کان بان ڪئي آهي. چي "هاڻ چوندن بابت قياس آرائي ڪرڻ وقت جو زيان آهي." ڪي ماڻهو هجن جن بابت ڪا اڳڪٿي ڪجي، ڪو اندازو لڳائجي. هن جون روز ڏينهن ۾ ڏهه ڳالهيون! اخبارن ۾ حسبِ دستور اليڪشن بابت شوشو موجود آهي. شايد سرڪار جو هڪڙو

خاص شعبو قائم ٿيل آهي اهڙن شوشن لاءِ ته جيئن عوام توائي ۽ بطال رهن ۽ سدائين ہڏتر ۾ هجن ۽ محڪم ارادي سان حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ کا ڌکهي رٿا نہ ٺاهين. طريقو اهو آهي ته اخبارن کان ٿهيل گهڙيل شوشا وقت بوقت شايع ڪرائجن ته، اجهو فلاڻي تاريخ چوند ٿيندي، وغيره. پوء ہ ٽي مهينا ڪيي انهن جي تردید ڪري ڇڏجي. گذريل 5 سالن ۾ اها چال لاڳيتي استعمال ٿيندي رهي آهي. لڙائيءَ ۾ هر حملي جي رٿا سان گڏ هڪڙي "Deception Plan" "گمراهه ڪرڻ جي رٿا" ہ شامل هوندي آهي ته جيئن مخالف تي حملي بابت غلط اثر وجهجي. پروپئگنڊا لڙائيءَ ۾ ان کي "غلط اطلاعن جي رٿا" يا Disinformation Plan ہ چون. اهي دشمن سان لڙائيءَ جا جنگي طريقا هي يار پنهنجي ملڪ جي عوام خلاف استعمال پيا ڪن! "ڪٽ ڏڪي جي ماءُ، پيٽ سان خار!"

اڄ محرم جي ڏينهن 10 تاريخ آهي، شهيدانِ ڪربلا جو ڏينهن. ڪيترن ڏينهن کان عالمي تاريخ ۽ مسلمان تاريخ جي پس منظر ۾ ان ۽ اهڙن واقعن بابت سوچيندو رهيو آهيان.

"بهادر گڏيا بهادرين کڙڪ کل ول ڪن،
وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين هڻن،
ڪرن، ڪٽ ڪٽ نچن، رڻ گجيئو، راڙو ٿيو."

***

"ڪامل ڪربلا ۾ آيا جنگ جوان،
ڏرتي ڏهي لرزي، ٿرٿليا آسمان،
ڪرهه هئي ڪاڪ، هو نظارو نينهن جو."

***

" ڪاري ڪکر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيا،
ڪارا ڪند هٿن ۾ اڙل وڇيرا هيٺ،
ٽي تنين سين ڏيٺ، موڙڻ جنين ميهڙو."

***

" ڪربلا ڪڪوري، دل دل رتا پير،
سنّون ڏيندي شير، مٽان سڄ مرڪئو!
سڄ ڪَ بنْيَءِ ڄايا، ههڙا سورهيه سپرين!"

***

" ڪربلا ۾ ڪوڪ ساجهر شهزادن جي،
عالم جا ملوڪ، رڪ روهي جهليا!"

***

"گهوڙن ۽ گهوڙن، رڻن ۾ لاڻون لڏيون!
گهوڙن ۽ گهوڙن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪونّ، ڪڏهن واهي رڻ جا!"

***

"ڪنب ڪسنئي ڳجهڙي، لکين پونئي واءُ،
اميرن مٽاءُ، جيئن تو قلين چانئون نه ڪيون!"

***

"اکيون ڪيه نه ڳجهڙي! تارا تان مَ ڪاءُ،
پيو نه ڏسين پَتَ ۾ ريڱڙ يارو راءُ،
جيري جنهن جوان جي، لڳانَوَ سو گهاءُ
رات جنهن جي ماءُ، روئي پرتيو رب ڪي!"

***

"حيف تنين جي حال، جي جماعتي يزيد جا!"

سوچيو: جڏهن ڪان انساني سماج غلام داري دور ۾ داخل ٿيو ۽ انسان قريندڙ ۽ قريل، ظالم ۽ مظلوم، هڪٻئي جي مخالف ۽ جاني دشمن طبقن ۾

ورهائجي ويا. تڏهن کان وٺي هزارين سالن کان انسان غلام داري، جاگيرداري ۽ هاڻ سرمايه داري نظامن جي قرلٽ، ظلم ۽ وحشانيت خلاف لڙندو اچي. ٽالا جدا، مذهبي مرتبا ڪن جا آسمانن تي ڪن جا زمين تي به نه، قومون جدا، نسل جدا، تاريخي دور جدا، موقعا، سبب ۽ مخالف جدا، هڪجهڙي جي وجود کان بي خبر، پر ظلم خلاف سرويچ مقابلي جي راهه ساڳيا رومي سلطنت خلاف شاندار بغاوتن جي اڳواڻ اسپارٽيڪس کان اڳ ۽ ان کان پوء، عيسيٰ ابن مريم ۽ حسين ابن علي عليهه السلام جهڙا مذهبي اڳواڻ، منصور، سرمد ۽ قرة العين طاهره جهڙا روحاني آمريت خلاف سِرُ تريءَ تي رکي لڙندڙ مانجهي مرد ۽ عورتون. مخدوم بلاول، صوفي شهيد جهڙا سامراج دشمن روحاني پيشوا، دودا، دريا خان، ٽيپو سلطان، جهانسيءَ جي راڻي ۽ ذوالفقار علي ٻٽي جهڙا سياسي اڳواڻ، حسن ناصر، حميد بلوچ، نذير عباسيءَ، هيمونءَ، پڪٽ سنگهه، هوشوءَ جهڙا سورهيه ڪارڪن ۽ اهڙا ٻيا لکين نندڙا وڏا مشهور ۽ نامعلوم مرد ۽ عورتون، هر ملڪ هر دور، هر موسم ۾ ظلم سان مقابلي جي جوت جاڳايو ويٺا آهن ۽ حق جي ظلم تي فتح،عوام جي آخري سوپ ۽ هڪ نئين شاندار زندگيءَ جي اڏڻ ۾ ويساهه ڪي انسانن جي دلين ۾ جيئرو جرڪندو رکيو اچن.

سوچيم : عام طرح حسينيت جي پوئواري ۽ يزيديت جي مخالفت جون دعوائون ڪرڻ وارا حاڪر طبقا ۽ سندن پوئلڳ عالم سڳورا ۽ ٻيا ماڻهو جڏهن به اقتدار ۾ آيا آهن، تڏهن حڪومت ۽ سماج جو نظام اهو ساڳيو يزيدي اختيار ڪيو اٿن، جيڪو اموي ۽ عباسي حاڪر طبقن اختيار ڪيو، يعني جاگيردارانه قرلٽ ۽ سياسي ۽ روحاني آمريت ۽ آپيشاهيءَ وارو عوام دشمن، انسانيت دشمن ۽ اسلام دشمن نظام. مصر ۾ حسينيت جي دعويدار فاطمين اهو ساڳيو نظام رائج ڪيو. ايران ۾ شاهه تائين اهو هو. اوڏ ۾ اهو هو. سڄي دنيا ۾ جتي به حسينيت جا عملبردار ٿيا آهن سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ روحاني نظام ساڳيو جاگيردارانه رهيو آهي. خميني، جون فلڪون ٻيون آهن پر سماجي نظام بنيادي طرح ڪوئه بدليو آهي. مٽيون ڏاڙهو ڪجهه بدليو آهي پر پيڙهه ساڳي جاگيرداري آهي. خميني، کان پوء گهٽو ڪري اهائي رهندي. پٽداوار جا وسيلا اهي ئي هڪڙي نندڙي ٽورائيءَ وٽ قابو آهن.

سوچيم : يزيد جا حمايتي فقط اهي آهن جا، جي ان جي علي الاعلان حمايت ڪن ٿا يا مٽس ۽ سندس ٽولي تي تبرا نٿا ڪن؟ ٻلا اهي، جيڪي يزيد، سندس آل اولاد، نندن وڏن ۽ بڻ بنياد تي رات ڏينهن لعنتون وجهن ٿا پر يزيدي جاگيرداري آمرانه نظام جا ٽڻيا ٽيا ٻيٺا آهن. عوام کي ڪريو لنيو ۽ غلام بنايو معتبر ٽيو ويٺا آهن سي؟ جيڪي سال جي 365 ڏينهن مان ڏهه ڏينهن حسين عليه السلام جو ماتر ڪريو باقي 355 ڏينهن وقت جي يزيدن سان هٿ ۾ هٿ ۾ ڏيو پاڻ سندن

چاڙتا ۽ نندڙا يزيد ٽيو پيا هلن سي؟ جيڪي پنهنجا پيءُ پرڻ لاءِ لکين ماڻهن کي حسين ۽ سندس ٻچڙن وانگر اڇيو، ٻکيو، بي وارث ۽ مظلوم ڪريو پيا مارين سي؟.

سوچيو ؛ ڪو پيءُ پريل دولت پرست، بي رحم، ڦورو، آکڙ ۽ سيٽيل، فرعون مزاج ماڻهو ٻ پياسي ۽ فاقن جي ماريل حسيني لشکر جو سپاهي يا امير ٿي سگهي ٿو؟

سوچيو ؛ ڇا هزارين سالن کان پوءِ حسينيت محض هڪ نالي ماتر عام مذهبي رسم مان ڦري واقعي يزيديت، مطلق العنانيت، جاگيرداري، آمريت ۽ سرمايه دارانه سامراجي فرعونيت دشمن تحريڪ بنجي سگهي ٿي؟ هڪ سڪٽي دونهين مان ڦري هڪڙي عوامي چٽنگ، هڪڙو حق پرست شعلو، هڪڙي پنيور کي انقلابي باهه بنجي سگهي ٿي؟

"ٻريائي تہ ٻار، ڦوڪ تہ لڳي انبرين!"

***

"آيل ان نہ وسهان، هنجون جي هارين،
آڏيو آب اکين ۾، ڏيهہ کي ڏيکارين ،
سڄڻ جي سارين، سي نڪي رون نہ چون ڪي!"

برطانوي اخبار "گارڊين" جي سپليمينٽ جنهن ۾ آمريڪي اخبار "واشنگٽن پوسٽ" ۽ فرينچ اخبار "لي ماند" جا مضمون ٻ شامل آهن، سا پڙهيم. "ٽائيم" ۽ "فار ايسٽرن اڪانامڪ روبو" ٻ.

ڇڄ ڏينهن کان دنيا جي سياسي صورتحال تي سوچيندو رهيو آهيان. ائين لڳو جڻ ريگن جي صدر ٿيڻ کان پوءِ ويٽنام، انگولا، موزمبيق ۽ افغانستان ۾ روسي پيش قدمين جي جواب ۾ آمريڪا جيڪا جوابي هلان شروع ڪئي، سا جاري آهي. ان کي روڪڻ جون ڪوششون ايڏا ڪامياب نہ ٿيون آهن. روس ۽ آمريڪا جي وچ ۾ وڏن ۾ وڏن عام تباهيءَ جي هٿيارن تي ٿيل سالٽ SALT معاهدو، آمريڪا بحال نہ ڪيو. يورپي ملڪن جو جيڪو هيلنسڪي ناهہ هو تنهن کي تارپيدو ڪري ڇڏيائون. آفريڪا ۾ نمبيبيا تي ٿيل فيصلا ٻ تارپيدو ڪيا ويا. اتلو گورو نسل پرست ڏکڻ آفريڪا انگولا تي روز حملا پيو ڪري. اتي ڪيوبائي فوجون آهن ٻ ۾ انهن جي هوندي انگولا جي ڏکڻ تي ڏکڻ آفريڪا قبضو ڪيو ويٺو آهي. ايٿوپيا کي ٻ سگهو ساهہ ڪٽڻ نہ تا ڏين. ان تي ٻ روز حملا ڪريو بيٺا آهن.

ڪمپوچيا جي باري ۾ آمريڪا، چين ۽ ٻئي سڄي ڪنڪ کي گڏ ڪريو. گڙ ٻڙ مچايو ويئو آهي. افغانستان وارو ڏنڏو به ايجان چالو آهي. مطلب ته جتي جتي عوام پيش قدمي ڪئي آهي اتي انکي اڳتي وڌڻ کان روڪيو پيو وڃي. انهن ملڪن ايجا سڪ جو ساهه ڪونه ڪنيو آهي. پولينڊ جو بحران ايجا حل ڪونه ٿيو آهي. هيڏانهن بيروت ۾ ڪربلا ٿي ته نه ان کي ترقي پسند عرب ملڪ روڪي سگهيا نه ايران ۽ روس. آمريڪا ۽ سندس چاڙتو اسرائيل سڄي علائقي جا غنڊا ٿيو پيا هلن. ڪين ڪوبه چوڻ وارو ڪونهي. بدتر ڳالهه اها آهي ته اهڙي ڏلالت ڪرڻ کانپوءِ به رجعت پرست عرب ملڪن جا وڏيرا معتبر ٿيو پيا هلن. ترقي پسند عرب ملڪ ۽ ايران پاڻ ۾ وڙهي پيا. شام ۽ عرفات پاڻ ۾ وڙهيل. قذافي ٻنهي سان وڙهيل ۽ پڻ روس سان به. هوڏانهن رجعت پرست عرب وڏيرا پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ۽ اسرائيل ۽ آمريڪا سان جُٽ! عرفات ۽ شام به نيٽ وٽن ڪهي ويا!

مطلب ته سڄو قصو جيئن ٿيڻ گهرجي، تنهن جي ابتڙ. سامراجي فوجون اسرائيل ۽ مصر جي سرحد تي لبنان ۽ سڄي ايراني نار تي قبضو ڪريو ويٺيون آهن.

هوڏانهن يورپ ۾ آمريڪا جي جوڙيوال انگريز حاڪم ٽولي جي ارجنٽائين جي لڙائي کٽڻ ڪري حڪمران ڪنزرويٽو پارٽيءِ جي انگلينڊ ۾ لانگ پئي لڳي. فرانس جي اڳوڻي علي الاعلان سرمايه دار حڪومت ايجان ڪنهن حال ۾ هئي. متران جي سوشلسٽ حڪومت جنهن ۾ فرينچ ڪميونسٽ به شامل آهن سا ڪيترن ئي اهم بين الاقوامي معاملن ۾ آمريڪا ڏانهن وڌيڪ لڙيل آهي. تازو جرمنيءِ جي سوشلسٽ حڪومت پارليامينٽ ۾ شڪت ڪاڏي ۽ رجعت پرست آمريڪا پرست طاقت ۾ اچي ويا آهن. اهڙي ريت اولهه يورپ جي ٽنهي سڀ کان اهم ملڪن جرمني، فرانس ۽ برطانيه ۾ آمريڪا پرست سرڪاريون اقتدار ۾ آهن. هالينڊ ۾ به چيو وڃي ٿو ته جلد ئي آمريڪي پرست حڪومت وجود ۾ ايندي. اولهه يورپ ۾ فرانس ڪانسواءِ سوشلسٽ حڪومتون باقي وڃي رهيون "بن غريبڙن ملڪن جون غريبڙيون حڪومتون" يعني يونان ۽ آئس لينڊ جون حڪومتون. جي اڃوڪي اليڪشن ۾ اسپين ۾ سوشلسٽن کٽيو ته چوٽين حڪومت اها ٿيندي.

نٽو يورپ ۾ ميزائيل لڳائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. اڳي هالينڊ ۽ بيلجم ٻئي لهرايو پر هاڻي انهن جون سرڪاريون به ان تي راضي ٿي ويون آهن. آمريڪا جنگ لاءِ تيارين سان باهه باري ڇڏي آهي. آمريڪا ڪانسواءِ فرانس، برطانيه ۽ اسرائيل به وڏي پئماني تي هٿيار ٺاهي، ٽين دنيا جي بکين ملڪن کي وڪڻي، انهن کي وڌيڪ بکيو ڪري پنهنجا گهر پري رهيا آهن. سرمائيدار دنيا جي اقتصادي حالت جيڪا لاٿ ۾ آهي ان جي پورت ڪرڻ لاءِ هٿيارن جا ڪارخانا زور شور

سان هلائي، بيروزگاريءَ کي گهٽايو پيو وڃي ۽ رقمون ڪمايون پيون وڃن. ٽين دنيا کي اناج کپي. ڪروڙين ماڻهو جنسي فاقا پيا ڪن پر سندن اٽلي غير ملڪي ناٽو جنگي سامان تي پيو برباد ٿئي. اُن صورتحال کي برقرار رکڻ جو طريقو اهو آهي ته پاڪستان وانگر ڪنهن هڪڙي ملڪ کي هٿيار ڏنا وڃن. سندس پارت جهڙو مخالف پاڙيسري ملڪ پاڻهي اوترا ۽ اهڙا بلڪ ان کان به وڌيڪ موتمار هٿيار خريد ڪرڻ تي مجبور ٿيندو. انهن هٿيارن جي خريداريءَ اڳيئي ڪنگلي ٽين دنيا کي بيحد ڪنگلو ۽ قرضي ڪري چڏيو آهي. هاڻ هو سامراج اڳيان اهڙا محتاج ٿيا وينا آهن جو ٽنگ به کاڻ ٿا چوريو سگهن. سيڪو رڳو اکيون پيو ٽُمبي.

سامراجي قاصائي ملڪ هزارين اختلافن جي باوجود پاڻ ۾ يڪمشت آهن. ان جي ابتڙ ٽين دنيا جا سوشلسٽ ملڪ پاڻ ۾ وڙهيا وينا آهن. ٽين دنيا ۾ درجنين ملڪ هڪبئي جي سر جا ويري ٿيا وينا آهن ۽ وڙهه وڙهان پيا ڪن. ان ۾ ڪجهه پائرن جي پلائي به آهي. سامراجي ملڪ هر طريقي سان کين ٺهڻ کان روڪين ٿا ۽ سندن دشمني کي تازو به تازو نوبنو رکيو اچن.

سوشلسٽ ملڪ به پاڻ ۾ عالي ڪافر ٿيا وينا آهن. روس، چين، ويٽنام، ڪمبوڊيا، يوگو سلاويه، رومانيه، هر ڪو پنهنجون هوليون پيو هولي.

اسانجي علائقي ۾ آمريڪا پاڪستان کان سواءِ سلون، بنگلاديش ۽ نيپال تي به قبضو ڪري ورتو آهي. هاڻي پارت کي هٽ ڪُنديا اٽس. هڪڙي پاسي سندس خلاف سڪن ۽ جن سنگهين هٽان مذهبي دنگا فساد ڪرائي اندرا حڪومت جا ترا پيو ڪيي ته ٻئي پاسي مٽس اندرا ڪانگريس جي حامي سرمايه دارن هٽان دهاڙ پيو وجهائي ته ٽئين پاسي علائقي ۾ پنهنجي چاڙتين حڪومتن پاڪستان، سلون، بنگلاديش ۽ نيپال هٽان کين ريجهائي به پيو ته اسان وانگر اچي آمريڪا جي گود ۾ ويهه ۽ مزا ڪرا ان ٽه- طرفي دهاڙ جو ڪافي اثر ٿيو ٿو ڏسجي. مٽان سعودي عرب ۽ ٻين عرب رجعت پرستن طرفان به ڪيس گهٽو لاڇايو ويو آهي. ان لالچ به ڪم ڪيو آهي. مطلب ته بظاهر هن سڄي نديي کنڊ جو ملڪ آمريڪا لاءِ مٽائي ٿي ويو آهي.

هندي وڏي سمنڊ ۾ سومالیه، کينيا ۽ ڊيگوگارشيا وارا اڈا سامراجي تباهيءَ جي هٿيارن سان سٽيا پيا وجن. ايراني نار ۾ اومان ۽ پوءِ يونچ سمنڊ ۾ مراڪش ۽ مصر آمريڪا کي اڈا ڏيو وينا آهن. اوپر ۾ تازو جپان پنهنجي اترين علائقن ۾ آمريڪا جا جاسوس اواکس هوائي جهاز ڊيوٽيءَ تي لڳايا آهن. آمريڪا جا ائٽمي هٿيارن سان لڏيل ساموندي ۽ هوائي جهاز جپاني اڈن کي استعمال ڪري رهيا آهن. مطلب ته ڏرتيءَ کي، سڪي ۽ سمنڊ کي، توڙي آسمان ۽ فضا توڙي خلا کي جنگ جي تباهي مچائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. سامراج روايتي توڙي ائٽمي يسر

ڪندڙ شعلن، زهريلن جيوڙن ۽ موتمار ڳئسن سان انسان ذات کي تباهه ڪرڻ جا سانباها پيوڪري. پر اهو معاملي جو هڪڙو پاسو آهي. ان جو ٻيو پاسو به آهي.

30/10

شام جا پنج بجا، رات سڄي رات ننڊ ڪانه آئي. ڪافي تڪليف سان رات ڪاٽيم. ڪلهه فيصلو ڪيم ته اڄ رات سمهڻ مهل وهنجندس ڪونه. پلي ننڊ نه اچي ڇو ته سياري ۾ رات جو وهنجڻ وڏو خنار ڪري وجهندو، سو ڪونه وهجندس. نتيجو اهو نڪتو جنهن جو ڊپ هو. پوئين رات تائين ننڊ ڪانه آئي. حالانڪه سيءَ ۾ پيو پئي.

اڄ سڄ نٽکو، سيءَ ڪونهي. پر بدن ٽڪل آهي، راتوڪي اوجاڳي ڪري. اڄ ڪم جو ڏينهن ڪونهي. ان ڪري نه ڪجهه پڙهيم نه لکيم.

چوڌري شريف آيو. خبرون ٻيون. موجوده ڊاڪٽر جي جاءِ تي، جيڪو موڪل تي لنڊن ويل آهي، هتي ميو اسپتال جو ڊاڪٽر آيو هو. پر ٻه ٽي ڏينهن پيدا ڪونه ٿيو. بک تي ڪير ايندو شهر ڪان هيترو دور؟ تخريب ڪار قيدين جون ڳالهيون نڪتيون. سندن ملاقات بند آهي. ان ڪري ڪاڏي پيتي جو سامان ٻاهران ڪونه ٿو اچين. رزاق جو ذڪر نڪتو. چي "منهن تي ڪابه گهبراهٽ ڪانهيس. ڪيس تي ويندو ته به جهڙو ڪر خير صلاح سان پيو وڃي. وار ڪاهي ايندو روز. ڪنڊ مٽي، منهن تي اطمينان، ڇڻ ته ڪا ڳالهه ڪانهي. نه ته مون ڏٺو آهي ته موت جي سزا ملي سگهڻ جهڙن ڪيسن وارا جوابدار ڪيس ڪان اڳ توڙي پوءِ ڪيڪ ڪاڪ تي سگهن ٿا پر ڪيس هلندي گهبرايل هوندا آهن. ماني پوري ڪانه ڪائي سگهندا آهن. پر هن تي ڪوبه اثر ڪونهي. موت جي سزا ملڻ ڪان پوءِ مهينو ڪن قيدي گهبرايل هوندو آهي. پر ٻن ڇڻن مهينن ڪان پوءِ ڪيڪ ڪاڪ، تي ويندو آهي. سال ٻن اندر هو پاڻ ڪي ڏهني طرح هر حالت لاءِ تيار ڪري ڇڏيندو آهي. سياسي قيدين ۾ مون سڀ ڪان بلند حوصلو اوهان جو ڏٺو آهي. حالانڪه اوهان جي بيماريءَ جي مون کي خبر آهي ته اوهان کيڏي پيڙا مان 14 مهنيا يا پاڻ مٽي لنگهيا آهيو. سنهي ٽلهي ڳالهه تي ته اسان کي تڪليف ئي ڪونه ڏيو .....؟"

سوچيم ته اڇن الائي عاشق وارن ڏاڙهن ويو الائي نه. عاشق لکيو هو.

16.9.82

"پيارا سائين پليجا صاحب . خوش هجو.

ڪيترن ڏينهن کان پٽي سنيريس ته جيئن اقبال يونيورسٽيءَ ۾ گهر ويڻي

داخلا ونڊي. ماڻهو پڙهندو آهي ۽ ..... امتحان ڏيئي ڊگريون ونندو آهي. اهڙي نموني چو نہ آئون بہ پنهنجي من جا مونجهارا توهان تائين خط رستي لکان ۽ پاڻ هڪٻئي سان حال اوريون. سائين مون پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي تہ انسان اڪيلي سر ڪجهہ بہ نہ آهي. زنده رهڻ لاءِ ڪيس ڪونہ ڪو سهارو ضرور گهرجي. هر انسان سهاري کي ڳولينديءَ ڳولينديءَ ڪيترن درن تي ڏڪا کائيندو. ڪڏهن هن سماج جي ريتن رسمن جو سهارو ٿو ونڊي تہ ڪڏهن عزازت قرابت جو. ڪڏهن مال ملکيت جو ..... تہ ڪڏهن مسجدن ۽ مندرن جو..... ڪڏهن جنن پوتن جو ..... تہ ڪڏهن دعائن جو دوائن جو. پر ڪيس مرڻ گهڙيءَ تائين ڪڏهن بہ ڏهني سکون نٿو ملي. آخر هو پنهنجون حسرتون، اميدون، خواهشون ۽ صلاحيتون دل جو دل ۾ ڪٽي قبر پيڙو وڃيو ٿئي.

هن وقت اسان تي بہ هر طرف کان مشڪلاتن ۽ مسئلن جا گهيرا آهن. هڪڙي کي منهن ڏيڻ لاءِ مس تياري ٿا ڪيون تہ ٻيا پئدا ٿيو پون.

هڪ طرف سڄي گهر ۾ ڪربلا لڳي پئي آهي. ٻئي طرف مالي مشڪلاتون. ٽئين طرف رڳو خرچ. چوٽين طرف گهر ۾ ڪير نہ ڪير بيمار. جنهن ڪري آئون خود حوصلو هاري ويهي رهندو آهيان. مون تي ڏهني ۽ جسماني طرح وهمن ۽ بيمارين جا حملا ٿيندا رهن ٿا. ان ڪري مون ہن سهارن تي پاڙيو. هڪ *ڊاڪٽر خان کي نبض ڏيکاريم پر ڊاڪٽر..... وٽ ٻيا بہ ايترا مريض اچن ٿا جو هو منهنجي بيماريءَ تي صحيح توجهہ نٿو ڏيئي سگهي.. ... ٻيو سهارو توهانجي ڏنل قيڻ ۽ قڪين جو ورتو اٿر....

پنهنجن وڏن ... جون هدايتون پڙهڻ شروع ڪيون اٿر. جن ۾ نہ رڳو منهنجي مسئلن جا حل آهن پر جڳ جهان جي سيني بيمارين جا.

علاج پٽ آهن جن جي پڙهڻ سان پنهنجو پاڻ کي وهمن ۽ بيمارين جي اونداهي کوهہ مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻ ۾ ڪي قدر ڪامياب ٿي ويو آهيان. پر ڪمزوري تمام گهٽي آهي.

توهان جهونا جوڳي آهيو. نبض شناس آهيو. هيستائين توهان ئي جيئڻ جي راهہ ڏيکاري آهي. توهان جي ئي ٻڌايل قڪين مان فرق پيو آهي. سو سوچيم تہ چو نہ توهان کان هن خط رستي رهنمائي ونان .....

توهان بزرگ آهيو. دعا ڪندا تہ رب پاڪ سيني کي پنهنجي وڏن جي ڏنل هدايتن تي هلڻ جي توفيق ڏئي جو پاڻ، پاڻ کي بہ چڪو پلو ڪريون ۽ پنهنجي خاندانن ۽ نسلن کي بہ موذي مرض مان ڇڏايون. .... توهان لاءِ هر وقت رب جي درگاهہ ۾ دعاڳو آهيون تہ رب توهان کي صحتياب ڪري. سدائين خوش

---

* ڊاڪٽرخان = محمد فاضل

هجو. ڪڏهن بہ ڪوسو واءُ نہ لڳيو. رب توهان کي پنهنجن ۾چن سان سکيو رکي ۽ جلدئي پنهنجن سان ميلاپ ڪرائي.

فقط

توهانجو

* عاشق

خط پڙهي سندس پيٽوئي جي دردناڪ وفات جو ۽ سندس پريشانين جو معلوم ڪري وقتي طرح پريشان ٿي ويس تہ چا ٿيندو؟ چا ڪجي؟ آڇن ۽ ہن ہين همراهن کي لکيم تہ همراهہ سان ملو ۽ ساڻس حال احوال ڏيندا ونڊندا ڪريو. ڪيس بہ لکيم پر وڌيڪ لکي نہ سگهيس. ههڙي حالت ۾ چا ٿو لکي سگهجي؟ بهرحال مڙس ماڻهو آهي ڏڪ جهلي ويو آهي ۽ جهلي ويندو.

صبح جو هڪڙو ڊبل ڪارڊ مليو. هڪڙي ننڍي ساڻي جو لکيل هو. جيڪب آباد ضلعي مان لکيو اٿس.

" ڪرم پور.

محترم ساڻي رسول بخش پليجو صاحب

ہڏو سي تہ سائين جن 18.7.82 تي متان آزاد ٿين

خدا اوهان کي جلد آزاد ڪندو. " آمين"

ساڻي. گذريل ہن ٽن مهينن ۾ اوهان جي هڪ تمام وڏي تصوير ڪنهن دوست وٽ ڏٺم. دل مان آواز نڪتو " ڪاش! توهان هاڻي آزاد هجو! ڪٽان ڪٽان جا بحث مباحثا هلن ها. دل چوي ٿي تہ هڪ ڀيرو اوهان سان ضرور ملندس..... آڏون س- ہ- ت جو ميمبر آهيان. ڪهڙي بہ موضوع تي اوهان جو نالو ضرور ايندو آهي.... توهان دعا ڪريو تہ اسين پنهنجي مقصد ۾ هر دم ڪامياب هجون.

ہئي ڪارڊ ۾ خط نہ، صرف ۽ صرف، پنهنجي صحيح پائي موڪليو. ضرور موڪليو جواب يا صحيح.

آزاد آي- آر- ڪي

شاهي بازار ڪرم پور "

پڙهي خوش ٿيس. سوچيم تہ ننڍي ہار جو ڪهڙو آڳوٺو وڍبو! سو صحيح بدران جواب موڪليو مانس. شرط بہ اهو هوس نہ تہ جواب يا صحيح!

---

* عاشق = سيد عالم شاهہ

ڪربلا بابت پڇيل سوال جي جواب لاءِ روز وٽ وڃان لڳي پيئي هئي. سو ڪلهه نيٺ جواب موڪليم.

(ترجمو)

محترمي

مون کي ان باري ۾ ڪا خاص واقفيت ڪانهي.

البت منهنجو اهو خيال آهي ته چار سؤ سال اڳ واري ڳالهه صحيح ناهي. تاريخ طبري، جا اسلامي تاريخ جو ابو هشام کان پوءِ هڪ وڏي وقعت وارو ماخذ آهي، ان ۾ به هن واقعي جو ذڪر ملندو. تاريخ طبري ڇڻ سون سالن کان گهٽي پراڻي آهي.

جيتري قدر واقعي جي هوبهو بيان ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي ڳالهه آهي، ته اهو ذهن ۾ رهي ته سڀ مسلمان ملڪ ۽ 90 سيڪڙو ايشيائي، افريقي ۽ لاطيني آمريڪي ملڪ اڄ ڏينهن تائين جاگيرداري سماجي نظام جي ماتحت آهن.

پاڻ سيني کي خبر آهي ته جاگيردار نظام، جاگيردار طبقي جي ڊڪٽيٽر شپ ۽ ذاتي آپيشاهي جو نظام ٽيندو آهي. جتي جتي جاگيردار حاڪم طبقا ڪنهن مذهب جي پولڪيءَ جي دعويٰ ڪن ٿا ۽ مذهب کي آڙ بنائي استعمال ڪن ٿا اتي اقتصادي ۽ سياسي آمريت سان گڏوگڏ روحاني آمريت جو دور به هلندڙ هوندو آهي.

حضور اڪرم ﷺ خلفاءِ راشدين ۽ عمر بن عبدالعزيز جي 30-35 سالن جي راڄ کي ڇڏي باقي پوٽين چوڏهن صدين وارو "اسلامي" حڪومت جو دور جاگيردارانه، سياسي، اقتصادي ۽ روحاني آمريت ۽ ڊڪٽيٽر شپ جو دور رهيو آهي. دنيا جي ٻئي عوام وانگر مسلمان عوام به اهي پوٽيون چوڏهه صديون اڇڪلهه جي مارشل لائن ۽ سينسرشپ کان سوين دفعا وڌيڪ بي رحم ۽ سفاڪ لاڳيتي مارشل لا ۽ سينسر شپ هيٺان حياتي گذاري آهي.

ان ڪري گذريل پوٽين چوڏهن صدين ۾ مسلمان ملڪن ۾ جيڪي به ڪيو ويو سو ان صدين جي لاڳيتي مارشل لا ۽ سينسر شپ جي پيانڪ پاڇي هيٺ ڪيو ويو آهي.

اهڙي حالت ۾ ان دور ۾ ڪنهن به واقعي جو هوبهو بيان ٽيل هجڻ ڏري گهٽ ناممڪن آهي. پر تاريخ جهڙي به آهي، ان جي مطالعي مان ائين ٿو لڳي ته بنيادي حقيقتون اهي ئي آهن جيڪي بيان ڪيون ويون ٿيون. البت عبارت آرائي ۽ داستان سرائي ته هن قسم جي هر داستان ۾ ٿيندي آهي.

جيتري قدر يهودين جو واسطو آهي ته يهودي ته مسلمانن جا دشمن هئا ئي ۽ آهن ئي، انهن جي وس ۾ جيڪي هوندو هو تنهن ۾ ڪهٽائي ڪونه ڪندا هئا. پر اسلامي تحريڪ تي حملو ڪري ان تي قبضو يهودين نه پر انهن سرمايه دار

قريش سردارن جي اولاد کيو جن سردارن مسلمانن جي اقتدار ۾ اچڻ مهل وڏا اعزاز ونڊي کلمو پڙهيو. حضور اڪرم صلعم ۽ خلفاء راشدين جي دور ۾ پنهنجا قدم جمائي، فوج ۾ دولت ڪٺي ڪري، وڏين تيارن کان پوء، هو اسلامي تحريڪ تي راتاهو ۽ شب خون هڻي هڪٻئي پويان ان تي قابض ٿي ويا.

اسلامي نظام جي ڪن ظاهري جُزن کي آڙ بنائي، ان جي انسان دوست، عوام دوست ۽ جمهوري روح کي قتل ڪري، ان کي خلافت راشده، جهڙي، پنهنجي دور جي حساب سان جمهوري مملڪت مان ڦيرائي، ايراني ۽ رومي قسر جي مطلق العنان آمريت ۽ ڊڪٽيٽر شپ يهودين نه اموي ۽ عباسي قبائلي سردارن ۽ جاگيردارن بنايو. جڏهن فاطمين جو وارو آيو تہ انهن به پنجتن پاڪ جي نالي ۾ مصر ۾ اهوئي ڏنڊو ڪيو. اهڙيءَ ريت عوام دشمن، اسلام دشمن، جاگيردارانہ آپيشاهي ۽ آمريت جو ڦورو ۽ ظالم فرعوني نظام مذهب جو چوغو پائي پوٽين چوڏيهن صدين تائين يعني اڄ ڏينهن تائين، مسلمان عوام جي چاتيءَ تي مڱ ڏريندو رهيو آهي.

اڄ جي آمريتن وانگر اڳوٽي زماني جي آمريتن وٽ به تربيت يافتہ ۽ پيشہ ور مها کوڙن، جعل سازن، گلاخورن، بهتان طرازن، الزام تراشن، افترا پردازن ۽ تاويل بازن جون پلٽنيون هونديون هيون جيڪي ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن ثابت ڪري ڏيکارينديا هئا. هو آمريت جي پيانڪ انسان دشمن، عوام دشمن، اسلام دشمن ڏوهن ۽ جرمن کي ثواب جوکم ۽ عين اسلام ۽ انهن جي شڪايت ڪرڻ وارن کي زنديق، ڪافر ۽ واجب القتل ثابت ڪندا هئا.

جاگيردار فوجي آمريت جي بدمعاشيءَ خلاف ٽيل هر شڪايت لاءِ هو چوندا هئا تہ اهو فلاڻي غير عرب مسلمان يا فلاڻي غير مذهب ماڻهو ۽ جو کوڙ آهي. هر مسلمان مفکر ۽ انسان دوست ڏاهي کي مجوسي سڏيو ويو يا يهودي. منصور ۽ ٻين کي چڏيو. شيخ الرئيس بوعلي سينا ۽ ابن رشد جهڙن زمانن کي روشن ڪرڻ وارن انسانن کي راڦضي ۽ يهودي سڏي سندن جيئڻ حرام ڪيو ويو. ابن رشد کي تہ جلاوطن ڪري مورڳو يهودين سان گڏ سندن ڳوٺ ۾ نظر بند ڪري چڏيائون!

اهائي چال عيسائي جاگيردار آمريتن هلائي. هن اسپين ۾ هر صاحب دل ۽ صاحب راءِ عيسائي ماڻهوءَ کي Moor يا عرب يعني ڪافر چئي سوريءَ تي چاڙهي چڏيو. بدنام زمانہ Inquisition (ايمان- پرک) بابت تہ توهان پڙهيو ئي هوندو.

هي پڙهي مون کي واپس ڪجو.

توهانجو"

سوچيم همراهہ کي ڪالهہ ڏکي لڳي هوندي. پر واپسيءَ تي چئيءَ ۾ هيئان هي لفظ لکيل هئا :

"محترم قبلا پليجو صاحب آداب

توهان جي رهنمائيءَ جو بيحد شڪريو"

اڄ نئون تجربو ڪيم اٿم. مون کي ڪچيءَ ۾ اڪثر منهنجا اهي تجربا پوندا آهن. رات بدران ڏينهن جو وهنجيو آهيان ۽ اوولٽين ڪيم سان پيتي اٿم. هاڻ يا زڪام ٿيندو يا اڳي کان وڌيڪ ننڊ نه اچڻ جو آزار ٿيندو.

اڪ ۾ سور آهي. ڪچ ڏينهن نٽايو پئي هليس ته پَاڻهي چڏي وڃي. ۾ همراهه ٽاڪ ڪري ويهي رهيو آهي. سو ڪلهه کان باقائده ڏڙو وجهڻ شروع ڪيو اٿم. ڪجهه فائدو آهي.

30/10

رس کي بهري توري نينان!

(رس سان ڀريل تنهنجا نين)

بيگم اختر پيرويءَ ۾ ٿمري پئي ڳائي: سبحان الله! ميران ٻائيءَ جي ننڍي هم عصر شهنشاهه اڪبر جي زماني جي ڪشميري شاعره، حبه خاتونءَ جا ٻه شعر ٻڌم. مطلب هو:

"منهنجي جواني جي بهار گذري رهي آهي.

تنهنجي اچڻ کان اڳ،

متان چمپا جا گل مرجهائجي نه وڃن!

آءُ ڪنهن ٻاڙ جي پويان ٻڌندڙ چند آهيان

تون الائي ڪٿي ستو پيو آهين!"

ڪشمير جو بادشاهه يوسف شاهه چڪ هن جي سونهن ۽ شاعريءَ جي هاڪ ٻڌي مٿس عاشق ٿي پيو ۽ ساڻس شادي ڪيائين. جڏهن يوسف شاهه تي اڪبر بادشاهه ڪاوڙيو ۽ ڪيس گهرائي پاڻ وٽ قيد ڪري چڏيائين تڏهن ڪشمير تي حڪومت حبه خاتون ڪرڻ لڳي. ۾ شاعري پوءِ به نه چڏيائين! سابه اهڙي شاعري!

سڀني يونانڻ، ميران ٻائي هندستانڻ راجپوتڻ، حبه خاتون ڪشميرڻ ۽ قرة العين طاهره ايرانڻ، چار عظيم انسان، عظيم عورتون، عظيم شاعراٽيون، عظيم باغي- وقت جي ريت ۽ رسم جون. خاص ڪري ميران ۽ قرة العين طاهره. قرة العين طاهره ته جهڙي هئي حسين ۽ جهڙي هئي بي مثال شاعره، تهڙي هئي باغي مجاهد ۽ سورهيه. فڪري توڙي جسماني طرح بغاوت جي ڪري قتل جو حڪم ونڻ لاءِ شاهه ناصر الدين شاهه قاجار اڳيان پيش ڪيائونس ته شاهه سندس سونهن ڏسي دهلجي ويو. سندس حسن ۽ باغي شخصيت جي جلال اڳيان ڏڪي ويو.

چيائين "بگذريد! كه صورت زيبا دارد!"
(ڇڏيوس! نسورو حسن آهي!)

بادشاهه شاديءَ جي درخواست كئي تہ قرة العين ٺكرائي ڇڏي. منجهس كا وڃ پريل هئي. هك پل چين سان نہ ويٺي. ايران جي كنڊ كنڊ ۾ ڏارين ترك قاچاري سلطنت ۾ سندس چاڙتن خلاف بغاوت جي باهه ٻرڪائي ڇڏيائين.

سندس تقرير ۾ شعلا هئا. غريب عوام تہ غريب، ماڻين ۽ محلن اندر بہ آڳ لڳائي ڇڏيائين. كفر جي فتوائن جا ڍير لڳي ويا. آخر وقت جي هن منصور كي موت جي سزا ملي. جلادن جا هٿ نہ ٽين جو مٿس تلوار وهائين. آخر هك سفاك درندي گهتا ڏئي هن عظيم ۽ خوبصورت انسان، شاعره، باغي، عاشق ۽ شهيد جي عظيم زندگيءَ جو ظاهري طرح انت آندو. كيس انڌي كوهه ۾ اڇلائي ڇڏيائون ۽ قرة العين طاهره كا مرڻ جهڙي شيءَ آ!؟

جيستائين انسانن جو انسانيت ۾، محبت ۾ ۽ ضمير جي آزاديءَ لاءِ سرفروشيءَ ۾ ويساهه قائم آهي، تيستائين امرَ سلمىٰ، قرة العين طاهره زرين تاج، كي كير ماري سگهي ٿو؟

چون تا تہ جڏهن بغاوت جي راهه اختيار كيائين تہ پوءِ كنهن بہ مرد جي ويجهو نہ وئي.

جڏهن سندس تحريك وارن طرفان شاهه ناصرالدين قاچار كي قتل كرڻ جي كوشش ناكام ٿي ۽ سندن تحريك جي اڳواڻ كي حكومت طرفان قتل كيو ويو ۽ سيني كي پك ٿي تہ هاٿي قرة العين طاهره كي جيئرو كين چڏيو ويندو تڏهن هن پنهنجن ساٿين كي گڏ كري كين چيو "هاڻ منهنجو وقت اچي ويو آهي. آءٌ توهان كان شاهدي گهران ٿي. ماٿهؤ ٻڌو! ٻڌايو مون كڏهن حق جي حمايت ۾ كوتاهي كئي؟" ماٿهن يك آواز چيو. "نہ! هر گز نہ!" هن وري پڇيو "شاهدي ڏيو تہ آءٌ كڏهن باطل اڳيان جهكيس؟" ماٿهن ساڳيو جواب ڏنو. وري چيائين "ٻڌايو، مون كڏهن پنهنجي جان، پنهنجو جسم، پنهنجي دل حق لاءِ جدوجهد كان مٿي كئي؟" وري بہ چيائون "نہ! هر گز نہ!" پڇيائين: "مون هن تحريك ۾ اچڻ كان پوءِ كنهن مرد جو نالو ورتو؟" چيائون " تہ نہ! تون طاهره (پاك) آهين!" چيائين "تہ پوءِ ٻڌو! اوهين شاهد هججو تہ مون بہ محبت كئي آهي. آءٌ بہ محبت كريان ٿي. محبت كان سواءِ كوبہ ماٿهو طاهر (پاك) ٿي نٿو سگهي. ۽ پنهنجي عظيم جدوجهد خاطر مون پنهنجي محبت كي جيئري ماري ڇڏيو هو. هاڻ جڏهن موت جو پروانو ۽ جلاد اچڻ وارو آهي تڏهن ٻڌو! مون جنهن شخص سان محبت كئي آهي سو هتي موجود آهي. سدائين مون سان گڏ رهيو آهي ۽ مون كيس اشارتاً بہ نہ ٻڌايو آهي. هاٿي اوهان سيني اڳيان آءٌ پاڻ كي هن جي ۽ هن كي پنهنجي حوالي كريان ٿي!" ائن چئي پنهنجي ساٿين مان محمد علي نالي هكڙي

ساڻيءَ تي هٿ رکيائين ۽ ڪيس ٻانهن مان جهلي پنهنجي تنبوءَ ۾ وٺي وئي ۽ تيستائين ٻاهر ڪين نڪتا جيستائين موت جا قاصد موت جو پروانو ۽ جلاد وٺي نه اچي پهتا!

"دجليہ بہ دجليہ يہ بہ يہ" واري قافيہ ۽ رديف واري سندس جڳ مشهور غزل جو ڪن زمانن تائين هندستان جا شاعر تتبع ڪندا رهيا آهن.

روحاني ۽ سياسي ڊڪٽيٽرشپ خلاف سڄي عمر لڙندڙ هن سدا ملوڪ سورميءَ کي 1852 ۾ يعني 1857 جي هند جي پهرين جنگ آزاديءَ کان 5 سال اڳ، شهادت جو جام پياريو ويو. اڄ ان ڳالهہ کي پورا 130 سال ٿيا آهن.

هن ڊائريءَ ۾ هي ٻيو دفعو طاهره قرة العين ياد آئي آهي. ماڻهو ئي اهڙو ٿي ٻيو آهي!

ميران ٻائيءَ کي قتل ڪرڻ ڪيو ويو. ڇو تہ هن وقت جي روحاني نظام سان سڌو ٽڪر ڪرڻ ڪاڏو. هوءَ ان جي دائري اندر رهي. وقت جي سياسي نظام سان بغاوت ڪرڻ ڪيائين ۽ ماڻهن کي حڪومتن خلاف ڪرڻ پڙڪايائين. هن وت ان قسر جي ويڙهہ جو نالو ئي ڪرڻ هو.

پر تہ بہ ميران گهٽ ڪاڻ هئي. پنهنجي معصوم ۽ پر امن نموني هن بہ هڪڙي زبردست بغاوت ڪئي. هن بہ سماج ۾ ٽرٽلو وجهي ڇڏيو ۽ ريتن ۽ رسمن جي ڪوٽن کي ڊڪائي ڇڏيو. هڪڙي حساب سان ائين ڪندي هن پاڻ کي جيئري ماري ڇڏيو. کي ماڻهو ظاهري جيئرا هوندا آهن پر سندن زندگيءَ جو هر پل ڇڻ سوريءَ جو سينگار هوندو آهي. "مرڻا اڳي جي مڻا سي ماريا نہ موت" ميران پاڻ کي پاڻهي جيئري شهيد ڪري ڇڏيو!.

ميران هندستان ۾ افغان دور جي پڄاڻيءَ ۽ سنڌ ۾ سمن جي دور جي پڄاڻيءَ جي زماني ۾. جام نندي جي وفات ۽ جام فيروز جي تخت تي ويهڻ کان ٻہ سال اڳ 1504ع ڄائي هئي. راجا رتن سنگهہ راڻوڙ جي ڌيءَ، راجپوت شهزادي هئي. بابر سان مقابلو ڪرڻ واري چتور جي مشهور دلير راجپوت راڻي راڻا سانگا جي ڌڻهن ٿي. 1516 ۾ ٻارنهن سالن جي عمر ۾ شادي ٿيس. راڻا سانگا بابر سان بي مثال بهادريءَ سان مقابلو ڪندي مارجي ويو. مڙس بہ مري ويس. ڏير تخت نشين راڻو بنيو. تنهن سندس آزاد خيال مذهبي عقيدن کي پسند نہ ڪيو. راجپوت، طاقت جي ديويءَ درگا جا پوجاري. هيءَ مست المست ماڻهن وانگر ڪرشن جي پوجارڻ. هُٿي طاقت جي پوجا هِٿي محبت ۽ پيار جي. راڻي تپائي ڏٺس. نيٺ چتور مان ڀڄي هڪڙي صوفي چمار (ڀنگيءَ) راڻي داس جي مريدياڻي ٿي وٺس رهڻ لڳي! جواڻ جماڻ راجپوت شهزادي ۽ چتور جي راڻي جي ننهن، سا ڀنگيءَ جي مريدياڻي ٿئي ۽ وٺس رهي! راجپوتانا ۾ قيامت اچي ويئي. بلڪ سڄي

هندستان جي حاڪمن جا نڪ وڍجي ويا. ڪرشن ۽ درگا جا فيصلا پيا ٿيندا پر پنگيءَ وٽ جوان راجپوت شهزادي ! سا بہ راڻي راڻا سانگا جي ڌُنهن!

جوڳي رمتا پلا، ڪنڪن جي پهچڻ کان اڳ ميران وڄي دوارکا ۽ برندابن کان نڪتي. بزندابن ۾ ڪرشن ڪُنڊن چاريندو هو. ميران هاڻ پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌا ۽ ڪرش جي مورتيءَ اڳيان نچڻ لڳي!

"پگ گنگهرو باندھ ميرا ناچي ري"

نوجوان راجپوت شهزادي ۽ گهنگهرو ۽ ناچ ۽ سو بہ ڪِن خسيس ماڻهن، ڪنوارن، ٻڪرارن، پنگين ۽ چمارن اڳيان! هندستان جو هزارين سال پراڻو ذات پات جو مسلمانن کان بہ وڌيڪ بي رحم، غير انساني ۽ سفاڪ طبقاتي ۽ سماجي نظام چڙ تہ ڪنهن زلزلي ۾ ونجي ويو. ملڪ اٿلي پيا، "ميران گهر هل!" ميران نہ مڙي. مذهبي معاملو هو. ڪرشن جا پوجاري بہ ڪروڙين هٿا. حڪومت بہ غيرن جي هٿ ۾ هئي. زبردستي نٿي ٿي سگهي. منٽ ۽ زوربار، دڙڪا ۽ دهمان ڪر نہ آيا ۽ نوجوان سدا ملوڪ راجپوت شهزادي ميران جهنگن ۽ ميدانن ۾ عام ماڻهن اڳيان پيار ۽ محبت جا لازوال گيت ڳاهيندي، ڳائيندي، نچندي ۽ ريتن ۽ رسمن جي ڪوٽن کي ڊوڏيندي رهي!

"پريم پريت کي باندھ گنگهرو،
سُرت کي کچهني کا چهون گي ،
لوک راج ڪُل کي مرجـادا ،
يا مين ايک نہ راکوهون گي"

(پيرن ۾ پيار جا گهنگهرو ٻڌي، مٿي تي محبوب جي ياد جي چُني اوڍي، نچنديس. دنيا جي ريتن رسمن ۽ خاندان جي عزت ۽ ناموس بابت ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٻڌنديس.)

اڪبر بادشاهہ ميران جي هاڪ ٻڌي سندس زيارت لاءِ بي چين ٿي ويو. گهرايائينس. نہ ويئي. چون ٿا پاڻ ويو.

ميران ميران هئي!

شام جا 5 بجا، اڄ ڏينهن وٽندڙ هو. چپ چاپ گذريو. اڄ ريڊيو بہ ڪونہ ٻڌم. ڪلهہ شام جو ٽريا، زهره (زهره ٻائي انبالا واري؟) امير ٻائي ڪرناٽڪي ۽ شمشاد بيگم جا پراڻا، پراڻا گانا ٻڌم. الائي ڪيتري زماني کان پوءِ امير ٻائي

ڪرنا ٽڪيءَ جو گانو "مل ڪ بچڑ گئي اکيان،
هائي راما مل کي....." ہڏمر.
لتا جو ب هڪڑو پراڻو گانو ہڏمر .

"ابهي شام آئيگي، نڪليگي تاري
مگر تم نہ هوگ !
تمهارا پتہ چاند پوچي گا مجهسي
چهپالون گي مکڑا، چهپالون گي آنکهين،
تمهاري شکايت کرين گي ستار ي
مگر تم نہ هوگي"
ڏاڍو وٹيو!.

اڄ ب عالمي صورتحال بابت سوچيم. خاص ڪري ان جي ہٹي روشن پاسي بابت. عالمي صورتحال تي جيڪي مکيہ عنصر اثر وجهن ٿا تن ۾ اقتصاديات کانسواءِ فوجي ۽ سياسي ب شامل آهن. عالمي سياست تي جيڪي مکيہ ملڪ اثر انداز رهيا آهن سي آهن آمريڪا روس، چين، هندستان وغيرہ.

دولت ۽ سياسي اثر کانسواءِ هٹيارن ۾ ب آمريڪا جهان کان اڳرو پٹي رهيو آهي. 1945 ۾ ان ٹي دنيا جو پهريون ائٹم بم تيار ڪيو ۽ جپان تي آزمائي سڄي جهان کي ڈڪائي ڇڈيو. ان بعد ان ائٹم بم سان هن روس کي ڈمڪائڻ شروع ڪيو. ٽٽ ڦوس تي ائٹم جو ڈڑڪو! "هيئن ڪر نہ تہ.....!"

هٹيارن جي ڊوڑ شروع ٹي ويئي. روس لاءِ هٹيار حياتي موت جو سوال بنجي ويا. آخر چئن سالن کانپوءِ روس ائٹم بم ٹاهي ورتو ۽ ان جو ڈماکو ڪيو. پر ڊوڑ جاري رهي. آمريڪا ايڄ ب زور هو. ٹن سالن کانپوءِ روس ڪيترين ڳالهين ۾ گوءِ کٹڻ شروع ڪئي. 12 آگسٹ 1953 تي هن دنيا ۾ هٹڊروجن بم جو پهريون ڪامياب تجربو ڪيو. آمريڪا اٹ مهينا پوءِ ڪيو. آگسٹ 1957 ۾ روس دنيا ۾ پهريون پيرو رکو هڪڑي ملڪ کان ٻئي ملڪ تي مارڪنڈڑ نہ پر هڪڑي ڪنڊ کان ٻين ڪنڊن تي مار ڪرڻ وارا دور مار راڪيٹ تيار ڪري انهن جا ڪامياب تجربا ڪيا. ٻن مهينن کانپوءِ روس دنيا جو پهريون هٹراڈو گرهم. اسپوتنيڪ پهريون، ڈرتيءَ جي چوڌاري چڪر هٹڻ لاءِ موڪليو. ٻن سالن کان پوءِ 1959 ۾ روسي گرهم ليونيڪ ڈرتيءَ جي ڇڪ کي ٹوڑي، محور کان ٹکري سڄ جي چوگرد ڦيراپائڻ لڳا. اهو سمورو وقت آمريڪا پويان سهڪندو رهيو. تان جو ڈهن سالن کانپوءِ نيٹ ويڄي آمريڪا کنهن ڳالهہ ۾ روس کي ماريو. جولاءِ 1969

ہر آمريڪا دنيا جو پھريون انسان اپولو- ہ ہر چند تي لاٿو. اھي سپ راکٽ جن تي اھي گرھ وغيرہ مٿي پٹي ويا اھي جنگي ھٿيار طور ڪتب آڻڻ جا راکيٽ ھئا. مطلب تہ آمريڪا جي جنگي برتري ختم ٿي ويئي ۽ مجموعي طور ٻئي ڏريون برابر برابر آھن. ھاڻ آمريڪا اھا برابري توڙي ٹئين سر برتري حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ وري شروع ڪئي آھي.

انھيءَ وچ ہر آمريڪا ۽ روس ھڪبئي جي زير اثر ملڪن ہر بغاوتون ڪرائڻ جي ڪوشش ہر رڌل رھيا. 1949 ہر آمريڪي ڇاڙتي چيانگ کي ٹپڙ ٻڌائي چين آزاد ٹيو. 23 جولاءِ 1952 تي انگريز پرست مصر ہر ڪرنل ناصر سرمايہ دار جمھوري انقلاب آندو. سال کان پوءِ 17 جولاءِ 1953 تي آمريڪا ۽ سندس ساٿين روس جي ساڻي اوپر جرمنيءَ ہر بغاوت ڪرائي. مٹيئن سال 1954 ہر روس جي حامي ويٽنام آمريڪا جي ساڻي فرانس کي ڊين بين ڦو وٽ زبردست شڪست ڏيئي کين اڏ ويٽنام خالي ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ٻن سالن کان پوءِ مٹي 1956 ہر ناصر سئيز واھ تان انگريزن کي تڙي ڪڍي ڇڏيو. ڇٹن مھينن کان پوءِ برطانيہ فرانس ۽ اسرائيل گڏجي مصر تي حملو ڪيو. روس سفارتي ۽ سياسي مداخلت ڪري ۽ راکٽن جون ڏمڪيون ڏيئي مصر کي بچايو. انھيءَ وچ ہر جوابي قدم طور آمريڪا ۽ سندس ساٿين ساڻئي سال 1956 ہر روس جي ساڻي ھنگري ۽ پولينڈ ہر بغاوتون ڪرايون. ٻن سالن کانپوءِ 1958 ہر آمريڪا جي حامي ملڪ عراق ہر سرمايہ دار جمھوري انقلاب آيو ۽ آمريڪا کي اتان ٹپڙ ٻڌايا ويا. ٻن سالن کان پوءِ ٹئين آزاد ٹيل آفريڪي ملڪ ڪانگو کي وري غلام بنائڻ لاءِ اتي آمريڪا ۽ سندس ساڻي بيلجيم ۽ ٻين بغاوت ڪرائي ۽ ملڪ جي وزير اعظم پٹرس لومبا کي فيبروري 1962 ہر شھيد ڪرائي ڇڏيو ويو. ساڻئي سال ڪيوبا، جو ڪجھ سال اڳ آمريڪا جي ڇاڙتن وٽان آزاد ڪيو ويو ھيو ۽ جنھن کي آمريڪا وري غلام بنائڻ لاءِ مٹس ناڪام حملا ہ ڪرايا ھئا. تنھن ہر روسي راکيٽ رکڻ جي ڳالھ تان روس ۽ آمريڪا ہر وڌو خطرناڪ ٹڪر ٹيو. روس راکيٽ نہ رکڻ جي ڳالھ ميڄي. آمريڪا وري ڪيوبا تي حملو نہ ڪرڻ جي خاطري ڏني. ھند چين جي ملڪن ويٽنام لائوس ۽ ڪمبوڊيا تان روس ۽ آمريڪا جي وچ ہر ڇڪتاڻ 1975 ہر انھن ملڪن جي آزاديءَ جي جنگين جي ڪاميابيءَ کان پوءِ في الحال ختم ٿي. ھاڻ وري ٻئي روپ ہر شروع آھي. ويٽنام کان اڳ ڪوريا جي لڙائي ھلي جنھن ہر آمريڪا فتح حاصل نہ ڪري سگھي. ويٽنام ہر تہ مورڳو ھارايائين. ويڑھ چالو آھي. حملا ۽ جوابي حملا سڄي دنيا ہر ٿين پيا. ھن وقت روس پنھنجي آزاد ٹيل ساڻي ملڪن افغانستان، انگولا، ويٽنام، لائوس، ڪمبوڊيا، ايٿوپيا، موزمبيق وغيرہ جي بچاءَ جي جنگ لڙي رھيو آھي. آمريڪا اتي ۽ ٻين ھنڌن تي

حملي آور پوزيشن وٺيو ٻيٽو آهي.

طبقا، قومون ۽ ملڪ حالتن آهر راهہ عمل، حڪمت عملي ۽ ليڊرشپ پيدا ڪندا ۽ بدلائيندا آهن. جنگ عظيم ڪانپوء هر وڏي قوم پنهنجي راهِ عمل، حڪمت عملي ۽ ليڊر شپ ۾ ڦيرو آندو.

انگلينڊ چرچل جي سخت قيادت کي جواب ڏنو ۽ ليبر جي ڪي قدر عوامي قيادت کي اقتدار ۾ آندو. ان جي ابتڙ آمريڪا پاڻ کي سڄي عالم جي سينې ڪان طاقتور قوم جي حيثيت ۾ ڏسي روزويلٽ جي نسبتاً عوامي قيادت جي خاتمي ڪان پوء ٽرومن ۽ آئزن هاور (دراصل ڊليس) جي نسبتاً رجعت پرست قيادت کي اڳيان آندو. 5 مارچ 1953 تي انقلابي دنيا جي عظيم اڳواڻ جوزف استالن وفات ڪئي. هو پنهنجي زندگيء ۾ اهي عظيم ڪارناما ڪري ويو هو جو ماڻهو ست جنم وٺن تہ بہ نہ ڪري سگهن. سندس انيڪ ڪارنامن ۾ لينن ڪان پوء ٽراٽسڪي ۽ ٻين بي انداز رجعت پرستن جي حملن ڪان انقلابي تحريڪ بچائي، روس ۾ سوشلزم اڏي، نازي درندگيء کي گوڏن ۾ ويهاري ناس ڪري، آمريڪا جي خرمستين کي منهن ڏيڻ ۽ سندس فوجي بالادستيء کي خاڪ ۾ ملائي هو. مرڻ ڪان اڳ هو آمريڪا جي ائٽمي برتريء کي ختر ڪري ان ڪان گوء ڪٽي جو بندوبست ڪري چڪو هو. هائيڊروجن بم جي ڪامياب تجربي ۾ باقي فقط اٺ مهينا هٿا. پر حياتيء مهلت نہ ڏني. سندس جاء نشين حقيقت ۾ خورشچيف وارو گروهہ ٽيو. جيڪي استالن جي اڳواڻيء هيٺ اڏجي چڪو هو تنهن جي پاور تي خروشچوف واري گروهہ پاڻ کي بنيادي طرح آمريڪا جي برابر طاقت محسوس ڪيو. ان حساب سان هڻ پنهنجي جدا راهِ عمل ۽ حڪمت عملي تيار ڪئي. ان جو مکيہ نقطو هو آمريڪا سان پرامن بقائي باهمي يعني ويڙهہ سان گڏ ناهہ. ان نئين پوزيشن ۾ جڏهن ٻين ڳالهين سان گڏ آمريڪاجي طرفان اوير جرمنيء، پولينڊ ۽ هنگريء ۾ بغاوت ڪرائڻ جون ڪوششون ناڪام ٿي چڪيون هيون، ڊين ٻين ڦو جي تاريخي فتح حاصل ٿي چڪي هئي، آمريڪا ڪوريائي جنگ کٽڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي هئي، مصر، عراق، ڪيوبا ۾ انقلاب اچي چڪا هٿا، تڏهن هن ٻين ڳالهين سان گڏ سوشلسٽ ملڪن کي بہ گهٽي لفٽ ڏيڻ بند ڪئي. اعلان ڪيائين تہ دنيا جو وجود خطري ۾ آهي. ان ڪري ڪٽي بہ کا گڙ ٻڙ نہ ٽئي. ان جو عوامي انقلابي تحريڪن تي برو اثر پيو.

اڪثريت پيٽرن ڪان ۽ شاگرد استادن ڪان اڳتي نڪري ويندا آهن. جي هر نسل اڳوڻي نسل جي ٿي منزل تي ٻيٽو هجي تہ ڪم ٿي نہ هلي. ملڪن، قومن ۽ تحريڪن جو بہ اهوئي حساب آهي. آمريڪي جڻ سڻڻ وجهڻ بہ انگريزن ڪان سکيا. پر اڄ ڪٽي آمريڪا ڪٽي انگريز! فرانس جي پٽرس ڪميون واري بغاوت مشهور آهي. خود مارڪس- اينجلس ۽ لينن ان تي هزارين صفحا لکيا آهن. پر

روس وارو 1905 وارو انقلاب ان کان اڳيري منزل وارو هو. چو ته ٻين ڳالهين سان گڏ ان پٽرس ڪميون جي خوبين ۽ خامين مان پرايو هيو. 1917 وارو فيبروري انقلاب ايڏو اڳيرو هو. 1917 وارو آڪٽوبر انقلاب سڀني کان اڳيرو هو. اڳيان سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيائين.

جيتوڻيڪ ضروري ناهي ته هر پوئين شيءِ پهرينءَ کان بهتر هجي يا ان جهڙي ئي هجي ۽ جيتوڻيڪ پسمانده پرنيٽ ۽ يورپي روس جي پورهيت آڪٽوبر انقلاب ۽ چين، ڪوريا ۽ ويٽنام جي ايشيائي نون جمهوري انقلابن ۾ جاگيرداري بنياد تي انقلاب ۽ سرمايه داري بنياد تي انقلابن وارو وڏ زمين آسمان جو فرق هو ته ب ڪيترن ڳالهين ۾ چين، ڪوريا ۽ ويٽنام جي انقلابن ۾ ڪي اهڙيون نيون خاصيتون Qualities هيون جيڪي آڪٽوبر انقلاب ۾ ڪونه هيون. ڪيترين ڳالهين ۾ اهي انقلاب اعليٰ سطح جا انقلاب هئا. اهي ملڪ قديم، مهذب ۽ وڏي شان وارا ملڪ رهيا آهن. انهن انقلاب مڙسا مڙسيءَ آندا هئا ۽ ڊگهي عرصي جي زبردست قربانين کان پوءِ آندا هئا. هن کي پنهنجي وطن تي، ان جي انقلابي جدوجهد تي ۽ پنهنجو پاڻ تي بجا طور تي فخر هو. هو هڪڙي قسم جي بي عزتي ۽ بالادستي جي عيوض ٻئي قسم جي بي عزتي ۽ بالادستيءَ قبول ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نه هئا.

خروشچوف ۽ سندس سنگتين نئين طاقت ۽ نين ڪاميابين ۽ آمريڪا طرفان اڻ سڌي طرح ملندڙ نئين عزت ۽ احترام جي نشي ۾ انهن ڳالهين کي نظرانداز ڪري ڇڏيو.

25 فيبروري 1956 واري خروشچوف جي استالن تي تقرير جيڪا هن ڪنهن ب برادر ملڪ جي اڳواڻن سان صلاح مصلحت کان سواءِ، عالمي انقلابي اڳواڻ خلاف ڪئي سا چين ۽ روس جي وچ ۾ چڪتاڻ جي تاريخ ۾ سنگ ميل ثابت ٿي. استالن فقط روس جو نه سڄي عالم جي انقلابين جو اڳواڻ هو. انهن کان پڇڻ کانسواءِ اوچتو ئي اوچتو ان خلاف تبرا چين کي سخت بري قسم جي آپيشاهي لڳي. ڪيس محسوس ٿيو ته ڪيس کابه اهميت کانه پيئي ڏني ويڄي. چيني استالن جي خامين ۽ ڪمزورين کان واقف هئا. هو خود انهن جو شڪار ب ٿيا هئا. پر هن کي خبر هئي ته سندس خوبين ۽ عظمتن جي پيٽ ۾ خامين ۽ ڪمزوريون گهٽ هيون. وڏو بحث شروع ٿي ويو. 1962 ۾ ڪيوبا جي بحران جي سلسلي ۾ چين، روس جي پاليسيءَ مان خوش ڪونه هو. ساڳئي سال هندستان ۽ چين جي سرحدي لڙائي لڳي. روس ان ۾ چين جي تائيد نه ڪئي. تان جو ٻنهي ڌرين وچ ۾ اهو اعليٰ اعلان دشمنيءَ وارو جهڳڙو شروع ٿيو جنهن کي اڄ ويهه سال ٿي ويا آهن. سرحدي جهڳڙو ان جو هڪڙو اهم حصو آهي.

روس، چين کي ڪنڌهيو ۽ ڪونہ. هو عروج تي ويڃي رهيو هو. آمريڪا سندس حيثيت کي تسليم ڪري رهي هئي. جولاءِ 1955 ۾ روس ۽ آمريڪا جي پهرين چوٽي ڪانفرنس ٿي. سيپٽمبر 1959 ۾ خروشچوف آمريڪا ويو ۽ ڏاڍي لئي رکيائين. مئي جون 1960 ۾ خروشچوف ۽ آئزن هاور جي چوٽي ڪانفرنس ٻوٽو واري واقعي ڪري ناڪام ٿي.

برزنيف، خروشچوف واري پاليسي ڪجھ ڦير گھير سان قائم رکي. هن هيلسنڪي معاهدو ڪرايو، جنهن موجب يورپ جا سڀ ملڪ پاڻ ۾ صلح سانت سان رهڻ جا پابند ٿيا. سڀني ميدانن ۾ روس اڳتي وڌيو. سندس دنيا جي ملڪن سان توڙي سوشلسٽ ملڪن سان وڌيڪ ڳوڙها لاڳاپا ٿيا. سندس پاليسيءَ جو بنيادي محور آمريڪا ۽ يورپ سان ناھ رهيو.

جولاءِ 1971 ۾ ڪسنجر چين ويو ۽ چين- آمريڪا ناھ ٿيو. مهيني ڪانپوءِ جواب جي طور 9 - آگسٽ 1971 تي روس، پارٽ سان ويهن سالن جو دوستيءَ جو معاهدو ڪيو. 1975 ڪان 1978 تائين 5 سالن ۾ ويٽنام، ڪمبوڊيا، لائوس، موزمبيق، انگولا، افغانستان ۽ ايٿوپيا آزاد ٿيا. روس جو اثر وڌي ويو. آمريڪا لاءِ ان وڌندڙ اثر کي روڪڻ لازمي بنجي پيو.

سالن جي ڪوشش کان پوءِ آمريڪا پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب نظر اچي ٿو. هيلسنڪي معاهدو نہ مڙل آهي نہ جيئرو. يورپ جون حڪومتون وري گھٽي ياگي آمريڪا جي اثر ۾ اچي ڇڪيون آهن ۽ غيرجانبداريءَ جا لاڙا ترڪ ڪري رهيون آهن. آمريڪا ۽ يورپ سرد جنگ وري شروع ٿي ويئي آهي ۽ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويئي آهي . جڻ ڊليس جو دورو وري شروع ٿي ويو آهي.

ڪيترا سال آمريڪا وار ڪيا آهن ۽ روس سڏو آهي. روس جي پوزيشن دفاعي پئي رهي آهي.

پر ائين ٿو لڳي تہ هاڻ اها صورتحال بدلجڻ جي شروعات ٿيڻ واري آهي! بين الاقوامي لاڳاپن ۾ نئيءَ جي نفي ٿيڻ شروع ٿي آهي!

ڏسجي ٿو تہ ريگن ۽ خروشچوف وانگر نين ڪاميابين سبب حدون ٽپي رهيو آهي ۽ ان وانگر پنهنجن اتحادي ملڪن توڙي پنهنجي ملڪ جي عوام جي خواهشن کي نظرانداز ڪري رهيو آهي.

ٻئي طرف روس ۽ آمريڪا ۽ يورپ جي سرمائيدار حاڪر طبقن جي دوستيءَ جي حد ڏسي ڇڪو آهي. ڪيس خبر آهي تہ هن کان وڌيڪ ڪيتري ۽ ڏاهپ ۽ جاکوڙ ڪبي تہ ۽ انهن ترن مان في الحال ڪوبہ وڌيڪ تيل نہ نڪرٽو آهي. في الحال هو آمريڪا ۽ پاڻ کي برتر سمجهي ان برتريءَ تي مست ٿي جئن آمريڪا چوندن تيئن ڪندا. ان کري هو اتي پوزيشن جيئن جو تيئن برقرار رکندي عالمي

سطح تي صورتحال کي درست بنائڻ لاءِ کو نئون گس ڳولي رهيو آهي.

اهو گس في الحال هڪڙو ئي آهي. چين سان ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۾ حالتون معمول تي آڻڻ .

ائين ڪرڻ سان چين جو ڊفينگ ٽولو جيڪو هينئر اتي قابض آهي ۽ جيڪو سندس خلاف آمريڪا ۽ ٻين سامراجين سان گڏ پنڊي ۾ ڏڇرپو ڪڙو ڪريو ٻيٺو آهي، تنهن جي پنڊي ۾ ڏڇرپو ختم يا گهٽ ۾ گهٽ مائا ٿيندا. سندس فوجون چيني سرحد تان واندين ٿيندين ۾ يورپ ۾ هو پنهنجي پوزيشن وڌيڪ مضبوط ڪري سگهندو. هند- چين ۾ ڇڪتاڻ گهٽبي. روس جي مٽي مان سور نڪرندو. چين افغان دشمن قوتن کي مدد ڪرڻ بند ڪندو، ۽ جڏهن جي ٽيڙي ڪجهه گهٽبي. آمريڪا جي معتبري حد اندر ايندي، دنيا جون انقلابي قوتون جيڪي هينئر هڪٻئي کي کائڻ ۾ مصروف آهن سي گڏجي هڪڙي فيل مست طاقت بنجي سگهنديون! هوڏانهن آمريڪا ۽ چين جو ياراٽو ٻه چوٽ تي چڙهي هاڻي موٽ کائي رهيو آهي. ٻئي ان ياراٽي جون آخري حدون ڏسي ۽ سمجهي ويا آهن. هو دوستيءَ جا فائدا ڏسي، ونڊي، کائي، هضم ڪري،هاڻ ان جي نقصانن جي ڪڙاڻ محسوس ڪري رهيا آهن. دستور موجب هنن کي هڪٻئي مان جيڪي اڄايون اميدون هيون سي ٻه ڪوڪليون ثابت ٿيون آهن. آمريڪا جي سرمائيدارن پانيو ته چين جي مجبوريءَ ۽ ڊينگ ٽولي جي رجعت پرست پاليسين مان ڏوَ ڪنداسين. اهي ٿيا، پر ايترا نه جيتري اميد هئي. چين کي هن جي ايڏي هيڇ ۽ چالاڪيءَ تي ڀڃان ٿي اچي ۽ هن هٽ روکيو آهي. عالمي مسئلن تي ٻه سندن خيالن ۾ اختلاف ظاهر ٿي رهيا آهن. مرڪزي آمريڪا، آفريقا ۽ وچ مشرق جي امريڪي پاليسين کي چين پسند نٿو ڪري. آمريڪا سمجهي ٿو ته چين کي استعمال ڪرڻ ته ٺيڪ آهي پر ان کي واقعي طاقتور بنائڻ ته هڃا ٿي پوندي. پس پيش ڪميونسٽ ملڪ پاڻ ۾ ٺهي ويندا. پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو؟ جيئن اڪثر پاڻ ۾ وڙهندڙ سرمائيدار ملڪ آمريڪا، انگلينڊ، فرانس، جرمني ۽ اٽلي وغيره نٿو جي پاليسي تي پاڻ ۾ هڪ ٿي ويا آهن!

جهيڙو وڌو آهي. معمولي ڪونهي. ويهن سالن جو جهيڙو هڪڙي ڏينهن يا سال ۾ ٻه ڪونه ٽٽندو. پر ٻنهي ڌرين جون ضرورتون ڪين ٺاهه ڏانهن ڌڪي رهيون آهن. حالتون ٻه ڪجهه سڌايون آهن. روس، آمريڪا ۽ يورپي سرمائيدار طبقن کان ۽ چين آمريڪا کان ڪٽو آهي. ٻئي سمجهن ٿا ته ڪين سرمائيدار طبقا لفت نٿا ڏين ۽ سندن ويڙهه جو ناجائز فائدو ورتو پيو وڃي. ٻئي موقعي شناس، چالاڪ ۽ پراڻا گهاگهه آهن. پير، پير ڪري هڪٻئي ڏانهن وڌن ٻه پيا ۽ هڪٻئي جون گلائون ٻه پيا ڪن. پر اهڃاڻ هي آهن ته ايندڙ ٻن کان پنجن سالن جي اندر سندن تعلقات معمول تي اچي سگهن ٿا. انهن اهڃاڻن ۾ تازا اهڃاڻ چيني اقتصادي

وفد جو روس ويڙ، روسي راندڪرن جو چين ويڙ، سرحدي ڳالهين جو وري شروع ٿيڻ، برزنيف جي تازي تقرير، تازي چيني پارٽي ڪانگريس ۾ روس تي دستوري ڇتي تنقيد ۽ نرمي، روس جي دوست فرانس جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سربراهه جو تازو چين جو دورو، ڪرنل قذافي جو چين جو دورو وغيره شامل آهن. هوڏانهن هندستان ۽ چين، پاڪستان ۽ هندستان ۾ ڇڪتاڻ گهٽائي رهيا آهن. روس، چين ۽ هندستان جي وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽجي ويئي تہ هيوڪير انهن کي زير ڪري سگهندو؟.

هر شيءِ ۾ هر ڳالهہ ۾ تضاد آهن. هر حرڪت جو رد عمل ٿئي ٿو. آمريڪا جي رجعت پرست هڪ هٿي سرمائيدارن ۽ سندن ساٿي يورپي سرمائيدار ٽولن جي موجوده اقتصادي، سياسي ۽ سماجي پاليسين جو ردِ عمل پيدا ٿي چڪو آهي. جيڪي پوڪيو ويو آهي، ان جو فصل ايري ۽ نسري چڪو آهي. بيروزگاريءَ، جنگي جنون ۽ ٻين رجعت پرست پاليسين خلاف آمريڪا، يورپ ۽ جپان ۾ عوام جو زبردست رد عمل ٿيو آهي. اڄ امن جي تحريڪ پنهنجي عروج تي آهي. بي روزگاريءَ خلاف تحريڪ زور آهي. آمريڪي عورتون رجعت پرستي، جنگ ۽ بي روزگاريءَ خلاف جدوجهد ۾ هڪ اهر قوت بنجي سامهون آيون آهن.

ڪنهن زماني ۾ ڪو ماڻهو آمريڪي صدر چونڊبو هو تہ خوشيءَ سان ٻيو پيرو ٻہ چونڊجي ويندو هو. پر جانسن ۽ ان کان پوءِ ڪو ٻيو صدر ٻي مدت تائين تڳي ڪونہ سگهيو آهي. ريگن جي مخالفت ٻہ وڌندي ويڃي.

هوڏانهن سوشلسٽ پارٽيون جيسين اقتدار ۾ هيون تيستائين منجهن رجعت پرست زور هٽا، جڏهن اقتدار کان محروم ٿيون آهن تہ منجهن ترقي پسند ڏر زور ٿي ويئي آهي. برطانيہ جي ليبر ڏر ٽهراءَ پاس ڪيو آهي تہ اقتدار ۾ آياسين تہ انگلينڊ جا ائٽمي هٿيار ناس ڪري ڇڏينداسين! جرمنيءَ جا سوشلسٽ ٻہ هاڻ ساون (Greens) سان گڏجي ويندا جيڪي جنگ جا مخالف آهن ۽ هڪ قوت بنجي چڪا آهن. اهي ٻئي ڏريون حاڪم ٽولن جي پيرن ۾ زنجيرون وجهي سگهن ٿيون. عجب ناهي تہ ايندڙ ٻن ٽن سالن اندر آمريڪا ۽ يورپ ۾ جنگي تيارين، بي روزگاريءَ ۽ رجعت پرستي خلاف هڪ زبردست لهر اٿي جيڪا موجود حڪومتن کي لوڙهي ڪڍي وڃي. تاريخ شايد پاسو بدلائڻ جا سانباها ڪري رهي آهي!

ان جا اثر پاڪستان ۽ ان جي عوام تي ڳوڙها پوندا.

31/10

اڄ ٻہ ڏينهن شاندار آهي. نہ گرم نہ ٺڏو. وڇڙو ۽ وٺندڙ. هوا وٺندڙ آهي. رات سڄي رات نند ڪانہ آئي. سخت تڪليف هئي. برداشت ڪيم. صبح جو ٽيڪ آهيان، اڪ ۾ دوا وجهائڻ تي دل نٽي ٿئي، پر وجهائڻي پوندي. تي- وي اڄ

فئڪٽريءَ مان گهرائي ورتر جو ڪلهه لڪي موڪليائون تہ اسان کان ڪاڪ ٺهندي. ٻاهر موڪلڻي پوندي. پرويز کي چوائي موڪلجي تہ ڪٽي ويجي ٺهرائي ڏي، ڊپٽيءَ کي لکان ٿو.

1/11/82

آئيگي، آئيگي، آئيگي
ڪسي کو هماري ياد آئيگي!
لتا صبح سان باهيون ٻاريو بيٺي آهي.

رات بہ ڇڄ دير ننڊ نہ آئي. پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر سر ڊينزل ابٽسين جي مشهور معروف رپورٽ "پنجاب جي ماڻهن جا نسل، ذاتيون ۽ قبيلا" عرف "پنجاب جون ذاتيون" پڙهندو رهيس. مزا ٿي ويا! سندن جي ذاتين ۽ قبيلن جي پنجاب ۾ رهندڙ ماڻڻن بابت ڪافي معلومات هٿ ڪيم. وڏو تحقيقاتي ۽ عالماڻو ڪارنامو آهي اها رپورٽ!

2/11/82

جهڙي اڇي منڊم تهڙي پائلي،
جهڙو گورو صاحب تهڙي پائلي،
مارن مُڪي کا پگهار منجهان پائلي،
پائلي ڙي الا! مون کي مارن مڪي!

پورن ڇهن سالن کان پوءِ اڄ صبح جو ڪراچيءَ تان پٽ شاهه جي خورشيد بيگم جي 'پائلي' ٻڌيرا! 'پائليءَ' سان ڪيئي يادون ڳنڍيل آهن. اسين راڄ مڙسن جوڪراچي سينٽرل جيل مان تڙجي سزا طور ۽ وقت جي سندن سرڪار جي منظورِ نظر قومي اتحاد وارن لاءِ آرام واري جڳهه خالي ڪري ڏيڻ لاءِ خيرپور جي ڪلر ۾ اچي قيد ٽياسون. اتي مون وٽ ٽيپ رڪارڊ هو، ان تي پائلي ۽ زرينہ جو ڳايل خاڪي جويي جو ڪلام "پاڻ کي هاڻي آزاد گهرجي وطن!" ۽ ڪي ٻيا ڪلام ٽيپ ڪري ڇڏيا هٽاسون. قيدين ۾ سڃاڻپ پيدا ڪرڻ لاءِ انهن سان ڪچهري ڪبي هئي. پر شروعات ۾ ڪين ٻڌائيا هٽا. پهرين 'پائلي' ۽ پوءِ آزاد وطن. "ڪيڏانهن ٿو وڃن؟ چي "پائلي ۽ آزاد وطن ٻڌڻ"

رات طبيعت خراب هئي. ننڊ ڪانہ آئي. تڏ لڳي وئي. سڄو ڏينهن بستري ۾ داخل رهيو آهيان. الائي انجيڪشنون هٽائيون پوندیون الائي ڇا؟ اڄ مختيار جو خط آيو. سرائيڪي ۾ لکيو اٿس لاهور تان غزل ٻيا اچن.

دلِ مضطرِ کو سمجهايا بهت هي

مگر اس دل نہ تڑپايا بهت هي
تبسم بهي، حيا بهي، بي رخي بهي،
يہ اندازِ ستم بهايا بهت هي
رہِ هستي کي اس جلتي سفر مين
تمهاري ياد کا سايہ بهت هي

فريدہ خانم اجهو هينئر اهو غزل ٻڌايو ۽ تنگ توري ڇڏيائين. چئبو ايڏا آهي ملڪ ۾! اخبار کانہ ملي اڄ! آمريڪا ۾ اڄ کانگريس جي اليڪشن آهي، ڏسجي ٿو تہ ريگن کي گهٽو نقصان شايد نہ پوي. ضيا اندونيشيا آهي. ضيا- اندرا ملاقات جا ڏسون ڪهڙا نتيجا تا نڪرن، خدا ڪري ڇگا نڪرن ڇو تہ ضيا اڄ آهي سياڻي ڪونہ هوندو. پاڙيسري ملڪن سان ناتا بهتر ٿين تہ هن جي "پاڪستان خطري ۾!" جي ڪن نہ نمرن مان تہ جند ڇٽي. ماڻهو ڪيڏانهن ٽنگ ڏکهي ڪري تہ سگهي! دهلي ڏسي، ڪلڪتو ڏسي، بمبئي ڏسي، لکنئو ڏسي، تاج محل، اجنتا، ايلورا ... سڀ ڪجهہ ڏسي. مهڙو ويل ڪٽي ڪونہ ٿيو جو سڄي عمر ماڻهو لوڙهي ۾ بند ٿيو پيو آهي. يورپ پلي ويو باقي هندستان نہ! يورپ لاء لک ڪٹان اڇن؟

ممتاز بيگم، خواجہ فريد جو نيم سنڌي ڪلام سنڌي ڏن ۾ پيئي ڳائي:

توبن موت پلي ،
اپني ديس وچان،
جهو ڪان ياد پون.

طبيعت ٺيڪ ناهي. اڄ ڪم ڪو بہ ڪونہ ٿو پهچي. رڳو گانا پيو ڳوليان!

پيار کرتي کرتي کبهي کهو جائينگي
ان هي بهارون کي آنچل مين چپ کبهي سوجائينگي!
کبهي الوداع نا کهنا!
چلتي چلتي ميري يہ گيت ياد رکهنا
کبهي الوداع نا کهنا!

ڪابل تان فرمائش پئي اچي. شارٹ ويو تان. اهو گيت غازي صلاح الدين ٻڌائيندو هو سينٽرل جيل حيدرآباد ۾! اڄ غازي ۽ ٻيا يار ياد ڏياري ڇڏيائين. تڏ جي ڪري بي آرامي آهي. ڪم تي دل نٿي چوي. پر سرابيٽسن جي ڪتاب مان

جيڪي ڳالهيون معلوم ٿيون آهن تن مان ڪي چون ٿيون تہ "اسان کي هروپرو هينئر لکا" ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي! ماشاء الله!

بلوچ، پنجاب ۾ 1511 ڌاري آيا جڏهن ارغون بلوچستان تي قبضو ڪري ويا ۽ چاڪر خان کي بلوچستان خالي ڪرڻو پيو. سنڌ ئي 1521 ۾ارغون سنڌ تي قابض ٿي ويا ۽ ٻين سان گڏ سنڌ ۾ رهندڙ بلوچن تي باه ۽ ڇڏيائون. کي کوس بہ ڪيائون. ارغونن کي پهريون دعوت ڏيئي وئي چاڪر خان آيو هو لاشارين کان شڪست جو بدلو وٺڻ لاءِ. ارغونن جي مدد سان انهن کي ماري سنڌ ڏانهن پڇائي ڪڍيائين. پر سنڌ ئي سندس سرپرستن يعني ارغونن کيس ئي پڇائي ڪڍيو. انهن کي وري شڪر آهي بروهين جيڪي بلوچن کان اڳ بلوچستان جا والي هئا تن بي دخل ڪيو. چاڪر خان ساڻيو چاڪر فيروز وارو قصو ڪيو جنهن درياخان خلاف ارغونن کان مدد ورتي ۽ سنڌ وڃايائين. انهيءَ ڪري چاڪر فيروز اسان وٽ غدار سڏبو آهي. چاڪر خان ۽ چاڪر فيروز هڪ عمر هئا. چاڪر خان غيرن کي پنهنجي وطن تي چاڙهڻ جي انهي پاليسي سان ملڪ وڃائي وڃي مغلن جو جاگيردار ملازم بنيو. پنجاب ۾ ايبٽسين جي چوڻ موجب ساٺس ڳڏ ۽ سندس پٽيان ڪل 35 بلوچ قبيلا پنجاب ۾ آيا. منجهائن کي قبيلا هئا: لغاري، جتوئي، گورچاڻي، کوسا، لنڊ، مزاري، جسڪاڻي، ڊيشڪ (دريشڪ) ۽ بگٽي. پوري هڪ صدي اڳ سال 1882 ۾ انهن جي صوبي پنجاب (دهلي سميت) ۾ آبادي هيءَ هئي: لغاري (26,334)، جتوئي (1,232)، گورچاڻي (17,141)، کوسا (11,446)، لنڊ (10,888)، مزاري (8,661)، جسڪاڻي (3,705)، ڊيشڪ (4170)، بگٽي (529)، ٻيون ذاتيون هيون: گشڪوري، مهراڻي، بوزدار، لاشاري، کورائي، چانڊيا، گوپانگ، هوت، نوتڪاڻي، گرماني، ڪولاچي، قمبراڻي، مستوئي، مشوري، دستي، هاجاڻي، ڪشڪ (خشڪ؟)، ڪيتران، پتافي، بجراڻي، باڌاڻي، پاچر، ٽانوري، سنجراڻي، سهرياڻي، لسڪاڻي، مگسي، احمداڻي، ڪبول، قندراڻي، ڪپيچاڻي، عالاڻي، جعفراڻي، حيبتاڻي، سرگاڻي، شيخاڻي، شاهاڻي، مرياڻي ساڪاڻي، مزڪاڻي، لغاري قبيلي جو ذڪر ڪندي ايبٽسن مٽڪ گريگر جي ڪتاب Gazetter of the N.W.F Vol:II P.25 جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ سنڌ جو ٽالپر گهراٽو هن قبيلي جو آهي، سندس چوڻ آهي بلوچن جو هڪڙو لنڊڙو قبيلو وڃي لوڌي پٺاڻن سان مليو ۽ ڊيري غازي خان جي اتر ۾ سالٽ رينج ۾ رهي ٿو. سندن اٽڻ ويهڻ پٺاڻن سان آهي ۽ انهن جوئي حصو ليڪجن ٿا. دهلي، گرگائون، ڪرنال، هسار، روهتڪ، لڌياڻي، امرتسر، گجرانوالا، فيروزپور ۽ پندي ۾ جتن جون بستيون آهن. جن مان گهڻا بلوچ آهن. هڪڙو بلوچ قبليو خاص مجرم پيشہ مشهور آهي جو الائي ڪيئن وڃي ٽانيسور

(دهلي جي ويجهو) کان نڪتو آهي. بس رڳو "بلوچي قبيلو" سڏجي ٿو. انبالا ۽ ڪرنال (پارت) ۾ رهي ٿو. پاڻ کي رند، لاشاري، جتوئي ۽ ڪورائي سڏائن ٿا. اٽ ڏارين، زالون پردوڪن، رنگ جا سانورا ڪارا، هنيءَ ٽڪر ۾ ڪن پر حقيقي ڪم اٽن سڄي هندستان ۾ ڦريون ڪرڻ. فقيرن ۽ ڪهورڙين جي ويس ۾ هلن. 1877 ۾ پنجاب جي هوم ڊپارٽمينٽ انهن بابت هڪ خاص رپورٽ حڪومت هند کي موڪلي. ٻئي طرف پٺاڻ لوڌين (ابراهيم لوڌي) جي هڪڙي قبيلي جو پاڙو لغارين سان گڏجي ويو آهي.

پنجاب جي بلوچن جا مرڪز ديرو غازي خان، ديرو اسماعيل خان عظيم ڳڙهه، جهنگ، شاهپور، ملتان، ۽ بهاولپور آهن (ص 43 کان 57 ۽ 283) پنجاب ۾ کي اهڙيو ذاتيون آهن جي سنڌ ۾ ۽ آهن مثلاً سومرا، جويا، ڪچي، يٽي، پٽا، ٿهيم، سيال، ڪلهوڙا وغيره، سومرا هتي هڪ صدي اڳ پاڻ کي اڪثر جٽ يا جاٽ سڏيندا هئا. ڪي پاڻ کي راجپوت ۽ سڏائيندا هئا. ان وقت پنجاب ۾ سومرن جي ڪل آبادي 14-15 هزار هئي. هو ٿورا ٿورا لڏياڻي، جلندر، هوشيارپور، امرتسر، گرداسپور ۾ ۽ رهندا هئا. ملتان ۾ ۽ هزار سومرا هئا. (ص 134) پنجاب ۾ پٽا ڪل 27-28 هزار هئا. هنن مان گهٽا پاڻ کي جٽ يا جاٽ سڏائيندا هئا ۽ ٿورا راجپوت. گهٽا ملتان ۾ ديري غازي خان ۾ رهندا هئا. هو سورج بنسي راجپوت چيا وڃن ٿا. (ص 211) ٿهيم ڪل 23460 هئا. شاهجان جي دور ۾ هندستان جو وزيراعظم چنيوٽ جو ٿهيم هو!

هڪ صدي اڳ جويا پنجاب ۾ ڪل 41901 يعني اٽڪل 42 هزار هئا. انهن مان ٻارهن هزارن کن پاڻ کي جٽ ياجاٽ لکيو. باقي 30 هزارن پاڻ کي راجپوت لکايو (ص 132) .

يٽي اٽڪل سادا ٽي لک هئا. جن مان اڌائي لکن پاڻ کي راجپوت لکايو. ٽون يٽي آهن. ڪرل 35-63 هزار هئا. ڪچي 15 هزار هئا. پنوار (يا پنهور؟) 76+77 هزار هئا، سيال 90 هزار هئا. ابٽسين يٽيءَ، يُٽي، جويي، ڪچي، ڪرل، لانگاهه، پنوار، سيال ۽ سومري کي راجپوت سڏي ٿو.

جويا ٿورا ٿورا هسار، روهتڪ، سرسا، ملتان، جهنگ، ساهيوال ۽ مظفر ڳڙهه ۾ رهندا هئا، دولتانا جويا آهن. ابٽسن جي چوڻ موجب پنوار (پنهور) پرمار راجپوت آهن. هي ڪنهن زماني ۾ اڳني ڪل راجپوتن ۾ سڀ کان اهم هئا. مشهور چوٽي آهي "هي جهان پرمار جو آهي." هو ستلج جي هيٺان درياڻي سنڌ کان ونڊي درياڻي جمنا تائين جي ٽر جا مالڪ هئا پر 1826 ۾ وٽن فقط ڊٽ جي صحرائي رياست هئي. 1882 ۾ هو بياس نديءَ جي ڪنارن تائين جلندر ۽ گرداسپور ۾ ۽ هئا. منجهائن ڪيترا روهتڪ ۽ هسار ۾ رهندڙ هئا (س 144).

پٽي چندر ونسي راجپوت آهن. هن کي اڳوڻي زماني ۾ درياء سنڌ کان زبردستي ڪڍيو ويو. پر اٺ صديون اڳ هو موڻي آيا ۽ لانگاهه، جويي ۽ ٻين کي بي دخل ڪري ستلج جي هيٺين پاسي تي قابض ٿيا ۽ جيسلمير جو بنياد رکيائون. جنرل ڪننگهام جي چوڻ موجب پٽي سالٽ رينج (پندي) ۽ ڪشمير جو والي هو. سندس مک شهر 'پٽنير' جيڪو 'ڪهڪهرندي' جنهن کي اڳ 'سرسوتي'، پوء 'هاڪڙو' سڏبو هو ان جي ڪناري تي هو. ڏونَ ۽ وٽو پٽيءَ جون شاخون آهن (ص 145.144) سيال، پنوار راجپوتن جي شاخ آهي (ص 147) ٽوانا ۽ پنوارن جي شاخ ڇيا وڃن ٿا (ص 148) مهر جويي جو پاڻ آهي. (ص 146) ڪچي چوهاڻ راجپوت آهي (ص 144).

جويو، راجپوتن جي 36 شاهي پاڙن مان هڪ آهي. قديم تاريخي ڪتابن ۾ ڪيس "جنگل ديس جو آقا!" سڏيو ويو آهي. هريانه، پٽيانه، پٽنير، ناگور سندس قبضي ۾ هئا. جتي سندو ۽ ستلج پاڻ ۾ ملن ٿيون اهو علائقو جوين ۽ ديهن جو ڪڍيل علائقو هو. ست صديون اڳ ڪين پٽين ڏکي ڪڍيو، وري مٽن راڻوڙن حملوڪيو، ٽار لکي ٿو. راڻوڙن ملڪ کي باهه مان ڪڍي ڇڏيو. هر شيءِ تباهه ڪري ڇڏيائون پر جويو گهر نه ٿيو آهي پراڻي گهگهر (هاڪڙو) واري پنهنجي پراڻي مرڪز وٽ علائقو وٽن آهي. ملتان جي پار (درياهن جي وچ وارو علائقو) اڄ به جويا بار سڏجي ٿو بهاول پور ۾ سندن حيثيت خود مختيار هئي پر دائود پوٽن اها ختر ڪئي. (ص 146)

جنرل ڪننگهام چئي ٿو ته جويو سالٽ رينج (پندي) ۾ به آهي."

هسار (هندوستان) جا جويا چون ٿا اسان جي وڏي ماءُ سميجي هئي. اهي سميجا پٽيءَ سان گڏ مٽرا کان پٽنير آيا هئا (ص ۱۴۵)

پٺاڻن کي هي ٽن قومن ۾ ورهائي ٿو. (۱) غلزئي. (۲) هندوستاني پٺاڻ (۳) افغان. سراولئف ڪٹرو سابق گورنر سرحد پنهنجي مشهور ڪتاب The Pathans ۾ به اها تفسير ڪئي آهي.

غلزئي ترڪ ۽ ايراني نسل جا آهن. پوء وري اهي ايراني پيءُ ۽ افغان ماءُ جو اولاد آهن. غلزئي ۽ لوڌي پاڻ ۾ گڏ آهن.

خالص غلزئي هي قبيلا آهن: سليمان خيل، علي خيل، آقا خيل، اسحاق، اندر ۽ تره کي (نورمحمد وارا). لوڌي قبيلا هي آهن: خاسور، پرنگي. سوَر (شيرشاه سوري وارو)، تانور، بلوچ (هي گڏيا آهن وجي ساڻن.) دولت خيل، ميان خيل، بختيار (يحيٰ بختيار وارا)، مروت، نيازي، ڪندي، دتاني، هڪڙو ٻيو به قبيلو غلزئي ۽ لوڌين سان گڏ آهي: سراواني.

اصل پٺاڻ ٻن شاخن ۾ ورهايل آهن. هڪڙا ڪرلانري جيڪي بنيادي طرح هندستاني آهن پر منجهن ترڪ خون ۽ شامل آهي. ٻي شاخ آهي ڪاڪڙ. هن ۾ هندستاني خون سان سڌين خون ۽ شامل آهي. گوتر ٻڌ ۽ سڌين يا ساڪا نسل جو هو ان ڪري ڪيس ساڪامني چوندا آهن.

ڪرلانري وري ٻن شاخن ۾ ورهايل آهن: ڪوڊائي ۽ ڪاڪائي. ڪوڊائي قبيلا هي آهن: منگل (مينگل نه)، وردگ، هاني، دلازنگ، اورڪزئي، ڪاڪئي وري هيٺين شاخن ۾ ورهايل آهن: وزيري، شتڪ، خگيائي، برهان.

وزيري هي قبيلا آهن: لالائي، محسود، گربز ۽ درويش خيل. شتڪ هي آهن: دور ۽ تاني. خگيائي هي آهن: جاجي، توري، خوستوال، در مان، پربا، خگيائي (خاص)

برهان هي آهن: خٽڪ، آفريدي، اتمان خيل، جدران

ڪاڪڙن ۾ هڪڙا خود ڪاڪڙ آهن ٻيا ساڻن شيراني آهن ٽيا ساڻن سيد آهن.

ڪاڪڙ هي آهن: ڪاڪڙ (خاص)، بابي خيل، مندو خيل، پني (هي شايد سبي تي قابض هئا)، نگهار، دادي يا ڪنڊي.

شيراني قبيلا هي آهن: شيراني (خاص)، هري پائي، جاواني، بابر (هڪڙو سابق گورنر سرحد ۽ بابر هو)

ڪاڪڙن سان مليل سيد قبيلا هي آهن: بختيار، اشترن، گنداپور (هڪڙو گنداپور قتل ٿيو.)

انهن ڪانسواء پٺاڻن جا ٻه ٻيا ۽ قبيلا آهن: بنگش ۽ بتني يا بتاني.

خاص افغان قبيلا ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا غور جا افغان، ٻيا اهي افغان جي پشاور يا قندار کان لڏي ويا ۽ غور جي افغانن سان ملي هڪ ٿي ويا. انهن مان هڪڙا آهن شرڪبون جو اولاد ٻيا آهن خرشبون جو اولاد. شرڪبون جي اولاد قبيلا هي آهن: أرمار، بارائچ، ميائا، شيراني، ترين (تور ترين ۽ اسپن ترين ڪارا ترين ۽ گورا ترين) ابدالي (زيرڪ ۽ پنجپال)

خرشبون جو اولاد قبيلا هڪڙا ڪهوڙياخيل آهن. اهي هي آهن: ملاگوري، بارمحمد، پلين دائود زئي، خليل (ارباب سڪندر خليل وارو قبيلو) چمڪاني، زيراني.

ٻيا آهن ككائي خيل (ڪڪائي خيل نه). ككائي خيل ۾ ترڪا نلري ۽ گرگياني قبيلن کانسواء ٻيا آهن يوسف زئي. خاص يوسف زئي قبيلا آهن بادي خيل، عيسيٰ زئي، الياس زئي، مالي زئي ۽ اڪوزئي. ساڻن مندور قبيلا ٻه گڏيل آهن جي يوسف زيئن سان گڏ ليکيا آهن. پر آهن الڳ. مندور قبيلا هي آهن:

عثمان زئي، اتمان زئي، سدزئي، رازار.

انهن کانسواءِ خرشبون جي اولاد مان قبيلا آهن کانسي ۽ زمند. کانسي مان شنواري قبيلو آهي. زمند مان خوشگي ۽ محمد زئي قبيلا آهي. ولي خان وارا محمد زئي آهن.

غلزئي قبيلا پاوندا آهن. يعني اونهارو افغانستان ۾ رهن ۽ سيارو پاڪستان ۾ اچن. غلزئي بلوچستان ۾ به آهن ۽ بلوچ قوم جو حصو بنجي ويا آهن. اُرمار هندڪو ڀالهائيندا آهن. بنگش ستين نسل جا سمجهيا وڃن ٿا.

ستين قبيلن مان ڪن جا علاقا هي هئا: ۱. نيازي- بنو ضلع جي اتر ۾ سنڌوَ جي ٻنهي ڪنارن تي. ۲. ڪاڪڙ- افغانستان جي ڏکڻ اوير ۾. غلزئي علاقي، گورن ترين جي علاقي ۽ بلوچن جي علاقي جي وچ وارو علاقو جو ڪاڪڙستان سڏجي. ۳. وزيري- اولهائين سفيد ڪوهه جي لاهين تي. ديره اسماعيل خان جي اتر اولهه سرحد تي پهاڙن ۾. بنو جي سرحد وارن پهاڙن ۾ رهندا هئا. ۴. خٽڪ- ڪوهاٽ جي ڏکڻ، مرڪز ۽ اوير ۾. پشاور جي ڏکڻ اوير ۾. ٻائي زئي وادين جي اولهه ۾ بنون جي اتر اوير سرحد وٽ. ۵. آفريدي- خيبر پهاڙي سلسلي ۾. پشاور جي اوير اولهه جي پهاڙن ۾ ڪوهاٽ جي اتر اوير سرحد وٽ. ۶. بنگش- ڪوهاٽ ضلعي جي اتر اولهه ۾ ميران زئي ۽ ڪوهاٽ وادين ۾ ڪرم ايجنسي ۾. ۷. محمد زئي- پشاور ۾ هشت نگر ۾. ۸. يوسف زئي- پشاور ۾ يوسف زئي ميدان ۾. چملا وادي ۾. هزارا ۾ سنڌوَ جي ڪابي ڪپ تي. سوات، بنير، پشاور جي اترين پهاڙن ۾ ۽ پشاور ۾ نوند خور وادين جي هڪڙي حصي ۾. ۹. ابدالي- قندار ۾. ۱۰. ترين- پشين، ڏکڻ اوير افغانستان جي سيوستان علاقي ۾.

پنجاب جي ڪن بلوچ قبيلن جو ڪجهه مختصر احوال هي آهي:

مزاري- ديري غازي خان جي ڏاکڻي حصي ۾ ويٺل هئا. سنڌ جي چانڊين سان وڙهي هيڏانهن آيا هئا. چون ٿا هوت (پنهونءَ وارو عيال) جو اولاد آهيون. (چانڊيا به هوت جي اولاد چيا وڃن ٿا). تن ڏينهن سندن ۴- پاڙا هئا- رستماڻي، ماسيداڻي، بالاچاڻي ۽ سرڪاڻي. سردار بالاچاڻي مان هو جيتوٽيڪ ڪهڙائي رستماڻي ۽ ماسيداڻي جي هئي.

ڊيشڪ:- چڙوچڙ رهيا ٿي. سليمان جبل جي قطار جي پتوڪ لڳ ڪان سوري لڳ جي وچ واري علاقي ۾ رهيا ٿي. سندن پاڙا هئا. ڪرماڻي، منگواڻي، گلفاز، سرگاڻي، عارباڻي ۽ جسڪاڻي. سردار ڪرماڻي مان هو. سندن مرڪز راجڻ پور جي پرسان آسني هو.

گورچاڻي:- سليمان جبل جي ماري ۽ درگال ٽڪرين وٽ رهندا هئا. ٻارهن پاڙن ۾ ورهايل هئا جن مان مکيه هئا: درڪاڻي، شيخاڻي، لاشاري، پتافي، جسڪاڻي ۽ سبزاڻي. (هڪڙن قبيلن جا ننڍا پاڙا رسي وڃي ٻين قبيلن سان گڏبا

هئا. اهو دستور دنيا جي سڀني قبيلن ۾ آهي.

ٽبيءَ جا لنڊ:- گورچاڻي جي علاقي جي وچ ۾ هڪڙي ننڍڙي علاقي ۾ رهيا ٿي. منجهن لنڊ، رند ۽ ڪوسا شامل هئا.

لغاري:- گورچاڻي جي اتر ۾ ڪو الڪ کان ديري غازي خان جي ٽورو اتر ۾ سخي سرور لڳ جي وچ واري علاقي ۾ ويڙل هئا. سندن چار پاڙا هئا. حدياڻي، عالياڻي، بغلاڻي ۽ حيبتاڻي. سردار عالياڻي مان هو. سندن مرڪز چوٽي زرين هو.

ڪيتراڻ:- لغارين، ڪوسن ۽ لنڊن جي اولهه ۾ وينا هئا. هي سنڊيءَ سان ملندڙ جلندڙ هولي ڪيتراڪي ڳالهائيندا هئا. هن ۾ چار پاڙا هئا: ڪانجورا، ڏاڙيول (جٽ قبيلو)، حسيني ۽ بابر (پٺاڻ). هي دولتمند قبيلو هو.

ڪوسا: هي لغارين ۽ قيصراڻين جي وچ واري علاقي ۾ وينا هئا. سندن وچ ۾ سوريءَ وارا لنڊ ويڙل هئا. سندن چهه پاڙا هئا. بابلاڻي، عيساڻي، جليل، جنڊاڻي، جروار ۽ مهرواڻي.

سوريءَ جا لنڊ:- ننڍو قبيلو هو. سندن چهه پاڙا هئا. حيدراڻي، باقراڻي، زرياڻي، گرزواڻي، نوحاڻي ۽ گورچاڻي.

بوزدار:- هي اتر ۾ سليمان جبل جي سنگهار لڳ کان وٺي ڏکڻ ۾ ڪوسن ۽ ڪيتراڻن جي علاقي تائين وينا هئا. قيصراڻي سندن هيٺان وينا هئا. سندن پاڙا هئا. دولاڻي، غلاماڻي، چاڪراڻي، سِهاڻي، شهواڻي، جلالاڻي، جافراڻي ۽ رستماڻي. هو تلوار بدران ٽوپاڪ سان وڙهندا هئا. ۽ ديندار هئا.

قيصراڻي:- سڀني کان اتر ۾ ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل جي سرحد جي ٻنهي پاسي وينا هئا. غريب قبيلو هو. سندن پاڙا هئا. لشڪراڻي، خندين، بوداڻي، واسواڻي، لغاري (!)، جروار ۽ رستماڻي.

نوتڪاڻي:- هي ڪوسن ۽ قيصراڻين جي وچ ۾ ويڙل هئا. سنڊؤ سان ويجيو ٿي لڳا. هي طاقتور قبيلو هو. پر رنجيت سنگهه هن کي تباهه ڪري ڇڏيو.

ڏسجي ٿو ته اهي قبيلا بنيادي طرح اڄ به انهن ئي پٽن ۾ رهن ٿا.. ايبٽسين بلوچن ۽ پٺاڻن جي قومي ڪردار ۽ خصلتن تي به تبصرو ڪيو آهي. ان جو تت هي آهي:

" ڪيترين ڳالهين ۾ بلوچ پنهنجي پاڙيسري پٺاڻ جي بنهه ابتڙ آهن. ٻئي ..... قبائلي آهن. پر هڪڙو (بلوچ) سردار کي ذري گهٽ بادشاهه سمجهي سندس تابعداري ڪري ٿو. ٻيو (پٺاڻ) قبيلي جي جرڳي ڪانسواءِ ڪنهن جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي ، ٻنهي ۾ گهٽي قدر اهي چڱايون ۽ برايون آهن جي جهنگلي (Wild) ۽ اڌ سڌريل زندگيءَ ۾ هوندیون آهن. ٻنهي جي نظر ۾ مهمان نوازي مقدس فرض آهي ۽ مهمان کي ڪوسو واءُ لڳڻ ڏيڻ حرام. ٻئي انسان جو پهريون فرض 'خون جي بدلي خون' وهائڻ سمجهن ٿا..... ٻئي هڪڙي خدا ۾

ايمان رکن ٿا جنهن جو نالو الله آهي ۽ محمد (صلعم) جنهن جو رسول آهي. پر هڪڙو (بلوچ) پنهنجي دشمن تي سامهون وار ڪندو آهي ٻيو (پٺاڻ) پٺيان. هڪڙو (بلوچ) پنهنجي قول سان ٻڌل آهي ٻيو (پٺاڻ) پنهنجي وقتي مفاد سان. قصو مختصر. بلوچ پٺاڻ کان گهٽ جهيڙيڪار. گهٽ دغاباز. گهٽ رت جو پياسو ۽ گهٽ مذهبي جنوني آهي. سندس مذهبي عقيدي ۾ خدا گهٽ آهي ۽ سندس فطرت ۾ شيطاني گهٽ آهي. پٺاڻ کان هو قد جو لائيرو آهي..... پر ..... هو پٺاڻ وانگرئي دليرِ ۽ مرداني چال وارو آهي. هو صاف گو. کليءَ دل وارو. خوشامد کان آزاد. کافي سچار.. قول جو پڪو. نشي پتي کا چٽل. قوت برداشت وارو. دليريءَ کي اعليٰ ترين گڻ ليکيندڙ آهي.....

"..... هو شخصي صفائيءَ جي خيال کان تمام گندو آهي ۽ صفائي ستڪرائيءَ کي زنانهي عادت سمجهي ٿو....."

3/11/82

شام. سجو ڏينهن بستري ۾ داخل رهيس. پر رات ننڊ خلاف توقع اچي ويئي. زڪام في الحال کونہ ٿيو. پر ايڏا بہ ڊپ اٿر. "جنگ" ۽ 'نوائي وقت' کي جڙ چٽي چڏيءِ! ادبي صفحا پڙهيم. دل ۾ فيصلو ڪيم تہ جڏهن بہ موقعو مليو تہ اردو ادب ۽ تنقيد جو نئين سرڳوڙهو مطالعو ڪري انهن بابت پنهنجي جاڻ ۽ پرک کي اپ ٽو ڊيٽ ڪندس ۽ پوءِ جي ٿي سگهيو تہ ڪجهہ اردوءَ ۾ بہ لکبو. هن مان جيڪي رجعت پرست ۽ خاص ڪري زوالي رجعت پرست آهن ۽ موت، مايوسيءَ ۽ مونجهاري جا پيغامبر ٿيا ٻيٺا آهن تن جي جاهلانہ آکڙ ۽ ترڙپائي مور نٽي وڻيءِ! پر 'جڏهن وين واهون، تڏهن ڦري ٿيا فقيرا' 'ڪيڏانهن منهن مريم جو ڪيڏانهن ٽنڊو الهيارا' ڪيڏانهن اردوُ ٻوليءَ جي (يعني، مگر، چونڪہ، چنانچہ) ۽ ڪيڏانهن اسان جا باڃا پير وارا قادري ڏنداِ! پر ڏٺي سپ سولي ڪندوِ!

مصحفيءَ جو هڪڙو شعر پڙهيم ۽ فني لحاظ کان، اڻ سڌيءَ طرح ڳالهہ ڪرڻ، وڌي ڳالهہ کي گهٽائي ٽوري ڪري بيان ڪرڻ ۽ اهڙيءَ ريت ان جي اثر کي اڻي کان گهٽو وڌائڻ جي خيال کان وٺيمِ

"مصحفي هر تو يہ سمجهي ٿي ڪہ هوگا ڪوئي زخم،
تيري دل مين تو برّا ڪام رفو کا نڪلا!" .

سوچيان ٿو تہ سنڌي شاعرن کي اڳوٽن توڙي هاڻوڪن سنڌي شاعرن کان سکڻ سان گڏ اردو، هندي، فارسي، عربي، سنسڪرت، انگريزي ۽ ٻين ٻولين جي قديم ۽ جديد شاعرن کان بہ محنت ۽ سنجيدگيءَ سان سکڻ گهرجي، عالمي

شاعريءَ ۽ ادب، علم ۽ سائنس جي عظيم شاهي وهڪرن کان پري رهيو ته گندي پاڻيءَ جو ڏهو ڦهي پوندو! پوءِ ٿيندو "من ترا قاضي بگويم، تومرا حاجي بگو!" (آءُ توکي قاضي سڏي تنهنجون تعريفون ڪريان ۽ تون وري مون کي حاجي سڏي مون کي پڏاءِ)

4/11/82

تون ياد وري آئين

تون ياد وري آئين!

شارٽ ويو تي الائي ڪهڙي استيشن تان مهجبين قزلباش جو آواز ٻيو اچي.

..... چپڙن جي ڪنارن تي ڇڻ باهه ٻري آئي!

آواز ڪنهن مهل ٻڌيو وڃي، ڪنهن مهل ورير و تريو اچي! هاڻ صفا ٻڌي ويو! ريڊيو ضابطي ۽ جمهوري مرڪزيت جو نالو ٻه ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي! ڇڙواڳ آهي. جڏهن مرضي پوندیس ٻڌائيندو نه ته نه!

ست خط مليا، سينسر کان پوءِ، کي ڏيڍ مهيني جا آهن. کي ٻن مهينن کان مٿي جا. ادي مسرت، سونهن، نعيم، ايار، زرينه، سنڌ جي هڪڙي جيل جي ڦاسي گهاٽ ۾ سزائي موت جي هڪڙي قيدي دوست ۽ غلام مصطفيٰ پاءُ جا آهن.

7/11/82

ڪلهه شام اوچتو ملاقات جو سڏ ٿيو. خوش ٿيس. سمجهيم ته پرويز آيو آهي. هاڻ ٿي- وي جا ٻن مهينن کان ڪري پيئي آهي، تنهنجو بلو ٿيندو. وڃي ڏسان ته پرويز ته آهي پر ٻيا عجيب غريب ماڻهون وينا آهن- سليم، ايار، پدو، سونهن، امرتا! ڏاڍو خوش ٿيس. سيني سان واري واري سان حالي احوالي ٿيس. ڏاڍيون سئيون ڳالهيون ٻڌيم. هڪڙي مضمون جي اشاعت جو ٻڌم، ڪجهه ڪهربل ڪتاب آندا هئائون. ڏوکڙ ٻه جام ٿي ويا. ٻه سئو ايار ڏنا، ٻه سئو اسلم. جنگشاهيءَ واري جاءِ بابت ذڪر البت مزو ڪجهه خراب ڪيو. پر مجموعي طرح ڏاڍا مزا ٿي ويا. ايار لطيف هڪڙو خط ٻه ڏنو. اسلم ٽيڪ ٿي لڳو. سليم جي صحت ايڏي ٽيڪ ڪانه ٿي ڏٺي. منهنجي اکين جي ٽيڪ نه هئڻ جا تذڪرا ٿيا. اسلم چيو ته جيڪي ڪتاب ڪپندا سي ڏيندا سون. مطلب ته همراهه تيار ٿي ڏنو. پدو اڳي جي ابتڙ ڪجهه ڏيمي ٿي لڳي. سندس ڪسر سونهن پوري ڪري ڇڏي! چوري ڪا آهي چا! مهڙو ٻار ٿيوئي ڪونه! بلوچ- سنڌي ٻسر نسل جي آهي. ان ڪري وڌيڪ ڏهين ته ٽيٺ ڪپي پر هيءَ ته سيني جي وڌي مائٽ ٿيو ويئي آهي. هڪ لحظو ٻه آرام ڪونه هوس. بافضيلت، سمجهه، وڏيون مائٽاڻيون خبرون! هيءَ پنهنجن مائٽن کي ته چا ڏاڏيس کي ٻه بازار ۾

وڪڙي ايندي! ڏاڍو خوش ٿيس. پدو. سونهن. امرتا ۽ اسلم هتي پهريون دفعو آيا هئا. پهرين ڪتاب ڏنر واپس اچي. پوء اياز جو خط پڙهيرـ.....

لطيف واري ڪتاب لاء ڪلهه ڪان وري نوٽ پيو وڃان. جي. ايرـ. سيد جو ڪتاب "جئن ڏنو آه مون" پڙهيرـ ۽ ڪيس سندس ذهني جرأت ۽ جاکوڙ تي داد ڏنرـ. هتي پنجاب ۾ هيڏا سارا مڙس آهن پر ترقي پسند سياستدانن ۾ اهڙو ڪونه ٿيو جو هن موضوع تي عملي ميدان ۾ سرڪاري رجعت پرست فلسفي کي ههڙي دليري ۽ ڏاهپ سان چئلينج ڪري. سندس مطالعو ۽ نقطه نظر ظاهر آهي طبقاتي سبين ڪري هڪ خاص حد اندر محدود آهي پر جنهن حد تائين هلي ٿو سو تمام ڪارائتو آهي ۽ هي ڪتاب وڏو ڪارائتو علمي ڪارنامو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جو سندي بولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ' غير تنقيدي نموني ۽ سرسري طرح نظر مان ڪڍيرـ. پلو ڪر آهي. تفصيلي مطالعو ڪبو. اڳي ڏاڍي ڪوشش ڪيرـ ته جئن ڏنو آه مون' جو اردو ترجمو ملي جو هتي همراهن کي پڙهايان. هتي يارن تي مون جي. ايرـ. سيد جي جمهوري علمي پاسي بابت ڪافي تبليغ ڪئي آهي ۽ منجهن شوق پئدا ڪيرـ ته سندس ڪتاب پڙهن- تنقيدي نموني پر پڙهن ضرور. جي. ايرـ. سيد جي ١٩٦٦ تائين جي سياست جي مثبت پاسن تي به ڪافي تفصيلي ليڪچر ڏنا اٿرـ. انهن کي جيڪي ٿورو ٿورو عرصو ساٿر گڏ رهي ويا. ڪين چيرـ ته رڳو علحدگي پسنديءَ جا نعرا هڻي. نظرياتي اختلافن کي وڌائي وڻ ڪري ان جي آڙ ۾ قومي مسئلي جي هيڏي سڄي ڪالهه ۽ هيڏي سڄي نقطه نظر کي پريٽ نظرانداز ۽ رد نٿو ڪري سگهجي. اها جهالت ٿيندي. ڪجهه اثر ٿيو. ظاهر آهي اسان عوامي تحريڪ وارن جو شاهه صاحب جي نقطئه نظرسان اختلافي مؤقف پنهنجي سموري وسعت، گهرائيءَ ۽ مضبوطيءَ سان قائر آهي. بلڪه هر سال، هر واقعو اسانجي مؤقف کي وڌيڪ صحيح ثابت ڪري. اسان کي ان تي وڌيڪ محڪر ٿو بنائي.

رات ٩ بجا. سڄو وقت اياز لطيف بابت سوچيندو رهيس. سندس خط جي حوالي سان.

8/11/82

رات.

اڪيون ڏيڪ نٽيون ٿين. اڄ نئين ڊاڪٽر کي گهرايرـ. وينو ڪونه. پير پر بينو هو. چي 'تڪڙو آهيان. وري ايندس' چيائين 'اهائي دوا تي دفعا وجهندو ڪر. هڪڙي ٻي به موڪليندس.' آءُ تڪليف سُوران فقط هڪڙو دفعو وجهندو آهيان! اڪيون به حق تي نٽيون ڏيڪ ٿين! دوا موڪليائين. طبيعت خراب ڪانهي ته صفا ڏيڪ به ڪانهي. ان ڪري اڄ چانور تيار ڪرايرـ. ان جو فائدو پيو. آئنده هفتي

ڀر ۾ دفعا چانور تيار ڪرڻ ۽ روزانو ٻن پهرن جو ڪجهه چانور رڌڻ لاءِ ظفر کي چيو اٿر.

اڄ گهٽن سالن کان پوءِ سنسڪرت ادب سان وري دعا سلام ٿي. سچو ڏينهن مُڪدونل جي 'سنسڪرت ادب جي تاريخ' ۾ ٻڌو پيو هوس. گهٽو مزو آيو. گهٽو اڳ پڙهيل هئي. هن دفعي وڌيڪ مزو ڏنائين.

آريا هندوستان ۾ ساڌا ٿي هزار ورهيه اڳ اچڻ شروع ٿيا. موهن جي دڙي ۽ هڙپه جي تهذيبن وارن دراوڙن کي ماري ڪٽي، ڏکڻ هندستان ۽ سيلون وغيره ڏانهن پڄائي، پاڻ سرحد، پنجاب ۽ سنڌ جا مالڪ ٿي ويٺا. جئن اڪثر ٿيندو آهي، فاتح کي مفتوح جي تهذيب فتح ڪيو. آرين دراوڙن جي مذهبن ۽ ثقافت مان ڪٿين ڪالهيون پنهنجي مذهب ۽ ثقافت ۾ شامل ڪيون. ٻين ديوتائن ۽ ديوين سان گڏ سنڌو ديويءَ ۽ ڊپ (پاڻ واري ڊپ) ديوتا کي پوڄڻ شروع ڪيائون. چون ٿا ته ڪرشن مُراري به دراوڙن جو ديوتا هوا اسان وارو عاشق مزاج ڏرڙا دراوڙ ديوتا هو. باقي مهابارت وارو ارجن جو صلاحڪار سخت دل، دانا، عالم ڪرشن اهو آرين جو تصور آهي. ٻيون به ڪٿين ديوين ديوتائون دراوڙن کان ورتائون. ۵۰۰ سال، سرحد، پنجاب ۽ سنڌ ۾ رهي آرين پنهنجو هيڊ ڪوارٽر ۳ هزار سال اڳ سنڌو نديءَ جي واديءَ مان گنگا ۽ جمنا جي واديءَ ڏانهن منتقل ڪيو. سندن چئن بنيادي کان بنيادي پاڪ مذهبي ڪتابن مان رگ وید سنڌوءَ جي واديءَ ۾ رهڻ واري عرصي ۾ جڙيو. باقي يجروید، اٿر وید ۽ سام وید گنگا جمنا جي وادين ۾ وجود ۾ آيا. رگ وید ۾ دعائن جي روپ ۾ ڪي خوبصورت گيت آهن. اپنشدن ۽ ٻين مذهبي ڪتابن کان پوءِ مهابارت ۽ رامائڻ جا منظوم مذهبي داستان لکيا ويا. انهن جي ڪافي حصن ۾ خوبصورت شاعري آهي. جو ته هندو مذهب ۾ محبت مذهب جو حصو آهي. يونانين وانگر هنن جي مذهبي ديومالا ۾ ديوين ۽ ديوتائن جو پيار، رسن، پرچڻ، وچڑجڻ، ۽ ويرَ وڙ وغيره سيکجهه آهي. انهن وڏن داستانن مان هر هڪ ۾ ڪيئي قصا آهن. اڪثي هلي انهن مان ڪي قصا ڪٿي انهن ٽي منظوم داستان لکيا ويا. پهرين عام ماڻهن طرفان. پوءِ شاهي درٻارين جي شاعرن طرفان. چون ٿا ته مهابارت ۽ رامائڻ اڄ کان اٽڪل اڍائي هزار ورهيه اڳ لکيا ويا. يعني آرين جي هندستان ۾ اچڻ کان هڪ هزار ورهيه پوءِ ۽ سنڌ جي وادي چڏڻ کان ۵۰۰ سال پوءِ.

مهابارت واري پاڻڊون جي دروپديءَ کي اسان جي سنڌوءَ جو راجا جئدرٿ پڄائي ويو هو ۽ وڏي لڙائي لڳي. جئدرٿ جي فتح ٿيڻ واري هئي ته ڪرامتون ڪري مرَس کي هارايائون. مطلب ته ٻانهون ڪٽ وارو سنڌين جو پراڻو ڏنڊو تن ڏينهن تي به چالو هوا نل دمينتيءَ وارو مشهور معروف قصو به مهابارت مان ورتل آهي. شڪونتلا به مهابارت جو هڪڙو قصو هو جنهن کي ڪٽي ڪاليداس عالمي

ادب جو زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو!

درباري شاعرن طرفان لکيل مذهبي سورهين جي داستانن کي ڪاويہ چون. پهريون وڏو ڪاويہ لکندڙ اشوگهوش هو جو حضرت عيسيٰ جي وفات کان پوءِ واري پهرين صديءَ ۾ هو.

ڪاليداس ٻہ ڪاويہ جا منظوم داستان لکيا. هو پنجين صديءَ عيسويءَ جي شروعات ۾ ٿي گذريو آهي يعني اسلام جي دور شروع ٿيڻ کان اٽڪل ڏيڍ سو سال اڳ. (حضور جن ۵۷۰ع ۾ ڄاوا هئا) اهي داستان هٿا رکهو وامشا ۽ ڪمارا سمياوا. پهريون سري رام جي وڏن بابت آهي ۽ ٻيو همالیہ جي ڏيءَ پاروتيءَ ۽ شيو ديوتا جي عشق جو داستان آهي. ٻرتري هريءَ (وفات ۶۵۱)، ٻارويءَ (اٽڪل ۶۳۴ ڏاري جيئرو هو) ۽ رتناڪارا ڪشميري (۹ صدي)، ماگها (نائين صديءَ جو)، ڪوي راج (۸۰۰ع) ۽ شري هرش (ٻارهين صديءَ جو پويون اڌ) ڪاويہ لکيا. انهن جي لکيل داستانن کي مهاڪاويہ يا عظيم داستان ليکيندا آهن. پد ماگپتا ۱۰۰۰ع ڏاري مالواجي جي راجا سنڌو راجا جي سورهيائي جو داستان لکيو.

سنسڪرت جي خالص عشقيہ شاعري ٻہ اعليٰ درجي جي آهي. اها ۴۰۰ع کان ۱۱۰۰ع جي وچ ۾ ستن صدين ۾ لکي ويئي آهي. هونئن تہ اڄ تائين ٻہ پئي لکجي! سنسڪرت جي محبت جي شاعريءَ جا عظيم ترين نالا آهن ڪاليداس، ٻرتري هري، امارو ۽ جئي ديو.

ڪاليداس نيم مذهبي شاعري ٻہ ڪئي، خالص عشقيہ شاعري ٻہ ڪئي ۽ دنيا جي عظيم ترين ناٽڪن مان ٽي ناٽڪ ٻہ لکيائين. محبت بابت سندس ٻہ نظم لافاني آهن. ميگهہ دوت (قاصد بادل) ۽ رتو سامهارا (موسمن جو چڪر) ٻرتري هري (وفات ۶۵۱) سنسڪرت ادب جي رنگين ترين ۽ سڀ کان گهڻ طرفي شخصيت آهي. ست دفعا دنيا ترڪ ڪري مرڻيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ ستئي دفعا وري دنيا ڏانهن موٽي آيو! ساڻئي وقت هڪڙو بي مثال گرامردان. فيلسوف ۽ عظيم شاعر هو! خفتي اهڙو جو گرامر جا ڪي اصول سمجهائڻ لاءِ هڪڙو خاص داستان منظوم ڪيائين! "شنڪارا شاتڪا" سندس محبت جي شعرن جو ڪتاب آهي.

جڏهن بهار اچي وڻي.

"جڏهن بهار اچي وڃي،
جڏهن هوا انبن جي ٻور جي خوشبوءَ سان مدهوش هجي،
۽ ماکيءَ جون مکيون، ماکيءَ سان سرشار ٿي پون پون ڪري رهيون هجن،
تڏهن ڪير آهي جنهن جي دل ۾،
محبت ڪرڻ جي خواهش ڪر موڙي نہ اٿي؟"

ٻڌي هنڌ چوي ٿو:

"اي عالم! اي فاضل!
اي دنيا کي ترڪ ڪرڻ جو نصيحتون ڏيڻ وارا،
اهي واعظ پلي ڪر
پر پهريائين هيڏانهن،
هن ڪنول جي گل جهڙين اکين وارين محبوبائن ڏانهن ڏس!
پوءِ ٻڌاءِ ته اهي تنهنجا واعظ
ڏلهي بکواس کا نسواءِ ٻيو ڇا آهن؟"

هُن جون روشن اکيون
"پلي چلهه ۾ ٽاندي جا شعلا پيا پڙڪن،
يا پلي بتي پيئي ٻري،
پلي تارا پيا ٽمڪن يا چنڊ پيو چمڪي،
يا پلي ڪٽي خود سج مٽان ٻيٽو لاٽون ڪري،
پر جي هوءِ ۽ سندس روشن اکيون ناهن،
ته مون لاءِ سڄو جهان اونداهو آهي."

ڏاڙيل
"مسافر! هوشيار ٿجاءِ!
پنهنجي خيالن کي انهيءِ ٻيلي ۾،
عورت جي سونهن جي ٻيلي ۾،
متان رڪجڻ ڏين!
جو ته ان ٻيلي ۾ هڪڙو ڏاڙيل
حملو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. لڪو ويٺو آهي،
محبت جو ديوتا!

اهڙي ماڻهوءِ سان پيار ڪيئن ڪجي.
"جي ياد ٿو ڪريانس ته دل ۾ درد جي سُوٽ تي ايري،
جي ڏسانس ٿو ته چريو ٿيو پوان،
جي هٿ لايانس ٿو ته حواس چڪرائجيو ويجن،

خدا جي واسطي ٻڌايو.
اهڙي ماڻهوءَ سان پيار ڪيئن ڪجي؟"

منهنجا پنهنجا مٽ

" 'هي منهنجو پنهنجو آهي، هي ڌاريو آهي'،
اهي تنگ نظر خسيس ماڻهن جون ڳالهيون آهن،
اعليٰ ذهنيت وارو انسان اهو جيڪو سوچي؛
'سڄي جهان جا انسان منهنجا پنهنجا مٽ آهن!'"
اقبال سندس هڪڙي شعر جو اردوُ ۾ هي ترجمو ڪيو آهي؛
'ڦول کي پتي سي ڪٽ سڪتا هي هيري کا جگر- مردِ نادان پر ڪلام نرم و نازڪ بي اثر'
امارو ۽ جئي ديو جا مثال ڏيڻ جي گنجائش ڪانهي.
امارو عاشقن جي سيني موڍن- نااميدي، ڪاوڙ، پرستش وغيره جي چتسالي ڪرڻ ۾ ماهر هو. هو رسڻ ۽ پرچڻ جي مختلف ڏاکن جي تصوير ڪيڻ جو بادشاه جو.
بنگالي جئي ديو، ڪرشن ۽ راڌا جي محبت جو داستان "گيتا گووندا" لکيو آهي. ان ۾ جنسي محبت جو اکين ڏٺو احوال ۽ گويار ننگ ڪمينٽري ڏني اٿس. پر ماڻهوءَ تي اثر جنسيت جو گهٽ، محبت جي اعليٰ ترين جذبن جو وڌيڪ پوندو. اهوئي سندس ڪمال آهي. عالمي ادب ۾ ان ڳالهه ۾ گيتا گووندا جو ڪوبه ٻيو مثال ڪونهي. مون جيڪو انهيءَ جو انگريزي ترجمو گهٽو زمانو اڳ پڙهيو، ان جو نالو هو"Song of Songs' نغمن جو به نغمو يعني نغمن جو بادشاهه نغمو. آهي به اهڙو! گهٽ ٻيا به ڪوٺ هٿا.
هڪڙي سنسڪرت شاعر جو شعر آهي؛

بي خبري نه ڏيکار

"اي اشوڪاجا وڻ!
منهنجي محبوبه ڪا ڏٺئي؟
هوا ۾ پنهنجو ڪنڌ ڏوڻي
ڪوڙي بي خبري نه ظاهر ڪر!
جي هتان لنگهيندي،
هن جي پير توکي نه ڇهيو هجي ها،
ته هٿين ڳلن سان جهنجهيو پلا ڪئن پيو هجين ها؟!"

يارهين صديءَ جي ڪشميري شاعر بلهانا جي ڪنهن راجڪماريءَ سان اک لڙي ويئي. آخر پڪڙجي پيا ۽ همراهه کي موت جي سزا ٻڌائي قيد ڪيو ويو. موت کان اڳ ۵۰ بندن جو سنسڪرت نظم لکيائين. هر بند جي شروعات جا اکر ساڳيا هئا "هينئر به ياد اٿم ....." پوءِ محبت جون يادگيريون بيان ڪيل هيون. چون ٿا ته راجڪماريءَ جو پيءُ راجا نظم پڙهي ۽ ان ۾ محبت جي ايڏي اٿاهه گهرائي ڏسي ٻڌي ويو. آخر همراهه کي موت جي سزا به معاف ڪيائين ته ساڳي ٻانهن به سندس حوالي ڪيائين! اهي ڏنڊا به هلندا هئا!

همراهه جي انهيءَ نظر جو نالو آهي 'چور اپنج شيڪا' "چور جا پنجاهه بندا" چور ته هو!

سنسڪرت ڊرامي ۾ به ذات پات جي ڪوڙهه قائم هئي! ڊرامن اندر فقط "شرفا" سنسڪرت ڳالهائيندا هئا! ٻيا ٻيون گهٽ ٻوليون ڳالهائيندا هئا! مثلاً سنسڪرت فقط هيرا، بادشاهه، برهمڻ ۽ امير ڳالهائيندا هئا. عورتون ۽ ٻيا عام ماڻهو پراڪرت يا غير سنسڪرت ٻوليون ڳالهائيندا هئا. پر پر اڪرت ۾ به فرق هو! مثلاً منظوم ڊائلاگ ۾ اعليٰ طبقي جي عورتن جو پارٽ ادا ڪندڙ اداڪارائون مهاراشٽريءَ ۾ ڊائلاگ ڳالهائيندیون هيون. نثر ۾ ڳالهه هوندي هئي ته اهي، توڙي ٻار ۽ بهتر طبقي جا نوڪر شورا سيني ٻولي ڳالهائيندا هئا. يعني پنجابي ۽ هندي، شاهي محل جا ملازم مگڌي يعني بهاري، مرهٽي ۽ بنگالي ڳالهائيندا هئا. بدمعاش ۽ جواريءَ جو پارٽ ڪندڙ اوانتي يا راجستاني ڳالهائيندا هئا. ڏاڙ جو پارٽ ادا ڪندڙ اپيري ڳالهائيندا هئا. ڪوٽلا تيار ڪندڙ پشاچي ڳالهائيندا هئا. سيني ڪان جيڪي چٽ ۾ چٽ هئا يعني مليچ، شودر وغيره تن جو پارٽ ڪندڙن کان اپير نشا ۾ ڳالهارايو ويندو هو. اپيرنش بلڪ وراچڊ اپيرنش ڪنهن کي چوندا هئا؟ چون ٿا ته اهي ٻوليون خيرن سان هيون سنڌي، سرائڪي ۽ ڪشميري! يعني سنڌين سان ظلم اصل کان آهي! سنسڪرت وارن جي به سائن دشمني! جيڪي لڳي سوڪائي اک ۾! سنسڪرت جو بهترين ڊرامو دنيا جي اوچي ۾ اوچي معيار جو هو.

اعليٰ ترين ڊرامن ۾ ڪاليداس جا ڊراما شڪونتلا، وڪرم اروسي ۽ مالاويڪا-اگني مترا شامل آهن. تنهن کان پوء راجا شودراڪا ڏانهن منسوب ڪيل ۽ شايد سندس درباري شاعردانين جو لکيل ڊرامو "مر ڇاڪاتيڪا" يا "متيءَ جي گاڏيءَ" آهي. پوء 'رتنادلي' "موتين جو هار" آهي جوٽانسير ۽ قنوج جي راجا هرش وردٽا ڏانهن منسوب آهي. پوء ڏاوڪا جو "ناگ آنند" آهي. نائڪ نويس ڀاوا يوتي ڏکڻ هندستان ۾ برار جو ويڙل هو. هو ڪاليداس کان پوء سڀ کان وڏو نائڪ نويس سمجهجي ٿو. سندس ٽي ڊراما "مالاتي مادو" "مهاويراچرتيا" "اترارراما چرتيا" مشهور آهن. ٻيا نامور نائڪ نويس هئا. دشا

ڪادتا (نانڪ، مدرا راڪشا)، پتا نارائڻ (وينيِ سمهارا" يعني وارن جي ڇڪ ڇڏڻ)، راجا شيڪرا ("وڏاشلا پانجيڪا"، "ڪرپور امانجري"، "بالا امائتا" ۽ "پرچندا پانڊوا")، ڪششموارا (نانڪ، "چندر* اڪو *سيڪا") ۽ ڪرشنا مشرا (نانڪ، "پر بوڏا چاندر ودايا" علم جي چند جو چڙهڻ)

سنسڪرت ادب جو چوٽون مشهور روپ آهي عقل ۽ سمجهه ڏيندڙ ڳالهيون. انهن ۾ هاڪارو پنج تنتر ۽ هتو پاديشا وڏيڪ مشهور آهن. انهيءَ موضوع تي شاعري جام آهي.

سنڌ ۾ ڪجهه عالمن کي سنسڪرت، لاطينيءَ، چينيءَ ۽ يونانيءَ جهڙيون قديم ترين ٻوليون سکي، انهن جي علم، ادب ۽ سائنس تي تحقيقات ڪري، سنڌي ماڻهن جي دنيا جهان بابت ڄاڻ جي سرحدن کي وسيع ڪرڻ گهرجي. عالمي علم ۽ ادب بابت اسان جي موجوده حالت جري گهٽو وقت اهڙي نه رهڻ ڏيڻ کپي.

9/11/82

صبح.

اڄ سان بانسريءَ تي پيروي ٻڌيم. فنڪار هو سڪسينه. مون کي راڳن ۾ڳڻ جي ڪلمي جي خبر هوندي! هو چون ٿا پيروي، آءُ چوان ٿو پيروي! خبر رڳو اها پوي ٿي ته هن راڳ جو دل تي اثر ڪيڏو پيو، ڪيڏو نه. اهو احساس ۽ جذبا ڪيڏا گهرا ۽ ڪيڏا بلند ڪري ٿو. ڪي سر خاص وٺندا به اٿم. ڪي فنڪار به. مثلاً پنڊت اونڪر ناٿ، روي شنڪر، شريف پونچهه وارو، استاد امانت علي ۽ بيا ڪيئن! هونئن اسان لاءِ ريڊون مڙيئي ٻوٽ ڪاريون!

ننديڙي حيدر کي ڪتاب موڪلڻا آهن. غير ملڪي ڪهاڻين جو مجموعو "ڪنهن سان سور سليان"، ٽميره جو "ايايل مورن جا"، پوپٽيءَ جو "سوناروپاورق"، خادم ٽالپر جو "اسان جا پنڌ پهاڙ جا" ۽ منهنجو "جن جهونا ڳڙهه جلايو" ڪيي رکيا اٿم. پانڊيءَ جو انتظار آهي. لاهور ۽ ساهيوال جو پنڌ سو ميل ڪن آهي.

ڪاهي ماري ري ڪر جبا مين بان
نجريا تان تان ڪي!
(نظرون تاٽيو تاٽيو،
جگر ۾ تير چو ٿو هڻين مونکي؟)

آوشا اگر وال يو پيءِ جي لوڪ گيتن مان هڪڙو برج لوڪ گيت پڻي ٻڌائي.

اڄ ڪر جو ڏينهن آهي. اڄ وري به لطيف جي ڪتاب لاءِ نوٽ ونبا. طبيعت اڄ بهتر آهي.
آوشا اگر وال باهيون پاريو بيٺي آهي:

ڪنڪريا نہ مارو سانوريا!
ڦوٽ جائيگي سر کي گهگهريا
ڦوٽي گهگهريا، ڪَڇَو ڏر ناهين
پيڇ جائي نہ موري ريسر کي چَنريا
ڪنڪر يا نہ مارو سانوريا!
پيڇ جائي چَنريا، ڪَڇَو ڏر ناهين
ڇڪ نہ جائي، موري پتلي ڪمريا!
(سانورا سائين! پٽريون نہ هڻ!
مٽي تي رکيل گهاگهر نہ پيڇي پوي!
سانورا سائين! پٽريون نہ هڻ!
گهاگهر پيڇي پيئي تہ به مٽريئي خير آهي،
پر متان منهنجي ريشم جي چُني نہ پيڇي پوي!
سانورا سائين! پٽريون نہ هڻ!
ريشم جي چُني پيڇي پيئي، تہ به مڙيئي خير آهي،
پر متان منهنجي سنهڙي چيلهه نہ مڙي پئي!
سانورا سائين! پٽريون نہ هڻ!)

فجر ويلو 11-11-82

ستر ياد آئي، نہ غر ياد آئي
همين تو ڪرم هي، ڪرم ياد آئي!

شهرِ صبا ۾ شانتي هيرانند، حميد لکنوي، جو ڪلام پيئي ڳائي. اڄ جهڙو اڳ ڪونہ ڳايائين. الائي ڪٿي لڪي ويٺي هئي! هاڻ جان نثار اختر جو مشهور غزل:

"هر سي بهاگا نہ ڪرو، دور غزالون کي طرح
هر ني چاها هي تجهي، چاهني والون کي طرح.

گهنشام داس به اڄ چوٽ چڙهيو ٻيٽو آهي!"
ڪجهه ڪر ڪير. پانڊي نه آيو.

13-11-82

لاهور تان نسير بيگر صبح سان وڏا مسئلا ڪٽيو ويئي آهي!

"اگر تو اتفاقاً مل بهي جائي
تيري فرقت کي صدمي کر نه هونگي
دلون کي رنجشين بڙهتي رهينگي
اگر ڪچهه مشوري باهر نه هونگي."
اڳي ڪا ڪر جي ڪريان!

19-11-82

پنج ڏينهن ڊائري ڪانه لکي اٿم. انهي وچ ۾ ڪر ٿي ويا آهن!
برز نيف موڪلايو. آندرو پوف آيو. ماسڪو ۾ راج گڏ ٿيا. چين ۽ روس جي وچ ۾ ۽ روس ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڪجهريون ٿيون. آندرو پوف هٺانگ هوا کي ڪٽي چاتيءَ سان لاتو. ضيا کي به ڏاڍا قرب ڏنائين. ضيا ايندي اچي نيڪين ۾ پيو. چي "منهنجي عزت افزائي ٿي روس ۾" چين روس جي وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي وات تي وک اڳيري ٿي- افغانستان جي مسئلي جي حل لاء به حالتون ڪجهه بهتر ٿيون. ايا پنڊ پري آهي. وڏا معاملا ۽ وڏا ملهه آهن. استاد بڙي غلام علي خان جي تياريءَ وارو ڪر آهي. ڪير پهرن تي چمندو.پر معاملو ڪافي اڳيرو ٿيو. روسين، فوجي ليڊرن جي ڪانفرنس ۾. برزنيف جي آخري ڏينهن ۾ ٿي. ڪڙڪو شڙڪو ڪرڻ شروع ڪيو هو. امريڪا جي نيڙي ۽ آڪڙ مان ڪٽ ٿي پيا آهن. ان ڪري آندرو پوف به امن جي حفاظت جي دستوري انجام سان گڏ سامراجي حملو ڪندڙن کي سخت سيکٽ ڏيڻ جي به ڳالهه ڪئي. اسان وارو فوجي ٽولو به پائڻي ته هندستان ۽ روس مان ڏيئي ولي. جند ڇڏائي. ڊپ ڊاءُ لاهي. ملڪ اندر قبضو مضبوط ۽ سخت ڪري. ڪانپ ڪڍي ملڪ تي ويهي راج ڪريون ۽ جاوا ڪريون. ايرندي ۽ اتر پاسي ٽنگ آڄي ڪري عرب ڊڪٽيٽر شپن جا چوڪيدار ٿي ڪائڻ ڪربين رپيا ولي عيش عشرتون ڪريون. ايران واري سامراجي دلال ۽ چوڪيدار ڊڪٽيٽرشپ جي جاءِ هي تا پرڻ ڪهرن.
پر هر پرائي مسئلي جو حل نوان مسئلا ڇڻي ٿو. هندستان سان تعلقات معمول تي آڻبا ته هندستان جا جمهوريت، مذهب کي سياست ۾ هٿيو ڪري استعمال نه ڪرڻ ڏيڻ ۽ انڊي مندي نالي ماتر سرمائيدار "سوشلزم" جا خيال به

هتي ڦهليا. افغانستان ۾ ڇڪتاڻ ختر ٿيندي ته افغان انقلاب مستحکر ٿيندو ۽ ان جو اخلاقي اثر وڌندو. روس، چين ۽ پارت ۾ ڇڪتاڻ گهٽبي ته هن علاقي ۾ سامراج ۽ رجعت پرستيءَ جي منهن تي وڏو موچڑو لڳي ويندو. بقول عالر شاهر جي "ڦ..... تي لت اچي ويندين". عالمي طاقت جو توازن ڪجهر نه ڪجهر بدلبو. ان سڄي قصي جا پاڪستان جي اندروني سياست ۽ طبقاتي طاقت جي توازن تي لازمي طرح اثر پوندا. جئن هي سمجهن ٿا ته پارت ۽ روس جي وات تي هٿ رکي پوء، "ڪاءَ ڙي وتايا ڪاءَ!" وارو ڪر ڪنداسون، سو مشڪل ٿيندو.

رات خيرن سان ٿي- وي موڻي آئي. پر 'چري ڪٽن چي ويران وير وڏا' اڳي آواز صفا هوس. هاڻ آواز جهڙو قاتل دهل جوا رات مزوئي ڪونه آيو. گهٽي ڳالهر هولهر هئي ايشيائي راندين جي، جي اڄ، ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوء شروع ٿيڻ واريون آهن. راندينگرن جون تياريون ڏيکاريائون. هندستاني راندينگريائيون به ڏيکاريائون. پلٽا پٽي هنيائون. منهن تي رڪ چڙهيا پيا هئن. ٻئي هڪڙي پروگرام ۾، جو نوجوانن لاء هو، تنهن ۾ هڪڙي ۱۶-۱۷ سالن جي ڇوڪريءَ جو تعارف ڪرايائون. سانوري، قبول صورت، قد جي پوري پني، ٻار ٿي لڳي. ڦڪي به پٽي ٿي. ڪنهن ڪنهن مهل ٽورو مرڪي به ٿي. مرڪڻ مهل، حياء وچان، ڳلن ۾ ڪڏون ٿي پيس. عام رواجي گهريلو قسر جي سادي سودي ٻهراڙيءَ جي نينگري، پوء ڏيکاريائون سندس ٻلا. هي ٻلو جوڊو ۾ نمبر ڪٽ جو، هي پلٽي بازي ۾، هي لانگ جمپ ۾ ٽيون نمبر پنجاب ۾، هي ڳائڻ ۾ ٽيون نمبر پنجاب جي شاگردياڻين ۾. آخر ۾ هي پڙا تروپ چٽا پيٽيءَ ۾ نمبر ڪٽ جو ٻلوا پڙا تروپ اهي هوائي فوجون آهن جن کي دشمن جي پٽ ۾ هنگامي ۽ تيز ڪاروايون لاء لاڙو ويندو آهي. هي سادي سودي ڳوناڻي ڇوڪري هوائي جهازن مان ٽپا ڏيئي فوجي ڪاروايون ڪرڻ جي مقابلي ۾ نمبر ڪٽي آئي هئيا باقاعدي فوجي تربيت گاهر ۾ هئي. وردي جيڪا مون سمجهيو گرل گائيڊ جي آهي سا پڙا تروپ فوجي آفيسر جي هئسا هوڏانهن هيڻن ۽ اسان وٽ عورتن کي گهرن ۾ بند ڪري تالا ڏيڻ جا پروگرام. انسانيت جي مظلوم ترين اڌ جي هڪڙي نمائندي کي هيڻن ڪڙائيءَ سان بيڊل ڏسي طبيعت کي راحت ملي.

اڪبر شاهر، ايار لطيف ڏانهن منهنجي لکيل خط "وڳ ڪٽن وسرياء" تي تبصرو ڪيو آهي. مزيدار خط لکيو اٽس. خط گهٽا گڏ ٿي ويا آهن. جواب ڏيڻا آهن. پر پانيان ته جيسين واک ٿئي ٿو تيسين ڪتاب تي ڪر ڪريان. پوء جڏهن ٽڪي پوان ۽ ويساهينءَ جي ضرورت محسوس ڪريان پوء هي سنها ٽلها ڪر ڪريان. صحت مجموعي طرح ٺيڪ آهي. وچ وچ ۾ رڪاوٽ پٽي ٿي. پر اهڙي خاص نه. اخبار ڪجهر ڏينهن کان باقاعدي ملي پئي. پنڻ کان چٽي پياسون.

پرکر ٽپائي آهي. ڪڏهن ڪٽن ڪڏهن ڪٽن. ٽيون ڏينهن نوري نمبردار اچي ڪڇهري ڪئي. پاڻ، پاڻس، ڇاڇس ۾ خون ڪري آيا آهن. پهرين سزائي موت هين. پوء جنم قيد ٿين. نورو اڳ چرش جو ڏنڏو ڪندو هو. سرحد مان ٽرڪ تي چرش ڪٽي سنڌ ۾ سپلائي ڪندو هو. مون کي ڏنڏي جو سمورو طريقو ۽ ان جون لاهيون چاڙهيون اچي سمجهائيندو آهي. چي "سر جي! ڏنڏو چرش جو بادشاهه ڏنڏو آهي. تو پاري کي ته ٻئي ڪنهن ڏنڏي ۾ هٿ ئي نه وجهڻ گهرجي!" مون چيس "نورا يار بس اڳ خبر جا ڪانه هئي. تو پاري يار صحيح صلاح ڪانه ڏني. نه ته ڪٽي ٻيا ڏنڏا ڇڏي اهو ڏنڏو ڪريون ها. پر هاڻ ته ٻين ڏڏن ۾ ڦاسي ويا آهيون." ڏکارو منهن ڪري، تمام گهٽي پنهنجائيء سان، مائٽائي نمونو چيائين "سرجي! ڪڏ ۾ هڻ انهن فضول ڪمن کي! ڪهڙو فائدو؟ هڪڙي ۾ ٽرڪ وڻ. خدا جو نالو ولي چرش ۾ هٿ وجهي ڏس. تنهنجون ست پيڑهيون ڪائي ڪونه ڪتائيندين!" مون چيس "ماشاء الله! ڪريون ٿا سنگت سان صلاح. تو واري ڳالهه ٻڌايون ٿا. پوء ڏسون ڇا ٿا ڪن." ٽيون ڏينهن چيائين "سر جي! منهنجي ڪوٽ اچ! هري پور هزاره ۽ منگلاڊيم جي پرسان وينا آهيون. وچان وڃبو ته خيبر جو لڪ ٽيهه چاليهه ميل ٿيندو. سنڌ جي ڪناري تي وينا آهيون. اسين ڇنونس "سين." پريان مٽي ڇونس. "انڪ." اتي ڪابل ندي سوات کان ٿيندي اچيو ساڻس ملي. ٻيا ٻه ڪٽين ننڍا وهڪرا اچيو ملن. هر وهڪرو الڳ. رنگ سيني جا جدا. اسان وٽ هر قسم جي پوک ٿئي. گهر پهاڙن تي. هيٺ زمينون. پاڻي جام. پاڇيون قسمين قسمين. هاڻ ته پيٻتو ٻه ٿئي. پر ڪراچيء واري کان گهٽو وڌو. او هيڏو هيڏو! پاڻي منو. مڇيون خوبصورت. ڪڙهي وڃهه ته ڏهه ڏينهن پيو کاءِ! اتي مهينو ماڻهو اچي رهي ته مائٽ ئي ڪونه سڃاڻيندس. مڇي نوبنو ٿي پوندو. پاڻيء ۾ اسانجي تاثير ئي ٻيو آهي! اسان جا ٻه ٻڻيء جا ٽڪر آهن. هر قسم جو فصل ٿئي. ايجا جتي منهنجا نانائا وينا آهن اتي جا نظارا ڏسين ته پي دنيا وسري وڃيئي! آءُ ٻه مهينو مهينو وڃي نانائن ۾ رهي ڪائي پي مزا ڪري ايندو هوس. نانائا پلا چالاڪ ٿيندا آهن؟ پر اسان وٽ دشمنيء جو آزار. اڇ هِن هَن کي بندوق هٿي ماريو. اڇ هَن هِن کي گولي سان اڏايو. پراٽيون ڪن جڳن جون دشمنيون پيون هلن. اسان کي ته اها ٻه خبر ڪانهي ته جنهن دشمنيء ۾ اسان مڙس ماريا تن جي وڌن اسان جو ڪيو چا هو جو اسان انهن سان پلاند ڪيو؟ بس "پلاند رهيل آهي. ونڊو آهي!" ونڊو آهي ته ونون ٿا! حاضر!" هاڻ سڄو گهر تو اڳيان وينا آهيون. شڪر جو ڦاسيء کان بچياسون. باقي آهي ٽيپ. سو اٺ سال سڪا ڪاٽيا اٽئون. جيڪا رهيل آهي. سا ٻه ٽيٽ ويندي ڪنجي! ڪڏهن نه ڪڏهن سرجي! آزاد ٿي توکي پنهنجو وطن ڏيکاريندس!"

همراهن ڇڄ جيترا فوٽو استيٽ نقل گهربل ڪتابن مان ڪڍي موڪليا آهن. ايڊا مليا ڪونهن. پرويز کي چيو اٿم ته جلد ٻڌائي ڪٽي اچج. ڏسون نصيب ٿين ٿا يا ڪو ڏڏو ٿو ٿئي. آهن الائي ڪهڙا ڪهڙا؟

اڄ جمعو آهي. جيل ۾ سانت لڳي پيئي آهي. ڪهريون آهن سي لڳيون پيون آهن. "ڇِرا! ڇِرا!" الائي ڪهڙو فيصلو منجهيو اٿن؟ ٽن ڇڻ ڏينهن ڪان انبن متان ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻ ۾ جهيڙو لايو ويٺيون هونديون آهن.

خط ڪڍي ڏنا اٿم. مزيدار ماٺهو وينا آهن خطن ۾!

سونهن ۽ خط لکيا آهن. هڪڙو پنهنجي هٿ سان ڪاغذ جي ٽڪري تي آڏا ابتا انگڙا ونگڙا ليڪا ڪڍي اماڻيا اٿس. ٻيو پني چٽڪيءَ تي ماٺس وڏيءَ ڪان خط لکائي موڪليو اٿي. پهريون مون سمجهيو ته ماٺس وڏيءَ پنهنجي دليان سندس خيالن جي ترجماني ڪئي آهي. پر جڏهن پاڻ کي ڪٽائي هتي پهتي ۽ سندس اکيون ڏٺيم تڏهن سمجهيم ته پاڻ لکايو اٿس:

2/9/82

بابا يون وارو!

مون سائيڪل ورتي آهي. سائيڪل جي چابي آهي. امرتا کي گهمائيندس. بابا تون جلدي اچ. آڻون وڏي ٽي ويئي آهيان. امان سان ٻيو ڪجهه ڪونه. پدو ۽ بابا مون کي ماريندا آهن. جيجي نورن وٽ ويندي آهيان. امرتا ناند ڪڏندي آهي سائيڪل تي. امي چانهه ڪاڙهيندي آهي."

زرينه اردوُ ۾ لکيو آهي. (سينسر جي عذاب جي ڪري) لکيو اٿس (ترجمو)

صبح جا 8 بجه اسڪول

5/9/82

من!

اميد ته ٺيڪ هوندين. آءٌ ڪجهه ڏينهن کان ٺيڪ نٿي رهان. ..... ايازُ ٺيڪ آهي. اڄ ڪلهه مون سان اسڪول ايندو آهي. اڄ ايازُ کي چيم ته "ڪهڙو نه چگو ٽئي جو پٺهين پاڻ ٻنهي کي رستي تي ڏسي ته اسين ماءُ پٽ ڪيڏي پيار سان پيا ويون!" ايازُ منهنجو دوست وارث ۽ خبر ناهي ڇا ڇا آهي. سندس ئي آسري تي پيئي جيئان. هڪڙو ته اردو لکڻ ئي نٿي اچي. الاهي ڇڪون ٿي ڪريان لکڻ ۾. امرتا سونهن تندرست ۽ خوش آهن. سندن ماءُ پيءُ ۽ خوش آهن. نورن ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي. اهو ۽ ٺيڪ آهي. ياءُ سان ناراضگيءَ ۾

آهي. وري يا حياتيءَ انهن ماڻهن سان نہ ڳالهائيندس. انهن ماڻهن منهنجي دل ڏکوئي آهي. گندليءَ وارا ڪورنگيءَ آهن. ڏاڍا ياد ٿا اچن. پر وس نہ ٿو هلي جو وٽن وڃان ..... باقي اتوليءَ جو ڪوبہ اتوپتو ڪونهي تہ ڪٽي آهي. نہ وري سندس ڪو خط ٿو اچي. تنهنجي پيٽ "ز" سلام ٿي موڪلي..... سونا چاندي ڊرامو ڏسندو آهين يانہ؟ جي پوڙهن واري قسط ڏٺي اٿئي تہ ڪئن، مزيدار لڳي يا نہ؟

مسرت ۽ سورج جا ماڻ پيءُ خط پٽ لکڻ جا بنهہ سست. هي ٻئي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي پوريون! سر بستيون خبرون لکيو موڪلين!"

اجهو پوٿا ٻہ ٽيا! امر تسر- جالندر ٽي- وي شروع ٿي آهي. اسڪرين تي لکيو پيو آهي: دهليءَ ڈانهن- Over to Dehli. ايشيائي راندين جي صدر ڏيل سنگهہ طرفان افتتاح ٿي. باقي سوا ڪلاڪ ڪن آهي. تنهن ڪان اڳ اندرا مشعل بردار راندينگرن کي اسٽيڊيم ڈانهن ڊوڙ شروع ڪرائڻ جي رسم بجا آڻيندي.

نمبردار ڏسڻ لاءِ اچي سهڙيو آهي.

بي ڪلاس جي هڪڙي سياسي قيديءَ ٻہ پڙا بسکوٽن جا موڪليا آهن. مونکي سونهن ۽ امرتا سکو فروٽ وغيره ڏيئي ويون آهن. سوئي نہ ٿو ختر ٿئي. بسکوٽ تہ کائڻ ئي وسري ويندم!

ٻن ڪان مٿي ٽائيم ٽي ويو آهي. پر دهلي خاموش آهي. رڳو زون زون جو دستوري آواز پيو اچي.

۱۰-۲ دهلي. هڪڙي اڻ ڏٺل انائونسرڻ هندي ۽ انگريزي ڏسندڙن جي آجيان پيئي ڪري. پردي تي انهن پارٽي اسٽيشن جا نالا آهن جن تان هي پروگرام نشر پيو ٿئي. استهار ۲۵-۲. اسڪرين تي لکيو پيو آهي "ايشيائي راندیون" هڪڙي محترم هٿ ٻڌي ڏسندڙن کي پرنام ڪيو آهي. هڪڙو جنٽلمين ٽائيپ بزرگ انائونسر تعارف پيو ڪرائي ايندڙ پروگرام جو. ماڻهون ويٺا آهن. ڪنهن کي اٿيو بيهو پيا ڏسن. پانت پانت جا ماڻهو. ڪٿين رنگ. ڪٿين نسل ۽ ڊزائينون. گهوڙا نڪتا آهن. اڃا! صدر جو بادي گارڊ پيو اچي. هڪڙو سڪ ٿورو جهڪي، جڙ پيرين پئي، زيل سنگهہ سان مليو. ڊپٽي وزير آهي. راندين جو انچارج بوٽا سنگهہ. سلامي ٻڌڻ پيو وڃي. زيل سنگهہ ڪڙائيءَ ۾ آهي. ڪافي ريهرسل ڪري آيو آهي. وڏي رعب وارو پيو لڳي. زيل سنگهہ جي ڪاپي ساڃي ٻہ سڪ! سفيرن سان ملاقات. عرب، چيني، جاپاني، ڪٿين، عجيب عجيب شڪلين وارا سفير. سڃي ملڪ جو ڪٽيو سڪن جي وات تي. تہ ٻہ سڪ هندستان ۾ ڏکيا! اندرا پيئي اچي. ڪنهن جنرل سان گڏ جيپ ۾ بيٺي آهي. اڃا! پهريائين صدر ڏيکاريائون پوء وزيراعظم. حالانڪ وزيراعظم افتتاح پهرين ڪيو هو. راندينگرن جي ڊوڙ شروع ڪري، اندر ڇوڪرين وانگر تکي تکي پئي وڃي! موڊ ۾ آهي.

مارچ پاست شروع ٿي رهيو آهي. اڪيان هڪڙي چوڪري مٽي تي الائي ڇا ڪٽيو پئي هلي. افغان راندیگرن جو دستو. انهن اڪيان ۾ هڪڙي چوڪري ٽوڪريء سان. عراقي دستو. سپ سوٽن ۾ انڊونيشيا وارا. ايراني. ڏاڙهين سان پوائتا. اومان. مزيدار. قطار. عرب جبا. اوماني جهڙا ڪراچيء جا مڪراني بلوچ جوان. هي ته الائي ڪير آهن؟ آهن مسلمان. هي ٻيا مرد ۽ عورتون، عورتن جو ڪو لشڪر آهي! ايڇا جبا وجهي آيا آهن. ڪويت. مرد عورتون. اترڪوريا يورپي لباس. عورتن جي پلٽڻ. چين. اڇا يورپي لباس. ٽوپيون لاهيو سلام پيا ڪن. سپ مرڪن پيا. جپان. اڇيون ٽوپيون. مارچ ڪندا اچن. اڇيون پتلونون. وڏي لئي، چين جهڙي. هڪڙي جپانڻ تان ته ٿي- وي نظرئي نٿي هٽائي. آهي ۾ شاندار! وڏو ڪنڪ آهي. ٽائيليند. اڳواڻ ساڙهين سان آهي. ٽلهڙا بندرا، عورتون ۾. فوجي مارچ ڪندا اچن. نيپال. نيپالي ٽوپيون. ڪارا ڪوٽ، چوڙيدار پاجاما. پاڪستان. جناح ڪٽ. ڏاڍا بيڇڙا ٽا لڳن هن پنوارئين لباس ۾! فلپائين. اڇا ٽوپلا لاهيو سلام ڪندا اچن. بنگلاديشي اڳواڻ حد حسين آهي! ڪلندي اچي. سوٽ ٽايون پايو پيا اچن. چوڪرين کي مينڌا ويڙهيل آهن. هڪڙي ٻن کي هيٽناڪ ڏاڙهي آهي. ڪهڙا عرب آهن؟ منگوليا. نديڙا ٻار ۾ ڪڏ. مليشيا. مختلف نسل. هڪڙا راندیگر فوٽا ڪيندا هلن. هڪڙو سڪ ۾ منجهن آهي! ڏاڍو ٽٽ اٽن. يمن. ڏکڻ. گوڏ ٻڌل جوان اڳ ۾. عجيب لباس! ٻار ۾ ڪڏ. مٽي تي رومال. يمن اتر. سوٽ. پي. ايل. او. ماڻهن پر جوش استقبال ڪيو اٽن. لبنان. ٨- ١٠ ڇٽا. اندرا هٽ لوڏي استقبال پئي ڪري. برما. ڏاڍو خوبصورت لباس. مُرڪندا اچن. قد جا ڊگها سنها. ويٽنام. جهنڊي تي وچ ۾ هڪڙو وڏو تارو. پورا سوٽ. ٽايون. U.A.I راج مڙسن جو. ڊگها لئي ۾. سينگاپور. شام. سوٽ. ٽايون. سُوٽ، چوٽا. ٽيڊي، هانگ ڪانگ. هن ۾ ۾ سڪ! پارٽ. سڪ. راجپوت، بنگالي، عجيب لباس. رنگا رنگ چوڪرين جي وڏي پلٽڻ.

هاٽين جو دستو آيو آهي. پهرين ايشيائي راندين جو نشان ڪڇيو پيو اچي. بوٽا سنگهه ۽ ڏيل سنگهه مائيڪن وٽ بيٺا آهن. ڏيل سنگهه تقرير وري پيو ڏسيو پڙهيو پڪي ڪري! اپو هاٽيء جو نشان هوا ۾ بلند ٿيو آهي. اسڪور بورڊ. اپو هوائي چٽيء تي ويٺو آهي ۽ هوا ۾ پيو لڏي. سوين ڪبوتر آزاد ڪيا اٽن. آسمان سڄو اڇا ڪبوتر ٿي ويو آهي! مشعل بردار اچي ويا. هڪڙو مرد. هڪڙي چوڪري، پئي مشعل ڪٽيو ڊوڙندا اچن. سلام ڪندا اچن. مرد سڪ آهي. چوڪري ته الائي ڪير آهي؟ اندرا تاڙيون پئي وڄائي.خوش آهي اڄ! مشعل بردار جوڙو ڊوڙندو وڃي. هاڻ ٻيو جوڙو. هن ۾ ۾ مرد سڪ! سڪ ويڇارا ڏاڪهي چڙهيو ڏک ڏسندا هلن! مقدس آگ پهتي. آلاءِ روشن ٿيو. پڙڪا پيو ڪائي. پراڻي

يوناني رسم آهي. صدين کان هلندي اچي. هاڻي پنڊت روي شنڪر جي موسيقيءَ ۾ راڳ ڳائيو. راندين جي آجيان ۾. درجنين فنڪار بيٺا آهن. اڇين ساڙهين ۽ اڇين قميصن پاجامن ۾ راڳ ڳائجي پيو. سامهون الاءِ پيو پڙڪي. هن گيت جو اميتاب بچن جو ڪيل انگريزيءَ ۾ ترجمو پيش ڪيو پيو وڃي. آواز سندس آهي. اميتاب پاڻ به ويٺو آهي.

هندستاني دستو پنهنجا قومي لباس پائي هار سينگار ڪري نڪتو آهي. راندينگراٿيون، راجستاني، بنگالي ۽ ٻيا الائي ڪهڙا ويس وڳا پائي نڪتيون آهن، جهومڪ، پازيب، ساڙهيون، سينگاريل هاٿي تيار ٿيا بيٺا آهن. ڪرناٽڪ جا ناچو پيا اچن. لئي تيز آهي. ناچوئن جي مٿي تي الائي ڪهڙا جهاڀا ۽ جهوڙا آهن؟ عجيب هيبتناڪ خول ڪٽي چاڙهيا اٽن! دراوڙ قوم جو ناچ آهي. عجيب غريب منظر آهي. هاڻي ٻيا دراوڙي ڪيرالا وارا آيا آهن. اهي عجيب خول چاڙهي آيا آهن. هاڻ دسهڙي جي خوشيءَ جو ناچ. زبردست! هاڻ جنم اشٽميءَ جو ڪجراتي ناچ. هوليءَ جو راجستاني ناچ. گهاڪهرا ۽ پڙا. زبردست ڪٽڪ آهي. ٽٽون، ٻٽنسرون، جهومڪ.

چڪر هٽڻ ٻاهر ويو هوس. هي ته الائي ڇا آهي؟ ڪارا ڪارا زالون مرد. سون جي تعداد ۾. تيز. ڪنڊن ۾ ٻانهون هڪٻئي ۾. راڳ. ڏن بيحد وٽندڙ. آدي واسي (قديم پارت واسين) جو ناچ آهي شايد. ٽنگون پير اگهاڙا. سوين عورتون. هاڻ دهليءَ جا شاگرد پيا نچن. چٽين جو ناچ شاگرد ۽ شاگردياٽيون. شاگردياٽين کي پيرن ۾ گهنگهرو. هاڻ ٽِڪڙن جو لباس پهريل شاگردياٽين ۽ شاگردن جو ڇپسيءَ (خانه بدوش) ناچ. ڏاڍو خوبصورت منظر آهي! ٽي وي وارا وڃان وڃان ڪي چوندا ماٺهو پيا ڏيکارين، نچندڙن مان. سدا ملوڪ آهن! هاڻ ميزو قبيلي وارا آيا آهن. عجيب لباس چينين جهڙا ٿا لڳن. چون ٿا ته هي ناچ نچبو ته ماٺهو جو روح آرام سان وڃي بهشت ۾ پوندو! هاڻ ڪٽڪ ناچ جو رنگ، هوليءَ جو منظر، رنگن جا ڦوهارا. خوبصورت ناچ آهي. هاڻ لاياري جو بنگالي ناچ. مرد زالون ڇت پيا ڪن. هاڻ لابارو. هاڻ سپ هٽن ۾ لابارو ڪيل ان پيو وارجي. هريانا صوبي جو ناچ. سپ عورتون. لاڏ ۽ ناز ته ڪو هنن کان سکي! سائ ،معصوميت به! جهڙو خوبصورت لباس. زرق برق. اهڙا ناز ۽ انداز ۽ اهڙي سونهن. سٽ ڪن ٽيندين. چي اهو هريانه جو جهومر ناچ هو! (پر جهمر ته اسان جو ناچ آهي!) جهمر کي وڃائي ڇڏيائون! هاڻ پنجاب جو مشهور ڀنگڙا ناچ.

هيءَ فوج ڪٽان آئي! ٽِڪڙن وارو لباس. هٿ پرنام ۾ ٻڌل. هيڏانهن پيو ڪٽڪ زنانو. سفيد لباس چار پنج دائرا ٺهي ويا آهن. هاڻ مرد آيا آهن. ايشيائي

ڪيلن جي علامت نندڙو هاٿي اپو. ان جي شان ۾ گيت! آپو معتبر ٿيو وچ ۾ راجا اندر بنيو ويٺو آهي. سندس آرتي پيئي ڳائجي. ناچ ۽ پيو ٿئي. ڏيمي لئي ۽. ان سر ۾ اڳي اڪبر جهڙن شهنشاهن جي شان ۾ قصيدا ڳائيا هئا! اڄ نندڙي اپوءَ جو وارو آهي. اپو جيڪو رڳو علامت آهي. منجهس ساهه ماهه ۽ ڪونهي! سبحان الله! ناچ ڪو آهي ڇا! خوشي، فخر ۽ عقيدت جا جذبا گڏيل آهن هن موسيقي، راڳ ۽ ناچ ۾. هاڻ لئي اوچتو تيز ٿي ويئي آهي. هاڻ ٻيا دستا اچي ويا آهن. هر صوبي جا، جيڪي اڳ آياسي ۽ هن عظيم ترين ساري هندستان جي گڏيل ناچ ۾ شريڪ ٿي ويا آهن! منظر ئي اور آهي! چتا پيٽي لڳي پيئي آهي هر صوبي جي ناچوئن ۽ ناچڻين ۾! اجهو جهمر واريون ۽ اچي ويون. هي يوپيءَ جون! سڀ گڏ آهن. هاڻ سيني هٽ ٻڌي ناظرين کي پرنام ڪيو. مون کي، ظفر کي ۽ ٽائيگر کي ۽ پرنام ٿيو. منهن اسان ڏانهن ۽ هئن! سادا پنج ٽيا آهن واڇ ۾.

رات سورج لکيو آهي:

"پيارا بابا سائين شال خوش هجو.

..... پيارا بابا تون ڪڏهن ايندي ڳوٺ ۾ ڏاڍا مزا آهن..... اسان ٻڌيءَ تي ويندا آهيون پر مزو ڪونه ٿو اچي، جي تون اسان سان هلندين ته مزو ئي ٻيو هوندو. ماٺهو چون ٿا ته مني ۽ حور اوهان جا پٽ جا ڪڏهن طور ٽيندا. امان ۽ ادي حور ٻڌي چوندیون ته ادا رسول بخش ايندو آئون طور ڪرائيندس ..... ادي حور پنهنجي اسڪول جو ڪم اتاري پيئي ۽ نسيم ادبني سلام منهنجي ميدي هٿيو ونا آهن ۽ امان ..... مٽي ۽ هٽ وجهيو ٽولر ويٺي ڪڍي ..... ڏينهن جو ٻار اٽي ويا آهن امان ..... حيدرآباد ڪڏهن ڪراچيءَ پيون وڃن ۽ اسان کي ..... چڏيون پيون وڃن. تون اسان سيني کي ڪار ۾ چڙائي گرون تي وٺي هلجين. پيارا بابا آئون توکي ڏاڍو ياد ڪريان تي. بابا واعيدو ٿي ڪريان ته آئون توکي پهريون نمبر ڪٽي ڏيکاريندس. بابا آئون ٽيون ڪلاس پڙهندي آهيان..... آئون گندلي ڪلليءَ پرهه اسين سڀ حيدرآباد عيد ڪرڻ وياسين ۽ گندلي رڙيون ڪري مون کي هڪ ماويا ڪپڙا ۽ ڳاڙي چپل وٺي ڏنائين.

تنهنجي پياري سورج"

مسرت جا ۽ خط آهن، لکيو اٿس

"..... عيد اچڻ واري آهي بابا تون چو نٿو اچين ڳوٺ ۾ ڏاڍا مزا لڳا پيا آهن. آءٌ هي درجي ۾ پهريون نمبر پاس ٿي آهيان گندلي ٻيو نمبر .....

سورج ٽيو نمبر پاس ٿي آهي نسير ۽ عبدالغني اهي ٻئي توکي ڏاڍو ياد ڪن ٿا..... توکي ٻہ ٽي سال ٿي ويا آهن تون اچين ها تہ پاڻ کو گرون تي هلون ها نيون ٻہ ڏسين ها ايا ٻہ آهن تون ضرور اچ ..... اسين توکي ..... دعا ڪندا آهيون تہ الله ڪري بابا تون جلدي آزاد ٿي اچي.

فقط توهانجي ڏيءَ مسرت پليجو.

جنگشاهي

وري لکيو اٿس.

"بابا تون ڪڏهن ايندين بابا ڪوٽ ۾ بجلي اچي ويئي آهي ڪوٽ ۾ ٽيليوزنون پيون هلن مايون تہ گهرن ۾ وهن نٿيون ڪڏهن چون خبرون پيون هلن ڪڏهن چون نانڪ سيا پيو هلي ..... بابا امان جن کي خط ۾ چئو تہ اسان کي توهان جي ملاقات تي ولي هلن بابا اسان کي مجيب ڏاڍو تنگ ٿو ڪري ..... بابا تون ايندي تہ اسان لاءِ ڪڏيون ولي اج ..... تولاءِ ٻکر ۽ گهيٽو آهي تو ايندين تہ ٻکر ۽ گهيٽو کهي پت رڌينداسين ..... بابا اسين توکي دعا ڪندا آهيون. ڪانگڙي ٽمکو ڏي بابا رسول بخش اچي توکي مٺو لولو ڪارايان ..... اسين محنت ڪري پڙهون پيا ..... نسير عبدالنبي عبدالسلام هوچيمن سي مليو پڙهن پيا..... بابا مون توکي ۱۰ ۽ ۱۱ خط لکيا آهن پر خط الله توکي مليو الله کوتہ مليو ..... بابا آءُ آڪاٿيون ۽ لطيفا ۽ ڪوٽ تي افسانا لکندي آهيان بابا مون سو چيو آهي تہ تون ننڍو هوئين تہ تو جي ٻکري هئي ..... ٻکريءَ کي کهي ڇڏئون تو راڳ ڪيو تہ جماندار منهنجي ٻکري ڪسجي ويئي.....

لکندڙ مسرت"

مسرت جي پاءُ نعيم لکيو آهي:

"بخدمت ۾ جناب پيارا بابا رسول بخش السلام عليکم .....

..... پيارا بابا امان وڏي کي هفتو اڳ ۾ تمام گهٽو بخار ايندو هو. بخار ٻہ معمولي نہ پر تمام گهٽو يعني ۱۰۵ ڊگري ۽ ڪڏهن ۱۰۴ ڊگري بخار ايندو هوس سو ٻہ روزن جي مهيني ۾ پر ڊيلي ۽ روزن جي ڪري دوڪان سي بند هوندا آهن پوءِ اسين برف جي پويان ڊوڙندا هئاسين..... سيني جاکرن ۽ خواجن گهرن ۾ ويندا هئاسين چو تہ انهن وٽ فرج هوندا آهن پوءِ کي برف ڏيندا هئا ۽ کي مڙي کڊي ڇڏيندا هئا مڙيئي ائن پيو ڪم هلندو هو. پر هاڻي امان وڏي ٺيڪ ٿاڪ آهي.

..... جيڪو به ڊاڪٽر جيجي مريءَ کي چوي ٿو ته تون نيڪ ناڪ آهين ته سيني ماڻهن کي چوي ته هن ڊاڪٽر منهنجي بيماري کانئ سڃاتي آهي ..... هي ..... ڃاڻو نه آهي پر جيڪڏهن کو ..... نندو ڊاڪٽر يا ڪمپائونڈر..... چونس ٿا ته تون بيمار آهين ۽ تون ڪٽ تان ٿي نه لهه ته چوي ٿي منهنجي بيماري سڃاتي ٿي انهيءَ آهي.

بابا امان وڏي توهان کي تمام گهڻو ياد ڪندي آهي ۽ ايترو ته ياد ڪندي آهي جو انهيءَ کي تمام گهڻو بخار ايندو آهي ۽ بيمار ٿي پوندي آهي.....

فقط توهانجو نعير اختر پليجو

غلام مصطفيٰ لکيو آهي:
ڄامشورو

24/8/82

پيارا بابا رسول بخش

مون کي افسوس آهي جو آئون اوهان کي هيترن سارن ڏينهن کان پوءِ خط لکي رهيو آهيان. اميد ته انهيءَ غلطيءَ جي معافي ملندي.

آئون هن وقت ٻي سال سول انجنيئرنگ ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ ڄامشوري ۾ پڙهي رهيو آهيان. جتي پڙهائي سڀي هلي پيئي، دوست به ڇگا آهن. آئون محنت ڪري پڙهان پيو ..... پڙهايون ٿئي ڪريان پيو.

امان بابا نيڪ آهن پر ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽر وٽان چڪر لڳائي ايندا آهن.....

خط الاهجي ڪيتريقدر لکي سگهجي ٿو. خط جو لهجو خبر ناهي ڪيتريقدر لکڻ ڪپي ان لاءِ توهان لکي موڪليندا.

فقط اوهان جو پيٽ
غلام مصطفيٰ

اياز تازي خط کان اڳ انگريزي ۽ اردوءَ ۾ خط لکيا هئا. اردوءَ خط ۾ لکيو اٿس (ترجمو)

پيارا بابا،

آئون ۵ تاريخ جي ملاقات تي گهر وارن سان آيس پئي پر عين وقت تي چاچاوارن چيو ته هن پيري اسين ملاقات ڪنداسين. هاڻ آئون ته ايندس پر امان

كاڻ اچي سگهندي چو تہ وٹكيشن ختر ٿي ويئي آهي. كجهہ ڏينهن ٿيا آءُ پورو هفتو ڪوٹ ۾ رهي آيو آهيان ڏاڍو مزو آيو. اسان سيني كڏجي اتي هكڙو ڊرامو بہ كيو جنهن كي عورتن سميت ڪوٹ وارن ڏٹو. امان وڏي ٹيك هئي. هاڻ آءُ جڏهن بہ ڪوٹ ويندو آهيان تڏهن ساٹس توهان بابت ڳالهہ ٻولهہ كندو آهيان جنهن تي هوءَ ڏاڍو خوش ٿيندي آهي ۽ هاڻ ان كري منهنجو كجهہ خيال بہ كري ٿي. اڳٹين دفعي توهان سان كيل ملاقات جو احوال ڏاڍي مزي سان ٻڌايو مانس جنهن تي ڏاڍي خوش ٿي. مون كيس توهانجي بيماريءَ بابت كجهہ كونہ ٻڌايو. هاڻ تہ سيني كي چوي ٿي تہ ايباز مون ۾ نٹين جان وڌي آهي نہ تہ ٻيا سڀ مون كي غلط ڳالهيون ٻڌائيندا هئا.

منهنجا كلاس ۱۸ آگسٹ كان پيا شروع ٿين ..... بابا پليز مون لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچيو تہ انٹر كان پوءِ كهڙو شعبو كٹان.....

فقط توهان جو پٹ

ايباز لطيف

انگريزي خط ۾ لكيو اتس:

پيارا بابا،

"..... گلي ۾ سور اٹر پر اميد تہ جيسين هي خط توكي ملندو تيسين اهو ٹيك ٿي ويندو ..... توهان كي معلوم هجي تہ گندلي كليلي ٹيك ٹاك آهن ۽ ٹائيگر كي سلام ٹا ڏين.....

"بابا هن وقت سونهن ۽ پرهہ پاڻ ۾ وڙهن پيون هكڙي ڊائري ٹان. پرهہ ٿي چئي تہ هيءَ بابا پوڙهي جي. بابا پوڙهو منهنجو پيءُ هو توكي چو ڏيان. تنهن تي سونهن وٹي رڙيون كيون آهن. امان ٻنهي جي وچ ۾ پيئي آهي ۽ سونهن كي ٻي ڊائري ڏني اتس. سونهن خوش ٿي آهي.

بابا آءُ جلد از جلد توسان ملندس. آخر ۾ جيل ۾ پنهنجي ساٹين كي سلام ڏجو.

بابا پليز منهنجي خط جو جواب جلد ڏجان.

تنهنجو پيار كندڙ پٹ

ايباز لطيف پليجو

مختيار جي پٹ ۽ ڈيءَ لكيو آهي!

از ملتان

31/10/82

پيارا چچا جان،

اسلام عليڪم! آپ کا خط ملا. پڙهه ڪر بهت خوشي هئي. ويسي تو آپ نے ميري نويسي يا تحرير کي تعريف ڪردي هي- حالانڪه ميري تحرير آپ جيسي باعلم اشخاص کي نظر مين ڪيا حيثيت رکهه سڪتي هي. جن کا علاقه بهي علم و فضل کا گهواره تها اور جهان ديني و دنيوي ڪتب کي بيش بها دولت تهي. يه سب ڪچهه مين نے اپني اردو کي ڪتاب کي ايک سبق "سنده مين علم و فضل" مين پڙها هي.

آپ کي طبيعت ڪيسي هي؟ جيل کا ڪيا حال هي؟ ڪوئي تنگي تو نهين. اور هان اپني خط مين يه بهي ضرور بتاديا ڪرين ڪه ڪب رها هورهي هين يا ڪسي دوسري جيل مين ڪب جارهي هين ڪيون کي ان..... کا تو ڪوئي بهروسه نهين.

... مين نے آپ کو ديکها هي نهين. ديکهني کي بهت حسرت هي. ويسي تو مين آپ کا خاڪ اپني ذهن مين بناتا رها هون تاڪه آپ ڪي آني سي پهلي آپ کو مل لون. ديکهين مين ڪس حد تک ڪامياب هوتا هون. آپ مجهي خط لکهتي رها ڪرين... اور اپني بهتيجي کو بهولئي گا هرگز نهين. رها هوکر بهي نهين. خط ضرور لکئي گا.

شڪر يه

گلريز احمد اعوان

پيارا چچا جان

اسلام عليڪم

آپ کا خط ملا پڙهه ڪر دل بهت خوش هوا. آپ مجهي خط لکهتي رها ڪريئي مين بهي آپ کو خط کا جواب ديتي رها ڪرونگي...

آلله ڪري آپ جلدي رها هون ڪيون ڪه مجهي آپ سي ملني کا بڙا شوق هي. آپ کا خط پهلي دفعه ملا تها. اب مين آپ کو فوراً جواب دون گي.... اب اجازت چاهتي هون.

فقط آپکي بهتيجي

صائمه اعوان

گلريز شايد مُٽرڪ ۾ آهي ۽ صائمه ستن اٺن سالن جي آهي. چوٿين پنجين ڪلاس ۾ هوندي. مختيار جي زبردست خواهش آهي ته آءُ مٽن توجه ڏيان ۽ سندن دلين تان اڪوٽي محروميءَ جو احساس جلد از جلد ختم ڪرڻ ۾ مدد

ڏيان. گلريز جو نانو ڪٽر مولانا آهي ان جو گهٽو اثر اٽس. مختيار پائٽي ته منجهائن اهو ڪٽرپڻو بہ نڪري.

سزائي موت جي قيدي دوست لکيو آهي.

24/9/82

مانوارا سائين بابا رسول بخش خان پليجا صاحب

سدائين مسڪرائيندڙ زندگين جو مالڪ رهين!

عيد مبارڪ قبول ڪندا...

مون مقيد جون دعائون توسان ۽ پنهنجي سنگت سان زندگي جي هر موڙ تي همراهہ آهن....

وري ملنداسين جي خدا آهي، جي هن جا قانون آهن، جي نيڪين جو اجر آهي ته وري ضرور ڏيندا سين .

سنگت جو خير

فقط نياز مند

25/11

صبح ۵۰-۶

لتا فل استارٽ آهي

جيا لي گيو جي، مورا سانوريا!

دهليءَ تي چين ۽ ڪويت ڇڇيءَ جيڏي پاڻيءَ ۾ بال راند جي مئچ ۾ لڳا پيا آهن. ٻاهران چڪر ڏيئي آيو آهيان. ٽي وي جو آواز چٽ آهي. مرمت پڻيان جيڪو وقت ۽ پئسو برباد ٿيو سو ڇڏ اجايو.

ڪجہ ڏينهن اڳ اڪبر جو خط مليو. لکيو اٽس.

ڳوٺ

30/10/82

"آءُ اڏامي هنجڙا، سر ۾ سارينئي،

متان مارينئي، پاڙهيڙي پهہ ڪري"

محترم پليجا صاحب!

سلام! اميد ته نوبنو هوندين. ڇڇ وقت جي ٿهر ۽ ماڻ کي ٽوڙي بہ اکر پيو لکان. کير کير رهندو ۽ پاڻي پاڻي. پريشانيءَ جي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي.

پرويز کان تنهنجا سلام چئيءَ چهہ ماهيءَ اڳي ملندا آهن. حوال وٺڻ ۽

خبرڪيريءَ ۾ تون هونئن ٻہ يڪانو آهين. ڇپر جا ماڙهو، خبرن ۾ حوالن جو جيسين پتو نہ ڪڍن، تيسين ساهہ نہ پٽين. خيرا سڄڻ اهي جيڪي سگهيون ڪن. سو ڳالهيون سگهيون ٿين ۽ ڏينهن پنهنجي مند تي گذرن. اڄ تنهنجو نندو ڪتابڙو "وڳ ڪيڻ وسريا" وينو پڙهيو. پروفن جون گهٽيون غلطيون آهين، لطيف سائين ۽ تنهنجين لکڻي جي واقفيت کان سواءِ، ٻيو ڳالهيون ڏيري ڏيري سمجهندو ۽ ڪيس لست نہ ايندي.

ڪتابڙي جي وڪڻڻ واري همراهہ کي چرچي طور چيو هوم تہ "دعا قنوت" پيو وڪڻين يا ماڳهين سيني دعائن جي ڪڍيل چوپڙي جنهن ۾ وضو ۽ غسل کان وٺي مسجد ۽ قبرستان ۾ گهڙڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ جون دعائون شامل هونديون آهن. چو تہ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ڊيجاريندڙ اسلامي چوپڙيون اسلام جا گهٽگهرا ۽ پيل پايا ڪٽيو پيا وڪڻن. مون وارو چرچو ٻڌي همراهہ صفا هَيلڙو ٿي ويو. مون مٽس ڪهل ڪري اهو ڪتابڙو خريد ڪيو ..... ذهن ۾ دل تي پاڻ وارو "پٽر" نہ پر سروٽڙو رکي، اها خريداري ڪيہ. ذهن ۾ هوم تہ يار پرڊيهي آهي. ڪنهن ڪر ڪانہ لڏي هونديس. بند جون سوڙهيون پتيون ڪاٽڻ ايندين هوندس. ٻَر ۽ ڪامِ جا ڏڪندڙ ڪورا پيا ٻاريندا هوندس. سو مڙوئي پنهنجي انفرادي ڏک، ساڙ ۽ ڪاوڙ کي ڪنهن گڏيل مقصد جو پوتڙو ويڙهي وينو هوندو تلقين ۽ تبليغ ڪرڻ. پانيہ تہ اجهو ٿي منجهائنس اڪيلائي، وڇوڙي ۽ رڙ جي رَونڙ. ماڻ ۽ صبر جي بند مان وهي هلي. پر ائن ڪونہ ٿيو. سڀ امڪان ڪوڙا نڪتا. ڏڪ ۾ جيڪا ٽوڪاڪ لڪندي سا هونئن ٻہ اهڙائي ڦاڙها ماريندي، منهنجو ڪز، ڪز ڪن تہ نهيو پر ڪٽين ٻرانگهون وڃي ٻاهر ڪتو. گهٽين ڳالهين لڏجن اٹ ..... ڪتابڙو پٽي ويٺس پڙهڻ. واهہ جوان واهہ! بيشڪ خفتي آهين! وڻ وڃائي ڇڏيئي! ڳالهيون ٿي اور هيون! سڄ پڇن تہ ڳالهيون صفا ڪوٽ ٻڌڻ ۽ ڪوٽ وٽن جون هيون. اهڙيون ڳالهيون سمن يا سومرن ڪيون هجن پلي باقي هٿن جو تہ رنگ، سونهن، سواد، ميڙاج، تاثير نرالو هو. ايامن کان پوءِ پڙهڻ ۽ پرائڻ جي بازار ۾ اچي نڪتس. جيترو هڙ ۾ هوم اُترڙو واپار ڪيہ. پنهنجي اڻ هوند تي ڏاڍو ارمان ٿيہ. پر وري ٻہ "چندن جو چتڪو ٿي بس." "جي ماسو مليئي مال تہ پوڄارا پَر ٿين" تي راضي رهيس.

منهنجي راءِ آهي تہ هر وطن دوست، عوام دوست ۽ انقلاب دوست جيڪڏهن ايار لطيف جي جاءِ تي پاڻ کي رکي هنئين سان هنڌائي تہ رڳو مومڙائي ۽ ماکوتي آهي. ڪنهن اڪيلي خان، ٽٽ سان سوپاريون پچندڙ، دادلي، لينڊائي، پاڃوڪڙ ۽ ڏنبي جي بيڄ جيان ٽلهي ٽيندڙ لاءِ اهو خط تہ صفا منهن جي ڪاتي آهي.

پرڊيهي!..... چو وايا پيا لڳن. مڙس ۽ مند ڪرڻ تي اعتبار ڪونهي.

"جهانگين سان جيءَ جڙيون" ۽ "ويڙهيچن سان وچن پاريندڙ" پيٽ ۾ اُرهه کان ٿا ڦاٽن. پيڙهياتن ۽ بٽياتن جي آءُ ڪونه ٿو ڳالهه ڪريان. باقي مون پارا ته رات وچ ۾ پوءِ ڊائي واري ڊوڙ ۾ شرط لڳايو ٻيٽا آهن ۽ ڏسون پيا ته سندن ڪل ٻه سائي ٽيندي پئي اچي. اها صورتحال سڄي سنڌ ۾ هڪجهڙي پيئي لڳي. ڪوڙيءَ نه پر ڪري ڪي ڪهمرو ڏنل آهي. ڪهڙن جوانن جا نالا ڳڻايان. جن مني پئي ڪاڏي سي سڳداسين جا ساءِ پيا وڻن. مانيءَ مڇيءَ جو نالو وٺي هرڻ ۽ تلور جا ڪايار ڪوڙ ملندا. باقي جيڪا ڪسر رهيل هئي. سا تنهنجي خط صفا پوري ڪري ڇڏي هوندين. 'ڏک جي ڪڙاڻ ڪي پيڃڻ لاءِ ٿورڙا سڪ ٻه ضروري آهن.' ان نقطي جو ڇيهه ڪٽي ٽيندو سا خبر خاوند کي هوندي. ماڳهين ڪوڙاڻ پيڃڻ لاءِ ملڪ سڄو مٽائي نه ٿي ويجي." ڪيئن ڳالهه پيچ ۾ اچي ويندي يا ماڳهي ڏهيون ڏهيون ٿي ويندي! ڏسجي ته پاڻي چڙهي وڃي ڪٽي ٿو ٻيهي.

چڱو سجوڙي

* فقط عليءَ جو اولاد

ڏهليءَ تان پارت ۽ هانگ ڪانگ جي وچ ۾ مردن جي هاڪي مئچ پئي هلي. پانيان ته پرينهن خطن جا جواب ڏيان. اڄ ڪتاب تي ڪر ڪرٽو آهي.

23/11

صبح.

ٻاهر اس تي وينو آهيان. ڪيترا ڏينهن ڊائري لکي ڪونه سگهيو آهيان. ٽي-وي رات جو ٽي خراب ٿي ويئي. پهرئين ٽي ڏينهن دونهان پئي نڪتا منجهائنس. همراهه کي لکيم ته "هاڻ ڪٽي ٿا ٽي - ويءَ کان پيرن تي هٽ رکي موڪلايون. پاڻ کان زور آهي. شهر ۱۵-۲۰ ميل پري. پاڙا ڳاڻي پڳا. مرمت جا خرچ. رڪشائن جا خرچ. ٽي ويءَ ۾ مورڳو گروي ٿي ويندا سون." همراهه لکي موڪليو آهي ته "نه سائس هڪڙي ملهه ٻي ٻه ڪنداسون." سندس مرضي. ڪر کو ٻه ڪونه پڳو آهي. سيءُ هو. هيٽر اڄ پانيم ته شروع ڪريان. پر ٻئي راڌون چالو ڪيم ته فيوز ٽي ويو. مستري گهرايو اٿم. ڪلهه ڊاڪٽر آيو هو. ڇئي ويو آهي ته اکين تي Trachoma جو اثر آهي. دير سان ٺيڪ ٿيندیون. ڪجهري ڪئي سون. شاهه همڙا هڙيءَ پرويز کان ۵۰ رپيا ونڻي چڏيا. مهيڻ کان تپائي ٻينو هوس ته چتي وڻي ڏنيم. ان ٻهاني وصولي ڪري چڏيائين پنهنجي.

مختيار جو خط آيو آهي. ڏهه ڏينهن اڳ جو لکيل آهي. الائي ڪهڙو چڪر

---

* عليءَ جو اولاد= سيد اڪبر شاعر ٻٽوري وارو.

آهي جو خط هيڏانهن ديرسان ٿا ملن. ڪا گڙ ٻڙ ته ڪانهي؟ خط سرائڪيءَ ۾ لکيو اٿس. وچ ۾ حيدر شاهه جو ڏانهس لکيل اردو خط جو ترجمو به ڏنو اٿس. همراهه اردو ۾ سندي اکر مزيدار نموني فٽ ڪيا آهن. مختيار ڪي شاهه جا شعر به سنڌيءَ ۾ لکيا آهن. حيدر شاهه کان لکايا هوندائين. سنڌي صورتخطيءَ جون ڪي چڪون اٿس.

"ميڏا سائين" شالا جيوو پيئي"
هي اکر سنڌيءَ ۾ لکيا اٿس.
ورن وکڙن، لاهين چاڙهين واري اڙانگي ۽ ڏکي جدوجهد.
هي به

"انڌا اونڌا ويڄ" ڪَل ڪجاڙو ڪائين.
اسين ڏکي ڏيل، تون پيارين به پيڄ.
سوري جنين سيڄ، مرڻ تن مشاهدو."

(ترجمو) توهان جي صحت ته ٺيڪ آهي. توهان وٽان ڪوبه خط ڪونه مليو. جئن جئن ٽڏ وڏندي وڃي تئن تئن توهان جي صحت بابت پريشان پيو ٿيندو وڃان. هڪڙو توهان جو پهاڙن کان اوچو ۽ سمندن کان گهرو عقيدو ۽ رشتو آهي جيڪو رات ڏينهن مون کي نين رُتن ۽ خوشبوئن جا سنيها موڪليندي نٿو ٽڪي.

(حيدر شاهه جي اردو خط جو ترجمو)

استاد کي خير معلوم ڪرڻ ڪافي اطمينان هوا هي. استاد کي صحت کا مسئلہ بهت پيچيده هي. استاد کي صحتمندي ساري پورهيت عوام کي قومي اور طبقاتي جدوجهد کي صحتمندي کي لئي ضروري هي. ايسي تاريخ ساز لوگ کم هي پيدا هوتي هين جو مسلسل محنت، مشقت اور جاکوڙ ڪرڪي عملي، علمي، قلمي تنظيمي طور پر جدوجهد ڪرڪي نه فقط اپني مظلوم قومون اور طبقون کي لئي بلڪه تمام دنيا کي کارگران زحمت کشان طبقون اور مظلوم قومون کي آزادي کيلئي اپني تجربون سي نئي راهين کهول دي هين. تحريکون کا نيا رخ، ولولہ بخشتي هين. پائي يه حقيقت هي ڪه سندهي عوام کا، استاد وه واحد ليدر هي، جس ني قومي جدوجهد، حب الوطني کي ساڻ قومي اور طبقاتي جدوجهد کو ساڻ ملاڪر سائنسي طريقي يعني M اور L طريقي سي چلاني کي نئي ڍهنگ اور انگ سکهائي هين. تمام دنيا کي انقلابون کو مثلاً (..... ٻڙي ڏنل اکر مختيار کاٽيا آهن) اور پورهيت تنظيمون

کي تجربون اور حڪمت عملي کو اپني تجربي کي روشني مين عوام کو روشناس ڪرايا. تمام ريجن (پاڪستان، ايران، هندستان، افغانستان، ايراني نار علائقي کي ڳڏي هڪڙي ريجن سڏبو آهي) کي معروضي حالات کا صحيح تجزيہ ..... عوام کي سامني پيش کيا. ادب اور فن کو انقلابي اسلوب بخشا. شاھ لطيف کي شاعري کو نام نهاد سندهي اديبون اور دانشورون کي طرف سي جو تصوف کا غلاف پهنايا گيا ٿا جو "سيد" بهي پوري طرح اتار نہ سکي، اسکو بلکل اتار ديا. شاھ کي سَر مارئي، سَر رامکلي، سَر کاهوڑي ۽ سَرڪيڏارو کو حقيقي انقلابي اور مادي معنيٰ کي تشريح ڪرکي شاھ کي کلام کو اور اسکي مادي اور روحاني حقيقت، سچائي اور روح کو برقرار رکها. هر اسي گلستان کي پودي هين جن کي بار آوري کيلئي زمين کو زرخيز بنائي.کيلئي استاد ني اپني نيندين اور سک آرام ختم ڪرکي آبياري کي هي. همين استاد کي تعليم سي هي يہ احساس اور شعور پيدا هوا کي سندهي عوام تنها اپني قومي اور طبقاتي جنگ نهين لڑسکتا ..... يہ استاد کي تعليم اور جدوجهد کا هي نتيجا هي ڪ سنده کي عوام اور ملڪ کي دوسري علاقون کي عوام کي اتحاد کيلئي ٺوس بنياد فراهم هوا هي.

استاد کو خط لکهہ ڪر- کي ائڈريس منگائين يا- ڪ ميري طرف سي استاد کو بهت سلام اور پيار لکهين ..... مين ني سنده کي ساٿهيون کو آپ کي (مختيار کي) متعلق لکها هي کي M ني مجهي يهان سنده سي دوري کا احساس هوني نهين ديا هي .)

مٿي لکيل سڀ کجهہ مون وٽ هڪڙي امانت هئي جيکا آئين جو آئين توهان کي موڪليان پيو. پنهنجي طرفان هڪڙو جملو شامل ڪرڻ جي گستاخيء جي معافي ٿو گهران. اهو آهي تہ "منهنجا سهٹا! پاٹي جو اچي وڃي تہ اسين ويٹا رهون يا لڙهندا ويون!"

هڪڙي اک پري اسان ڏانهن بہ نهارينداوڃو ها. اسين بہ سنڌ ۽ پنجاب جي وچ تي "چنڙي پدهرتي ٻهہ ڪردل لتوئي پئي هين" (اچي پٽ ٻر ويهي دل لتايو ويٹا آهيون). انڌيريء جا پاڇا وڌندا اچن. بادل بہ وڇندا ڪجندا پيا اچن. پٽن تي چڙهي ڏسي وٺو. سڃڻن کي اهو سمجهايون. اسين اجايو ڪنڌ نمايو پيا آهيون.

هاڻي تہ منهنجي پورهيت ماڻهن جو بہ اهو هڪڙو علاج آهي جو آئون بہ توهان جي منڙيء ۽ ڪير ڏوتي ڳالهہ تي عمل ڪري هڪ 'اڏا اونڌا ويڃ' لکي چڏيان تہ جيئن منهنجن ماڻهن جي جهوڪ بہ وسندي رهي.

ڏهين محرم تي ..... جي ماءُ ٻنهي ٻارن کي وٺي منهنجي شهر ويٹي هئي. هڪڙو تماشو ۽ فساد برپا ڪري آئي هئي. اڳوئي خميس تي مون وٽ بہ آئي هئي. روئڻ پٽڻ کان ماٹ نٽي کيائين. نيٹ مجبور ٿي موجيء جي چوڻ تي ساڻس

مليو هوس. سندس موجودگيءَ ۾ جاويد به اچي ويو. آخر پاڻ ئي چوڻ لڳي ته "آئون مهيني کان پوءِ ايندي ڪنديس. توهان هر مهيني ملتان وارن ٻارن کي ضرور سڏيندا ڪريو." آن سان گڏ روئي روئي به پنهنجو بروحال ڪيائين..... توهانکي گهٽا سلام ٿي ڏنائين. پڇيائين ٿي ته ڪنهن به شئي جي ضرورت محسوس ڪري ته ..... جي معرفت گهرائي ونِي. جاويد به توهان کي گهٽا سلام ٿي ڏنا. صائمہ کي توهان جا شفقت ناما ملي ويا..... تابعداري."

پاڻيءَ جي اچڻ ۽ ويڙو رهڻ يا لڙهي ويڻ جي موڪل بابت به پاڻ هڪڙو نقل ٻڌايو هٿائين. چيائين ته ڪنهن ٽڪي ٽين پٽسن واري سرڪاري ڪاموري ڪن مڙسن کي هڪل ڪري چيو "هتان هٽي پري وڃي ويهو!" پڇيائونس ته "ڪٽي وڃي وهون؟" هن بيزار ٿي چيو ته "وڃي ڪٽي جَهرو مرو! هوءَ پل آهي. آن هيٺان وڃي غرق ٿيو!" ڏهين پندرهين ڏينهن آن ڪاموري جو قسمت سان وري ان پاسي اچڻ ٿيو. اچي ڏسي ته اهي ڏڪن جهڙا مڙس اڃا ان ساڳي پل هيٺان ويڙا آهن! هن کي ڏسي هٽ ٻڌي اتي ٻيڙا ۽ چوڻ لڳا ته "سرڪار هڪڙو عرض آهي" پڇڻ تي چيائون ته "اسان کي رڳو ايترو ٻڌائي ڇڏيو ته جي نڪين وهي اچي ته اسين نڪين ۾ لڙهي وڃون يا اتي ئي ويڙا هجون!" چيائين ته توهان ۽ اسان ماڻهو اهڙا ڇڪيکار آهيون جو بنا موڪل جي پاڻ کي ٻڏڻ کان بچائڻ کان به ڏجون ٿا. صدين کان انڪين پل هيٺان ويڙا آهيون. جڏهن مٽان امر ٿئي تڏهن پل جو ترو ڇڏيون!"

شام: ظفر ويڙو خبرون ڪري چي "فوج ۾ ۷۰۰ روپيا پگهار ملندو هوم. به هزار بچائي گهر موڪليم. هڪڙي گهڙي ورتيم. بابا پهرين جي- ٽي- ايس ۾ ڊرائيور هو. هاڻ ڳوٺ ٽريڪٽر تي نوڪري ڪري. اسين پيٽون پائر سڀ جاڙا آهيون. ٽي جوڙا آهيون. پهرين به پيٽيون پوءِ آءٌ ۽ منهنجو جاڙو پاءُ. پوءِ ٻيا جاڙا پائر. اما بابا ڳوٺ آهن. آءٌ هتي اچي ڦاتس. پيٽون پرٽيل آهن. هڪڙي ڪراچيءَ ۾ ڪوٺڙي. ڪوٺڙيءَ واريءَ جو مڙس ڪاٽي ڪٽي. اسانجي ڳوٺ بجلي آئي آهي. پاڻي به نلڪن جو ملي ٿو پر اسانجو گهر ٽڪريءَ تي بنهہ مٿي آهي. اتي پاڻي نٿو پهچي. اهي اسان سوات وارن جا ڪم سڀ پَٽي ڪيا. آربر ڏنائين ته "هڪدم پاڻي بجلي ڏيو هن غريبن کي." هڪدم ملي ويا. اهوئي بادشاهہ هو اسان وٽ آيو ۽ مهربان ٿيو اسان تي. اسان جي پاسي ماڻهو سڀ پٽي جا فدائي آهن."

منيءَ لکيو آهي:

"ڪي اوڏائي ڏور کي ڏور به اوڏا سپرين،
ڪي نہ چڑهن چت تي ڪي نہ وسرن مور،
جيئن مينهن ڪَنڊيءَ پور ٽيئن دوست وراکو دل جو."

پيارا ادا سائين،

..... سڄ پڇو تہ صبح سانجهي هر ٽائيم هرپل ياد آهيو. ڪاب اهڙي گهڙي ڪانهي جنهن ۾ اوهانجو ذڪر يا يادگيري نہ ٿي هجي ..... مسجد ۾ منا بسڪوٽ رکي، گهٽو ڪري سپ ٻار ادي حور جا ۽ منهنجا گڏجي دعا ڪندا آهن. ۽ پهہ پڇائيندا آهن تہ ڪيئن بابا ايندو پوء پاڻ خوشيون ڪندا سين. سپ پروگرا ٺاهيندا سين ..... ٻئي جي چوتيء تي ڪير جلدي پڄندو پوء ان کي انعام ملندو.

ان انعام جو تصور ڪير اڇي ڏسي تہ ڪيڏو نہ ٻار خوشيء مان ٽڙن پيا.....

خط هينئر اڏ ۾ چڊيان ڇو تہ غلام نبي ڪراچي کان آيو آهي. ان کي چانهہ ٺاهي ڏيان ۽ ماني کارايان. ٻار وکوڙي ويا آهن. عبدالسلام مون سان گڏ ڪٽ تي ويٺو آهي. اصل مٽان ڪري ٿو.

خط وري شروع ڪريان پئي. هوچن کي کنگهہ ٿي پئي آهي. عبدالسلام کي بہ بخار ۽ کنگهہ آهي. سو غلام نبي ٻنهي کي ڪراچي وئي ويو آهي. هوچن ڏاڍو ضدي آهي. سڄو ڏينهن رڙيون ٿو ڪري. پڙهڻ جو ڏاڍو شوق اٿس. مجيب نندڙو ڪتي جو گلر پاليو آهي. هينئر رات جا ڏهہ ٽيا آهن پر ڪتي کي ڪٽيو ويٺو آهي. ڏاڍو تنگ ڪيو اٿس. ادي سوجي (سورج) پر امن آهي. تنگ ڪانہ ٿي ڪري. مسرت، سوجي ۽ گندلي ٽيئي پاڻ ۾ سهيليون آهن. گڏيء راند ڪنديون آهن. رقيہ ادا اسوء جي ڏيء مون وٽ آهي. رقيہ ۽ سوجي ٻئي جاڳن پيون. سلام لکائين ويٺيون. مجيب بہ چوي پيو تہ امان منهنجا سلام لک بابا کي

آء اڇڪلهہ جنگشاهي شهر ۾ زينا ۽ ادا گل واري جاء ۾ رهان ٿي ..... زينا جن ڪراچيء ڪورنگيء ۾ رهن ٿا. ادا گل ڪڏهن مون وٽ رهي ڪڏهن ڪراچيء ۾ رهي. آهي رئيء ۾. ادي حور وارا هينئر ٿوري دير اڳ مون وٽان ٽيو پيا وڃن. آهي سڄو ڏينهن ٽپال. ڪيڏي مهل آء منهنجا ٻار هن جي گهر ۾ لٽا پيا آهيون تہ ڪيڏي مهل هو مون وٽ اچن.

ڪلهہ ادا نظر ٽندي الهيار وارو، سندس زال، ٻہ ڏيون پاڻ وٽ آيا هٿا. توهان جون ڳالهيون ڪري سندس زال ڏاڍو رنو..... چيائين پليجي سان اسان جي صرف دوستي ڪونهي پر اسانجي ساٽس مائٽي آهي. سگ آهي. منهنجي سسَ چوندي هُئي مَنهنجو پليجو پَٽ آهي. مون کي وٽي ٿو. آء پنهنجي پوٽي تي رسول بخش نالو رکنديس. اوهين راضي هجو يا رنج پر نالو اِهو رکندي سانس. اسان ٻنهي زال مڙس چيس تہ امان اسان کي اهوئي نالو وٽي ٿو. اسان کي هو پنهنجن

عزيزن کان بہ مِئو آهي. سو امان اسان اهو نالو رکيو آهي پنهنجي پٽ تي. هاڻ گهر ۾ ڪيس چئون ٿي پليجو. سجو ڏينهن هٽا. شام جو مهراڻ ۾ ويا هليا ..... امان کي مائيءَ ۵۰ روپيا ڏنا.

ادا جڏهن اسان حيدرآباد کان لاهور آياسين تہ تکڙ مان آياسين چو تہ رزر ويشن کانہ پئي ٿي. هلڻ جي پک ٿي کانہ هئي. اسين تہ خير بنا رزر ويشن جي پهچون ها. پر امان جو مسئلو هو. لاهور اسٽيشن تي پهچڻ تي اسان کي پرويز وکيل ۽ مير مظهر وٽڻ آيا. حيدرآباد کان کين فون ڪئي وئي هئي تہ تيزرو ۾ ٻار اچن پيا. گاڏي بہ آندي هٽائون. ان ۾ چاڙهي اسان کي وٺي آيا. پهرين پرويز جي جاءِ تي بہ ٿي ڪلاڪ ويٺاسون. توهان جي خوراڪ تہ اتي اچي رڌي سون. چو تہ امان موٽريون هڙون لڳايو ٻڌيو پئي وئي تہ متان ڪو خوراڪ ناهيندي ڪائي ويچا..... لاهور ۾ اچي پهتاسون.

هوم سيڪريٽري سان رابطو ڪيو ويو تہ ان چيو تہ منهنجي طرفان اوهان کي اجازت آهي. جيل وارا ملاقات ڪرڻ ڪونہ ڏيندا. ان لاءِ ايس. ايم. ايل کان موڪل وٺي پوندي. ان سان اسان سپ ملياسين تہ ان جواب ڏنو تہ اسين مجبور آهيون. ظهور الاهيءَ جو ڪيس پيو هلي. فوج جو پهرو آهي. اتي وڃڻ مشڪل آهي. وري هوم سيڪريٽريءَ سان ملياسون- ان چيو تہ هاڻي آخري ڪوشش ڪري ڏسو. گورنر سان ملو. اهوئي اجازت ڏيندو. تڏهن ٿيندي ملاقات. خير گورنر هائوس وياسين. اتي گورنر ڪونہ هو. برگيڊيئر ويٺو هو. تنهن فون تي اجازت ورتي. امان کي برگيڊيئر چيو "مان جيا پنهنجي پٽ کي سمجهائي تہ اهڙا ڪم نہ ڪري" امان چيس "منهنجي پٽ جو ڪوئي قصور ڪونهي. پوءِ الائي چو اوهان کيس پوريو آهي." (وچ ۾ ترانسليشن جا فرض مون پئي ادا ڪيا) شام ٿي وئي. تکڙ ۾ ڪجهہ ڪنيوسون بہ ڪونہ. امان تہ اهڙي تکڙي ٿي هليا چوڻ لڳي تہ "هاڻي تہ موڪل ملي آهي ملاقات ڪرڻ جي. پوءِ ڏوڙي هلان يا آهستي هلان؟"

اسان جڏهن توهان کي ڏٺو تہ محسوس ائين ٿيو تہ خواب پيا ڏسونا..... ڏسڻ سان سڪ ٻيٽو وڌي وئي. ملاقات ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪڙي قسر جي خلش رهجي ويئي. دل چاهيو ٿي تہ جيل کان باهر نڪرون ئي نہ. ٻيو جي نہ چڏين تہ بہ جيل جي آس پاس پونگي اڏي ويهي رهجي. پوءِ اوهان کي مڃي دال رڌي روز جيڪر آڻي ڏجي. روز ملاقات ڪجي.

جڏهن جيل کان باهر نڪتاسين تہ منهنجي دل مان آهہ نڪري ويئي تہ اهڙو هيرن جواهرن جهڙو موتيءَ جو داڻو پاءِ ڪيئن چڏيو پيا ويجونا..... ملاقات کان پوءِ روئندا وياسون. اصل ماڻ ئي نہ اچي.. اوهان تہ جيل ۾ چيو پئي تہ

ڪجھ ڳالھايو ..... پر اسان کان ڪجھ اڪليو ئي ڪونہ ٿي. رڳو ڏسندا رھياسين ۽ ڪلندا رھياسين. متان ڪو جذبات ۾ اچي ڪا ڳالھہ ٿي ويچي.

اسان جي لاھور اچڻ کان پوء ڇڻ تہ گھر ۾ شادي ھجي ايترا ماڻھو آيا حال احوال ونڻ."

اڄ ٽڏ ڪجھ وڌيڪ آھي. سياڻي کان ھيٺر چالو ڪبو. رڳو فيوز ٿھيس. ڪالھہ ۽ اڄ خطن جا جواب ڏنم.

سورج کي لکيم:

"..... ٿنھنجي ماوين کپڑن ۽ ڳاڙھي چمپل جي بہ خوشي ٿيم. آء ايندس تہ ضرور اوھان کي ڪار ۾ چاڑھي گرون بہ گھمائيندس ۽ ھاليجي ڍنڍ جي چوڌاري چکر بہ ڏياريندس. ٻيو پاڻ مڇيون وٺي پچائي کائينداسين ۽ پنھنجي ڇانھہ بہ ڪنليء ۾ ڏاھي پيئنداسين. ٻيو ٻيڙيء ۾ بہ چڑھي گھمنداسين پوء ڪيئن مزا ٿي ويندا نہ!

آء ضرور ايندس. اوھين رڳو ٿورڙيون وڌيڙيون ٿي ونو. ۽ مانيءَ ٻوڙ رڏڻ سکي ونو. پڑھڻ ۾ ٿورو ايجان بہ وڌيڪ ھوشيار ٿي ونو. پوء مزا ٿيندا..... سيني کي منھنجا سلام ڏج. وڏن کي ٿورا، ٿورا، ٻارن کي گھٽا گھٽا.....!

ادي مسرت کي لکيم، "تنھنجو قرضي ٿيو ويٺو آھيان. ڪلھہ بہ تنھنجو خط مليو. ھن جواب سان اڳوٽو حساب چڪتو ڪج. وري نئون سئون ليکو..... ھا، امان، ننڍي ھوندي ٻکري کسجي وڃڻ وارو راڳ آء برابر ڪچندو ھوس..... مجيب ۽ ھوچن کي سلام ڏيئي پوء کين چئو تہ مجيب! ٿوري مستي گھٽ ڪر ۽ ھوچن! ٿورو ضد گھٽ ڪر....."

نعيم کي لکيم: "..... مون سمجھيو تہ تون ڪو ايجان پنجين ڇھين ۾ ھوندين! تون تہ مٽرڪ پاس ڪريو ويٺو آھين. واھہ جوان واھہ!.....

تون امان سان ڪمان ڪمي ڪري ڪچھريون ڪندو ڪر، ڪيس دلداريون ڏيندو ڪر تہ مڙس ماڻھو ٿيو موجون ڪندي وتي. ڪنھن ڳالھہ جو اڪو نہ ڪري. ..... ھا تون جوان مڙس ٿي ويو آھين. توکي سئا سئا ڪتاب پڑھڻ گھرجن..... ھي زمانو امتحانن کي سئي نمونو پاس ڪرڻ جو بہ آھي. ۽ دنيا جي ڇاڻ ۽ سمجھہ رکڻ جو بہ آھي. دنيا جي ٽڏ سماء کان سواء ڪجھہ بہ نہ ھلندو....."

غلام مصطفيٰ کي لکيم "..... تو بہ خط لکڻ ۾ گھڻي دير ڪئي ۽ مون بہ جواب ڏيڻ ۾ ..... ڪافي دير ڪئي آھي. ھاڻ پاڻ جھاڙ ٿي وياسين!

لھجو اھوئي نيڪ آھي..... ڪرڻ وارا کھڙي بہ ڳالھہ ڪري ويندا. نہ

گرون: جنگشاھي ۽ ھاليجي ڍنڍ وچ ۾ ھوائي جھازن جي لھڻ جو گرائوند

ڪرڻ وارا ويچارا بن اکرن ۾ به ڦاٽا وينا هوندا..... خوشيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته تون پڙهائي سپ طرفي ڪري رهيو آهين..... دوست چڱا آهن سا ڳالهه به ڏاڍي چڱي. چڱن دوستن بنا ماڻهو ڪهڙو؟...."

گلريز کي لکيءَ "..... علم وفضل والي بات درست هي ليکن مجهي زياده خوشي اس بات کي هي ڪ هماري هان پي عام طور پر عام لوگ صاف دل، ڪسي ڪا دل دکائي کي مخالف، انسان دوست، فراخ دل، اور بي تعصب هين. انهين لوٽ کسوٽ، ظلم، استحصال اور مڪرو منافقي سي ڳهري نفرت هي. ظاهر هي يه عام لوگون کي بات هي ورنه بري لوگ ڪهان نهين هوتي؟

مين تمهين خط لکهتا رهون گا..... تر لوگون کو بهولون گا بهي نهين. تمهين ايڪ عدد، غريب، سيدها سادا ديهاتي اور فقير قسر ڪا چچا مستقل طور پر مل گيا هي.....

تر کوشش ڪرکي کچ خطوط انگريزي مين بهي لکو اگر تر کيي کيار سرائڪي مين خطوط لکهوگي تو مين سمجهه جائون گا اور مجهي بڙي خوشي پي هوگي. هماري هان سب لوگ خطوط مادري زبان مين هي لکهتي هين....."

صائمه کي لکيم. "لو پئي ابکي هر پي جواب ديني مين تمهاري طرح کچ پيچي رهه گئي! چلو برابري هوگئي. پچهلا حساب صاف. آئيندهه ڪا خيال رکهين گي. سچ پوچهو تو ملني کا شوق تو بهت هي. تمهاري ابو ني تر لوگون کي اتني تعريفين کي هين ڪ هر بهي چاهتي هين ڪ انکي طرح تر هماري بهي حق مين هو جاؤ اور جو بهي هماري ناجائز مخالفت کرين تر هماري جائز طرفداري کرو اور اسکو پورا پورا جواب دو..... تمهاري طبيعت کيسي هي؟ ميرا خيال هي ڪ تر علاج ٺيڪ نهين کرواتي. اب تر بتاؤ ميرا اندازاه صحيح هي يا غلط....."

قيدي دوست کي لکيم "..... دل وڏي هجي. حالتون سدائين هڪ جهڙيون نٿيون رهن. ماڻهو همٿ سان الائي کهڙيون کهڙيون منزلون سر ڪري وجن ٿا. چار چار ڦاسيءَ جون سزاؤن مليل جوان، ڪجهه وقت زيربار ٿي. وقت سر آزاد ٿي..... وجيو ڳوٺ کان نکرن! وکيل سان ڪجهه لست، صبر ۽ ڏاهپ سان هلبو..... پاڻ کي ڪم کپي. جند جي پڙ هيئان هٽ کيڏو آهي. لست سان نکرندو."

24/11

صبح جا ڏهه بجا. صبح کان هيٽر سان جنگ چالو آهي. ٺهيو وري خراب ٿيو. وري ٺهيو. وري خراب! عليءَ جي اولاد کي لکيم

"عمر اڄ گڏيام ڏوتي انهي ڏيهه جا،
پارايا پرين جا ايي ان چيام،
لهي لوهه پيام. لطف سائ لطيف چئي" (لطيف)

عليءَ جا اولاد! سڄ ٻڌايان؟! ڏاڍي خوشي ٿي تنهنجو خط پڙهي!
تو پارا سالڪ چئي ويا آهن ته انسان ويچارو آهي ماڙهوءَ جي آچار. ڪيترين ڪالهين جي هير ٿيو پوي. جي نٿيون ملن ته ٻاڙ ٿيو لڳي. مائي مارئيءَ تڏهن فرمائش ڪري موڪلي هئي ته
"مَٽ مانڊاڻيءَ مُجيج ته نيئرن ۾ نئون ڪريان."
ڪچ وقت کان ڪجهه ٻاڙ هئي. مَٽ مانڊاڻيءَ جي پهتي. نئون ٿي ويو!
سنگت جي سار سنڀال جون ڪهڙيون ڪالهيون ڪجن! پر هونئن به پاڻ انهيءَ ڪالهه ۾ ڪريمي وات جا پوئلڳ آهيون. مرشد جي مرشد شاهه ڪريم جو فرمان آهي ته دوست وساريو ته کا وڏي ڪالهه کائه آهي. ڪڏهن نه ڪڏهن ڪالهه ياد پوندیس ته وري ياد ڪري وجهندو. سئو ورهين جا ڏکڙا لمحظي ۾ لاهي ڇڏيندو! ان ڪري دوست جو وساريل محروم ۽ بدنصيب نه چئبو. محروم ۽ بدنصيب اهو آهي جنهن پاڻ دوست کي وساري ڇڏيو. ان ڇڻ پنهنجي اکڻ جو سوجهرو وسائي پنهنجو گهر اونداهو ڪري ڇڏيو. باقي جنهن کي دوست وساري ڇڏيو آهي پر پاڻ دوست کي نه وساريو اٽس تنهن جو گهر اونداهو نه چئبو. اهو گهر روشن آهي ۽ روشن ئي ليکبو:

"وَرَ وسري ته کوه؟ وَر نه وسريوس،
کونه چوندو ڪڏهين، ته اکڻ اونداهوس"
(شاهه ڪريم)

(ور کي وسري ويئي ته چاڻي پيو. ڪائنس ته ور کونه وسريو نه.....!)
سچو آهين. ماڻهوءَ جي ڪرڻ جي مندئي ڪانهي. وينجهارن چيو آهي ته، 'ڪڏهن من ماکوڙي ته ڪڏهن کيهر شينهن' ايمان مزمان آهي. تنهنڪري تڪبر ڪنهن ڪالهه جو به کونه ڪبو. 'تڪبر ڪنڌ پر!' ان ڪري ئي هاديءَ ڪٽ سان گڏ ڪنبڻ جي به هدايت ڪئي آهي. رندا به روڙبا هلبا ۽ تڙن جي ترڪٽين جو اديشو به رکيو اڇبو. اهو ڪَنڊو پل مڙس جي ڪپار ۾ ڪتو پيو هجي. نه ته ڪانه مهل ڪنهن جهڙي! الائي ڪيڏي مهل، هلندي هلندي، اوچتو پير ترڪي وڃي ۽ ٽنگون ڪاٽ ٿي وڃن! الائي ڪيڏيءَ مهل ڪهڙي ابتي مت اچي مڙس کي آڏ ٿي بيهاري،

مٺي هاب ڪري، ڪنڌ هيٺ ڪرائي ڇڏيا

"سري ڪين ڪيون ويڙ موڪيء جي ماريا،
ڪوجو قول ڪلال جو پتي تي پيون،
تنهان پوء ٿيون، مرڻ متارن کي"
(لطيف)

ڏکن جي ڪڙاڻ کي گهٽائڻ جا ٻه طريقا آهن:-
هڪڙو ته آهي ته چيلهه ٻڌي لاهي لڳائي وڃي پيٽ پويان لڳجي. ملکيت گڏ ڪرڻ، نام نهاد معيار زندگي بلند ڪرڻ ۽ اهڙي ريت ڦورو طبقن جي چنڊال چوڪڑين ۾ داخلا حاصل ڪرڻ جي ريس ۾ شامل ٿي ويجي. ڦري ماري شيون گڏ ڪري انهن جا انبار لڳائي انهن جو بناپگهار چوڪيدار ٿي ويهي رهجي يا ڪاهي پوري وڃي پرائي چلهه کي پاسو ڏيئي ڪانپ ڪيڊي ويهي رهجي.

"گولا جي گراهه جا، جو ناسي جوڳي،
قتل سي ڦوڳي جنين شڪر سانديا."
ان بابت حڪر صاف پيو آهي.
"جان کي جوڳي ٿيءُ، نا ته نرجاونءُ نڪري،
کو ٿو ڪن ڪپائين جان نه سهين سيءُ.
پڇ پرانهون ٿيءَ متان ٻيا لڄائين!"

ٻيا ٻه طريقا آهن:
وڏي مڙس جو هڪڙو ئي پٽ هو. بيحد پيار هوس ان سان. اڻ هوند، فاقن، سردين، بيمارين ۽ دوا درمل نه ٿي سگهڻ ڪري اهو ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو. همراهه جڏهن پنهنجو جڳ مشهور ۽ تاريخ ساز ڪتاب پڙي لکيو تڏهن جڏهن ڪر ڪري ٽڪندو هو تڏهن دوستن سان تفريح ڪرڻ نڪري ويندو هو. دوست ڪهڙا؟ پاڙي جا ٻارا تفريح ڪهڙي؟ ٻار چاقوئن جا پڳل ڳن، پنسلن جا ادڙ، چڌا ۽ ٻيو اهڙو وکر ڪٽيو، در جهليو بيٺا هوندا هئا. همراهه جو نڪرڻ ۽ هن جو پکڙڻ. چي"اسان سان سودو ڪرا" يار ٻه ڪيسي مان پڳل راندڪن جا ٽڪرا، چاء، گڏيون، اڪڙيون ڪيڊي ٻاهر ڪندو هو. پوء ڪندا هئا پاڻ ۾ واپار. پڳل راندڪن جي عيوض چاقوء جو پڳل ڳن ..... ريڙهه، پيڙهه، رڙيون، واڪا! ڪڏهن ٽيئي ڏيون ۽ زال وڃي ٽڪرين تي وڃي ويهندو هو. سڄو ڏينهن اتي راندين ڪري، گيت ڳائي، نظارا ڏسي، پوء موٽندو هو. زال کهڙي؟ جيني.

مئترڪ پاس ڪرڻ لاءِ ٽيسز لکڻي پوندي هئي تن ڏينهن ۾ سندس ملڪ ۾. ٽيسز لکيائين يونان جي مشهور فيلسوف اپيڪيورس جي فلسفي تي. ان سان گڏ ٻئي نوٽ ٻڌ تي ٻي ٽيسز ۾ لکي ورتائين. اها ويچي پٽس کي لکائي ڏنائين. چي "امان کي متان ڏيکارئين! لکائي ڇڏ" پٽس دوست هوس، پٽس کولي ڏسي ته عشقي شعر لکيا پيا آهن! ۾ن نظمن مان هڪڙيءَ جو عنوان هو: 'Jenny Thy Eyes!" "جيني تنهنجيون اکيون." ٻيءَ جو هو "Jenny is Love, Love is Jen-ny' "جيني پيار آهي. پيار جيني آهي." نواب ويسٽفالين جي ڏيءَ ۽ پرشيا جي وزير داخلہ جي پيٽ جينيءَ سائس لائون لڌيون ۽ هن فقير سان بک ڏک ۽ جلاوطنيءَ ۾ اهو توڙ نيايائين جيڪو دنيا جي تاريخ ۾ هڪڙو مثال آهي.

نادیا جو مڙس ۽ جڏهن جهنگ بيران ۾ جلاوطن هو تڏهن اٽاهہ پورهئي کان پوءِ ڪتو ساڻ ونڊي برفاني ٻيلن ۾ گهڙي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته آڏيون ٽي ويندیون هيس شڪار ڪندي. اتي ٽي ڪيس نادیا جو، جيڪا پاڻ سوين ڪوهہ پري جلاوطن هئي، تنهن جو مشهور معروف مزيدار جواب ملیو هو: "پاڻ ۾ شادي ڪريون؟ جي هروپرو ڪرٽي آهي ته پوءِ ڪٽي ڪجي!" انهن اکرن سان هن جي بي مثال جوڙي جو اهو تاريخ ساز ساٿ شروع ٽيو جنهن دنيا ٽي بدلائي ڇڏي.

جڏهن پوءِ پٽرس ۾ هو تڏهن عياشيءَ لاءِ هڪڙي سائيڪل ورتائين. ٽرام جو پاڙو ۽ بچائيندو هو. ۽ سير ۽ ڪندو هو. ڪڏهن پاڻ ۽ نادیا، ڪڏهن ٽيون ۽ ڪو ساٿي يا ساٿياڻي. ڊبل سواري پٽرس شهر جي ڪاب گهٽيءَ کوبہ اهڙو پاڙو ڪونہ ڇڏيائون جنهن کي چڱي طرح بار بار گهمي ڦري نہ ڏنائون. ڪڏهن ڪڏهن پري پهاڙن ۾ نڪري ويندا هئا. ڪنهن ائڪسيڊنٽ ۾ سائيڪل پڇي پيس. ڪورٽ ۾ دعويٰ ڪري عيوضي ۾ ٻي سائيڪل ورتائين. وري ۽ اهو پاڻ اها نادیا، اها سائيڪل، الوڙي واهي! راڳ جو نندي هوندي ڪان شوقين هوندو هو. گهر ۾ پاڻ نادیا گڏجي ڳائيندا هئا. ناول، شعر، ناٽڪ، هر شيءِ جو ڪوڏيو هو. رات ڏينهن چرين وانگر اٽاهہ ڪر ۽ پوءِ مست ملنگن وانگر وندر. پويان ۽ ائن. پورهيت ثقافت جو هڪڙو مڪيہ ڪر پلي نموني جي وندر ڏيڻ ۽ آهي.

فقير ۽ انهي طريقي جو پوئلڳ آهي. سخت جاکوڙ ڪان پوءِ هر قسر جي نندڙين نندڙين وندرن جاگراهہ پور ۽ خوشين جا ٽڪر ٽانبا، چرچا، پوڳ، قرب، ڪچهريون، ادب، راڳ، فلمون. اڳي غريب لڌي جي فلمن جو ميلو ٽيو ته ماٿهو لڌو لاهي وڃي ڪراچيءَ ويهي رهيو. ۽ پوءِ وري اهائي هل هلان جوڳي رمتا پلا! اهو آهي اي ڏٽيءَ جا ڏٽيل! ڏکن جي ڪڙاڻ پيڻ مان فقراء جو مطلب.

رڳو تو پارن پلارن جون دعائون گهرجن. باقي ملڪ مٽائي ٽيڻ ڪان پري

آهي. ڳالهه جي ڏهيون ڏهيون ٿي وڃڻ جو پس و پيش کو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. کير آخر پهرن تي جمندو. پنهنجي وقت تي ڳالهه اهڙي پيچ ۾ اچي ويندي جو سڄا جهان مڙي ڏسندا. ڪچايون، ڪايون ۽ گهٽ وڌايون آهن. رهنديون. پر پچاڙيءَ جو انهن جي اڻ وٽندڙ ياد وڃي رهندي. منزل تي رسڻ کان پوءِ گس جي ڏوڙ جي ياد وانگر.

سلام سنگت کي. جيڪو پچي تنهن کي ڏبل!

تنهنجو.

رات جا ۷ بجا. وهنجي اچي ويٺو آهيان. مصيبت هاڻ اها آهي ته سياري ۾ به رات جو وهنجي (گرم پاڻي سان) نه سمهبو ته بدن ۾ جڙ سُيون پيون چيندیون! مٽان پرڪلي پائوڊر به هٽڻو آهي! رات سميو ڪري کونه وهنجيس ته سڄي رات پاسا ورائيندي گذري ويئي. هن مهيني ۾ ڪئين راتيون تجربا ڪيا اٿر ته بنا وهنجڻ ۽ پائوڊر هٽڻ جي سمهان پر پوءِ سڄي رات جاڳندي ۽ پاسا ورائيندي گذري ٿي. اونهاري ۾ ته خير ٺيڪ آهي. ۾ سياري ۾ روز وهنجڻ سو به رات جو. وڏو آزار ٿيو پئي مون جهڙي ماڻهو لاءِ. يعني قصو اٿو. اڳي مهيني ۾ وهنجي کونه سگهبو هو. هاڻي مجبوراً روز وهنجڻو آهي. سياري توڙي اونهاري. رات جو سياري ۾ وهنجڻ ڪري وري تڏ ٿيئي! اهڙا لقاءَ به ٿين ٿا هن دنيا ۾. بهرحال اڳي نسَورو وڻل هو! جيئڻ جنجال هو! هاڻ مڙيئي ٽائير پاس.

اڄ ادبي ڪتاب جي ڪم سان گڏ هڪڙو نئون مختصر مقالو شروع ڪيو اٿر. ڪچ وقت کان ولي اهو ذهن تي بوجو بنيو ٻيٺو آهي. اڄ آخر ان تي لکڻ شروع ڪيم. اڄ به صفحا لکي شروعات ڪيم. عنوان اٿس. "سفيد پوش ڪيڏانهن وڃن؟" منهنجي خيال ۾ سندي سفيد پوش طبقي لاءِ هڪڙي مدلل، واضح ۽ قائل ڪندڙ سائنسي سماجي راهه عمل گهڙي تيار ڪرڻ ۽ کين ان جي تعليم ڏيڻ ۽ متن تبليغ ڪرڻ کان سواءِ ان طبقي، جنهن کان سواءِ سنڌ ۾ انقلابي جدوجهد کو خاص واڌارو ڪري ڪانه ٿي سگهي، ان جو کو قابل ذڪر حصو جدوجهد ۾ شريڪ ڪري کونه سگهبو. جيترو وڌيڪ ويچار ٿو ڪريان اوترو وڌيڪ اها ڳالهه صاف ۽ چٽي ٿي نظر اچي. ان ڪري اها ڪوشش شروع ڪئي اٿر. ڏسون ڪيتري ٿي ڪامياب ٿيئي. ۽ ڪيترو ٿو وقت لڳي. آهستي آهستي وچ وچ ۾ وقت ملڻ تي لکندس. ڏرو ڏرو ڪري اهو نندڙو مقالو لکي وڃڻ گهرجي. بهرحال شروع ٿيو آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن لکجي به پوندو.

هيٽر اڄ ٺهرايوسين ته وري بگڙي پيو. وري ٺهرايوسين. هاڻ هڪڙي راڊ تي هلي پيو. پراڻو ٽي ويو آهي. ياد ڪري ڪنهن کي چوان ته نئون وڻي اچي. بهرحال اڄ رات ڪمرو گرم آهي. چار بلب پيا ٻرن ٿي وي ريڊيو ٻئي خاموش آهن. ريڊيو پاڻ بند ڪيو اٿر. اڄ ڪجهه خط موڪليم. ڪجهه کونه موڪليم.

مختيار ڏانهن لکيل خطن بابت قاصد تي اعتبار ڪونهي. جي ويڃي پاڃائي پنجاٻڻ کي ڏيئي اچي تہ مختيار تہ اڳي ويل جي منهن ۾. پٽ منهنجي ٻہ ويندي. ڪنڌ ۾ ڪجهہ سور اٿر. اڄ وار نهرايو. اخبار ڪجهہ ڏينهن کان باقاعدي ٿي ملي. مختيار جي دوست پرويز اڄ شاڪر شاهہ کان پڇيو تہ "پليجو صاحب کهڙيون شيون پسند ڪندو آهي؟ منهنجو ڏنل ڪونهي. پر آءٔ پانيان تہ سندس خدمت ڪريان. فروٽ کاڏو ۽ ٻيا سامان وٺي ڏيان ۽ سي ڪٽي ويڃي ڏينس ۽ ٻيو جيڪي پسند اچيس سو پڇي اچيس" هن چيو تہ مون چيس تہ" مون کيس گهٽو ڪري ڪتاب ڪائيندي ڏٺو آهي!" چيائين. "پوء جيڪي ڪتاب گهرجن انهن جا نالا لکائي ڪٽي اڄ!"

اڄ ڪجهہ اقبال جا ڪتاب جن مان مونکي هن ڪتاب ۾ حوالا گهرجن، تن جا نالا لکائي ويو آهي. سياڻي، پرينهن آرام جا ڏينهن آهن. چنڊ ۽ آڇر تي ڪتاب تي ڪر ڪندس. ڪر آهستي پيو هلي . وچ ۾ پروگرام جي ابتڙ رڪاوٽون بہ پيون پون. ڪيترا ڪر جا ڏينهن ڪر نٽو ٿيئي. بهرحال رف مسودي جو پهريون باب ايندڙ هفتي پورو ٿيندو. ايان فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون ڏيئون بہ ڪونہ اٿر. جلد ٻڌائي ڪٽي اچڻ لاء چيو اٿر. همراہ بہ ڪر وارو آهي. منهنجون فرمائشون ويچارو ڪيتريون پوريون ڪري ڪيتريون ڪري! تہ بہ همت ڪريو اچي. مير مظهر جي ملاقات جي موڪل جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن.

26/11

ڪلهہ پرويز آيو. مغربي ادب جي تاريخ جا فوٽواسٽيٽ نقل جلد ٻڌائي ڪٽي آيو آهي، جلد فرسٽ ڪلاس آهي. ڪتاب ٽي ويو فرسٽ ڪلاس. پر قيمت بہ فرسٽ ڪلاس ٽي ويئي هوندیس. انور مهدي جا ٻار بہ ملاقات تي آيا هئا. پاڪر پائي چميون ڏنائين. سڀي ڪچهري ٽي ساڻس ۽ سندس زال پٽ ۽ پاءٔ سان. مونکي چيائين تہ "هي (پٽ ڏانهن اشارو ڪري) اولاد پنهنجو ڪري سمجهہ! آءٔ رٽائر آهيان. هن تان هٿ متان لاهين!" پٽ بہ اهڙي نموني جي ڳالهہ ڪئي.

پٽس چيو تہ "مون ڪراچيءَ ۾ اوهان جو گهٽو ذڪر ٻڌو آهي." پاڻ اتي انجنيئر آهي. بهرحال ڪچهري سڀي ٽي. پنهنجائي واري. پرويز سان بہ سڀيون خبرون ٽيون. رضا ۽ مشتاق اعوان جيلرن وڏي اشتياق سان ڪن ۾ مجيد قريشي جو ٽيليفون تي ڏنل نياپو ڏنو. "معاملو ٺيڪ ٽي ويو. جئين توهان چيو تيئين ڪيوسين" مون کيس هڪڙي ٽي ڳالهہ چئي هئي تہ تنهنجا مائٽ ۽ جوٽهين جا مائٽ پلي پاڻ ۾ وڙهن. پر تون پنهنجي نياڻيءَ کي نقصان پهچڻ نہ ڏي. وڙهن شينهن لتاڙجن ٻوڙا وارو ڪر نہ ٽئي. ٻہ خط لکي سخت تاڪيد ڪيو هومانس. اهو شايد فيصلو ٽي ويو آهي ۽ ناهہ ٽيو آهي. ڏاڍو خوش ٽيس. ڊپٽي کي رفيق جي

بدليءَ لاءِ چيو ٿي. پر اُلٽي بُرج تان لاهي ٻاهر رکيائونس. اڳي کان چٽ. مون مان ايجان اها عادت نٿي وڃي! نندڙن نندڙن ڪمن لاءِ ماڻهو چون ته سفارش ڪر پوءِ ڪنڌ ۾ اڙجيو ويجان! ڊپٽيءَ کي کهڙي خبر ته بدلي ڪري همراه جو سر کيڏانهن ويو! هيٺين پنهنجو حساب برابر ڪري چڏيو. هاڻ وري جڏهن گلزار اچي. ٿورو به ڪنيرءَ ڪر به الٽو ٿيو.

اڄ ڪجهه خطن جا جواب موڪليو.

27/11

سائڻا ڏهه ٽيا آهن صبح جا. اس تي ڪرسي ٽيبل وجهيو ويٺو آهيان. ڏينهن سٺو آهي. صحت خراب نه آهي. اڄ ۽ سياڻي ڪر جا ڏينهن آهن. ڏسان ته کهڙا تا ڦاڙها مرن. ڪلهه ڪنڌ ۾ سور هو. سمجهيو ته شايد اها مصيبت وري شروع ٿي ويئي. پر اڄ سور گهٽ آهي. اکيون ايجان نٽيون ڇٽن. ڇو؟ ڊاڪٽر ڇئي ٿو ٽائيم لڳندو. پر آخر ڪيترو؟ هي ته مهينا ٿي ويا آهن.

بيگم صاحبه ٻاهر آهي. ضيا وڃڻ جون تياريون پيو ڪري آمريڪا مائي باپ ڏانهن. ايشيائي راندیون اسان جي پرپٽ هلن پيون. نوراني ڇئي ٿو ته گول ميز ڪانفرنس ٿيندي. هن پيري اڳيون غلطيون ڪونه ڪنداسين. پاڳاري اعلان ڪيو آهي ته گول ميز ڪانفرنس آءٌ ڪونائيندس. ان تي نورانيءَ وارن ۽ پاڳاري جي وچ ۾ ٽڏائي ۽ شروعاتي بيان بازي ٿي آهي. ستار نيازيءَ "گول اسٽول ڪانفرنس" جي ٽوڪ هنئين پاڳاري ڪي. ڪوٽر نيازي ڇئي ٿو ته ۷۳ وارو آئين پنهنجي ٽوڙيندڙ لاءِ موت جي سزا مقرر ڪيو ويٺو آهي! هاڻ فوج به آئين ٽوڙيو ويئي آهي. جي هاڻ آئين ٿو ساڳيو بحال ٿيئي ته پوءِ آئين ٽوڙيندڙ جنرلن جو ڇا ٿيندو؟ انڪري پاڪستان جا سڀ ماڻهو ۽ ٻيا سياستباز پنهنجو آئين ٽوڙي جنرلن جهڙا ٿين ۽ حڪومت جون اصل واڳون انهن جي حوالي ڪري پاڻ انهن جا ڪمدار ڪاراوا ٿين. پوءِ ڪين به قرلٽ مان ٽڪر ٽانبو ملندو. صلاح مائٽاڻي آهي. گهٽا دل ۾ راضي به آهن ۽ ان سازش ۾ شروع ڪان. يٽي جي دور کان ونيءَ شامل به آهن. پر جي ماڻهن جي پڪ ٿئي ته ممڙ ڪونه مڇائيندا. انڪري ٻئي پاسا! اندارن جنرلن ۽ رجعت پرستن ۽ سامراج سان ٻڌ. ٻاهران جمهوريت آئين ۽ قانون جي حڪومت جون ڳالهيون! هيستائين ڦهندي آئي اٽن. شايد هينئر به ڦهي وڃين. پر گهٽو وقت اهو ڏنڏو مشڪل هلي سگهي. آخر ماڻهو آهن. ڏور ته ڪونه آهن. ڪنهن ڏينهن سمجهي ويندا. اهو ڏينهن بنهه ايڏو پري ڪونه ٿو ڏسجي!

پورا ڏهه ڏينهن ڪتاب جي ڪر کي هٿ لاهي ڪونه سگهيو آهيان.

1/12

۱۱ بجا ڈينهن.

ڪجهه ڈينهن کان طبعيت ۾ آلس آهي. رات محسوس ڪيم ته نند پوري نٿو ڪريان. ڪلهه ڪجهه ڪم ڪيم. اڄ به ڪرڻ جو ڈينهن آهي. ڈسان ٿيئي ٿو يا نه. ڪلهه ضيا جو شايد اعلان ٿيو ته "جي "مثبت" نتيجن جي نڪرڻ جي خاطري ٿيم ته پوء ٽن سالن ۾ اليڪشن ڪرائيندس" ڪلهه گ آيو هو. ڪچهري ٿي. ڪنهن مهل سوچيان ٿو ته هي ڈائري لکڻ بند ڪري اهو بچيل وقت ڪنهن ٻئي ڪم ۾ سجايو ڪجي. ڈسجي ڪهڙي ڀالهه ٿي ٻيهي.

2/12

"هٽين گل ميندي، پيرين گل ميندي
منهنجو ڪالهونڪر ٿو ڪانگ لنوي
منهنجو ڪالهونڪر ٿو روح چوي
منهنجي اگڻ ٻاروچو آيوڙي!"

زرينا ۽ ڪمپني (ٻکي، مني، امينه وغيره) ٻاهه ٻاريو ٻيٺيون آهن صبح سان. بلوچي ڈن ۾ "وانون (؟) وجهان، ماٹهو منجان، هاء ڇان، هاء ڇان" ٻه وڻيو. "گهر گهر جوت جلائي سانجهي آئي" ان ٻه مزو ڈنو. سنڌيء ۾ سنا ڪلام وڈي تعداد ۾ رڪارڈ ٿي ويا آهن. سَوَن ۾ ٿي ويندا. اها تمام خوشيء جي ڀالهه ٿي. مونکي ته اهي رڪارڈ ٿيل ايترا گهٹا ڪلام ٿا وٹن جو پانيان ته سڄو ڈينهن ٽيپ تي ويٹو ٻڌجي ته نه ٹڪجي. البت عام سنڌي فلمي گانو ٻڌي هڪدم بند ڪري ڇڈيندو آهيان. ڪيڈي بکواس جي جرئت ڪري سگهن ٿا اهي ماٹهو!

ڪالهه بلوچي ڪلام ٻڌم ڪچ دير. ٽيو ڈينهن رڳو ايراني راڳ ٻڌم ۽ چوٹون ڈينهن عربي! هر موسيقيء ۾ ڪانه ڪا ڀالهه اهڙي آهي جيڪا ٻين وٽ ڪولهڙ اجائي آهي. (اڄ اردو سروس ۾ هڪڙو اردو گانو ٻڌم جنهن ۾ سنڌي راڳ جي ٽچ هئي، ٻولن ۾ به ۽ ٹلهه ۾ "او مارو (ڇا او ماٹهو) ۽ او ڈولا جا اکر هٹا. شايد ڪنهن سنڌي موسيقار جو ڪم آهي)

بلوچي جا ايان اکثر رڳو پراٹا ڪلام پيا هلن.

ڪندانا، ڪندانا، ڪندانا، پدا بيا ماهه لقا!
(ڪلندي، ڪلندي، ڪلندي، وري اڄ چند جهڙي سهڻي!)
تئي صورت زيبايا....
تئي شيٰن... ڪو، ظهيرين متي ڪور ڪو.

(تنهنجي سهڻي صورت..... تون الائي ڪيڏانهن پري هليو وئين هتي تنهنجي سار مونکي انڌو ڪري ڇڏيو آهي) پر ڪي نيون ڏنون بہ ٺهيون آهن. گهٽيون نہ، پر تہ بہ آهن. پر شاعري اهائي چٽ ٻاراڻي آهي. تڪبنديءَ جي حد تائين. ڇو تہ سچو بلوچ شاعر ريڍيو تان تازڪ آهي. اتي رڳو تُڪبند ويٺا اهن. مراد ساحر، جي آر ملا، سيد هاشمي، آزاد جمالديني ۽ ٻيا اهڙا ڪئين سچا فنڪار ايان نہ چگيءَ طرح ڇڇي سگهجن ٿا نہ ڳائجي سگهجن ٿا. البتہ گل خان نصير جي اڇلهہ ڪوشش ڪري تہ واهہ جو اچي سگهي ٿو. بشرطيڪ ڪلام ڪي ٻيا لکي. سندس نَونَ باوردي دوستن جي نازڪ طبعيت تي بار نہ ڪرڻ وارا. اڪثر سوچيندو آهيان تہ اسان اديب ۽ دانشور ماڻهن کي ڪهڙي پٽ لڳل آهي جو چئن ڏينهن جي ڪوڙي چٽڪي تي وچينءَ تي روزو ڀيڙيو، سون جي ماڙي کي گونهن جو راڳو ڏيو. ويهو رهون. ڪو پهتل اهڙو هجي جنهن کان سڳو وٺائي ٻڌي ڇڏيون تہ من ان موڏي ۽ خوار مرض کان بچي ڀئون! هينئر تہ سڀ ڏاڍيون پليون ڳالهيون ٻيا ڪريون پر شل نہ شيطان پاسو ڏينون! شل سيني جي عاقبيت موچاري ٿئي. هر ڪنهن تي چارڪڪ ٻيا رهن؛

آءُ ڪئن لوئي لاهيان ڪارڻ ہن ڏينهان؟

ڪچن وڏا پاند جيئڻ ٿورا ڏينهڙا!

4/12/82

رس کي بهري نينا
ان نين ني موسي جادو ڪهيو
ڪو سي ڪهون جي ڪي بين ري

(تنهنجا رسيلا نيڻ. انهن مونتي جادو ڪري ڇڏيو. من جو ماتر ڪنهن کي ٻڌايان؟)

الائي ڪير ڏاڍي سٺي سر سان ٿمري پيو ڳائي. ڏاڍ مٺو آهي! ضمير احمد. هاڻ دادرا شروع ڪيو اٿس.

رتيان کدهر گنوائين ري
بلما هرجائي ري
(هرجائي بالما راتيون ڪٽي ويائي آئين)

ڪجهہ ڏينهن اڳ زرينہ جو خط مليو.
من!

اميد ته خوش هوندين. بار خيريت سان پهچي ويا. سونهن چوي ٿي ته بابا کي ياد کريان ٿي. بابا مون سان گڏ کونه آيو. مونکي بابا گڏي ولي ڏني. بابا کي مون چاکليٽ کارايا. آءُ وري توسان، گندلي، ڪليلي، پره سان گڏجي ويندیس. هاڻ ٻڌاءِ ته تنهنجا بار توسان ڪيڏو نه پيار کن ٿا. انهي مان منهنجي پيار جو اندازو لڳاءِ ته سونهن سڄي پنهنجي ڏاڏيءَ تي ۽ نانيءَ تي ويئي آهي. توکي مونکي ته هينئر ئي وڪٽي ڇڏي. آءُ ته هن ٻارن جي جمڙ وڏڻ ويجهڙ ڪري ڏاڍي خوش آهيان. هينئر جيڪر مري ب ويان ته پاڻ کي اڪيلو محسوس نه ڪندیس. تون ٻڌاءِ ٻارن جي اچڻ سان تنهنجا چا تاثرات هئا. تو سونهن ۽ امرتا کي ڏسي چا محسوس کيو. ان وقت تنهنجي دل جي ڪهڙي ڪيفيت هئي جڏهن سونهن توکي چيو ته بابا مون سان گڏجي هل. هت سڀ خير آهي. صحت حالتن پٽاندر پيئي هلي. هوئن ب ڪپڙو پراڻو ٽيندو آهي ته هن ۾ چتيون هٿيون پوندیون آهن. پوءِ ٿوري ڇڪ اچڻ ڪري اهو ڪپڙو هر هر پيو ڦاٽندو آهي. نيٺ ب ته رب ڏانهن موڪي ويڻو آهي. آءُ توکي خط لکندي رهندي آهيان. خبر ناهي چو نٿا ملن ۽ جي ملن ٿا ته تمام دير سان. انهن خطن جو ب ته و ڏان جواب نٿو ملي.....

تنهنجي.

اڄ نڪ سُون سُون پيو ڪري. صبح جو الطاف ۽ عبدالرحمن بجليءَ جا مستري آيا. ايندي شرط چيائون ته "اڄ اسين توهانجا شاگرد ٿينڙ جو فيصلو ڪري آيا آهيون. شاگردیءَ جي منائيءَ جيڪا ڇڪو سا آڻيون". مون چيو ته "ريوڙيون ولي اچجو" ۱۷ مهينا اڳ گڏيا هئاسين ته رڳو نورئي نور هئا. ڪنهن ڪالهه تي ڪک ئي نه ٿي سڻائون. سرڪار شريف جا محافظ ۽ علمبردار ٿيا بيٺا هئا. اسان جهڙن گنهگارن ۽ عيبدارن کي ب ڪجهه ٻڌائين ٿا ۽ ڪجهه ٻڌن ٿا. اڄ اقبال تي ڪالهه ٻولهه ٿي. مون سندس فلسفي جي چند ڇاڻ ڪئي. آڏي اک سان عبدالرحمن ڏانهن ب پئي ڏٺر ته بيهوش ته ڪونه ٿي ويو. پر شڪر آهي خير ٿيو! الطاف مهاجر آهي. جهڙو ڇڪجي تهڙو. عبدالرحمن پنجابي آهي. جهڙو ڇڪجي تهڙو. الطاف وڏيڪ چيڙهو ۽ پڙهيل آهي. اڄ چيائين ته "روس ب هٽلر سان ملي ويو هو" لاچار ٻڌائڻو پيو ته چو. ڪجهه پس منظر ب ٻڌائڻو پيو. جڏهن انقلاب جي ڪارنامن جي ڪالهه ٿي ته ڏٺر ٻنهي جون اکيون خوشيءَ وچان چمڪي اٿيون. ڪالهه ڪالهه ٿي چون "واهه!" خاص ڪري انقلابي سپاهين جيڪا زار جي جنرلن جي "خدمت" ڪئي سا ٻڌي تاڙيون هٽڻ لڳا. "اچها کيا!" "وه مارا!" جهڙا ٻارا! ماڻهو جي ڪالهه سمجهن (۽ چيڙهو ٿي ڏکهي عرسي تائين سمجهائجي ته سمجهي ويندا) ته جيڪر هي سمورا ڊونگ ڪکن وانگر اڏائي ڇڏين!.

زرينه کي لکيم:-

من!

تنهنجو ۱۰/۱۱ تي لکيل خط ..... اچي پهتو. هڪڙو خط اڳ ۾ پهتل هو. ان سان گڏ وڌن جا ڪن ڪٽريندڙ هڪڙي نديڙي ماڻهوءَ جي، نديڙي لفافي ۾ پيل نديڙو خط ۾ هو.

اڄ شاندار ڏينهن آهي. روشن ۽ وٽندڙ. جتي ويٺو آهيان، اتان دروازي مان آسمان جو ڪجهه حصو ۾ پيو نظر اچي. ايڏا ايڏا پکي الائي ڪهڙي پنهنجي ڪم سان لامارا پيا ڏين. مزا آهن پکين کي. نه وقت تي اسڪول وڃڻو نه ڪورٽ پهچڻو ۽ نه ڪن ڦڏن ۾ پوڻو! پر ماري ويچارن کي نٿا ڇڏين.

"هڪڙي ڪونج نه مارا! اڙي آهيڙي،
هڪڙي ڪونج نه مارا "
"

پنهنجي سموري بي نصيبيءَ (بي نصيبي ئي هئي ٻيو ڇا هو؟) جي باوجود ايڏا ڪير سڏائي!

سويل اخبار پڙهيم. اجهو ماني کائي، گرڙي ڪري، توکي خط لکڻ ويٺو آهيان. پهرين طعام پوء ڪلام. گهر گوشت جو ايتريون پوٽيون مون اڪيلي کي ٽورو ٿي ملن ها! يا گندليون، ڪليليون، سونهون ۽ امرتائون ٽورو ٿي کائڻ ڏين ها! هتي اهي مزا آهن. کاءِ ڙي وتايا کاءِ! مشڪل رڳو اها آهي ته مونکي کائڻ سان دلچسپي ڪانهي ۽ هن ڳوٺ ۾ کارائڻ جو رواج ۾ ڪجهه گهٽ آهي. پر پوء ۾ پاڻ ڏکيا ڪونه آهيون.

"برابر ڪپڙو پراڻو ٿيندو آهي ان ۾ چٽيون هٽيون پوندیون آهن ۽ پوء ٽوري چڪ ڏيڻ سان اهو هر هر پيو ڦاٽندو آهي."

وقت گذرندو رهي ٿو. ٻار جوان ۽ جوان پوڙها ٿيندا وڃن. ۽ ماڻهو مريو وڃن.

جواني جواني! هاءِ جواني جهوٽو ڙي! پر ۹۹ سيڪڙو ماڻهن جي جواني هڪڙو رڻ پٽ آهي جنهن ۾ اتفاق سان ڪٽي کو سائي گاهه جو ٻوٽو ۽ پاڻيءَ جي ڏوري نظر اچي ٿي نه ته سَڄ ئي سڄ آهي. اڪثر محنتي، محروم ۽ مظلوم ماڻهن جون جوانيون جهڙيون آيون تهڙيون نه آيون! 'سرجي تان سور، ساماڻي تان سک ويا!' ٻئي طرف پوڙهپڻ جا به قسر آهن، گندا، خود پرست، ماڻهن مان بيزار ماڻهو. پوڙهپڻ ۾ وڌيڪ گندا ۽ چٽيون ٿيون پون. جهجهن سان گڏ جيئندڙ مرندڙ ماڻهو جيئن وڌا ٿيندا ويندا تيئن هڪ حد تائين وڌيڪ پلا ٿيندا ويندا آهن. زندگيءَ جي لڪَ ۾ آهي ماڻهن لاءِ قرب ۽ شفقت جا ڇَپر ۽ چانورا ٿي سگهن ٿا. سندن تجربي، ڏکهي نظر ۽ اندر جي سونهن سان هو ماڻهن لاءِ روشنيءَ ٿي

سگهن ٿا.

برابر جوانيءَ ۾ اهي ڪالهيون آهن، جيڪي هالپٽ ۽ هَڏاپٽ ۾ ڳولهڻ عبث آهن. پر هالپٽ ۽ هَڏاپٽ ۾ اهي ڪالهيون ٽين ٿيون، جيڪي جوانيءَ کي حاصل ناهن. دراصل انسان ذات جي ڪَڏيل واڌاري لاءِ هالپٽ جي معصوميت، جوانيءَ جو جوش، زور ۽ دليري، ۽ وڏي عمر جي دوراندیشي، تجربيڪاري، ۽ شفقت هڪجهڙا لازمي آهن.

اڍائي هزار سال اڳ يوناني شاعر پيندار چئي ويو آهي. "قرب پري ۽ آبرو واريءَ هڏاپٽ لافانيت جي هالپٽ آهي."

وقت جي اجهل وهڪري تي افسوس ڪائڻ يا ڪانئس ڍڄڻ بدران ان سان گڏ هلي مٽس سواري ڪري سگهجي ٿي. ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ هڪ ڪهاڻ ڏيندڙ ڦورو ۽ ظالم سماج سان ڍڪجي پرپور ويڙهه ڪرڻ کان پوءِ موت کي هڪڙو آرام، هڪڙو چونڪارو، هڪڙي تڪميل نه ليکجي؟

هارن کي ڏسي بي انداز خوشي ٿيم. گڏجي هلڻ واري ڪالهه امان ۾ ڪري ويئي هئي. هر دفعي ڏاڍي دل کي ست آئي ته هنن کي چا سمجهائجي ۽ ڪيئن سمجهائجي. هي بادشاهه ماڻهو منهنجا دليل ٿوروئي ٻڌندا! پاڻ اڳي اڳي بازار مان ڪَوچڙن کان ۾ پرايون چوڪريون ونيِ آيا هئاسين پٽسن تي. اهي ڪٽي آهن ۽ چا پيون ڪن؟ اديءَ "ز" ۽ سونهن کي جواب الڳ ڏيندس. پوءِ. في الحال سيني هارن کي پيار.

..... جي ڪري سخت رنج ۽ ناراض آهيان پر هيترن ڪوهن تان مناظرو ڪرڻ جي ڪوشش اجائي آهي.

تنهنجو.

گندليءَ، ڪَليليءَ کي چئبو آهي ته 'اوهين ڪَوچڙن جون ڏيئون آهيو. اوهان کي اسين پٽسن تي بازار مان ڪَوچڙن کان ونيِ آيا هئاسون ته ان تي ڪيئن نه چڙندیون آهن ۽ دانهون ڪنديون آهن! بار بار تصديق ڪنديون آهن ته متان سچ پچ ڪَوچڙن جون ڏيئون ته ڪونه آهيون. اها خبر ئي ڪانه ته ڪَوچڙن جون سچيون پچين ڏيون' ۽ گندليءَ، ڪليليءَ جي مائٽن جون ڏيون ٽيڻ کان ايتري ئي ڪراهت ڪائيندیون هوندیون! جيڪي مائٽ گڏڙ ڪُهي ۽ نه ڪارائين انهن جو اولاد ڪير ٿيندو؟!

5/12/82

صبح سان ڪراچيءَ تان سنڌي پروگرام ۾ اڪثر چچريل ۽ غلط اچارن، غلط لفظن، غلط جملن ۽ بيهودي تڪبنديءَ وارا سنڌي فلمي گانا پيا اچن. ڪافي

دير بور ڪيائون. اردوءَ ٻوليءَ جي آچارن، محاورن ۽ شعر جي ڪو اهڙي حالت ڪري تہ پاڪستان ۾ بغاوت ٿي وڃي! نام نهاد قومي پريس يعني مهاجر- پنجابي رجعت پرست سرمائيدار جاگيردار پريس شعلا شعلا ٿي وڃي.

هاڻي مس مس ريڊئي جا رڪارڊ ٻہ ٻيا وڃن. هڪڙي ڪلام جا ٻول آهن:

"او سانورا، او بانورا، توکان سواءِ ڪهڙا ڇانورا!"

ڏهن جي ڪمپيوٽر هڪدم اکين اڳيان ماضيءَ جي هڪڙي خوبصورت تختي آڻي بيهاري ۽ ڪنن ۾ هڪڙي وسريل اٺ وسريل، اٺ وسرندڙ گيت جا ٻول گونجڻ لڳا.

"منهنجا پرين
او سانورا، او بانورا!
گهر ۾ گهڙين، چوري ڪرين، ڪلندو ورين،
مان لک چوان، پيرين پوان،
پر جو مڙين، او شل جڙين!.....
منهنجا پرين
او سانورا، او بانورا"

"ڇانورا" اکر ٻہ اٺ لڪو ٻٽڻ ڏهايو ۽ وري ٻہ ڪو مڏر آلاپ ڪنن ۾ گونجيو:-

"ماک ۾ ميندرا، ڪاڪ روئندي رهي
رات آئي وئي تون نہ آئين ڪهي!
..... سانورا تو سوا ڇانورا ڇا ڪبا؟
لوءِ تنهنجي لڏي، لوءِ لڳندي رهي!
او وڃان مان وڃان، ڪٿ پيرو پڃان
سڄ ويندو لهي، پير ويندا ڏهي....."

اڄ ٻہ شيخ اياز بابت ازخود سوچڻ لڳس. سوچيم تہ اياز فلسفي جو ٻہ شاگرد هو. ان ڪالهہ ئي سندس فڪر ۾ اها گهرائي پيدا ڪئي، جنهن ڪيس ڏهڙو وڏو شاعر بنائڻ ۾ مدد ڏني. پر اهو فلسفو سائنسي نہ. پر خيالي فلسفو هو. هن سائنسي فلسفو ٻہ پڙهيو آهي پر بنيادي طرح دشمن جي بيان ڪيل تشريح وارو. سڌو باقاعدي ۽ اونهو مطالعو نہ هن جو انقلاب جي نظريي جو آهي نہ ان جي تاريخ ۽ فلسفي ۽ ادب وغيره جو. ان ڪري سندس جيڪا عالمي انقلابي

تحريڪ لاءِ جذباتي همدردي آهي سا سو فيصدي فڪري هر آهنگيءَ تي ٻڌل ڪانهي. بنيادي طرح سندس مطالعو غير عوامي بلڪ اڪثر عوام دشمن فلسفي، تاريخ ۽ سياست ۽ ادب وارو آهي. (بادليئر، سارتري وغيره). ٻئي طرف سندس وطن ۽ سندس دور جي ڇڪ انقلاب ڏانهن آهي. سندس زندگيءَ جي ٻالپڻ ۾ غربت ۾ گذري آهي. ان جي ۾ جزوي ڇڪ اوڏانهن هئي. وري پاڻ سنڌ جي سفيد پوش طبقي جي حساب سان، دولتمند طبقي ۾ شامل ٿي ويو. پنهنجي گهر جي رهڻي ڪهڻي ۾ صفا عوام کان ڪوهين پري واري رکيائين. اهڙيءَ ريت هو رهڻي ڪهڻيءَ جي حساب کان ۾ عوام کان بنهه الڳ ۽ ڪٽيل هو. انهن متضاد اثرن سندس اڏ گيدي ۽ مشروط انقلابي فڪر کي لوڏي رکيو. سندس پير هر وقت هن ٻيڙين ۾ رهيا. انهيءَ ڊانو ڊول فلسفي ۽ عالمي نقطه نظر سان نيائي نيائي ۾ آخر ڪيترو نيائي سگهندو؟ باقي جا زوالي فلسفي ۽ ادب جي لغار لڳيس، تنهن مڙس جون هاجون لاهي ڇڏيون. اياز جو عالمي نقطه نظر سندس نظم ۾ ڏيکيل رهي ٿو. نثر ۾ اهوکليو پوي. ان ۾ غير عوامي باطني Mystical غير انقلابي بلڪ انقلاب جي ڪن لڳائن سان نفرت جا لاڙا ظاهر ٿيو پون. اياز جي ڪو ناول لکي ٿو ته ان ۾ سندس غير انقلابي بلڪ ڪن حالتن ۾ انقلاب دشمن لاڙا وڌيڪ چٽي نموني پيش ٿيڻ جو وڌو امڪان آهي. پر مجموعي طور هن جو سنڌي ادب ۾ سنڌ جي سجاڳيءَ جي تحريڪن ۾ جيڪو ڪردار بنجي ٿو سو. سندس وي- سي پٽي واري عرصي کي ڇڏي ترقي پسند، بيحد اهر، تاريخي ۽ شاندار بنجي ٿو.

رات، جالنڌر تان مرزا صاحبان پيو ڳائجي. جگجيتڪور ڄانو ڪري ڇڏي آهي! هونئن هي سر آهي ئي سرمستيءَ جي جذبن وارو. پر جگجيتڪور ته ان کي ڳالهه ئي اور بنايو ڇڏي. هڪڙي وٽندڙ نهايت مٺي جهڙوڪر سچاتل آواز ۾ غزل پيو ڳائجي. ڪير آهي؟ اڃا! سريندرڪور غزل ۾ ڳائيندي آهي! اڪي سندس هڪڙو غضب جو فلمي گانو ۾ ٻڌو هوم. واهه مائي واهه!

اڄ پنجاب جي ذاتين جو ذڪر نڪتو رفيق سان! ابيٽسن پنجاب جي الهندي ميدانن يعني لاهور کان الهندي ميدان جي جٽ (يا راجپوت) ذاتين جا نالا هي ڄاڻايا آهن:

(۱) ٽهيم (۲) پٺا (۳) لانگاهه (۴) چنار (۵) سومرا (٦) چڏڙ (۷) سپرا. ان پٺ ۾ ٻيون ذاتيون آهن. لنگڙيال، نول، پنگو، ڪرل، هرل، مرل، هنس، ڪڳا ۽ جهنڊير.

گجرات، گجرانوالهه ۽ سيالڪوٽ جون ذاتيون هي آهن:

(۸) ترار (۹) وڙائچ (۱۰) ساهي (۱۱) هنجرا (۱۲) چيمار (۱۳) باجوا (۱۴) ديو (۱۵) گهمن (۱٦) ڪاهلون (۱۷) سرائي (۱۸) گورايا. ٻيون ذاتيون هي آهن: ڊوتر، لوڊيڪا، ڇنا، سڪ علاقي يعني وچ پنجاب، مٿين ستلج ۽ اوير

پنجاب ۾ هي هي ذاتيون آهن: (۱) ڍلون (۲) ورڪ (۳) سندو (۴) پَلَر (۵) مان (۶) هير (۷) بَٽَر (۸) اوڊي (۹) بال (۱۰) پنُون (۱۱) ماهل (۱۲) اولاڪ (۱۳) ڪل (۱۴) سدو (۱۵) پَرار (۱۶) ڏاريوال (۱۷) سرا (۱۸) منگتہ (۱۹) ڍنڍسا (۲۰) گانڊي (۲۱) چاهل.

امبالا کان گرداسپور جي پهاڙين جي هيٺ ويڙل ذاتيون هي آهن: رنڌاوا (۲) ڪانگ (۳) سوهل (۴) بين (۵) بوٽا (۶) اِٽوال.

ڏکڻ اوير پنجاب جون ذاتيون هي آهن:

(۱) ڪهٽوال (۲) ڍاگر (۳) جکر (۴) سنگوال (۵) سهروات (۶) ديهيا (۷) گوليا (۸) راڻي (۹) کتري (۱۰) دلال (۱۱) اهلاوت (۱۲) ديسوال (۱۳) ڍنڪر (۱۴) ڦوگٽ (۱۵) سنگوان (۱۶) باهنيوال (۱۷) نائن.

ايرين ميدانن جا راجپوت جن مان ڪي پاڻ کي جٽ ۽ سڏائين ٿا هي آهن: (۱) تنور (۲) چوهاڻ (۳) منڊاهر (۴) راوت (۵) گوروا (۶) بارگوجر (۷) جادو (۸) جتو (۹) باگري (۱۰) باريا (۱۱) آترا (۱۲) ٽئيپال (۱۳) راڻوڙ.

الهندين ميدانن جا راجپوت هي آهن: (۱) پنوهر (۲) پٽي (۳) وٽو (۴) جويا (۵) ڪچي (۶) ڊوڊي (۷) سيال (۸) رانجها (۹) گوندل (۱۰) ميڪان (۱۱) ٽوانا (۱۲) چيڙ (۱۳) وِڪ (۱۴) پٽا (۱۵) لانگاهہ (۱۶) هيرج (۱۷) سومرا (۱۸) مهر.

انهن مان وٽو، جويو، مهر، ڪچي ۽ ڊوڊي ستلج نديءَ جا ويڙل آهن.

مري ۽ هزار ٽکرين جا راجپوت: (۱) ڍونڍو (۲) ستي (۳) ڪيٽوال (۴) ڍانيال (۵) پڪرال، بيل، الپيال ۽ ڪروال. (۶) ڪانيال.

سالٽ رينج جا راجپوت (۱) ڪاهوت (۲) مائر (۳) جووِرا (۴) گيبار (۵) جنجوعا: جموءَ جي سرحد جا راجپوت: (۱) منهاس (۲) چيّ (۳) ٽکر (۴) سلهاريا (۵) ڪاتل (۶) گهنسي.

ايرندين ٽکرين جا راجپوت (۱) ڪٽوچ (۲) گوليريا (۳) ڏروال (۴) چاندپل (۵) پانيال (۶) پٺانيا (۷) جسوال (۸) ڍولوال (۹) لدوڪچلي (۱۰) نارَو (۱۱) ڪهوڙي واها (۱۲) مَنج (۱۳) ٽائون.

پنجاب ۾ رهندڙ ٻيون ذاتيون:

ڪڪڙا، اهواڻ، ڪتر، ڪوڪر، دائود پوٽا (ڪل ۱۸ هزار) ڍوگر، رور، ٽڳا، ميو، خانزاده، ڳجر (مالدار ۽ ٻني ٻارو ڪندڙ ذاتيون) مالي سائني.

آرائين، باغبان، ماليار، ڪانيت، گيرٽ، ايبا، لوڌا، ڪاچي، ڪمبوهہ، اهير، سيهتر، سرارا، ڪهوسي، ڪدي، چاچڙ، ڪوهير.

مزو اهو آهي تہ آرائين جون ۲۳ نندڀون ذاتيون جيڪي ڏنل آهن انهن ۾ پٽي،

ٻنا، جنجوعا، جيڪي اڳ راجپوت لکيا اٿس سي ۽ قطب شاهي جيڪي ستين نسل جا ڏيکاريل آهن ۽ چاچڙ به شامل آهن. ص ۱۹۶-۱۹۷ شايد آرائين هڪ پيشي جي ذات آهي ۽ جنهن به ذات جو ماڻهو ان قسر جي پوک ڪري ٿو ان کي اڳين ذات کان سواء آرائين به ڪوٺيو وڃي ٿو.

اڄ عام بلوچ پنجاب جي سڀ کان پوئتي پيل ماڻهن ۾ شامل آهي. هو صدين کان علم ۽ گذر جي بهتر وسيلن کان محروم سرداري نظام جي گنديءَ ڏهڻ ۾ قاٿو پيو آهي. سياسي طرح هو جڻ موجود ئي ڪونه رهيو آهي. هاڻي مس مس ڏکڻ ۽ اولهه پنجاب ۾ سرائيڪي تحريڪ جي حوالي سان، پڙهيل بلوچ نوجوان ٽورڙو ٽورڙو سجاڳ ٿي رهيا آهن. ان ۾ به قبائلي سوچ سندن لاءِ وڏي رڪاوٽ آهي ۽ اڳتي وڌڻ سندن واسطي ڏاڍو مشڪل بنايو ويڻي آهي.

اهي خبرون هيون محترم جناب ابٽسين جون! ڪيتريون صحيح ڪيتريون غلط سا ته 'ڪرڙ جي غيب جي خاوند کي خبر!' پر پار تي پنجاب سرڪار جنهن اهتمام سان هي ڪتاب بار بار شايع ڪندي رهي آهي تنهن مان سمجهجي ٿو ته ان جي بنيادي اهميت قائم سمجهي وڃي ٿي. مون وارو ڪتاب ۱۹۷۰ع ۾ پارتي پنجاب لئنگئيج ڊپارٽمنٽ ۱۹۷۰ع ۾ ڇپايو آهي دهليءَ مان. اهي انگ اڪر ۱۸۸۲ع ۾ يعني اڄ کان پورا سو سال اڳ ڪرايل پنجاب جي آدمشماريءَ جا آهن.

صاحب بهادر جو سڄو نالو آهي: سر ڊينزل چارلس جيلف ابٽسن! هڪڙي ڳالهه صاف آهي: همراهه چوٽيءَ جو عالم ۽ محقق آهي ۽ محنت سان حدون ڪري ڇڏيون اٿس. راجستان جا قصا لکندڙ ميجرٽاڊ وارا اڪثر سڪٽا ڊز ڪونه هنيا اٿس.

6/12

صبح.

ابٽسن لکيو آهي ته جٽ وٽ جڏهن دولت اچي ٿي ته هو پاڻ کي راجپوت سڏائي ٿو. راجپوت جڏهن ڪٽي ٿو يا پوئتي پوي ٿو ته پاڻ کي جٽ سڏائي ٿو. فقط سڪن اچي راجپوتن جي ذات پات جي وڏائيءَ کي ڏڪ هنيو. هن مان جيڪي اڳ پاڻ کي راجپوت سڏائيندا هٿا تن ۾ چيو ته اسين جٽ سڪ آهيون. جٽ سڪ هر راجپوت کان بهتر آهي. سڪن جا گرو ماڻهن سان گڏجي مائي ڪائيندا هٿا ۽ ان ۾ هر ذات جو ماڻهو گڏ ڪائيندو هو. اهڙيءَ ريت صدين کان پوءِ ذات پات جي وحشي نظام جي منهن تي پادر لڳو. هندو سنڌي اڪثر مذهبي طرح سڪ آهن. ان ڪري اسان وٽ ذات پات واري ڇوت ڇات هندستان جي ٻين صوبن جي ٻيٽ ۾

تمام گهٽ رهي آهي. ٻين هنڌن جي چوت چات ته وسهڻ کان ٻاهر آهي. مسلمانن ۾ چوت چات ته خير کانهي. پر ته به تعصب گهٽو آهي. اهو تعصب پستي، اوندهه، رجعت پرستي، جاگيرداريءَ ۽ آمريت جي قوتن جي هٿ جو هٿيار آهي. ان وسيلي هو ماڻهن کي سجاڳ ۽ متحد ٿيڻ نٿا ڏين. ذات پات جي فرق جي پاڙ پٽڻ، سنڌي قوم جي سجاڳيءَ ۽ انقلاب جي تحريڪ جو هڪڙو بنيادي ڪم آهي.

مون مٿيون ذاتيون فقط تاريخي حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ نوٽ ڪيون آهن. ورنه اوچي ذات فقط انصاف پريو نئون جهان اڏڻ لاءِ وڙهندڙ محروم ۽ مظلوم پورهيت عوام جي آهي ۽ جي کو نيچ ۽ ڪم ذات آهي ته اهو ان عوام جو ويري آهي. وچان تي ڳالهه کانهي. سنڌي قوم جهڙي نام نهاد اوچي ذات جي هندن، سمن، سومرن، سيدن ۽ بلوچن جي آهي تهڙي ڪولهين، پيلن، شڪارين ۽ جوڳين جي. پاڻ وڏيڪ آهي، گهٽ کانهي. دراوڙ سنڌي قوم کي ٽاهيندڙ مڪيه نسلن مان هڪ آهي. پر دراوڙن کي ايا سنڌ جي اڳواڻي کانه ملي آهي. بهرحال اڄتي هلي ڪولهي سنڌين، پيل سنڌين ۽ ٻين ڪٽين پوئتي ڏکيل سنڌين کي به عوام جي اڳواڻيءَ ۾ پائيوار ٽيٽو آهي ۽ ٽيڻ گهرجي. سنڌي پورهيت عوام ۽ سندن جدوجهد لاءِ اهو ڏينهن وڏي فخر ۽ خوش نصيبيءَ جو هوندو جڏهن پوئتي ڏکيل سنڌين جا انقلابي ڪارڪن به ترقي ڪري سنڌي تحريڪ جي اڳواڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندا ۽ اسين سڀ سنڌي گڏيل اڳواڻيءَ هيٺ پنهنجا قومي عوامي انقلابي فرض بجا آڻي اڄتي وڏڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

"سنڌ هاريءَ جي، سنڌ مزدور جي
سنڌ مظلوم جي، سنڌ مجبور جي.....
سنڌ ڪنهن مير يا پير جي ڪين آ
سنڌ دولت انهيءَ جي جو مسڪين آ" (تنوير عباسيءَ)

8/12

صبح جا ۱۰ بجا.

سيءُ. ڦڙ ڦڙ پيئي پوي. فخرو نمبردار گيٽ جڏي اندر اچي ويٺو آهي. وسئون ڪونه ايندو آهي اندر ويهڻ، جيلرن جي ڊپ کان. صبح جو اردو سروس ۾ پنجابي گيتن ۾ سسئي ٻڌيم. مزو آيو. پنجاب ۾ سهڻي گهٽ آهي. سڀ کان وڏيڪ هير، پوءِ سسئي، پوءِ صاحبان. سهڻي چڏي. الائي ڇو؟ ڪم بنهه نه پهتو آهي ڪچ ڏينهن ۾. اها ڪسر ڪڍبي. ريڊيو ماسڪو ٻڌايو ته ضياء خلاف آمريڪا ۽ پاڪستانين مظاهرا ڪيا آهن. بهرحال مڙيئي رڪارڊ جي پورت هوندي. آمريڪي حاڪم طبقي جا عالمي ارادا ويڙهه جا آهن ۽ پاڪستان کي رڙ ڪري

چهتي پيا آهن. موٽي مارائي بنا هٿ ڪونہ ڪيندا. ڏکهي جدوجهد جو هڪڙو نهايت اٿانگو، آزمائش، خطرن ۽ امڪانن سان پرپور دور ايندو نظر پيو اچي، جيڪو هن دور جوئي تسلسل هوندو، پر سطح مٿاهين هونديس. عوام دشمن دهشتگردي مڃائيندا جنهن جو مثال بيروت ۾ ڏسجي چڪو آهي. ان لاءِ جماعت اسلاميءَ جي دهشتگرد فوج عيسائي مليشيا جو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. لاهور ۾ منصوره جي رجعت پرست جماعتي اڏي ۽ آمريڪا ۽ سندس چاڙتا وڏا وڏا گهاٽ گهڙي ۽ تياريون ڪري رهيا آهن. جاگيردار سرمائيدار طبقي جي تائيد سان سامراج، سندس چاڙتا جنرل ۽ جماعت، پورهيت ۽ ترقي پسند قوتن جي هڪڙو پيرو "صفائي" ڪري ڇڏڻ ۽ پوءِ سالن لاءِ آرام سان بنا ڪنڪي ملڪ جا مالڪ ٿي رهڻ جون ستون ستي رهيا آهن.

۱۲ بجا. نينان، تر هي بري!

مهدي حسن لاهور تان ڪيت پيو ٻڌائي. ڏاڍو سيءُ آهي! بستري ۾ ويٺو آهيان. ٻاهر ڏڍي هوا تيز پئي لڳي. هاڻ ڪجهہ سوجهرو ٿيو آهي ٻاهر. نہ تہ اڃ ڪونہ هو. سپرنٽيڊنٽ کي لکيو اٿر تہ مونکي هڪ ڏينهن ۾ ٻين وکيل نظربندن سان ويڄي ٻہ ٽي ڪلاڪ ملڻ جي اجازت ڏي. ڏينڊو ڪونہ گهٽو ڪري. جيل ڪونهي، فوجي ڪيمپ آهي. پر ڏسون. نہ تہ ٻہ پاڻ هتي ئي خوش آهيون. محترم فخرو ۽ محترم ظفر جا دانائيءَ جا گفتا ٻڌيو ڏات ٿيا ويٺا آهيون. ظفر پيو چئي "صاحب جي! اسان جي پاسي هن منڊ ۾ سج نڪري ئي ڪونہ، رڳو اونداهہ ئي اونداهہ. گهرن ۾ رڳو دونهون هوندو. ڏاندا پيا ٻرندا. پئسو خرچ ڪرٽو ڪونهي. پهاڙن تي ڪائيون جام. شام ٿيندي ويندي، ماڻهو حجرن (اوطاقن) ۾ گڏ ٿيندا ويندا. هرڪو پاڻ سان ڪائين جي ٻري ڪٽي ايندو. اوطاق ۾ ڪائين جو انبار ٿي ويندو. پوءِ سڄي رات پيا بند ڏڪندا ۽ ڪچهريون ٿيندیون. ٻہ ٻہ ٽي ٽي سئو ماڻهو گڏ. راندیون شروع هوندیون. عام طرح مندي لڪائڻ جي راند هوندي. سوين روپيہ گڏ ٿي ويندا. صاحب جي! اسان جي سوات پاسي ڏاڍا مزا آهن!

..... منهنجي ياءُ وٽ ٻہ مفرور ايندا آهن. اهي سمهندا آهن تہ رائفل منهنجي ياءُ کي ڏيندا آهن. پهري لاءِ.

هيترا هيترا پئسا هوندا آهن مفرورن وٽ! اٺ ڏهہ هزار وٹي قتل ڪري يڄي ويندا پهاڙن ۾. اتي مزا پيا ڪندا. صاحب جي! سيٺ وٽ پئسو ناهي، زميندار وٽ ناهي، جيترو مفرور وٽ آهي. مفرور ٽيڻ وارا مزا تا ڪن." مون چيس "تڏهن پاڻ هتي چا ويٺا ڪريون؟ پاڻ ٻہ هلي مفرور ٿيون ٻيو!" ڪلي پيو.

12/12

8 بجا رات.

هيٽر هري ڀيو. ظفر اوباسيون ڀيو ڏئي. اڻ سڌيءَ طرح اطلاع ڀيو ڏي ته "هائي منهنجي جند ڇڏ ته آءُ سمهان!" گذريل ڇهن ڏينهن ۾ ٻه مڪيه واقعا ٿيا آهن. سپرنٽينڊنٽ کي لکيم ته مون کي ٻئي وارڊ ۾ وکيلن سان هفتي ۾ هڪ دفعو ملڻ ڏي. ڇئي پهچندي ويئي ۽ صاحب بهادر کاروائي شروع ڪئي. ڪنهن مهل ڏسان ته محترم مهدي انور صاحب وکيل ڪنيو اچي. ڇئي "مون کي زبردستيءَ موڪليو اٽن." بس ڪرڪل شروع ٿي ويو. 'دورو ٿو پويم! مران ٿو!' ليٽر مٽان ليٽر ته مونکي اصلوکي وارڊ موڪليو. بهرحال اڄ خيرن سان ڪيس زبردست بلڊپريشر ٿي ڀيو ۽ شام جو پاڻ کٽائي پنهنجي اڳوٽي ماڳ ويو. مون مس مس وڃي سڪ جو ساهه ڪنيو آهي. ڪمري ۾ چپ چپات لڳي پيئي آهي. جنسي عذاب هو. صبح جو اٿي ته منهنجي ماکي ۽ ٻيا ٽيڙ ڪائڻ شروع ڪري. پوءِ ڪمري ۾ مارچ ڪري. شيون ٽيڙ پاڻ ۾ هٽي، ڪاءَ ڪري، منهنجي ننڊ خراب ڪري. ريڊيو چالو ڪرڻ نه ڏي. چي "هول ٿا پونرا!" باقي ڪرڪيٽ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ريڊيو تي ڪن ڏيو ويٺو ڪمينٽري ٻڌي! سڄو ڏينهن ڪنجهڪار ۽ رڙ، مٽان وري بحث، بحث ۽ جهڙو تهڙو! ايندي شرط اعلان ڪيائين ته 'ڪارل مارڪس ڪرسيءَ تي ويئي ويئي گذاري ويو. اها عشق جي سرمستي هئي.' "عشق چا آهي؟" "هان! مون چيو ته توهان اهو سوال مون کان پڇو! عشق آهي ماڻهوءَ جي ذهن، جسم ۽ باهرئين جهان جو پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ، هر آهنگ ٿي وڃڻ، چاهي هڪڙي لحظي لاءِ هجي!" هاڻ سوال پيدا ٿيو ته 'هر آهنگي چا آهي، احساس، ادارڪ، فهم ۽ شعور ۽ وجدان چا آهن، هڪ ٽيڙ چا آهي ۽ انهن جو پاڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟' ڪلاڪ ٻه چتا. سنڌس ڪهران فقط هڪڙو معصوم جملو ويو " ايڃا! ته ڇڏيو ته عشق جي اها ڊيفينيشن معنيٰ صحيح ڪانهي! مون هاڻ سمجهيو!" وري ٻيو اعلان "سڀ غلط! پنجابي قوم ڪڏهن ٻه ڪانه سڏرندي! مونکي خبر آهي! ان قوم مونکي قلعي ۾ ماريو. مون سمجهيو ڪجهه پڇندا، ڪجهه سمجهندا. هتي ته ماءُ پيٽ تي گار جي رئي. ڇڻ ماڻهوءَ جو وجود ئي کونهي. چي "پنجابي نه ڳالهائي! ان مان علحدگي پسنديءَ جي بوءِ ٿي اچي." ۽ پاڻ باهر نڪريو پاڻ ۾ اهائي پنجابي ويڻا ڳالهائين! مونکي قرآن پڙهندو ڏسڻ لاءِ ڪيو اچن ۽ پنهنجي پر ۾ خوش ٿين ته اسان هن کي مسلمان ٿيڻ تي مجبور ڪيو آهي. سندن مرڪ ۾ ڪنورا زهر جا هجن! هن کي ڪا اهڙي ضرب اچي، اهڙو ڪو ڪاپاري ڏڪ لڳي پوءِ سڏرندا هونئن نه!".....

"منهنجي زال ٿي چوي ته شڪر جو توکي ڏيون کونهن. نه ته تون انهن کي سندن مرضيءَ موجب پڙهڻ، نچڻ، ڳائڻ جي موڪل ڏيئي خراب ڪري ڇڏين

۽ ڪنهن ڏينهن جيڪر ڀچارائي ٻه ڇڏين!" چوي سڄ ٿي! مون پنهنجون پاٽيجيون پائٽيون سڀ چوڪرن سان گڏ پڙهائيءَ وارن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ داخل ڪرايون. سندن ماءُ ٻيءَ گهٽيون رڙيون ڪيون. پر مون ٻڌي ٿي ڪانه. منهنجي ٻيڙ ۽ پيڙيو مون وٽ دانهن ڪٽي آيا ته تنهنجي پاٽيجي ڪنهن ڏاڙين مرد سان لڪي ملي ٿي. مون چين 'اوهان جو ڪهڙو ڏاڙو ٿي هٽي؟' مون چوڪري کي گهرائي ڪيس ڏهايو ته "اهڙي نموني چوڪريءَ سان چو ٿو ملين جو سندس مائٽ ڏسن؟" مون پنهنجي زال کي چيو ته "يلي آئندي پنهنجي گهر اچي ڪچهري ڪن...." مائٽن گهٽو گوڙ ڪيو ۽ مون شادي ڪرائي ڇڏين. هاڻي خوش وينا آهن. پاڻ ۾ وڙهي مون وٽ دانهن ڪٽي اچن. آءٌ چوندو آهيان منهنجو وقت قيمتي آهي. برباد نه ڪريو. وڃي هڪٻئي کي ماريو ۽ دل جا بخار ڪيو. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو..... سڀ ٺيڪ آهي. منهنجي ٿنهي پٽن اسان جي مرضيءَ جي خلاف شاديون ڪيون. هڪڙي طلاقيل چوڪريءَ سان شادي ڪئي. ٻئي يتيم چوڪريءَ سان. ٽئين ڀڃائي ڪئي. مون ٿنهي کي چيو 'عاليشان ڪم ڪيوَ!' ٽيئي جوڙا ٺيڪ ۽ خوش آهن. منهنجي زال گهوڙا گهوڙا ڪئي پر مون ٻڌس ئي ڪانه. پٽن کي نوڪريون مليون ته مون گهرن مان ڪڍي ڇڏيا. مون پٽن کي ملڪيت سمجهي ڪونه پڙهايو آهي. وڃي موجون ڪريو! آءٌ انيءَ جو سير پاٿهي ڪمائي کائيندس.' ٻه انجنيئر آهن. ٽيون وڪيل آهي....." وري چوي "هاڻ مون سمجهيو. توهان جو نظريو. حڪمت عملي ۽ طريقو صحيح آهي. افسوس رڳو اهو آهي جو آءٌ بيمار آهيان. ٻيو ڏڃان ٿو. بزدل ٿي پيو آهيان. نه ته جيڪر آءٌ سڏو حيدرآباد اچي اتي تو وٽ ويهي رهان ۽ تعليم ونان..... مريد ٽيان پر ڏڃان ٿو."

آخري اعلان هوس ته "هتان نڪران ته وڪالت ڇڏي گهر کي ترڪ ڪري وڃي صوفي ٽيندس. تون موڪل ڏي-"

اڳي پنهنجا مصالحا اسان لاءِ ڇڏي ويو. هينئر اعلان ڪيائين ته "تو وٽ سامان جا ڏير لڳا پيا آهن. آءٌ انهن سامان جي ڏيرن کي صاف ڪري تنهنجي مٿي جو سور گهٽايان ٿو-" سو ميوا وغيره رات ڏينهن ڪري صاف ڪري ويو آهي.

هونئن خود مطلب ڪونهي. روز پڇي ته 'ڪهڙو سامان گهرايان.' ڏهه ڏهه دفعا. پر اسان کي ضرورت ڪانهي. چا چئونس؟

اڄ شام نمبردار اشارو ڪري قاسي گهات ڏانهن ڏيکايو. ماٿهو ڪر کي لڳا پيا هٽا! پوءِ معلوم ٿيو ته اڄ رات ٻن سزاءِ موت جي قيدين کي قاسي ڏني ويندي. ملاقاتون چالو آهن. خاص بتيون ٻرن ٻيون. ٻن جيئرن جيئرن

تبلوش - شاڪر شاهه جيل جو سپاهي.

انسانن جي حياتيءَ جي روشني هميشہ لاءِ اجهائي ڇڏ.لاءِ!

13/12/82

صبح جا نَوَ

ستي ستي سوڙ مان هٽ ڪيي ٽيبل تي رکيل ريڊيو چالو ڪيم. مهدي انور جي گهوڙا گهوڙا جي ڊپ کان تمام هيٺ رکيو رهيو. اردو سروس تان بهادر شاه ظفر جو پوربي بولي يا اهڙي عوامي لهجي ۾ هڪڙو غزل ٻڌم. خيال دستوري هٿا- پر بولي ۽ لهجو نرالو هو. ڪائڻ واريءَ خوب ڪايو- گلو ڪنجهي وانگر پئي ٻَريس. خبر پئي بنگالڻ هئي- ثمينہ ياسمين. ڪشميري لوڪ گيت ٻڌم. غلام حسين، صوفي نيلم ۽ الائي ڪهڙي خان بلبل ٻڌايا. هن دفعي وٽيا. نہ تہ منجهن اڪثر لل ڪوٺہ هوندو آهي. هينئر ياد پير تہ مهدي انور تہ ويو. ريڊيو جي نڙي چو گهٽي ويئو آهيان؟ ظفر چئي پيو "آج ساڙهي سات بجي کهولا" مطلب تہ اسانجي ڪمري جا ڪلف ڪڙا پنجين جي بدران دير سان کوليائون. پيچيو مانس "چو؟" چيائين، "آج دوآدمي کو پهنسايا نا! "(پهنسايانہ)" "چا ۾ ڦاسايائون، ڪنهن کي؟" "صاحب جي! وه پهانسي نهين ديتي؟ پهانسي؟ گلي والا. وه سامني نهين؟" تڏهن ياد آيم تہ رات تہ ٻن ماڻهن کي ڦاسي ڏيڻ جون تياريون هيون! سو هن سماج ۾ انسان ٻيا ۽ قتل ڪري ڇڏيا. جيڪي انهن هٿان قتل ٿيا سي الڳ.اڃا سامهون ڦاسي ٻيئي آهي.مٿان ۽ بلب. بي ميار بي قصور.

امان، سليم، عظيمان، ادي زينت، سونهن کي لکيم. مختيار وٽان ڪن ڏينهن کان کو خط ڪوٺہ آيو آهي. کهڙو ڪوڪٽ آهي. ڪا گڙ ٻڙ تہ ڪانهي؟

16/12

ڪلهہ مس مختيار جو خط مليو. اردوءَ ۾ آهي. معلوم ٿيو منهنجا ٻئي خط مليا اٿس. پر جواب دير سان ڏنو هٿائين. حيدر کي بلڊ پريشر ۾ گردي جي تڪليف ٿي. ان ڪري اسپتال موڪليو هٿائونس. هاڻ موڪي آيو آهي. مجيد کان ناراض آهي. مختيار لکيو آهي (ترجمو).

"مونکي شديد احساس آهي تہ پياروَ جڦر خان (ظفر برداشتي) توهان جي ڪاڪ سنيال ڪانہ ڪندو هوندو ۽ نہ ئي ناشتو ٺيڪ نموني رڌيندو هوندو. جي گارڊن ٽائون جا ماڻهو ڪنهن سليقي ۽ شعار کان واقف هجن ها تہ آءُ ڪيس چوان ها تہ ٻي ٽئي ڏينهن ماني تيار ڪري اوهان کي پهچائيدا رهن ها. مگر چا ڪجي، پنهنجي دوست نہ اسان کي دين جو رهڻ ڏنو آهي، نہ دنيا جو ....."

(گارڊن ٽائون لاهور ۾ سندس گهر آهي، پنهنجو دوست قبلي ش * کي

* قبلي ش = شاڪر شاهہ جبل جو سپاهي.

سڏيو اٿس. جنهن جوٽس کي ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي کيس اڌ چريو ڪري ڇڏيو آهي).

اوهان جي خدمت ۾ خالص ماکي، مکڻ، سوهن حلوي جو پئکيٽ موڪليم ٿي ماڙيءَ تي ان کي روڪي سامان کسي ورتو ويو. ايڪا ماڙيءَ تي آهي. بس اها پريشاني هئي جو توهان کي بروقت خط جو جواب نه موڪلي سگهيس. ٻيو سبب به هو .....؟

حيدر شاهه هي شعر لکي موڪليا آهن:

"ککر

آئون مٽان انهن، انديلڻ ٿي ايران،
جيکر اچين هاڻ، ته ڪريان روح رچنديون،
آيل ڏولئي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان."

17/12

صبح 11 بجا.

نمبردار ويٺو احوال ٻڌائي "نمبرداريءَ جي گهمند ۾ اچي هڪڙي قيدي کي چمات وهائي ڪڍيم. پهرين بي واڃبي ان جي هٿي پر خير مون به هٿي وڌي. دانهن تي چوڌري سڪندر عشيخ عظمت فيصلي ڪرڻ وارا. پنجن ڇڻن کي ڏوهي ٺهرايائون، ٻين کي به به ٿي ٽي بيد هٿي ڪٽي ڇڏيائون. مون کي چيائون "تون پڪو بدمعاش آهين. تنهنجي ڪاب ڳالهه کا نه ٻڌبي." ڪاب ڪانه ٻڌائون. چيائون "ڪن ۾ هٽ وجهه "مون کي چيلهه ۾ سور، ٻيو وڏي عمر. هٽ ڪنن تائين پهچن ئي نه. ڏهه ڏڻڪا وهڪ جي جاء تي هٿي ويا. پوء ڪٽي دسيائونيءَ به ڇٽا ڇاتيءَ تي ۽ چيلهه تي چڙهي وينا. مٽان ڏڻڪن جي وارو وار مون کان دانهن به نڪري ويئي. آخر وڌيڪ سهي نه سگهيس. چيو مان ته "معافي ڏيوم" آخر منٽن سان معافي ملي. پر ڏڻڪا ويهه ئي هٿي ويا. مون تي باهيون اٽن. توکي خبر آهي. چي "تو فلاڻي جي ٽپال پنهنجي نالي تي گهرائي ٿي." چوڌري سڪندر اصل کان خاري آهي. شيخ عظمت کي سڃاڻين، مٽان اهو بهانو. ڪجهه ڏينهن بيمار هوس. هاڻ ڏڪ جهليو اٿم. آخر تو گهرايو ۽ سبب ٿيو. سو اچي نڪتس. .... هاڻي پاڻ اهي ئي غلام آهيون..... ظالمن جو ڊپ ٿو ٿئي. پر ويندو وقت گذري."

همراهه ڏڪيل هو، پر ڏنڊا وري به اهي ئي ساڳيا، "سرجي! ٻلا علامه اقبال چا هو؟ صحيح خيالن جو هو يا غلط خيالن جو؟ هيءَ جيڪا مذهب جي ڳالهه ٿي ڪيائين اها صحيح ٿي ڪيائين، غلط؟ ٻلا اها ڳالهه ڪيتري حد تائين صحيح آهي ته هندستان کي به اڌ ڪرڻ ۾ انگريز جي به مرضي هئي؟"

دستور موجب مختصر پر پرپور جواب ڏنم. منهنجي عادت آهي ته آءُ

کوشش ڪري، اڻ پڙهيلن ۽ گهٽ پڙهيلن ماڻهن کي به ضروري سوالن جا پورا پورا جواب ڏيندو آهيان. جيسين وڃي سمجهي. اڄ نه سمجهندا ته سياڻي پرينهن، ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور سمجهي ويندا. سمجهائي چالو آهي. ڪڏهن ڪن ته ڪڏهن ڇڄ. نيٽ ڀالهه سمجهه ۾ ايندي، ڪٽي ڪلاڪ لاءِ رهجي وري ڪڏهن به اتي وڃڻ جو سوال ئي نه هجي ته به جيڪڏهن کو رازداريءَ جو يا کو اهڙو ٻيو مسئلو نه هجي ته پوءِ ڀالهه پوري سمجهائي ڇڏجي. ڄاڻ ۽ سمجهه جا ٻج آهن ڇٽڻا. کي لڳندا کي نه. پر ڇڏڻ چالو هجي.

جڏهن آءٌ آيو هوس تڏهن جيڪا فضا هئي هتي جي ان ۾ ۽ اڄوڪيءَ ۾ ٿورو فرق آهي. اڄ ٻه چار ماڻهو کا ڀالهه پئسو ٽکو سمجهن ٿا. اڳي ته قيام هئي کاريا تنهن ڏينهن مولانا رياض کوکر به چئي ويو ته " يونٽوپا وارو ڪتاب آهي نه اينجلس جو. اهو وٺي پڙهان پيو. ترجمو ڏکيو آهي، ڪٽي گرامر به غلط آهي." "يونٽوپيائي سوشلزم؟" "ها اهوا هر قسم جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن. پڙهندس" پڙهي نه پڙهيا پر سندس اهو سوچڻ به ٺيڪ آهي ته هر قسم جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن. هن نمبردار جون ڀالهيون هڪڙي ٻي نمبردار جون ڀالهيون ٽيون ياد ڏيارين.

نئون نئون آيس ته هڪڙي ڏينهن هڪڙو ڪورو قدآور ڪجهه لهسانيل پر ناهوکو نوجوان اچي مليو. عمر 30,35 جي وچ ۾ هيس. چي " سر جيا آءٌ توهان جو ڪوٺائي آهيان!" معلوم ٽيو پٺاڻ آهي، ڏوٻي خاني جو انچارج نمبردار آهي. اصل افغانستان جو آهي. ملتان ۾ رهندو هو. اتان ڪي مائٽ لڏي نوابشاهه ۾ وڃي ويٺا آهن. هاڻ هي ٽيو سنڌي ۽ منهنجو ڪوٺائي. ٻئي ڏينهن ڪپڙا ڪٽي اچي ڏنائين ۽ سَر ڪنيائين. "سر جيا هيءَ مسلمان قوم ڪڏهن سڌرندي؟ سازش سيءِ يهودين جي آهي. مون ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ته يهودي پهنجون چوڪريون مسلمان ليڊرن کي ڏيئي اسلام جو ٻيڙو غرق ڪرائين ٿا." ڪلاڪ اسلام خلاف يهودي سازش تي افسوس ڪندو ۽ خار ڪائيندو رهيو. ٻئي دفعي اعلان ڪيائين ته "آزاد ٽيان ته افغان مجاهدين ۾ شامل ٿي روس جي چاڙتي ببرڪ ڪارمل خلاف جهاد ۾ شامل ٿيندسا" پوءِ ته سلسلو چالو ٿي ويو. روز اهي يهودي اهو روس جو چاڙتو ببرڪ ڪارمل ۽ اهي افغان مجاهدين جا ڪارناما، معلوم ٽيو ته نسير حجازيءَ جا سمورا ناول پڙهيا هئائين. جيڪي ازبر ياد هئس. محمد بن قاسم سندس هيرو. سنڌ تي اسلام جي فتح جي ڀالهه ڪريو مڙس جو اکيون خوشيءَ سان چمڪيو اٿنا

پهريائين خيال هوم ته هتي پنهنجي ڪم سان مطلب رکندس. تبليغ تڙي بند ڪبي. پر سهڻ جي به حد ٽيندي آهي. ٻڌي ٻڌي ڪن مان دونهان نڪرڻ لڳا.

آخر زبان کولڻي پيو. ٻڌي مهينا گذري ويا. هڪڙي ڏينهن آيو تہ ٻڌايائين تہ رات جهيڙو ٿي پيو! نمبردارن جي بيرڪ ۾! (هتي نمبردار ڪڏ رهندا آهن) "خير؟" چي "مون وينءِ آمريڪا جي بدمعاشين ۽ سازشن جي ڳالهہ ڪئي تہ هڪڙو نمبردار ڪاوڙجي پيو تہ 'آمريڪا اسلام جي پاسي آهي' مون چيس زبان بند رک! اهو امريڪي اسلام اسان کي نہ ڪپي" بس پوءِ رڪاوٽ جو ٻيو پاسو ڇالو هو. هن کي روڪي ڪير؟ خيرن سان ٿي خون ڪيل هئس! ارڙهن سال جيل ۾ ٽيا هئس. سڪا پڪا، معافيءِ بنا! انهن مان 15 سال ڪن بند واردن ۾ يا حفاظتي واردن ۾ رهيو هو! اڪيلو اڪيلو!

ڊانجرس (Dengerous) نمبر ون! ٻيو پاڻ ٻڌاڻ، اصل افغانستان جو. اهو افغانستان بابت ڳالهائي تہ ٻيو ان جو ڪانئس وڌيڪ وارث ڪهڙو؟ سڀ اچيو ٻڌائيندا هٿا تہ فلاڻو افغان انقلاب جو وڏو مائٽ ٽيو ويٺو آهي. آمريڪا ۽ سندس چاڙتن تي گار جي ڏرٽي اٽس! سڄو ڏينهن ٻيو ماڻهن کي سمجهاٽيون ڏي.

17-16 سالن جو هو تہ پائس کي ڪنهن عزيز قتل ڪيو پلاند ۾. آخر قرآن تي ڪاهہ ٽيو- ڏند ڏوهہ ڏنا ورتا ويا. خير ٽيو. هي ٽپ ڏيئي فيصلي مان نڪتو چي 'مونکي فيصلو قبول ناهي.' مائٽن ان ڏينهن ٻيئي پير لا دعوا ڪري ڇڏيس. چي "اسان جي ڪر جو ناهين .خبردار جي وري گهر ۾ پير رکيو اٽيئي!" هن وڃڻ کان مهيني اندر هڪٻئي پٽيان مخالف ڌر جا ٻہ خون ڪيا. هلي هلي نيٽ پڪڑجي پيو. هڪڙي ڪيس ۾ موت جي سزا آيس. اپيلون، ٽپيلون رد ٿي ويس. رحر جي اپيل ٻہ رد ٿي آئي. ڏينهن مقرر ٽيو ڦاسيءِ جو. وٺي ويس. ڪارو ٽوپ سسيءِ ۾ وڌائونس. چڪرو گهمائڻ وارا هٿا تہ تار پهتي. موت جي سزا مان جنهن ٽيپ. هڪ سنگتيءِ کي خط لکي گهرايائين سرحد مان، آهستي آهستي ڪري لوهہ وڍڻ جي ڪارائي ۽ پستول گهرايائين ان جي هٿان. ٻيو ٻہ ڪيس هوس. ان تي ويندو هو شنوائي تي. جتي قيدي وهاربا هٿا شنوائي کان اڳ ان کوئيءِ جون شيخون وڍي ڀڄي نڪتو ۽ جيڪو ماڻهو سندس خلاف ڪيس جي پيروي ڪندو هو، ان کي دکان تي ويٺي اڪاري بيهاري شوٽ ڪري ڇڏيائين. پوءِ پستول جام ٿي پيو. پکڑجي پيو. جيستائين پئي ماريائونس. تيسين پستول ايجلائي ڇڏيائين پاسي ۾ وهندڙ ڪندي ناليءِ ۾. ان ٽئين خون جو ڪيس چالان ٽيو ان مان ڇٽي ويو. چي "آڻون پڳو ٿي ڪونہ هئس. پوليس هٿراڏو ڪيس ناهيو آهي" ٻئي ڪيس ۾ وري ڦاسي آيس. اها ٻہ ڦري جنهن ٽيپ ٿي، ڀڃڻ ڪري ڊانجرس (خطرناڪ) قيدي ڪري رکي ڇڏيائونس. تازو ٻہ ٽي سال اڳ جيل جي ان اندروني ڊبل قيد مان ٻاهر نڪتو هو. تہ ٻہ ڪٽتي يهودي سازش ۽ افغان مجاهدين جي هيس! پوءِ وري مون سان ٽڪريو. ان کان پوءِ وري ڪٽتي اها تہ عوام جو انقلابي راڄ ڪيئن جلد ۾

جلد قائم ٿئي. روز کو نہ کو سوال کٹيو اچي "سرجي عوامي حڪومت ۾ پلا مولوين کي کهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ ملندو؟" پَرُ سال آزاد ٿي ويو. هينئر الائي ڪٽي آهي ۽ الائي ڪنهن جي پويان پيل آهي! ڪنهن نہ ڪنهن هڻ هٿان ۾ تہ ضرور هوندو ئي هوندو!

شام 'گ' ويٺو خبرون ڪري. "آءُ توهان کي لهسيل لڳان ٿو نہ؟ لهي ويو آهيان نہ؟ ناچاڪ تہ هوس، زڪام ۽ گردي جو سور، پر هيو به مسئلو آهي. اوهان کي ٻڌايان ٿو. اوهان کي آءُ پنهنجي مائٽ وانگر سمجهان ٿو. آئون پاڻيان تہ اوهان جا پير ڏوئي پيان. اوهان سڄي قوم لاءِ قرباني ڏيو ٿا..... منهنجي پگهار ٽوري آهي. بابا وٽ ڏٽيءَ جو ڏنو سيٽ ڪجهہ آهي پر وڏو خرچائو مڙس آهي، پائر به پنهنجيءَ ۾ پورا آهن. آءُ وڏو نٽ رکيو ويٺو آهيان. ڪار وغيره، پر ڪنوار چا چوندي؟ ان جي خيال ۾ آءُ الائي چا آهيان! مون وٽ آهن ڪاريءَ وارا ڪڪ! آئون تہ خوار ٿي ويندس. روز بهانا ڪريو پيو ٽاريان. ڪڏهن چوان تہ بيمار آهيان، ڪڏهن چوان تہ ڪا بي ڳالهہ. هائي صلاح ڏيو چا ڪريان. پليجا صاحب، آءُ هڪڙي دکي دل وارو ماڻهو آهيان، آءُ هن نوڪريءَ جي اهل ئي ناهيان آءُ هي بدمعاشيون ڪرڻ تہ چا ڏسڻ به برداشت ڪري نٿو سگهان. ايڏا ڪلهہ هڪڙي عتاب جي شڪار قيديءَ جي ٻارن جي ملاقات پٽي ڪرايم. سال ڏيڍ شاديءَ کي ٿيو هون. هڪڙو ٻار جائو هو. نندڙو معصوم ڪپهہ جو ڦهو. ٻار کي ڏسي ڏسي منهنجي دل ۾ اوچتو خيال آيو "فلاڻا توکي حيف آهي! تنهنجي هوندي هي ٻار فقط سيخن ٻاهران پيءُ سان ملندو؟ هي زال مڙس هڪڙي لحظي لاءِ به هن سيخن کان سواءِ ٻاڻ ۾ ملي نہ سگهندا؟" الائي ڪهڙو جذبو اچي ويم. ... کي چيم "هڪڙي مهرباني ڪر!" حيران ٿي ويو "سرڪار! توهان آفيسر، مون کي حڪم ڪيو" مون چيو "عرض آهي!".... مجيائين مون قيديءَ کي چيو "پٽ! هيءُ تنهنجي زال هي تون! پڙوٽ جو ڪم آءُ ٿو ڪريان. پهري تي بيهان ٿو. متان ڪابي آفت اچي وڃي. هاڻ زال مڙس آهيو. جيڪي وٽيو سو ڪريو. اسين پري ٿا بيهون ..... اڄ ... جي مڳ آئي تہ به ائن ..... مون کان ٻئي جو ڏڪ برداشت نٿو ٿئي ...آءُ پليجا صاحب هڪڙي دکي پيءُ جو پٽ آهيان. مون پنهنجي بابا کي اکين سان آڏيءَ جو امان کي اڌاريندي ڏٺو آهي. چي "اٺ! ڪاڪٽي ويائي پيئي آهي. ٻچا سيءَ ۾ پيا ٽرنس، مري ويندا، اٺ تہ انهن لاءِ ڪو ڇپر ناهيون".... پراڙ ڏڪ ڪري، تلهہ ناهي، متان اجهو بنائي ڪلر هٽ سان ڪٽي انهن ۾ ماءُ سان ڏڪ لڳائي پوءِ اچي ستا زال مڙس!ڪتي الائي ڪنهن جي! موٽر ۾ پئي وياسين تہ هڪڙو مندو ڪتو ڏنائين، ڳاڏي بيهاري ڪتو موٽر ۾ ويهاري پاسي واري شهر ڪٽي آيو- ڏهين روپين وارو نوٽ ڪڍي ڪير واري کي ڏنائين چي "هن

کي روز کير پيارندو ڪر. جڏهن آڻون موڪان ته وري هيو نوٽ وٺندو ڪرا" ڪتن جو ماڻهو شوقين هجي ائن ٻه نه .....

"جن ٻه ماڻهن کي سزائون آيون، تن جون رحم جون اپيليون پاڻ لکائي ٽائپ ڪري پريون ٻڌيو اڇيو عملدارن کي لاهور ۾ ڏئي. ڪنهن بني بشر جو ڏک برداشت ڪونه ڪري سگهي منهنجو بابا"..... مون چيس "مون کي ساڻس ضرور ملائج." چيائين. "هو توهان جو پرپٽ عاشق آهي. اوهان جون ڳالهيون مون ٻه ٻڌايون اٿس ۽ مون کان اڳ ايوب مصلي ٻڌايون اٿس" ايوب، مزدور ڪسان پارٽيءَ جو ورڪر آهي. کي سال اڳ ڪسان ڪانفرنس ۾ واقفيت ٿي هئي. اهي ڳالهيون پئي ڪيون سين ته ايتري ۾ هڪڙو نمبردار ڪو ڪر ڪٽي آيو. مٽان هيو ماڻهو آيو. نمبردار نٽي لڳو: ڪلارڪ ٻه نه. خانگي ماڻهو هتي اڇي نٽي سگهيو. سوچيم "ڪير آهي؟" عمر انڪل ٽيهه پنجٽيهه سال. سانورو، قد بت جو پورو پنو، مهاندو سفيد پوش ماڻهن وارو. سنجيدو ۽ ذميوار قسم جو ماڻهو ٿي لڳو. ڪٻرڊين جي پينٽ، قميص، مٿو اگهاڙو، پيرن ۾ چمپل. ڪير ٿي سگهي ٿو؟ جيل جي ڪنهن حساب ۾ نٽي لڳو. سندس ڪيل ڳالهين تي ڌيان ڏنم. مون وٽ ويٺل همراهه کي چيائين "سياڻي تاريخ آهي، بندوبست ڪرٿو آهي" همراهه چيس "نه تاريخ بدلجي ويئي آهي. پوء مقرر ٿيندي." "ته پوء مونکي سياڻي ماڻهو ڪيڏي ڏيو ته آءُ پنڊيءَ وڃان." گفتگو جو انداز معزز ۽ شريف سفيد پوش وانگر فضيلت ۽ وقار وارو. همراهه چيس "چگو تون هل آڻون اچان ٿو ماڙيءَ تي، همراهه کان پڇيم "ڪير آهي؟" "چيائين تون ڪونه سڃاڻينس؟ هي چيف ايڪزيڪيوشنر آهي پنهنجي جيل جو" مون ڪنڌ ڏوڻي ڇڏيو. ڇڻ سمجهيم. پر سمجهم ڪونه. همراهه ويو هليو. ڪنهن مهل ياد ڀيو ته همراهه هن جو نالو به کو ورتو ٿي.... تارا. چيف ايڪزيڪيوشنر ڪير آهي؟ بجليءَ وارو به نه. اڪائونٽ وارو به نه، ڪورٽن ۾ ايڪزيڪيوشن ٿيندي آهي ديواني ڏڪريءَ جي تعميل ۾ هتي ڪورٽ ڪٽان آئي؟ اوچتو دماغ ۾ هڪڙي بجليءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. ايڪزيڪيوشنر جي معنيٰ جلاد به ته آهيا" چيف ايڪزيڪيوشنر معنيٰ چيف، يا وڏو جلادا وڏو جلاد. تارا .... تارا جي پويان هيو به ته اڪر آهي .... تارا مسيحا"

پاڪستان جو هيو بدنام ۽ ڏاڪاريل شخصا حڪمران طبقا مسڪين ماڻهن کي ڪهڙن ڪهڙن ڪمن لاءِ استعمال ڪن ٿا! سندن هٿ صاف، ڏوتل، نازڪ ۽ نفيسا سندن غليظ ۽ جلادانه ڪر هيا ڪن. هي ستا جتا، شريف، هلندي زمين به ڪونه ڏکوئينا ڀڄڙا ڪر سڀ عوام جي ڏيڏين کان ڪرائين، پوليس ڪنسٽيبلن جيل جي سپاهين، فوج جي سپاهين ۽ ههڙن بڪين جلادن ۽ ٻين اهڙن ماڻهن کان

رات، نڪ بند آهي. پهرين ڏاڪي جو هلڪو زڪام آهي. ڦهوو پيتو اٿر. بيدو اڀاري ڪاڏر. هيٺ پاريو اٿر. هاڻ ڏسون.

18/12

11 بجا صبح.

ديسان اٿيس. رات زڪام کان بچي ويس، پر ننڊ صحيح کانه آئي. سويل بجليءَ وارا مستري آيا. مومن جون خبرون چارون ٿيون ، چيائون "نئين نندي ٽي- وي وٽ 14 انچن جي. ٻن ايائي هزارين ملندي." هتي ٻه ايائي هزار جهڙا مانو ميچي. بجلي بند ٿي ويئي. مستري پڳا، چي "راج اسان جي ڳولا ۾ هوندا." ظفر کان پڇيم "اڄ سيءُ آهي؟" چيائين "ايدهر سَردي ڪڏر هي؟ سردي هماري پاس اوتاهي، جب درخت باتين کرتاهي. چوٽا چوٽا ٻوٽي درخت پهول کرتاهي" مس مس سمجهيم ته بهار جي ڳالهه ٿو ڪري! رکي رکي پڇائين "صاحب جي! آپ کو ماشتر پشتو پڑهاتا هي؟ "مون چيو "نه" حيران ٿي ويو. "ڪيون؟ ايدهر تو هر کو پڑهاتاهي، چوٽي چوٽي بچي کو بهي پڑهاتاهي. تمهارا ماشتر لوگ کيا کرتاهي؟" مون چيس، "يار ظفر! اهي ته سور آهن ماسترن جا! ٻيو ته نهيو رکو پشتو به نٽا پڑهائين!" ٽائيدارَ آيو آهي، پچيومانس "چا ٿيو؟" ڪنڌ جي لوڏ سان چيائين "ٿيو ڪجهه ڪونهي باقي جيئن تو چيو آهي تيئن ٿيندو" ٿورو رکي چيائين "نانس چڏي ويو اٿس" "ڏيٺين ڪٽي آهي؟" "گهر آهي. چير نه ته ناني چڏي ويس"" تو چيس؟" "نه! پر جئن تو چيو تئين ٿيندو؟"

تنهن ڏينهن ڏاڍو پريشان حالت ۾ آيو. چي "تو سان ڳالهه ڪرٽي آهي، پر ڪرين ڪنهن سان متان!آءُ چريو ٽي پيو آهيان. سوچي سوچي! مون کي صلاح ڏي ته چا ڪريان؟.... زال سان اٽٻٽ ٽي پيئي.... طلاق ٽي. پاٽس وٽ رهندي هئي. بيمار ٽي ويئي. ڏاڍي مرضي هيس ته اچي پر ڳالهه نه نهي. مري ويئي. هڪڙي ڇوڪري هئي. اها مامن وٽ رهي. سون جون تولي جون واليون ڪن ۾ هيس منهنجون وڏل. مامن اهي وڪٽي چڏيون. هينئر وڏي ٽي آهي. مامن ماريو ته مون وٽ آئي. وري انهن سان ملڻ ويئي ته هاڻي اچي ئي نٽي. جواب ڏيئي چڏيائيون. پاڻ به. مون ٻيو به سون وڏس. ڪپڑا نوان وٺي ڏنس. هُو ڏينس تا پنهنجي مامي جي پٽ کي جيڪو چوربدمعاش آهي. منهنجي مائيجي پيٽ ۾ مائيجا پائر چون تا." پيٽ جي پٽ کي ڏي. پيٽ سکي سهنجي آهي، وٽس مال رزق جام آهي. جي ان کي نه ڏيندين ته اسانجو توسان کوبه واسطو ڪونهي." هاڻ منهنجو سون هڪڙو به کائي ويا. ٻيو به کائي ويا. ڪپڑا به نوان وٺي ڏنر سي به

چنا، چوڪري ڏين ٻہ نٿا. هوءَ پاڻ ٻہ نٿي اچي. مون تان ٻہ ڪلاسڙي ٿي. جي سياڻي ڪٿي ٻہ شادي ٿي تہ وري ٻہ ڏيج مون کي ڏيڻو آهي. نہ تہ راج ڪلندا. پائر چون ٿا تہ پيٽ کي ڏي تہ پوءِ ڏيج ۾ اسين توسان مدارت ڪنداسين، نہ تہ نہ. ٻہ ڏينهن ٻہ راتيون پنهنجي اندر جو رت پيٽو اٿر. آخر سوچيم توسان صلاح ڪريان. متان ڪو هٿي غلط ڪر ڪري ويهان. مون کي ٻڌاءِ آءٌ چا ڪريان؟" مون چيس "چوڪريءَ کان پويون سون موٽائي وٺ. ڪپڑا ٻہ چئينس تہ پراڻا وجهي نوان توکي موٽائي ڏي. ڏاج ڪجهہ ٻہ نہ ڏينس. ڪوڏيءَ جو ٻہ نہ" چيائين"۽ چوڪري؟" چيم "چوڪريءَ کي ڇڏ تہ جتي پاڻ وڃي ڦاهو ڪائي. اتي وڃي ڪائي. تون پنهنجي سون ۽ ڪپڑن جو ڏٹي" "پوءِ منهنجي ڏيءَ جا آهي؟" مون چيس "ڏيءَ تنهنجي چا ۽ آهي؟ ماٽس کي طلاق ڏيئي ذليل ڪري ڪڍي ڇڏيئي ۽ سانڍي ساري مامن. ڏک پٽيا انهن. هاڻي سامائي آهي، پيٽين کي گهرجي ٿي، تڏهن توکي ڏيءَ ياد پيئي آهي! تنهنجو ڏيءَ تي حق ڪهڙو رهيو؟" بحث ڪيائين. آخر چيو مانس "اهو تنهنجي منهن تي پوندو تہ ماءُ جي حياتي ٻہ تباهہ ڪرين ۽ ڏيءَ جي ٻہ ڪرين؟ عمر سڄي ڪجهہ ڪونہ ڏنئي ۽ هاڻي نياڻي کان ٿي ڪپڑا ۽ سون جو تولو ٻہ واپس ڪسي ونڻين؟" چيائين "نہ" مون چيو تہ چا اهو بهتر نہ ٿيندو تہ تون پنهنجي زال جي روح کي خوش ڪرڻ لاءِ ۽ ڏيءَ ڏانهن پنهنجي ڪسر پوري ڪرڻ لاءِ نياڻيءَ کي چئين تہ امان اهو سون ٻہ آيو توکي. ڪپڑا ٻہ تنهنجا. جيڪي مون وٽ ٻيو هوندو سو ٻہ تنهنجو ۽ وڏي ڀالهہ تہ سگا وتي ٻہ جتي تون راضي اتي ٿيندي ۽ آءٌ پاڻ هٽن سان ڪري ڏيان ٿو؟" سوچي سوچي پوءِ چيائين "هائو ائين بهتر ٿيندو." اڌ ڪلاڪ ٻيو سمجهايومانس. آخر چيومانس "زبردستيءَ جو نڪاح شريعت ۾ نڪاح نہ ٿيندو، زنا لاءِ ٻار ڪڍي ڏيڻ ٿيندو. پلي وڃي ڇڪ ڪنهن کان!" ڪارو ٿي ويو. وضاحت پچيائين. سمجهايو مانس. سمجهہ ۾ وينس ڀالهہ. "پوءِ هي سڄو جهان ...." مون چيو " جيڪو سڄو جهان ائن ڪري ٿو، تنهن جو منهن اڇو آهي. تون پنهنجي ڀالهہ ڪر. تون سڄي ڀالهہ هينئر سمجهڻ ڪانپوءِ اها غير شرعي ۽ بي غيرتي جي ڀالهہ گوارا ڪندين؟" چيائين "نہ!" ايڏا تہ ڀالهہ تي بيٺو آهي. وڌيڪ ڪٿي نياڻيءَ جي قسمت. ڪهٹ ۾ گهٹ هينئر سندس اکين ۾ اها قاتلن جي اکين واري چمڪ ڪانهي. هن ڀالهہ مون کي ٻئي هڪڙي بجليءَ جي مستريءَ جي ڀالهہ ياد ڏياري. سينٽرل جيل خيرپور جي هڪڙي جنم قيديءَ جي.

19/12/82

رات ڇڄ تڪليف هئي. آڌي رات تائين نند ڪانه آئي. بدن ۾ ڇڙ سيون پئي ڇيڙيون. نند نه ڪرڻ ڪري طبيعت خوش نٿي رهي ۽ ڪوبه ڪم نٿو پهچي. جيڪي دوائون ڏنيون اٿن تن جو اثر آهي. تمام گرم ٿيون ڏسجن. بهرحال اڄ کان طبيعت گهٽي ٺيڪ آهي. اڳي ته ۱۵ منٽ ۾ لکڻ عذاب هوندو هو. پاڻ کي ڏهني طرح ماري مجبور ڪري پوء ۾ ستون لکڻ وهبو هو. هاڻ ائين ناهي. اڄ اخبار ڪانه آئي. فخرو نمبردار کي موڪليم ته چيائين "سر جي! آفيسر ڊوڙ ڊڪ ۾ آهن. ماڙيء ۾ ڪو ڪنهنجي ڪانه ٿو ڀڏي. سانجهيء ٽن ڇٽن جي" تاريخ" آهي. ملاقاتين جا ڊمب آهن. رستي جي ٻنهي پاسي سپاهي قطارون ڪريو بيٺا آهن. ملاقاتون هلن پيون. اخبار اڄ مشڪل ملي."

20/12/82

صبح جو اڪ ڪليم ته سپاهيء ڪمري جو ڪلف پئي لاٿو. ٽائيم ڏٺم ته سادا ست ٽي ويا هئا. سمجهي ويس ته هيڏي دير سان جو ڪلف ڪڙا لٺا آهن سو همراهن کي "روانو" ڪري پوء آيا آهن. جيئن جنرل صاحب جي آمريڪا روانگيء جي تاريخ ويجهي ايندي وڃي، تيئن قاسين جو سلسلو ۽ انهن جي زبردست اخباري پبلسٽي شروع ٿي ويئي آهي ۽ ايان پيئي هلي. متان پٽيان ماڻهن جي دماغ ۾ ڪي خراب خيال نه پڏا ٿين، تنهن لاء اها دهشت وهاري پيئي وڃي. سڄي ڪالهه اڳواٽ رڀابنديء جو نتيجو پئي ڏسجي. وڪيلن جي ٻي ڪنونشن آهي. پنجاب ايم- آر- ڊيء جو ڪنوينررائو رشيد ۽ شاگردن جي شعبي جو انچارج ڊاڪٽر اسرار شاهه ٻڌا ويا آهن. رائو رشيد ويو ساهيوال. باقي اسرار شاهه پاسي واري بارڪ ۾ پهچي ويو آهي. صبح جو حال احوال ٻه ٽيو سائٽس. چيو مانس "ڪا شيء شڪل ڪپي ته ڪهرائج."

21/12/82

صبح جو ۱۰ بجي بسترو چڏيم. ڪراچيء تان اڳي 'سَورج شاخون ڪڍيون' پروگرام ۾ ڪي ڪي چگا سنڌي گانا ٻڌبا هئا. هاڻ اهو ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. باقي آهي ويچاري اردو سروس، سا پئي جوڳون ڏئي! اخبار ۾ ڪا خاص خبر ڪانهي. پڙهي وري اسرار شاهه کي موڪليم. مولانا سراج ديڪپوري، مولانا فضل الرحمن گروپ واري بيان ڏنو آهي ته 'ببرڪ ڪارمل سان سڏيون ڪالهيون ڪيون وڃن.' "پهاڙي هي!" "چا؟" "يه ٽائيگر پهاڙي اور زنگلي (جنگلي) هي." پشتو ۾ 'ج' بدران چون 'ز' زناور (جانور) ٽائيگر ڊبل روٽيء جا پاروٽا ٽڪر پيو کائي ۽ ظفر مٽس تبصرو پيو ڪري. "صاحب جي! آپ کا چوتا چوتا بچه نئي (نهين) هي؟"

مون چيس "راج آهن! سپ پهاڙي ۽ زنگلي!" ٽهڪ ڏيو پيو کلي. بن ٽن ڏينهن کان مولانا عبدالسلام ندويءَ جو تاليف ڪيل ڪتاب "حَڪمائي اسلام" ويٺو پڙهان. بن جلدن ۾ آهي. چاهٺ مشهور مسلمان فيلسوفن، طبيبن، انجنيئرن، سائنسدانن ۽ سماجي عالمن جو احوال آهي. ڪندي، فارابي، زڪريا الرازي، ابن سکويه، ابن هيثم، اخوان الصفا، بوعلي سينا، ابوريحان البيروني، امام غزالي، ابوالبرڪات بغدادي، عمر خيام، ابن ماجه، ابن طفيل، شيخ الاشراق شهاب الدين سهروردي شهيد، ابن رشد، امام رازي، نصيرالدين طوسي، علامه قطب الدين شيرازي ۽ علامه سعدالدين تفتازانيءَ جي زندگين ۽ تجربن جو احوال به شامل آهي. هيستائين جيڪي پڙهي ڏٺو اٿم تنهن مان ٻين ڪان سواء هيٺيون ڳالهيون معلوم ٿيون:-

(۱) حساب، آلجبرا، جاميٽري، منطق، سياست، فزڪسءَ ڪيميا کي به فيلسوفي علم سمجهيو ويندو هو. (ص. ۴۱.ج ۱)

(۲) مذهب جا ڪٿين علمبردار انهن علمن سميت، فلسفي جي هر علم جي سچائيءَ کان انڪار ڪندا هٿا. (Arithmetic) حسابن لاءِ چيائون ته اهي شريعت جي خلاف آهن (ص ۴۱ ج ۱)

(۳) ان دور جي ٻين فلسفين وانگر مسلمانن فيلسوفن جو به فلسفي جي ڳالهين ۾ سڄو زور يونانين جي خيالي قياس آرائين جي پيڙهه تي نين قياس آرائين جي ڪاڪ محل اڏڻ تي هو. خود رازيءَ ۽ بوعلي سينا به طب کي ڇڏي، جنهن جي ڪين علمي ڄاڻ هئي ۽ جنهن تي عملي تجربا ڪري آزمودا پرايا هٿائون، ٻين ڳالهين تي رڳو قياس آرائين جا ڪاڪ محل اڏيا آهن. البت ڏکا هٿندي، انڪلون ڪندي ڪندي، ڪٿي ڪٿي ڪن سائنسي حقيقتن کي بنهه ويجها اچي پهتا آهن.

(۴) سندن مٿان ڪفر جي فتوا جون تلوارون لٽڪيل هيون. ان ڪري هر ڳالهه کي ڦيرائي ڦهيرائي پنهنجي ڪل بچايائون ٿي. ان مجبوريءَ سبب هو حقيقي سائنسي ڪوجنا ۽ تجربو تمام گهٽ ٿي ڪري سگهيا.

(۵) ان احتياط هوندي به مَلن، ڪندي، ابن رشد ۽ ٻين ڪيترن کي تباهه ڪري ڇڏيو. ٻيا به سدائين آزار ۾ هوندا هٿا.

(۶) هو ذهني طور پهاڙن جيڏا جبرا ماٿهون هٿا. جيڪڏهن جاهل ۽ تعصبي حڪمرانن ۽ سندن پالتو ملن جي فتوائن جون تلوارون انهن جي مٿان لٽڪيل نه هجن ها ته جيڪي ڪيائون تنهن کان سوين دفعا وڌيڪ ڪرڻ جي قابل هٿا.

(۷) هن جيڪا به ترقي ڪئي سا ملن جي اجازت سان نه پر سندن ڇتي مخالفت ۽ ڪفر جي فتوائن سان مقابلو ڪندي ڪيائون.

(۸) ان وقت ٻي دنيا جي حالت ان کان به بدتر هئي. اتي مذهب جي ٺيڪيدارن هتي کان به وڌيڪ خرمستيون پئي ڪيون.

(۹) ان وقت دنيا جو مجموعي علم تمام گهٽ ۽ تمام گهٽو غلط هو. ان ڪري هنن کي ان مان تمام گهٽ مدد ٿي ملي.

(۱۰) انهن سيني ۾ وڌيڪ همٿ وارو ۽ وڌيڪ ڏڦائي مڙس ذڪريا الرازي هو جنهن وقت جي نڙڪوئن کي چتو ڪري وڏو ۽ سندس پويان راڄ پڄي ويا.

(۱۱) اڄ سندن اڪثر ڳالهين جو مجموعي تاثر واقف ماڻهن کي ٻاراڻو لڳندو. جيڪي ماڻهون فلسفي جي جن ڳالهين لاء ڪتابن ۾ ساراهيل آهن تن جون گهڻيون ڳالهيون اڄ جي ۽ علم سائنس جي روشنيءَ ۾ هوائي لڳنديون. ۽ دنيا جو علم ائين ئي وڌيو آهي. پهرين هوائي ڳالهيون، خيالي ڪاڪ محل. ڏڪا ۽ نسورا زٽ، پوءِ ڏڪڻ آهستي آهستي، ڏڪڻ تيز ترقي. انسانيت جي علمي قافلي جي اها ۽ هڪڙي منزل هئي.

(۱۲) جهالت، مفادپرستي، ساڙ، جسماني ۽ روحاني آمريت جي راڄ ۾ سندن اهي ڳالهيون ڪرڻ ۽ وڏو ڪارنامو هو. بوعلي سينا سيني ۾ يگانو ۽ جينيس هو. ۱۴ سالن جي عمر ۾ تعليم ڪان فارغ ٿي ڪتاب لکڻ شروع ڪيائين. تعليم ۽ ڪهڙي؟ منطق فلسفو، رياضي، طب وغيره سميت. ذهانت ۾ بي مثال هو. ڪيس پورو پورو شعور هو ته آڻون يگانو آهيان ۽ علي الاعلان اها ڳالهه ڪندو هو. شعر ٿورا ۾ زبردست چيا اٿس. جڏهن ڪفر جي فتوائن اڇي ورايس تڏهن هيءَ رباعي چيائين:

" ڪفر چومني گزاف آسان نبود، محڪم تراز ايمان من ايمان نبود
در دهر چومن يکي وآن هم کا فر- پس درهمه دهر يک مسلمان نبود"

(مون جهڙي ماڻهوءَ تي ڪفر جو بهتان هڻڻ سولي ڳالهه ڪانهي. منهنجي ايمان کان وڌيڪ محڪم ايمان پيو ڪنهن جو ۽ نه هوندو. اڄ هن سڄي جهان ۾ مون جهڙو ماڻهون هڪڙو، سوءِ ٿيو ڪافر. ته پوءِ چئبو ته هن جهان ۾ هڪڙو ۽ مسلمان ڪونهي!)

با اين دوسه نادان ڪه چنان ميدانند
از جهل ڪه دانائي جهان ايشانند
خرباش ڪه از فرط خري
هر ڪو نه خراست کا فرش ميدانند.

(هي ۽ ٽي احمق جيڪي جهالت سبب سمجهن ٿا، ته جهان جا داناءَ اسين آهيون، انهن سان ڪڏهه جهڙو ٿي هل. چو ته هي پنهنجي ڪڏهپائيءَ سبب، جيڪو ڪڏهه ناهي تنهن کي ڪافر ٿا ٺهرائين ۽ ان کي ختم ڪرايو چڏين.)

جڏهن دربدر ٿي پيو ۽ رلندي 'جرجان' آيو ته اتي پنهنجي حالت تي عربيءَ

ٻ قصيدو لکيائين جنهن جو هڪڙو بيت آهي:

لما عَظمتْ فَليس مصر واسعي
لما غلائمني عدمت المشتري

(جيئن ته تمام وڏو ٿي ويس تنهن ڪري ڪنهن به شهر ٻ مون لاءِ گنجائش نه ٿي ٿئي. جيئن ته تمام وڏو مَلهه وارو ٿي ويس ان ڪري پنهنجو ڪوبه خريدار نٿو ملير.)

"ڪندي" ۽ ابن رشد ڪي جاگيردار حاڪمن ۽ سندن پالتو ملن مولانائن طرفان جنسي طرح تباهه ڪيو ويو. قاضي ابن رشد جي خلاف ملڪن ٻ پڙهايا گهمايا ويا ته يهودين جهڙا خيال اٿس. ان جي ڳالهه ڪير به نه ٻڌي نه ته ڪافر ٿي پوندو. ڪيس يهودي نهرائي يهودين جي ڳوٺ ٻ نظر بند ڪيو ويو. ڪيس مسجدن ٻ نماز پڙهندي، ماري ڪٽي ڪڍي ڇڏيو ويو. پڇاڙيءَ جو ڪيس اڪهاڙي مٿي، مسجد جي در تي بيهاري، نمازين هٿان سڄي رات ٺڪون هٽي ذليل ڪرايو ويو هو. جلدئي وڏيڪ ذلت برداشت نه ڪري ڇڻ هارٽ فيل ٿي مري ويو.

سڄن عالمن دانائن ڪي ذليل ۽ تباهه ڪرڻ وارن بدمعاشن جا جاءِ نشين اڄ وڏي بي حيائيءَ سان ٻتاکون پيا هڻن ته اسان ابن رشد پيدا ڪيو! مطلب؟ مطلب ته "ابن رشد ڪي تباهه ۽ ذليل ڪندڙ جاگيردارانه آمريت واري رجعت پرست قوورو ظالم نظام ڪي وري به اسلام جي نالي ٻ پاڻ تي مسلط ڪرڻ ڏيو" "ڇو؟" ڇو ته هي اهو روشن خيال ۽ اعليٰ نظام آهي جنهن ٻين ڪارنامن سان گڏ ابن رشد جهڙا داناءِ ۽ عالم پيدا ڪيا!" بوعلي سينا ۽ ٻين عالمن جو علم سان چاهه ۽ ان لاءِ پورهيو وسهڻ ڪان ٻاهر آهي. بوعلي سينا پنهنجا ڪي اهم ڪتاب تڏهن لکيا جڏهن هو سفر ٻ هوندو هو. ان زماني جا سفر به ڪي هوندا هئا! فقه جو صاحب ابوالحسن علي بن عيسيٰ الولوابي چئي ٿو ته، "آئون ابو ريحان البيروني (مصنف ڪتاب الهند) وٽ اهڙي حالت ٻ ويس جڏهن سندس پويان پساهه هئا. پر ان حالت ٻ به مون کي چيائين ته 'تو هڪڙي ڏينهن فلاڻي علمي نڪتي جي باري ٻ مون کي چا چيو هو؟' مون کي مٿس رحم آيو ۽ چيو مانس "هن حالت ٻ!" ابوريحان چيو ته 'ان مسئلي بابت مون کي علم حاصل ٿئي پوء مران. اهو ان ڪان بهتر ناهي جو آئون ان باري ٻ جاهل رهي مري ويان؟'

مون مسئلو ٻڌايو. غور سان ٻڌائين ۽ سمجهيائين. پوء آئون گهر موٽي آيس. وات تي پهتس. ته پويان روئڻ ۽ ماتر جو آواز ٻڌم! هنن مان هر هڪ ماڻهون پنج پنج، ڏهه ڏهه علم جاڻندو هو.

هنن ماڻهن سڄيون عمريون ڪتاب پڙهيا ۽ لکيا چو ته هنن وٽ اسان وانگر

رکو ڪتاب پڙهي ڇڏڻ کا ڳالهه نه هئي. هو پڙهندا ٻين کي پڙهائڻ لاءِ ڪتاب لکڻ لاءِ هئا. ڪتابن جو وٽن کو قدر هو چا! بوعلي سينا کي ڳولا ڪندي ابوالنصر فارابي جو ارسطو بابت لکيل ڪتاب هٿ آيو تہ يڪدم مسجد ۾ وڃي شڪراني جي نماز پڙهيائين ۽ جيڪي هڙ ۾ هوس سو سڀ خيرات ڪري ڇڏيائين!

ان زماني جي هڪڙي عالم لکيو آهي تہ "البيروني جو هٿ قلم کي، سندس اک مطالعي کي، سندس دل غور ۽ فڪر کي فقط مانيءَ ڪائڻ مهل ڇڏين ٿا." مرڻ کان ۱۴ سال اڳ تائين ۱۱۴ ڪتاب لکي چڪو هو. ٻيا پوءِ لکيائين. جيڪي لکيائين سو اٺ جي مس ڪٽڻ جيترو هو. ابوالنصر فارابي جا ۱۱۳ ڪتاب تہ معلوم آهن. ٻين جو پتو ناهي. مزيدار ڳالهه اها آهي تہ "طبقات الاطبا" نالي مشهور ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ "بيروني سنڌي هو ۽ سنڌ جي هڪڙي شهر بيرون (نيرون، نيرون ڪوٽ هاڻوڪو حيدرآباد) جو ويڙل هو."

شهرزوري پنهنجي ڪتاب 'اخبار الحڪماءَ' ۾ به اهو لکيو آهي ۽ وڌيڪ واڌارو اهو ڪيو اٿس تہ "اهو بيرون شهر سنڌ جو عمدو شهر آهي ۽ ان ۾ عجيب غريب شيون آهن!" انهن ماڻهن جي پنهنجي زماني آهر علم جي وسعت ۽ گهرائي اعتبار ۾ اڇڻ کان ٻاهر آهي. هڪڙي ماڻهوءَ ڏهن ڏهن، ويهن ويهن ڏار ڏار علمن تي ڪتاب لکيا آهن. عمر خيام جون اسان رکو رباعيون ٻڌيون آهن. هو ماهر فلڪيات، وڏو رياضي دان، وڏو فيلسوف ۽ سياستدان هو ۽ انهن علمن تي ڪتاب لکيا اٿس. ٻيا به ائين. ڪئين علمن جي درياهن ڪڏجي انهن مان هڪڙي هڪڙي علم جي سمنڊ کي بنايو هو. اِهي آهي نقطا ڪٺندا هئا جو اڄ جا اسان وارا عالم ڪياڙيون ڪنهندا رهجي ويون. ذڪريا الرازي پنهنجي وقت جو طب جو امام هو. هن لذت بابت اهو سائنسي نقطو اٿاريو تہ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي سڀائين لذت واري شيءِ پيئي ملندي تہ ان مان ڪيس ڪاب لذت ڪانه ايندي. پو تہ لذت نسبتي شيءِ آهي. ان جو دارومدار ٻين شين تي آهي. ان لاءِ وڏي سمجهاڻي ڏني اٿس. مَلن چيو تہ اها بدمعاشي آهي رازيءَ جي. هو اها ڳالهه ڪري بهشت جي لذت کي بي معنيٰ بنائڻ ٿو چاهي ۽ هو بهشت ۽ دوزخ جي تصور کي غلط ثابت ڪرڻ ٿو چاهي! ناصر خسرو سندس تردید ڪئي آهي، پر جزوي. اصل ڳالهه پنهنجي جاءِ تي رهي. جي انهن ماڻهن کي علم ۽ سائنس جو اهو اڻاهه بنياد ميسر هجي ها، جيڪو اڄ اسان کي مليل آهي تہ هو اڄ جي عالمن ۽ سائنسدانن مان ڪنهن کان ٻه گهٽ ڪونہ هجن ها. بلڪ راجن کي پوئتيون پڙهائي ڇڏين ها! پر وچ ڪڏي ڪيري تي. علم جو آهي صحيح بنياد. جي بنياد غلط تہ باقي عمارت جو الله واهي! بهرحال ان جي باوجود هنن جي ذخيرن ۾ جيڪي صحيح سالم جزا آهن اهي موتين جي مٽ آهن. مثال طور عمر خيام ڪائنات بابت اها ڳالهه سمجهائي ۽ سمجهي جنهن جي اڄ ٻه ۹۹۰۹۹ سيڪڙو ماڻهن کي خبر ڪانهي.

هن چيو "هر شيءَ اندر تضاد آهي. اهو فطري طرح انهن اندر موجود آهي. باهران آيل ڪونهي!"

شام: شاڪر شاهه آيو آهي. چئي ٿو ته مختيار جي گهر واري پنديءَ کان موٽي آهي ۽ مختيار سان ملي آئي آهي. ڏاڍو سٺو ٽيو. مختيار پريشان آهي. مائي مون کي سلام موڪليا آهن ۽ چيو اٿس 'ته توکي کهڙين شين جي ضرورت آهي. ته توکي موڪليان' ڪا شيءَ گهرائيندس ته مختيار خوش ٿيندو پر مون کي ڪجهه ڪپي ئي ڪونه! ڇا گهرايان؟ ٻيو ته سڳوري ان جا مختيار تي الائي کهڙا ٿورا ٿڦي ته "تنهنجي دوست کي سنياليو ئي مون پئي!" هر دفعي چوائي موڪليندي آهي ۽ آئون هر دفعي ساڳيو جواب ڏيان ته "پنهنجو گهر آهي جڏهن ضرورت پيئي گهرائي ونندس." شاڪر شاهه چيو ته چئي ٿي ته "مختيار چيو پئي ته آئون پليجي صاحب وٽ سيٽ ٽيل هوس. هتي آئون خوش ناهيان." رات سمهڻ وارو هوس ته ٻڌم ته پهاڙي گيت ٻڌايا ويندا. ٻڌان پيو. سبحان الله! پهاڙي سر به عجيب آهي. جابلو ۽ صحرائي ماڻهن جي زندگي جهڙي ڪٺن آهي تهڙو آهي سندن شعر ۽ راڳ پر سوز، درد ۽ ميناج. اهڙو مٺو راڳ يا اسان جي ٿر جو آهي يا اتر ۽ اولهه هندستان جو.

20/12/82

ملو نه تر تو هر گهبرائين،
ملو تو آنکهه چرائين
همين کيا هوگيا هي؟

ڪابل تان لتا پيئي ڳائي پر مون کي ايئن لڳو جڻ ڦٽي پيئي ڳائي! سدول، سانوري، قداور، اٿين وارن، ميرن ڪپڙن، دلڪش ملوڪ مهانديءَ ۽ مٺي زبان واري، ٿورَ- ڳالهائو ۽ گهڻ- گٺي ڳائڻي، درويش صفت نينگري ڦٽي! دنيا و مافيها کان بي نياز. ننهن کان چوٽيءَ تائين راڳ! اڄ بي اختيار ياد آئي ۽ جيئن چٽجي تيئن ياد آئي! لطيف آباد جي گهر ۾ الائي کهڙي سبب فقط آءَ ۽ امان هئاسين. الائي کهڙي شيءَ کپندي هئي سو پنجين نمبر لطيف آباد ۾ ويس. پهلوان جي هوٽل مان پري کان ڳائڻ جو آواز پئي آيو. ريديو جو ڪونه ٽي لڳو. ويجهو پهتس ته ٽي چٽيون لوٽن واريون پيون ڳائن. ماڻهون کين چار چار آنا پيا ڏين. ڪنهن مهل اٽ آنا ۽ رپيو. آئون گهربل شيءَ ونڊي موٽيس، تڏهن به پئي ڳايائون. هڪڙي پوڙهي هئي، بي جوان، ٽين ننڍي. آئون هوٽل اندر ورلي ويندو آهيان. ان ڏينهن اندر وڃي مائيءَ کي چيم. "منهنجي گهر هلي ڳايو!" هڪي پڇيائون: "گهر ۾ ٻار ٻچا آهن؟" مون چيو "هائو منهنجي ماءُ آهي." هڪ ٻئي ڏانهن

نهاريائون. نيٺ آيون. اچي پَتَ تي ويٺيون. مون منڀي وهارين. امان کي چيم. "امان هاڻ مڙس ماڻهو ٿيڄ! تون بہ ڳوٺ گهٽي ئي جوڳياٽيون ۽ لوٽن واريون ٻڌيون آهن. اڄ هنن کي ٻڌا!" ٿوري دير کان پوءِ مون جوان چوڪريءَ کي چيو ته "هاڻ فقط تون ڳائي!" وڃڻ مهل مون کين ڏهه روپيه ڏنا. امان کين ماني وغيره کارائي. چيو مانِ "وري اچجو." ٻئي چوٽين ڏينهن وري آيون. زرينہ بہ ٻڌن. پوءِ حور ۽ غلام فاطمہ وارين بہ ٻڌن پوءِ هڪڙي ڏينهن فاضل ۽ ٻين دوستن بہ کين ٻڌو. پوءِ جيترا ڏينهن هيون اوترا ڏينهن هفتي هفتي ايندیون هيون. گهر جون ياتياٽيون ٽي ويون. ۽ مون کين کپڑا ونيِ ڏنا. ورتائون پر پاتائون کونہ. ڇٽي "ڦڪائي ٽي ٽئي." جوان چوڪريءَ جو نالو ڦتي هو. چيو مانس تہ "ريڊيو تي ڳائي!" ڇٽي "اسان لاءِ اهو عيب آهي. اسان کي اڳي ئي ريشمان خوار ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي مائٽ آهي." "ٽيپ ڪرائي." ڇٽي "اهو بہ اسان لاءِ عيب آهي"! ڪڏهن ڪڏهن گڏجي ماني کائيندا هئاسون سپ گهر جا ياتي. ساٽن هڪڙي ڏينهن مون هڪڙي مهمان مائيءَ جي ڪري گڏ کونہ کاڌو! مون ۾ جنهن نگاهہ سان نهاريائين تنهن جي ڪري مونکي شرم اچي ويو. سندس نگاهہ ڇڻ چيو "سچي! اسين تہ فقط لوٽي وارا آهيون! اسان کي وسري ويئي هئي اها ڳالهہ هن گهر ۾ اچي!" ٻئي سال بہ آيون. ساڳي ڳالهہ. ٽيئن سال ماٽس مري ويئي. پيٽس ٻڌايو تہ "ڦتيءَ جي شادي ٿي ويئي آهي. ڏکي آهي. مڙس ماريس ٿو ڏاڍو" چوٽين سال ڏاڍو ڪوليو سونس. ڪار ڪٽي سندن ديري تي وياسين. ڪانہ لڌي. جيئن کا شيءَ هلندي هٽن مان ڪري پوي تيئن ويڃجي ويئي ڦتي. آئون اڄ تائين دل ۾ کيس ڪوليان پيو.

ڦتيءَ کان وڌيڪ منو ۽ موهيندڙ مون دنيا ۾ ڪنهن جو آواز کونہ ٻڌو. نورجهان جو ڳايل ڪلام ڳايائين تہ مون پوريءَ طرح ويچار ڪري فيصلو ڪيو تہ 'نورجهان کان هن جو آواز وڌيڪ اثر انگيز ۽ وڌيڪ منو آهي.' ٻين بہ ايئن چيو. اڇڻ شرط وجهندي هئي لوٽي ۾ هٿ ۽ شروع ٿي ويندي هئي ۽ مسلسل ڪلاڪ بہ ڪلاڪ پيئي ڳائيندي! ڪلام بي مثال ۽ چوٽيءَ جا، جن ۾ ڪلي ڪي الائي ڪٽان جو ڪٽان وڇٽو پئي. نہ ڳالهہ نہ ٻولهہ نہ ڇلولائي نہ ناز نہ نخرو نہ ٻناڪ نہ معتبري. تعريف جي هن لاءِ کا معنيٰ کانہ هئي. مرڪندي هئي تہ بہ ڄاري قدرتي مرڪ. راڳ ۾ فنا ٿي ويندي هئي. جيسين کو روڪي نہ ٽيسين ڳائيندي رهندي. کو احساس ڪمتري کونہ هوس. کابہ سائين سائين، خوشامد، ڪجهہ بہ نہ. هوءَ جڏهن ڳائڻ ۾ محو هوندي هئي تڏهن اٿين وارن ۽ ميرن کپڙن ۾ هوءَ کا ديو مالائي ديوي لڳندي هئي. کيس ڏسي ائين کونہ محسوس ٿيندو هو تہ هيءَ هڪڙي جاذب نظر، نوجوان اڻ پرٽيل چوڪري آهي، جنس آهي. ائين لڳندو هو ڇڻ هوءَ انهن اعليٰ ۽ لافاني جذبن جو مقدس مجسمو

آهي جيڪي سندس ڪلام ۾ سمايل آهن. مون سان گهڻو ڳالهائيندي ڪاڪو هئي، ٻين گهر جي زالن سان ٻه مختصر ڪچهريون ڪندي هئي. ڪيس خبر پئجي ويئي هئي ته هي ماڻهون ٻيا آهن. هنن وٽ اسان برابر جا ماڻهون آهيون. فنڪار آهيون. عزت ۽ پنهنجائيءَ جي لائق آهيون. تي ڪلاڪ ويهندي ته پنج منٽ ڳالهائيندي باقي وقت ڳائيندي. الائي ڪنهن چيو ته "هيءَ ڳالهائي چو نه ٿي؟" مون چيو ته "هن جو ڳالهائڻ سندس اهو ڳائڻ آهي!"

سادو ۽ معصوم، باوقار، شاندار ۽ لاجواب ماڻهو ۽ يڪتائي فنڪار 'ڦتي' اڄ الائي ڪٿي لوٽو ڪٽي ڳائيندي، چار چار آنا ونندي هوندي ۽ الائي هينئر چار آنا ٻه ملندا هوندس الائي نه! مون کي سندس اڄ ٻه ايترو فڪر آهي جيترو گهر جي هڪڙي عزيز ياتيءَ کي ٿئي جو ٿئي.

سندس هڪڙو دلپسند ڪلام هو.

ملو نہ تم تو ہم گھبرائیں،
ملو تو آنکھہ چرائیں
ہمیں کیا ہوگیا ہے؟

ٻيو هو ته "تم نہ جاني کس جهان مين کهو گئي!" اڄ الائي کهڙي دنيا کهڙي جهان ۾ گم هوندي ڦتي ٻه؟ اهڙن ماڻهن سان جهڙو ڪر "مائٽي" رکڻ اسانجي مسڪين گهر جي بابا وڏي (منهنجي ڏاڏي منگر خان) کان روايت آهي. سندس تعلقات نام نهاد امير خاندانن سان ٻه هئا ته اهڙن سان ٻه هئا. سندس دوستن ۾ هر قسم جا ماڻهو هئا. آسپاس جا باعزت "معزز" ماڻهون ٻه هئا ته فقير، شيدي، مهاڻا، جوڳي ۽ ٻيا غريب عوام جا فرزند ٻه هئا. ٽئي سب ڊويزن ۾ جتي ويس اتي ڪو نه ڪو ماڻهو مون کي ايئن چئبڑي ويو ته 'تون فلاڻي جو پوٽو آهين! ابا پوءِ تون ته اسان جو ٻچو آهين! هل هلي گهر ماني کائي پوءِ وڃ" حڪماحڪميءَ وٽي ويندا هئا. بابا جا دوست ٻه راڄ. عجيب غريب قسمن جا ماڻهو عجيب عجيب هنڌن تي ويڙل. اسان جي غريب گهر جي وڏن کان روايت آهي ته اسان وٽ طبقاتي هيٺ مٿاهينءَ جي ڳالهه کي اهميت ڏيڻ بداخلاقي ليکيو ويندو آهي. مذهبي تعصب کي ٻه اسان جو گهر وڏن کان وٽي ڪونه ميڃي. امان جي دوستيءَ ۾ سيد زادين ۽ پيرزادين سان ٻه ته ڳائٽيون فقيرياٽيون ٻه. ڪولهٽين ۽ ڪوڇڑين ٻه ڪٽ تي ويهنديون هيون. اسين انهن کي ماسي ڪري نه سڏيندا هئاسين يا انهن جو پورو ادب نه ڪندا هئاسون ته دڙڪا ملندا هئا. ڳوٺ ۾ ماڻهوءَ ماڻهوءَ اڇيان ليلائيندڙ فقيرياٽين، جوڳياٽين ۽ ڪوڇڑين کي، مون اسانجي گهر ۾ اوچتو ڦري پي جوڙ اختيار ڪندي ڏٺو. هو پيڙائين ۽ ذلت

جي ماريلن مان ڦري عام عورتون ٽي ٽي پيون. ساڻيا ٽهڪ چرچا همدرديون ڏک سک ، مڙسن ۽ سسن جون شڪايتون، اسان تي حڪم ۽ اسان کي نصيحتون. ٻين وڏن وانگر بردبار، باوقار ۽ خوددار. وري انهن کي ٻڌي هنڌ ٻيءَ حالت ۾ ڏسي مون کي اهڙو ڏک ٿيندو هو جهڙو ماڻهو پنهنجي گهر جي ياتيءَ کي ذليل حالت ۾ ڏسي ٿئي. اسان جي گهر ۾ ماڻهو اول ماڻهو هو. سيني جي برابر ڏکن سکن وارو. چڱن ڪمن لاءِ عزت ۽ خراب ڪمن لاءِ مذمت جي لائق. پوءِ ٻي هو ڏراڙ، نوڪر، پٽيوالو، فقير، جوڳي يا ٻيو ڪجهه هو. اسان وٽ پنهنجي ۽ ڏاڻين جو روايتي فرق کو واجبي هوندو هو. کو هندن جي اجائي گلا ڪندو هو ته منهنجو وڏو چاچو بابا عيسو لٽ سان ايندو هو. چي " پهرين واڻين جهڙا ايماندار ٽي ڏيکاريو پوءِ اهي بڪون ڪريوا واڻين جهڙا پيٽسان مڙس ڪٽي!" کي ماڻهو پنهنجي علاقي جي ماڻهوءَ کان سواءِ ٻين کي ڏاريو سمجهي انهن سان هر قسم جي بري روش جائز سمجهندا آهن. اسان وٽ اڻين نه هو. هڪڙو ڏينهن مون کي اڄ ڏينهن تائين ياد آهي. منهنجي ۵- ٦ سال عمر هئي. هڪڙو پوڙهو پٺاڻ چاقو وغيره سرڻ جي سراڻ ڪٽي، ڳوٺ ۾ آيو. ڪن ڇوڪرن ان کي وڻي ستايو. هن ماني گهري ته ڇوڪرن کيس تنگ ڪيو. اڻين خوامخواه ٻاراڻي بي رحميءَ وچان. آخر تنگ ٿي هو سراڻ پٺن تي رکي هليو ويو. پٺيان ڇوڪرن کيس سنهيون پٽريون اڇلائي هنيون. مون ڪجهه به ڪونه ڪيو. پر آڻون ڇوڪرن سان گڏ هوس. ڪنهن ڏوڙي اڇي امان کي ٻڌايو ته "رسول بخش ۽ ٻين ڇوڪرن هڪڙي پوڙهي بکڻي پٺاڻ کي پٽر هڻي روانو ڪري ڇڏيو." پوءِ جيڪا امان مونسان ڪئي، مون کي جو شرمايو ۽ ذليل ڪيو ۽ جيڪي مون کي پٽون پاراتا ڏنائين ۽ لعنتون ملامتون ڪيائين سي مون کي اڄ ڏينهن تائين ياد آهن. مون کي اڻين لڳو ڄڻ آءُ دنيا جو ڪريل ۾ ڪريل ماڻهون آهيان. اسان جي ڳوٺ ۾ "شرافت" ايڏي اجائي گهٽي ڪانهي. هڪٻئي کي ۽ اولاد کي گاريون ۽ لعنتون ڏيڻ خير صلاح جي ڳالهه ۽ هلي چلي آهي. پٽ کي خنزير، ڏليل، مروان وغيره سڏڻ بلڪل خير جهڙي ڳالهه آهي. اهي سمورا چيدا چيدا لقب ان ڏينهن مون کي مليا. قصو مختصر، امان مونکي گهر مان ڪڍي ڇڏيو. مون پريان وڃي، گهر تي پٽرن جو وسکارو ڪري پنهنجي خودداريءَ جو ثبوت ڏنو. پوءِ ٻه ٽي ڇوڪرا وڻي ڏوڙي وڃي ميل پنڌ تي پٺاڻ کي پهتس. ڪيس ريجهائي پرچائي وري ڳوٺ وڻي آياسين، ڪيس سجو ڏينهن مهمان ڪري ٽڪايوسين. رپيو ٻه به ڏنوسين. جڏهن موڪلائي خوش ٿي ويو تڏهن وڃي مهنهجي دل مان ڏوهه جو احساس نڪتو. ڇو ته امان سندس معصوم ٻارن، سندس اوسيئڙي ۾ ويڙل زال ۽ سندس بک جو اهڙو نقشو چٽيو جو مون سمجهيو ته اسان نيچ ۾ نيچ ڪم ڪري ورتو آهي. امان جي ان سوچ جا ٻه مکيه سبب هئا. هڪڙو ته امان يتيم ۽ مسڪين ٻار

هئي ٻيو سبب هو امان جي ماسي، نانيءَ ڪتو. مون جڏهن ڪورڪيءَ جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڪورڪي جي نانيءَ جو ڪردار پڙهيو ته مون کي نانيءَ ڪتو ياد پئي. هن کان عظيم تر انسان مون زندگيءَ ۾ گهٽ ڏٺو. ديندار هئي. سچو ڏينهن الله ۽ رسول جون ڳالهيون ڪندي هئي. پر ڪاڪ ملئين ۾ خلق آزار ڪانه هئي. ان جي ابتڙ انسان هئي. ڳوٺ جي اڙياتن، خاص ڪري زالن ۾ ٻارن لاءِ رحمت جو فرشتو هئي. غريب هئي. ڪڏهن مسڪينن جي ٻارن لاءِ مانيءَ جا ٽڪر. ڪڏهن ڪنهن مسڪين جي زال لاءِ ڪا ستي ڦڪي. ڪنهن لاءِ ڳڙ ذرو. ڪنهن لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر. جيڪا شيءَ جتان هٿ آيس سان ڪٿيو ٻيئي ويندي. ذري مان ذرو. انسان خطا جو گهر آهي. ماڙيون پيون ٽمن. ڪنهن نياڻيءَ سياڻيءَ ڪان ڪا گهٽ وڌائي ٿي ٻيئي ته ان جو پردو رکڻ، ڀڳي سڄي ڪرڻ واري، اڙين جي آڏار. سڄي ڳوٺ ۾ عزت هيس. هرو ڀرو ڪير سندس ڇوڻ ڪونه موڙائي سگهندو هو. اسان وٽ عورتون به وڏيريون ٿي چڪ مڙسي هلائي ويون آهن. وڏيرن جون زالون ۽ نالي جون وڏيريون ٿي نه پر بنا مڙسن جي پنهنجي سر راڄ جون وڏيريون ۽ چيڙيون نبيريون ڪرڻ واريون. ماڻهو اڄ تائين ڳالهيون ڪندا آهن ته اربابياڻين جهڙو راڄ ڪنهن هلايو ڪونه! ان ڪري اسان وٽ عورتن جي اڳواڻي ۽ انهن کي مردن جهڙو بلڪ انهن کان وڌيڪ احترام ڏيڻ جي روايت موجود رهي آهي. ان ڪري نانيءَ جي ڳالهه مڃڻ کان ڪنهن کي به عار ڪونه ٿيندو هو. سندس تڪيه ڪلام هو. "اما نيتس جاڻي!" يعني هَن برائي ڪئي آهي ته ان جو بدلو برو نه ڏيو. اها سندس نيت جاڻي، پاڻ ڇڏائي ڪنداسون.

شام: بين الاقوامي صورتحال نهايت نازڪ ۽ پيچيدي صورت پئي اختيار ڪري، جيڪڏهن افغانستان ۽ پاڪستان جي سرحد تي افغان فوجون پهرو به ڏيندیون ته ڪئين سنها ٽلها واقعا ٿي سگهن ٿا. آمريڪا ڏسجي ٿو ته پاڪستان کي پنهنجي جنگي رٿا سان سلهاڙي چڪو آهي. ان جا نتيجا ايندڙ پنجن ڏهن سالن ۾ ظاهر ٿيندا ۽ اهي نهايت خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. انهيءَ سلهاڙجڻ جي نشي ۾ هتي جا حڪمران هر قسم جون حرڪتون به ڪري سگهن ٿا. آندروپوف جو سوويت يونين جي سڀ سالن واري تقريب جي موقعي تي ڪيل تقرير جو انداز برزنيف کان ٿورڙو خنڪيءَ وارو هو. سندس لفظ ڪجهه وڌيڪ صاف ۽ ڪجهه مڙيئي تيز هئا. روس جي سفارتي روايت جي حساب سان سندس هٿيارن گهٽائڻ جي تجويز بابت برطانيه پاڻ سڀ کان گهٽ غير ذميواريءَ وارو رويو اختيار ڪيو آهي!

فرانس ۽ آمريڪا فورن انڪار ڪيو آهي. ڏسجي ته دهليءَ ۾ خارجه سيڪريٽرين جي ملاقات تي ضيا جي آمريڪي دوري جو مثبت يا منفي اثر پوي ٿو يا نه. ڏسجي ٿو ته آمريڪا، پاڪستان کي افغانستان جي مسئلي تي ناهه ڪرڻ

کان منع ڪري ڇڏي آهي. آمريڪا نٽو ڇاهي ٿ روس پويان اها ڦشري ختر ٿئي ۽ ڪيس جيڪو ان جي آڙ ۾ سڄي دنيا ۾ بدمعاشيون ڪرڻ جو موقعو مليو آهي اهو هٽان ويڳائي. آڻون سمجهان ٿو ٿ في الحال روس لاءِ سفارتي طرح اڳتي وڌڻ جو موجود موقعو چين سان ناه طرف پيش قدمي ڪرڻ جو ئي آهي.

چين تازو آمريڪي ايٽمي پاليسيءَ جي مذمت ڪئي آهي. تنهن کان سواءِ چين روس خلاف آمريڪي جپاني معاهدي جي تائيد ۾ واپس ورتي آهي. اوپر يورپ جي سياحن کي ٢٠ سالن کان پوءِ اچڻ جي اجازت ڏني آتس. ڏسجي ٿو ٿ چين ۾ آمريڪي دوستي مان ڊوڙ ڪريو ويٺو آهي. صفا ڇڏيندس ڪونہ پر اڳوٽي ڳالهہ کانہ رهندي.

جرمنيءَ ۾ چوندون ٿيڻ واريون آهن ان جو نتيجو ۾ ڪافي اهم ٿي سگهي ٿو. ريگن جا باقي ۾ سال وڃي رهيا آهن. سال کان پوءِ صدارتي اليڪشن جو عمل شروع ٿي ويندو ۽ ريگن جي پاليسن تي عام تنقيد شروع ٿي ويندي. ڏسجي ٿ هو وري چوندون ڪٽي ٿو يا نہ. ايڊورڊ ڪينيڊيءَ جي ميدان مان نڪرڻ ڪري ريگن کي فائدي جي بجاءِ نقصان پهچندو. سندس خيال هو ٿ ڪينيڊيءَ کي آسانيءَ سان خوار ۽ خراب ڪري شڪست ڏيئي سگهبي. ريگن جون مهانگائيءَ بابت پاليسيون ڪامياب ٿيون آهن. پر بيروزگاري ۽ ٻين مسئلن کي هو حل نہ ڪري سگهيو آهي. هيستائين هر جوا ۾ هو ڪٽندو رهيو آهي. لبنان مان فلسطينين جو بي دخل ٿيڻ سندس وڏو ڪارنامو ليکيو ويندو. پاڪستان کي پنهنجو بنائڻ ۾. جي اسرائيل ۽ فلسطين جو مسئلو حل ٿي ويو ٿ اها ڳالهہ ۾. پر هٿيارن واري ڳالهہ سندس ڪچيءَ ۾ پئجي سگهجي ٿي. بهرحال اسين هيترا سال عالمي سياست جي ڪنڊ پاسي ۾ هٽاسون. هينئر ان جي وچ سير ۾ اچي ويا آهيون، ان ڪري آزمائشون ۾ اسان جي توقع کان شايد وڌيڪ سخت ايندیون پر عوام جي سجاڳي ۽ چرپر جي رفتار ۾ توقع کان وڌيڪ تيز ٿيندي.

"چيو وزير ته پولو ناهي
ان منجهہ ۾ کا پلائي آهي"

23/12/82

پرويز ملاقات لاءِ آيو. هڪڙي گرم جرسي محمود لاهي ڏنس. هيو ۾ سٹيٽر آهي. ڪتاب ڪونہ آندائين. اخبارون ۽ رسالا آندائين، فروٽ آندائين. مون کي ڪجهہ ٽڏ جو اثر هئو. ڊپ هئر زڪام جو، پر مڙيئي خير ٿيو آهي. هيستائين. ٿي ويءَ لاءِ چيائين ٿ جڏهن ٿهندي تڏهن ڪٽي ايندس.

24/12/82

اڄ ہ ٽي ڪلاڪ ظفر سان پشتو ہوليءَ بابت مغز ماري ڪيو. هڪڙيءَ جي ہي ڪريو ويٺو آهي. بهانو اهو تہ "صاحب جي پشتو مين تو ايسا هي اوتا (هوتا) هي!" چوائس تہ "آءُ ماني کان ٿو. ان جو پشتو ترجمو ڪر" تہ پشتو ہ چوندو "تون ماني کائين ٿو" "صاحب جي! بات تو تہ ڪرتا هي نا!" پڇاڙي جو ساڳي ڳالهہ "صاحب جي! پشتو مين تو ايسا هي اوتا (هوتا) هي."

ڪلاڪن ہ مس مس پنجن فعلن جا سادا واحد ۽ جمع متڪلم، حاضر، غائب جا گردان پڇي سگهيس. سي بہ وڏن ٽنڊسرن سان. ساڳئي جملي جي معنيٰ طور هڪڙي ٻيري هڪڙي سٽ ٻڌائي تہ ہي ٻيري وري ہي. پڇاڙيءَ جو پنهنجي منهن ڪلي چوڙ لڳو "سب راستي کا بات هي" مون چيس "چا ٿو چئين؟ سڀ رستي جي ڳالهہ ڪيئن آهي؟" چيائين "جو بات پوڇا هي راستي والي اگر راستي مين رهہ جائي تو بوليگا "دودئي راوڙا" "آبو راوڙا" مطلب تہ تو پشتو جا جملا اهڙا پڇي پڪا ڪيا آهن جيڪي ماڻهوءَ کي ان مهل ڪر اچن جڏهن ماڻهو ڪڏهن ٻڌاڻ علائقي ہ رستي هلندي رهجي وڃي ۽ ماني ۽ پاڻي وغيرہ پشتو ہ گهرٽو پويس. مون چيس تہ "اوهان پڌاڻن تي پروسو ڪونهي. جي بهانو ڪريو تہ اسان کي اردو نٿي اچي تہ پوءِ ہ ٽي اکر اهڙا تہ اچن جو مانيءَ ٽڪر گهري سگهجي."

ٽيون چوٽون ڏينهن 'نواءِ وقت' ہ آيو تہ پنجويهن سالن جي قيدين کي پندرهن سال سزا ڪمائڻ کان پوءِ آزاد ڪيو ويندو. پراڻن قيدين لاءِ عيدون ٿي ويون. ماڻهو سڄي رات ڪونہ سمهي سگهيا، خوشيءَ وچان. ٻئي ڏينهن ترديد آئي تہ اطلاع غلط هئو. اڄ ويچارا اجهاڻا پيا آهن. هي ٽيو مئلن کي مارڻ!

25/12/82

اڄ دير سان اٺيس. لطيف جي اڏو اڏ سَرن مان انقلابي بيت چونڊي چڏيا هئم اگ. ڪجهہ نوٽ بڪ تي نقل بہ ڪري چڏيا هئم. اڄ مهين کان پوءِ وري اهو نقل جو ڪر شروع ڪيم. اڄ سري راگ، سامونڊي ۽ سهڻي سَرن جا چونڊ بيت نقل ڪيم. ڏهني طرح ڇڻ رت جي بوتل چڙهي ويئي، اهي بيت وري پڙهي! سويل ظفر پنهنجي منهن ڪجهہ پئي چيو. پڇيو مانس "چا پيو چئين؟" چيائين، "ٽائيگر کو ڪچهہ سمجهہ مين نهين آتا!" مون چيس "چا نٿو سمجهہ ہ اچيس؟" چيائين "ميني اس کو کها "پشئي لاڙشا" يعني وج هليو يا پڇ! تہ ويوئي کون! هماري سوات مين تو بلي کو کهتا هي لاڙشا! تو چلا جاتا هي" مون چيو "ٽائيگر

نالائق آهي. پشتو پڙهيو ئي ڪونهي!"

اڄ عيسائين جو وڏو ڏينهن آهي. رات ڪان وٺي گيت پيا ڳائين. تقريرون پيا ڪن. هينئر بہ لڳا پيا آهن، پاسي واري باريڪ ۾. ستين عرش ڪان هيٺ جي تہ ڳالهہ ٻڌي ڪانهي اسان جي پنڌت، پادري، مولانا حضرات جي. رات: ريڊيو پيو ٻڌان. گهٽي ڪوشش ڪان پوء چگو پروگرام هٽ نہ آيو. رڳو تقريرون آهن. اتفاق سان هڪڙي اسٽيشن تي عجيب نموني جي نڪ مان ڳالهايل انگريزي ٻڌم. ڪجهہ سجاتل لڳم. 'پنهنجي مارن جون آءُ ٻوليون سجاڻان!' منهنجو اندازو صحيح نڪتو. وائس آف ويٽنام هو. هاڻ ويٽنامي موسيقي پيو ٻڌان. ايشيائي رنگ آهي ان ڪري دل سان لڳي ٿو. سويل هنوئي، هوچي منهہ سٽي (سائگان) ۾ ناتال (ڪرسمس) جي جشن جو احوال ۽ ڪٺولڪن جا بيان ٻڌايائون تہ اسين امن لاء دعاگو آهيون.

ٻارنهن بجا ڏينهن. اڳڙ ۾ لکان ويٺو. صفائيءَ وارا صفائي پيا ڪن. ڪلهہ اخبار ڪانہ ملي. ان ڪري فخرو نمبردار پاڙي مان پني وٺي آيو آهي. ٽيون ڏينهن بہ اخبار ڪانہ ملي. ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ کي احتجاجي چٺي لکي اٿم. ظفر سويل پڇيو- "صاحب جي! زنا کا پئدائش ختم هوگيا". پهرين تہ چڪرائجي ويس تہ ظفر کي زِنا جي پيدائش جهڙي فيلسوفيانہ ۽ شرعي ۽ قانوني مسئلي سان اوچتو ڪيئن ۽ ڪهڙي دلچسپي پيدا ٿي ويئي. ڪچ دير ڪان پوء نيٽ ڳجهارت ڀڳيم. پڇائين ٿي تہ قائد اعظم محمد علي جناح عليہ الرحمة جي پيدائش تي خوشيءَ جون تقريرون ۽ تقريبون ايان هلن پيون ۽ جيل بند رهندو يا ختم ٿي ويون ۽ جيل کلي ويندو. چيومانس تہ "زِنا جي پيدائش تہ هن سموري نظام بدلجڻ کان پوء ختم ٿيندي. باقي جناح جي پيدائش بابت مڪاريءَ ۽ منافقيءَ وارو ڊونگ ۽ ناٽڪ ڪالهہ پورو ٿي ويو. وري ٻئي سال".

ايمينسٽي انٽرنيشنل وارن وري بہ فرانس مان لکيو آهي. ۱۷ نومبر ۱۹۸۲ع جو خط آهي. ٻن چئن ڏينهن ۾ پهچي ويڻ ڪپندو هو. پر الائي ڪهڙيون منزلون ماري ۽ ڪهڙا ڪهڙا امتحان ڏيئي هي ٻن چئن سٽن وارو خط هتي پهتو آهي. لکيو اٿس.

PIERRE MICHMUD
Masion on Peuple
Amnesty International 90000 Be Lofrt
France
November 17th 1982
To
RASUL BAKHSH
Kot lakhpat jail
Lahore Punjab
Pakistan

Dear Sir,

I send this letter for the group 267 AMNESTY INTERNATIONAL of belfourt (FRANCE). We are working for your release and you to have medical supply. we want to transmit you our encouragement. Keep hope and be sure that some people in the world are acting for the end of your detention!

Sincerly

از طرف،
پيئري مچمود
ميسن ائن پيپل
ايمنسٽي انٽر نيشنل.... ٩ بيلفورٽ
فرانس.
نومبر ١٧. ٨٢ ١٩

نالي
رسول بخش پليجو
ڪوٽ لکپت جيل، لاهور پنجاب
پاڪستان

پيارا سائين.

آءُ هي خط ايمنسٽي انٽر نيشنل جي بيلفورٽ فرانس واري گروپ ٢٦٧ پاران پيو لکان. اسين انهي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون تہ توهان آزاد ٿيو ۽ توهان کي دوائون وغيره ملن. اسان جي خواهش آهي تہ توهان دل وڏي ڏاريو. پُر اميد رهو ۽ يقين رکو تہ دنيا ۾ ڪي ماڻهو توهان جي نظر بنديءَ جي خاتمي لاءِ سرگرم آهن!

خلوص سان
صحيح

28/12/827

ٻہ بجا ڏينهن.

رات آڏيءَ کان ونڊي مينهن پوڻ شروع ٿيو آهي. ايان بس نٿو ڪري. ان ڪري ٻاهر ئي ڪونہ نڪرڻ ٿيو آهي. اڄ لطيف جا ڪجهہ سَر پڙهير ۽ گهربل بيت نوٽ ڪيم. رات ٻہ ڪجهہ دير ائين ڪيم. ڪالهہ صبح جو ڪمري جو دروازو دير سان کوليائون. ٽائيم ڏنم تہ سادا ست ٿيا هئا. کولڻ واري کان پڇيم تہ "خير تہ آهي؟ اڄ دروازو دير سان کوليو اٿو." ٿي آگريون ڏيکاري هليو ويو. پوءِ ياد پيم تہ ڪالهہ فخروءَ پڻي چيو تہ "سانجهيءَ وري ڏن جڻن جي "تاريخ" آهي ۽ سڄو ڏينهن ڊيڊيءَ وارن مٿي پڻي توري ۽ رسا پڻي ڇڪي ڏنا ۽ آزمايا. چيائين "هڪڙو منجهن پٽاڻ آهي. پيڻ ماري هٽائين. الائي ڪٿي جو آهي. ان جو ملاقاتي ٻہ ڪونہ آيو آهي. آءٌ ان سان مليس. هڪڙو منهنجو واقف آهي ان چيو "فخرو! پاڻ ٻڌي گڏجي ٻاهر هلي حليم وڪٽندا سون!" موڻ چيس "وڏي دل ڪر خدا رحيم ڪريم آهي، ڪونہ ڪو سبب ڪري وجهندو" ٻيو هاڻ ڇا ڇڄي؟

"اڳئين دفعي منهنجي ٻہ ڊيوٽي لڳايائون. ٻين ڀجي تائين پنجين نمبر بارڪ تي پهرو ڏنم. پوءِ لڳايائون هتي. سپ آفيسر اچي گڏ ٿيا. هڪڙو قيدي منڊ ڪائي پڻي هليو. اهي ٻہ ٽي هٽا. ٽنهي يا عليءَ جا نعرا هنيا. پوءِ اسان جي اڳيان ڪين "تارا" ڪارو ڪپڙو منهن تي وڌو. سندن پير ٻڌا. پوءِ وڏي صاحب اشارو ڏنو. تارا ونڊي هينڊل گهمايو. ٽنهي مڙسن جي پيرن هيٺان تختا نڪري ويا. ٻہ ڪلاڪ لٽڪيا پيا هئا.

"پوءِ نمبردار ڏاڪٽين تي هيٺ وڃي ڪين ڪيي آيا. هڪڙي جي ڪٽ ڪي هڪڙي پاسي مون ڪنيو. سندن مائٽ ٽرڪون ونڊي آيا هئا لاش ڪٽائڻ لاءِ. اڄ وري ٽي ڇٽا. هي خنزير ڪنهن کي کو نہ ڇڏيندو. رحم تہ ڏرو ڪونهيس." ڪالهہ وري ٻڌايائين تہ "ٻين ٻن جا لاش مائٽ کڻي ويا. باقي پٽاڻ جو کو وارث ڪونہ آيو. هاڻ جيل وارا پاڻ دفن ڪندا....." اڄ بارش سبب اخبار ٻہ ڪانہ ملي آهي. ڪالهہ اتفاق سان هڪڙا ٽي دلچسپ نقل هٽ ڇڙهيا. اهي نقل سپرنٽينڊنٽ کي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي فرانس واري سيڪشن موڪليا آهن. اهي جن ٽن خطن جا نقل آهن تن مان ٻہ اصل خط ايمنسٽي وارن صدر ضيا کي ۽ هڪڙو ضيا توڙي وزير داخلہ کي موڪليا ويا آهن. ۱۹ ڊسمبر جا لکيل آهن. ٽنهي جو مضمون ٽوري ٿير گهير سان ساڳيو آهي. پهريون خط مارسيٽ اليگري ڊئوڊ ۽ مارس گئيبال طرفان جنرل ضيا ڏانهن آيو. ان جو انگريزي متن هي آهي:

Your Excellency

Mister Rasul Bux Palijo imprisoned in October 1979, for having

expressed his opinions in a peaceful manner, should have been released in October 1980, because his sentence was for one year, imprisonment. At this moment, he is still in prison, without having been charged. He is not submitted to a new trial. This is violation of the Declaration of Human rights of the United Nations Organization. We with all members of Amnesty International are concerned with every aspect of human rights in all countries. Hope you will interest yourself in this case and we urge you to release Mr. Palijo immediately and without conditions. In the sincere hope that you will listen to our appel, your , excellency, we remain

Yours sincerely

Mauricette Allegre David

Maurice Guibal

عاليجناب،

مسٽر رسول بخش پليجو جنهن کي پنهنجا خيال پُر امن نموني ظاهر ڪرڻ جي ڪري آڪٽوبر ۱۹۷۹ع ۾ قيد ڪيو ويو هو تنهن کي آڪٽوبر ۱۹۸۰ ۾ آزاد ڪرڻ کپندو هو، ڇو ته هن جي سزا هڪ سال قيد هئي.

هن وقت هو سواءِ ڪنهن تهمت جي ۽ سواءِ ڪنهن نئين مقدمي هلائڻ جي ايجان تائين قيد ۾ آهي. اها گڏيل قومن جي انساني حقن جي پڌرنامي جي خلاف ورزي آهي. اسين ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل جا ٻيا سمورا ميمبر، سمورن ملڪن ۾ انساني حقن جي احترام جي سوال جي هرپاسي بابت فڪر مند آهيون.

اسان کي اميد آهي ته توهان هن ڪيس ۾ دلچسپي وٺندا ۽ اسين توهان تي زور ٿا ڀريون ته هڪدم ۽ بنا ڪنهن شرط شروط جي مسٽر پليجي کي آزاد ڪيو وڃي.

انهيءَ ۾ خلوص اميد سان ته توهان اسان جي اپيل ٻڌندا، اسين آهيون، عاليجناب، توهان جا مخلص.

ماريسيٽ ايليگري ڊيوڊ

۽ مارس گوئيبال

ٿڌ ڪا آهي چا! "لڙا!" "ظفر چا ٿو چئين؟" "صاحب جي! باهر ڏيکو! لڙا!" "ڪوهيڙو!" اک نه ڏسي ڪوڏي کي! ظفر چئي ٿو ته رکو بي ڪلاس وارن جي دروازي جا تالا لاٿا اٿن. ٻيا تالا ائين پيا آهن رات کان. متان ڪوهيڙي ۾ ڪو گولي نه ٽپي وڃي! فيڪٽري به ڪانه ويئي يعني قيدي جيڪي جيل ۾ فيڪٽري

وڃڻا هڻا سي بہ ڪونہ موڪلياڻون ان ڊپ کان. سڀ سڀي ريڊيو چالو ڪيم. اردو سروس تان برج پاشا جا لوڪ گيت پيا اچن.

بن مين ڪوئليا بولي!
من مين بانسريا بولي!
پاؤن مين پائليا بولي!
شام! شام! سلوني شام!
سمن ڪلياڻ پور دهليءَ تان ٿمري پئي ڳائي.
چائي گهٽا گهنگهور ميري بالم.
باد روا ڪرت هي شور اري رام!
ڏاڍو ميناج اٿس!

اڄ هڪڙو ڏهہ سالو قيدي مري ويو! باقي بہ مهينا هئس آزاد ٿيڻ ہا! سخت پورهيو، سرڪاري طرح سان منظور ٿيل ڪاڏو اڃڪي تمام گهٽ. سو بہ مٿان ٿي مٿان ڪايو وڃن. دوائون بہ اٿن. رڪارڊ تي سڀ ڪجهہ، پيٽ ہ بدن تي ڪجهہ بہ نہ. فتو مري ويو. نڌڻڪو ٿي بکن وکهي، بي اثر پاڻيءَ جهڙين دوائن جي دوکي ہ. قورو طبقن ۽ سندن چاڙتن لاء ماٿهو مئو ڇڏ ڪتو مئو. جيري ڪارڻ ہڪري چٺ. هنن چوڏرين، وڏيرن، خانن، سردارن، سرمائيدارن ۽ ڪامورن جي چمڪندڙ شريف با عزت، باوقار معتبر ۽ قانوني چهرن پويان اڪثر ڪيڏا نہ نيچ ڏاڙيل ۽ سنگدل جلاد لڪل هوندا آهن!

سيءُ!

18/1/83

۱۸ ڏينهن ڊائريءَ جو منهن ڪونہ ڏٺو اٿم. پئي اکيون سخت خراب ٿي پيون. جهڙو ڇڪجي تهڙو عذاب هئو. اکين جو ماهر ٻاهران آيو. تنهن ٿي ڏينهن لاڳيتو، ڪلاڪ، ڪلاڪ کان پوء اکين ہ دوا وجهندو رهڻ لاء حڪم ڏنو. ايان بہ صحيح نہ ٿيون آهن پر اها تڪليف نہ رهي آهي. آهستي آهستي اکيون ٺيڪ ٿي رهيون آهن. پر اکين جي ماهر چيو آهي تہ 'اهي دوائون هميشہ سالن جا سال استعمال ڪندو رهجان!' وڏو آزار ٿيو. انهيءَ وچ ہ نئون سال آيو. ۲۴ ڊسمبر تي انور مهدي ۽ ذوالقرنين وڪيل آزاد ٿي ويا. ۷ تاريخ منهنجي نظربندي وڌي. عارب، قاضي، پٽر، سانگهڙ جا دوست ملڻ آيا. ڪچهريون ٿيون. پر چار دفعا ماٿهو موڪلڻ کان پوء معلوم ٿيو تہ همراهہ ڪوبہ احوال ڇڏي ڪونہ ويا آهن، جو نقل توڙي ڪتاب ڪونہ آيا. مطلب تہ ملاقات مزو ڏنو پر ان سان گڏ مصالحو ڪونہ مليو. مختيار ۽ علي حيدرشاهہ جا خط مليا. حيدرشاهہ جو خط تہ ۱۸

صفحن جو آهي. ڪيس مختيار جي بيگر معرفت ڪجهه ڪتاب ۽ رسالا ۽ سؤ روپيا موڪليا اٿر. ڏسون ته سياڻي پهچنس ٿا يا نه. ڊاڪٽر نيازي، ٻيو نئون ڊاڪٽر آيو آهي. ڪراچيءَ جي ڊوميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهيو آهي. ٻه سال حيدرآباد ۾ ٻه رهيو آهي. سندي ڳالهايو ويجي. بلڪل پنهنجائيءَ سان ملي ٿو. اڄ ٻه آيو هئو. آهي ميان والي جو پٽاڻ. رائو رشيد اڳوٽو آء-جي پوليس پنجاب، جيڪو پوء قيد هئو ۽ جيڪو وڃ ۾ ايئر- آر- ڊي پنجاب جو ڪنوينر هو. سو هاڻي مختيار سان گڏ ساهيوال ۾ بند آهي. تنهن جي بيگر چوائي موڪليو آهي ته ڪنهن شيءَ جي ضرورت هجي ته موڪليون. مون سندس شڪريو ادا ڪري موڪليو آهي. مڙس چيو هوندس. ان کي مختيار پريو هوندو.

21/1/83

۱۱ بجه ڏينهن. ڏاڍو سيءُ آهي. اخبار ڪانه آئي آهي. خبرن ۾ ٻڌم ته آزاد ڪشمير جي برگيڊيئر حيات جي جاءِ تي ميجر جنرل عبدالرحمان رکيو ويو آهي. ڪشميري اڳواڻ منجهائنس بيزار هئا. بزرگ سياستدان يوسف هارون، ضياءِ سان ملي ڪيس پنهنجو فارمولا ڏنو آهي. اهو فارمولا ڪهڙو استاديءَ وارو آهي. تنهن جي جڏهن خبر پوي. بهرحال آڻارن مان ڏسجي ٿو ته آمريڪا ضياء سان جيڪو ڪجهو عهدنامو ڪري، پاڪستان کي ذري ڪهٽ خريد ڪري ڇڏيو آهي، سو هاڻ پنهنجي خريد ڪيل شيءَ کي ڪنهن اجائي ڏڏي فساد کان محفوظ رکڻ لاءِ ڪجهه تتن تاري ڪندو. ڪو اهڙو حساب رکڻ ڪهري ٿو جو سندس مال ۽ سلامت رهي ۽ چري قوم ۽ في الحال خوش ٿي ويجي. اسان جو پير صاحب پاڳارو ٻه ٽي ڏينهن ماڻ ۾ آهي. ضياء چيو آهي ته 'مون کيس حڪومت ڏيڻ جي ڳالهه ڪانه چئي هئي.' فخرو مقدم ٿيو آهي. هاڻ ڪيس مهيني ۾ ڇهن بدران ست ڏينهن معافي ملندي. ڏاڍي لئه ۾ آهي. رفيق جي ڪوٽ گشت جي ڊيوٽي آهي. روز ايندو آهي. اڄ ڪلهه ڪراچيءَ جي امن اخبار ملڻ لاءِ ڪوشش ۾ لڳل آهيون. هتي جي اخبارن ۾ سنڌ جي ڪابه خاص خبر ڪانهي ته ڪهڙي لڳي. ڪهڙي پُري. ڪلهه ٽيون ڏينهن حڪومت جا حڪم پُهتا آهن ته تخريب ڪاريءَ جي الزام ۾ قيد ماڻهن کي سندن گهر وارا ملاقات تي جيڪو ماني ٽڪر آڻي ڏيندا هئا، سو بند ڪيو وڃي. سندن ماني ٻه ٻين قيدين کان جدا خاص حفاظتي بندوبست سان تيار ڪئي ويجي. دليل اهو ته متان ڪاڏي ۾ زهر هجي! صبح جو ڪراچيءَ کان نوربانو پئي ڳائي:

"وريو آهي واءُ. ادي وريو آهي واءُ،
وطن جو، هينڊي لڳي هير....."

هينئر اقبال بانو غزل پئي ڳائي لاهور تان. ڪي اسان جا ڪلام هن ڪي مارين ڪي هن جا اسان جن ڪي. ڪلهه ڪان جويي صاحب جو موڪليل ناول (Trinity) شروع ڪيو اٿر باقاعدي. آٿي سڀي اٿس. افسانا به ڪي مزيدار ٿين ٿا. پر ناول جي ڳالهه ٻي آهي. سابه خاص ڪري ڪنهن سڀي بامقصد ناول جي. اسين سنڌ جا سنڌي اديب ايڄا رڳو افسانن ۾ ئي غش آهيون. مسئلو آهي ته ناول لکڻ لاءِ جيڪا زندگيءَ جي اونهي ۽ وسيع ڄاڻ ۽ جيڪو نقطه نظر ۽ فلسفو کپي سو ڪٿان اچي؟

14/2/83

ڏينهن ڀائري ڪانه لکي سگهيو آهيان.

5/2/83

سائڀا ڏهه صبح. رفيق ڪلهه ڪونه آيو. فخروءَ کان پڇيم. 'ڪالهه رفيق ڪيڏانهن گم ٿي ويو؟' چيائين "قاسي گهاٽ جي پهرين ڪوليءَ ۾ ڊيوٽي هئي هٽائونس. اتي روز نئون سپاهي تا رکن پهري تي." مون کي ڪا ڳالهه ياد آئي. پهرين ڪوليءَ ۾ ته ان کي رکندا آهن جنهن جي رحم جي اپيل رد ٿي چڪي هوندي آهي ۽ جنهن کي کنهن مهل به قاسي ملٽي هوندي آهي. پڇيومانس "چوڏري ظهور الاهيءَ وارو رزاق جهرنا ته ڪونه رکيو اٿن ڪوئيءَ ۾؟" چيائين "هائو!" تنهن ڏينهن ڊاڪٽر نيازيءَ چيو پئي "حيرت انگيز ڳالهه آهي! رت جو دٻاءُ، دل جي رفتار، نبض ، سيءِ تپاسي ڏئي مانس. ڪو آثار ڪونه هو ته ڪو هن ماڻهوءَ کي ڪا قاسيءَ جي سزا ملي آهي. ڇڻ ٽيون ڏينهن جنهن ماڻهو کي قاسيءَ جي سزا ٻڌائي ويئي هئي سو ڪو ماڻهو ئي ٻيو هو! مون هڻڙو مثال زندگيءَ ۾ ڪونه ڏٺو!" چيو مانس "سبب ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ان بي خوفيءَ ۽ بي ڊپائيءَ جو؟" چيائين "جذبو! پنهنجي ڳالهه تي مڪمل يقين!"

اکين ۾ روز ٽي دفعا دوا پئي پوي. اهو قصو ائين هلندو رهيو آهي. دوا نه پائبي ته تڪليف ٿيندي. ڊاڪٽر چوي ٿو ته "اها اکين جي جڙ خوراڪ ڪري سمجهه. مانيءَ سان گڏ اکين کي اها خوراڪ ڏيڻي آهي." سيارو موڪلاڻي پيو ڪري. اڄ نياپو پهتو ته مختيار جي بيگم جوائي موڪليو آهي ته "آءُ ملاقات تي ويئي هيس. ڪتاب ۽ رقم ڏيئي آئي هيس." اهي حيدرشاهه ڪي موڪليا هير. ڇڇ ڏينهن اڳ حيدرشاهه ۽ مختيار جا خط آيا ۾. حيدر شاهه جو پويون خط ڊگهو ۽ تفصيلي هو. مولیڏني، رشيد، پرويز، سليم ۽ اياز جا خط مليا اٿر گذريل ڪجهه ڏينهن ۾. پرويز جو اڄ مليو آهي. سليم، حيدرشاهه ۽ اياز جي خطن ۾ ڪي جواب طلب ڳالهيون آهن. انهن جو جواب سوچي ڏبو. في الحال سوچ جي موڊ

كانهي. طبيعت كجهه ڏينهن كان ٺيڪ كانهي.

نه بيمار نه ٺيڪ. ان كري كم به كونه ٿو پهچي. به هفتا اڳ سپرنٽينڈنٽ آيو هو. ٻڌايائين ته "سنڌ سركار توكي واپس سنڌ جي كنهن جيل ۾ ركڻ كان انكار كري چڏيو. چئي ٿي ته ايڏاهين ركوس. ڪالهه ته الائي ڇا آهي؟ مون ته سفارش ڪئي ته هي پاكستان جو دشمن كونهي. شريف ۽ وفادار ماڻهو آهي. ۽ پريان الاهي ڇا آهي؟" مون چيس "بس كا غلط فهمي كنهن پيدا ڪئي هوندي. نه ته آءٌ ته جيئن ڏسو تا ته خاموش طبيعت ماڻهو آهيان."

چيائين "سو ته آءٌ ڏسان پيو ته سڄو ڏينهن كتابن ۾ مشغول آهيو!" كم پڇيائين. چيومانس "كم سڀ خدا سوالا كيا آهن. توهان رڳو وارڊ ۾ گل لڳارائي ڏيو. ۽ هجن خوشبودار. اڳوٽي سپرنٽينڈنٽ 'پستول' وارا بنا خوشبوءَ وارا گل نه" كليو. چيائين "حاضر! لڳائي ڏبا." ڏهه ٻوٽا گلاب جا هٿي ويا آهن. باقي چنبيليءَ ۽ رات جي راڻيءَ جا ٻوٽا اڇٽا آهن. مهيني ۾ن ۾ گل نكرندا ۽ مزا ٿي ويندا. ٻين عزيزن ۽ سنگتين سان گڏ، مون كي لطيف آباد جي گهر جا گلاب جا ٻوٽا ياد ايندا آهن. صبح جو اٿي انهن مان گل پٽي سنگهبا هٿا. سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ به ائين. اتي به گلاب هٿا. باقي سكر جي اسپيشل وارڊ ۾ چنبيليءَ جا گل هوندا هٿا. صبح جو سويل ئي همراهه پٽي ويندا هٿا. اجهو نئون ماستر آيو آهي ڏكهي سونهاريءَ وارو. هتي ماستر الله جي فضل سان سڀ ڏكهين سونهارين وارا ديني مدرسن جا فاضل آهن. خبرون چارون ٿيون. چي "مدرسن ۾ اخبار به پڙهڻ كونه ڏيندا هٿا. ٻيو ته ٺهيو پر جي صدر مدرسه (هيڊ ماستر) حديث جي فن (مضمون- Subject) جو ڄاڻو آهي ته ٻين فنن جو كتاب ڏسڻ كونه ڏيندو. لائبريريون آهن سي كتابن سان ستيون پيون آهن- اڻ- ڇهيل كتاب. موڪن جو ولر كڏيو هر سال مسيتن ۾ موكلين. نه دين جي خبر نه دنيا جي." جميعت علماءِ پاكستان ۽ جميعت علماءِ اسلام جي سياست جو ذكر نكتو. رفيق باجوا كان متاثر آهي گهٽو. (رفيق باجوا اهو جيكو قومي اتحاد جو جنرل سيكريٽري هو. پوءِ پٽي سان ملڻ كري كڏي چڏيائونس.) اندر ناهيد اختر پٽي ڳائي.

"دل توڙ كي مت جيو. برسات كا موسم هي!"

شاهه جا عوامي انقلابي شعر چوندي لكي چڏيا اثر كاپيءَ تي. هاڻ انهن تي لكڻ جو مرحلو آهي. طبيعت بهتر ٿئي ته لكان. هكڙو به مضمون لكڻ جو به خيال آهي. بيگم رائو رشيد موسمين جو كوكو ڏياري موكليو آهي. روز به گلاس رس كڏيو پيو پيئندو هوس. آخر تڏ ٿي پير. ٻٽي ڏينهن چڏي ڏنو اثر. موسميون سكي نه وڃن. پرويز چئي ويو آهي ته شكر گذاريءَ جي جئي لكي

موڪل. ڇا لکان؟

پارت ۾ چين جي ڳالهين جو ٻيو دور پيڪنگ ۾ پورو ٿيو آهي. ڪو خاص واڌارو ڪونہ ٿيو آهي. ۾ ڳالهيون جاري رهنديون، اهو بہ چڳو. آمريڪي وزير خارجہ پيڪنگ ۾ آهي. ڈسون تہ ڇا ٿو ڪرڻ تيل نڪري. آمريڪي نائب صدر جارج بش آمريڪا جي هٿيارن جي چٹا پيٹي وڌائڻ واري پاليسيءَ جي وڪالت ڪرڻ لاءِ يورپ ۾ لٹل آهي. جنيوا ۾ هٿيارن گهٽائڻ بابت آمريڪا ۽ روس جي وچ ۾ ڳالهيون پيون هلن. هوڏانهن اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل جو نمائندو بہ ڪردش ۾ آهي. ڪابل مان ٽي اسلام آباد موٽي آيو هوندو يا ايندو. هندستان ۾ اڄ دهليءَ ۾ چوندون آهن. آسام ۾ فساد چالو آهن. ڈسون اليڪشن جو ڇا ٿو ٹئي. سامراجي ملڪ اندرا حڪومت خلاف باهيون ٻارايو ٻيٹا آهن. بي بي سي روز شور ڪريو ٻيٹي آهي. ڈسجي ٿو تہ هتي پٹي جي حڪومت وانگر اندرا کي ڦورو طبقا رڳو هاڻيءَ جي ڈيڪارڙ وارن ڈندن طور استعمال ڪريو ملڪ ۾ لٹ- مار ٻاريو ٻيٹا آهن. ملڪ انهن هيٹين بدمعاشن جي قرلٹ مان بيزار ٿي پيو ي. مٹان وري آمريڪا ۽ ٻين سامراجي ملڪن جي شاباش. سو وڏو ممڙ متو پيو آهي. بنيادي سبب اندرا ڪانگريس جي اندرا کان سواءِ ٻي جاگيردار سرمائيدار ليڈر شپ آهي، جنهن جي اندرا محتاج آهي ۽ سندس گهيري ۾ آهي پٹي وانگر. اڄ شورا جو اجلاس شروع ٿيو آهي. فخرو اخبار وٹڻ ويو آهي. اخبار ۾ ڇا هوندو؟ سياڻي ايمرجنسي جي ڈيڪارڙ آهي. چون ٿا تہ ايمرجنسي کو دستاويز جاري ڪندي مطالبن جو. ڈسون ڇا ٿا ڪن. امن جا ٻہ ٽي پرچا مليا اٿر. معلوم ٿيو تہ فاضل، ايمرجنسي جو جوائنٽ سيڪريٽري آهي. همراهن تہ ٻڌايو ڪونہ هيترا ڈينهن!

ظفر کي انتظام ڪري ڈنو اٿر تہ ماستر اچي ڪيس روز سبق ڈيئي ويجي. ڈاڍو شوق اٿس پڑهڻ جو. ڪهڙو شوق مون ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪونہ ڈٹو. چيو مانس تہ "پڑهہ تہ خط لکڻ اچي ويجيئي. پوءِ ٻين کان لکائڻ بدران پنهنجي هٿ سان پنهنجي بخشاد کي خط لکج." ان خوشيءَ ۾ لڳو پيو آهي رات ڈينهن. وري ڦري ڪونہ کو ٻهانو ڪري، پنهنجي زال بخشاد جو ذڪر ڪيندو "وه هامارا بي بي هي نا؟ اسکو پشتو آتا هي لکهنا. ايک دن کيا هوا ...." پوءِ ڪٹندو قصو بخشاد جو. هڪڑي ڈينهن ٻانهن ڪنجائين تہ ڈٹہ تہ کو اڪر اڪريو پيو آ هيس ٻانهن تي. پڑهيہ. لکيل هو "بخشاد". اصل فنا آهي بخشاد تي. ان جو ذڪر ڪندو پوءِ منهن تي انڊلٹ ۾ ٻهار جا سمورا رنگ اچي گڏ ٹيندا اٿس. مرڪندو، ڦڪو ٹيندو، هلڪا هلڪا ٹهڪڑا ڈيندو، وري منهن لڪائيندو. شرمائيندو ..... بخشاد جي ڳالهہ ٻڌجي پوءِ جيڪو ڪم چئبس تنهن کي گهمائي وٹندو! جيڪو فوٹو ڈيڪارينس فلم ايڪٹريس جو تنهن لاءِ چوندو. "اس سي امارا بيبي ايجا هي.

يہ ڪيا هي؟" ويهي ويهي ڳالهہ ڪندو "صاحب جي! ايدهر لوگ خائستا (سهٽا) نهين. اسارا لوگ هي نا، برّا خائستا هي! ادهر ڪچهہ نهين!" روز ٻنهڙن جو پشاور لڳائيندو. وڏي آواز سان، پشتو گاني جي سٽ سٽ وري دهرائيندو. مرڪندو، ڪلندو، ڦڪو ٿيندو، مون کي ٻڌائيندو. مون لاءِ دهي ۾ ڪريون "نئي سمجهاڻ؟ لرّکي هي نا، بولتا هي 'تر خواب مين آيا' اب گلنار بيگم آگيا" مون پڇيس "گلنار بيگم سئي يا تنهن جي بيبي سئي؟" "بوڑها آزمي هي!" "ڪون بوڑها آزمي هي؟" "گلنار بيگم. فقط آواز جوان هي. ويسي بوڑها آزمي هي. پهاڙ پر رهتا هي" هينئر گلن کي پاڻي پيو ڏئي ۽ وات مان سبق جا جملا ٻہ پيو دهرائي. سڀ بخشاد کي خط لکي سگهڻ جي شوق ۾!

6/3/83

صبح. نڪ سوَن سوَن پيو ڪري. خدا ڪري باقاعده زڪام نہ لڳي. اڄ هڪڙو نمبردار آيو. چئي "تو وٽ پاڪستان ٽائيمس اخبار آهي؟" "خير؟" "بدلين جون خبرون پڙهٽيون آهن." "ڪنهن جون بدليون؟" "صاحب وڏي جي بدلي." "ڪيڏانهن؟" "فيصل آباد ۽ فيصل آباد وارو هتي" جي واقعي بدلي ٿيو، جناب مسعود انور قريشي ۽ ڪو ٻيو آيو تہ ان مان جند ڇڏائڻ لاءِ پهرين شايد ان سان ٻہ ڪجهہ وقت ڇڪ ڇڪان نہ ڪرڻي پوي. ڪلهہ رفيق کان پڇيم "ٿيون ڏينهن تنهن جي رزاق جهرني تي ڊيوٽي هئي. خبرون چارون ٿيون؟" چي ها. چيائين تہ "ٻڏو اٿم تہ مون کي پنجن ستن ڏينهن اندر قاسي ڏينداء." مون چيس تہ "جنهن توکي ٻڌايو سو بکواس ٿو ڪري! انشاء الله تون آزاد ٿي ويندين." مون چيس "تو ايئن ڇو چيو؟ توکي تہ خبر آهي تہ سندس رحم جي اپيل رد ٿي ويئي آهي ۽ ڪنهن ٻہ وقت ڪيس قاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيندا. خوامخواهہ ڪيس غلط فهميءَ ۾ رکڻ جو ڪهڙو ضرور؟" چيائين "اڪواٽ ٻڌائيو ئي ڪونهي. جڏهين آخري ڏينهن هوندو آهي ۽ مائٽ ملاقات لاءِ ايندا آهن تڏهن خبر پوندي آهي همراهہ ڪي تہ سانجهيءَ 'روانگي' آهي. بلڪ پچاڙيءَ تائين ٻہ ڪيس دلداري پيئي ڏيبي آهي تہ قانون جي پورائي پيا ڪريون. ٽيليفون تي ماٺهون ويٺو آهي. وڏي دل ڪر! قاسي روڪجڻ جو حڪم اچي ويندو." جنهن مهل تختي تي بيهندو ۽ منهن تي جلاد ڪارو ڪپڙو وجهي ڇڏيندس ان مهل ٻہ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ پٽي ٽپري دلداري ڏيئي چوندس "چپ وات اندر ڪر! ڳالهاءِ بولهاءِ نہ! الله کي ياد ڪر. انشاء الله قاسي روڪجڻ جو آرڊر اچي ويندو." ائين چئي سپرنٽينڈنٽ جلاد کي اشارو ڪندو تہ "هٽندل گهمائي!" هٽندل گهمائيو ۽ همراهہ جي پيرن هيٺيان تختو نڪري ويندو. ائين نہ ڪريون تہ خبر ناهي قيدي ڇا ڪري، قاسيءَ جي تاريخ کان اڳ؟" پنجون چوٿون ڏينهن ڪتاب پٽي پڙهيم تہ ظفر بورچيخاني مان چيو تہ "صاحب جي!

سيٽي وڄي آهي. چا ڀالهه آهي؟" ڪن ڏنم ته ڪابه سيٽي ٻيٽي ڪانه هئي. شام جو ساڍي پنجين بجي دوازو مون وارو بند ٿيو وڃي. ڇهين بجي ڌاري رات جي پهري وارو پهريون نمبردار پهچيو وڃي. ان ڏينهن اٺ ٿي ويا. پر رات وارو نمبردار ڪونه آيو. ٨ بجي رات جو نمبردار پڌا ٿيو. (هر روز نوان نوان ايندا آهن.) پڇيو مانس "ڪر خبر! اڄ دير سان آيو آهين؟" چيائين "توهان سيٽي ڪانه ٻڌي؟ ٽوري گڙٻڙ ٿي پيئي ان ڪري دير ٿي ويئي." مون پڇيس "ڪهڙي گڙٻڙ ؟" چيائين "قاسي گهاٽ ۾ هڪڙو همراهه جنهن جون اپيلون سيٻ رد ٿيل آهن، رحم جي اپيل صدر وٽ آهي، تنهن پاڻ کي ڦاهو ڏيئي ڇڏيو. اتفاق سان پهري واري نمبردار ڏهڪي جو آواز ٻڌو. ڊوڙي وڃي ڏسنس ته همراه پاڻ کي ٽنگيو ٻيٺو آهي. مس مس ڪيس پڪڙي لاٿائون. سيٽي ڪرايائون. گيٽ واري دربان سيٽي تي ٻاهريون بگل وڄارايو. ٻاهريون سمورو سپاهه ڊوڙندو اندر آيو. الارم وڄارائين ها ته اسين نمبردار سيٻ ڊوڙي ويون ها. ڊپٽي آيو. ڪيس مار ڏيارائي. ٻانهون پٺيريون کوليءَ جي سيخن سان ٻڌارائي ويو آهي." وري چوڻ لڳو "ڏسو سرجي! ذلالت پيشسان حرامزادي جي! مرٽو ته ائين اٽس پر هيءَ ذلالت ڪري راج ٿي ڦاسايائين. سڄو جيل جو عملو ڏڪي ۾ اچي وڃي ها. ڊيوٽيءَ وارن، نمبردارن، سپاهي، جمعدار، جيلر کان وٺي سپرنٽينڊنٽ تائين سيٻ مصيبت ۾ پٽجي وڃن ها." ڪهٽي ڪاوڙ ان ڀالهه تي ڏيکاريائين ته "هن بدمعاشيءَ جي ڪري ويچارن آفيسرن تي به چندا پٽجي سگهيا ٿي."

مون سوچيو ته 'جڏهن ماٺهو غلاميءَ جو عادي ٿي ويندو آهي تڏهن هو پنهنجي آقائن جي دماغ سان سوچيندو آهي. هن کي به پنهنجي قيدي ياءُ جو ڏک ڪونهي ته ويچاري الائي ڪيڏي ڏک وچان پاڻ کي ماريو ٿي ۽ هاڻ ويچارو ڪيڏي عذاب ۾ آهي. هن کي گهٽو ڏک رڳو آفيسرن تي چندن پوڻ جو هو!'

اڄ ايمر- آر- ڊيءَ جي طرفان پنهنجي چوٽين سالگره ملهائڻ جو ڏينهن آهي. ڏسون ڪهڙا تا ڦاڙها مارين. ضياء اهي ئي نت نيون هوليون پيو ڪري. ڪلهه چيو اٽس ته هيستائين جيڪو نظام هو سو عوام کي قبول ڪونه هو. نئون نظام ڏبو!

7/3/83

صبح جو دهليءَ تان پوچ پوري لوڪ گيت ٻڌم. سر اسانجي ٿر جي سرن جهڙا ٿي لڳا. وٽيا. رات ڪچ ديسر تائين ليان آرس (Lean uiris) جو آئرلينڊ بابت ناول پڙهيم. پهرين درجي جو پهلوان ٿو ڏسجي. ڪريون ڪريون پيچريون ٿو ڪٽي. اثر جي خيال کان ناول ڪچ هزار هارس پاور جي طاقت وارو ٿو ڏسجي. اڪثي ڏسجي. نظرياتي طرح پورو پورو سونهون ڪونهي. ان ڪري ضرور ڪٽي نه

ڪٽي ڪٽي پوندو. ڪنهن نہ ڪنهن بنيادي ڳالهہ ۾. حال گس وٹيو پيو هلي. ڏسجي ڪوهي ڪٽي ٿو ڏي؟

11/3/83

رات جا سادا ڇهہ ٿيا آهن. در دروازا بند ٿي ويا آهن. سويل مشتاق اعوان جيلر آيو هو. قريشيءَ جو پيغام ڏنائين تہ "زال سان ناهہ ٿي ويو اٿر." حيدرشاهہ لاءِ بہ مشتاق چيو تہ "مون نياپو تنهنجو ڏنس. چيائين ٹيڪ ٹاڪ آهي." (واقعي؟)

مختيار جا بہ سلام ڏنائين. هڪڙي همراهہ جنهن جي اپيل لکي هير تنهن بہ سلام موڪليا آهن. ڪلهوڪين پنجاب يونيورسٹي جي چوندن ۾ جميعت ڪٹيو آهي ۾ جنرل سيڪريٽريءَ جي پوسٹ هارائي اٿس. جهيڙو ٿيو آهي. اڳتي ڪيس منظم مخالفت سان مقابلو ڪرٹو پوندو.

ملتان بهاولپور ٹيڪسيلا جي چوندن ۾ جميعت هارايو آهي. انجنيئرنگ يونيورسٹيءَ ۾ هڪڙي بہ سيٹ ڪٽي نہ سگهي. ڏسجي ٿو تہ جميعت جي پنجاب جي شاگرد سياست تي بالادستي ختر نہ ٿي آهي پر ڪمزور ضرور ٿي آهي. ايندڙ سال بہ ڪيس ايجان بہ وڌيڪ ڏڪ لهڻ جو امڪان آهي. اڄ فخروءَ جي ڊيوٹيءَ بدلجي ويئي. رفيق بہ بدلي ٿي ويو. ضياءَ اڄ وري ساڳيون پراٹيون ميسٹائيءَ منافقيءَ واريون گول مول ڳالهيون ڪيون آهن. چي "اميد وارن تي شرط رکبا. هر ڪنهن عيسي موسي کي حڪومت ڪرڻ جو حق ناهي." جتوئي اڇڪلهہ ڏاڍي خنڪيءَ ۾ ٿو ڏسجي. چيو اٿس تہ "۱۴- آگسٹ وارو اعلان بہ چوندن کي ٹارڻ جو بهانو آهي. ان ڊينهن کا نہ کا اوٽ پٹانگ واهيات ڳالهہ ڪري پوءِ چيو ويندو تہ هاڻ هارهن مهينا ٻيا ان تي غور ڪريو." مس مس کا ڳالهہ ڪئي اٿس. چئي ٿو "سرڪار هارهن مهينا بہ مشڪل ڪڍي سگهندي." سپريم ڪورٹ يحيٰ بختيار کي بي ڏوهي ٹهرائي پنهنجي پٽ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سئنيما وارن هتي احتجاج طور سئنيمائون بند ڪيون آهن. ڪراچيءَ ۾ بسن جي هڙتال آهي. اڄ ماين جلوس ڪڍيو هوندو. عورتن جي شاهديءَ کي اڌ ماڻهوءَ جي شاهديءَ جيتري اهميت ملڻ واري قانون جي ڪري. شاگردن جا گوڙ هلن پيا. ٿورا پر لاڳيتا. شروعات جميعت ڪئي آهي. اليڪشنون ڪٹڻ لاءِ، پر ڳالهہ ڪجهہ وڌي ويئي آهي. ڏسجي ٿو تہ حڪومت کي منهن بچڑو ڪرٹو پوندوني تہ روز ڪٽي نہ ڪٽي. ڪونہ کو گوڙ ڪريو ٻيلو هوندو. بهرحال هي سال سرڪار سک سان ۽ بنا ڪنڪي جڏهن پورو ڪري سگهي! شيهہ حضرات امام باڙي کي باهہ لهڻ خلاف گوڙ ڪري، پنهنجي ڳالهہ مڃائي تہ هاڻ کي سني حضرات اٿيا آهن. چي "اسان جي نہ مڃيندا تہ اسين گوڙ ڪندا سين. شيعن کي ڏنل رعاتيون

نامنظور آهن. اهي رد ڪريو!" جتوئي چئي ٿو ته سنڌ ۾ چند حلقن کان سواءِ ٻين حلقن ۾ ايئر آر ڊي جون تنظيمون ٺهي ويون آهن. ڪلهه منشي يعقوب سان ڏکهي ڪچهري ٿي. ذات جو گجر آهي. شروع جو واقف آهي. پيپلزپارٽيءَ جو فدائي آهي چئي ٿو ته "بابا نمبردار آهي. اهو ليگ ۾ آهي. ياءُ جماعت اسلاميءَ ۾ آئون پيپلزپارٽيءَ ۾. امان اسان جون ڪنون پري پري وجهندي هئي ته متان ڪالهائيندي ڪالهائيندي پاڻ ۾ وڙهي نه پون!"

ايران جو نئون حملو جاري آهي. اسرائيل ۾ فلسطيني قتل عام جي تحقيقاتي ڪميشن جي رپورٽ ڪري ڪهوٽالو هلي پيو. جنيوا ۾ ڪالهيون هلن پيون آمريڪا ۽ روس جي وچ ۾. ڪارڊوويز به هتان ڦري ويو آهي. اڄ ڪلهه لکڻ تي دل ڏي نٿي چوي. خطن جا جواب به پورا ڪونه ڏنا اٿم. مولينڈني، سليم، پرويز جي خطن جا جواب رهيل آهن. اڄ اٿم ڪوريا جي ريڊيو جو پروگرام ٻڌم. ڏکڻ ڪوريا، آسٽريليا، هالينڊ، جپان، نيپال، سلون، جا پروگرام اڳ ٻڌا اٿم. سڀ اتفاق سان. اٿم ڪوريا واري انائوسريائيءَ فصيع، انگريزيءَ ۾ امام آيت الله خميني جو شان پيئي بيان ڪري. مسئلو پيچيدو آهي. چين آمريڪا جو يار ٿيو آهي. اٿم ڪوريا، روس کان ڏڌي آهي ۾ آمريڪا خلاف اهائي باهِ ٻاريو اچي. روس اختلافن جي باوجود آمريڪا جي ڏکڻ ڪوريا ۾ موجودگيءَ خلاف سخت احتجاج ٿو ڪري. دراصل روس اختلافن جي ڪالهه ٻه ڪانه ٿو ڪري. اٿم ڪوريائي يار کو نغمو پيا ڳائين. مغربي طرز جو ٿو لڳي ۾ آهي انقلابي جوش ۽ جذبي وارو زبردست!

چيني انقلابي اديب جوپو (Chupo) جو ناول جيڪو پڙهيل آهي، سو وري پڙهڻ شروع ڪريان ٿو. اڳي ڏاڍو وٽيو هوم. ڏسان هاڻ مزو ڏي ٿو يا نه! عظيم پورهيت ثقافتي انقلاب جي دور کان اڳ جي تخليق آهي. پر ته به عاليشان آهي. چوپو ان وفد ۾ شامل هو جيڪو ڪافي اڳ پاڪستان جي دوري تي آيو هو. حيدرآباد ۾ آيا هئا ۽ اتي آئون ساڻس مليو هوس. وفد جي قيادت Song of youth 'جواني جو نغمو' نالي ناول جي ليکڪا يئنگ مو (Young mo) ڪئي.

12/2/83

شام جو ريڊيو کوليم ته ڪنهن غير ملڪي اسٽيشن جي خبرن ۾ پاڪستان جو نالو ٻڌم. ٻولي سمجهه ۾ ڪانه آئي. ڪا يورپي ٻولي هئي. ڪجهه دير بعد ڪنهن ٻي اسٽيشن جي انگريزي خبرن کان پوءِ، نامه نگارن جي واتان مختلف ملڪن ۾ ٿيل تازن واقعن ۾ لاهور ۾ عورتن جي مظاهري ۾ مٿن ٿيل لاٺي چارج

جو احوال ٻڌم. سوچيم شايد ماسکو هوندو. پر اهو گهٽ ماٺهو ٻڌندا آهن. پر اها اسٽيشن بي بي سي نڪتي. رات جو هندي خبرن ۾ تفصيلي احوال ٻڌم. ان واقعي جي اهميت بابت سوچيندو رهيس ته ڪيتريقدر آهي.

13/2/83

صبح جو آسمان ۾ جهڙ آهي. ٻاهر ويٺو آهيان. ڪنهن ڪنهن مهل سج جهاتي پايو وريو غائب ٿيو وڃي. ظفر ۽ نمبردار ماني ونڊ ويا آهن سس ننهن وانگر. ڇو ته مانڊ فقط ظفر کي ونڊي آهي پر ننهن سندس سس بنا ڪيئن وڃي؟

اڄ پاڪستان ريڊئي ٻڌايو ته ڪلهوڪي واقعي بابت عدالتي تحقيقات ڪرائي پئي وڃي. ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ هٽان. ڪاڪ ڪا بدمعاشي ڦٻائڻ جو اهو بهترين ۽ مجرب نسخو آهي "بابا ڪو ۽ تبصرو نه ڪريو. عدالتي تحقيقات جاري آهي. تبصرو ڪندا ته عدالت جي بي ادبي ٿي پوندي. سپ ڏوهي ٿي پونداا" اخبارن لاءِ ۽ ماٺهن جي ڪهوڙا ڪهوڙا نه ڇاپڻ لاءِ ناهوڪو بهانو آهي. ماٺهو ماري عدالتي تحقيقات جو حڪم ڏيئي وڃي سري کان ٻانهن ڏيئي سمهي رهو. ڪو 'ڇون!' ۽ ڪونه ڪندو. اخبار اڇي ته ڏسون ته ان نسخي ڪيتري قدر ڪرامت ڏيکاري آهي. اڇڪلهه وقت تمام بيدرديءَ سان زيان پيو ٿئي. ڪوبه ڪم نٿو پهچي. هفتي ۾ هڪڙو خط ۽ لکيو نٿو ٿئي. الائي ڪهڙي سستي آهي؟

14/2/83

'ڏهه!' 'ڏهه!' جاڳ ٿي پيئي آڌيءَ رات. نمبردار کي سڏ ڪري پڇيم "آواز ڇا جو آهي" چيائين "سر جي! بارش هي." بارش ڪاڪ هئي ڇڻ سرڪاري ڪهوڙن جي ٽاپ ٽاپ هئي!

سڄي رات هل هلان هئي. اڏ ڪلاڪ بيهو وريو شروع ٿئي. ۽ پهر اڇي ٿيا آهن. ايان بس نه ڪئي اٽس. ۽ لفافا مليا سرڪار بهادر وٽان. سورج، مسرت ۽ ڪنديءَ جا خط. سجاول ۾ فنڪشن ٿيڻ جو اطلاع آهي ۽ ان ۾ ڪوٽان شريڪ ٿيلن جي پوري فهرست آهي. "ادا گل" جي ڪار ونڊ جو اطلاع آهي. سليم جي ڏيءَ جو نالو ميران رکيو ويو آهي. هوچي منهه، انيتا، سسئي، ايباز لطيف، هوش محمد، مجيب، سونهن، امرتا ۽ هاڻ ميران ۽. نالا ته عجيب عجيب ماٺهن جا رکجي ويا آهن. هاڻ ڏسون ته انهن نالن وارا ڪاڙها ڪهڙا ٿا مارين. ظفر کان پڇيم "سوات ۾ برسات گهٽي پوي ٿوري؟" "هر مهيني ۾ دفعا گهٽ ۾ گهٽ پوي." "سارو سال؟" "سارو سال" هتي ۽ برسات وريو ڦريو بيئي آهي. سنڌ جو حال ئي ڪونهي. خاص ڪري ويڇاري ٿر ۽ ڪوهستان جو. قاري الله دتہ صاحب روز ايندو آهي. ظفر کي سبق ڏيئي ويندو آهي. ڪچهري ۽ جام ڪري. "آرائين قوم"

جي مظلوميت ۽ ڪن آرائين چوڏرين جي "قوم" سان وفاداريءَ جون خبرون پيو ڪندو آهي. ڪالهه ميان محمد جو 'سيف الملوڪ' ڪٽي آيو ۽ پڙهي ٻه ٻڌايائين. ميان محمد وڏي ڳالهه آهي.

"قصي هور ڪسي دي اندر، درد اپني وي ڪچهه هو ون.
بن پيڙان تاثيران ناهين. بي دردي ڪد روون"

(جيڪي ٻين جا قصا بيان ڪجن تن ۾ ڪجهه پنهنجا درد به شامل هئڻ گهرجن. درد بنا تاثير ڪونهي. بي درد ڪڏهن تا روئن؟)

15/2/83

رات تڪليف سان گذري. صبح جو ائين ناشتو پئي ڪيم ته محترم جناب قاري الله دتہ صاحب پهچي ويا. ڏاڍا حال احوال ٿيا. ماين جي مظاهري جي ڳالهه نڪتي. چيائين "عورت کي خدا جيڪو مرتبو ڏنو آهي اهوئي رهندو. هيءَ اسلام خلاف بغاوت آهي. انهن جي اها سزا گهٽ آهي." مون چيس "مولانا سَرت ڪجو! ڏاڍيءَ ڏر سان ڪم پيو اٿو. اهڙو نمونو ڪريو جيئن عورتن کي مذهب بابت اوهانجي ۱۴ سئو سالن کان مڙهيل جاگيردار پرست، سامراج پرست، انسان دشمن تشريح جي اصل عوام دشمن حقيقت جي خبر نہ پئجي وڃي. خلفاء راشدين جي زماني کان پوءِ عرب مسلمانن کي ۽ آسپاس جي مظلوم قومن جي مسلمان اڪثريت وارن علاقن توڙي غير مسلمان اڪثريت وارن علاقن ۾ ملڪن کي هڪڙي پاسي هٿيار بند جسماني حملو ڪندڙ فوج ۽ ٻئي پاسي اوهانجي ڪتاب بردار روحاني حملو ڪندڙ سرڪار پرست ظاهري عالمن جي فوج تلف ۽ تاراج ڪيو آهي ۽ جاگيردار طبقي کي مزا ڪرايا آهن ۽ توهان پاڻ به عيش ڪري حڪم هلايا آهن. ڏسو متان پاڪستان جي هيءَ ڊگهن وارن واري خطرناڪ چار ڪروڙ فوج اوهانجي ۽ اوهانجي يار حاڪم طبقن جي اقتدار کي رولي ۾ نہ وجهي ڇڏي! انهن کي گهٽ متان سمجهو! پنهنجيءَ تي آيون تہ اوهان جا سمورا سرڪاري تشريحن وارا ڪتاب ۽ و اعظ اتي ئي رهجي ويندا. سرڪاري مذهب جو ڪهڙو بنياد آهي ئي عورت جي انڊي عقيدت تي. جي عور تون به ڳالهه کي سمجهي ويون تہ زلزلو اچي ويندو." چيائين تہ "قرآن شريف ۾ صاف لکيو پيو آهي تہ عورتن جي اڌ شاهدي آهي." مون چيو "عورتون چون ٿيون تہ اها ڳالهه قرضن جي وصوليءَ بابت چيل آهي. قرآن جي آيت جي اها اوهان واري تشريح غلط آهي" تہ چيائين تہ "عورتون ڪير ٿيندیون آهن تشريح ڪرڻ واريون؟" مون چيو "حضور، عورتون بي بي خديجہ، بي بي عائشہ، بي بي فاطمہ رضي الله تعالىٰ عنها بي بي رابع بصري ۽ ٻيون گهڻو ڪجهه ٿيندیون آهن. عورتون قاري الله دتہ صاحب جهڙن قاري صاحبن کي ڇٽيندیون آهن. انهن جون پيٽون ٿيندیون آهن. انهن جي

اولاد کي وجود ڏيندیون آهن. رهي تشريح، سو چوڏهن صديون اوهان جابر ۽ غاصب خودساخته خليفن ۽ سلطانن جي خوني تلوارن جي پهري هيٺ مذهبي ڪتابن جون، پنهنجي پنهنجي آڏائن جي مطلب جون تشريحون لکي ڪتابن جا همالي جيڏا پهاڙ ڪڙا ڪري ڇڏيا آهن. اهو معاملي جو هڪڙو رخ آهي، جاگيردار، سرمائيدار ۽ سامراجي رخ. هاڻ عوام کي به وارو ڏيو ته اهي به پنهنجون تشريحون پيش ڪن" ٿوري دير کان پوء چيائين "سنڌ ۽ پنجاب جا ماڻهو مذهبي آهن. اهي اسلام خلاف اکر به برداشت نه ڪندا!" مون چيو "برابر! سنڌ ۽ پنجاب جا ماڻهو شاه لطيف، سچل، بلي شاهه، شاهه حسين، بابا فريد، خواجه فريد، سلطان باهو، بيدل بيڪس واري اسلام جي انسان دوست، عوام دوست، تشريح ۽ سمجهاڻيءَ کان سواء اسلام جي ڪنهن به سرڪاري جاگيرداري، سرمائيداري ۽ سامراجي تشريح کي قبول نه ڪندا." چيائين "اصل مسئلو آهي پاڪستان جي سلامتيءَ جو." مون چيو "پاڪستان ماڻهن لاء وجود ۾ آيو آهي، ماڻهو پاڪستان لاء ڪونه پيدا ٿيا آهن. ملڪ جي عوام جي اڪثريت لاء، جي ڪم جو ثابت ٿيو ته آهي پاڪستان، نه ته خوش هجي." ڪلاڪ سجو نوڪ جهوڪ هلندي رهي. مون ڏسڻ ٿي چاهيو ته هڪڙي عام شريف، غريب پڙهيل پنجابيءَ جي ذهن ۾ ڪهڙو نظريو ۽ ڪهڙي سوچ گهر ڪري ويهاري ويئي آهي. اهو به ڏسڻ ٿي چاهيو ته ٻي ڏر جو نقطه نظر ٻڌي هن جو ردعمل ڪهڙو ٿو ٿئي. صفا ٻي هوش ٿي ٿا وڃن يا ڪجهه هوش حواس جاء تي رهين ٿو. اڳي هڪڙا ٻه يار اهي ڳالهيون ٻڌي ايا ٿي ويا. چي "هلو ته هلون! هي (سنڌي) ملڪ جا دشمن آهن."

22/2/83

اڄڪلهه ڊائري لکي نٿي ٿئي. ٽيڪ نٿو رهان. تڪليف سبب لکيو نٿو ٿئي. اڳين خميس تي آرو آيو هو. ادل ڪجهه تمام سٺا ڪتاب هٿ ڪري موڪليا. اهي پڙهان پيو. هڪڙي جي ته سخت ضرورت هيم. مغل تاريخ جو بيان اڪثر اورنگزيب تي اچيو بيهو رهي. پوء چا ٿيو؟

اورنگزيب جا پويان ڪير هئا؟ چا ڪيائون؟ مغل حڪومت جي پڃاڙي ڪيئن ٿي، تنهن جو سربستو احوال عام طرح نٿو ملي. گهربل تاريخون به سولائيءَ سان نٿيون ملن. هر ڪو ڪمال جو مِٽ آهي. زوال جي ڳالهه ڪرڻ يا ٻڌڻ لاء ڪو به تيار ڪونهي. بس به اکر ته "اورنگزيب جا پويان نااهل هئا." گويا سياست رڳو اهليت يا نااهليت جو ڪيل آهي. ٻيا سماجي اقتصادي وغيره وغيره ڪارڻ ٿيندائي ڪونهن. ان دور جي هڪڙي مغل امير جي حياتيءَ جي

احوال مان ان دور بابت ڪافي گهربل مواد مليو.

ڪالهه ڇڄ خط لکيم. منظور موهل آزاد ٿي ويو. قمرالزمان به ٽي ڏينهن اڳ آزاد ٿي ويو. قاري الله دتہ صاحب ۽ ڏينهن گم هو. ڪلهه وري آيو. اڄ به آيو. پر ڪنهن سڏيس. سو ماڙيءَ ڏانهن ويو آهي. ڪو ملڻ آيو اٿس. هينئر اهو احوال پئي ڪيائين تہ "جماعت اسلاميءَ علماءَ جي اتحاد لاءِ ميٽنگ سڏائي هئي." پنهنجي ڏهه هزار آرائين برادريءَ جو ذڪر ڪيائين. جيل جي ڊپٽي صاحب طرفان عزت ملڻ جي ڳالهه ڪيائين.

ش وارن طرفان مائٽيءَ* جي ڳالهه آئي آهي. اسان پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪيو آهي. پر ڪس رس ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو. حالانڪہ موجوده حالتن ۾ صحيح ۽ انصاف پري ۽ ڪڏيل نفعي واري ڳالهه اها آهي جيڪا اسين چئون ٿا، پر يارن کي ڳالهه الائي سمجهه ۾ ايندي الائي نہ.

آسام جي فسادن اندرا حڪومت کي ۽ ڊاڪا يونيورسٽي جي واقعن، بنگلاديش جي فوجي حڪومت کي ڏوڏي رکيو آهي. ۲۴ تاريخ هن مهيني جي، سياسي قيدين جو ڏينهن ملهائڻ جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي. غيرجانبدار ملڪن جي ڪانفرنس ويجهي اچي سهڙي آهي. ايمر آر ڊي کي هن مهيني پنهنجي مطالبن جو اعلان ڪرڻو هو. ڏسون تہ ڇا ٿو ٿئي. ضياءَ ويڪائو ملن ۽ رجعت پرستن کي منظر پيو ڪري. ملن جون هي ميٽگون ان جون شاخون آهن. آمريڪي خزاني جا در ڪليل آهن. جيڪي طلب سو تيار. "چڙهندي چيائون ٽيندي ويڑهه وڌاندري" (شاهه) ايران ۽ روس جي تعلقات ۾ ٽڏاڻ آهي. جرمنيءَ ۾ چونڊون ٿيڻ واريون آهن. چين روس جون ڳالهيون ايندڙ مهيني وري هلنديون.

10/3/83

لکڻي کي ڏينهن ٿي ويا آهن.

ٻه هفتا اڳ پير ۾ ڪجهه موج اچي ويئي هئي. تنهن هٽي سمورو پروگرام الٽو ڪري ڇڏيو. ٽيون ڏينهن اسلم آيو هو. پرويز عنايت سان گڏ سڻي ڪچهري ٿي. مائٽيءَ واري ڳالهه رڙهي پيئي اڳيري. مختيار جو خط آيو هو پر حيدر جو ڪونہ آيو آهي. الائي ڇو؟ هتي ڊيوٽيون بدليل آهن. ڪجهه ڏينهن کان دنيا کان ڪٽيل آهيون. ڪي ايرا سيرا ناول پيا ٻه پڙهيا اٿم. هتي جي خاص شاهي ڏمر جي شڪار همراهن مان هڪڙي لکيو آهي (اردو) "ساڻي، توهان قيد ۽ ٻين ظالم هٿ ڪنڊن کي لاڪيتو برداشت ڪندا رهو ٿا. اها ڳالهه ڏيڪاري ٿي تہ اوهان محڪم ارادي ۽ عزم واري شخصيت آهيو. اوهان جهڙيءَ طرح هڪڙي مظلوم ۽ ڪريل

---

* مائٽي- تنظيمي اتحاد

ماريل سنڌي قوم جي نمائندگي ڪئي آهي، تنهن لاءِ اسين توهان کي سلام ٿا ڪريون. ويهين صدي قومن جي آزاديءَ جي صديءَ آهي. وچ اوير کان وٺي ڏور اوير تائين جيڪا قڙ قوٽ ۽ بي چيني نظر اچي ٿي سا قومن طرفان غلاميءَ جي پاجاري اچلائي ڦٽي ڪرڻ جي جدوجهد جي ڪري آهي.

پاڻ وٽ پنجابي شاونزم ۽ بالادستيءَ جي خلاف سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جي عوام جي جدوجهد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هيءَ صدي آزاديءَ جي صدي آهي. اوهان جهڙن ساٿين جو ثابت قدم رهڻ اسان کي حوصلہ مندي ۽ جذبو عطا ڪري ٿو. اسان توهان جهڙن انهن ساٿين کان جيڪي عمل جي ڪري سينيئر آهن، اهو سکيو آهي ۽ سمجهيو به اٿون ته جيستائين سمورين قومن کي برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ جا حصا نه ڏنا ويندا تيستائين نه ملڪ کي گڏ رکي سگهبو ۽ نه ان ۾ خوشحالي ۽ مضبوطي ايندي. مرڪز تي پنجاب جو غلبو آهي. فوج ۽ نوڪر شاهي پنجاب سان واسطو رکي ٿي جيستائين ..... اداري کي ٽوڙبو نه تيستائين هڪجهڙائيءَ جا حق نه ملي سگهندا. اها ڳالهه اسين سمجهون ٿا ته پنجاب جا عوام به اڄ سڌيءَ طرح هن ڳولڻ جو ساڻ ڏيئي رهيا آهن. پر انهن کي اوندهه ۾ رکيو ويو وڃي. ان جو هڪڙو ڪارڻ اهو به آهي ته پروپيگنڊا جي سخت ڪوٽ آهي ۽ پنجاب جا غريب عوام ننڍين قومن جي مسئلن کان بي خبر آهن. اسين انهي نظريءَ جا شاگرد آهيون ۽ اسان جو تعلق پنجاب سان آهي. پنجاب جيڪا زيادتي ڪري رهيو آهي ان لاءِ اسين شرمسار آهيون!"

10/5/83

پورا ٻه مهينا ڊائريءَ کي هٿ نه لاهي سگهيو آهيان. ٺيڪ ڪونه هوس. ڪافي تڪليف هئي. ڳالهه پيئي هلي:-

"مون ٻه، نه ته ٻه، گذريل ويهن سالن جي نوڪريءَ ۾ ٻه هزار ماڻهو هٿن سان "روانا" ڪيا هوندا پر واه رڳي جوان جا پٽ! ماءُ کير پي جائو توکي! رات ساڍي ٽين بجي منهنجي ڊيوٽي هئي. وڃان ته تيار ٿيو ويٺو آهي. وهنجي سهنجي، پيرن ۾ ٻيڙيون هٽايو ويٺو هو. باقي ڪلاڪ اڌ هو. ڪو نه چوندو ته هي ماڻهو ڪو "ٻئي طرف" ڈانهن سنيريل آهي! چئو ته ڪو گهوٽ آهي جو ڇڄ سان گڏ وڇو آهي! پيرن ۾ پيل زنجيرن کي چٽڪائي انهن جي ساز تي ڳايائين پئي:

"هو لمبي لمبي عمريا کو چهوڑو
پيار کرلي گهڑي دو گهڑي!"

آواز ڪو مٺو هوس چا! پوءِ ماهيا ڳايائين پٽي تان. هڪڙو نغمو ڳايائين جيڪو مون کي ياد ته ڪونهي. پر مطلب هوس ته "هيءَ رات ضرور ڪٽندي. اسان جا عوام آزاديءَ جو سج ايارينداَ، اسان جا ساٿي موٽي ايندا. خوشين جا خزانا ڪٽي" ..... ائين ڳائيندو رهيو. مجال آهي آواز ڪٽي ٽٽي، ڪمزور ٿئي.

پيرن ۾ ٻيڙيون، هٿ پير ٻڌل، مٿان هٿڪڙيون، اسان جي گهيري ۾، پر تختي ڏانهن ائين نهرا هٽندو پئي هليو جڙ فاتح پاڻ هو. ٻيا سڀ سندس اڳيان هيٺا. ڪنهن کي اک ڪٽي سندس اکين ۾ نهارڻ جي همت نٿي ٿي. تختي تي ٻيهي وري به نهرا هنيائين "..... تنظير زنده بادا! ذوالفقار علي پٽو زنده بادا! ضياءَ الحق مرده بادا!" ڪارو ڪپڙو منهن تي وڌائونس ته به نهرا جاري هٿا..... شينهن جو ٻچو، جنهن شان سان هتي اسان وٽ آيو ان سان ئي هليو ويو." ...ڳالهه ڪندي سندس گلو ڀرجي آيو. اکيون آليون ٿي ويس. "پهريائين سندس مائٽن- ماءُ ٻيءُ، ياءُ ٻيٽ سڀني کي گرفتار ڪري ڪٽي بند ڪريو وينا هٿا. اتان کين هتي آڻي آخري ملاقات ڪرائي لاش هٿ ۾ ڏيئي، واپس روانو ڪيائون." جيڪو ڏس، تنهن جو ڳالهه ڪريو گلو ڀرجيو اچي. هر ڪنهن جي اکين تي آلاڻ، هتي جي هزارين قيدين توڙي سپاهين جو هيرو هو. هر ڪنهن کي سندس همٿ ۽ بهادريءَ تي ناز هو، جڙ ته هو سندن زندگين جي سمورين بي عزتين، مجبورين، هيٺائين ۽ ذلتن جو جواب هو. سندس هر وقت ۽ هر حالت ۾ اوچو ڪنڌ مرڪندڙ، ڳائيندڙ، بااعتماد چهرو جڙ اصل ۾ سندن ئي ڪنڌ ۽ سندن ئي چهرو هو، جيڪي دنيا کان لڪل هٿا ۽ موقعو ملڻ تي ظاهر ٿيا هٿا. هن پاڻ کي هن جي روپ ۾ هن جهڙو ڏٺو ٿي. هو سندن اندر ۾ لڪل ارڏن، اڏمن جو نشان هو. کي ماٿهو هونئن نٻيڪ ناڪ هوندا آهن پر کنهن نه کنهن ڪمزوريءَ، مجبوريءَ ۽ حالتن جي ستر ڪري عين وقت تي ويچارا ٽٽي پوندا آهن. * هي "توڙ تائين جيئن هو تيئن رهيو."

پاڻ اڳي کان اڳرو. ان ڳالهه ماٿهن جون دليون موهي وڌيون ۽ سندن دلين ۾ هڪ نئون ويساه پڏا ٽيو ته هڻڙا ماٿهو جنهن ڳالهه لاءِ هيئن کلندي ڪڏندي سوريءَ تي چڙهيو وڃن سا ڳالهه به ڪا ڳالهه هوندي ۽ ٽيٽي به اوس آهي.

"جن ساهه ڏيئي ويساهه ڏنو" ..... واري ڳالهه آهي.

20/6/83

هڪ مهيني ڏهن ڏينهن کان پوءِ پيو لکان. ڪجهه مهينا اکين جي سور ڪري ڪافي تڪليف سان گذريا آهن. لکڻ ته ڇا پڙهڻ به اڪثر ناممڪن هو. سادا يارهن ٽيا آهن ڏينهن جا. ريڊيو تان تيلوگو گيت پيا اچن. رڌڻي ۾ انور مغل مشڪتي ٻوڙ پيو رڌي. پاڻ ويچارو روزي سان آهي. پلو ماٿهو آهي. ظفر گهٽا

---

* هي = بکر جو نوجوان رزاق جهرنا، جنهن کي ان رات چوڌري ظهورالاهيءَ جي قتل جي الزام ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.

ڏينهن ٽيا آهن آزاد ٿي ويو آهي. مون کان جيڪا مدد پهتي ڪئي مانس. مهينو معافي ونائي ڏني مانس. ريل جي ٽڪيٽ سرڪار کان، سؤ رپيه هڙان، نوڪريءَ لاءِ سفارشي خط پشاور جي هڪڙي اثر واري ماڻهوءَ ڏانهن وغيره وغيره. جيئن ويو آهي تيئن سندس خط ڪونه آيو آهي. پويان هڪڙي همراهه خط لکيس سندس ڏنل ايڊريس تي. ان تي به جواب ڪونه آيو. ظفر کان پوءِ فلڪ نياز پٺاڻ آيو. پچيومانس "ڪر ڪهڙو ڪندو هئين؟" چي "ڪيسا ڪٽيندو هوس". ڳالهه ڳالهه تي رويو وڃهندو هو. چي "آءُ يتيم آهيان." ولي خان جي ڪوٺ جو ٿي چوايائين. بيمار هو علاج ڪرايومانس، پر نيڪ نه ٿيو. وري علي اڪبر پٺاڻ آيو. فوج مان پڳل هو. پلو ماڻهو، پر ان جي وري باغ تي ڊيوٽي هٽي چڏيائون. وري ٻيو پٺاڻ گلزار آيو. پشاور جو. هي نيڪ ماڻهو هو، پر سندس جلد پشاور جيل بدلي ٿي ويئي. هجي ها ته اهو مون کي پشتو ڳچ سيکاري سگهي ها جو سمجهو هو. ٻيا صفا بي سمجهه هئا. هاڻ پنجابي مليو. سيني کان وڌيڪ محنت ۽ خدمت ٿو ڪري. اڳي هڪ ٻه پنجابي مفت خور هئا. هي سڻو آهي. منهنجو ڪاڏو سڃو مشقتي ڪائيندا آهن. جو آءُ اڳي جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڪائڻ جي باوجود ايان کو حصو مس ٿو ڪائي سگهان. اصغر نمبردار اخبار ونڻ ويو هو. هينئر دانهن ڪٽي آيو ته "ڊيوڙهي وارا ڳالهه نٿا ٻڌن. داروغي ڏانهن چئي لکي ڏي." چئي ڪٽي ويو آهي. انب الاهي. پر بيماري نٿي چڏين. لاچار ڪالهه چڪر چيف ڪي چوائي موڪليو ته "انب پٺائي ڪٽي وڃي قيدين کي ورهائي ڏيئي چڏ. متان پوءِ خراب نه ٿي وڃن." معلوم ٿيو ته قيدين بدران مالڪن وٽ ويندا. اڳين سال سڀ انب نمبردار چورائي پٽي ڪٽي ويا. هن سال سختي ڪيم پر انب ڪم جا نه نڪتا. چيم پچن پوءِ قيدين کي ڪارائبا. پر اسڪيم ڪامياب نه ٿي. پيندين جا راڄ سوالي آهن. ٽماٽا ۽ مرچ به ٽيا آهن. ڪجهه گدرا به. جيڪو سوال ٿو ڪري تنهن کي ڏيان ٿو. ايان ٽماٽن ۽ مرچن ۾ دير آهي. ٻٽي ڏينهن موٽئي جا ٽي چار ٻوٽا لڳايا هئاسين. ٻيا سڙي ويا باقي به ايان آهن. رات جي راڻيءَ کي پاڻي ڪونه مليو، سا ذري گهٽ سڙي ويئي. هاڻ مس مس سسي مٿي ڪنئي اٽس جو پاڻي مليس ٿو.

25/6/83

ٺڏڙي هوا پئي لڳي. صبح جو پهر آهي. اڳڻ ۾ ڪٽ ۽ ٽيبل ڪرسي وڃايو ويٺو آهيان. ريڊيو وڄي ٻيو. ساڳئي وقت ڪراچيءَ جي سنڌي سروس لاهور جي اردو سروس ٻيو ٻڌان. ڪڏهن هو ڪڏهن هي. طبيعت بهتر آهي. منهنجي صحت وارو ماڻهو قيد ۾ مهيني ۾ ڪي ۵-۷ ڏينهن مس نيڪ ٿو رهي. اڪثر ڏينهن ڪافي اذيت بلڪ قسمين قسمين مختلف ۽ متضاد اذيتن ۾ گذرندا آهن. پر مون

انهن کي رڪاوٽ ڪرڻ ضروري نه سمجهيو آهي. بلڪ انهن جو ذڪر به نه ڪيو اٿم. منهنجي خيال ۾ ڳالهه کي ڪٻو ته تيلي به ٽنب بنجي ويندي ۽ جي هلي چلي ڪري وڃو ته مڙيئي خير ٿي ويندو. قيد ۽ بند جي "صعوبتن" جي موضوع تي ايتريون وڏاءَ واريون ڪوڙيون ۽ واهيات ڳالهيون ماڻهن لکيون ۽ چيون آهن جو مون کي ان جو ذڪر به ڪين وڻندو آهي. اڪثر ڏاڙو اٿم ته جيڪي سچ ڪان گهٽو عذاب ۾ هوندا آهن سي ڪڇندا پڇندائي ڪونه. نڪو وري ٻيو "اشراف" انهن جي ڳالهه ڪندو آهي. باقي جيڪي پيشه ور "بي-سبب واويلائي" آهن سي پڙ جا پهلوان ٿيو اخبارن ۾ ۽ اسٽيجن تي پنهنجي قيد-بند جي "صعوبتن" جو ڏنيورو پٽيندا رهندا آهن. ٻئي ڳالهيون آهن. سخت ظلم ۽ زبردست سهپون به آهن ۽ معمولي يا وڇڙيون ڳالهيون ۽ اجائي نمائش. گهوڙا گهوڙا به آهي. منهنجو خيال آهي ته اجائي گهوڙا گهوڙا ماڻهن کي اجايو ڏيڇاري ٿي. اها انتهائي خودپرست، قوم دشمن ۽ عوام دشمن حرڪت آهي. ٻئي پاسي جيڪي واقعي غير معمولي طرح عذاب ۾ آهن ۽ مڙسيءَ سان ان کي منهن ڏين ٿا تن کي سلام ڪرڻ ڪپي ۽ انهن جي تڪليف جو زور شور سان ذڪر ٿيڻ ڪپي. پر اتي به وڏاءَ ۽ عوام کي اجايو گمراه ڪرڻ کان پاسو ڪجي. مطلب ته عوام کي ڪوڙيون يا وڏاءَ واريون ڳالهيون ٻڌائي، پاڻ کي هيرو ڪرڻ يا جيترو هيرو واقعي هجي ان کان وڌيڪ هيرو بنجڻ جون عادتون بريون عادتون آهن. ان ڪري مون پاڻ بابت اڪثر سٽيون ۽ وٺندڙ ڳالهيون نوٽ ڪيون آهن ۽ نه ڏيڇاريندڙ ۽ ماڻهن جي نظر ۾ قياس ۽ همدردي پيدا ڪندڙ ڳالهيون. قيد اهڙي جڳهه آهي جتي اڇڻ جو خطرو هر باضمير ۽ باعمل وطن جي نمڪ حلال ماڻهوءَ کي آهي. ان ڪري پنهنجي معتبريءَ خاطر ماڻهن کي ڏهني طرح قيد کان ٻوڙ نه ڏيارجن پر ان کي زندگيءَ جي آزمائش مان هڪڙي عام آزمائش جي جڳهه ڪري پيش ڪجي. ڏهلوين، لکنوين ۽ سندن پوئلڳن وانگر ان کي هر حالت ۾ رڳو کو ڪوس گهر ڪري نه ڏيکارجي. جن حالتن ۾ اهو ڪوس گهر آهي انهن ۾ به ماڻهو منجهس مڙسيءَ سان حالتن کي منهن ڏيئي رهيا آهن ۽ ان جي سموري دهشت کي خاڪ ۾ ملايو ويٺا آهن. عام شريف ۽ وطن جو نمڪ حلال، همت وارو ماڻهو، جيل جي سمورين سختين ۽ آزمائشن وچان سرخرو ٿي پار پڄي سگهي ٿو. ان ۾ ڪابه اهڙي عربي فارسي ڪاڻهي. سڀ ماڻهو ان مان اڳي ڪان گهٽا گهٽا بهتر، مضبوط ۽ پڪا ماڻهو ٿي نڪري سگهن ٿا. مطلب ته قيد مڙس ماڻهوءَ جي لاءِ خير جهڙي ڳالهه آهي. سندي ماڻهن مردن توڙي عورتن کي هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ جيل ڀري انهن کي هيبت ناڪ خوف گهرن مان ڪيرائي مسافرن جون سرايون بنائي

ڇڏڻ کپن. جيئن گهٽا ماڻهو تئن وحشانيت تي وڌيڪ ڏهاءُ. تيئن اها وڌيڪ ڪمزور ٿيندي ويندي. اهي ڪانگريسي ۽ انقلابي هٿ جن هزارن جي تعداد ۾ جيل پري، جيلن جي اڳوڻي ناقابل تصور وحشياڻي نظام کي چيهون چيهون ڪري رکيو ۽ فرعونن جا ڪنڌ ڀڃي رکيا. انهن جي تحريڪن ۽ قربانين ڪري اڄوڪا جيل اڳوڻن جيلن جي پاڻي جڙ ڪڍه ۾ ڪونهن. وڌيڪ ڏهاءُ پوندو ته ايندا ۾ حالتون بهتر ٿيندیون ويندیون. جي جيل جو ڀؤ ويو ته پوءِ حڪمران طبقن جي ٽيڙي ۾ اها ڪاڻ رهندي. ڇو ته ڏڻ ئي پنهنجي ٽاڻن ۽ جيلن تي تا. انهن جو خوف لٿو ته باقي وڻن ڇا رهيو؟

بهرحال اڄتي حالتون وڌيڪ سخت ايندیون ۽ حالتن ۾ وڌا ڦيرا ايندا ۽ سوين ۾ اڳي کان وڌيڪ حاصل ٿيندیون. پاڪستان جهڙي ملڪ جي حالتن ۾ ۽ خاص ڪري اسان سنڌي ماڻهن جي حالتن ۾ مڪمل ۽ قابل ذڪر ڳالهه اها ناهي ته قيد بند ۽ جبر ۽ ڏاڍ آهي. قابل ذڪر ڳالهه اها آهي ته اسان جا ڪي ماڻهو مڙسيءَ سان انهن جو مقابلو ڪري انهن کي هيٺو ڪري رهيا آهن ۽ ٻيا ۾ ڪري سگهن ٿا ۽ ضرور ڪندا. ٽيون ڏينهن آرو آيو هو. انب، کير جو ڏهو، ٻيو ڳڇ سامان وڻي آيو. پرويز ڪپڙا سبائي آيو هو. شربت جا شيشا ۾ ملي ويا! مطلب ته ٻهاريون ٿي ويون. هاڻ مسئلو رڳو اهو ويڃي رهيو آهي ته انهن کي ياد ڪري پيئي کير؟ ڏسجي ٿو ته ۱۴ آگسٽ تي ڪجهه ڪرڻ جون تياريون پيا ماڻهو ڪن. وڏيرا حضرات، دستوري ڊرامي ۾ مشغول آهن. يعني ٿي سگهي ته نالي ماتر ڦٽ ڦٽ ۾ نه ڪجي. پر جي ڪرٽي پوي ته ان جي پردي هيٺ ٻيو ڪجهه ۾ نه ڪجي. ڳالهه کي انلو تارپيڊو ڪجي ۽ اهڙيءَ ريت تحريڪ کي ناڪام ڪري حاڪمن وٽ جن سان ڳجهيون جيءَ جون جڙون آهن، سرخرو ٿجي. بيگم صاحبه کي چئجي ته عوام ڪجهه نٿا ڪن. يڻي صاحب اڃايو انهن جي آسري تي لڳي پاڻ کي هلاڪ ڪيو. توهان ۾ عوام جو آسرو لاهي هيٺاهين وٺو، جيئن آمريڪا بهادر ۽ سندس ڇاڙتا چون تئن ڪري ملڪ ۽ عوام کي وڪڻي پاڻ عزت ۽ سرخروئي حاصل ڪريو ۽ اسان کي ۾ اڳوٽا عيش ڪرايو. بهرحال انهن سازشن مان پس پيش ڪين ورندو سرندو ڪونه. پاڻ وڌيڪ اڳهاڙا ۽ ڪمزور ٿيندا. عوام جي سندن خلاف نفرت وڌيڪ گهري ۽ مضبوط ٿيندي. عوام پاڻ تي وڌيڪ پاڙڻ سڪندا. ڪلهوڪي اخبار ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ بار جي صدر افضل حيدر ۽ سندس ٻين عهديدارن جي گڏيل پريس ڪانفرنس جي رپورٽ شايع ٿي. هاءِ ڪورٽ بار ملڪ جي سمورن ليڊرن کي بار ۾ اڃي ملڪي معاملن تي ويچار ۽ صلاح مصلحت جي دعوت ڏني آهي. جن کي دعوت ڏيڻي ڪئي اٽن تن ۾ نصرالله خان، اصغرخان، بي نظير، ميان طفيل، مولانا فضل الرحمن، غوث بخش بزنجي

سي- آر- اسلم، محمود اچڪزائي ۽ ٻين سان گڏ هن فقير (۱) جو نالو ب ڏنو اٿن. ڇيو اٿن ته انهن مان جيڪي نظربند آهن تن کي يا ته بلڪل آزاد ڪيو وڃي يا ڪين گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

26/6/83

پورا ٻه سال اڳ هن تاريخ تي يعني ٦٢ جون ۱۹۸۱ع تي آءٌ حيدرآباد سينٽرل جيل مان ٽڪري هن جيل ۾ آيو هوس. هن احاطي ۾ هن ڪمري ۾ رهندي ٻه سال پورا ڪيا اٿم. سواءِ ڪنهن چارج شيٽ يا ڪيس يا عدالتي فيصلي جي. بس ٽين ٽين مهيني هڪڙو سائيڪلو استائل ڪاغذ جو ٽڪر ڏياري موڪليندا آهن، جنهن ۾ لکيل هوندو آهي "فلاڻو پٽ فلاڻي جو رهندڙ فلاڻي هنڌ جو پاڪستان جي سلامتيءَ لاءِ ۽ امن امان قائم رکڻ لاءِ، مارشل لا کي صحيح نموني هلائڻ لاءِ خطرناڪ آهي، ان ڪري کيس نظر بند رکجي ٿو." الله الله خير صلاح! اهو ٿيو "مومن" جو عوام لاءِ اسلامي انصاف! فبِاَيِّ آلاءِ ربکما تُکذِبان (پوءِ تڏهن رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ!)

شام. لبيا ۽ فلسطيني پاڻ ۾ وڙهي پيا آهن. سبب ته الائي ڪهڙا آهن؟ افغانستان جي ڳالهين جو پويون دور پورو ٿيو آهي. نتيجو اميدن جهڙو ٿو لڳي. شايد هن سال تائين ڳالهه جو اڪلاءُ ٿي وڃي. خدا ڪري مظلوم افغان عوام آدم خورن کان بچي وڃي، باقي هي بلائون واندیون تي لڳنديون هن ملڪ جي عوام جي پويان. سو الله پليندن ۽ عوام پليندن. اسان جا مظلوم انقلابي پائر خوش ته اسين ب خوش. اسان جو سياسي دين اڳيئي اهو آهي ته:-

آئون جي ڏکيو توڙي سکيو
تون شال هئين محبوب خوش! (سانگي)

گرميون وڏي ويون آهن. مينهن ب ڪونہ ٿو پوي. اندر سخت گرميءَ کان ٻاهر سُمجهي ٿو. پر پکي بنا، مڇر ۽ گرمي سمهڻ نٿا ڏين. مڇر دانيءَ ۾ پاڻ مڇرن کي وڏيڪ سهٽو موقعو مليو وڃي، مون کي ڪائڻ جو. ننڊ ۾ ٽنگون هيڏانهن هوڏانهن ڪبيون ته مڇر، مڇر دانيءَ ۾ گهڙي ايندا. صبح جو ڏسبو ته چَرڻ کان دَرِ! رت پِي پِي اهڙا سُڄيو پون جو چؤ ته هڪيءَ کان ٿا ڦاٽن. اکيون ڪجهه بهتر آهن. ان ڪري ڪجهه لکي پڙهي سگهجي ٿو. پر تمام محدود. صبح جو اردو سروس تان بهادر شاهه ظفر جو هڪڙو وٹندڙ غزل ٻڌم، ياسمين جي آواز

هن فقير= لکندڙ رسول بخش پليجو

ہر. ڏن لاجواب هئي. اڳين خميس تي هندي فلم ڏٺي سين جنهن ۾ دليپ ڪمار هو. چاڑهو ڪونہ هو. ڪا سٺي فلم ڏٺي ڏينهن ٿي ويا آهن. هندستان جي ادبي تاريخ بابت ڪجهہ گهربل مواد مليو اٿر. اڻ پورو آهي. پر تہ بہ شڪر! شيخ الرئيس بوعلي سينا کي اڳيئن فيلسوف معلم الثاني(١) ابونصر الفارابيءَ جو هڪڙو گهربل ڪتاب، اتفاق سان هٿ آيو تہ ڪما ڪمي ڪري مسجد ۾ ويي شڪراني جا نفل ادا ڪيائين ۽ جيڪي بہ ڏوکڙ وٽس ان ڏينهن موجود هٿا سي سڀ ان شڪراني ۾ خيرات ڪري ڇڏيائين! مون وٽ هڪڙو اڌب پيو آهي اِهو ان ڪتاب هٿ اچڻ جي شڪراني طور اصغر ۽ انور کي ڏيان ٿو! ڪلهہ انور مشقتيءَ کي وٺي ويا تہ تنهنجي ملاقات آهي. ٿوري دير کان پوء اصغر اچي ٻڌايو تہ ان کي وٺيو ٿا ٻاهر باغ پارٽيءَ تي وڃن. چون ٿا "ٻيو جيڪو ماڻهو ڇڻو سو ڏيون!" اڳ علي اڪبر پٺاڻ جيڪو چگو ماڻهو هو ان کي بہ ڪسڪائي باغ پارٽيءَ جي مصيبت تي موڪلي ڇڏيائون. سو مون ڪلهہ سپرنٽينڈنٽ کي احتجاجي چٺي لکي. اصغر کي چير تہ "زباني وڃي ڇڻو تہ ٻيو مشقتي رکڻ جي ضرورت ڪانهي. آء پنهنجي ماني ٽکي پاڻهي پچائيندس. ٽانڊو ٻهاري بہ پاڻهي ڪندس" ڪجهہ دير کان پوء اصغر چيو تہ "انور مشقتي واٽ ۾ ڪڏيو. ماڙيءَ وارا چون ٿا تہ فيصلو اسان بدلايو آهي. انور جو نالو باغ پارٽي مان ڪاڍيو اڇون. چٺي ڏيڻ جو ضرور ڪونهي." انور مشقتي ڏسجي ٽيڪ ماڻهو ٿو. اخبار ايجان ڪانہ ملي آهي. پر اخبار ۾ هوندو بہ ڇا؟ خير ويٺي ڪان وڪندي پلي. بڪ ۾ بصر بہ سٺو. قيد ۾ اهي اخباري چيٽڙا بہ غنيمت. سورلي جو شاه تي ڪتاب، هڪ فلسفي جو مسودو ۽ هندستاني ۽ ايشيائي ادب بابت مضمون ڪڏيو واري وٽي سان پيو پڙهان. مزيدار خبرون آهن.ڪجهہ خط لکڻا آهن. پرويز صالح سلام موڪليا آهن. ٽيندڙا پاشوء (٢) جو خط ڪونہ آيو آهي.

26/6/83

اڄ صبح جو دهليءَ تان وائلن تي راڳ سنڊي پيروي ٻڌم. ڇٻو ڪهٽ ۾ ڪهٽ هڪڙي راڳ تي تہ اسانجو بہ نالو آهي! شملي ريڊيو تان پهاڙي گيت ٻڌم. وڻيا. ڪالهہ راج بيگم دهليءَ تان ڪشميري ڪلام ٻڌايا هٿا. اهي بہ وڻيا. اڄ صبح سان انور مشقتي کي وري وٺي ويا آهن ۽ وري سپرنٽينڈنٽ کي لکيو اٿر تہ "هن کي ڇڏيو." ڏسون تہ چا ٿو ٿئي. سپرنٽينڈنٽ کي ۽ وڏي ڊاڪٽر کي ڪلهہ پير جي موچ جي صحيح علاج نہ ٿيڻ جو لکيو اٿر. پانيان ٿو تنگ ٿيندا. حالانڪ منهنجي پاليسي ڪنهن کي بہ اجايو ڪِٽ ڪرڻ جي ڪانهي. هر ڪالهہ ۽

(١) معلم الثاني = فارابيءَ کي ارسطو کان پوء ٻيو استاد سڏيندا هٿا.
(٢) ٽيندڙ اپاشوء ايياز لطيف پليجو.

شيءَ حد اندر قائم رهندي. ان کان ٻاهر وڃبو ته اها بدلجي ويندي. پر جيل ۾ ڊاڪٽرن جي روش درست ڪانهي! احتجاج نہ ڪبو ته مٿي تي چڙهي ويندا ۽ ڳالهہ ئي ڪانہ ٻڌندا. پلي ڳالهہ نہ مڃين پر ڪين معلوم هڻڻ گهرجي ته آءٌ لاپرواهي برداشت نہ ڪندس. احتجاج ۽ سهپ وچ ۾ هڪڙو نازڪ توازن حالتن مطابق درست حالت ۾ قائم رکڻو آهي. اهو توازن حالتن آهر پيو بدلبو ۽ درست ڪبو.

10/7/83

نئين آو ٽا

هو تيري انگڻان نئين آوٽا!

(نہ اچبو ڙي تنهنجي اڳڻ تي نہ اچبو!)

شملي تان پهاڙي گيت ويڙو ٻڌان. اهو گيت ڏاڍو سهڻو ڳايائون.

"تنهن جي گهر اچان ٿو تہ تون ڳالهائين نٿي. منهنجي گهر وٽان لنگهين تہ پير کو نہ پري اچين. تنهن ڪري، نئين آو ٽا تيري انگڻين نيئن آوٽا!"

پارت جي هماچل پرديش ۽ جموں پاڪستان جي پوٺوهار جا پهاڙي گيت ۽ اسانجي جبل ۽ ٽر جي گيتن جهڙا ڏاڍا مڻا ۽ سريلا آهن. انهن ۾ ڳالهيون ۽ اسان وارن گيتن جهڙيون سادين ۽ قربائيتيون ٿين. پاڪستان ۾ ملڪ پکراج ۽ ڏيٽس طاهرا سيد جا ڪجهہ پهاڙي گيت لاجواب آهن. گهٽ هتي جا پنجابي ۽ سرائڪي لوڪ گيت ۽ ڪونهن. ڪيترائي ڏاڍا خوبصورت آهن، هندي گيتن جهڙا. انور وهنجڻ لاءِ پاڻي پيو گرم ڪري. ڏينهن اٺ سان ئي گرم ٿي ويو آهي. حالانڪ ايان خيرن سان مس صبح آهي. ٻٽي ڏينهن ڏاڍا مينهن پيا آهن. ٽيون چوٽون ڏينهن هٽ جيڏا وڏا ڪڙا ڪريا ۽ زبردست طوفان آيو. وڻ ڇڻ پاڙان ٿي پٽيا. ڪالهہ جنرل اسپتال وئي ويا. پير ۾ جيڪا موج آئي ان مان سور ايان صفا ڪونہ ويو آهي. دير سان وياسين. سول اسپتال ڏري گهٽ خالي هئي. ايڪسري ڪرڻ واري پڇيو "وڪيل صاحب! سياست اوهان کي مهنگي ڪانہ پيئي آهي؟" پوليس گارڊ جي انچارج ٽوڪيس تہ "سياسي ماڻهوءَ کان اهو سوال ڪونہ پڇبو آهي. ناراض ٽيندا آهن." مون چيو "بلڪل ضروري سوال آهي. ناراض ٽيڻ جي هن ۾ ڪا ڳالهہ ئي نہ ٿي سگهي. سياست واقعي مهانگي پئي ٿي ۽ مون کي ۾ ڪافي مهانگي پئي آهي. پرکي سئيون شيون يا ڳالهيون پسوپيش ڏاڍيون مهانگيون پئجي ويندیون آهن. کي مهانگي ۾ مهانگيون شيون وري پسوپيش ڏاڍيون سستيون ثابت ٽيندیون آهن. ماڻهن جي خدمت ڪرڻ سياسي ميدان ۾ اسان پنهنجي نوڪري ۽ ڊيوٽي ڪري ٻولي ڪنئي آهي. پگهار اسين پانيون ٿا جهڙي اسان کي ملي ٿي اهڙي ڪنهن ٻئي کي ياڻن سان ملندي هوندي! اجورو رڳو پئسن

جي صورت ۾ ته ڪوبہ ٿيندو آهي. اڳئين زماني ۾ پگهار ۾ پئسن بدران ان، ڪپڙا وغيره ملندا هئا. ڏاڙن کي ٻوٽيءَ ۾ ڳئون يا گابي جو چوٽون پير ملندو هو. ساڳيءَ طرح اجوري جا ٻيا قسم ٿي سگهن ٿا. عزت، محبت، شوق جي پورت، پنهنجن پيارن ماڻهن جو بچاءَ ۽ سک، پيارن ڀالهين جي ڪاميابي وغيره وغيره. هڪڙي کي ٻين جي ڏيوٽي ڏکي لڳندي يا ڪاڪ وٽندي. ٻين ماڻهن کي ٽين جو شوق خراب يا فضول لڳندو. پنهنجي پنهنجي سوچ آهي. مثلا مون ۽ تو لاءِ پوليس واري جي ڏيوٽي ناقابل برداشت عذاب آهي. هن لاءِ اسپتال يا ڪورٽ ۾ زندگي برباد ڪرڻ واهيات ڀالهہ آهي. هر ڏيوٽيءَ ۾ پنهنجي پنهنجي قسم جا فائدا ۽ نقصان ۽ خطرا ۽ سختيون ٽين ٽيون. سو اسين بہ پنهنجي چوندي ۽ ٻولي ڪنيل ڏيوٽيءَ سان واسطو رکندڙ تڪليف ائين هلي چلي ڪري ونون ٽاجيئن ٻين ڏيوٽين ۽ ڏنڊن سان واسطو رکندڙ ماڻهو تڪليف کي خير جهڙي ڀالهہ ڪري ونن ٿا...." پانيان ٿو ته ڀالهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ آيس نہ ته هونئن مون تي ڏاڍو قياس پئي ڪاڏائين ۽ مونکي فضول قرباني جو مجسمو پئي سمجهيائين.

گذريل هفتي ڪان وري عالمي ادبي تاريخ جو قصو ڪنيو اٿم. سنسڪرت، چيني ۽ يوناني ادب جي تاريخ تي ٻڌي ٻيرا نظر وڌي اٿم. ڪلهہ ڪان لاطيني ادب جي تاريخ جو مختصر احوال ويٺو پڙهان. اڌ ۾ ڇڏيو اٿم. اڄ پڄائيو. مزيدار خبرون آهن. اهي ادب بہ هزار سال اڳ جنهن منزل کي رسيل هئا، ان کي پهچڻ لاءِ اسان کي بہ سؤ سال ٻيا لڳن ته عجب ڪونهي، بهرحال وارا ڇمارا آهن. اسان جو وارو ضرور اچڻو آهي، هر حال ۾. ايندڙ مهيني ضياء کي پنهنجو ڏانچو ظاهر ڪرڻو آهي. ڇا هوندو؟ عوام جي حقن، آزادين ۽ مفادن خلاف سازش جون اهي ساڳيون پراڻيون ڪوڙڪيون هونديون. بهرحال هڪڙو ٻر ڇڏي ٻئي ۾ داخل ٿيڻو پوندن. جدوجهد جاري رهي ته هي دور پس پيش پاڪستان جي عوام کي سجاڳ ڪرڻ ۾ تاريخي رول ادا ڪري سگهي ٿو. مذهب جي آڙ ۾ صدين کان ٿيندڙ مڪر ۽ ڏاڍايون جيترو هن دور ۾ بي نقاب ٿي سگهن ٿيون ۽ ٽين ٻيون اوترو اڳ هن ملڪ ۾ ڪوبہ ٿي سگهيون آهن. هي دور مذهب جي نالي کي جو ناجائز، طبقاتي ۽ قومي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ تلوار طور ڪم آندو ٻيو ويڃي، ان تلوار کي مڏو ۽ نڪمو ڪري سگهي ٿو. باقي ونن رهندو ڇا؟

شايد رائو رشيد، شيخ رفيق، ضياء بٽ وغيره نظر بند ٿي ويا آهن. شايد مارشل لا ۾ نہ ۾ MPO ۾. ڏسجي گهٽا ڏينهن ٿا رهن. مون سپرنٽينڈنٽ کي لکيو ته "هتي جيڪي بہ سال رهيو آهيان، تن مان ڪچ وقت آءٌ اڪيلو رهيو آهيان ۽ ٻيا سياسي قيدي هميشہ پاڻ ۾ گڏ رهيا آهن. مون کي بہ ٻين سان گڏ رهاءِ." ڪلهہ ڏيٽي ٻڌايو ته "جتي هو رهن ٿا اتي ٻئي وڏيڪ ماڻهو جي رهڻ جي

گنجائش ڪانهي." چيو مانس "ستين نمبر بارڪ مان ٻيا غير سياسي بي ڪلاس قيدي اتي ۽ هن وارڊ ۾ رک، ۽ اسان سيني کي ڪڍي اتي رهاءِ!" تہ ماڻ ٿي ويو. شايد نہ رهائين. خطن مان ڪوبہ ڪونہ آيو. رفيق ۽ شاڪر شاهہ کي ساهيوال جيل بدلي ڪيائون. شاڪر شاهہ ويو. رفيق پاڻ کي رٽائر ڪرايو. في الحال هر شيءِ درهر برهر آهي. ٽي جوڙا ڪيڙن جا سبجي آيا. اڳيان جوڙا سيءِ ڦاٽي ويا آهن. في الحال لئي ٿي ويئي. هڪڙو جوڙو پائي ملاقات تي ويس پرويز جي. ٻہ رکيا آهن. عيد لاءِ گوشت، سيون، چانور گهرايا اٿم. گيهہ، ڪنڊ اڳي ئي آهن. حقيقت ۾ مون لاءِ ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت ڪانهي. پر انور ۽ اصغر کي تہ عيد ڪرائڻي آهي. متان ڪو اڙيو ٽڙيو ٻيو بہ اچي نڪري. انور خبرون ويٺو ڪري. "سائين آئون اٺ سال فوج ۾ رهيو آهيان. منهنجا مائٽ ايجان بہ بنگلاديش ۾ آهن. مون کي خبر آهي تہ اتي پنهنجي مسلمانن چا ڪيو. منهنجو مامو ڇنگانگ ۾ آهي. اتي شادي ڪريو ويٺو آهي. زال کي ڪلمو پڙهائي سائس شادي ڪيائين. اڳ تلڪ هٽندي هئي. پاڻ جهڙي ڪٽڪ رنگي آهي. مامي جو اتي ريل جا پرزا تيار ڪرڻ جو ڪارخانو هو. شروع ۾ ٻن ٽن مهينن ۾ ادائي لک جو بنگلو ٺهرائي ورتائين. پوء ڪمائي گهٽجي ويئي. لڙائي لڳي ۷۱ واري، ان جي ڪري اتي پنهنجا مسلمان جيڪا بنگالڻ ڏسندا هٿا سا ڪٽيو ونندا هٿا. ڪن جا تہ ٻبا وڍيو ڇڏيندا هٿا. پوء هنن کي بہ هتان وارن مان جيڪو هٽ اچي تنهن کي کوهہ ۾ اڇلائي متان ڇپون ڪيرائي ختر ڪريو ڇڏينس. منهنجا ٻيا بہ مائٽ هٿا. برما رستي پيڇي آيا. ڪي تہ برما ۾ ئي رهي پيا. گذريل سال بنگالي مامي آئي هئي. تلڪ هٽي آئي. ڇيوسين تہ "هتي اها رسم ڪانهي. هاڻ اهي تلڪ ڇڏيو." پوء ڇڏي ڏنائين. ٽوري پنجابي سکي نہ تہ ڳالهائي يا اردو يا بنگالي. ماما جن کي بنگالي اچي. پوء موڪلائي ويا. مامي کي وطن جي سڪ لڳي. سس کي چيائين "امان هاڻ مائٽ ٿا ياد اچن. موڪل ڏي." ۽ هن سال نانيِ ننهن ۽ پٽ سان ملڻ لاءِ چٽ ڪانگ ويندي. اسين گلگٽ ۾ هٿاسين تہ اتي وارا بہ اسان وارن همراهن مان بيزار. چي "اسانجون نياٽيون ٿا تاٽين." رستا ڏکيا، تِر جو فرق ٿئي تہ هزارين فوٽ هيٺ ڪاهيءِ ۾. پر چا ڪجي؟ ڪاڏو ۽ ايمبولينشن سپلائي ڪرڻ لاءِ انهن ئي رستن تان هلڻو ٿي پيو.... ڪي ڊرائيور ڪرندڙ ڪاڏيءِ مان پاڻ ٽپا ڏيو لهيو وڃن، پٺيان مسافر ختر. اسانجو هڪڙو ڪمانڊر هو، تنهن هڪڙي ڪيڙن جي حادثي کان پوء آرڊر ڏنو تہ ڊرائيور کي سيٽ سان زنجير هڻي ٻڌي ڇڏيو تہ جيئن جيڪڏهن حادثو ڪري تہ پاڻ مسافرن سان گڏ هجي. پيڇي رکو پاڻ بچائي نہ ويڇي.... ٽيٽ بہ ائين ڪيي...!"

ڏٺم تہ انور جو خيال آهي تہ بنگالي سيءِ هندو آهن. ان ڪري هتي وارن کي مسلمان ۽ هنن کي بنگالي پئي سڏيائين. تعليم شايد اها مليل اٿن تہ مسلمان رکو

پاڻ آهيون. ٻيا مسلمان سڏائيندڙ سڀ ڪافر آهن.

خبرون ٻڌجن. اڄ صبح جو بي- بي- سيءَ تان ٻڌم تہ:-

(۱) چاڊ جي سامراجي ڇاڙتي حڪومت سان مقابلو ڪندڙ صدر ڪوڪوني جي فوج هڪ اهر شهر تي قبضو ڪيو آهي.

(۲) آمريڪي سفير ايلسلويدار جي انقلابين سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. ايان ڪامياب نہ ٿيو آهي. (الائي نانڪ ٻيا ڪن الائي سچ!)

(۳) آمريڪا جي پاڙيسري ۱۳ لاطيني ملڪن سندن علاقي ۾ ٻاهرين دست اندازي جي مذمت ڪئي آهي.

(۴) چليءَ ۾ حڪومت خلاف جدوجهد زور آهي. مطلب تہ سئيرڙيون خبرون آهن. ڪلهہ مزدورن جي بين الاقوامي تنظيم جي رسالي ۾ اسرائيلي وڪيلياڻي فيلشيالٽنگر جو مضمون پڙهيم. عنوان هوس "اسان جو مقدس فرض آهي تہ فلسطيني قوم جي حقن جي خلاف ورزي ختم ڪريون.!" اسرائيلي وڪيلياڻيءَ انگن اکرن سان ۽ اقوام متحده جي منشور ۽ معاهدن جي قانوني حوالي سان ثابت ڪيو آهي تہ سندس حڪومت انسانن جي مهذب قانون کي اورانگهي پاڻ کي مجرم ثابت ڪري رهي آهي. هن سندس حڪومت کي جن بين الاقوامي معاهدن جي خلاف ورزي ڪرڻ جو مجرم ٺهرايو آهي تن ۾ ۱۹۰۷ واري هيگ ڪنوينشن، ۱۹۴۹ع واري چوٿين جنيوا ڪنوينشن (جنهن ۾ جنگ جي زماني تي شهرين جي بچاءَ جو فرض رکيل آهي) ۽ ۱۹۴۸ع وارو Universal Declaration of Human Rights (انساني حقن وارو عالمي پڌرنامون) بہ شامل آهن. اسرائيلي وڪيل صاحب وڏي ذميداريءَ سان اسرائيل جي سموري تاريخ جي ظلمن جو ڪچو چٹو پيش ڪيو آهي.

مائي فيلشيا دنيا جي ماڻهن کي اپيل ڪئي آهي تہ هو سندس ملڪ جي حڪومت جي ظلمن جو خاتمو آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪن. چئبو تہ آمريڪين وانگر اسرائيلي عوام بہ پنهنجي حڪومت جي فلسطين خلاف خرمستين جي خاتمي لاءِ ميدان ۾ اچي ويو آهي!

12/7/83

(رمضان جي عيد) ڪلهہ اڌ ڪلاڪ ڪن نوان ڪپڑا پاتا هٿم اسپتال وڃڻ لاءِ. اڄ اهي پايو ويڻو آهيان. اصغر ۽ انور کي پنج پنج رپيا خرچي جا ڏيئي پنهنجي پنهنجي بارڪ ۾ وڃي عيد ملهائڻ لاءِ چيو اٿم . اصغر ويو آهي. ٿوري دير کان پوءِ اچي انور کي بہ وٺي ويندو. پوءِ اڪيلو شينهن ٿيو ويڻو هوندس. صبح جو سيون رڌيوسين. مون، انور، اصغر ۽ نوري ڏوبيءَ گڏجي کاڌيون. انور

يارن جا ڪرتوت ٻڌايا. اصغر بہ اهي خبرون ڪيون. باقي نورو حسب دستور ماڻ ۾ رهيو. صبح جو اتي سڄي واريڊ ڪي ٻهارو ڏنائين. پوءِ ڦرتائيءَ سان ٻيو صبح وارو ڪم ڪيائين. اشاري سان ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو آهي. سمجهو ۽ پڙهيل بہ آهي. ٽيون ڏينهن ڏسندي ڏسندي الائي ڪيئن پٽ تي چڙهي ويو مٿي ايريل ٺيڪ ڪرڻ لاءِ. چيم تہ "ڪابہ پير رکڻ جي جڳهہ بہ ڪانہ هئي پوءِ ڪيئن چڙهي وئين؟" چيائين "سَرا ست سال فوجي ٽريننگ ورتل آهي. هي ڇا آهي؟ جنهن تي چئو ان تي چڙهي ويجي!" ڪلهہ سپرنٽينڈنٽ ڪي لکي موڪليم تہ "مون کي عيد تي ٻين سياسي قيدين سان بہ ٽي ڪلاڪ گڏجي ويهڻ جي اجازت ملي." ورندي ڪانہ ملي. ڪلهہ صبح جو ماڻهو آيو تہ 'اسپتال هل.' ويس تہ پوليس وارو هٿڪڙي ڪٽي اچي ٻانهن ۾ هٿڻ لڳو. وڏو ڪشمڪ ٿيو. ڳالهہ نہ ٻڌي. مون وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سپرنٽينڈنٽ چيو، "ايس- پيءِ سان ڳالهائي صحيح بندوبست ڪبو." مون چيس "مون کي ٻين سياسين سان رک." چيائين تہ "مٿان حڪم آهي. توهان کي انهي حفاظتي واريڊ مان ٻاهر ڪيڏو ناهي، منهنجي وس ۾ ڪونهي، باقي انهن مان کو اچي اوهان سان رهي تہ مون کي اعتراض ڪونهي." خبرون چارون ٿيون. چي "گناهگار آهيان. ۾ جيترو ٽي سگهندو اٿر. ماڻهن جو پلو ڪندو آهيان. رب کي عرض ڪيم تہ "جي مون گنهگهار جي توکي ڪا ڳالهہ وڻي تہ منهنجي اولاد کي صالح ڪر. تي ٻار اٿر. بہ پٽ هڪ نياڻي. وڏو پٽ مشترڪ کان ونڊي پنجاب ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ ڪٽندو، سونا ميڊل حاصل ڪندو اچي. هميشہ اسڪالر شپ تي پڙهيو. ٻاهر ڊاڪٽريءَ جو وڏو امتحان MRCP ڪرڻ ٽي ويو تہ سرڪار اسڪالر شپ نہ ڏني. چي "پٽسو ڪونهي." "لاچار پراويڊنٽ فنڊ مان ۸۰ هزار رپيا قرض ڪٽي پٽ ٻاهر موڪليم. سو بہ چوريءَ، چو تہ ڊاڪٽرن جي ٻاهر وڃڻ تي بندش هئي. هاڻ مِٺن پيشابن (Diabetis) جي علاج ۾ مهارت حاصل ڪري آيو آهي ۽ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. موڪلينڈو سانس تہ توهان سان اچي ملي. نياڻي انگريزي ادب ۾ پنجاب يونيورسٽي مان ايم- اي ۾ پهريون نمبر آئي. سي - ايس-پي امتحان ۾ سڄي پاڪستان ۾ ٽيون نمبر آئي. هينئر سي-ايس-پي اڪيڊمي ۾ پڙهي پيئي. پهرين سال ٽي سونو ميڊل حاصل ڪيو اٿس. سيني ۾ فرسٽ آئي آهي. ننڍو بہ پڙهي پيو. هينئر ايف- اي ۾ آهي. مون وٽ بہ بي مال ملڪيت ڪانهي. اهو اولاد اٿر. هاڻ مس مس لاهور ۾ گهر ٺهرايو اٿر." ڪلهہ ڪجهہ هلڪا سلڪا سياسي قيدي جيڪي تازو ۵ جولاءِ تي گرفتار ڪيا هئاڻون سي آزاد ڪيائون. رائو رشيد، شيخ رفيق ۽ حامد سرفراز (تحريڪ استقلال) ايجا آهن. سپرنٽينڈنٽ چيو ٽي تہ اهي بہ جلد نڪري ويندا. گهران ڪوبہ خط پٽ ڪونہ آيو آهي. نہ آءٌ ڪنهن کي جواب ڏيئي سگهيو آهيان. في الحال ڪنجي ويا آهيون. جڏهن وري ڪو رستو نڪري.

۱۴ آگسٽ جا آثار ته ڪافي خراب ٿا ڏسجن. ڏڪير ڏڪير ماڻهن جا نالا پيا پڙهجن. چي "اهي اوهان کي نئون آئين ڏيندا." حالتون بدستور پيچيديون ۽ ڏکيون آهن. پر ڪجھ عرصي جي حساب سان ملڪ جي طبقاتي طاقت جو توازن آهستي آهستي عوام دشمن قوتن جي خلاف ٿي رهيو آهي ۽ ايڏا ۾ وڌيڪ ٿيندو رهندو. وقت لڳندو پر دشمن جي شڪست يقيني آهي. جيئن جدوجهد ۾ ڏيکهه تيئن تيئن ملڪ جو عوام وڌيڪ تجربيڪار، وڌيڪ ذهني طرح صاف ۽ وڌيڪ محڪم ارادي وارو ٿيندو ۽ لڙائيءَ جا نوان نوان گر ۽ چالون سکندو ويندو. هن ڏاهاڪي جي پيڃاڻيءَ جو فيصلو پڌري پٽ عوام دشمن جي خلاف ويندو. رڳو سنڌي ادب کي ڏسجي ته ۾ اها ڪالهه صاف پيئي نظر اچي. ۵-۶ سال اڳ واويلائي ملڪ کي وڻ ويڑهيءَ وانگر وکوڙي ويا هٿا. جنهن کي ڏس سو پيڙائي گند مٽي تي رکيو پيو هوڪا ڏيئي. هاڻ ڪالهه کجهه ٻي آهي. وري ون يونٽ واري دور جي سجاڳ ادب جي خوشبو اچڻ لڳي آهي. پيڙائي پنڪين جو دور ڇڻ موڪلائي ويو. سياست ۾ ۾ ائين آهي. هينئر سڄي ملڪ جا جمهوريت پسند عوام ڪٽين ڪالهين ۾ هم خيال آهن. ڪوڙن سڄن جي پرک ٿي رهي آهي. جيئن ايجان اڪثي هلبو تيئن وڌيڪ ٿيندي. ماضيءَ جي ڪن ڇڪن ڪمن جي آڙ ۾ سهڻن نعرن جي ويس ۾ جمهوري جدوجهد سان غداري ڪري لانگ بوٽن ڇٽڻ وارا وڌيڪ پڌرا ۽ اگهاڙا ٿيندا هلندا!

ايا ڪٽي! ايا ته ڪاسي مان پائي ۾ ڪاڻ پيئي آهي! ڏاڍا بيڙا ٿيندا هي بدمعاش. سابق جمهوريت پسند، سابق وطن دوست سورما ۽ سابق پڙ جا پهلوان!

پاسي واري انترنيشنل بٹرڪ مان ڪائڻ جا آواز پيا اچن. سر مان لڳي ٿو ته سڪ يار گرهائي پيا ڪائين. رات جو آڌيءَ رات جو اڪ ڪليم ته ڪائڻ جو آواز ڪن تي پيم. ڪو سڪ يار ڪائي رهيو هو. ڏاڍو سوز هوس آواز ۾! ڪجھ دير ڪن ڏيئي ٻڌندو رهيس. اخبار آئي آهي. پڙهان ته ڏسان ته ڪهڙا ڪاڙها پيا مرن.

13/7/83

عيد خيرن سان گذري ويئي. ڪالهه لاهور هاءِ ڪورٽ بار جي صدر افضل حيدر طرفان وري ۾ ٻين سان ڪڏ منهنجي آزادي جو مطالبو جنگ ۾ آيو. يعقوب ڊيوٽي بڪ، (جيڪو نمبردارن جون ڊيوٽيون لڳائيندو آهي) مشتاق اعوان جيلر ملڻ آيا. ٻئي ڪافي دير ويٺا هٿا. مشتاق جو خيال هو ته هيءَ هڇا ٽرندي ئي ڪاڻ. مون سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪالهه مغز ۾ ويهاري نه سگهيومانس. چو ته مون کي سندس اصل سوچ جي خبر ڪانهي. ڪجهه اونهيرڙو ۽ خاموش ماڻهو آهي. الائي ڪهڙيون بلائون پيٽ ۾ پيون هجنس. اهي ٻاهر نڪرن ته خبر پوي ته ماڻهو کو چندو ٿيٽو ۾ ڪري سگهي. هونئين

ماڻهون سڏو آهي. ڪير رکيو مانس تہ ڪيائين. چي "اوهان سان وعدو ڪبو تہ ڪيئن نہ پاربو؟"

ٻڌاڪي شناڪي يا مڙيئي ٽائيم پاس قسم جو ماڻهو ڪونهي. نہ وري سنڌي ڪامورن جو اهو عام ۽ پراڻو بهانو "سائين چا ڪريون ڏجون ٿا!" بچڙي ڪر ڪرڻ لاء ۽ عوام کي آزارڻ لاء دشمن چوندن تہ پير ٻڌي اڇي ڪڙا ٿيندا. مجال آهي جو ڪو پوئتي لوٽو هڻن ۽ عوام جو ڪو حياء يا شرم ڪن! جهڙا ڪهاڙا! پر ڪو ماڻهپي جو ڪر چڱبو تہ هڪدم ميسائيءَ سان روٽهارڪا بنجي چوندا "سنڌي آهيون. دشمن جي اک ۾ آهيون. چا ڪريون ۽ چا ٿا ڪري سگهون؟" اهو اصل ڏنڊو بغائي چڏيو اٿن. دشمن جي بچ تي ڏاڙيل ۽ ماڻهن جي چوڻ مهل غريبڙا مشڪينڙا بنجي ويندا! "بي وس آهيون!"

پاسي واري انٽرنيشنل هاسٽل جي اسلم ڪل ماني ۽ حلوو ڏنو. چي "اوهين هتي اسان جا مهمان آهيو." مون چيو تہ "آئون هتي گهر ڪريو ويٺو آهيان. اوهين نوان مهمان آهيو هن جيل ۾. ان ڪري ميزباني مون کي ڪرڻ ڪپي" انجام ڪيائين تہ ڪوبہ سامان يا شيءَ شڪل ڪپندس تہ بي حجاب گهري وٺندو. ڪراچيءَ تان شارٽ ويو تي سنڌي پروگرام ۾ زرينہ جو ڳايل "مور ٿو ٽلي" ٻڌم. وٺيو. مون سمجهيو هو تہ ميساري چڏيو اٿن.

14/7/83

صبح جو سويل اڇي انب جو رس پيتر. جيڪو ڪالهہ پرويز ملڪ موڪليو هو. ڪڪڙ جو پٽ، ڏهي، انب، انبن ۽ زيتونن جو رس. اصل مزا ٿي ويا. "جاپني پري سا مڙس چوڪري؟"

صبح جو يعقوب آيو پاڇي وٺڻ. اسانجا ٽماٽا جام هٿا ۾ مينهن هٿي ڪيرائي چڏيا. گهاٽا پوکيل بہ هٿا. وزن بہ مٽن ڳڇ هو. ڪري پيا تہ اٽي نہ سگهيا. مرچن بہ چاڙهو ڪون ڪيو. گل ڇٽيو وڃن. باقي سڪٽا ٻوٽا ٻيٽا آهن. ميها تہ اٽندي ٿي سڪڻ لڳا هٿا. ڪجهہ پٽاٽا ٽيا. باقي پيندڙيون پڙ جا پاڏا ٿيون ٻيٽيون آهن. پيندڙيون ۽ ٽماٽا راڄ وٺي ويا آهن. اسين بہ خالي ڪنهن کي ڪونہ موٽايون. اصغر ڇٽي ٿو ٽمائن جون شاخون وڍيو تا چڏيون. پاڻهي نيون ڦٽنديون.

يعقوب اڄ ڳالهہ ڪندي هڪڙو پنجابي پهاڪو استعمال ڪيو. "باجهہ مردان سوڻ ترهايان" "مڙسن ڪانسواءِ سانوڻ ۾ بہ آڇون" وٺير. هونئن منهنجو اڳ پڙهيل آهي. پنجابي پهاڪا بہ سنڌي پهاڪن وانگر زبردست آهن. ڪن ڳالهين ۾ اسين اڳيرا ڪن ۾ هي. پشتو پهاڪا ٿورا پڙهيا اٿم. پر گهٽ اهي بہ ڪونهن. ڏيڊ سؤ ڪن چوند پنجابي پهاڪا الڳ نوٽ ڪري چڏيا اٿم. سوچيم تہ "گل شڪر" پهاڪن جو ڪتاب هجي ها تہ پيٽ ڪري ڏسجي ها. هونئن گل شڪر ۾ سنڌي

پهاڪن ۾ چوٽين جو فقط هڪڙو حصو آيل آهي. دراصل لکيل سنڌي ادب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي خزاني جو هڪڙو تمام ننڍڙو حصو آيل آهي. دستوري ادبي ٻولي سنڌي عوام جي ٻوليءَ جي صحيح نمائندگي نٿي ڪري. سنڌي ادبي ٻولي نهايت محدود، نازڪ مزاج، حد کان وڌيڪ "شريف" ٻُسي، رُکي، مشيني ۽ مصنوعي ٻولي آهي. جملن جو سٽاءُ به ڪافي حد تائين هٿرادو اٿس. پر ٻين ٻولين جي به حالت اها آهي. خاص ڪري چيني ۽ جپاني، فارسي ۽ اردو وغيره مان ڪن جي حالت اسان کان وڌيڪ خراب آهي. ادب کي عوام جي ٻولي ۽ سوچ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ ايجا گهٽو وقت ۽ گهٽي جاکوڙ کپي. هزارين سالن تائين لکيل اکر گهٽي پاڳي ڦورو ۽ ظالم طبقن جو رانديڪو ۽ ٻانهن ٻڌو ٻانهو ٿئي رهيو آهي. ان کي صحيح معنيٰ ۾ ماڻهن جي ڪم جي شئي بنائڻ لاءِ به شايد صديون کپن، نه ته به ڪيئن نسل ته ضرور گهرجن.

ڪيئن شيون لکڻ تي دل چوي ٿي. "ساڻيءَ" جو تعاون رهيو ته ڪجهه نه ڪجهه ته لکبيون.

منهنجو اڪيون نمبردار فخرو عرف فخرالدوله بهادر، موتئي جا گل ڪٽي ملڻ آيو آهي. صبح سويون جو پڙيڪو ڏياري موڪلياٿين. مونکي آڻي عيد جي سلسلي ۾ سائس پاکر پائي ملڻ گهربو هو. ڏسڻ ۾ آيو ٿي ته هن جي به اها خواهش هئي. پر مونکي خيال ۾ ڪانه آئي ڳالهه. انهن ڳالهين ۾ آڏ ڪڏهن ڪڏهن بنهه چٽ ثابت ٿو ٿيان. اصل ڳالهه غير حاضر دماغ جي آهي .صبح کان نيول مئڪسويل (Nevil Maxwell) جو ڪتاب (India's China War) "هندستان جي چين سان جنگ" وينو پڙهان. دماغ همالين ۽ ڪارا ڪورم جي سرحدن ۽ دهلي، پيڪنگ، ماسڪو ۽ واشنگٽن جي وچ ۾ پيو ڦري ۽ نهرو، خروشچوف، ڪينيڊي ۽ چواين لاءِ جون ڳالهيون وينو ويچاري. سو عيد جي ڳالهه دماغ ۾ رهي ڪٿي؟ آئنده زور ڪري پاکر پائي ڪسر پوري ڪندس ۽ معافي به گهرندو سانس.

ڏنم ته ڪتاب پاڪستان جي سرڪاري نيشنل بوڪ فائونڊيشن طرفان ٻيهر ڇاپيو ويو آهي. ان ڪري سمجهيم ته ضرور پارت جي خلاف دستوري پروپئگنڊا ۽ پندي هوندي. پر ڏنم ته نهايت تحقيقي ۽ عالمانه شئي آهي. ڏوهاري نهرو ۽ پارت کي نهرايو اٿس پر وڏن وزندار ۽ ويساهيندڙ حقيقتن، ثبوتن ۽ دليلن جي آڏار تي ۽ دوستائي نموني. پاڪستان جي سامراج پرست پاليسيءَ جي سخت مذمت ڪئي اٿس.

عالمي سياست ۽ خاص ڪري ايشيائي سياست ۾ دلچسپي رکندڙن کي هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي. پارتي جمهوريت پسندن ۽ پورهيت دانشورن مان جن کي پنهنجا دماغ آهن ۽ رڳو 'هز ماسترس وائس' ناهن ۽ هر ڳالهه کي پارتي- چيني يا روسي- چيني جهيڙن جي تعصبي عينڪن سان ڏسڻ جا عادي ناهن تن

ڪي هي ڪتاب ۾ ان ۾ ڄاڻايل رڪارڊ ڪي ڇڪيءَ طرح پڙهڻ ۾ اونهي ويچار هيٺ آڻڻ گهرجي. ممڪن آهي ته ان بعد به هو ايمانداريءَ سان پنهنجي اڳوڻي راءِ تي قائم رهن. پر اهو به امڪان آهي ته هو ايمانداريءَ سان ان نتيجي تي پهچن ته پارتي- چيني جنگ بنيادي طرح عالمي سامراج ۾ ان جي پارت اندر وڏي ڪاروبار، (Big Business) حڪومت، مخالفت Opposition، پريس ۾ ثقافتي ميدان ۾ مورچا بنائي ويڙ حامين جي سازش ۾ لاڳيتي شرارت ۾ شورش جو نتيجو هئي. ان منصوبي جي ڪاميابيءَ جي نتيجي طور اول پارت سامراجي ڪيمپ ۾ ڏڪجي ويو. پوءِ چين. مڙس ڇيتون ڏيئي بيٺا آهن ته ايجان ان ڏهڻ مان نه نڪري سگهيا آهن. ان منصوبي جي ڪاميابيءَ ٽي پارت جي آمريڪا جو حاشيه بردار ۾ چين کي پاڪستان جي وطن فروش غدار عوام دشمن سامراج پرست حڪمران طبقي جي حمايت جو محتاج بنائي ڇڏيو ۾ نيٽ ڪيس عملي طرح آمريڪا جو ڇاڙتو بنائي وڏو. جيڪڏهن سامراجي ۾ سندس ڇاڙتا، هندي- چيني دوستيءَ کي دشمنيءَ ۾ بدلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿين ها ته ايشيا ۾ پارت ۾ پاڪستان ۾ چين جي عوام کي شايد اهي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا نه پون ها. جيڪي هو ڏسي رهيا آهن. اڄ حالتون جيڪر ٻيون هجن ها. سامراجي سازش جو هڪڙو ثبوت اهو آهي ته جڏهن چين، پارت ۾ پاڪستان ۾ ڊينگ شيائو پينگ، جن سنگهي ۾ جماعت اسلامي ٽائيپ آمريڪا پرست ٽولا اقتدار ۾ آيا ته امريڪا هڪدم ڪين پاڻ ۾ ٻڪ وجهائڻ شروع ڪري ڇڏيو. اڳي جيڪي جنسنگهي ۾ جماعتي (ساڳئي هڪڙي آقا امريڪا جا ڇاڙتا هجڻ جي باوجود) هڪٻئي جي سر جا ويري هجڻ جا ڊونگ ڪندا هٿا ۾ روز هندستان ۾ پاڪستان جي وچ ۾ لڙائيءَ لاءِ بچون ڪندا هٿا. سي جڏهن پاڻ امريڪا بهادر جي پاران ملڪ جا والي ٿيا يا والين جون ساڇيون ٻانهون ٿيا ته هڪدم آمريڪي پاڇي هيٺ ۾ آمريڪي مفادن لاءِ پاڪ- پارت دوستيءَ جا علمبردار بنجي ويا ۾ هڪٻئي مان ٻڪ ٻئا ڪيڻ. ڪلهه جيڪي جن سنگهي ۾ ٻيا رجعت پرست چين خلاف جهليا سي هڪدم آمريڪا جي يار چين تي عاشق ٿي پيا آهن. جن سنگهي جنتا حڪومت هڪدم امريڪا پرست ڊينگ شيائو پئينگ جي چين سان ناهه لاءِ تيار ٿي ويئي. مطلب ته "جي سامراج جا ڇاڙتا آهيو ته هڪدم پاڻ ۾ ٻڪ وجهو ۾ جي ناهيو ته هڪدم هڪٻئي خلاف لٽيون ڪٽو ۾ جنگيون ڪريو." اهو آهي فرمان آمريڪا بهادر ۾ سندس جن سنگهي ۾ جماعتي ٽائيپ ڇاڙتن جو.

هتي ڪالهه چيائون ٿي ته بنگلاديش نامظور. بنگلاديشي اسان جي غلاميءَ لاءِ مرن ٿا. جي ڪين تسليم نه ڪبو ته بنگلاديشي نڪ ۾ هٺ وجهي اوچنگارون ڏيئي اڇي اسان جي غلاميءَ جي ڇٽ ۾ سر نمائيندا. پر جڏهن ڪان پاڪستان ۾ بنگلاديش ۾ ايرين سيرين چوندڙيل ۾ ڪوڙين سڇين جمهوري حڪومتن جا تختا

اونڌا ڪرائي امريڪا ۽ سندن چاڙتا اقتدار ۾ آيا آهن تڏهن کان بنگلاديش جي منظوريءَ نامنظوريءَ جي ڪو ڀالهه ئي نٿو ڪري. نڪو جماعتيو جنرل ضيا ۽ نه جماعت سڳوري يا ليگ وغيره. ٽيڻ ته هيڻن ڪپندو هو ته پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ سامراج پرست "اسلامي" آمريتن جي قائم ٿيڻ شرط بنگلاديش جي منظوري ختم ڪري بنگلاديش کي موقعو ڏنو ويڃي ها ته هڪدم اچي پنهنجن پيارن پاڪستاني پائرن کي پيرين پٽي کانئن پنهنجي نالائقيءَ جي معافي ولي. سائڻ وري ملي هڪ ٽي ويڻ ۽ اهڙيءَ ريت پٽي ۽ يحيٰ جي سازش سان ٽٽل ملڪ کي وري يڪو هڪڙو ڪري ڇڏيو وڃي ها. پر مجال آهي جو ڪو جماعتيو اها ڀالهه ٻه ڪري ته ٻنهي ملڪن کي وري ڳنڍيون. نه هتي جو نه هُتي جو. اهڙيءَ ريت اهو ڏونگ ته بنگلاديشي پاڪستان لاءِ مٿا ٽي پر مُجيب ۽ پٽي کين زوري الڳ ڪيو. سو ظاهر ٽي پيو. ان مسئلي تي سندن خاموشي سندن جرم جو ثبوت آهي ته اهي ئي هٿا جن اهي حالتون پيدا ڪيون ۽ ڪرايون جو بنگلاديش جي عوام سان ۽ پوءِ بلوچستان جي عوام سان هي ويل وهايا ويا. پاڪستان اڌ ٽي ويو.

15/7/83

جمع صبح.

رات فخرڙ جي چيچاڻي بوٽ ڪجهه وقت نند ئي ڦٽائي ڇڏي. مونتي راتوڪا چار پهريدار مقدم هٿ، شريف، ياسين، فخرو ۽ چوٽون ڪو پيو. ٽن ٽن ڪلاڪن بعد پهرو بدلجي ٿو. پوئين رات جي پهري تي خبر ئي ڪانه پوندي آهي ته ڪير آيو ڪير ويو.

ٻن ڏينهن کان اخبار ڪانه آئي آهي. اڄ ايندي. ۱۴ آگسٽ ۾ باقي مهينو آهي. نهايت ئي بي حيا شئي سان واسطو آهي. منجهائنس هڪڙي رتيءَ جي حيا شرم جي توقع رکڻ اجائي آهي. ساڻئي پراڻي ڏونگ ۽ منافقيءَ ۾ ويڙهيل ڏاڏاگيري ۽ لاقانونيت واري ڀالهه هوندي.

صحت اڇڪلهه بهتر آهي. هڪڙي به انب کائڻ کري پيٽ ۾ سور ٿو پوي. ڪلهه ٻه انب کاڌم. طبيعت ٺيڪ نه رهي. اڄ وري هڪڙو انب کاڌو اٿم. نه کائيندس ته ڪنا ٽي ويندا. ڏسون. ڪلهه "هندستان جي چين سان جنگ" وڌيڪ پڙهيم. ۱۹۵۰- ۱۹۶۰ وارن ڏهاڪن ۾ ڪوريا ۽ ڪانگو جي جنگين ۾ اقوام متحده جي نمائندگي ڪندڙ هندستاني جنرل ٿمايا جو جيڪو آمريڪا طرف ڪافي جهڪاءُ محسوس ٿيو ٽي، تنهن جو سبب هاڻ سمجهه ۾ آيو. معلوم ٽي ٿيو ته جنرل صاحب تي ان وقت ڏاري شڪ پوڻ شروع ٿيا هٿا ته هو هندستان جو فوجي ڊڪٽيٽر ٿيڻ ٿو چاهي. ظاهر آهي اهڙين حالتن ۾ اهڙو ماڻهو اهو ڏنڊو امريڪا جي حمايت سان ئي ڪري سگهيو ٽي. هونئن به ٽين دنيا جا اڪثر جنرل

پنهنجي پنهنجي ملڪن ۾ عالمي سامراج جا چوڪيدار آهن. موقعو ۽ اشارو ملڻ شرط عوام جي ڀڃائي تي چڙهيو ويهو رهن. ڏوکڙ پٽسي جي پرواهه ڪانهي. ذري گهٽ سڄي بجيٽ سامراجي ملڪن مان هٿيارن جي خريداريءَ تي خرچ ڪن. سندن ڪميشن ويجيو اربن سان لڳي. ڪروڙن جي ڀڳالهه ڪانهي. باهران ٿي باهران سڌي ويجيو بئنڪن ۾ داخل ٿئي، بنا نالي. رڪارڊ تي رڳو نمبر. سڄي ملڪ جي دولت ۽ وسيلا الڳ وات تي. لٽ ۽ معتبري جدا. مرد آهن ۽ مرد مومن وغيره وغيره سامراجي لقب رونگ ۾. پوءِ ڇو نه آمريڪا تان قربان قربان ٿيندا ۽ مارشل- لائون لڳائندا ۽ قومي آئين جو مذاق اڏائيندا. جي هيڏانهن ڪَ هوڏانهن ته به امريڪا بهادر ويٺو آهي. سر تي اڇي ويئي ته به امريڪا ڪيئن به ڪري ڪڍي ويندن باهر. ڪوريا وارو سنگمن ري، ويٽنام وارو جنرل ٿيو. ايران وارو بني صدر. ڪموچيا وارو جنرل لان نول ويٺا ڪونه آهن، سڀ وطن فروش، قومي قاتل ۽ غدار "عزت آبروءَ" سان سامراجي ملڪن ۾ ۽ بئنڪن ۾ سامراج پاران سندن نالي جمع ڪرايل معاوضي ۽ پگهار جي ڪروڙين اربن جي رقمن سان الوليون ڪونه پيا ماڻين؟ ها باقي وچ ۾ ٽين ڦون ڪيائون ته پوءِ سرجو خير ڪونهين ۽ وجن ويٽنامي "صدر" نڪودن ديرِ وانگر چنڊي ٿيو.

هن ڪتاب ۾ ان دور جي ڪيترن پارتي جنرلن سان دعا سلام ٿي آهي. جنرل ٿمايا، ۱۹۶۰ واري چيف آف آرمي اسٽاف جنرل پي اين ٿاپر، چيف آف دي جنرل اسٽاف ليفٽيننٽ جنرل ڪول، ڊپٽي چيف آف دي جنرل اسٽاف ميجر جنرل جي ايس ڍلون، ليفٽيننٽ جنرل پي. ايل. سين، جنرل آفيسر ان ڪمانڊ ايسٽرن ڪمانڊ، ليفٽيننٽ جنرل امرائو سنگهه، ڪمانڊنگ آفيسر ۳۳ ڪور، ميجر جنرل نرنجن پرساد، ڪمانڊنگ آفيسر ۴ ڊويزن ۽ بين سان.

پاسي وارن ڪلهوڪا برتن واپس گهرايا. اسان ۾ اهڙو افعال ڪونهي جو هن کي به ڪٽي ڪجهه تيار ڪري ڏجي. صبح سان گرمي شروع ٿي ويئي آهي. ايا اٺ به ڪونه ٿيا آهن تڏهن ٿي. ايا اصغر پيدا ڪونه ٿيو آهي. جمعي جو ڏينهن آهي ويچارا آرام ڪندا ڪجهه. ڪلهه علي اڪبر پٺاڻ اڳوٽو برداشتي عيد ملڻ آيو. شربت پياريو مانس. باقي ياڪر پائي ملڻ وري به وسري ويو. چيائين "اسان سان مَنائون واري جيل ۾ لڪ لڳي ويا. جيل ڪونهي، تنبو آهن جن تي پهرو آهي، صبح جو سويل ۳ بجي اتارينداِ هٿا ڪر تي. رات جو ۸ بجي واپس ڪندا هٿا. گرميءَ جي باهه، جهڙا ٽاندا. روزيدارن کي چون ته روزا پاڻ لاءِ ٿا رکو. خدا ڄاڻي اوهين ڄاڻو. اسان جو ڪجهه ڪونه وڃي وچ ۾. اسانکي ڪر ڪپي. ڪٽي ڪوڏي، ڪٽي سٽر جيڏي ڪلرائي پاڻي ۾ ڪنڊن ۾ پيا گهمندا هٿاسين. ڪر ڪريو اڏ مٿا ٿيندا هٿاسين ته مٿان موچڑا. ٽٽ ڦوس تي ماريو ماريو اجهايو رکندا هٿا. مالهي رشوتخور، جيڪو پٽسا نه ڏئي سگهي تنهن تي موچڑي جو سٽکو..... ڪالهه

هڪڙي قيدي جنهن کنهن جيلر جو پورو ادب کونہ ڪيو هو تنهن کي پئي ماريائون..... اوپري بنگلن ۾ جتي اسين ڪم ٿا ڪريون، اتي به ستڪن جا آواز پئي آيا.... ڏاڍا ظالم آهن..... خدا دشمن کي به هن وٽل کان بچائي....." اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيس. صحت ڪجهہ ڪمزور اٿس. ماٺهو به پلو ۽ نرم دل آهي. ميرا ليڙون ليڙون قيدي ڪپڙا، پيرن ۾ ٻيڙيون، اکين ۾ ڳوڙها. چيومانس "مارون موچڙا، بي عزتيون، ظلم زيادتيون پاڻ غريب ماٺهن کي وڌن کان ورڻي ۾ مليون آهن. ننڍڙي هوندي مسڪين مائٽن کي جڏهن دنيا ستائيندي هئي ۽ پوءِ وري هڪٻئي کي ستائيندا هئا تڏهن کسرون ٻارن مان ڪيندا هئا. وڏا ٻار ننڍن ٻارن، پينرن کي مارينداِ ۽ انهن کان شيون کسي کائي ويندا آهن. پاڙي جا چوڪرا ڪمزور ٻارن کي مارينداِ ۽ بي عزت ڪندا آهن. وڏي هوندي ٻنين، گهرن، اسڪولن، آفيسن، اسپتالن، بازارين، ٽائن، جيلن ۾ پاڻ مسڪين ماٺهو موچڙا کائيندا ۽ بي عزت ٿيندا رهندا آهيون. اهو قلم رکو توسان نہ سڄي جهان سان لاڳو آهي. ان جو علاج آهي پڪو ٿيڻ ۽ سمجهہ ۽ ہڏي حاصل ڪري ظلم سان ويڙهہ ڪرڻ، توڙ تائين جاکوڙ ڪرڻ، سمجهہ تہ گس هلندي ڪٽن چڪ وجهي سٽڻ جو ٽڪر ڪڍي ورتو. ان تي ارمان ۽ غصو ڪبو پر پاڻ کي هٽي ليزم ڪري ڪونہ رکبو. انهن ڪالهين کي هلي چلي ڪري ونبو. انهن مان سمجهہ پرائبي. قوت گڏ ڪبي. هڙو پلو جوان آهين، توکي اهي پاڙيا ماري ڪهڙو ميائي سگهندا؟ ۽ تي مهينا مارون موچڙا کاڌاسين تہ ڪهڙا لهي پونداسين؟ پاڻ وري مچي موري مڙس تي پونداسين. اِهي پاڙيا اتي پيا ٽڪون جهلينداِ ۽ ذلالتون ڪندا ۽ ڪتي جي زندگي گذارينداِ رهجي ويندا...." ڪجهہ ڪجهہ، ۽ تي ٽڪا، مڙسي موٽي آيس. ڪجهہ مرڪيو. پڇيو مانس "ٽنگ ٻانهن تہ ڪاڻ پکي؟" چيائين "نہ! نہ!" "بس پوءِ ڇاجي پرواهہ آهي؟" چيائين "ها، ويو وقت گذري. وري سڀ ٺيڪ ٿي ويندو....." ٺٽي جي درس جي شربت جو گلاس پي. موڪلائي ويو. ڪيس ٻڌايو هئر تہ وڏي پڇت کان پوءِ سندس ۽ سؤ روپيہ جيڪي امانت طور مون وٽ رکيا هئائين ۽ مون ٻئي وٽ رکيا ۽ اهو جيل کان هليو ويو هو اوچتو، سي موٽائي هٽ ڪيا هئر. خوش ٿيو.

رات قلم ڏني سين "ظالم". سليم ۽ ٻئي سندس پائيوار جن جي شنڪر جئيڪشن موسيقارن جي جوڙيءِ وانگر ڪهاڻي ۽ فلمي اسڪرپٽ لکڻ جي جوڙي آهي تن جي لکيل ڪهاڻي ۽ اسڪرپٽ تي ٻڌل فلم هئي. سوچيم هر ڪهاڻي ۽ اسڪرپٽ جو ۽ ۽ چار لک روپيا معاوضو وٺن ٿا. هيڏو نالو اٿن (اميتاب بچن ۽ سندن ڪمال ۽ ساڪ جي تعريف ڪئي آهي) تنهن ڪري فلم ڪا هوندي. پر "نانءِ بڙا ديهہ بيران" هئي. ڪهاڻيءِ جو مرڪزي خيال معمولي نالي جو "نٽون". پلاٽ ناقص ۽ تفصيلن ۾ چٽ هو. فني طرح آڪاڻي ۽ ان جو نباهہ ٻاراڻي

معيار جو هو. لينا چندروڪر هيروئن جي اداڪاري اڳي ڪان بهتر هئي. "پر وچ ڪڏي ڪيري تي"، ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال ۽ پلاٽ ئي بوگس هوندا تہ اداڪاري، ڊائلاگ ۽ فوٽوگرافي ڪهڙا ڪاڙها ماريندا؟

16/7/83

صبح.

ڇڪر ڏيئي اڇي ميدان ۾ پيل ڪٽ تي ويٺو آهيان. انور صبح سان اڇي چٽڪار ۽ واري جي ٻهاري، ٽاري ڪي لڳو آهي. رات گرمي هئي. هينئر ٿوري ٿوري هوا لڳڻ شروع ٿي آهي. "هندستان جي چين سان جنگ" ويٺو پڙهان، عجب جهڙيون ڳالهيون آهن. ماٿهن سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن قومن کي به چرپڙ جا دورا پوندا آهن. اسين هتي ان دوري مان لنگهي رهيا آهيون گذريل ٣٦ سالن کان. هندستان انهي جنگ جهيڙي دوران ان دؤري جي اثر هيٺ ٿي ڏنو. هتي وانگر اتي به مٽان کان وٺي هيٺ کوڙيءَ کي گهمرو هو. سڄي ڳالهہ جو فائدو نڪي هندستان جي عوام کي ٿيو نڪي خود پنڊت نهرؤ کي ٿيو. فائدو ٿيو امريڪي ۽ برطانوي سامراجين جو، جن جو ذري گهٽ هندستان جي اقتصاديات ۽ سياست تي قبضو ٿي ويو ۽ ڪروڙن جي فوجي اسباب جا آرڊر ملي وين ۽ سندن هندستاني سياسي، سول ۽ فوجي چاڙتا ري ڏني، ري ورتي، مفت ۾ ملڪ جا دودا بنجي ويا. نهرؤ کي هشڪاري ۽ پيپون ڏيئي ڪيس چين سان ويڙهائڻ جو مقصد پورو ٿيو. ساڳئي طرح امريڪا پوءِ وري چين جو پڳ مٽ يار بنجي ڪيس پيپون ڏيئي، هشڪاري ڪيس ويٽنام کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ ڪانئس ويٽنام تي حملو ڪرايو ۽ چين کي سڄي جهان ۾ خوار خراب ڪرايو ۽ سندس سياسي ۽ فوجي آبرؤ تان اڇڙي لهرائي.

١٢ ٿي ويا آهن. پر اخبار ايجا ڪانہ آئي آهي. پاڙي وارا جوان اسانکي رهائڻ جي ڪرڻ بدران لڏائڻ جي پيا ڪن. اڄ وري بہ ماني موڪلي اٿن. اسين ڇا موڪليون؟ آهي تہ سيڪي پيو، پر ياد ڪري موڪلي ڪير؟ جلندر ريڊيو پنجاب (شايد اوير پنجاب؟) جي شاديءَ جي ڪيچن ۽ سائن سوٽن بابت فيچر پيو پيش ڪري. ڏنون عجيب ۽ نيون آهن پر ڳائڻ واريون خاص ڪونهن.

ڏاڍي گرمي آهي! پنکو ٽاپ تي رکيو اٿر پر گرميءَ کي جڙ پنکي جي خبر ئي ڪانهي! اصغر اخبار وٺڻ جي بهاني غائب آهي. سجو ملڪ مولا جو ڪهمي ڦري ڪر ڪار لاهي پوءِ اخبار رنگائيندو ايندو. چي "اجهو هينئر مسين ملي آهي!" ماڻون ويچاريون شئي شڪل وٺڻ لاءِ ٻارن کي گهر کان ٻاهر موڪليندیون آهن. پوءِ اهي ٽيا وس وارا. جڏهن کپين تڏهن موٽن. بهانا کوڙ! مون سان بہ اهو قصو آهي. البت خاص نہ. "هندستان جي چين سان جنگ" پڙهي پورو ڪيم. اهڙو

ڪتاب پاڪستان جي حڪمران ٽولن ۽ سامراجي چاڙتن ۽ رجعت پرستن جي ملڪ دشمن، بدمعاشين ۽ گڏهپاين بابت به هجڻ گهرجي. خاص ڪري بنگلاديش ۽ بلوچستان ۾ سندن حماقتن ۽ ظلمي ڪارستانين بابت.

شام. جلندر ٿي. وي تان لاهور جو فنڪار حسين بخش پيو ڳائي. هندستاني ڪمپيئر پيو چوي "هاٿي چا ڳائيندو؟" "ڪافي" "هاٿي ڪافيون ٻن قسمن جون آهن. هڪڙي سنڌي ڪافي ٻي ملتاني. توهان ڪهڙي ڪافي ڳائيندو؟" "ملتاني" هاڻ فريد جي سسئيءَ مان ڪافي ڳائي پيو. چئبو ته سنڌي پيروي ۽ سنڌي ڪافيءَ جي ڪري اسين به هندستاني راڳ ۾ آهيون، هو يار به ڪي جغادري آهن. هي ڳائي بلڪل معمولي نمونو پيو پر هن همراهن اڇي ڪنيو اٿس. "واهه! واهه!" جي ڏمر آهي. هي يار سچي پچي پائٽي پيو ته ڪمال پيو ڪريان، سو ونيو پلٽا هٽي. "ڪيا ڪهنا!" "سبحان الله!" لڳي پئي آهي. دل ۾ پڪ چوندا هوندا ته ڪهڙي چپ مان قاسي وياسون. دراصل پنجابي يا سنڌي ڪلام مصنوعي طرح اردو غزل جي طرز ۾ ٺڏي لئي ۾ ڳائڻ ڪلام جي ٻيڙي ٻوڙڻ آهي. اهو مرض جهڙو فيشن، مهدي حسن شروع ڪيو آهي ۽ هتي راڄ ان ۾ ونجي ويا آهن. ڏاڍا ٻچڙا تا لڳن ان لکنوي، دهلوي نقاليءَ ۾. هر قوم جي راڳ جو پنهنجو ڳائڪيءَ جو انداز به هوندو آهي. ادب ۽ ٻئي فن وانگر راڳ ۾ به سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل جون ڪي حدون هونديون آهن. انهن کي ٽپبو ته انڊي نقاليءَ جون سرحدون شروع ٿي ويندیون.

17/7/83

صبح.

ٺڏي هير پيئي لڳي. اردو سروس تان لتا جا ناهوڪا گانا پيا اچن. فرينچ ادب جي اوسر بابت وينو پڙهان. پڙهيو اڳ اٿم. هن پيري ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش پيو ڪريان. يارهين صديءَ جون خبرون پيو پڙهان. ناشتو ڪونه ڪيو اٿم. پانيان ته چوانس ته فخرؤ واريون سيويون ناهي. ڪئين مهينا ته ڪاڏو ڪائي نه سگهبو هو پيٽ جي خرابيءَ جي ڪري. ڪاڏي جو ٻڏي بار محسوس ٿيندو هو. هاڻ حالت بهتر آهي. صفا ٺيڪ ته نه پر بهتر.

هوا تيز پيئي لڳي. اصغر ڄمونئن جي پاٽ پري ڪٽي آيو آهي. ڪائين جا ٽڪرا ڳنديو، هڪڙي وڏي چڙ ناهي، انهن سان هن وارڊ جي سامهون ٻيئل ڄمونءَ جي وڻ مان چاٽي آيو آهي. ڪلهه ٽيون ڏينهن به آندائين. مون چيس "هاڻ پاڻ چوريءَ جي مال تي هري ويا آهيون. پر خير مهاڳي جي حق جي ڪري اهو پٽ پنهنجو آهي. سرڪار کي ڳالهه نه وڻي ته اسان جي مهاڳي واري زمين تان پنهنجو

جمون پتائي ڪٽي وڃي ٻئي هنڌ هٽي." چيائين "نہ سائين، حق پنهنجو آهي. وڻ جي خدمت ئي پاڻ ڪئي آهي. ٻيا رکو مفت جا کايار آهن. پاڻي روز آڻ ڏيان." جمون ننڍا آهن پر لذت اٽن.

رات شريف مقدم پنهنجي پٽ جون خبرون پٽي ٻڌايون. چي "سيالڪوٽ جو قلعو هن جيل کان به وڏو آهي. پر اوچو اهڙو جو يڪساهي مڙس مٽي مشڪل چڙهي سگهندو. مٽان بيهي هيٺ نهار ته هيٺ ٽانگا ائين نظر ايندا جيئن ماکوڙيون. گرمين ۾ شام جو شهر جا سکر ماڻهو سپ قلعي جي چت تي وڃي ويهندا.

اتي درگاهه به آهي. ويهڻ جون جايون به عاليشان آهن.... مزو هيڊ مرالي تي آهي جتي چناب مان واهه نکرن ٿا. هر وقت ٽڏ ڪار. ساوڪ، رونقون لڳيون پيون هونديون. ماڻهون ٻارين ڇڻين، مانيون پچائي اچي ويهن ۽ مانيون کائين ۽ وهنجن.... چناب بادشاهه درياءَ آهي. پريو مٽ، مانيٽو. ڪوڏيءَ جو نقصان ڪونہ رسائيندو. ڪو پلي ڪنڊيءَ تي ڪٽ وجهيو ستو پتو پيو هجي. نالو ڪونہ ونندس. باقي راوي نقصان ڪارا ۱۲ ميلن تي ستل ماڻهون به ائين نہ سمجهي ته سلامت آهيون. اسان جي مائٽن جو ڳوٺ راويءَ کان ۱۴ ميل پري هو. هڪڙي رات ستا. صبح جو ٻين ڳوٺن جا ماڻهو اچي ڏسن ته ڳوٺ آهي ئي ڪونہ، راوي پيئي وهي! اڄ هتي، سيائ او هتي! نانگن وانگر وراکا ڏيندي، ماڳ ۽ وهڪرا بدلائيندي نقصان ڪندي هلندي. راوي درياءَ ته ڪونهي شيطان آهي. سڄو ڏينهن شيطان گيريون ڪندي." مون پڇيس "پلا ستلج؟" "ستلج جو به اهو وڏ ڪونهي. اهو به درياءَ آهي، شيطان ڪونهي، نيلي به ائين. نيليءَ کي پارت وارا ٻڌي بند ڪري ڇڏين". مون چيس "باقي ٻيو درياءَ ته آهي ڪونہ جنهنکي نيلي سڏجي. هڪڙو بياس آهي". چيائين "اهو! نيلي ان ڪري چونس جو بياس جي چاڙهه تي جيڪو ڪنڊين ۾ گاهه ٿو ٽئي، اهو گاهه جيڪا مينهن چرندي سا کاريءَ مان مٽجي نيري ٿي پوندي، نيلي مينهن جو ڪير ناهي معجون ۽ مومڙيائي آهي! مينهون به نيليءَ جون ڇٽي ڪٽي بس ڪر!" "ٻيو چا ٽئي اتي؟" "ٻيو ٽئي بلئڪ" "ايڃا؟" "ها بلئڪ وارا درياهه جي ڪنڊيءَ تي اڏا ۽ مورچا ناهيو وينا آهن. پوليس چوڪين ۾ سڪَ آهي. باهر نکرن ته سر جو خطرو اٽن. هيلن ۾ ساهه هر ڪنهن کي پيارو آهي" سندس ڳالهين مان سمجهيم ته "بلئڪ" سمگلنگ کي ٿو چوي. "بلئڪ وارا ٽائر ڪنيو وجهن درياءَ ۾. انهن مٽان پٽيون ڪاٽ جون هٽي چڏيندا. انهن تي رکندا سامان. ٽائرن ۾ ڪاٽ جا مُڙيا به بنائي هٽي چڏيا اٽن. بس پوءِ سامان ٽائرن مٽان، سندن هٿ ٽائرن جي مڙين ۾. الوڙي واهي! ويندا لڙهندا. پوليس پهچي ڪٽان؟ پٽي فائر ڪري رڪارڊ جي پورائي ڪري وڃي ويهي رهندا.

پوءِ پتيون رکيو ويٺا آهن بلڪ وارن سان. پان جا پتا، سوپاريون، ڪپڙو ململ جو ۽ ٻيون ڪٿين شيون اڇن ٿيون پارت کان. هتان چانور ۽ سُيون وڃن..." "سيون؟" "اهي ڪونہ جيڪي ماٿهون نشي لاءِ هٿائيندا آهن؟" "هيروئن؟" "ها ٻيون ڪٿين نشيدرا شيون، امير ونڻ. غريبن جو ڪر ڪونهي. ڪروڙن جو نفعو. ٻيو پٽر گهٽو ٿو وڃي" "پٽر؟" "ها" اهو ڪونهي جيڪو سوات ۽ ٻين هنڌن تي نڪري ٿو؟ مهانگو آهي." "زمرد؟" "ها ٻيا ٻہ ڪيٿن قسر آهن. پارت ۾ جوڏ پور جو ملڪ ڪو آهي؟" "ها جوڏ پور جو شهر ٻہ آهي." "اتي وڃي ٿو پٽر. اتي چيري ان مان هيرا ناهين تا. هتي پوليس وارا آيا هئا. هن جيل ۾ هڪڙو هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ٻيا ڪنسٽيبل انهن لکين روپين جا قيمتي پٽر پڪڙيا. ڪيس چالان ٿيو. پٽر نڪتا نڪما، رواجي. جوابدارن چيو "پٽر اهي ناهن، ٻيا قيمتي آهن" پتو پيو تہ ٻيا سچا پٽر پوليس وارا کائي ويا آهن. انهن جي جاءِ تي نقلي ڪوڙا، پٽر ڪورٽ ۾ پيش ڪري ڇڏيائون. هڪڙي پوليس واري سچي ڪري وڌي. لکن جو مال هو. چار چار سال ٽيپ وئي هتي آيا." سوچيم تہ زمرد مان هيرا تہ ڪونہ ٿهندا پر زمرد قيمتي پٽر آهي. اصغر پيو چئي "سرجي! رات هڪڙي قوالي واريءَ ڪمال ڪري ڇڏيا! بس دنگ ٿي ويو. اسلم پهلوان بيد مار (١) ٻہ چوي ٿو تہ ڳالهہ ختم ٿي ويئي! هن کان وڌيڪ قوالي ڪنهن کانہ ڳائي. هندستان جي مسلمانڻ هئي." مون چيس "مون ٻڌي آهي. واقعي ڪمال جي ڳائي ٿي قوالي." يعقوب 'ڊيوٽي- بوڪ' کي گهرايو سون. هينئر آيو. خبرون چارون ٿيون. عالم لوهار جي ڳائڻ جون خبرون ڪيائين ۽ ريشمان جون ٻہ. آرائين ذات وران تان چرچا ڪيائين. اسان جو اصغر ٻہ آرائين آهي. "شريف النفس" ضيا ٻہ آرائين آهي. يعقوب چيو تہ "حڪومت آرائين جي آهي." آسمان ۾ جهڙ آهي. هوا ٺڏي پيئي لڳي. ڪراچيءَ تان يوسف پيو ڳائي "سڃڻ جا ساريو سانگ. آئون ويئي روز رڙان الا!" سويل پروگرام سورج شاخون ڪيون ٻہ ٻڌم. قمر شهباز پئي ڳالهايو. سوچيم "هتان جا ساڳيا ماٿهون شاعر ٻہ آهن. نقاد ٻہ، ڪهاڻيڪار ٻہ، ٿي- وي لاءِ ڊراما ٻہ لکن تہ ڊرامي ۾ ڪر ٻہ ڪن. اسان جي ماٿهن کي ٻہ هر فن مولا ٿيڻ کپي." اڄ ٻہ اسپتال ڪونہ موڪليائون. ايس- پي جواب تہ ڪونہ ڏيئي ڇڏيو آهي تہ 'بغير هٿ ڪڙيءَ جي اسين ڪونہ وئي ويندا سون؟' صبح کان سوچيندو رهيو آهيان تہ ائين ٿيو تہ پوءِ ڪهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا ڪجي؟ استادن جو سبق آهي تہ "جي سموري احتياط جي باوجود جهيڑو ڪچيءَ ۾ پئجي وجي تہ پوءِ پوئتي نہ هٽجي. پائي پوري ڪجي. پر هونئين پنهنجي مرضيءَ سان. سواءِ واجبي سبب جي، سواءِ صحيح مسئلي جي آڌار جي،

---

(١) بيد مار- قيدين کي ڏنڪا هڻندڙ.

وقت ۾ جاءِ جي صحيح چونڊ جي، سواءِ پوري پوري ويچار، رڌابنديءَ، تياريءَ ۽ ڪٽڻ جي پڪ جي ڪابہ ويڑھ شروع ڪرڻ نہ گھرجي." ان اصول جي روشنيءَ ۾ چا ڪجي؟ رڻ جي امڪانن ۽ نتيجن تي ڀيو سوچيان:

"آئي تنھنجي سار او يار
او پرڊيھي، او پرڊيھي."

سينگھار علي سليم، اياز جو ڪلام ڀيو ڳائي. صحيح ماڻھو آھي، ان قسم جي ڪلام لاءِ. لڳو!

"آءُ آرياڻي اوري، مان دامن لڳي آھيان،
دامن لڳڙي آھيان، تنھنجي دامن لڳي آھيان."

جواب ناھي خورشيد بيگم جو! چا ڏنون ھوندیون اٿس! چا آواز ۾ جھانءِ! شايد سادي سودي ۽ مسڪين آھي تنھنڪري ريڊيو وارا لفٽ نٿا ڏينس، نہ تہ ھيڙو آواز پنھنجو مٽ پاڻ آھي. خواجہ امداد ۽ غلام حسين کي شرمائڻ ڪپي! اجھو اچي ويئي ٿمينہ!

"برھ بيراڳي ڪيو، ڙي جيڏيون، برھ بيراڳي ڪيو.
مون کي درد ديوانو ڪيو، ڙي، جيڏيون برھ بيراڳي ڪيو!
پيچو ڳيم طيب ٻيا، مونکي نينھن نيو.
مونکي نينھن نيو. مونکي نينھن نيو."

ڏن محمد جمن جي ناھيل آھي. پڪ. ڀيو ناھي نٿو سگھي اھڙي. جمن بہ الائي چا آھي! پر چريو مست! دنيا داري ۽ پبلسٽيءَ جي قصي کان اڻ واقف، بَندِ جو بَندا! ھيڙو تخليقي ذھن، ھيڙو "ڪين" مان "ڪي" بنائيندڙ ماڻھون سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ ۾ ڀيو ڪونھي. ڪنور جو آواز ٻي شئي ھو. پر سندس ڏنن جو دائرو محدود ھو. جيوڻي بہ اٽين. سنڌي ڪلام، خاص ڪري شاھہ جي ڪلام جون ھن جيڪي ڏنون ناھيو آھن اھڙو ڪر ھتي پنجاب ۾ بلي شاھہ ۽ فريد تي بہ ڪونہ ٿيو آھي. جيڪڏھن شاھہ لطيف کي ڪنھن سندس شايان شان موسيقيءَ جو لباس پھرايو آھي تہ اھو اعزاز استاد محمد جمن کي حاصل آھي. دراصل ھن جي ڪمال ۽ ڪر تي سنڌ ۾ ويچار ئي نہ ڪيو ويو آھي. خود ھن بہ نون شاعرن جي ڪلام تي پورو ڏيان نہ ڏيئي پاڻ سان ظلم ڪيو آھي. ڪيس

نون شاعرن جي ڪلام جون ڏنون بہ ٺاهڻ ڪين ۽ پنهنجي فن ۾ واڌارو ڪرڻ ڪين. پر يار ٻڌي چو ٿو؟ سنڌي ماڻهوءَ کي "ڏينهن جو ملي تہ رات جي ڪهڙي پرواهہ" هڪڙو هنر آهي تہ ٻئي جو ڪهڙو ضرور؟ هيتري شهرت آهي تہ وڌيڪ ڪاميابيءَ جي ڪهڙي گهرج؟ پر سڀ- طرفن، گهڻ- ڳڻن. هر فن مولا ۽ ڏينهان ڏينهن نوان واڌارا ڪندڙ. اورچ ماڻهن جي جيتري سنڌ کي گهرج آهي ۽ سابہ اڄ، تهڙي ٻي ڪنهن قوم کي ڪانهي. بهرحال سنڌي راڳ جي تاريخ ۾ محمد جمن جو ڪر ٻي مثال آهي.

"پرت جا پير پري اڄ
سڄڻ اڄ قرب ڪري اڄ."
سليمان شاهہ باهيون ٻاريو ٻيٽو آهي.

اصغر ٻوٽ جا ڏاڪا ڪٿي آيو آهي چڪر مان. منهنجو ٻي- ٽي ٻوٽ بہ ڦاٽي ويو آهي ۽ ڏاڪا بہ ٽٽي ويا آهن. ململ جون قميصون بہ ڦاڙندیون وڃن. خدا ڪري هي اونهارو ڪيڏي وڃن. ٻيون قميصون هن گرميءَ ۾ پائڻ ناممڪن آهي. ڪالهہ علي اڪبر پٺاڻ روانو ٿي ويو مردان پنهنجي ضلعي جي جيل ڏانهن. موڪلائڻ آيو. ڏاڍو خوش هو. سؤ رپيا ڏنامانس. خدا ڪري واپڳون وات ٿي ڪسي نہ وڃنس. موڪلائڻ مهل روئڻ هارکو ٿي ويو. ڏاڍو قربائتو ماڻهو آهي. نيٺ اخبار آئي آهي. عجيب قسم جو هوائي توڙي ٻيون خبرون آهن. خبرن جا ڪي سرا هي آهن. "سردار قيوم حڪومت ۽ سياستدانن ۾ مفاهمت ڪرائيندو." "رٽيل سياسي پجري بابت سياسي اڳواڻن جي راءِ حاصل ڪئي پيئي وڃي." "وفاقي، صوبائي وزارتون جلد ٽوڙيون ويندیون." "يوم سياهہ جي ڪري ٿي حڪومت سياسي پجرو ڏيڻ تي مجبور ٿي آهي... ڪنور قطب الدين." "نوراني ميان جي نالي نوابزاده نصرالله جو خاص پيغام." "آئون ملڪ جي ڪنهن بہ حصي ۾ وڃڻ لاءِ وس وارو آهيان. شيرباز مزاريءَ پنهنجي نظر بندي جي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي." "نامزد حڪومت ۾ ڪوبہ عهدو قبول ڪرڻ وارن جي پارٽي ميمبري ازخود ختم ٿي ويندي." "چيئرمين جي غير حاضريءَ ۾ استيئرنگ ڪميشن کي فيصلي جو اختيار ڪونهي. ڪارڪن مايوس آهن. ممتاز پٽو." "سياسي جماعتن جي نمائندن تي مشتمل سياسي حڪومت جي قيام جو امڪان. صدر ضياءُ الحق." "ان حڪومت جو غير فوجي صدر هوندو." "سياسي حڪومت چوڏن جي تاريخ جو اعلان ڪندي." هن خبر جي آخري سٽ آهي. "انهن حلقن جو چوڻ آهي تہ ان تجويز مطابق غلام مصطفيٰ جتوئي وزير اعظم جي حيثيت ۾ قسم ڪٽندو." "آمريڪي سفير جي غلام محمد بلور سان

ملاقات." "اهو سفير سريلنڪا ۾ آمريڪا جو سفير آهي." حڪومت حسب دستور آفيسي خبرون ڇپائي ماڻهن کي جدوجهد جي ضرورت ۽ ان لاءِ تياريءَ کان غافل رکڻ جي ڪوشش پيئي ڪري.

18/7

جا، توسي نهين بولون ڪنهيا!
راهه چلت پڪڙي موري بيان!
جا، جا، توسي نهين بولون!

لتا نيم ڪلاسيڪي رنگ ۾ گيت پيئي ڳائي. ٽڏي هوا پيئي لڳي. اوماگر غزل پيئي ڳائي. آواز رسيلو اٽس. ڪلام مڙيئي آهن.

ٻه پهر. اردو سروس تي انبن بابت ڪچهري پيئي هلي. بمبئي جي الفانسو، ها فوسي، مدراس جي حمام، لنگڙو، چونسا، خاص الخاص ، سرولي، سفيدا، سرخا، ٻين جنسن جو ذڪر پيو هلي. تخمي ۽ قلمي انبن جي ڳالهه آهي. انبن جي ڳالهه ائين پيئي ڪجي جڻ ڪنهن محبوب جو ذڪر آهي. چي "انب نازڪ مزاج آهي. منو، رسيلو خوشبوئن ۾ ويڙهيل آهي." هڪڙو لکندو جو مير صاحب پيو فرمائي. "دنيائي انبہ" (انب جي دنيا) کي اهڙا عاشقان انب ۽ فدايانِ انب ڪين جيڪي انب لاءِ عمريون وقف ڪن ۽ جگر جو خون زمين تي هاري انب جي عظمت کي بلند ڪن." "ماشاءَ الله!" "ماشاءَ الله!" جو شور مچي ويو آهي. انب جي وڻ جي خوراڪ ۾ مصري ۽ گلاب جي پاڻي ملائڻ جي ڳالهه پيئي هلي. پريل پيٽن جون ڳالهيون ٻه ٻڌڻ جهڙيون آهن. امروهه، مليح آباد، بنارس، مرشد آباد، نوابن، راجائن جو ذڪر ڪني ئي نڪو.

19/7

الائي ڪٿي، هندوستان، پاڪستان جي ڪنهن اسٽيشن تي ستار پيئي وڄي! پيرويءَ جا اداس، اداس، منا، منا سر. جڻ ڪا فراق جي ماريل پنهنجي پريم جون ڳالهيون پيئي ڪري. ياد جون لهرون اڇن وڃن پيون. پهرين نظر، ماٺا، انڪار، اقرار، انجام، انتظار، وصل، سرمستيون، وڇوڙا هاڻ يادگيرين ۽ پڇتائن جون اداس اداس، سُڃيون سڃيون ۽ پوءِ ٻه آباد آباد، سر سبز ۽ سدا بهار وايون. وڇوڙو ۽ موت جڻ ويراڳي پيرويءَ جا ويس مٽائي، سندس روپ ونيِ، امر وصل ۽ زندگي بنجي ويا آهن. زهر ڦري امرت ٿي پيو آهي. لتا ڇو ته ڪرڪَنَ ڏيو ويئي اها ڳالهه ٻڌي. شروع ٿي ويئي آهي.

پنچهي بن مين پيا پيا گاني لگا!

اڄ انديشو هو تہ آمريڪا وچ- آمريڪا جي انقلابي ملڪ نڪاراگئا تي پاسي واري ملڪ کان حملو ڪرائيندو. صبح جو خبرن ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ هئي. سي- آئي- اي حملي جون تياريون ڪري ڇڏيون آهن. هيڏانهن جپان جي اوکنياوا ٻيٽ تي جپاني هوائي فوج آمريڪا جي ائٽر بردار هوائي جهازن سان گڏ جنگي مشقون ڪيون آهن. جپان وري ڪوريا کي ہ ارب ڊالر ڏنا آهن. آمريڪا جپان ۽ ڏکڻ ڪوريا جو سياسي ۽ فوجي سازباز وڌي رهيو آهي. موجوده جپاني حڪومت اڳئين کان ہ قدم اڳتي وڌي آمريڪا کي ہڪ وجهيو ويئي آهي. پئسفڪ مها ساگر ۾ آمريڪا ہ ٻيا ائٽر بردار جهاز لاڻا آهن. پئسفڪ ۽ هندي وڏي سمنڊ تي مارو ہڌي ڏنو اٽس. ڏکڻ ڪوريا ۾ نيوڪران بمن جا آمريڪي اڏا ٻيا ڏهن. دنيا جي عوام جي وڏي گهٽائيءَ کي پنڌ کان پڙهڻ ياد ڪونهي، پنهنجي روز مره جي عذابن ۾ آهن ويچارا. تن کي خبر ئي ڪانهي تہ سندن ۽ ٻين دنيا جي انسانن لاءِ سامراج جو آدمخور کهڙا ويڙهہ ٻيو ڪٽي، کهڙيون خوني ڪوڙڪيون ۽ سرکڻ ڦاهيون ٻيو تيار ڪري!

"ايڏا نہ ڪر ناز، جاني! ايڏا نہ ڪر ناز!
ماريو تنهنجي انداز! ايڏا نہ ڪرناز!"
خورشيد بيگر! چا گلو آهي. چا ڏن ۽ چا ٻول!
"جتي ليار پيرون، پٽن تي پچن ٿا،
اتان منهنجا مارو، ميارون مُکن ٿا."
"ٻول، ڏن ۽ آواز ٽيئي واهہ جا آهن.
هلي آ، هلي آ، قرب ڪري هلي آ."

اڇڪلهہ گيت ۽ غزلن ۾ ٻين يارن جو ڪو ڏک نشان تي لڳي ٿو. پر استاد بخاري وسئون ڏک ڪونہ ٿو گسائي. خوشقسمتيءَ سان ڏنون ڏاهيندڙ ۽ ڳائيندڙ ٻہ سڻا مليا اٽس. اصل مندءِ تي ٽِڪا فلمن لاءِ گيت لکي ۽ ڏنون ڏاهيندڙ اڳوڻا نہ پر اهي هجن جيکي ريڊيو لاءِ ڏنون ڏاهين ٿا تہ ڪي ڪر تي وڃن! ساحر لڌيانويءَ جي گيت جون سڪون لهن جيکر! پر سنڌي فلمن جي نصيب ۾ گيت کار رشيد لاشاري يا ان جو ڀاءُ، ٻيو ڪو هوندو ۽ ڊئريڪٽر جناب حسن شيخ وغيره وغيره. ڪهاڻي ڪابہ نہ. ڊائلاگ سڪي لفاظيءَ تي ٻڌل.

20/7

رات عبدالقادر جوٽيجي جو اردو ڊرامون "ديوارين" ڏٺم. پير پٽي سوريہ

تہ کو سنڌي سماج بابت اردو ڊرامون بہ هتي ڏسجي پر اهو بہ ڊپ هوم تہ متان ماڻهو نہ ڪلائي. سنڌي ماڻهن تان چٽائيون ٽوائي ڪالهيون ڪري. اڄ صبح جو مون کي خوش ڪرڻ لاءِ يا الائي سچ پچ انور ۽ نوري انهيءَ ڊرامي جي نيڪي ڪئي. انور چيو "ٻيا ڊاراما اٽڻ شرط بور هوندا آهن. وچ وچ ۾ ڪا سٺي سين ڏنائون تہ واهہ نہ تہ بس." "ان کهي" ڊرامي سيريل جي تعريف ڪيائين. پڇو مانس تہ "وارث" ڪيئن هو؟ چيائين "زبردست". انور خوشامدي ٽائيپ ماڻهون نٿو ڏسجي. يانيان ٿو تہ ڊرامون وٽيس. نوري کي بہ. سنڌي ڊرامي ڏئي ڪڇ وقت ٿي ويو آهي. اردوءَ جي بهترين ڊرامن جي ليول جو شايد ناهي. خاص ڪري پٽاڻن جي اداڪاري ڪندڙ پاڪستان جي چوٽيءَ جا فنڪار هتي ڪونهن. نڪي اهڙيون سهٽيون فنڪارائون آهن. ۽ ڪهاڻي جيڪا اصل ڪالهہ آهي سا هرو ڦرو وائڙي ڪانهي. اداڪار صحيح چونڊيل آهن. هيستائين ٺيڪ هليو آهي. بنهہ چٽ ۽ ماڻهو ڪلائڻ جهڙو ڪونہ ٿيو تنهن تي شڪر ڪيم. چڱو آهي تنهن تي خوش ٿيس. عبدالقادر جي ٺيڪ هليو تہ سنڌي فلم انڊسٽريءَ کي هڪڙو سٺو ڪهاڻيڪار ملي پوندو جنهن جي اٽاڪ بلڪ اڻ هوند آهي. جوٽيجي جهڙا ڪهاڻيون لکن. استاد بخاريءَ جهڙا گيت لکن ۽ اداڪار مهڙا يا هن کان بهتر هجن تہ قصو ٺيڪ ٿي ويندو. پر مصيبت وري ٽيندي مدي خارج چنين موسيقارن ۽ ڊئريڪٽرن جي. سنڌي فلم لاءِ هيستائين جيڪي گيت، ڪهاڻيون لکندا، موسيقي ڏيندا، ڊئريڪشن ڪندا رهيا آهن سي اڪثر خدائي چٽيون هوندا آهن. انهن مان گهٽن کي سنڌي فلم متان هچا ٿي ڪري پوڻ جي ڏوهہ ۾ ٽيون ڏيڻ ڪپن.

اسپتال ٽٽا موڪلين. الائي ڪهڙي نيت اٽن. يا الائي رنڊڻي ۾ ڪهڙو رولو آهي. اخبارن ۾ بلديااتي چونڊن جي سلسلي ۾ ايم- آر- ڊيءَ جي اندر هڪٻئي خلاف بيان بازي ٿي رهي آهي. ڏسجي چا ٿو ٿئي. حڪومت جا ارادا خطرناڪ آهن. جي هي پاڻ ۾ وڙهي پيا تہ قصو ڇڙ ٿي ويندو.

پي پيءَ جي وڏيرڪي ليڊر شپ پٽي جو خون وڪٽي بلديات ۾ اچڻ گهري ٿي. ويچارا شهادت جو چيڪ ڪيش ڪرائڻ لاءِ مريو ٿا وڃن. مڙسي ڪري هڪڙو مور مڙس ڪهايو اٽن. ايتري جا بہ حقدار نہ ٿيا چا؟ چون ٿا تہ ۵ جولاءِ تي بہ اهو لڏو سڄي پاڪستان ۾ لڪو ويٺو هو. سندن ڏوهہ ڪونهي. ميجرن ۽ ڪرنلن جي خاڪشوري ۽ انهن جي زور تي عوام کي ٽاپڻ کان فرصت ملين تہ ٻئي پاسي ڏيان ڏيئي سگهن. ٻئي ڪندي اهو ڪر آهي بہ سياسي هارين نارين ۽ ڪاسبين يعني ڪارڪن جو. هي سياسي زميندارياءِ جا مالڪ آهن. اهي پاڻ تہ ڪونہ وڃي سياسي ڪاڙهن ۾ ڪڙهندا ۽ جدوجهدن جون لنڊيون لتاڙيندا! اهي تہ سياسي ٻٽيءَ وقت ايندا. ان مهل ڦري چست ۽ چالاڪ ٿي پوندا. وڻ ڪهوڙو ٻڌڻ ڪونہ ڏيندا، ملڪ ٽاپي ماريندا. ڪلهہ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾

اندروني دهشت گردي وغيره خلاف دفاعي معاهدي ٽيڻ جي خبر آئي آهي. ٻئي عوام دشمن آمر ٽولا هڪٻئي کي پنهنجي پنهنجي عوام جي غصي ۽ غضب کان بچائيندا. هڪ ٻئي جي تختن کي ٽيڪون ڏيندا. اهو ڪر هلي اڳيئي پيو. هاڻ ان کي قانوني شڪل ڏبي. عوام دشمن جيتريون سازشون وڌائيندا. اوتريون پاڻ لاءِ وڌيڪ ڪوڙڪيون تيار ڪندا. جوابي طور عرب ۽ پاڪستاني عوام هڪٻئي جي ويجها ايندا ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ٻنهي آمر ٽولن کي ٽڪيٽ ونائيندا. اڪثي اهو لاڙو ضرور پيدا ٽيندو ۽ پس پيش زور ونڊندو.

" دردن دل آزاري سائين!
ڪرکا موٽڻ واري سائين!
توريءَ ناهي ڪريم جو سائين!
ڪير ڏئي دلداري سائين!"

عبدالڪريم پلي به سهڻيون ڪافيون ۽ وايون ٽو چئي. ڪراچيءَ تان پوٽين ڏهين وارو پروگرام ويٺو ٻڌان. گرمي ڪا آهي چا! ٻئي ڪر ڪرڻ تي واڪ ئي نٽو ٽئي. الاهي سارا ڪر رهيا پيا آهن. اڌ ۾ چڌيل فرينچ، انگريزي، جرمني ۽ اسپيني ادب جي تاريخ جو احوال وري پيو پڙهان. اسان جي ۽ ٻئي دنيا جي ادب وانگر هنن جا به ساڳيا پار صالح وارا آهن. پهرين شاعري پوءِ نثر. پهرين حاڪمن، پيرن، ولين ۽ ديوتائن جي صفت پوءِ دير سان ٻيون ڳالهيون.

"ككڑا دهمي دیا! كويلي ڈتي هائي بانگ!
ماهيا، تور بيٺهي آن. ميڪون ٻهون لڳا ارمان."
سيان چوڏري سرائيڪي لوڪ گيت ٻڌائي پيئي.

ڈن نهايت مٺي ۽ من موهيندڙ آهي. آواز ههڙو اڳ ڪڏهن ڪونہ ٻڌو مانس.
..... اي فجر جا ككڑا كويلي بانگ ڈني هَيئ!
تنهنجي بانگ تي پلجي (ماڻهن جي ڊپ سوران) ڊولئي کي فجر کان اجايو گهٽو اڳ موڪلي چڌيرا پويان ارمان ٽير (تہ ايڏو تکڙو چو موڪليو مانس.)
سامراجين طرفان قائم ڪرايل، پنجن سامراج پرست، ايشيائي ملڪن (انڊونيشيا، فلپائين، مليشيا، سنگاپور ۽ تائيليند) جي ڪٽ جوڙ آسيان (Asian) بابت معلوم ٿو ٽئي تہ ان ۾ انڊونيشيا ڪجهہ نہ ڪجهہ خودمختيار پاليسيءَ تي عمل ڪري رهيو آهي. سبب ٻہ تي آهن. سيني ۾ وڏو ملڪ آهي. تيل اٽس، چين سان دشمني هلي اچيس ۽ غير جانبدار تحريڪ جي بانين مان آهي، صدر

سوئيڪارنوجي ڪري. ان ڪري ويٽنام بابت آمريڪا جي سخت دشمنيءَ جي پاليسي جي پرپور ۽ غير مشروط حمايت نٿو ڪري. غيرجانبدار تحريڪ اندر سنگاپور وانگر عوامي قوتن جي چتي مخالفت ۾ نٿو ڪري. آسيان جا هندوستان سان واپاري لاڳاپا سڻا آهن. هونءَ ٿي آسيان جو ڪُڇ علائقو تاريخي طرح هندوستاني ثقافت جي ڳهري اثر هيٺ رهندو آيو آهي. اقتصادي طرح ۾ آسيان جا سرمائيدار ملڪن سان اختلاف موجود آهن. سرمائيدار ملڪ آسيان جي ڪپڙي وغيره کي پاڻ وٽ اچڻ نٿا ڏين. فلپائن جي پاليسي ۾ هرويرو ڇڪتاڻ واري نہ آهي. باقي ٽائيليند، مليشيا ۽ سنگاپور جهلئي جهل نٿا ڏين. قلندر پچندن!

هڪڙو خوفناڪ شڪل وارو سڪ سسئي پيو ڳائي:-

"سسئي نون مان متان ڏيندي چڏ بلوچان ياري!
صبح تيڪر قيام جهان دا، شامي ڪرن تياري!"

هاشم شاهہ جي سسئيءَ مان ڪلام آهي. آواز ٽيڪ اٽس. پانيان ٽو تہ سسئي پنهنجي هن پرستار کي پنيور ۾ ڏسي ها تہ پنهونءَ جي اچڻ کان گهٽا ڏينهن اڳ دانهون ڪري پنيور خالي ڪري ويا ها. نہ نہ آءٌ پليس! مور مڙس آهي! فوٽو گرافيءَ جو خلل هو. اڄ جنرل فيض علي چشتي حڪومت خلاف زوردار بيان ڏنو آهي. ايم- آر- ڊي جي مرڪزي ميٽنگ ۾ محمد فاضل ۽ خاص دعوت تي شريڪ هو. هتي لفظ راهو کي رائو ڪري لکن. ٽيڪ آهي في الحال رائو تہ ٽياسين. اڳتي ڏسي ونبو. بلدياتي چونڊن وارو جهڪڙو ڪٽي ٽيو آهي. شير محمد مري چيو آهي تہ حڪومت توڙي سياسي پارٽيون، ملاشاهي مذهبي نظام جون هڪ ٻئي کان وڌ علمبردار آهن. ان ڪري اهي مارشلا کي طول ٽيون ڏين.

مزاريءَ کي ملتان ۾ قيد ڪيو اٽن. صفا چٽ ٽي چيائونس. پر نيٽ ٻروچڪي اچي ويئي اٽس. هاڻي پاڙيو ڪونہ ٽيندو هرو ڀرو. في الحال ڪن همراهن ٽوڪيو پئي مڙس کي. هاڻ پاڻ ۾ جڏهن اهڙي خنڪي ڏيکارين تڏهن چگو ڪر ٽئي. امڪان اهي ٿا ڏسڻ ۾ اچن تہ ڳالهہ ٽڏي ڪانہ ٽي ويندي صفا. ٽوري گهٽي ڏکندي پيئي ۽ سرائڪي چوٽي مطابق:-

"جي ڏکدي راهسي تہ مڃ وي پوسي!"
"باهہ جي ڏکندي رهندي تہ مچي ۾ پوندي"

21/7

ڪروٽا، حڪيم مومن خان مومن جو غزل پيئي ٻڌائي. فريدہ خانم وانگر

غزلن ۾ ڪروٽا ۽ ٽيڪ ٽيڪ آهي. ڪروٽا امروهوي سڄو نالو اٽس شايد. مومن جو غزل هجي ۽ طاهر ياد نه اچي. اهو ڪٿين ٿو ٿي سگهي؟ ٻي دنيا وانگر سنڌ ۾ به زندگيءَ جي ڌار ڌار ميدانن ۾ مختلف سطحن تي ڪيئن ننڍا وڏا دلچسپ ۽ غير معمولي ماڻهو پيا آهن. جيڪي مون کي ملیا تن ۾ هڪڙو مومن جو مداح طاهر آهي. قد جو ننڍو، ان وقت عمر ۲۵-۲۷ سال. ڪٽڪ رنگو. زندگيءَ سان چلڪندڙ. نفيس، حسن پرست، ذهين، قرب پريو. ڳالهيون جهڙيون ماڪيون مصريون. ڳالهه ڳالهه تي اردو ۽ فارسي شعر. ۽ شعر اهي نه جيڪي عام ٻڌبا آهن. حسين ۽ منفرد. اردو ۽ فارسي شاعريءَ جو وينجهار هو. جڏهن مون کي ٻليو تڏهن آءُ ٿٽي ۾ وڪيل، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو ميمبر ۽ ان جو قانوني صلاحڪار هوس. پاڻ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو اڪائونٽنٽ ۽ ٿٽي جي هڪڙي مشهور معروف بزرگ هستيءَ جي درگاهه ۾ قبوليت جي شرف حاصل ڪيل ٿورن خوش نصيبن مان هو. بدن سڄو خوشبوئن ۾ ٻڏل هوندو هوس. بزرگ منهنجا ٻري کان ڏڪل هٿا ۽ گهٽو ٻڏل هٿا ان ڪري طاهر جي خوشبوئن ۾ ٻڏل مرکن ۽ شعرن تي عجب ڪونه ٿيو. روز نه ته ٻئي ڏينهن تي گڏجڻ ٿيندو هو. فارسي ۽ اردو شاعريءَ سان دعا سلام ڪافي هئي. پر هتي معاملو شعر پڙهڻ ۽ پرائڻ جو ڪونه هو. ماڻڻ جو هو. ٻيا ته ڏهيو پر غالب جو هڪ جهڙو اجايو ڏکيو فارسي شعر پڙهي جنهن مهل فقير مطلب بيان ڪندو هو ته ڄاڻو ڪري ڇڏيندو هو! اڄ به سندس ٻڌايل هڪڙو غالب جو شعر ياد اٿم.

"ز گل فروش ننالم کز اهلِ بازار ست
تپاک گرميءِ رفتارِ باغبانم سوخت"

(گل وڪڻڻ واري تي منهنجي ڪا ميار ڪانهي
ان جو ته ڏنڏو ئي اهو آهي)
پر مالهي (جنهن گلن کي پوکيو. پاليو. وڌو ڪيو)
۽ جنهن جو فرض آهي (انهن جي حفاظت ڪرڻ) تنهن جي گلن کي نيلام ڪرڻ ۽ ڏارين جي حوالي ڪرڻ لاءِ، جيڪا ڏوڙ پيئي پوي ۽ ڪٽو نٽو پچي، تنهن ساڙي رکيو).

ههڙي خوشين جي وڻجاري ماڻهوءَ کي هي نظام ڪٽي ٿو بخش ڪري؟! آخري دفعي جڏهن گڏيو. لطيف آباد ۾. تڏهن زندگي ساٺس ملهه ڪري چڪي هئي. چيائين پٽي ته هر طرح تباهه ٿي چڪو آهيان. وري جيئن ويو تيئن ڪونه وريو. عالم شاهه کي چٽي چٽي بيهي رهيس ته "همراهه جي خبر وٺ ڪٽي آهي." پر همراهه الائي ڪهڙي ڪنڊ ۾ لڪي ويو آهي. پر خير ڪيئن به ڪري ڳولي لهڻ

جي ڪوشش ڪبيس. جريا پنهنجي وس ڪونہ ڇڏبا. سوچير ڪهڙي خبر هن مهل بہ طاهر پنهنجي پسنديده مومن جو هي غزل ڪروٹا جي آواز ۾ ٻڌندو ۽ وجد ۾ ايندو هجي! ٻيو بہ اهڙو غير معمولي شوق رکندڙ سنڌي نوجوان ياد تہ اچير. اهو بہ مٹان ئي مٹان ڪچي ويو. وڏيرپ ۽ جماعت سڳوريءَ جي اميري هجي تہ پئيان ڇا رهندو؟ هن کي عشق هو عربي شاعريءَ سان. ايئر- اي عربيءَ جو شاگرد هو. جناح هاسٹل ڪراچي ۾ اڪثر اسان جي ڪمري تي ايندو هو. آءُ تن ڏينهن قانون جو شاگرد هوس. منهنجو عربي ادب ۽ شاعريءَ سان شوق ڏسي منهنجي چوٹ تي عربي شاعرن جا ڪلام شاندار نموني پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ مطلب بيان ڪندو هو. سندس پڙهڻ واقعي پڙهڻ هو. جڏهن امراءالقيس، لبيد، نابغہ ذبياني، عمرو بن ڪلثوم، اخطل، ابونواس، ابو تمام ۽ بين شهنشاهہ عربي شاعرن جا قصيدا، خاص ڪري، رجزيہ قصيدا پڙهندو هو تہ ماڻهوءَ جي لڳن جا وار ڪانڌارجي ويندا هئا. مون ڪيس بار بار چيو تہ "عربي ادب خاص ڪري شاعريءَ کان چگي طرح سنڌي ماڻهن کي واقف ڪرڻ تنهنجو فرض آهي. ڪي مقالا ۽ ڪتاب لک. پنهنجي زندگيءَ جو هڪڙو اهم ڪم ڪري وڃ." پر همراهہ جيئن جهڙپجي ڪجي ويو، تيئن ويو. "اوڙاهہ ويا، نہ وريا، آئون تنهن ماري ويڙ" (شاهہ)

ڪالهہ پنهنجي نوٹ بوڪ ۾ هي عربي شعر پڙهيم تہ ائين لڳم تہ جناح هاسٹل جي ڪمري ۴۸ ۾ ويٹو آهيان ۽ سامهون علي مير شاهہ بلند آواز سان ويٹو پڙهي:-

بانا تور دلرايات بيضا ؤ نَضدِ رَهن حمراتد روينا
اذا بلغ الفطام كنا صبَي
نخر له الجابر ساجدينا.

"اسين جنگ جي ميدان ۾ ايڏا جهنڊا ڪٹي ويندا آهيون ۽ ڳاڙها ڪري موٽندا آهيون.....

اسان جي قبيلي جو ٻار جڏهن ڪير ڏائڙ ڇڏيندو آهي. تڏهن وڏا وڏا جابر ۽ متڪبر سندس اڳيان سجدي ۾ ڪري پوندا آهن."

(عمرو بن ڪلثوم سبع معلقات دارو)

" ذكَر تك وانحطي خِطر بينَنا وقد نعت منا

منهنجا محبوب! مون توکي ان مهل ياد ڪيو.
جڏهن ڪٹڪ رنگيون بڙچيون،

منهنجو خون پي، ڏابي، ڳاڙهيون ٿي چڪيون هيون)
(نابغہ ذبياني)

السيف اصدق انباء من الكتب
في حد الحدين الحمد وللعب.
والرمح في شهب الارماح لامعة
بين الغميسين لا في الشهب.

(تلوار ڪتاب کان وڌيڪ سچيون خبرون ٻڌائي ٿي. ان جي ڌار جي پٽ سنجيده تعريف ۽ مسخريءَ جي وچ ۾ پٽ آهي. علم بڇين جي شعلن ۾ چمڪندو آهي. ۽ نہ ستن روشن ستارن جي چمڪاٽ ۾)
(ابوتمام)

انگريزيءَ جا چار شيدائي گڏيرا. پهريون هو نٽي جو مولڊنہ عباسي لوڪل بورڊ هائي اسڪول جي پهرئين درجي انگريزيءَ جو ماسٽر سائين ناڪر داس. تن ڏينهن مئٽرڪ تائين ۱۲ سالن جو ڪورس هو. سنڌي ٻاراٽو. ۴ سنڌي، ۷ انگريزي. اڇوڪي حساب سان ڇهون ڪلاس ٿيو. ۲۰-۲۱ سالن جو سهٽو، ڊگهو، سنهون، خوش پوش جوان هو. ڪهڙي آکهہ جو هو، ڇا پڙهيل هو، ڪٽي جو هو، ڪيڏانهن ويو، هينئر ڪٽي آهي، ڇا آهي؟ ڪا خبر ڪانهي. ننڍن کان چوٽيءَ تائين ماسٽر هو ۽ سو ٻہ انگريزي ٽائيپ. صحيح ٽائيپ تي اڇبو ۽ ٽائيپ تي ويڇبو. اسين جهنگ مان جهلجي آيل، ملان مڪتب جا ٻار، جيڪي ميان جيءَ کي "شين" جو اشارو ڪري سندس ڪنڌ ڏوڻ کان پوءِ ڪيٽن ڏانهن اڻن گولي ٿي ويندا هٿا سون جو جڙ هٿاسون ٿي ڪونہ ۽ ڏينهن پڇاڻان خيرن سان ٽنگا ٽولي ٿي، ڪپ جي باڻن سان سڙهبا واپس ٽيندا هٿاسون. تن لاءِ وڏو آزار هو. سائين ناڪرداس جو خيال اهو ٿي ڏئو تہ هي سمورو جهان خداوند تعالىٰ ان لاءِ خلقيو آهي تہ سڀ کان پهرين انگريزي اسپيلون پڪيون ڪيون وڃن پوءِ ٻيا ڏنڊا ٽين. اسپيل غلط ٿي جڙ عرش فرش لڏي ويا. هڪڙي اسپيلنگ (صورتخطيءَ) جي چوڪ هڪڙو رول. ان ۾ قيرقار جو سوال ٿي ڪونہ هو. ٻيا تہ ٿهيو پر چوڪرين لاءِ ٻہ ڪاٻہ رعايت ڪانہ هئي. ۱۱-۱۲ سالن جي سانوري سلوٽي نماڻي ڳجراٽڙ ترلا ڪي جيڪو ٻہ رول هٽ تي لڳندو هو، سو سڄي ڪلاس جي سمورن چوڪرن جي دلين تي ٻَنَ وجهي ڇڏيندو هو. ناڪرداس کي ڪلاس اندر خبر ٿي ڪانہ هئي تہ چوڪرو ڇا ٽيندو آهي. چوڪري ڇا ٽيندي آهي. ترلا جي وات مان ٻہ ڪا رڙ تہ ڇا سندس اک مان ڪنهن کو ڳوڙهو ڪرندو ٻہ ڪونہ ڏئو. خاموشيءَ اها حالت ڏسي هر ڪنهن کي شرم ايندو هو. سڀ خوب محنت ڪري اسپيلون ياد ڪري

ايندا هئا. پچاڙيءَ جو مقابلو مون ۾ منهنجي ڀَوٽ جنگشاهي جي مکيءَ جي پٽ اڪا جي وچ ۾ رهيو. مون کان تکڙ وچان اکر (Pray) ۾ جيڪو a ٿو اچي اهو هميشه رهجي ويندو هو. اسپيلون زباني ٻڌائڻيون پوندیون هيون. بس اهو هڪڙو اکر مون کي رول هٿائيندو رهيو. ڪڏهن سائين ٻاهر نڪرڻ جي سزا ڏيندو هو. "در وٽ بيٺا هجو." ٻاهر مزا لڳا پيا هوندا هئا. پاسي ۾ پاڻي مارڪيٽ هو. راڄ پيا ايندا ويندا هئا. پاڻين سان لڏيل ڊڳي گاڏيون، آئسڪريم ۽ گول ڪپن وارا پيا، ٻار، مايون، مزدور رنگ لڳا پيا هوندا هئا. پر جلدئي اهو احساس ٿيو ٿي ته سائين سزا طور ٻاهر بيهاريو آهي. اندر ڇوڪرا ڪلندا هوندا. ڪجهه مهينن کان پوءِ اسان جا هٿ به پڪا ٿي ويا ۽ اسپيلون بہ. انگريزي بيت پهريائين پاڻ پڙهي ٻڌائيندو هو. ٽيبل تي ويهي، اکيون اڏ پوري، آگرين سان ٽيبل تي لئہ ملائي Ba Ba Black Sheep وارو ٻاراٿو بيت اهڙي نهايت پياري انداز سان پڙهندو هو جو ماٿهو پائڻي ته آءٌ بہ ائين پڙهي سگهان ته واهہ! هن وٽ ڪابہ شئي قطعي ۽ آخري ڪانہ هئي. اسپيلنگ جي پيرڊ ۾ توهان ٻاهر بيٺا آهيو يا ۵-۸ رَول پيا ڪائو. ريڊنگ جي پيرڊ ۾ توهان کي ان لاءِ اڌاري بيهاريو ويو ته توهان سڄي ڪلاس ۾ سڀي نموني انگريزي پڙهي سگهيا آهيو ۽ ساراهہ جي لائق آهيو. پهرين ٻي درجي ۾ هن انگريزيءَ کي زندگيءَ جي هڪڙي اهم ترين شئي ڪري دل تي اکيري ڇڏيو. هن وٽ ڪوبہ غريب ڪونہ هو ۽ ڪوبہ شاهوڪار ڪونہ هو. ڪوبہ هندو ڪونہ هو ڪوبہ مسلمان ڪونہ هو. ڪوبہ سنڌي ڪونہ هو. ڪوبہ گجراتي ڪونہ هو. فقط شاگرد هئا ۽ انگريزي هئي. ٻاهر ته الائي ڇا هو. پر اندر هو شاگردن جي نظر ۾ ديوتا هو. جي مرکيو ته ٻارن جون دليون مرکي پيون، جي ڪهنج پاتائين ته دلين تي ڪهنج پُڄي ويا. هو ٻارن کي ٻار ڪري نہ سمجهندو هو، وڏا ماٿهو ڪري ليکيندو هو. وعدو ورتائين ته پوءِ ڇڏ ڇوٽ ڪانہ ڪيائين. جيئن وڏن سان ڪبو آهي. ان ڪري ٻار پاڻ کي وڏو سڃهي ذميداريءَ سان هلڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سائين ٽاکرداس جي شاگردن مان جيڪي ٻہ ٽي پوءِ تعلقات ۾ رهيا، سي ٻين ڪالهين ۾ الائي ڪيئن هٿا ۾ انگريزيءَ ۾ ڊلا ڪونہ هئا. هاڻ سوچان ٿو ته ان زماني ۾ هندو سنڌي سرمائيدارن ۽ مسلمان سنڌي وڏيرن ليگ ۽ مهاسبا وغيره جي هُشڪار تي فرقيوار فتنو ڪڙو ڪري ڇڏيو هو. وقت ۾ تعصب جي اوندهہ هئي. ان اوندهہ ۾ اسانجي سائين ٽاکرداس جهڙا ماٿهو روشنيءَ جا ڏيا بنجي ٽي ٽمڪيا. هينئر الائي ڪٽي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندو؟ سندس هڪڙي گهر نار ڳوٺاڻي ڇت ۽ روز اسپيلنگ جون چوڪون ڪندڙ شاگرد طرفان هزارين ڪوهن تان ڪيس ادب ۽ نڙت پريو پرنامر!

ٻيو هو سنڌي مدرسي جو سائين ناصر حسين. پنجابي هو. منهن تي سدائين

سختيءَ جو تہہ چڙهيل. هن جي ڪائنات جو مرڪز هو انگريزي گرامر. مٿرڪ ۽ ويس تہ آڏندي ٿي سائس ٽڪر ٿيو. آءُ مٿرڪ ۽ وڃڻ تائين پاڻ ڪي ڪا شئي سمجهڻ لڳو هوس. مدرسي جي حد تائين پڙهڻ توڙي ٻين ڳالهين ۾ ڪٿين رڪاوٽ ٿوڙيو ويٺو هوس. انگريزي مون لاءِ ڪير پت هئي. جيڪي پيپر سنڌيءَ ۾ ڏيڻ جي موڪل هئي سي مون پنجين درجي کان وٺي انگريزيءَ ۾ ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. تاريخ، جاگرافي، فزڪس، ڪيميسٽري وغيره سڀ انگريزيءَ ۾ جيتوڻيڪ ذريعہ تعليم انگريزي نہ سنڌي وغيره هو. مدرسي جي انگريز جي فرمانبرداريءَ واري ۽ سياست کان ڪناري ڪشيءَ واري روايت کي ٽوڙي استرائيڪ ڪرائي ۽ شهر ۾ انگريز حڪومت خلاف جلوس ڪڍي چڪو هوس. پاڪستاني مجاهد جو لقب ملیو هوم. ڪراچيءَ واري ليگ جي اجلاس ۾ قائداعظم، سرداربهادر يار جنگ ۽ ٻين جون تقريرون ٻڌي قائداعظم کي سلامي ڏيندڙ گارڊ ۾ شامل رهي چڪو هوس. سنڌ مدرسي جي حد تائين آءُ شاگرد ليڊر هوس ۽ پوءِ بہ پڙهڻ ۾ رڳو هوشيار نہ پر غير معمولي طرح تمام هوشيار. پهرئين ڏينهن پڇيائين "هي ڇا آهي؟" اشارو منهنجي ٽيبل ڏانهن هوس. مون انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو تہ "ڪجهہ ڪونهي سر!" چيائين "چو ڪجهہ ڪونهي؟" "جيڪي ڪجهہ هتي هجڻ گهربو هو سو چو ڪونهي؟" مون چيس "مون وٽ ڪتاب ڪاپيون آهن ٿي ڪونہ." "چو؟" ان جو جواب ڪهڙو ڏيان؟ ڪتاب اول تہ اڃايا سڃايا وٺندو ٿي ڪونہ هوس. پٽسا ڪتان اڇن؟ جيڪي وٺندو هوس سي جلد ڦاٽي ويندا هئا يا گم ٿي ويندا هئا. ان ڪري سنگت کان ڪتابن جي اوڌر سوڌر ڪيي هئي. ڪڏهن ڪنهن کان، ڪڏهن ڪنهن کان. اکثر تہ ضرورت ٿي گهٽ پوندي هئي. خاص ڪري انگريزيءَ ۾. آءُ ايستائين انگريزيءَ ۾ ڪي درجن ناول پڙهيو ۽ لطف وٺيو ويٺو هوس. انگريزي مون لاءِ ڪو مسئلو ڪانہ هئي. پر معلوم ٿيو تہ سائين ناصر حسين لاءِ دنيا ۾ مسئلو هوئي اهو، خاص ڪري انگريزي گرامر. مون چيس تہ "توهان ڪورس مان مون کان گرامر جو سوال پڇو. گهٽو ڪري صحيح ٻڌائيندس." چيائين "Go and Stand on the last Bench!" "پوئين بينچ تي وڃي بيهي رهہ!" پوءِ خبر پيئي تہ اهو سندس تڪيو ڪلام هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيٺو هوس. ڪهڙا بہ اک، پن ڪارا ڪريان پر جي گرامر جي ڪاپي ناهي، روز ڏنل هوم ورڪ فيئر ڪري ان ۾ داخل ٿيل نہ آهي تہ پوءِ "Go and Stand on the last Bench' هن جو ڪالهہ سان واسطو ڪونہ هو. توهان ڪالهہ ۱۰۰ مان ۱۰۰ مارڪون کنيون، توهان مجموعي طرح بلاجا هوشيار آهيو يا ڪالهہ پڙي مارڪ کنيو ۽ عام طرح چٽ آهيو. ان ڳالهہ سان هن جو واسطو نہ هو. هن جو واسطو هو اڄ سان، هينئر سان، اڃوڪي

خاص هوم ورڪ سان ۽ اڇوڪي ڪاپيءَ جي حالت سان. پچاڙيءَ جي مهيني ۾ مس مس وڃي منهن مان ٿورو شور ڪهيس. سو به تڏهن جڏهن مون دل تي پٿر رکي ڪاپيون ورتيون ۽ هوم ورڪ روز انهن ۾ لکي آڻي ڏيکارڻ شروع ڪيو. پر شاباس ڪڏهن ڪانه ملي. رڳو ناپسنديءَ جو اظهار نه ڪيائين. ماڻ ۾ رهيو ته ڇڻ وڏي ڪيپ ڪٽي سون. پوين مهينن ۾ اڪثر ماڻ ۾ هوندو هو. انگريزيءَ جو ٽيون شيدائيءَ نه پر خفتي هو ماستر سوڍا. آءُ ڏٺي جي ساڻئي هاءِ اسڪول جنهن ۾ پڙهيو هوس تنهن ۾ پارهن مهينا ماستر ٿي رهيس. هي گرامر جو استاد هو. گجراتي هندو هو. اڳئين ڪنهن جنم ۾ شايد صديون اڳ جي دنيا جي مشهور سنسڪرت عالم ۽ گرامردان پاڻيءَ جو اوبارو پيتل هوس. اڄي ويڻي ته انگريزي گرامر پر ستي بستري تي به انگريزي گرامر. گهر ويس ته ڪٻٽ گرامرن سان پريا پيا هُٽا. شل نه ٻڌي ته ڪو نئون گرامر جو ڪتاب ڪراچيءَ ۾ آيو آهي!

هفتي ٻي، ٽيچرس روم ۾ مرڪندو ايندو "This is the new book" "هي آهي نئون ڪتاب!" معنيٰ گرامر جو ڪتاب. ٻيا ڪتاب چا جاڻ؟ سدائين قرضي. ٻچا ڏکيا. ڪپڙا ميرا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڦاٽل پر يار انگريزي گرامر ۾ مگن ۽ مست. تن بدن جو هوش ڪونه هوندو هوس. درويش صفت هو. ماستر ڪيس نڪيندا هٿا. خوامخواه گرامر جي ڪا پوائنٽ اٽاري ساڻس بحث ڪندا. ظاهر آهي سوڍا ٻانهون ڪنجي بحث ۾ لڳي ويندو ۽ آخر ڪٽندو. پوءِ چوندا هئس. "ٻيلي سوڍا! تون گرامر بيشڪ ڄاڻين! اسان سمجهيو ته تون رڳو سڪٽيون ڳالهيون ٿو ڪرين!" سوڍا جي منهن تي قسمين قسمين رنگ ۽ مرڪون ڦهلجي ويندیون. پوءِ چوندس ته ان خوشيءَ ۾ سيني ڪي ڄانهه پيار! تون هيرو آهين!" سوڍا ويڃاري جي اڌ پگهار ڪتابن ۽ انهن ڄانهين ۾ ڇڻ. جنهن تي سخت ۾ سخت ڪاوڙ ايندي هيس ان لاءِ اٽاهه حقارت سان چوندو "He is so nonsensical! He knowns no grammer" بلڪل واهيات آهي. گرامر جي ڪابه خبر ڪانهيس" منهنجو يار هو.

مون کي چوندو هو. "I like You" "مون کي تون وڻين ٿو!" گهٽن مهينن کان پوءِ مون کان پڇيائين "توکي خبر آهي آءُ توکي ڇو ايترو پسند ڪندو آهيان؟" مون چيو "نه!" رازداريءَ جي انداز ۾ ڏاڍي پاڇوهه سان چيائين "تنهنجي انگريزي گرامر ٺيڪ آهي نه. ان ڪري!" دل ۾ چير ته "شڪر آهي جو ڪن خدا جي بندن هٿن جون تريون لال ڪري، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻاهر اس ۾ بيهاري، ڪلاس اندر پوين بينچن تي بيهاري، انگريزيءَ جا به اکر پيٽ ۾ وجهي ڇڏيا نه ته هي ظالم سوڍا ته لفٽ ئي ڪانه ڏئي ها!" مون لاءِ انگريزيءَ جي اسپيلنگ ۽ گرامر واري پچري ۾ ماهر ۽ ساهه وجهي انگريزي ادب ۽ شاعريءَ کي لال ڪنوار بنائڻ وارو ماڻهو ايڏا به هڪڙو ٻيو هو. مدرسي ۾ آءُ هاسٽل ۾ رهندو هوس. حسن علي

هاسٽل ۾ منهنجي پاسي واري ڪمري ۾ عبدالرؤف رهندو هو. آءُ پنجين ۾ ٿ هي چهين ۾. سانورو قد جو بندرو، بدن جو سڪهارو، خوش طبع، رلٽو ملٽو ۽ چرچائي. هوشيار به هو. چهين ۾ اچي انگريزيءَ جو شوق لڳس. مون کي نئين هاءِ اسڪول کان وٺي ئي هروپرو غلط سلط انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪري ٽوڪ طور "پروفيسر" ڪوٺيندا هئا. هي مون سان به اڇيو انگريزيون ڪري مون تي رعب ويهاري. خبر پيئي ٿ همراهه جو انگريزيءَ جو ماستر کو "انگريز" ٽائيپ آهي. ماستر جون تعريفون ڪريو مٽان ٽيو ڪريو پوي. جيڪي ڪلاس ۾ پڙهجي وڃي شان شوڪت سان اسان وٽ بيان ٿئي. اسين وات ڦاڙيو پيا ٻڌون ۽ خار کائون ٿ "هن کي چڱو ماستر مليو آهي جو وڻ گهوڙو ٻڌڻ نٿو ڏي." ماستر صاحب انگريزي ٽيڪسٽ پڙهائيندو هوس. سو بيت به ٻڌائي ٿ نٿر جا چوندا ٽڪرا به. هڪڙو نٿر جو ٽڪرو ٿ رئوف جو تڪيه ڪلام ٿي ويو. نصاب تي رکيل انگريزي ٽيڪسٽ جي ڪتاب ۾ هڪڙو مضمون مشهور انگريزيءَ شاعر لارڊ بائرن بابت به هو. لارڊ بائرن لاءِ چيل هو ٿ، 'He Kissed and told but prefered the latter to the former....." "هو (چوڪرين کي) چميون ڏيندو هو ۽ (پوءِ) ماٺهن کي (انهن چمين بابت خبرون) ٻڌائيندو هو. پر پهرئين ڳالهه (چميون ڏيڻ) کان پوئين ڳالهه (چمين جون خبرون سڄي جهان کي ٻڌائڻ) کي وڌيڪ پسند ڪندو هو." انگريزي بيت ٿ الائي ڪيترا ياد ڪريو ويٺو هوندو هو. ٻه چوڪرا پاڻ ۾ "تون چا!" "تون چا!" ڪندا ٿ هي وٺي ٽينگ ڏيڻ ۽ انگريزي بيت پڙهڻ شروع ڪندو. وڏي اداڪاريءَ سان. ماٺهوءَ کان ڪل نڪري ويندي. آءُ ٻي درجا انگريزي نٿي ۾ پڙهي چوٽين ۾ سنڌ مدرسي آيو هوس. اڇڻ شرط بيمار ٿي پيو هوس. سال جي پڇاڙي ۾ موٽي آيو هوس. وڏن پاپرن پٽڻ کان پوءِ اسڪالرشپ وري بحال ٿي ۽ وري داخلا ملي. ان زماني ۾ بختيار پور جا قريشي شاگرد به هاسٽل ۾ رهندا هئا. عبدالمالڪ قريشي جنرل مانيٽر به ٽيو. هي ڊاڪٽر محمد صالح وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي جو ياڻيجو هو. محمد اعظم قريشي منهنجو هم ڪلاس ۽ دوست هو. نبي بخش اسان کان هيٺ هو. پوءِ محمد بخش ۽ پيا آيا. اعظم سخت محنتي ۽ ڪافي هوشيار هو. سانورو، ناهوڪو، صحت سٽي ۽ سخت جذباتي. هڪڙي ڏينهن مون کان پڇيائين "چوٽين درجي ۾ فلاڻو سيني کان هوشيار يا اعظم؟" آڻون ٽئين درجي ۾ ڪيتون ڏيئي پاس ٽيو هوس. حسابن ۾ سؤ مان ڪل تيرهن مارڪون ڪنيون هئم. اسڪالر شپ جي امتحان ۾ ناپاس ٽيو هوس. ڊاڪٽر دائود پوٽي مهرباني ڪري اسڪالر شپ ڏني هئي. بيماريءَ جي ڪري سڄو سال غير حاضر رهيو هوس ۽ سال جي آخر ۾

مدرسي ڏانهن موڪيو هوس. مون جواب ڏنو "آئون!" سڀ چوڪرا کلڻ لڳا. اعظم چيو تہ "مون کان بہ هوشيار آهين؟" مون چيو "آئون مدرسي جي سمورن چوڪرن کان هوشيار آهيان!" سڀئي هڪٻئي ڏانهن نهارڻ ۽ کلڻ لڳا. چوٿين درجي جو نتيجو نڪتو تہ اعظم الائي پهريون يا پنجون (پوري يادگيري ناهي.) نمبر آيو. آءٌ پنجاهه جي ڪلاس ۾ چوٿيتاليهون نمبر آيس. اعظم چيو "هاڻ مڃين ٿو؟" مون چيو "نہ!" سال کان پوءِ وري پنجين جو رزلٽ نڪتو. مون سنڌي، عربي، فقہ ڇڏي ٻيا سڀئي پيپر انگريزيءَ ۾ لکيا هٿ حالانڪ ائين ڪرڻ جي حالت ۾ مارڪون بلڪل گهٽ ملڻ جو امڪان هو. نتيجو هر ڪلاس ۾ روبرو اچي ٻڌايائون. هر سبجيڪٽ جو الڳ. هر سبجيڪٽ ۾ پهريون نمبر اچڻ واري جو نالو بہ ڪلاس ۾ ئي ٻڌايائون. حسابن ۾ آءٌ شروع ۾ ڇٽ هوس.

حسابن جو رزلٽ نڪتو. ماستر اعلان ڪيو "فلاڻا پاس. فلاڻا فيل. رسول بخش علي محمد ڪير آهي؟" آءٌ اٿي بيٺس. "تون پهريون نمبر آيو آهين حسابن ۾" پوءِ سلسلو شروع ٿي ويو. الجبرا "رسول بخش منگراڻي ڪير آهي؟" آئون اٿي بيٺس. "تون الجبرا ۾ پهريون نمبر آيو آهين." انگريزي جنرل: "رسول بخش پليجو ڪير آهي؟" اٿي بيٺس.

تون پهريون نمبر آيو آهين، انگريزي جنرل ۾." هڪڙي چوڪري کان رهيو نہ ٿيو. اٿي چيائين "سائين هي ٽن جدا جدا رسول بخشن جا رزلٽ آهن. هڪڙو منگراڻي، ٻيو علي محمد جو پٽ ۽ ٽيون پليجو." ماستر پڇيو "ڇا ڪالهه آهي.؟" مون چيو "علي محمد منهنجو والد آهي. منگر خان منهنجو ڏاڏو آهي. پليجو منهنجي ذات آهي."

معلوم ٿيو تہ مون سنڌ مدرسي ۾ هڪڙو نئون رڪارڊ قائم ڪيو هو. آئون پنهنجي A - 5 ڪلاس توڙي پنجين درجي جي ٻين ڪلاسن ٻي، سي ۽ ڊي جي سمورن شاگردن ۾ ٽوٽل ۾ پهريون نمبر آيو هوس. ساڳئي وقت سمورن هيڊن جهڙوڪ، ٻوليون (عربي ۽ سنڌي)، تاريخ، جاگرافي، سائنسون (فزڪس ۽ ڪيميسٽري)، رياضي، (الجبرا، جاميٽري ۽ حساب) فقہ ۽ اسلامي تاريخ وغيره ۾ سڄي مدرسي جي پنجين درجي جي چئني ڪلاسن ۾ پهريون نمبر آيو هوس. وري الڳ الڳ سبجيڪٽن مثلاً حساب، الجبرا، جاميٽري، فقہ، اسلامي تاريخ، فزڪس ۽ ڪيميسٽري وغيره وغيره تن منجهان گهٽن ۾ چئني ڪلاسن جي شاگردن ۾ پهريون نمبر آيو هوس. مثلاً حساب ۾ بہ پهريون، سنڌيءَ ۾ بہ پهريون ..... مطلب تہ الڳ الڳ، جوڙي جوڙي ۾ توڙي ٽوٽل ۾، ٽنهي حسابن سان اڪثر ڪري پنجين جي سمورن ڪلاسن جي سمورن شاگردن ۾ پهريون نمبر. پوئين پيرڊ ۾ پٽيوالي اچي چيو "رسول بخش پليجي چوڪري کي ٽيچرس ڪامن روم ۾ سڏين ٿا." "توکي مون سڏايو آهي." هڪڙو سنهون، پوري قد جو، سدا ملوڪ ڳورو

نوجوان ماستر وڏي آيو. مون کي هٿ کان ونڊي هڪڙي خالي ڪرسيءَ جي پرسان بيهاريائين. پوءِ ٻين ماسترن ڏانهن منهن ڪري سنجيدگيءَ سان چيائين "هن چوڪري جي انگريزي ٽيڪسٽ جو پيپر مون ڏٺو هو. هڪڙي سوال جو جيڪو جواب هن لکيو آهي. سو اوهان کي پڙهي ٿو ٻڌايان." پوءِ هن پڙهي ٻڌايو. اهو سوال هو ته "هڪڙي انگريزي گهر جي اڏاوت ڪهڙي نموني ٿيندي آهي؟" مون سٽنگ روم، ڊرائنگ روم، مطالع جي ڪمري، بورچيخاني بابت ڪتاب ۾ ڏنل احوال ڏيئي پوءِ لکيو هو ته "انگريزن جا گهر اهڙا ڪشادا، مضبوط، سهڻا ۽ صاف ستڙا ان ڪري آهن جو انگريز آزاد قوم آهن. اسان جا گهر سوڙها، ڪمزور، ايرا سيرا ۽ گندا ان ڪري آهن جو اسين هندستاني قوم غلام آهيون. جيسين غلاميءَ مان ڇوٽڪارو نه مليو آهي تيسين اسانجا گهر اهڙائي رهندا. غلاميءَ مان ڇوٽڪارو قربانين بنا نه ملندو." ماستر صاحب جڏهن منهنجي جواب جي هيءَ سٽ پڙهي.

"The tree of liberty is watered by the blood of tyrants."

"آزاديءَ جي وڻ کي ظالمن جي خون جو پاڻي ڏنو ويندو آهي." تڏهن سمورن استادن هڪٻئي ڏانهن نهاريو.

پهرئين استاد پوءِ نهايت رسمي نموني مون کي مخاطب ٿي چيو "رسول بخش! پنهنجي ڪلاس ۾ درجي ۾ هڪڙي شاندار ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ خاص ڪري هڪڙو عاليشان مضمون لکڻ جي ڪري اسين سڄي مدرسي جا هي سمورا استاد توکي اهو اعزاز ٿا ڏيون ته تو شاگرد کي، اسين استادن جي هن ڪمري ۾ پاڻ سان گڏ ڪرسيءَ تي ويهاريون ٿا!" مون کي ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو. چانهه گهرايائون. گڏ جي پيتيسون. ٻين سيني استادن ٻه مون کي شاباس ڏني، مون کان ڪوبه لفظ ڪونه اکليو. مون لاءِ خوشيءَ ۾ شڪر گذاريءَ جي اٿاهه جذبن کي روڪڻ ئي وڏو مسئلو هو. آءٌ بُت بنيو ويٺو رهيس. هاسٽل واپس اچي ڪمرو بند ڪري اندران ڪڙو ڏيئي ويهي رهيس. جنهن ڳالهه جو ڊپ هوم، سا ٿي. منهنجي اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهي اٿي هليا!

معلوم ٿيو ته اهو ماستر صاحب جنهن کي منهنجو مضمون وٺيو هو، سوئي ڇهين درجي کي انگريزي پڙهائيندڙ سائين محمد ابراهيم جويو هو، جنهن جون عبدالرئوف نيڪيون ٿي ڪيون. هاڻ آءٌ ڇهين ۾ آيس ۽ عبدالرئوف وارو انگريزي ٽيڪسٽ جو استاد وري منهنجو استاد ٿيو. انگريزي ٽيڪسٽ ۾ رکيل نظمن مان ٻه هيون. "The Solitary Reaper" (اڪيلي لاهياري) ۽ "And Home they Brought Her Warrior Dead" ۽ سندس مڙل جوڙي کي گهرڪي آيا." اهي نظم جڏهن جوئي صاحب کي پڙهندو، پاڙهيندو ۽ سمجهائيندو ٻڌم ۽ ڏٺم، تڏهن مون

کي زندگيءَ ۾ پهريون پيرو معلوم ٿيو ته سچي شاعريءَ ۾ ڪيڏو نه اثر، ڪيڏي نه قوت، ڪيڏو نه جادو ٿيندو آهي. پوءِ مون کي سمجهه ۾ اچي ويو ته جڏهن اسين ٻيا شاگرد موڪل مهل اسڪول مان ٽڪي ٽڪي ۽ بيزار ٿي موٽندا هئاسين تڏهن عبدالرئوف ڪڏهن ڪڏهن وڏي واڪي انگريزي شعر پڙهندو، ڪلندو، ڪڏندو ۽ ٽينگ ٽپا ڏيندو ڇو ايندو هو. ڇهين درجي جي اسان واري ڪلاس جو آخري پيريڊ اڪثر انگريزي ٽيڪسٽ جو پيريڊ هوندو هو! هن جهڙو استاد مون اڳ ڪونه ڏٺو هو. ٻيا انگريزي ڄاڻندا هئا، گرامر ڄاڻندا هئا. پر اهي ڳالهيون هن جي حالت ۾ هن جي شخصيت جو نچوڙ نه هيون. هو ٻين کان وڌيڪ گهڻ طرفو، گهڻ ڄاڻو ۽ گهڻ- ڳڻو هو. استاد هجڻ لاءِ جيڪي خوبيون ڪپن سي منجهس حد درجي جون هيون پر لڳو ٿي ته هن لاءِ رڳو بهترين استاد ٿيڻ ڪافي نه هو. هن جي سوچ جي دنيا ان کان وڌيڪ ڪشادي، وڌيڪ پراسرار، وڌيڪ دلڪش ۽ نرالي ٿي لڳي. هن جيڪي ڳالهيون ٿي ڪيون سي اسان مان ڪنهن جي خواب خيال ۾ به ڪونه هيون.

" ڪاجا آندي ڪيڇين وٽڪاران وائي،
سڻي مون سائي، نيڻين ننڊ وهه ٿي."
(شاهه)

مختلف ٻولين جي گهڻن ناولن پڙهڻ کان پوءِ، ننڍي عمر ۾ ئي مون کي ڪتابن سان گڏ، ماڻهن کي پڙهڻ جو شوق پيدا ٿي ويو هو. آهستي آهستي ماڻهن جي اندر بابت اول ڏڪا ۽ پوءِ کي قدر صحيح انداز لڳائڻ سکي ويو هوس. مون کي لڳو ته اسان جي ڇهين درجي جي انگريزي ٽيڪسٽ جو ماستر، ماستر ڪان سواءِ ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي. خوبصورت جسم ۽ خوبصورت پوشاڪ سان گڏ خوبصورت ڳالهين ۽ سوچن وارو هي ماڻهو رڳو نفيس ۽ نرم دل نه آهي. مون کي لڳو ته سندس اندر ۾ ڪي آهي جيڪو سندس نرم نفيس علمي ۽ ادبي ڳالهين مان ڪڏهن ڪڏهن باهر وانگر ٻکندو نظر اچيو وڃي. لطيف جون هي سٽون مون گهڻو پوءِ پڙهيون:-

"اندر جنين باهه، سڏ سپ کا تن کيا"
++
"اديون عبدالطيف چئي، اندر آڳ اٿئون!"

ائين ٿي لڳو ته هي ڪنهن ٻئي پار جو مسافر آهي. اسان کي، سڄي ملڪ

کي، دنيا جي سمورن ماڻهن کي اوڏانهن وڻي وڃڻ ٿو چاهي. هندو مسلم جهيڙن کان اڳتي، وڏيرن، پيرن، سيدن جي راڄ کان اڳتي، ان وقت جي سياستدانن سرغلام حسين، جي-ايم- سيد، کهڙي ۽ سر عبدالله هارون، نواب بهادر يار جنگ، جناح، نهرو ۽ گانڌيءَ جي دنيا کان اڳتي. مون شعوري طور ڪائنس وڌ ۾ وڌ سکڻ جي ڪوشش ڪئي. بين ڳالهين سان گڏ ڪائنس خوبصورت انگريزي نثر ۽ نظر پڙهڻ ۽ سمجهڻ سکيس. هن کان ئي مون کي اهو شوق حاصل ٿيو ته ماڻهوءَ کي نه رڳو انگريزي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ اڇي پر ان کي هڪڙي ڪارائتي ذهني، فڪري ۽ روحاني اظهار جي وسيلي ۽ پنهنجي اندر ۽ شخصيت ۾ واڌ، بلندي ۽ انقلاب آڻڻ جي قوت جي سرچشمي طور ڪتب آڻي، ان مان خوشي ۽ مزو وٺڻ ۽ ان کي ماڻڻ جو ڏاڍو به اڇو ڪهرجي. آءٌ سمجهان ٿو ته دنيا جا جيڪي غير معمولي ماڻهو ٿي گذريا آهن، انهن کي پنهنجي مادري ۽ ملکي ٻوليءَ کان سواءِ کا نه ڪا عالمي ٻولي جهڙوڪ لاطيني، سنسڪرت، چيني، عربي، فارسي، انگريزي يا فرينچ وغيره ايندي هئي. اڄ به دنيا جي ماڻهن کان انگريزي، فرينچ، روسي وغيره عالمي ٻولين کسي وٺجن ته باقي وڃي ٿورا اهڙا ماڻهو بچندا جيڪي ذهني فڪري ۽ روحاني جيتامڑا نه هجن. دنيا جي جديد سائنسي ۽ انقلابي سماجي سوچ سان منهنجي واقفيت به جوئي صاحب ڪرائي، جنهن جي هدايت هيٺ مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ان نئين سماجي سوچ مطابق لکيل سياسي لکڻيون انگريزيءَ ۾ پڙهيون. هو مون کي ايم - اين - راءِ جي هفتيوار انگريزي اخبار "Radical" پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. اتان ئي اهو سوچ ۽ عمل جو سفر شروع ٿيو جنهن آڻي في الحال هتي رسايو آهي.

" ڪانگڑو ٿو اڏي، سهڻل هندوري ۾ لڏي.
او منو ڪانگڑو ٿو اڏي!
ٻيون ته پيٽون سهاڳڻيون، هيءَ ڏکي ڏهاڳڻ.
او منو ڪانگڑو ٿو اڏي."

زماني کان پوءِ وري اهو آواز ٻڌو اٿم. اڄ سڻا ڪلام ٻڌا اٿم. صبح جو ڏاڍا مڻا ڏوگري گيت ٻڌم. پوءِ هنديءَ جو عارفاڻو ڪلام (پڪتي گيت) ٻڌم. پيرويءَ ۾ هڪڙي عاليشان نمري ٻڌي پوءِ اوڏي ۽ ڪشميري گيت ٻڌم.

"سانون ڏاڍا سبزا لايا، سانگين سانگ سجايا وي"

سانگيءَ جي ان ڪلام کي دين محمد تنگ توري چڏيا آهن.

"مارن ڏانهن برساتون برسن، مون تان نيهر پايا وي. گوندر پاسي گاهه سامايا، مون ۾ سور سمايا وي!" سبحان الله!

26/7

صبح.

اصغر اچي چيو آهي ته چون ٿا ته "توهان کي اسپتال وڃڻو آهي. تيار ٿي ويهو! جيڪي ٻيا قيدي ويندا تن سان گڏ وڃڻو آهي." کلهه سپريڈنٽ کي ليٽر لکيو هوم ته "ٻه هفتا کن گذري ويا آهن. مون کي اسپتال ڪونه موڪليو ويو آهي." هاڻ ڏسان ته وري ساڳيو اڳوٽو قدو ته ڪونه ڪندا ته "هٽڪڙيون هٽائي. پويان ويهه." هٽڪڙيون ته مون ٻارهن مهينا هٽائي حيدرآباد ۾ ڪراچيء ۾ ڇڪر هنيا آهن ۽ هٽ ڪڙين سان ئي سنڌهاء ڪورٽ ۾ پنهنجا مقدما لڙيا آهن. پر تڏهن مون سي- ڪلاس ۾ ٻارهن مهينا سخت قيد جي سزا پئي ڪاٽي. هينئر سياسي نظربند طور قيد آهيان. پوء هٽڪڙيون وس پچندي چو هٽائجن ۽ ٻڪرين وانگر پاڻ کي واڙجڻ ٻ چو ڏجي؟ پوري ويچار بعد سوچيم ته ٿي سگهي ٿو ته اڄ ٻه ساڳيو قدو ٿئي. فيصلو ڪيم ته ان حالت ۾ سمورين حالتن کي خيال ۾ رکندي اهو بهتر ٿيندو ته نه ويجي. پوء چا ڪجي؟ اهو ٻ سوچيو اٿم ۽ سوچيان پيو. سياڻي پرويز ايندو ان سان ڳالهه ڪبي.....

کلهه ڇڇ بارش پئي. ٽيون ڏينهن ٻ هئي. هينئر ٻ ٽورو جهڙالو آهي. کالهه اخبار ۾ ڇڇ خبرون هيون. جميعت العماء اسلام عبيدالله انور گروپ سان ڳالهيون ختم ڪري وري ايم- آر- ڊيء ۾ حصو ونڻ شروع ڪيو آهي. تحريڪ استقلال ٻ ايم- آر- ڊيء ۾ باقاعدي شرڪت ڪرڻ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ٽيون ڏينهن ايم- آر- ڊيء متفق طور فيصلو ڪيو ته بلدياتي چونڊن ۾ حصو ڪونه ونبو. چيو ويو آهي ته پي- پي ان فيصلي جي مخالفت ڪانه ڪندي. ٽڪا خان ۽ فاروق لغاريء سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ سندن اها ڳالهه مڃڻ جي ڳالهه ٻ ڪئي وئي. هوڏانهن فاروق لغاريء جو اهو بيان ٻ آيو ته "اسان جو فيصلو اٽل آهي. حڪومت ان کي بدلائڻ ڪهري ٿي. پر اسين اصل نه مڃينداسين." پاڪستاني منافق ۽ بي حيا سياست جي هليء چليء مطابق جيڪا ٻ ذلالت ڪرٽي هجي ان جو ڪوڙو جواز اهو ڏجي ته "سرڪار ان جي مخالفت ٿي ڪري!" مثلاً چئجي ته "آء چاهيان ٿو ته ملڪ ۾ سدائين فوجي جنرلن جي حڪومت هجي. مون کي خبر آهي ته جنرل ان ڳالهه کي هرگز پسند نه ڪندا ته ڪو مٿن ايڏي ڳري جوابداري عائد ڪئي ويچي ۽ ان کي ناڪام بنائڻ لاء ان مطالبي جي مخالفت ڪرائيندا. پر اسين پنهنجي فيصلي تي اٽل رهنداسين. فوجي جنرلن جي حڪومت ڪنداسين. ۽ مخالفن جي سرڪار پرست سازش کي هرگزڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا سين." اهو

هڪڙو مجرب نسخو آهي ۽ پنجتيهه سال بي حيائي ۽ بيغيرتيءَ سان ڪامياب ٿيندو رهيو آهي.

دولتانه لنڊن ۾ آهي. ڪالهيون پيو هلائي. هي "شريف ماڻهو" ڪهڙيون ڪالهيون ڪندا هوندا؟ اهي ئي پراڻيون ڪالهيون. اسلامي ليبل واري بوتل ۾ جاگيرداري، سرمايه داري، آمريت ۽ قسطائيت ۽ سامراج پرستيءَ جو گندو ۽ زهريلو "صالح" مڪسچر. همراهه ذاڏا اگهاڙا ٿيا آهن. ڪلهه هڪڙي ليگيءَ چيو آهي ته "هي ڪوڙا آهن. هنن کي اقتدار ڇڏڻو ڪونهي." "ملن جي ڊوڙ مسيت تائين." ڪوڙي کي ڪوڙي ڪرڻ لاءِ اسين چئون ٿا "اوهان کي اسلام جو ايڏو صدق ڪٽي ويو آهي ته سڄي ملڪ ۾ ڪولي اهڙي ڪنهن ماڻهو تي هٿ رکو جيڪو اوهانجي نظر ۾ صالح ۽ مومن هجي. اقتدار ان کي ڏجي. اوهين ويڄي پنهنجي ڏنڊي سان لڳو. اسين ان کي ئي اڳواڻ قبول کريون ٿا." ممتاز پٽي ايم- آر- ڊي ۾ اهڙن ماڻهن جي شريڪ هجڻ جي ڪالهه ڪئي آهي جن پٽي صاحب کي زور ڪري مارايو. اها ڪالهه هنن حالتن موجب ڪرڻ جي ڪانه هئي ۽ ڪسي ٿي. باقي چيائين ته "جتوئيءَ سان اختلاف ڪونهي" سا ڪالهه حالتن آهر في الحال ٺيڪ ٿي. جماعت جي طفيل محمد حڪومت ۽ سياستدانن جي گول ميز ڪانفرنس جي تجويز ڏني آهي. جنرل صاحب جي گروءَ کي هاڻ خبر پيئي آهي ته ڊالري جماعت کان سواءِ ٻيون به ڪي اهڙيون سياسي جماعتون آهن جن کي آمريڪي سامراج، رجعت پرستي ۽ آمريت جي مفادن جي تحفظ واسطي مٽي تي هٿ ٽيرائڻ ضروري آهي. هن دور جي پنجن پليتن، پنجن يزيدن، جاگيرداري، سرمايه داري، سامراج، رجعت پرستي ۽ آمريت جا حمايتي ويچارا ڪجهه ڏکيرڙا ٿي پيل ٿا ڏسجن.

شاهه کي اڳيئي خبر هئي ته پس پيش ائين ئي ٿيندو. سو چئي ويو آهي "هئي تنين جي حال، جي جماعتي يزيد جا!"

28/7

ڪلهه اسپتال ونڊي ويا. پير جا نوان ايڪسري نڪتا. گارڊ جو انچارج هڪڙو ڪجهه باذوق قسم جو اي- ايس- آئي هو. ڪي سٺا شعر ٻڌايائين. اهل تشيعت جي تبليغ به ڪيائين. مون چيس ته "اهي ڪالهيون سپ پليون. پر سدائين رڳو مٿل يزيدن سان لڙائي چالو رکڻي آهي يا جيئرن يزيدن سان به ڪو حال احوال ڪرڻو آهي." چيائين "واهه جو ڪرڻو آهي." خيال ٺيڪ هوس. مون کي ته ڪٽي به ڪو ماڻهو نٽو ملي جو منافق ۽ ميسٽي رهزن آمريت جو حامي هجي. گهٽا ته سخت خلاف آهن. اسپتال جون نرسون به چون، "اسين پانيون ته رڳو اسين هنن پليتن مان بيزار آهيون. پر اوهين ايڏانهن جا ماڻهو به خلاف آهيو!" واپس موٽندي گاڏي بيهاريم ته همراهه چانهه پين. مون کي سهوليت نه ڪهربل هئي ۽ نه

ورتير. ائين ئي چير ته چانهه پيارجين. (آءُ اونهاري ۾ ڪونه پيئان.) چي، "چانهه پوء. پهرين ماني کائينداسين!" "سڄڻ سڄي ٻانهن ڏي ته ڪجهه کائجي ڪجهه چڌجي." اهڙيون پرائيون ڳالهيون ايڏهين سنڌ ۾ هونديون. هت ڪي اهڙا بـ يار ملندا جي اهڙي پورئي سڄڻ کي چوندا ته "هڪڙي ٻانهن جي کائڻ مان ڪجهه کونه ٿيو! بي ٻانهن ڪٽي؟ هيڏانهن ڪر!"

ڊپٽيءَ کي مسڪين رمضان جي مقدميءَ لاءِ چير. ٻيا پويان ٽي ويا، هي ويچارو اتي جو اتي. سدائين موچڙن ۾. ڪجهه هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻڌي ڪجهه سمجهيون اٽس ته مورکو چونس اڌ مغزي. مون چيو ته نه چوان. مصلحت جي خلاف ٿيندو هن جي ڏنڊي ۾ ننگ انڪائڻ. پر هن جي يتير حالت ڏسي پاڻ پلڻ ڏکيو ٿي پيو. ڊپٽيءَ هائوڪار ڪئي آهي. سڀي نمونو ٿي ويندو. ڪلهه اصغر ٻڌايو "هن جا افعال اهڙا آهن جو گهٽا ڏينهن ڦاسيءَ تي چڙهي وڃي ها. پويان کوبه کونهيس. ڦاسيءَ مان جنم ٽيپ ڪرائڻ لاءِ نڪا ڪپن ۽ هلندي ڪپي. سي اسان جهڙن وٽ ڪٽي؟ آخر هن جي ماءُ وڃي ڪنهن طرح پٽي صاحب سان ٽڪري. تنهن ڦاسي ٽوڙي جنم ٽيپ ڪيس. نه ته هينئر حورن جي حوالي ٿيو ويئو هجي ها." مون کي ٻين جي پيٽ ۾ ڪپل وقت هتي ڏسي ڏسي ماٺهو همدردیون ڪرڻ لڳا آهن. "گ" چيو "سچ پچي ويا. توهان شير ٿيا ويٺا آهيو!" مون چيس "نيلسن منديلا ڏکڻ آفريڪا ۾ ويهن سالن کان قيد ۾ آهي هڪڙي ٻيٽ تي. سندس زال ويهن سالن کان ٻن ماٺهن سان ساڻئي وقت ملي نٿي سگهي. زمبابوي جو وزير اعظم ڏهه سال قيد ڪٽڪا ۽ ٽيپ ڪاٽي تڏهن آزاد ٿيو. جڏهن سندس پارٽيءَ ملڪ آزاد ڪرايو ۽ سندس آزاد ٿيڻ ۽ وزيراعظم بنجڻ لاءِ ميدان تيار ڪيو. هتي هزارين ماٺهون قلعي ۽ ٻين اذيت گاهن ۾ آهن. اسرائيل وٽ هزارين فلسطيني پيانڪ حالتن ۾ قيد آهن. سڄي دنيا جي آمريتن لکين ماٺهون گهران کڻائي مارائي چڌيا آهن ۽ لکين قيد آهن. باقي پاڻ شوق ڪري پاڻ کي "ڪانڊيري بدران درخت" سڏايون ته پلي!" پوء ويٺنام جوانن جون چيتن جي پيچري ۾ قيد ٽيلن جون خبرون ٻڌايون مانس. جڏهن ٻڌائين ته اهي ويران ٻيٽ تي لوهي پيچري ۾ بند هوندا هٿا ۽ تهه سياري ۾ روز کين ليٽائي مٽائڻ برف جهڙو ٺڏو پاڻي وجهي کين زبردستيءَ ٺڏي پاڻيءَ جو "غسل" ڪرايو ويندو هو ۽ کين چيل هو ته "دروزاي تي ڪتل آمريڪي ڇاڙتي فوجي ٽولي جي جهنڊي کي سلام ڪري گهر هليا وجو نه ته پوء اها حالت ٿيندي." ۽ کوبه جهنڊي کي سلام ڪري گهر نه ويندو هو ۽ اهي سختيون برداشت ڪندو رهندو هو. جيڪي بنا سلام ڪرڻ جي انهن سختين ڪري مري ويندا هٿا تن کي فاتح سڏيو ويندو هو. تڏهن کجهه ڳالهه مغز ۾ ويئس ته دنيا ۾ سورهيائي جا، خاص ڪري گڏيل، قومي سورهيائي جا معيار ڪهڙا ٿيندا آهن. ٻن تن ڏينهن کان مينهوڳي آهي. کڏهن ڦڙڦڙ. کڏهن

وڏ ڏڙو. دهليءَ تان انائونسر پيو چوي "هاڻ ساز سنگيت جو پروگرام شروع ٿو ٿئي. هاڻ ٻڌو جيا بسواس جو ستار تي وڄايل راڳ گن ڪلي." نالو ٻڌل آهي. ياد آيو! اڳ ٽي- ويءَ تي آيل بنگالڻ ستار نوازا ديوڙهيءَ ۾ گلزار ءِ مشتاق بن سڻن اردو ۽ پنجابي ڪتابن ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي. ڏسون ڪڏهن ٿا موڪلين. هڪڙي ٻئي همراهه ڳالهه ڪندي چيو. "صاحب! مون تي خدا جو فضل آهي. رب جا جيترا شڪرانا ٻجا آڻيان سي ٿورا. هن جاءِ لاءِ ماڻهون رقمون خرچ ڪندا آهن. سفارشون آڻيندا آهن. مون کي جڙ گهران سڏ ڪري هتي موڪليائون. منهنجي سفارش ڪرڻ وارو منهنجي ٽي گريڊ جو هڪڙو ماڻهون هوا اهو ٿو اعليٰ آفيسرن کي چئي ٿاهي تا مڃين! منهنجو سروس ۾ هميشه هڪڙو اصول پئي رهيو آهي. مون ڪڏهن به پنهنجي باس Boss سان اختلاف نه ڪيو آهي! ها، راءِ ڏني اٿم. پر جي ڏنم ته صاحب وڏي جو لاڙو ٻيو آهي ته پوءِ، جو حڪم!" ان اصول جي ڪري آئون فخر سان چئي سگهان ٿو ته مون کي زندگيءَ ۾ ڪابه بري ڪانفيڊينشل رپورٽ ڪانه ملي آهي. اڳندي شرط زبردست آفيسرن جي هٿ هيٺ تربيت ورتم. سڀ با اصول ۽ ڪرڙا." "مثلاً؟" "هي پاڻ وارو صاحب! شروع کان وٺي هڪڙو اصول ورتائين. اڄ تائين ان تي قائم رهيو آهي. رڪارڊ آهي نه؟ ۱۷-۱۸ سال ساڻئي اصول تي قائم رهڻ ۽ ڪڏهن به ان تان نه مڙڻ! آهي نه؟" "مثلاً هن صاحب جو ڪهڙو اصول پئي رهيو آهي؟" "اهوئي non - sparing ڪنهن کي به بخش نه ڪرڻ. قيدي هجي يا ماتحت. اڇي ويو وڪڙ ۾ ته قلم جي فل مار ڏيئي ڇڏڻ. اڳندي شرط خطرناڪ جيلن تي رهيس. جيڪو به رڳڙو ڪائڻو هو سو شروع ۾ ئي ڪائي ورتم. پڇي لال ٽي ويس. ساهيوال ۾ رهيس. ميانوالي به رهيس" "ميانوالي ڏکيو جيل آهي؟" "او! ڪيا بات هي ميانوالي ڪي! هرندڙ ڪورو سمجهه!" "هن ڪان به ڏکيو جيل آهي؟" "هن جي ڳالهه ته توهان الڳ رکو نه! هي ته Maximum Security وارو. وڏ ۾ وڏ حفاظت وارو خاص جيل آهي. وري سپريڊنٽ به قريشي آهي. اها ڳالهه الڳ رکي. پوءِ پنجاب ۾ ميانوالي جيل جهڙو ڪونهي. سپرنٽيڊنٽ کي هٿا چا! سڀ اصول پرست! ڪرڙا! مجال آهي جهرڪي به پک ڦڙڪائي سگهي!" "ٻڌو هوم ته سڪن جو ولر ميان والي مان پڇي ويو!" "اهو ته سائين ٿئي ٿو نه ..... ڏسو نه ....."

اخبار آئي آهي. پيپلزپارٽيءَ جي استيئرنگ ڪميٽي بلدياتي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اخباري رپورٽ موجب بيگم صاحبه ڪين خط لکي بلدياتي چونڊن ۾ حصو وٺڻ خلاف پنهنجي راءِ ڏني هئي ۽ فيصلو مٽن چڏيو هو. ٻارهن ڇڻن مان باقي پنج آهن. فاروق لغاري، ٽڪا خان، رانا شوڪت محمود، مخدوم خليق الزمان، آفتاب شيرپاءُ. جي اخبارن جون رپورٽون صحيح آهن (هڻڻ

گهرجن ڇو تہ خود فاروق لغاريءَ بہ انهن جي تردید نہ ڪئي آهي) تہ پوءِ هي پهريون دفعو آهي شايد جڏهن بيگم صاحبہ جي واضح راءِ جي ابتڙ فيصلو ٿيو آهي. پٽي صاحب واري سپريم ڪورٽ واري اپيل جي فيصلي وانگر هن دفعي بہ ٽي ڇٽا غلط فيصلو ڪرڻ وارا آهن ۽ بہ ڇٽا مخالفت ٻر آهن. هن دفعي بہ غلط فيصلو ڪرڻ وارا پنجاب جا آهن ۽ مخالف سنڌ ۽ سرحد جا! تاريخ پاڻ ڪي ائين بہ دهرائيندي آهي! البت مختلف سطح تي. پير سليم سرهندي "هٿيارن سان" پڪڙيو اٽن. ميزائيل واري ڀالهہ ڪي سرڪار ۽ سندس اخبارن گهڻ ٻر ڪوڙهي وانگر وڻي ڪنيو آهي. رات سوچيم تہ هڪڙي پاسي پيپلزپارٽيءَ تي رجعت پرست ٽولي جي استيئرنگ ڪميٽيءَ جي حيثيت ٻر قبضي ۽ بلدياتي فيصلي ۽ ٻئي طرف هي "ميزائلن جي هٽ اچڻ" واري سازش. اهي ڳڏجي افراتفري ۽ دهشت ڦهلائي جمهوري تحريڪ کي في الحال ڪاپاري ڏڪ تہ ڪونہ هٿي ڇڏيندا؟ ٿيڻ تہ ائين نہ گهرجي. پانيان ٽو ماڻهون ٻئي ڏڪ پچائي ويندا. جي ثابت قدم رهيا تہ اهي ٻئي بدمعاشيون ٿو بدمعاشن کي ٿي ڏڪ رسائيندیون. پس پيش وڌيڪ اگهاڙا، وڌيڪ خوار خراب ۽ ان کري وڌيڪ ڪمزور ٿيندا. ماڻهو سياسي طرح وڌيڪ بالغ ۽ وڌيڪ پڪا پختا ٿي ويندا.

ڪلهہ پرويز جي اچڻ جي توقع هئي. ڪونہ آيو. ٻيو. مون کي ڪو خاص ڪر ڪونهي. سواءِ هڪڙي جي. وڪيلن طرفان سڏايل ڪانفرنس بابت نياپو ڏيڻو هو افضل حيدر ڏانهن تہ جي ڪانفرنس ٿئي تہ محمد فاضل نمائندگي ڪندو اسان جي. ان سان لهہ وچڑ ٻر اچو. محمد فاضل کي چئجي تہ نظام ۽ ٻيو هڪ اڌ همراهہ صلاح مصلحت لاءِ وڻي اچي.

29/7

جمع صبح:-

پهر ساون رُت کي پون چلي تم ياد آئي.
پهر پتون کي پازيب بجي، تم ياد آئي.
پهر ڪو نجين بولين، گهاس کي هري سمندر مين
..... تم ياد آئي.
پهر ڪاگا بولا گهر کي سوني آنگن مين،
پهر امرت رس کي بوند پڙي..... تم ياد آئي.
دن بهر تو مين دنيا کي دهندون مين کهويا رها.
جب ديوارون کي دهوپ ڍهلي، تم ياد آئي.

لاهور ريڊيو! چا گيت! چا ڌن! چا آواز! سبحان الله. نالو ڪو نہ ورتائون.

شايد بلقيس خانر هئي. ڪئين ٽيون ڀائين اهو گيت. اڳي فريده خانر ڳايو هو. ڳوڻان حور لکيو ته پاڻ بلقيس خانر جي آواز ۾ ٻڌو هٿائين. هي آواز ته فريده خانر جو ڪو نه هو. لاهور جا ڪي اردو پنجابي گيت ۽ ڪي ڪي غزل واقعي لاجواب آهن. باقي هونئن هوندو آهي واهيات غزلن جو پراڻو رينگٽ براء رينگٽ. شابس! ڦڪا ٻه ٽڪا ٽين ۽ ٽڪن ٻه ٽڪا ان رينگٽ مان! اربع رات (اڳاري کان پوء ايندڙ رات) "ديوارين" جي هي قسط ڏٺم. ٺيڪ هئي. بهرحال گلا ڪا نه ڪرايائين. اسان ماڻهن هي ڪا ڪيپ نه ڪٽي ته قربان ٿي. رڳو گلا نه ڪرائي سون ته ٻه لک ڪٽياسون.

پٽي صاحب جي شهادت پيري وڏيرن مارشلا پاران پٽٽرول گشٽ ڪرائي،راج اڳواٽ ٻڌائي، خير خوبيء سان مڙس مارائي. سنڌ لاء اهڙي خواري ڪرائي ڇڏي آهي جو ان مان ڏيئي وڃي جند ڇڏائيندا سون. شام. گرمي آهي چا! ٻاهر وڃي ليٽيس ته هڪڙي گرمي ٻيا مڇرن جا ولر ورائي ويا. لاچار پويان پير ڪيا اٽم. سڄو ڏينهن چوپو Cho Po جو چيني ناول "برف واري ٻيلي جا پيڇرا"(Tracks in the Snowy forest) پڙهيو اٽم. طبعيت ۾ بهاري اچي ويئي. عوام جي سپاهين جي جاگيردار ڏاڙيل فوج سان ويڙهه جو عاليشان داستان آهي. واقعي عوام جڏهن سجاڳ، متحد ۽ منظم ٿين ٿا، تڏهن جيڪي ڪري سگهن ٿا تنهن جو ڪو ڪاٽو ئي ڪونهي! هن جاگيردار سرمائيدار سامراجي ماحول جا اثر هر ماڻهوء جي ذهن تي روز ڪٽ جا ٽهه چاڙهيو ڇڏين. هڙو ادب ڪٽ جي انهن تهن کي لاهيو ذهن کي ڌوئي صاف ڪريو چمڪايو ڇڏي. اڄ اخبار ۾ ڪا خاص خبر ڪا نه هئي. پاڳاري ۽ ايس - ايم ظفر ۾ اختلاف ظاهر ٿيا آهن. پاڳاري متناسب چونڊن جي مخالفت ڪئي آهي. اها چڱي ڳالهه ٿي. ڪجهه ته جماعت سڳوري۽ جي پروپئگنڊا جي لئي جهڪي ٿي. خواجه صفدر چيو آهي ته "ضياء ۱۴ آگسٽ کان پوء پنهنجي پارٽي ٺاهيندو." ٻين ٻه اهڙي ڳالهه ڪئي آهي. پانڌجي ٿو ته اهو خيال صحيح آهي. خواجه صفدر چيو آهي ته "ضياء اقتدار کو نه ڇڏيندو."

30/7

ٻپهر:-

سوا ٽي. ڪلاڪ ڪن ٽيو اسپتال کان موٽيو آهيان. گارڊ ٺيڪ هو. مشتاق اڳي وانگر صوبيدار کي پڙهائي موڪليو. ان ڪري گڙ ٻڙ ڪا نه ٽي. ڪافي احترام سان پيش آيو ۽ "سر!" ڪري ٽي ڳالهايائون. ڊاڪٽر چيو "مونکي خبر ڪا نه هئي ته ڪو توهان سياسي قيدي آهيو نه ته پهرئين توهان کي ڏسان ها." ڊاڪٽر بلال جيڪو قادياني آهي ۽ ٽرپارڪر جي ڪنهن قادياني اسٽيٽ جي

مئنيجر جو پٽ آهي ۽ مڊل تائين اتي پڙهيو هو سو ان کري پنهنجائيءَ سان پيش آيو. واپسيءَ ۾ رکشا ۾ چڙهي آياسون. گهٽ ۾ گهٽ ٻن ايڊائي سالن کان پوءِ وري رکشا ۾ چڙهيس ۽ هکڙو پڳل پيچرو ڏئي موٽيس. هن دفعي رکشا جي دستوري طرح بيزار کندڙ لوڏن ۽ ڏکن ڏومن ۾ به هکڙي نواڻ ۽ تازگي هئي! هر ڳالهه کيڏي نه نسبتي، مشروط ۽ حالتن تي مدار رکندڙ آهي! کن حالتن ۾ مصيبت جهڙا کمر به راحت، ته کن ۾ راحت جهڙا کمر به عذاب. اسپتال ۾ هکڙو چئن پنجن سالن جو سهڻو ٽلهو متارو ٻار اسٽريچر تي پيو هو. ٻئي ٽنگون پلاسٽر ۾ جکڙيل هيس. وچان شيخ هئي جنهن جي کري پير هک ٻئي کان ٻه کن فوٽ پري جهليل هٿا. اسان قياس وچان منجهس نهاريو ته کلي وڃائين. جمعدار جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي ساٿس چرچا کرڻ لڳو. سجو ٽڙيو پئي. آئي وئي سان پوڳ پئي کيائين. ههڙو زنده دل مريض، سو به هيترو ٻار مريض مون کو نه ڏٺو! 'گ' پنهنجن پائرن سان ملاقات کرائي. کي درجن دفعا واعدا کيا اٿس، بنا منهنجي چوڻ جي، ته "اڄ آءٌ توهان سان اچي ملندس. قسم سان! نه آيس ته يا عمر مونتي اعتبار نه کجو" ۾ ايندو کو نه. تان جو کنهن خاص کمر لاءِ تاکيد سان گهرائجيس. تنهن مان سمجهيو ته سندس خيال ٽپاکي آهن. ۽ جنهن قرب سان سندس پائر مون سان مليا تنهن مان ائين ٿي لڳو ڄڻ کي بنهه پنهنجا عزيز قريب آهن. ان مان خبر پير ته هن پنهنجي گهر جي ياتين سان واقعي پنهنجائيءَ واري نموني منهنجو ذکر پئي کيو آهي، جو منجهن هيڏي سک ۽ پنهنجائي آهي مون لاءِ. چيائون، "ايوب هميشه تنهنجو ذکر کندو آهي." گجرانوالي جي ايوب سان آءٌ هک دفعو مليو آهيان. ۽ دنيا اڪيان ۽ پٽ، منهنجو گهاٽو يار ۽ مداح ٽيو ويٺو آهي. کتاب موکليندو آهي. خدا کري جڏهن گڏجون تڏهن حسب دستور آءٌ کيس سيجاڻي ئي نه سگهان. ائين نه ٿئي. نه ته ڳالهه ڇڙ ٽي پوندي. همراهه مصلي آهي. گهٽ ۾ گهٽ ذات پنجاب جي. پڙهيل ڳڙهيل. کامريڊ ٽائيپ. سٽو ۽ پلو مڙس ٿو ٻڌجي. هک چٽيءَ مان ٽکرو "..... توهان اسان جا معزز مهمان آهيو. اسين شرمندا آهيون جو توهان جي کا به خدمت کرڻ ۾ ناکام ٽيا آهيون..... اميد ته توهان اسان جي بيوسيءَ کي ڏسي دل ۾ نه کندا.... خادم رر. "

فريده خانم پئي ڳائي. آواز ۽ ڏن لاجواب ۽ ڪلام رڳو اکرن جي کيڏ، ٽلهي لفاظي. نٽو وٽي.

کلهه رمضان آيو ته منهن پلڙو، اکيون ڏار ڏنل. چي، "پليٽ .... ماريو آهي... " ۽ پيرن تي هٿ رکي چيائين ته، " مونکي هتان کيڏانهن ٻي جاءِ ڏانهن کيو! نه ته هتي مونکي پورو کري چڏيندو هي....!" کجهه کرڻ جي کوشش کجي. پرويز صالح کي چوٽو پوندو ته نينا کي چئي هن جو کو اوکار کرائي.

تنهن ڏينهن "ڊيوڙهي" تي ويٺو هوس. ڪنهن بوتل گهرائي سان پئي پيتر تہ اوچتو "نا! نا!" تي. ڏٺم تہ پوليس وارو ملاقات لاءِ آيل قيدين کي ٽڏڙ پيو هٽي. ويٺلن جي منهن ۾ نهاريم تہ خير جهڙي ڳالهہ! جڙ ڪجهہ ٿئي ئي ڪو نہ پيو. مون لاءِ وات وارو ڏڪ ڳورڻ ۾ ڏکيو ٿي پيو. تکڙو تکڙو پي اٿي هليو آيس. حيدرآباد جي سٽي ٽاڻي جو اهو جمعدار ياد آيم جنهن منهنجي روبرو هڪڙي ۱۰ - ۱۲ سالن جي پٽ تي ويٺل چوکري کي. هٽن جي اڳرين تي زور زور سان ڏنڊيون هٽي دانهون پئي ڪرايون ۽ سامهون پيل بينچ تي ويٺلن سان مٽي قربائتي ڪچهري ۾ پئي ڪيائين! انهن اشرافن ۾ مزي سان پئي اها ڪچهري ڪئي! شروع شروع ۾ مون کي اعتبار ئي نٿي آيو تہ ماڻهو ماڻهوءَ کي ايڏي لاپرواهيءَ سان خيرصلاحي نموني اذيتون ڏيئي سگهي ٿو. منهنجي ڳوٺ جي هڪڙي ماڻهوءَ نور محمد پليجي ڪنهن زماني ۾ ٻڌايو تہ چوريءَ جي ڪيس ۾ اسان کي بجليءَ جا شاڪ پئي ڏنائون ، سامهون صوبيدار اخبار پئي پڙهي ۽ ہن پوليس وارن ہڪريءَ جي قر سان راند پئي ڪئي ۽ پاڻ ۾ چرچا پئي ڪيا! تڏهن مون لاءِ وسهڻ مشڪل هو اهڙين ڳالهين تي. غصي ۾ چا ۽ ڪري وجهڻ ہي ڳالهہ آهي. ۾ ٽڏي نموني بي حسيءَ سان، مزي مزي ۾، ماڻهون ايذائيندي پاڻ ڪجهہ ۽ نہ محسوس ڪرڻ ان لاءِ جيڪا حيوانيت ۽ نيچپائي ڪپي تنهن جو آءُ تصور ۽ نٿي ڪري سگهيس تن ڏينهن. وارا ڄمارا آهن. جيڪو ناول پيو پڙهان تنهن ۾ اهو ڏيکاريو پيو وڃي تہ چيني انقلاب دوران عوام کي اذيتون ڏيئي موجون ڪندڙن جو عوام کهڙو حشر ڪيو. طبيعت ٺيڪ ٿي ويئي اهو احوال پڙهي.

31/7

آرتوار- رات

فلم 'دنيا داري' ڏٺيم. قابل برداشت هئي. ڏکڻ ايشيا جي خارجہ سيڪريٽرين جي ڳالهہ ہول ٻڌيم. دلچسپ هئي. سڌاملهوتره پيئي ڳائي دهليءَ تان. اڄ اردو سروس ۾ ٻڌل آهي. اج ٽي-وي تي ٻڌو اتمانس. بلڪل ٺيڪ ٿي ڳائي. قبضو اٽس پنهنجي فن تي.

1/8

صبح ۷ بجا

اج ڏينهن ٽامي وانگر تتل آهي. فجر کان ونڊي آيس آهي. پن ۽ ڪو نہ ٿو چري. ٻاهر ويٺو نٿو ٿئي. پانيان ٿو اڇوکي گرمي اڳوٽا پويان رکاردڙ ٽوڙيندي. اڳئين سال گرميءَ کٽين قيدي کيرائي وڌا. هڪڙو اڻت مري ويو. هن سال شل خير ٿئي. اصغر اج ٽات ٿي ويو آهي. مقدم جي پيلي وزدي پائي ويو آهي. مون

چيس "تون اڄ آفيسر ٿي ويو آهين!" ڪليو وڃي. "اڄ دورو آهي. چير ته پيلا ڪپڙا نه پاتل هوندا ته متان چيف چئي نه ڏيي." ڏاڍي گرمي آهي! صبح سان لکڻ جا خيال آيا رڦيل ڪتاب بابت. ڪئين ڪتاب ڏسڻ ضروري لڳا. چير "ڪاش! ڪا واقعي عاليشان لائبريري بين الاقوامي معيار جي لائبريري پاسي ۾ هجي ها بلڪ شهر ۾ ڪٿي به هجي ها، رڳو اتي وڃي سگهجي ها!" ياد آيو ته لين يورپ جي سمورن وڏن شهرن ۾ رهيو. ويانا، پيرس، لنڊن، برلن، جينيوا وغيره. جاءِ هميشه شهر جي وڏي ۾ وڏي لائبريريءَ جي ويجهو ونڊ جي ڪوشش ڪندو هو. اڪثر سڃو ڏينهن لائبريري ۾ ئي گذارينڊو هو. سڃو ڏينهن وينو پنهنجن ڪتابن لاءِ نوٽ ونڊي مواد گڏ ڪندو هو. سائيبيريا ۾ به پنهنجي سر هڪ سٹي لائبريري قائم ڪريو ويٺو هو. زار شاهي روس ۾ به لائبريريون ماٺهن لاءِ هيون. قيدين کي به هزارين ميل پري جي لائبريرين مان اڌارا ورتل ڪتاب ٽپال ۾ وڃي پهچندا هئا. هتي اسان وٽ لائبريرين به چڙ ٽاٽيدار! جاگيردار سماج ۾ پٽيوالو به وڏيرو. لائبريريءَ مان ڪتاب ونڊ وارا اسان جهڙا به مجال جو وس پڃندي ڪتاب واپس ڪن. سڃي لائبريري لڳي گهر ڪٽي اينداسين. سنڌ جي شهر شهر ۾ سٹن سٹن عوام جي ڪر جهڙن ڪتابن جي لائبريرين جي سخت ضرورت آهي. پر جي قائم به ٿين ته انهن کي لٺ مار کان ڪير بچائي ۽ ڪيئن بچائجي؟ ٻيو ته ڏهيو حيدرآباد جهڙي شهر ۾ ڪا سنڌي ڪتاب اڌارا ڏيندڙ لائبريري ڪانهي. پراونشنل لائبريري شهر کان پٽيري. ڪير پاڙا پري پڃي ۽ رڳو اتي ويهي ڪلاڪ ۾ ڪتاب ڏسي.

تحريڪ استقلال ايمر - آر- ڊيءَ ۾ موٽي آئي ته آهي پر ڏڏن کان ڪا نه رهندي. هاڻ وري اهو ڏڏو ته ايمر - آر - ڊي جي تنظيم جو ڪو ضرور ڪونهي. مزاريءَ جيو آهي ته "پيپلز پارٽي کي بلدياتي چونڊن بابت فيصلي نه مڃڻ ڪري ايمر - آر - ڊي مان ڪڍي ڇڏيو." لغاري چئي ٿو ته "ان ڳالهه ۾ اسان ۾ ٻين جو واسطو ڪونهي." پ مجيو آهي. ويچارا حڪم جا بندا. اشاري سان اٿيو وڃن ۽ وري اشاري ملڻ تي ويچارا جهڙا هئا ئي ڪو نه. ڏاڍو خوار ڪيو آهي سنڌي قوم کي اهڙين هلڪڙين سياستن! سول حڪومت جو شو شو چڏي، ايمر - آر- ڊي جي تحريڪ جي هوا ڪيڏ جو پروگرام آهي. يارن کي ڪيستائين اهي شوشا ڪر ڏيندا؟

"آئي لونگ گوائي آئيين!
سهڻي اي، گوري اي، ڪتهين گوائي آئيين؟
سهڻي اي ڪتهين، هيري اي، ڪتهين؟ گوري اي ڪتهين؟"
(نڪ جو لونگ وڃائي آئي آهين؟

اي سهڻي! اي گوري! ڪٿي وڃائي آئي آهين؟
اي سهڻي ڪٿي! اي هير ڪٿي؟ اي گوري ڪٿي؟)

ريڊيو ڪشمير تان پرڪاش شرما لوڪ گيت پيو ڳائي. ڏن عاليشان آهي. آواز بہ. "ائي سس مونکي ماريندي، ائي نڻان مونکي ماريندي. مون سُٹي وڃائي!" هي گيت ان سنڌي لوڪ گيت جو پاءُ ٿو ڏسجي. سلون ۾ زبردست ڪڑبڑ آهي. سلون جي سرڪار بهادر چئي ٽي ته ڪڙ ۾ روس جو هٿ آهي. ڏسجي ٿو ته سلون جي حاڪمن ۽ سندن سامراج جي آقائن جي پروپئگنڈا ٻولي ڪٿي وئي آهي، جو اهڙيون واڙيون خبرون ڪرڻ تي اچي پيا آهن! هاڻ، روس ٻيا سڀ ڏنڊا ڪيا هوندا باقي مذهبي، فرقي پرستي يا نسلي فساد ڪرائي بيگناهہ اقليتن جا قتلام ڪرائڻ نہ سندس مفاد وڃان آهي ۽ نہ ڪڏهن ڪنهن اهڙو مٿس الزام ٿي هنيو آهي. سلون جي توڏي، سامراجي ڏاڇيءَ ڪان بہ اڳيري ٽي ڊوڙي پروپيگنڈا ميدان ۾. "ڏاڇي هٿي ڏهہ ته توڏي هٿي تيرهن!"

ٻہ پهر گرمي.

شام (5.30) بجا. جهڙ. ڪنهن ڪنهن مهل ڪا ڦڙي بہ ڪري پيئي. رڳو جناءُ ڪري جهڙ.

2/8

وڏو فجر. (4.30) بجا.

ڏهڪن جي آواز تي اک ڪلي ويئي. مينهن پيو پوي. ڪار جي حساب سان جڻ ۵۰ ميل في ڪلاڪ، نہ اجايو آهستي نہ اجايو تکڙو. مزي مزي سان. ان رفتار سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ پهرن جا پهر پيو وسندو آهي هِن پٽ ۾. اسان وڃ جبل ۽ ڍر ۾ ايندو آهي ائين جڻ پٹيان ڪي الاهي ڪم ڇڏي آيو آهي. ترڙ تکڙ ۾ ٻڌي آڏا ابتا وسڪارا ڪري وري ڏس ته ڪر! آيو نہ آئي جهڙو. وري وسندو ته وسندو بہ اتي جتي ماٹهو ويچارا دعائون پيا ڪهرندا ته ڦڙي بہ نہ ڪري! سڀ ڪان پلو ڪم تڏهن ٿيندو جڏهن هيترن ٻين چڳين برين ڳالهين سان گڏ سائنس ان مينهن جي ڇڙواڳيءَ تي ضابطو ڪري جيئن اهو اُتي آتي وسي جتي سندس سڀ ڪان وڌيڪ ضرورت هجي.

"وس! ته ورن سپرين!"
"جهڙن جهونگاري، لاڙ ڪس قلوب تان!"

***

سنگهارن شرم، رک منهنجا سپرين!"
"آگم ڪيو اچن، سڄڻ سانوڻ مينهن جئن. "
"پاسي تن وسن، جي سپ چماندار سڪيا."
ٿورو سمهان!
صبح . برسات. پهرين ڦڙ ڦڙ، هاڻ وڏ ڦڙو!

***

شام. گرمي! عبدالقادر جي "ديوارين" جي ٽي قسط
ڏنيم، ٻيو سپ ڪر ٺيڪ. رڳو پانيان ٿو تہ همراهہ سماجي سمجهہ جي پٽڑيءَ تان لهندو پيو وڃي!
يا رجعت پرست، مدي خارج، عوام دشمن، قبائلي سرداري نظام جي گندي ۽ پيانڪ چهري تي ميڪ اپ ڪندو پيو ڏسجي. جي سڄ پڄ توڙ تائين ان ڪس تي هليو تہ مارائي وڏائين! راڄ ڪلائي وجهندو پاڻ تان ۽ سندي ماڻهن تان!
٣/٨ شوينارائو، ڪبير ۽ ميران ٻائيءَ جو ڪلام پيئي ٻڌائي دهليءَ تان.

پيا بنا جيا تڙ پي!
ڏينهن جهڙالو آهي پر هوا بند آهي.
اوسجنا! برکها بهار آئي!
رس کي ڦوهارلائي، اکهيون مين پيار لائي! او سجنا!
تم کو پکاري ميري من کا پپهيرا!
لتا شروع آهي!

5/8

جمع، صبح.
ڦڙ ڦڙ ہر پسان ہہ پيو ۽ فارسي گيت ہہ ويڻو ٻڌان. اسٽيشن تہ الائي ڪهڙي آهي شارٽ ويو تي؟ طهران تي ملان حضرات قبضو ڪريو ويٺا آهن. اهي ڪيئن هجڙو ڪفر جو ڪم ڪرڻ ڏيندا هوندا؟ يا دهلي هوندي يا ڪابل. سرمٿا آهن ڏنون نهايت وٺندڙ. رهيو مطلب سو بقول عالم شاهہ جي "سپ خبر آهي!" انگريزي فلم ڏسندڙ، اڻ پڙهيل پٺاڻ جي چواڻي "عاشق ماشوق کا بات هوگا اورکيا هوگا؟" سڄي ڳالهہ جو اکر هڪڙو:- "بهار ہر هڙا ڪم لڳا پيا آهن، تون ڪٽي؟" دنيا جي سمورين ٻولين جي اهڙن گيتن جو اصل مطلب پانيان تہ ان کان وڌيڪ ڪو نہ هوندو. ڦڙڦڙ، وڏ ڦڙي ہر تبديل ٿي ويئي آهي. لڏي اندر اچڻو پڄي

ويو آهي. رات نند نٽي ڪرڻ ڏني ٻاهر مچرن. ڪلاڪ اڌ اڪ لڳي تہ ڦڙڦڙ تپائي ڪنيو. پڇي اندر اچٹو پيو. مينهن هاڻ خيرن سان ساڳي اسپيڊ سان پيو پئي. آڌ پنهنجي بهترين بات روم سنگر واري سدا ملوڪ "مٺي" ۽ "لٽي واري" آواز ۾ شاهه جو سارنگ پيو جهونگاريان .

"اڄ پڻ اميدون، آڪر سنديون اپ ۾،
سانوڻ پسي سرتيون، سڄڻ ساريوسون،
آئون آسائتي آهيان، مان پڇائي يَون!
گهر تہ گهرجين تون، مند مڙيئي مينهن جي."
"اڳڻ تازي، ٻهر ڪَنديون، پڪا پَتَ سُونَهنِ،
سُرهي سِيجَ، پاسي پرين، مَر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هُون برابر ڏينهڙا."
"سجو صاف نہ آيري، سرلي وچان سڄ،
منهن چڙهيو ماڻهن کي، ڏئي واڌايون وڄ ،
هينڙا! ڪپ مَ ڪج! سِکيا ملندي سپرين!"
"آئي مند ملهار، آئون ڪنهنبا ڪنديس ڪيڙا،
وسڻ جا ويس ڪيا، اڄ پڻ منهنجي يار....."

انور پانيان دل ٽي دل ۾ منهنجي "سريلي" آواز ۽ عجيب غريب هولن تي ڪلندو هوندو! پڇي تہ پڇي ڪيڏانهن؟ گيٽ تي مڙ جو تالو چڙهيو پيو آهي!

6/8

صبح (7.30) بجا:-

تمام ڏڍي فرحت جهڙي هوا پيئي لڳي. رات ڦڙڦڙ ڪري اندر پڇٹو پيو. چئين بجي صبح کان 'امن' ڪراچيءَ جي پرچي ۾ جمع خان جو ڪالم پڙهڻ شروع ڪيم. ڪلهه به سجو ڏينهن امن جون خبرون پڙهيم. هتي جي اخبارن ۾ جنگ لاهور به وڏي نعمت آهي. نہ تہ "نواءِ وقت" تہ چتي ڪتي وارا چڪ ٿي وجهي ماڻهوءَ جي ذهن کي. جنگ ۾ خاص ڪري ارشاد احمد حقانيءَ جا ڪالم پڙهڻ جوڳا هوندا آهن. هن ماڻهوءَ جهموريت پسند صحافت جو حق ادا ڪيو آهي گذريل سالن ۾. اونداهي کان اونداهي دؤر ۾. سينسرشپ جي چوٽ چڙهيل پابندين جي حالت ۾، هن گهمائي ڦيرائي عوام جي نقطہ نظر کي وڏي قابليت ۽ وڏي علم سان، وڏي دليريءَ ۽ استاديءَ سان پيش ڪيو آهي ۽ سندن عوام دشمن پروپئگنڈا کي اگهاڙو پئي ڪيو آهي. سينسر شپ جي وٽ کان بچڻ لاءِ هن

جي ذهن ۾ قلم صحيح معنيٰ ۾ سخت جاکوڙ ڪري گوريلا لڙائي ڪئي آهي. هڪڙي هڪڙي نقطي کي فضيلتن جا ست ست بخملي پوش ۾ ٽوس دليلن جون زرهون پهرائي ميدان ۾ پئي لاٿو اٽس. ٽيون ڏينهن پرويز ملڪ آيو. ڳوٺان همراهه کو نه اچي سگهيو. پرويز منهنجي چوٽ موجب 'امن' ۽'مسلم' راولپنڊي خريد ڪري گذريل ۱۵ ڏينهن جا پر چا گڏ ڪٽي آيو هو. في الحال ته عيد ٿي ويئي. سنڌ جون ڪي خبرون 'امن' مان پيون. معلوم ٿيو ته ايم - آر- ڊي چرپر ۾ آهي. محمد فاضل، مخدوم خليق الزمان، معراج وغيره دورا پيا ڪن ۽ پليون پليون ڳالهيون پيا ڪن. بدين جي ڪائونسلرن استعفيٰ ڏني آهي. منو ۽ صديق سميت. محترم جناب سردار محمد خان مگسي صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ فاضل ۽ معراج جو جلسو زبردست ڪرائي خيرن سان وري پاڻ کي ٻڌائڻ جي جدوجهد ۾ ڪامياب ٿيو آهي ۽ اخبارن ۾ بيان به شايع ڪرائڻ فرمايو اٽس ته "قيد ۽ بند اسان کي ڪجهه به نه ڪندا!" واهه جوان واهه! هڪڙا پهرين ڏکهيون ڳالهيون ڪندا پر پڇاڙي ڪا نه ڪندا. محمد خان مگسيءَ پارا اٽڻ سان اعلان ڪندا ته "اسين پاڙيا آهيون. اسين ڏڇون ٿا، اسان کي ڇڏيو. اسان جو نالو به نه ونو." پرجي ڪٽي زبردستيءَپڪڙي بيهاربن ته حال ته ڇٽو ته ڪرڪوجبل بيٺو آهي.هاروچي هولي"بِل!" (ڇڏ، هٽ ڪيڙ؟ پچي وج!) اپر سنڌ ۾ سکر پاسي مولانا امروٽيءَ وارا مچ مچايو ويٺا آهن. اسان جا يار اتي الائي ڪهڙي پائيءَ ۾ آهن؟ خاص ڪري نظام بلوچ الائي ڇا پيو ڪري؟ ڪاغذي سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ به ساهه پيل ٿو ڏسجي. بهرحال اخباري بيان بازيءَ ۾ چوٽ چڙهيا بيٺا آهن. اسان جا يار الائي ڪنهن جن ڪابن سان آهن؟ بيان ته ڪو به ڪو نه ٿو ڏسجين. اهو مورڇو ڪمزور ڇڏيو اٽن. ڪر سنو نه ٿيو. ڪتاب الائي ڇپجي سگهيو الائي نه، جي ڇپيو ته الائي ٽيڪ نمونو يا پروفن جي غلطين سان پريل. ڪي رسالا ۽ ڪتاب ٻيا به آندا پرويز. ٻئي طرف مشتاق اعوان، عصمت ڇغتائيءَ، ڪرشن چندر جا افسانه ۽ پروين شاڪر جي شاعريءَ جو مجموعو ڏياري موڪليا آهن. هاڻ ته عيش ٿي ويا! پانيان ته هڪڙي ڏينهن ۾ سپ پڙهي ڇڏيان. پر اکين ۽ ڪنڌ تي اثر پوندو. ڪلهه گهڙي (نالو اصل خليل) نمبردار ويئي خبرون ڪيون پنهنجي ڳوٺ جون، چي، "اسين اهلحديث وهابي آهيون. اسان جي شادين ۾ ٻيا دهل دمام ۽ ڪيڑيون ته ٽهيو پر رڳو ڪهوٽ موڙ ٻڌندو ته به ملون نڪاح پڙهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو. اسان وٽ کو ڪنهن پير فقير جي ميلي جي مٺائي وٽي کو نه کائي. مولوي صاحب چون ٿا ته اهو کائڻ، سوئر کائڻ جي برابر آهي. اسين حضور جن کي بشر سڏيون، ٻيا نور سڏين. اسين الحمد کان پوءِ "آمين!" زور سان چئون، ٻيا کو نه چون. هنن جي مسيتن تي لکيل هوندو آهي. "الصلواة والسلام عليک يا رسول الله!" اسان وٽ فقط ڪلمون لکيل هوندو آهي. اسان تي ماٿهو ڪلن

ء چون ته هن جي ڄج ائين ويندي آهي، جيئن ڪو چوريءَ جو پيرو ڪرو ڪٽندڙ وراڙو. سيني جا ٻوٽ ٻدل. نه ڳائين نه وڄائن. هو اسان کي ڪافر چون، اسين انهن کي. پاسي واري هڪڙي ڳوٺ ويس. هڪڙيءَ مائيءَ چيو "ابا هي منهنجو ڪير ڪٽي وڃي درگاهه تي ڏي!" مون چيس "امان! اهو هتي نٽي غريبن ۾ ورهائي ڇڏين؟ اتي مشتندا ملنگ پيئندا تنهن مان توکي ڪهڙو فائدو؟" چيائين "ابا! شل اها زبان سڙندئي جنهن مان ڪفر جا ڪلما ٿو ڪڍين!" "اسان ڳوٺ جي هڪڙي همراهه جي ٻئي پريري ڳوٺ ۾ شادي ٿي. جڏهن موڪلائي جي مهل ٿي ته ڳوٺ جي ماڻن چيو ته، "اسان جي ڳوٺ جي وڏن کان وٺي هڪڙي رسم آهي جيڪا موڪلائيءَ مهل پوري ڪرٽي آهي. اها ڪري پوء ڪنوار وٺي وڃو." اسان پڇيو" ڪهڙي رسم آهي؟" چيائون، "شند جي رسم." خبر پيئي ته گهوٽ ڪنوار ۽ ڳوٺ جون جوان ڇوڪريون توڙي ٻيون مايون هڪڙي گهر ۾ گڏ ٿيندیون. پوء آمهون سامهون "شند" (چند بيت) ڏيندا. اسان چيو "اسان اهڙين غير اسلامي ڳالهين مان ڪو نه ڄاڻون. اسان کي ڪنوار ڏيو ته وٺي وڃون." چيائون ته "پوء وڃو! اوهان کي ڪنهن جهليو آهي؟ باقي ڪنوار ته وڏن جي رسم پوري ڪرڻ بنا ڪا نه ملندي. اوهان جو ڊگهي ۾ ڊگهي ڏاڙهيءَ وارو ملون اچي ته ان کي به ڪا نه ملندي. مائٽن کي به مجال ڪانهي جو رسم پوري ڪرڻ بنا ڏين." بس پوء اسين موٽي آيا سين. گهوٽ چوي "اهڙن بدعتين جي ڏيءَ کي آءٌ طلاق ڏيندس." ماءُ چيو "ابا ماڻهو ڪلندا. شريعت کان معافي وٺي وڃهبي. هيءَ خواري ستن پيڑهين تائين هلندي. پنهنجي ڳوٺ ۾ ان ڳوٺ جي چوڪري پرڻجي آيل آهي. ان کان ٻڌي شند سکي وڃي ساهرن جي سسي سائي ڪري، ٻانهن وٺي اڃ." همراهه مون کي به ٻانهن کان جهليو. ويجي'شند'سکياسين. مايون گڏ ٿيون. هن جو وارو آيو ته شندن (بيتن) ۾ اسانکي کي سڙهي رکيائون. نه ڇڏيائون اسان جي ماءُ نه پيئ. سيني کي يار ڏنائون. ڪنهن کي ڪاٽو، ڪنهن کي انڊو، ڪنهن کي منڊو. اسان جو وارو آيو ته مون ڏور ڏنا. پهرين ست چئي پوء ٻيءَ ۾ چيم "سڀ ڳوٺ جو جوانڙيون اسين به سنياليندا سون (هن اڪر ٻيو ڪجو ورتو سنياليڻ بدران) هڪڙيءَ کي گهوٽ ٻين کي آءٌ." به ڪلاڪ مقابلو هليو. پڻيان ڪا به ڳالهه ڪا نه رهي. پڇاڙيءَ جو هر ڪنهن چوڪريءَ گهوٽ ۽ مون کي هڪڙو هڪڙو پٽڪو، هڪڙي چادر ۽ ڏهه روپيا روڪڙا ڏنا. جن وٽ نه هئو، تن کي گهوٽ جي سس چيو "اوهان اسان جي چوڪرن کي ستايو آهي. هاڻ جي لاڳ نه اٿو ته ان جي عيوض اوهان جا تي ڪپڑا لاهي ونبا!" پني سني پورت ڪيائون. اسين پري ڪپڙن جي ٻڌي ۽ هڙ ڦٽسن جي ڪٽي ٻڌي ڏينهن ڪنوار سان گڏ موتيا سون." "خون ڇا لاء ڪيئي؟" "ڪجهه به ڪو نه هوا ڳوٺ جي دڪان ۾ ريڊيو ٻڌي سيٽ وڃايو. آءٌ به شيءَ شڪل وٽ آيس. نديو هوس. اهو ١٧ - ١٨ سالن جو. مون وٽ به

ننڍو ريڊيو هو. اهو ڪٿي آيس دوڪان تي. وڳو پئي تہ مٹان ڳوٺ جو چوڌري آيو. آءٌ سلام ڪو نہ ڪندو هوسانس. مون تي ڪٽيون هجنس. ايندي شرط هڪل ڪيائين 'ريڊيو ڪير ٹو وڃائي مسيت جي پاسي ہر؟' مون چيس "هڪڙو اندر سيٺ پيو وڃائي، ہيو آئون. مسيت هينئر خالي آهي، نماز جو ٽائيم بہ ڪونهي." سٹ ڈيئي مونکان ريڊيو ونڻي دوڪان جي پٹ سان هٹي ڦَشَ ڦَشَ ڪري ڇڏيائين. چي 'هڪڙي بدعت ہي مسيت جي بي ادبي!' سيٺ کي ڪجهہ بہ ڪو نہ چيائين. مون گوڙ ڪيو. "تون چا؟" "تون چا؟" ٹي. ماٹهن ہر هڪل ڪري مونکي جهلائي، ماريائين. مون چيس "آءٌ توکي ڪو نہ ڇڏيندس!" چيائين "چا ٹو چئين؟ اڙي عيسائي هن کي اگهاڙو ڪري افعالون ڪرينس." عيسائي حڪم جو بندو، وچ ڳوٺ ہر منهنجي بيعزتي ڪيائين. چوڌرياٹيءَ پٹ کي ڳالهايو. امان کي ريڙهي جا پئسا ہري ڈنائين. ہٹي ڈينهن صبح جو مال کاهي پئي ويس تہ چوڌريءَ چيو "منهنجو ہچو آهين. مونکان بہ غلطي ٹي. اولاد ءِ مائٹ جو جهيڑو ڪو نہ ٹهي. ٹي سو توکي ہيا بہ ڈيندس!" مون کان وڌو ءِ زور آور مڑس هو. ہيو انالو ساٹس گهٹو. مون چيو "چوڌري! کا وڌي ڳالهہ کانهي! منهنجي بہ غلطي هئي. تو زيادتي ڪئي پر ٹهيو تہ ٹهيو." اها ڳالهہ ہڏي ويٹو ڪٹ تي. هن جو ويهڻ ءِ منهنجو شروع ٹيٹ. برڪ ہہ ڪري ۱۳ ڪهاڙيون هنيون مانس. ڊپ هوم تہ جي جيئرو بچي ويو تہ شاهد ٹيندو. بيان ڈيئي پوءِ مري ويو تہ سڌي ڦاسي رکي آهي. پورو ٹي ويو ٹڏي تي ..... قبولدار ٹيس. عمر ننڍي هئي. جنم ٹيپ ملي. ڪنوار هير. مون سان ٹاٹي تي ملڻ آئي. ماسيءَ جي ڈيءَ هئي. چيائون، "اسين انتظار ڪندا سين." مون چيو 'اها ڳالهہ کوٹي! آءٌ ٹيپ کاٹي نڪرندس. اوهين پنهنجي زندگي برباد نہ ڪريو." هينئر ٹي ہار اٹس. هي ہارهون سال آهي. هاڻ هيءَ هچا (ضياء) ملڪ مٹان لهي تہ کو اوکار ٹئي.....

"تنهن ڈينهن امان ٹي چيو تہ مريو (مريم جو ننڍڙو نالو. اسان وٹ مري. مريان) ٹي چيو تہ 'هاڻ تہ جيڪو منهنجي ہچن جو پيءَ ءِ سر جو سائين آهي سو آهي، پر جي ماسات مون مان صفا هٹ نہ ڪڍي ها ءِ مونکي آزمائي ڈسي ها تہ آءٌ زندگي ويهي گذاري ڇڏيان ها، پر ماسات کي مهٹو ڪو نہ ڈيارڻ ڈيان ها." مرکي ويٹو. جڏهن ماٹهوءَ کي مردانگي ءِ خودداري روئڻ نہ ڇڏيندي آهي ءِ پنهنجن جذبن جي اظهار لاءِ ڪيس مرڪ جو سهارو ولٹو پوندو آهي تڏهن اهڙين مرڪن ہر کهڑا کهڑا نہ ماتمي ورلاپ ءِ پار هوندا آهن! "بس! سر جي! حرامي نٹا ڇڏين جيئڻ! چا؟ ڏڏو نہ ڪريان ها؟ کهڑيون ڳالهيون ٹا ڪريو! سرجي! توهان هٹن حرامين چوڌرين جا واقف ناهيو. نانگ اٹو نانگ! سچو ڈينهن گهات ويٹا گهڑيندا غريبن خلاف. وات مان جيڪو اکر ڪيندا سو زهر. ہيا تہ ٹهيو پر جيڪي غريب غربا آهن، انهن تي اهي زهر جا ڦڙا ٹا پون تہ اهي بہ زهر ٹيو پون.

هاڻ منهنجو پيءُ ڪهڙو امير جو پٽ هو؟ پنج ڏهه جريب زمين جا هئس پر چوندو هو ته، هي جيڪي ڪميٽا ڪمي ڪاسبي آهن انهن جي در تي هڪڙي بدران ٻه ڏڪيون ٽين ته ٻي ڪڏائي وٺبي ته ٻارهن مهينا سامت پر هوندا نه ته ڪُ ..... پرجي ويندين ۽ پاڻ وڏن سان ٽڪر هڻ جا پور پچائيندا. اٽ ئي پهر پادر مٽان ٽنگيل هجي انهن نيچن تي نه ته اشراف جو جيئڻ ڪو نه ٽيندو. چوري نه ته زوري. ٻيو نه ته سڄو ڏينهن پاڻ ۽ سندن چاڙتا ماڻهن کي ويٺا هَشڪارينداً. جنهن جي سروجائڻ لاءِ سندس پٽيان پوندا، تنهن جي ڪنهن انڊي منڊي وڏي جو نالو وٺي ان جون ڪوڙيون سچيون تعريفون ڪندا. چي "هٽي ڙي پيٽيان فلاڻا! هڻڙو نه ٽيو نه ٽيندو! ٽتون ٽوپڙ جي ته مجال نه هٽي جو اڪ ڪٽي سندس منهن پر نهاري سگهي. وڏا وڏا ٽشينگ اک جي پوڄڙ مان پيا نهارينداً هٿا. فلاڻي پيري، فلاڻي ٽين ڦون ڪئي ته هڪڙيءَ ٻڪيءَ سان وڃي ڏنو. ڪيس ڦڏا ٽيا. ٨ - ١٠ سال سزا مليس.

مڙس پنهنجو مڙسان مڙسيءَ ٽيپ ڪمائي مڃون وٽيندو اچي گهر سهڙيو. دل پر متان ڪريو!

چئبو ماءُ جي يار کي به پورو! اوهان جي اولاد پر ايا اهڙو ڪو نه ٽيو. اوهان پر اها ٽوم ئي ڪانهي. نه ته فلاڻا ٽڪي جهڙا خسيس ماڻهو اوهان جو مال ڏڪ پر ڪيئن وجهي وجن!" جيسين خون نه ڪرائيندا ۽ راڃن جو الهو تلهو ڪٽائي هڪڙو پاڻ نه ڪائيندا ۽ ٻيو پوليس ۽ ڪامورن کي نه ڪارائيندا، تيسين اهو رڪارڊ چالو هوندو. ايا تنهن ڏينهن امان ٽي ڳالهه ڪئي ته چوڏريءَ جي پاءُ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي ٻار کي چمات هنئي. تنهن تي ڇوڪري جي ماءُ منهنجو نالو وٺي چيو ته "فلاڻي، پاڻهين کي ڏينهن ڏني جو وڃ ڳوٺ ۾ ٻيرا ٻيرا ڪري چڏيو ۽ هيڏو ڳات ڪنيو جيئرو پيو هلي، تنهن کي ٻان ڪري چڏيو اٿو. باقي وارو ٽيو اسان مسڪينن جو!" هنن چيو ته "هو ويٺو آهي جيل ۾، ٻاهر اچي پوءِ اسين چڏي ڏيونس ته اسين مياري. باقي سرڪاري قبضي ۾ اسين چا ٽا ڪري سگهون؟" مطلب ته هڪڙيءَ چمات جي خار ڪيڻ لاءِ مائي مون کي مارائڻ ۽ هنن کي قاسيءَ چاڙهائڻ لاءِ پيئي هشڪاري. نه دشمني نه ٻي ڳالهه. ٽلهي عادت زهر او ڪارڻ جي. ماڻهون مئو ڪتو مئو. هنن کي تماشي سان ڪر. هاڻ چا ٿو سوچيان چوڏري مارڻ ڪپندو هو يا نه؟ هاڻ سوچي چا ڪبو. ١٠ سال سوچيو اٿر. سوچڻ مان سر جي! چا ٿو وري اسان بي عقلن جي؟ ڏس نه! هڪڙي دل ٽي چوي ته پيٽيان خليل! ٽورو ڪٽي سَن ڪائين ها، سور پي وڃين ها! عيسائي کو سچي پچي ..... ته کو نه وڏو. هتي کو نه سڄو ڏينهن ڪين جهڙا ماڻهو اڳهاڙو ڪريو سندئون ڪُ ..... پيا ڪٽين؟ روز سنگسار کو نه پيا ٽيون؟ ماءُ پيٽ تي گار جو زيپٽ کو نه پيو پئي؟ هتي کو نه هر ڳالهه، هر بي عزتي، بي

شرمائيءَ سان ڏند ڪيو سهيو ويڻون؟ ڪهڙي غيرت رهي آهي هتي؟ ڳوٺ کو مائٽ عزيز يا سرهال ۾ اکر وات مان ڪيندو تہ لٽ سان ايندا هٿا سين. هتي ييڻ جي گار جهڙو ڪير پت. تنهن کان ڪٽي مائٽن جون ۾ گاريو سهي ويون ها تہ چا ٽي پوي ها؟

هيئن زندگي تہ برباد ڪانہ ٽئي ها. پر سائين ڏسو نہ! هي جيڪي هتي اسان جون مائون پيٽون ويٺا..... ڪيڻ، اسان جون ڳ..... پيا ڪٽين صبح سانجهيءَ، هڪجهڙا ۽ شريڪ تہ ڪونهن! انهن جي اولاد مان تہ ڪو اهي ڳالهيون اسان کي يا اسان جي مائٽن، پيٽن، مائن ۽ اولاد کي منهن ۾ تہ ڪو نہ ڏيندو نہ! هتي جهنگ جي مارن سان! هتي گڏه وانگر ڪٽجون پيا يا الائجي چا ۾ پيا ٽيون، پر پٽيان راڄ تہ ائين ڪو نہ چوندا تہ خليل پاڙيو ٽيو. بي عزتيءَ جو بدلو نہ ورتائين؟ مري وياسين تہ پٽيان عيال کي ڪو مهڻو تہ ڪو نہ ڏيئي سگهندو؟ ڪنڌ تہ ڪنهن جو هيٺ ڪو نہ ٽيندو مائٽ مٽ جو؟ باقي هي..... جيڪي ڪن پيا تنهن جو ڪهڙو ارمان ؟ عزت جن تي هوندي، سر جي! تن جي ويندي. هن ڪهڙو پنهنجي عزت جو خيال، ڪهڙو ٻئي جيءَ جو. جيڪي قيدي اسين هڪٻئي کي ڀڄ تي ماريون ٿا سي واري وٺي تي پيا پادر ڪائون. گهوڙي جا ڪن برابر ٽيو وجن. اڄ اسان هن کي ماريو سڀان هن ڀڄ تي اسان کي موچڙا هنيا. ڪير وهي پيو پت ۾. *ملازم ۾ ڪهڙا پينگهن پيا لڌن؟ آفيسر نہ سندن ماءُ ٿا چڏين نہ ييڻ. انسان هجي تہ ٻڌي مري ٻڪ پاڻيءَ ۾.

"جهڙي عزت پنهنجي اٽن تهڙي اسان جي ڪيائون تہ ڪهڙي ميار مٽن؟ ٽکر جا محتاج. ٻيڙيون ۾ اسان کان پني پين . مانيءَ ٽکر لاءِ رئي پيئي پوندن. هن کان کسڻ، تو کان پنڻ. واهون پيا ڏين. انهن جي ڪتي وارا چڪ وڌا تہ اسان مان ڪهڙو لهي پوندو؟ خدا اوهان جهڙن کي آزاد ڪري، من وچي اسان کي هن ڪن مان ڪيو! باقي هن خنزيرن جي منهن تي ران ۾ کانهي. خير ڏکيو سکيو ويندو وقت گزري! لڳي تہ سئي! اڪري وچي پار پوندا سين کنهن ڏينهن اسين ۾ سرجي! ڏس نہ! مثال جي ڳالهہ جي آئون اها بي عزتي سهي ۾ وجان ها تہ پوءِ ڪو چوڏري يا ڳوٺ جا ماڻهو مونکي جڳ ۾ جيڻ ڏين ها چا؟ ان کان پوءِ چوڏري اهڙو شير ٽي وجي ها جو مون کي سڃي عُمر ڪٽن سان گڏ ڪارائي ها. جيئري ماري چڏيو ها. روز عيسائي بڃيو مون کي وچ ڳوٺ ۾ عزيزن قريبن اڳيان اگهاڙو ڪرائي افعالون پيو ڪرائي ها. ماڻهو سرجي! شل نہ هڪڙو پيرو ٻئي تي چڙهتو ٽئي! تيسين جند ڪا نہ چڏيندس يا جيسين هو ختر ٽئي يا پاڻ. تنهن کان سوچيان ٿو تہ چگو ڪر ڪير. ذليل ٽي تہ ڪو نہ پيو هلان ڳوٺ ۾!

ملازم=جيل جا پوليس وارا.

ائين يا ريل ۾ يا جيل ۾!

"توهان وٽ سر جي! ڪالهه ٻي آهي. اسان کي خبر آهي. هن سنڌي ڊرامي "ديوراين" ۾ ٻه آهي. اوهان وٽ چوڌري ۽ سردار انصافي آهن. حق حق ڪن ٿا. نڙي نٽا وڌين. سردار وٽ غريب غربي جي ڪالهه ٻڌجي ٿي. هتي سڀ چمچا آهن. پوليس ۽ ڪامورن جا چمچا. سڀ پاڻ ۾ جُٽ. چوڌري، پوليس ، وڏا عملدار سڀ هڪڙي ڪالهه. اوهان جا ماڻهو مزي ۾ آهن". اسان جا ماڻهو جنهن مزي ۾ آهن ۽ اسان وٽ وڏيرا شاهي، سردار شاهي، ڪامورا شاهي، ڪهڙي انصاف پسند ۽ حق پرست آهي تنهن ڪالهه بابت خدا جي ڏني مان ڪجه ٻڌائڻو پيو. "ديوارين" قيدين کي لڳو آهي. شريف چيو ٿي ته "سڀ انتظار ۾ هوندا آهن ته ڪڏهن ٽو اچي. "چون ٿا سنڌ ۾ سردار ماڻهن جا ابا ٿيو وينا آهن. سر جي! جڏهن چوڪريءَ کي وڏيري ڪنيو ته هڪڙي قيدي چيو ته "چوڪريءَ کي بي عزت ڪندا." ٻين چيو ته 'سنڌي ٻئي نموني جا ماڻهو آهن. انهن وٽ زال ذات جي عزت آهي'. شرط لڳي ويا. الطاف مستريءَ پڇيو "سر جي! هن ڊرامي ۾ سنڌ جي ثقافت صحيح ڏيکاريل آهي ؟" چا چوان؟ گول مول" ها!" ڪير. چيائين ته 'جي ائين آهي ته واه! سرجي! جنهن محل وڏيري جي چاچي چادر (اجرڪ) پائيڻي کي پيش ڪري چيو ته 'پنهنجي ابن ڏاڏن جي رسم پوري نه ڪندين؟' ۽ جنهن محل هن چادر ونڊي چوڪريءَ جي سر کي ڍڪائي چيو "تون اڳ ۾ منهنجي پيڙ هيٺين ۽ اڄ ۾ منهنجي پيڙ رهندين!" تنهن محل اها اشرافت ڏسي منهنجي اکين ۾ جذبات وچان ڳوڙها اچي ويا. منهنجي دل چيو 'سلام آهي اهڙن اشرافن ۽ عظيم ماڻهن تي جي هڪڙي حالت ۾ ۾ ماءُ ۽ پيڙ جو ايترو احترام ڪن ٿا!' " مون چيو "سنڌي ماڻهوءَ لاءِ عورت هڪڙو ۾ نه ست قرآن آهي. نيائين آئي خون ۾ بخش تي ويندا. ڏاڙيل ڏاڙو هٽندا، قتل ڪندا، پر نيائيءَ سياڻيءَ جي پوتيءَ کي ۾ هٿ نه لائيندا. ڏاڙي ۾ ڪنهن ونيءَ جو، ساهرن جو سامان اچي ويو ته اهو ته واپس ڪندا پر پنهنجي هڙان ڪيس پوتي ۾ پارائيندا. اسان وٽ عورت کان وڌيڪ مقدس شيءَ ڪانهي....." ۽ منهنجي اکين اڳيان اهي درجن جا درجن مشير ناما ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽون ڦري ويون جن ۾ سنڌي قوم جا مرد پنهنجن ڏين پيڙن ۽ زالن جو حقيقت ۾ جيڪو "احترام " ڪندا آهن، تن جا تفصيل لکيل هوندا آهن !

مشيرناما: "وٽن جي جهڳٽن ۾ هڪڙي نوجوان عورت جو لاش پيل هو. سندس ٻانهن جو هڪڙو حصو جهنگ جا جانور کائي ويا هٿا. سسيءَ ۽ اک تي کهاڙيءَ جهڙي ڪنهن تکي اوزار جا گهاءُ هٿا. کپڙا رت سان پريل هٿا. ڪچيءَ ۾ هس، ٻانهن ۾ چوڙيون جيئن جو تئين پيل هٿا. بدن تي چيٽ جو چولو ۽ مونڙي جي سلوار ڪيترن هنڌان ڦاٽل هئي ..... " پوسٽ مارٽم. "مقتول اٽڪل ٢٤ سالن جي صحتمند جسم واري عورت آهي سندس بدن تي هيٺيان زخم

هٿا جي ڪنهن تکي اوزار جا آهن:

(۱) سسيءَ تي سامهون تکو زخم ۵ انچ + ۳ انچ + ۲انچ.

(۲) لوندڙي وٽ ساڄي پاسي گهاءُ ۳ انچ + ۴ انچ + ۲ انچ.

(۳) ....

(۴) ....

(۵) ....

(۶) ....

زخم گذريل ۲۴ ڪلاڪن اندر لڳل. موت جو سبب رت جي نلين جو ڦاٽي پوڻ ۽ رت وهڻ.

زخم نمبر ۱-۲ موت لاءِ ڪافي هٿا."

منهنجي دل چيو ته ڪين چوان: " ها، نياڻي برابر ست قرآن آهي اسان سنڌين لاءِ، پر تڏهن جڏهن هوءَ اسان کان پنهنجي لاءِ ڪجهه نه گهري.نياڻي ست قرآن آهي مردن جي بچاءُ لاءِ. پنهنجي انساني حقن لاءِ ڪچندڙ عورت پڙوي آهي، ڪجري ۽ ڪٽڻ آهي ۽ موت جي لائق آهي. انساني ۽ شرعيءَ قانوني حق گهرندڙ نياڻيءَ جو جواب اسان وٽ کهاڙي آهي. هوءَ مقدس آهي بطور مرد جي سپ کان نازڪ ۽ قيمتي ملڪيت جي ۽ سندس مرداني اناجي سپ کان پيچيدي مسئلي طور. هونئن اها ڏوڙجي ٻڪ کان به گهٽ آهي. رڍن ٻڪرين وانگر ويڪائو مال. مرد مرضي موجب ان کي رڪي، قرابت، راڄ، پيري مرشدي يا ڏنڊي جي زور تي خريد ڪري سگهي ٿو، وڪڻي سگهي ٿو، ساري عمر وهاري ڪاري ماري سگهي ٿو، بي جوڙ شاديءَ جي اذيت گهر ۾، جيئري قبر داخل ڪري ، چيچلارائي چيچلارائي، گهڙيءَ گهڙيءَ گهاوَ ڏيئي سگهي ٿو، ڪاري جي فتوا ڏيئي، ڪڙ جي چوزي وانگر ذبح ڪري اچلائي ڦٽو ڪري سگهي ٿو، لڄ کي رندي ڪري زنا لاءِ سردار، سردارن جي پٽن، پوٽن، ڪمدارن، نوڪرن جي حوالي ڪري سگهي ٿو، اهي منجهائنس نڪان تار تي ڪيس ڇڻن پيل ڪڍه وانگر ڪنهن به ٽنون ٽوپڙ وٽ وڪڻي سگهن ٿا. سنڌي قوم ان ڪالهه ۾ بيشڪ عظيم آهي.

"اسان وٽ نياڻي اهڙي ريت برابر ست قران آهي. سنڌ جو آدمخور قبائلي، جاگيرداري ۽ وڏيرڪو نظام بيشڪ پنهنجي منافقي ۽ مڪاري ۾ لاجواب آهي." پر هن ويچارن کي نئون آدرش ملیو آهي ته سنڌين وٽ انصاف آهي سو ٽوڙي ڏيڻ بي رحمي ٿيندي. تنهن ڪري چڏ مندو واريءَ ۾ .

اڄ سومر آهي. هي سپرنٽينڊنٽ جي هن پاسي دوري جو ڏينهن آهي پر ايندوڪونهي. سواءِ ڪنهن ضروري ڪالهه ٻولهه جي. اڄ آيو. چيائين پنجاب سرڪار قطعي فيصلو ڪري چڏيو آهي توڪي آزاد ڪرڻ جو پر شرط آهي سنڌ سرڪار جي ميڙ جو. اها نٽي مچي.

"توهان الاهي ڪهڙيون بندوقون هنيون آهن!" مون چيو "مسڪين جو ٻار ٻه اکر پڙهيو مٿي تي ٽوپي رکيو پاڙي مان مٽي ٿو ته ٻه پاڙي جي معتبرن کي اک ۾ ڪندو ٿيو لڳي." چيائين " ڊاڪٽر ۽ سرجن ڪهرايو اٿر. پير لاءِ ٻه ڪجهه ڪريان ٿو. ٻيو حڪم ! رائو رشيد ٻه جي اچي ته پلي اچي. اڄ ئي. ٻيا ٽيڪ ناهن." مختيار لاءِ چيائين ته "اهو ملیو هو. توهان لاءِ سلام ٽي ڏنائين" ڏسجي ٿو ته بلدياتي چونڊن وارو اختلاف ايرِ. آر. ڊيءَ مان نڪري ويندو. اڄ پي پي جي رهبر ڪميٽيءَ جو اجلاس آهي ڪراچي ۾. جتوئي آيو آهي. ڏاڍي خنڪيءَ وارو بيان ڏنو اٿس. بلدياتي چونڊن کي ڊونگ سڏيو اٿس. مختيار ٻه وري چيو آهي ته بلدياتي چونڊن ۾ حصو وٺڻ نقصان ڪار ٿيندو. پي پي جا چونڊيل ميمبر پڄي وڃي سرڪار جا ٿيندا. شايد اڄ پي پي بلدياتي چونڊن بابت ڪو ٽيڪ فيصلو ڪري. اهو ڇڪو موڪڙو لڳندو سامراجي چاڙتن ۽ رجعت پرستن کي. ٽائليند جو وزير اعظم آمريڪا جي پراڻي چاڙتي فوجي ٽولي جو نمائندو پاڪستان آيو آهي ۽ آمريڪي لائين مطابق چيو اٿس ته افغانستان تي صبر جي ضرورت آهي. مطلب ته" چڙهه جا بيٽا سولي پر. رام ڀلا ڪري گا!" افغان جيترا وڌيڪ مرن اوترو امريڪا جو فائدو. آخر آمريڪا ٽڪا ٽو خرچ ڪري. ڪو چرچو ته ڪونهي! افغان هڪڙو ٻه نه بچي ته نه بچي! پر روس لاءِ مٽي ۾ سور هر حالت ۾ جاري رهي. پاڪستان ٻه ٽي ڏينهن ٻيون هوليون ڪيون پر نيٽ اچي ويو آمريڪا جي ڏٻاءُ هيٺ.

چين جي هولي ٻه آمريڪا واري ٽي ڏسجي ان ڪالهه ۾ ايجان. جاپان ۽ ٽائيليند ته آمريڪي سامراج جا پراڻا جوڙيوال آهن. انهن جي ڪالهه ايجان ٻه رتيون اڇيريو. چي! "متان پاڙيا ٽيا آهيو! جنگ هليا! تماشو بند نه ٿئي." اڄ رائو رشيد کي ڪونه موڪليائون. الائي ڪهڙي ڳڙ ٻڙ ٽي. ڪذريل ڏينهن ٻه ڪجهه پراڻن ماڻهن کي فلمن ۾ ڏٺر. ڏاڍو مزو آيو. مون سمجهيو ٽي ته ڪهڙو ڪري اڇ پسند ڪيل فلمون جيئن ته ماڻهو ٻاراڻيءَ وهيءَ جي پسند مطابق پسند ڪري ٿو. تنهن ڪري هاڻ انهن فلمن جا اداڪار اهڙا ڪونه لڳندا. هڪ حد تائين اها ڪالهه صحيح نڪتي. فلم "داغ" جي ڪهاڻي اڇي وٽي. هاڻ نه. پر نميءَ ۽ دليپ ڪمار جهڙا اڇ لاجواب لڳا اهڙا اڄ ٻه لڳا. "برسات جي رات" ۾ پراڻا يار شياما. ڪي اين سنگهه ۽ مڌو بالا اڇي جهڙا باڪمال لڳا. مڌو بالا اهڙي ٽي حسين جهڙي اڇ سمجهبي هئي. ڪلهه رات اميتاب بچن جي زال جيايادوري جنهن جي ڪمال جي نيڪي ٻڌي هير سا ڏنيرِ. فلم مڙيئي ائين هئي پر جيا واقعي سڻي فنڪاره ثابت ٿي. اخبارن لکيو آهي ته سامراجي مومن ۱۲ تاريخ ملڪ جي عوام خلاف پنهنجي نئين سازشن جو اعلان ڪندو. ان مان ٻه چڙهي ويجبو.

"جي هانءَ نہ هارين ڪوهيارل،
هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سون!"
(ايا ز)

9/8

صبح.

جدلي مادیت جي انگريزي ڪتاب کي پن ٽن ڏينهن کان وري پيرو ڏيڻ شروع ڪيو اٿم. مغل جي ڪتاب کي نظر مان ڪيڏو آهي. ان لاءِ تياري ڪرڻي آهي. اڄ صبح جو اٺ سان ڪجهہ ٽکر پڙهيم. مزو آيو. هميشہ کان ٻئي چوٽين ڏينهن چڪر هٿندي پنهنجي زندگيءَ تي نظر وجهندو آهيان. پنهنجون ڪيل غلطيون ياد ڪندو ۽ انهن تي ويچار ڪندو ۽ پاڻ تي تنقيد ڪندو آهيان. اڄ صبح جو پاڻ تي سخت تنقيد ڪيم. ڪلهہ يعقوب سان ڳالهيون ڪندي منهنجا گفتا ڪافي محتاط نہ هئا. اڳلو انهن کي پنهنجي تنظيم بابت ٻتاڪون هٽڻ سمجهي سگهي ٿو. وڏاءُ زهر آهي. ان کان بچجي هر حالت ۾. مون واري ڳالهہ ڪٽي صحيح هئي پر هن جي ڇاڻ جي موجوده سطح پتاندر. اها هن کي ٻتاڪ نظر اچي سگهي ٿي. فيصلو ڪيم تہ آئنده احتياط ڪندس. ماڻهو سنجيدگيءَ سان پنهنجين ڳالهين تي غور ٿو ڪري. خاص ڪري، ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ تہ. حيرت انگيز، چگين، قابل فخر ڳالهين سان گڏ ڪچيون ۽ نڪميون ڳالهيون بہ ايتريون ٿيون نظر اچن جو ماڻهو ڦڪو ٿيو پوي. ڇا ائين نٿو ٿي سگهي تہ ماڻهو رڳو پليون ڳالهيون ڪري؟ يا ڪجيو ڳالهيون تمام معمولي ۽ تمام ٿورڙيون ڪري؟

اڄ صبح جو بابا جون ڳالهيون ڏاڍو ياد آيون. اهو سوچي اداس ٿي ويس تہ سندس ڪابہ خدمت ڪري نہ سگهيس. سالن ۾ سائس ڪابہ سڻي ڪڇهري ڪانہ ٿي سگهي. ڪيس خوش ڪري ڪونہ سگهيس. خاص غم اهو اٿم جو پچاڙيءَ جو چيو هئائين تہ "تون مون سان گڏ هلي منهنجو علاج ڪراءِ" مون کي خبر هئي تہ علاج ڪرائيندو ڪونہ، پرهيز هرگز نہ ڪندو. جي ٺيڪ ٿيو تہ ٻئي چوٽين ڏينهن وري بيمار ٿي پوندو. مطلب تہ علاج جي ڪابہ اميد نہ هيم. ان ڪري رڪائيءِ سان شڪايت ڪري ڪيس چيم "بابا تون علاج ڪهڙو ڪرائيندين؟ مون کي ايتري فرصت آهي ڇا جو رڳو خوامخواہ ويٺو ٽپالون ڪٽان." دل ۾ چيم "مڙي ئي ڳالهہ ٿو ڪريان تہ من ڪجهہ مٽس اثر ٿئي. ڪانفرنس تان موٽي سائس گڏجي اسپتال ويندس." پر تيسين ٿورن ڏينهن ۾ يار ڪنيي ڪٽي آيا ناناڻي گهر. پويان بابا ورتي ٽڪيٽ!

سبت = سجاڳ ٻار تحريڪ

اهو هن نظام تي اسانجو ٻيو حساب ٿيو. اسين نہ ته پويان، سڀ حساب چڪتو ٿيندا. لاهور جي هڪڙي وڪيل جي گهران ڪچ ڏينهن ٿيا جو هڪڙو راکيٽ "هٽ ڪيو" اٿن! باقي ماڻهن جي گهرن مان ٽنڪون. بوٽنگ هوائي جهاز ۽ بحري جهاز الائي ڪڏهن هٽ ڪرائيندا پوليس هٿان؟ پروگرام آهي ته جدليات جو هي ڪتاب هن مهيني ئي پورو ڪجي. مسودي جي درستيءَ جو ڪم آڪٽوبر 83 تائين پورو ڪجي. ڏسجي ته ٿئي ٿو يا نہ. ڪن پينڊين جي ٻوٽن وڌڻ سان پوريون ڪري ڇڏيون آهن. اڄ هٽ اپا ڪري بيٺس ته هٿن کان فوٽ سجو مٽي! اسان وٽ پانيان ٿو ته اهي ٻوٽا ايڏا ڪونہ ٿين. ٽماٽا ختم ٿي ويا. مرچن چاڑهو نہ ڪيو، ته نہ ڪيو. رات جي راڻي ڪجهہ چڙهي آهي. ڄمونءَ جا ٻوٽا وڏا پيا ٿين. گلاب بيٺو آهي. ڇڀا پاٽا گل پيو ڏئي روز. رابيل چاڑهو ڪونہ ڪيو. پر هاڻ مڙيئي ڪجهہ اميد ٿي آهي منجهس. ٽيون ڏينهن ڏٺم ته هڪڙي ٻوٽي ۾ هڪڙو گل پيو ڦٽي. هينئر ٻين ۾ ٻہ گونچ نڪتا بيٺا آهن. سياڻي پرينهن اهو هڪڙو گل ٽڙندو ۽ پنهنجي اپايل موتئي جي گل جو سوٽ ڪنداسون. رمضان جي ڪم لاءِ پرويز ملڪ کي چيو اٿم ته پرويز صالح کي چئي. ڊپٽي ٻہ ڪيس مقدميءَ لاءِ ڪنيو آهي. باقي سپرنٽيڊنٽ جي صحيح رهيل آهي. ٽي ويندو. شايد ڪوٽ جي جيل ڏانهن ٻہ موڪي وانگر پس پيش ٽرانسفر ڪرائي سگهجيس. پرويز صالح معرفت موڪي جا ڊسٽرڪٽ جيل جهنگ مان سلام پهتا مجيد هٿان. مزيدار ماڻهو هو. مجيد ٽيون چوٽون ڏينهن آيو. وارو اڄ مليو. پنهنجائيءَ واري نموني خبرون چارون ٽيون. گهر ٻار جو سربستو حال احوال ڏنائين. ڪالهہ ٨ تاريخ ساهيوال ويو هوندو. چيو هيومانس ته "حيدرشاهہ کي جيڪا ٻہ ضرورت هجي، سا پوري ڪج ٻوءِ حساب ڪتاب ڪنداسين" چيائين "توهان جي ضرورت پوري آهي." مون چيو "بلڪل!" پاڙي وارن ڪالهہ پنج انب ڏياري موڪليا. واپس ٻہ نہ ڪري سگهجن. اسان ٻہ شيون شڪليون موڪليون، پرهو پنج مڙس گراهہ گراهہ ٻہ نہ ٿئي. ماڻهو کو ديڳڙو پري موڪلي پر متان کو رولو نہ ٿي پوي.

آواز ڇا جو آهي؟ الائي شايد نل جو پاڻي پيو وهي. صبح جو کير ۾ سيويون کاڌيم. هاڻي وري پتاتا ماني کائبي. اڳي اسلم خيرپور، سکر ۽ ڪراچي جيل ۾ فاقا ڪڍيا. مون ٻہ سندس سار نہ لڌي. چير "پلي پکو ٿئي ۽ پنهنجن پيرن تي بيهڻ سکي" ڪجهہ وقت ماٽس ٻہ جيل ۾ هئي. بهرحال همراهہ ڪجهہ ڏکيا ڏينهن ڪاٽيا. ان جي ڪسر ڪيڻ لاءِ پاڻ ۽ صديق راهو حيدرآباد جيل ۾ صلاح ڪري سڀيون شيون وڻيو پيا کائيندا هٿا. آءٌ ٻہ سندن نقشِ قدم تي هلڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان. پر ڳالهہ وسريو ويجي! ٻيو ڪا شئي هضم ٻہ ٿئي!

١٤ آگسٽ ٨٣ ڪهڙي ٻہ ذلالت ۽ بي حيائي ٿئي پر ان ڏينهن کان هن دؤر جي سياست ۾ هڪڙي نئين استيج اچڻي آهي جيڪا اڳين استيج کان خاصيت

Quantitively ۾ مختلف هوندي. ملازم آيو آهي. چوي ٿو ته رائو رشيد نيا پو موڪليو آهي ته "اسان ڏنهي کي توهان ڏانهن موڪلين. باقي اڪليو آءُ اچي ڪونہ سگهندس." وضاحت گهري اٿر. ڪوشش ڪرڻ فرض هو. اڃتي بہ ڪوشش جاري رکبي. في الحال ڏهيو ته ڏهيو.

عيد ڪارڊ ڏيئي ويا آهن. ۷ جولاءِ جو آهي. ۷ آگسٽ تي سي - آئي - اي. موٽايو آهي مهيني کان پوءِ لکيل آهي "پنهنجي پياري ساڻي ۽ دوست محترم رسول بخش پليجو کي دل جي گهراين سان عيد مبارڪ ڏجي ٿي."

ياران
اندر لال آزاد
سپت (۱)
ڪرم پور

7/7/83

لفافن مٿان اڙدو ۾ لکيل آهي "مهرباني ڪرڪي يہ عيد ڪارڊ ضرور پهچائين. مهرباني هوگي شڪريہ."

هن مهرباني ڪري مهينو لاتو آهي. هن عيد تي اهوئي هڪڙو عيد ڪارڊ مليو اٿر. اياز لطيف هر عيد تي ڪارڊ موڪليندو آهي. اهو بہ الائي ڪٿي آهي؟

معلوم ٿيو ته رائو رشيد طرفان موڪليل پيغام سندس موڪليل نہ هو. هونئن هن جيل ۾ جيل اختياري وارن طرفان مون سان ڪنهن بہ قسم جي دستوري ڪاموركي هيرا ڦيري ڪانہ ٿي آهي. ها ته ها، نہ ته نہ. هي پهريون مثال آهي جو هيرا ڦيري ڏسجي پيئي.

سپرنٽيڊنٽ کي لکي موڪليو اٿر ته "هيرا ڦيري هيستائين ڪانہ ٿي آهي. هينئر ٽيڻ نہ ڪبي." ڏسجي. ڏيڍ ٽيو آهي. نہ ٻوڙ ٻاڙي آئي آهي نہ اخبار ملي آهي. ڊپٽيءَ کي اخبار لاءِ لکيو اٿر. سپرنٽيڊنٽ جي گهران اچي ته هيڏانهن بہ اچي. ڪيئن پيرا لکيو اٿر ته 'منهنجي پيسن مان خريد ٿئي.' پر سپرنٽيڊنٽ ڳالهہ بہ ڪانہ ٿو ٻڌي. چي "اجايا پيسا چو خرچ ٿينا" اڳينءَ جي ٻانگ پيئي اچي. انور پيندڙيون پٽي آيو آهي. پنهنجي مڃايون، ٻاهران ٻوڙ الائي ڪڏهن اچي؟ هينئر ڏنو اٿر ته اسان جي مرچ جا ٻوٽا، مرچ پيا ڪن. هاڻي ته مزا! سانجهيءَ "ديوارين،" آهي. ڏسجي ائين پيو ته منهنجي بيمارين ۾ جيڪا پيچيدگي آهي ۽ جنهن عذاب ۾ رکيو آهي تنهن جي حل جو فارمولا ڪولي لڌو اٿر. ان تي هفتو ڪن ڪر ڪيو اٿر ته نتيجو سئو نڪتو آهي. اهي تجربا مون کي اڪثر ڪچيءَ ۾ بہ پيا آهن. پر بهرحال هيستائين هٿ وڻي ڪئين بيمارين تجربن ذريعي پرائڻ سان گڏ سمورين اڳين بيمارين کي دور بہ ڪيو آهي. موجوده بيمارين ۾ هاڻ اکين جي تڪليف بہ

ڪنٽرول ۾ اچي ويئي آهي. پيٽ جي بہ ڪافي حد تائين .Hypothyroid جي بہ ڪافي حد تائين، ڪافي فرق آهي. اڳوٽي تڪليف ڪانهي. جيتوٽيڪ مسئلا پنهنجي جاءِ تي موجود آهن. پر عذاب نہ آهن هميشہ وانگر.

10/8

صبح.

ٽڏي هير پيئي لڳي. انور جي ٻهاري جو ۽ ٻوٽن کي پاڻي ڏيندڙ ڪسيءَ ۾ نل جي پاڻي وهڻ جا آواز پيا اچن. ٻاهر سنتري پيا ڳالهائين. مسيت وارو مولوي سڳورو ايجان ميدان جنگ ۾ ڪونہ آيو آهي. ڇٽو طرف ماٺ آهي. سواءِ پکين جي ٻولين جي. پري ڪٽي کا ڪوئل پيئي ٻولي. نہ، هڪ نہ ٻہ آهن! پر آهن ڏار ڏار وٽن تي ويٺل. شايد هڪٻئي سان ڳالهائين پيون. ڪڏهن ڪڏهن هڪڙي ڪوئل اسان ڏانهن بہ پيرو ڪندي آهي. سڄو ڏينهن الائي ڪهڙيون ٻوليون پيئي ٻوليندي آهي؟

بن مين ڪوئليا بولي!
من مين بانسريا بولي!
پائون مين پائليا بولي!
شام! شام! سلوني شام!

"ديوارين" جي طبقاتي ٻولي اهائي آهي. هونئن ٺيڪ هئي هيءَ قسط بہ. ڪلهہ جيڪا سپرنٽينڈنٽ کي چئي لکير سا ڪيس ڪانہ ملي. ڊپٽيءَ کي ملي. ڪجهہ ڪونہ ٿيو. ڏسجي ٿو تہ رائو صاحب بہ هتي اچڻ لاءِ ڪافي خواهشمند بلڪ منتظر آهي. قاصدن مٿان قاصد آهن. ڪلهہ اخبارن ۾ هو تہ ضيا جو ڊانچو آئين کي هٽ ڪونہ لائيندو. مارشلا جي عارضي دستور ماتحت هوندو. جهڙي سٽ تهڙيون ٽي ويهون. عارضي دستور بہ تہ آئين جي انحراف ۽ آئين جي مٽي پليد ڪندڙ ترميم تي ٻڌل آهي! پر هونئن بظاهر اها ڳالهہ سندس اهو اعتراف ڪرڻ جي برابر آهي تہ آئين سان مذاق ۽ مسخريءَ کي ڳالهين جي بخمل جي ڪپڙي ٽڪر ۾ ويڙهڻ جي ضرورت محسوس ڪن ٿا. سولي سنڌيءَ ۾ ڪجهہ ڊجي ويا آهن قوم جا باغي ۽ غدار ٽولا. وک، اڌ پوئتي هٽڻ جو خيال آهي شايد. ڏسجي تہ اخباري خبر ڪيتري صحيح آهي ۽ عملي طور ڳالهہ ڪهڙو روپ ونڻي ٿي. باقي بہ ڏينهن تہ آهن. ٻلي ڪجهہ ٽيلهي مان ٻاهر نڪري ايندي. سيني جا اڇا ڪارا هن مهيني اندر ظاهر ٿي سگهن ٿا. پيپلزپارٽي بلدياتي فيصلو بدلايو آهي. پلو ڪر ٿي ويو. هاڻي اهو بدمعاشيءَ وارو ڊونگ بہ صفا اگهاڙو ٿي ويو. مارشلا جون چاڙتيون

"جماعت ڊالري" پارٽيون ۽ اگهاڙيون ٿي ويون.

اڄ صبح جو اسان جي باقي بچيل ٻن ننڍڙن موٽئي جي ٻوٽن مان هڪڙي پنهنجو پهريون گل ڏنو! مزا! هينئر سنگهان پيو! هڪڙو گلاب جو گل پٽي آيو آهيان. پر مون کي گلاب ايترا نٿا وٺن جيترا موتيا.

اڄ اها ڳالهه معلوم ڪري ڏاڍي خوشي ٿيم ته دنيا ۾ ٻارن لاءِ عالمي ادب جي لائبريري ۽ آهي، جيڪا ٻي دنيا جي ان اعليٰ ادب کي شايع ڪري ٿي، جيڪو ٻارن جي دلچسپيءَ جو آهي. اهڙي چونڊ ادب کي ۵۰ وڏن جلدن ۾ (شايد سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب جي ڪتابن کان ۽ وڌيڪ وڏن جلدن ۾) شايع ڪيو پيو ويجي. تازو ان سلسلي ۾ سويڊن جي ليکڪا ائسيٽرلنڊگرين، انليءَ جي ليکڪ گياني روداري ۽ فرينچ ليکڪ ائنٽائن ڊيسين ايگسوبري جي ٻارن لاءِ اعليٰ ادب کي گڏ ڪري هڪ جلد ۾ ڇپايو ويو آهي. ڪاپيون ۴ لک ڇاپيون ويون آهن. اها لائبريري روس ۾ ڇاپي ويئي آهي جتي ۷۰ اشاعتي ادارا ٻارن لاءِ ادب شايع ڪن ٿا. ماسڪو جو ديتڪايا لترا (ٻارن جو ادب) نالي اشاعتي گهر فقط ٻارن جو ادب ڇپيندو آهي. اهو ۵۰ سال اڳ قائم ٿيو ۽ هيستائين ان عرصي ۾ ٻارن لاءِ ڪتابن جون اٽڪل ساڍيون پنج سو ڪروڙ ڪاپيون ڇاپي چڪو آهي. وڏن لاءِ عالمي ادب جي لائبريري جي اشاعت ڪورڪي پاڻ شروع ڪئي هئي. هينئر ته الائي قصو ڪٽي پهتل آهي. خير اسان جي ڳالهه ايجا ته پاڻ تي ۽ ڪانه هوندي. اڄتي ڏسجي. سوچان ٿو ته ٻارن جي ان لائبريريءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمون ٿي شايع ٿئي ته ڪيئن؟ اسان وٽ آهي ناهي هڪڙي انڊي اڇيان لٽ، سنڌي ادبي بورڊ. تنهن ويچاريءَ کي سرڪار نامدار ۽ ميمبر صاحب بهادرن جي خدمت چاڪري ڪرڻ ۽ انهن جي مطلب جي مال شايع ڪرڻ کان پوءِ جيڪو وقت ۽ وسيلا بچن تا تنهن سارَو، وسان ڪونه ٿو گهٽائي.

جن ماڻهن سنڌي ادبي بورڊ بابت سوچيو، رڳا ڏني ۽ بورڊ قائم ڪرايو تن جون، ٻيون ڳالهيون ڪهڙيون آهن، ڪهڙيون ناهن، پليون آهن يا نٿلهيون سا ڳالهه رهي پنهنجي جاءِ تي پر هن ڳالهه ۾ هنن بيشڪ ڪيرون لهٽيون.

اين- ڊي- پي پنجاب جو فاروق قريشي ۽ ٻيو ۽ همراهه ٻڌجي آيو آهي. سپرنٽيڊنٽ کي لکيو هوم ته توهان سان ملڻ گهران ٿو. لکيائين ته "۱۲ بجي کان پوءِ ماڻهو موڪلينداسين." سوا هڪ ٿي ويو آهي. اڃان ماڻهون ڪونه موڪليو اٿس. ضيا کلهه چيو آهي ته "اعلان ۱۴ آگسٽ تي ڪندس." خيرالدين ليگ جو جنرل سيڪريٽري ملڪ قاسم ۱۴ آگسٽ تي "مچ" ويندو ۽ مهينو اتي رهندو! ڪالهوڪي ايم- آر- ڊيءَ جي ميٽنگ ۾ فاضل ۽ شامل هو. اڄ لاهور جي جنگ اخبار جي خبر ۾ آهي "..... اجلاس ۾ ٻن پارٽين، مبصر جي حيثيت ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ پي- اين- پي جي طرفان ميرغوث بخش بزنجو، يوسف

مستي خان، شاهه محمد شاهه ۽ عوامي تحريڪ طرفان فاضل رائو شريڪ ٿيا..... (بلور) چيو ته ڊانچي جو اعلان ۱۲ آگسٽ تي ٿئي يا ۲۰ آگسٽ تي ايم- آر- ڊيءَ جي تحريڪ ۱۶ آگسٽ کان هلندي جنهن لاءِ اٺ ميمبر پارٽيون ۽ ٻه مبصر پارٽيون پوري طرح تيار آهن....." پهريون پيرو ايم- آر- ڊيءَ طرفان بيان ۾ وضاحت سان عوامي تحريڪ جو ذڪر بطور شريڪ پارٽي ڪيو ۽ ان جي ٻين سان گڏ جدوجهد هلائڻ لاءِ تيار هجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

شام: آسمان ۾ جهڙ آهي. فلسفي جي ڪتاب سان گڏ خشونت سنگهه جي مشهور ڪتاب "History of sikhs" 'سکن جي تاريخ' ويٺو پڙهان. هن مان پنجاب، سنڌ ۽ هندستان بابت ڪافي نئين معلومات ملي پيئي. اهو به معلوم ٿيو ته رنجيت سنگهه جي اڳواڻيءَ هيٺ پنجاب، باقاعدي سنڌ تي قبضي جو پروگرام بنايو هو ۽ ان باري ۾ انگريزن سان سفارتي ڳالهه ٻولهه هلائي ويئي هئي. ڦورو ۽ ظالم جاڪر طبقن جي ماڻهن جي سموري مذهبي ۽ ڏرمي ڊونگ ۽ نمائش جي باوجود درحقيقت سندن کوبه دين ڏرم کونه ٿيندو آهي سا ڳالهه هن ڳالهه مان ظاهر ٿي ته سنڌ جي مسلمان اڪثريت واري ملڪ کي "ڪافر" سکن جو غلام بنائڻ لاءِ گهٽي ۾ گهٽي ڊڪ ڊوڙ رنجيت سنگهه جي وزير خارجه جناب عزيز الدين کئي جيڪو هڪڙو تاجي پيٽي بخاري بزرگ ۽ دين جو ٿنڀو هو!

13/8

"..... برسات مين
هر سي ملي تر ري سجن، تر سي ملي هر،
برسات مين، پريت ني سنگهار کيا،
مين بني دلهن،.....
آج مين تمهاري هوئي تر ميري سجن،
برسات مين....."

لتا طوفان ميل ٿيو بيئي آهي. الائي کهڙن زمانن جي فلر ۽ سندس گانو ياد ڏياري ڇڏيائين. صبح جو وقت آهي. ڪلهه رات ۽ ڪلهه ڇڄ وقت برسات پئي پيئي. اڳڻ ۾ پاڻي بيٺو هو. هينئر ٻه اڳڻ جو ڇڄ حصو ايجان کونه سکو آهي. ان ڪري ترڪڻ جي ڊپ کان چڪر ٻه اڏ ڪيدو ٿو ڏجي. ٻاهر ويٺو آهيان. رائو رشيد ايجا هينئر مس اڪ ڪولي آهي. اصغر حسب دستور گم آهي. ٽلندو ايندو. ڪلاڪ کان پوء چڪر هٽي وري گم ٿي ويندو. وري اچي جهاتي پائيندو. الله الله خير صلاح!

رائو رشيد کي وڏن ٽنڊ سرن سان هتي آندو اٿم. عيد کان اڳ جيئن آيا آهن

تيئن مطالبا شروع ڪيا اٿر ۽ لکپڙهون هلايون اٿر. هڪڙو قاصد اچي چوي "رائو چئي ٿو ته اسين ٽيئي اچون ته ها، باقي آءُ هڪڙو نه. ٻيا ٻه شيخ رفيق (صدر پي پي پنجاب) ۽ حامد سرفراز (نائب صدر تحريڪ استقلال) منهنجي لاءِ چون ته ان کي هيڏانهن اسان ڏانهن موڪليو. باقي رائو نه وڃي." رائو لاءِ هڪڙو قاصد چوي ته "اڃڻ لاءِ آتو آهي ٽپڙ ٻڌيو ويٺو آهي، ڪالهونڪر." ٻيا اڇيو چون ته "جواب ڏيئي ڇڏيو اٿس. فلاڻن فلاڻن جيلرن کي" ڀڳل ٻانهن هٿ ڪرڻي هئي پي ڳالهه ڪانه هئي! ڪاهي پوري ڏيوڙيءَ تي ويس ته شيخ عظمت ڏاڍي ڏڪاري آواز ۾ چيو ته "رائو صاحب کي ڏاڍيون منٽون ڪيم ته فلاڻي وٽ هل پر مجبوري ڏيکاريائين." ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي به اها ڳالهه ته سپرنٽينڊنٽ جي به اها. مون چين "اوهان سچا. پر رائو صاحب سان منهنجي پرپٽ دعا سلام آهي. آءُ چوانس "اڇ" هونه اڇي، ههڙين حالتن ۾ جڏهن آءُ سندس مهمان آهيان، سا ڳالهه ڪٽي سچي به هجي ته به آئون تيستائين ڪانه مڃيندس جيسين سندس واتان انڪار نه ٻڌان. گهرايوس ته روبرو پڇونس. بلڪ توهان پڇوس. آءُ چپ هوندس." آخر سپرنٽينڊنٽ چيو "پلا لکي ٿا پڇونس" ڇٽي لکي موڪليائين، ۽ رضا جيلر کي گهرائي هٿو هٽ ان هٿان موڪليائين. دل ۾ ڇير ته جي انڪار ٿو لکي موڪلي رائو رشيد ته اسان واري ڪارپٽ مان ٽڪو به ڪونه رهندو. پر خدا خير ڪيو. رائو جواب ۾ لکيو ته "جيئن مون اڳي چيو آهي ته بهتر آهي ته اوهين پليجي صاحب کي هيڏانهن اسان وٽ موڪليو. پر جي گورنمينٽ کي ڪيس حفاظتي واردِ ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ رکڻ تي اعتراض آهي ته مون کي وٽس وڃڻ ۾ ڪوبه اعتراض ڪونهي." مس مس فيصلو ٿيو. ڊپٽيءَ کي حڪم مليو. شيخ عظمت کي چيم "رائو صاحب کي ڪنيي ڪٽي اڇ." عظمت ته اهڙا ڪم ڳولي پيو. تنهن منٽ ڪرائي ورتس! ٽيون ڏينهن ٻن پهرن کان اڳ همراهه اڇي هن پٽن پيڙو ٿيو.

هاڻي خبرون شروع آهن. همراهه اوير پنجاب جو راجپوت آهي. وڏو پاٽس خلافتي سياسي ماڻهو هو. ان جو مٽس وڏو اثر پيو. علي ڳڙهه مان اقتصاديات ۾ ايم- اي ڪري ۱۹۴۸ع ۾ پاڪستان آيو.

ساهيوال جي پرسان آباد ٿيا آهن. پنج پائر ۽ ٽي پيٽيون هٿا پاڻ ۾. رائو رشيد C.S.P جو چٽاپيٽيءَ جو امتحان پاس ڪري A.S.P اي. ايس. پي ٿي مشرقي پاڪستان جي ٽريننگ اسڪول ۾ تربيت وٺي جهنگ، مظفرگڙهه، قلات، آزاد ڪشمير ۽ ٻين هنڌن تي ايس- پي ٿي رهيو! ٻي ٽريننگ لاءِ آسٽريليا ويو. راولپنڊيءَ ۾ سينيئر سپرنٽينڊنٽ ٿي رهيو. اتان انٽيليجنس ۾ موڪليائونس. اتان وري ٻئي هنڌ. تان جو لندن ۾پاڪستان جي سفارتخاني جو فرسٽ سيڪريٽري ڪري موڪليائونس. اتي ٻئي سال رهيو. وري ڊائريڪٽر انٽليجنس ٿيو. اتان آئي- جي، پنجاب ٿيو. ڪنهن جو دهاءُ قبول ڪونه ڪندو هو. ان ڪري

وزيراعليٰ پنجاب صادق قريشيءَ پٽي کي چيو "يا تہ هي آئي- جي رهندو يا آءُ رهندس." ان کري پٽي صاحب کيس پاڻ وٽ اسپيشل سيکريٽري کري رکيو. ڊائريکٽر انٽيليجنس ۽ سيکريٽري انٽيليجنس بورڊ ٿيو، جن جو چيئرمين پٽو صاحب هو ۽ جنرل ٽکا خان، جنرل جيلاني ۽ بيا پٽي ميمبر هئا. جنرل ضيا جي بغاوت بعد پهريون ماڻهو جيکو قيد کيائون سو رائو رشيد هو. ۱۹ مهينا اٽک قلعي ۾ بين هنڌن تي اکيلو رکيائونس. ڪڏهن بدترين حالتن ۾ ۽ ڪڏهن بنگلن ۾. هر قدم جي دٻاءُ جي باوجود نہ گوال ٿيو نہ پٽي کان لادعوا ٿيڻ قبول کيائين. انلو هن مصيبت جي زماني ۾ پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. هينئر وکالت ٿو کري. ايم- آر- ڊي پنجاب جو سيکريٽري آهي. هر ماڻهو سندس بي حد عزت ۽ احترام کري ٿو. نفيس ۽ کرو ماڻهو آهي. عربي فارسي کانہ ڇاڻي. سوال جو جواب سڌو ڏيندو يا ماڻ کري وهندو. هکڙي فيڊرل سيکريٽريءَ جي گهر واري مڙس کان طلاق ولي ساڻس عشق کري شادي ڪئي. هن جي بہ اڳ راجپوت گهر واري هئي. هي مائي کائين مٽ سان آهي. چوٽون ڏينهن ساڻس جهيڙو کري ويئي آهي تہ "تون ياءُ جي گهر ڇو وئين؟" مائي ويچاريءَ جا مطالبا نهايت مختصر آهن: "پنهنجن مائٽن، پائرن، پيٽن، اڳين دوستن، اڳين زال، منجهائنس اولاد، سندس زماني جي نوڪرن ويندي ڪَٽن سان بہ، تنهنجو ڪوبہ تعلق ٻڌم تہ مون کان وڌيڪ خراب ماڻهو ٻيو ڪونہ ڏسندين!" هونئن وفادار، جانثار، جفاڪش.بس ٿورڙو اهو مطالبو پورو ٿئي پوء سر بہ حاضر نہ تہ پوء پلي راج مڙي ڏسن" هتي ڪجهہ زالون مڙسن سان اکيلائيءَ ۾ تبادلہ خيالات ڪرڻ بدران ساڻن پبلڪ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿيون. فن خطابت ۽ اداکاريءَ جي اهڙي کنهن مظاهري کي اکيلائيءَ ۾ کري ڇڏڻ فني صلاحيت جو زيان سمجهي جتي ۽ جنهن مهل پبلڪ کافي ڏسنديون تنهن مهل شروع ٿي ويندیون. سالن تائين پيا ماڻهو نيکيون کندا تہ "زال تہ فلاڻي جي ٻيون وڃي گهر وهن." اهڙي وقت تي مڙسن ويچارن جي حالت ڏسڻ وٽان هوندي آهي. صبر ۽ برداشت جو اهڙو مظاهرو کندا جو انصافي انصاف کين "هلال صبر و برداشت" ملڻ گهرجي. رائو صاحب آيو. مرکيو چوي "مين ذرا ..... Exercise ....." نيري پتلون، پٽڻائين قميص ۽ فيلٽ بوٽ پاتا اٽس. اکين تي عينڪ اٽس. مٿي تي وار کو واجبي وڃي رهيو آهي. نڪ ٽاڪ، بدن بہ پورو اٽس. تيز تيز پيو هلي. آءُ پنهنجو چکر صبح جو سويل پورو کري ويٺو آهيان. کلهہ چيائين "بلور جيکا استعيفا ڏني آهي سا ولي خان ۽ بين جي متان گڏيل سازش هجي." دليلبازي کيائين. هکڙو آئي - جي پوليس ۽ ڊائريکٽر ايف- آئي - اي، ٻيو سفارتکار Diplomat، ٿيون وکيل، چوٽون سياستدان، پنجون جاسوسي کاتي جو سربراهہ ۽ موضوع هجي سازش تہ پوء کير پچي؟ بين الاقوامي ۽ ملکي، تاريخي جاگرافيائي دليل

آڻي ڪٽا ڪيائين. سڀ موزون ۽ معقول. ڊڙ دونس وارا نہ. مون چيس "ڳالهيون سڀ توهان واري نظريي جي فائدي ۾ آهن. پر انهن سمورن دليلن ۽ حقيقتن جي باوجود اصل حقيقت اها ڪا نہ ٿي ڏسجي. اها ڳالهہ ٻين ثابت ڪيل حقيقتن سان ٽڪر کائي ٿي. ان ڪري صحيح ٿي سگهي ئي نٿي. بلور ۽ ولي خان ۽ غفار خان هڪ ٿي اها ڳالهہ ڪانہ ٿا ڪن. بلور ۽ ٻيا غفار خان جي بيسمجهي جي حرڪت خلاف احتجاج ڪيا ڪن. رات بي -بي سي مون واري ڳالهہ جي تصديق ڪئي. چيو مانس" پاڻ ماڻهو گهٽيون عربيون فارسيون ڪو نہ ڄاڻون. جهنگ جي مارن سان. پر وتائي فقير جا ماڻهوآهيون. وتائي وانگر چريا آهيون تہ ہہ سڄاڻون سينيي ڪي ٿا." وتائي فقير جون ڳالهيون ٻڌي نندڙن ٻارن وانگر خوش ٿي ڪلندو رهيو.

ڪالهہ امير المومنين جي ڊانچي واري تقرير ٻڌيسون. رائو ٻڌايو تہ" علي ڳڙهہ ۾ هڪڙو همراهہ فوٽ بال جي سخت خلاف هوندو هو. چي "امان يارا ڪيا حماقت هي! ايڪ گدهي کي کهال اتار ڪر اس مين هوا بهرتي هين. گيارهہ گدهي ايڪ طرف، گيارهہ گدهي دوسري طرف کهڙهي هو جاتي هين. گدهون کي طرح دولتيان مارني لگتي هين اور ايڪ هزار گدهي (تماشائي) اٹهہ کي تاليان بجاتي هين! کيا گدهاپن هي!" چيائين تہ هتي ہہ هڪڙي وچ ۾ ٻيئي قوم کي پستيون هنيون ۽ هزار گڏهن ٻيئي تاڙيون وڄايون." رات جو بي- بي- سي ٻڌايو تہ ايم - آر- ڊي ڊانچي کي رد ڪري ڇڏيو آهي.

13/8

صبح

اردو اخبارن ۾ ڊانچي تي رد عمل آيو. جنگ فورم ۾ اعتزاز احسن، افضل حيدر ۽ علامہ ظهيرالاهي احسان ۽ ٻين چيو تہ آئين کي ختم ڪيو ويو آهي. اها ڳالهہ پهريون پيرو چوڻ مناسب سمجهيو ويو آهي ڪن ڏميوار ماڻهن طرفان. "جماعت سامراجي" کو ہہ رد عمل ظاهر کو نہ ڪيو آهي. آقائن سان صلاح ڪري جواب ڏاهيندا.

گول مول، بدمعاشي، ميسٽائپي، منافقي ۽ بي حيائي وارو جنهن۾ رات کي ڏينهن ڏينهنکي رات چيو ويندو. ڊانچي ۾ رجعت پرستي، سامراج پرستي ۽ آمريت پنهنجو ننگو ناچ ڏيکاريو آهي. ايم - ڊي - پي جي ليڊرن جي استعفائن ڪري ڪجهہ گهوٽالو آهي. گرفتاريون هلن پيون. ۱۴آگسٽ ۸۳ تي گهٽو ڪري خاص ڳالهہ نہ هوندي. مڙيئي ٽيم پاس هوندو. پر شروعاتون ائين ئي ٽيندیون آهن. رائو صاحب سان ڪچهريون چالو آهن، ماڻهو نيڪ ٿو لڳي. راجپوتن جي ڪارنامن جو ذڪر پيو هلي. مون چيو تہ ايراسيرا راجپوت سما سومرا ہہ ٻڌجن

ٿا جن جا اسين بہ اولاد ٿاسڏجون، پر راجپوتن جون ڪئين رسمون انتهائي رجعت پرست آهن جهڙوڪ ستين جي رسم، لٽ مار وغيره وغيره،" ميجائين.

۱۴آگسٽ ۸۳ يوم آزادي! سبحان الله آزادي جيڪا نصيب ٿي آهي عوام کي گذريل ۳۶ سالن ۾ تنهنجي ڪهڙي تعريف ڪجي!

اڄ اخبارن ۾ آيو ته ضيا چوي ٿو ته چوندن ۾ پيپلز پارٽي کي حصو وٺڻ نہ ڏبو. غير جماعتي چوندن ۾ بہ انهن ماڻهن کي حصو وٺڻ ڏبو جيڪي سڀا ماڻهو هوندا. " جماعت سامراجي" ۽ نوراني وارن جو رد عمل ايان کو نہ آيو آهي. ڄانچن تي چون ٿا ته قاضي ڪورٽون قائم ڪيون ويندیون سياڻي کان. اڄ ضيا اعلان ڪندو." اعلان مون ڪونہ ٻڌو. شڪل ڏسيو ٿي اچيو ويجي ماڻهوءَ. کي ڊڪٽيٽر هونئن بہ هڪڙي منحوس شيءَ هوندوآهي پرميسڀا، منافق ۽ مذهبي ڊونگ رچائيندڙ ٻڙي منهن وارا ڊڪٽيٽر ڏسيو ماڻهوءَ کي اڀڙڪا اچيو ويجن.

چار بجہ شام ٻاهران مينهن ۾ پيڄي اندر آيو آهيان. مينهن ٻوڙ ٻوڙان پيو پوي. اجهو بجلي بہ بند ٿي ويئي. رائو رشيد پنهنجي زندگيءَ جون ڪهاڻيون پئي ٻڌايون. ٻڌي ڏاڍو غمگين ۽ اداس ٿي ويس. اهڙيون ڪهاڻيون ڀلا ڪيئن ٿيون لکي سگهجن. ڄاتل سڃاتل ماڻهن خاص ڪري سياسي ماڻهن جون؟ منافقي ۽ مڪاري جي ماحول جيڀاري ۾ انساني دل، انساني جذبن ۽ انساني ڏکن سکن جي ڳالهين جون مکڙيون ڪٽي ٿيون ٽڙيو سگهن ويڄاريون؟

همراهہ ٻڌائي پيو ته " رائو مهروزاختر، خورشيد محمود قصوري ۽ رشيد قريشي گرفتار ٿي ويا آهن ۽ هوڏانهن بي ڪلاس ۾ آهن." اصغر ڀهاري پيو ڏئي وراندي ۾. انور ماني پيو تيار ڪري. فخرزمان ۽ افضل رندهاوا پنهنجا لکيل ڪتاب ڏياري موڪليا آهن. افضل رندٱاوا جي پنجابي ناول "دوآبہ" پڙهڻ جو شوق آهي. چون ٿا موڪليندا سون. شائستہ حبيب جي شاعريءَ جو ڪتاب بہ موڪليو آهي فخر زمان. مونکي هڪڙي سندي اديب جي حيثيت ۾ سڃاڻي. شائستہ عوامي شاعره آهي. ڪجهہ سڀا ڪلام پڙهيا اٿمانس . ڏسون هن ڪتاب جو ڪهڙو حال آهي هتي پي پي جا ڪئين نمائندا، دانشور، شاعر ۽ ترقي پسند هئا. افضل رندٱوا ايئر اين اي هو. پاڻي جو شاعر ۽ ناول نگار آهي. فخرزمان سينيٽر هو. افسانہ نگار شاعر ۽ مصنف آهي.

مهندي، مهندي، مهندي سجڻا
ميري گوري هٿهان دي مهندي
اي مهندي ميري چاهوان والي
اي مهندي ميري سجنا والي
جهبڙ کان مول نہ سهندي!
سجڻا.....

(ميندي، ميندي، ميندي منهنجا سڄڻ
منهنجي ڪورن هٿن جي ميندي،
هيءَ ميندي منهنجي چاهت واري،
هيءَ ميندي منهنجي سڄڻن واري،
جهٽڪون ۽ جڻيون مور نہ سهندي،
منهنجا سڄڻ! منهنجي ڪورن هٿن جي ميندي!)

جلندر ٿي- وي تان حاڪم صوفي پيو ڪائي ۽ خوب پيو ڪائي، امرتسر- جلندر ٿي- ويءَ تان پارت جي قومي نشريہ تي دهليءَ ۾ يوم آزاديءَ جي رسمن کي ڏٺوسين. اندرا سادي سودي پر اثرائتي تقرير ڪئي. صحت اڄي ڪان سٺي پيئي لڳيس. ايازَ سليمر جا خط آيا آهن. خط ملئي زماناٿي ويا آهن. سليمر جناب نورن جي شاديءَ بابت اسڪيمن جو اطلاع ڏنو آهي. ايازَ جي خط مان معلوم ٿيو تہB-٨٠ واري گهر ۾ ڪو ماين جو راڳ روپ ٿيو. حور وارا ٻہ آيل هئا. ايازَ ٻہ ڊوميسائل لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪئي آهي. اسڪالرشپ لاءِ ڪوششون پيو ڪري، ميوزڪ ڪلاس ۾ شامل ٿيو هو پر ڪلاس بند ٿي ويو . B-٨٠ ۾ گندليءَ ۾ ڪليليءَ ٻہ ڪالهايو. لکيو اٿس. "آءُ ڪافي ڪمزور ٿي ويوآهيان. خبر نہ آهي ڇو؟ صحت ٺاهڻ لاءِ ڪو مشورو ڏيو. ٻڌو اٿر اوهان جي حالت بنهہ خراب آهي. سو ان متعلق سربستو احوال ڏيو ۽ صلاح پڻ تہ اوهان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي. هتي اڳڻ ۾ ويٺو آهيان. اوهان سان الائي ڪڏهن هتي ويهي ڪالهيون ڪبيون ۽ بيڊ منٿن ڪيڏبي؟ ڪڏهن ڪڏهن تہ سوچيندو آهيان تہ ڪاش ..... اوهان سان گڏ رهي سگهجي ها....."

"دامن نہ چهڙا، يون دور نہ ڪر،
يون شيشہ ء دل چور نہ ڪر،
روني ڪيلئي مجبور نہ ڪر"

گيتادت جو هڪڙو عاليشان ڏن ۾ گيت پيو اچي ،گيتادت جا بهترين گيت مونکي لتا جي بهترين گيتن جهڙا ئي وٺندا آهن.

"عمر تو ساري ڪٽي عشق بتان مين مومن
آخر وقت مين کيا خاک مسلمان هونگي."

الائي ڪير مومن جو ڪلام پيو سهٽي نموني ڪائي. رائو چئي ٿو تہ منهنجو

وڏو پاڻ بہ مومن جو معتقد هو. چوندو هو تہ مومن جي سخن جي مقابلي ۾ غالب جا ان ٹي ميدان ۾ چيل شعر ڇڻ ڏوڙ جا ٻڪ آهن! اهڙا ڪي شعر ٻنهي جا ٻڌايائين بہ ٽيون ڏينهن. صبح جو اڃندي مينهن پنهنجي ڪاروائي ڪري ويو آهي. سڄا پٽ پُسيا پيا آهن. آسمان ۾ جهڙ آهي. شام ۵ بجي امرتسر-جلندر ٽي- وي تان ڀڳتي سنگيت پيو اچي. سُر آهي سارنگ!

"ڪيڏانهن منهن مريم جو ڪيڏانهن ٽنڊوالهيار!"

سارنگ ۾ هجي " آئي مند ملهار، آئون کهنبا کنديس ڪپڑا !" پر ڀائڙ وارن سارنگ کي وڃائي ڇڏيو آهي. ٻاهر رائو رشيد چڪر هڻڻ لاء منهنجو انتظار پيو ڪري ، پر همراهہ مون کي سارنگ جي آلاپن سان ڪوڪا هٽي ڇڏيا آهن! ڪلام آهي تلسيداس جو!

"سنڌ جي سڌ تي، سڌ جيڪو نہ ڏئي، ڪوڙ هيو تي مري!"

صبح ڪان وٽي چڪر پئي ڏنر ۽ امداد جون اهي زبردست سٽون بہ جهونگاريم. اٺ شرط بي. بي.سي ٻڌم، سنڌ اوچتو جاڳي پيئي آهي. ٽن ڏينهن کان بي. بي. سي ۽ اخبارون تصديق پيون ڪن تہ " سنڌ جاڳي پيئي!" خيرپور ۾ ٽرڪن تي جلوس ڪڍيائون، سکر ۾ لائي چارج ٿي، سانگهڙ ۾ رڪاوٽون ڪڙيون ڪيائون، دادو ۾ آفيس ۽ فون ايڪسچينج تي حملو، ريل جون پٽڑيون ڪڍڻ جي ڪوشش، لائي چارج ڪوڙها آئيندڙ گيس، ڪهوڪي ۾ استيشن تي حملو ۽ استيشن ماستر جو اغوا، ميرپور ماٽيلي ۾ ٽرڪن کي باهہ، ريلوائي جا پٽا غائب، ٽٽي ۾ جيل تي حملو، نوابشاهہ ۾ جيل ٽوڙڻ جي ڪوشش،فائرنگ،هڪ قتل اٺ زخمي، ڪراچي ۾ لائي چارج، ميرپورخاص، بدين، جيڪب آباد ۾ جلسا جلوس (لاڙڪاٽو ضرور زندهہ هوندو) هر جڳهہ ماڻهن پنهنجي ۽ پنهنجي وطن جي زندهہ هجڻ جو ثبوت ڏيڻ جي سڻي شروعات ڪئي آهي. لاهور ۾ ڇڇ گرفتاريون ٽيون آهن ۽ ٽين پيون. بيگم نسيم ولي، بلور جي جاء تي اين-ڊي- پي جي ڪنوينر ٿي آهي. ايئر - آر-ڊي سان سات ڏيڻ ۽ پي پي سان ڪنهن بہ اختلاف نہ هجڻ جو اعلان ڪيو اٿس ۽ سياڻي وڏو جلسو ڪرڻ جو بہ اعلان ڪيو اٿس. نوراني ميان چئي ٿو "اسان جا بہ ري گناهہ ماڻهو ٻڌا آهن. هاڻي اسين بہ حمايت ڪنداسين." پنڊي، ڪوئٽيا ۾ بہ گرفتاريون هلن پيون. پر في الحال سنڌ سان ڪير نڪر هٽي؟ هي ڏينهن موج ۾ گذاريا اٿر. قومي پيڃاڻ ۽ ندامت جو داغ ڪجهہ ڪجهہ ڏوپي پيو. ڪوئٽيا ۾ اڪبر بگٽي هٿي

مختياراعوان، افضل سنڌو ۽ ڪن ٻين سڌي يا اڻ سڌي نموني اهي طعنا ڏنا تہ "اوهان سنڌين هيڏي وڏي لڪ لڳڻ ڪان پوء چا ڪيو؟" ٻڌي ڏينهن پنجاب، سرحد بلوچستان پوڻتي رهيا تہ فڪر ڪونهي. اسان کي ٿي ڏينهن پنهنجي مرّسي ڏيکارڻ لاء نويڪلا ملي ويا. نظام بهشتي وانگر پلي ڪٿي اها برتريء جي بادشاهي هڪڙو ڏينهن يا هفتو هلي پر هلي تہ سهي! ڪجهہ تہ پاڻ تي اسان جو نالو بہ هجي تہ هائو ٻيلي هن پاسي بہ ڪا پهر آهي! ڪنهن جي در تي بيهڻ جهڙا تہ ٿياسين! نہ تہ رڳو منهن جي پڪائي ۽ نڪ جي ڏاڍائي ڪريو پئي هلياسين ۽ ماڻهن بہ لاچار ڪوڙي ڏند ڪيکر ٿي ڪئي. موقعو ٿي ملين تہ نڪ وڍيو ٿي ڇڏيائون. رات بي. بي. سيءَ ٻڌايو تہ دادوء ۾ هنگاما ٿيا آهن. ماڻهن جيل تي حملو ڪري ۱۰۰ قيدي ڇڏائي ورتا آهن ۽ پوليس لائي چارج ۽ ڳوڙها آٿيندڙ گيس استعمال ڪئي پر ان مان ڪجهہ ڪونہ وريو. آخر فائرنگ ڪيائون، جنهن ۾ ماڻهن مان هڪڙو شهيد ٿي ويو ۽ چار زخمي ٿي پيا. فوج گهرائي ويئي هئي. چئي، " پوليس حالتن تي قبضي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي." آرمد فورس ۽ ٻي مڪاني پوليس ۾ جهڙپ بہ ڪا ٿي، موري ۾ جلوس ڪڍيا ويا. ڪراچيءَ سميت سنڌ جي ٻين هنڌن تي بہ ماٹهو جلسا جلوس ڪڍي گرفتاريون ڏئي رهيا آهن. سرحد ۾ بيگر نسير ولي خان ۽ ٻين اين - ڊي - پي جي ليڊرن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. بيگر صاحبہ ايم - آر- ڊي جي ڪنوينر شپ بہ اختيار ڪئي هئي. اڄ جلسو ٿيڻو هو، ان جو ڏسون چا ٿو ٿئي.

21/8/83

صبح.

اندر ويٺو آهيان، ٻاهر جهڙي ڪر گرمي ٿي لڳي. ٻہ چار ڏينهن بارش پيئي آهي. پٽ ايڏا پَسيا پيا آهن. اڄ جهڙو ڪر هوست ٿي ڏسجي. انور ناشتو پيو تيار ڪري. منهنجو خيال هو پيندڙيون تيار ڪندو پر رائو صاحب چيو اٿس تہ "پيندڙيون ٻنهڙن جو ڪج." هينئر پٽاڻا پيو تيار ڪري. صبح جو پٽاڻن مان تنگ ٿي پيو آهيان. هونئن روز سويل ئي سويل سيويون يا ڪارن فليڪس بہ ڪائبو آهي. ڪلهہ ڪان مس مس ادرڪ ٻوڙ ۾ وجهڻ شروع ڪيو اٿس. اصغر جي بارڪ ۾ قودنو بہ آهي. اڄ رائو رشيد جي چوٽ تي اِهو ڪچ پٽي ڪٽي آيو، مزا ٿي ويا. گرم گوشت مصيبت ڪريو وجهي. هاٿي بصر بہ ٻوڙ سان ڪائون تا. ڪاڏي جو انچارج رائو رشيد آهي. مونتي ڪاوڙ اٿس تہ "تون ماني نہ ڪائيندين تہ پوء انقلاب ڪيئن ايندو" روز زور ڪري ٻہ چار ڪرهہ ۽ ٻہ چار ٻوٽيون وڌيڪ ڪائڻ تي مجبور ڪندو آهي. صحت ڪچ ڏينهن ڪان ٺيڪ آهي، هاٿي تہ ٻين کي ڏسي ڪافي ۽ چانهہ بہ پيڻ تي پيو آهيان، ڪلهہ ڪافي بہ پيتر تہ چانهہ بہ. شام جو

محترم جناب عظمت شيخ صاحب ۽ قدم رنجائي فرمائي آيو. ٽيون چوٽون ڏينهن ۾ آيو. قرب جي ڪچهري ڪيائين. ڀالهيون ساڀيون. "فلاڻي جو هيڻن ٽڪ مان ور لاٿم. فلاڻي کي هينئن سڏو ڪيم." بس وڙهه وڙهان. آءٌ نصيحت ڪريائس تہ يڪدم هائوڪار ڪندو، جڏ تہ اها سندس دل جي ڀالهه ڪيم. وري پنهنجا ڪارنامہ بيان ڪرڻ شروع! رائو جو ريڊيو سندس سنگت جي قيد مان نڪري آيو پر پهڻل حالت ۾. درويش ماڻهو آهي، 'نہ' ڳهٽ ڄاڻي. فاروق لغاري، اعزاز احسن، خورشيد قصوري، ملڪ حامد سرفراز، راڻا شوڪت محمود ۽ ٻيا سمورا راڄ پنجاب جي ڌار ڌار جيلن ڏانهن. هتي جا همراهه ويڙها ويڪرا ڪريو ويٺا آهن، رائو حال تہ بچي ويو. رائو مهروز اختر، پنجاب اين - ڊي - پي وارو ليڊر، سي ڪلاس ۾ آهي، پر ايجا هتي آهي. رائو رشيد جو جونيئر وڪيل لطيف ايباز ۽ خيرن سان ٻارنهن مهينا ٽيپ ۽ ويهه هزار ڏنڊ جي سزا وٺي اچي پهتو آهي، سي ڪلاس ۾ آهي، ٻيا ۽ ڪچ ماڻهو سي ڪلاس ۾ واڙيا اٿن.

سڄي ملڪ ۾ گرفتاريون هلن پيون، ماڻهو پاڻ کي ۽ گرفتار ڪرائين پيا. ٢٣ تاريخ ڪوٽڙيا ۾ هڙتال ڪرڻ جو سڏ آهي، پي - اين - پي طرفان. ڏسون ڇا ٿو ٿئي. هتي ۽ اڄ ڪان شايد ضلعن ۾ گرفتاريون ڏيڻ شروع ڪندا ماڻهو. ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ "دخدا رهسي تہ مڇ پي پوسي." (دڪندو رهندو تہ مڇي ۽ پوندو) واري چوٽي موجب تحريڪ ٻين صوبن ۾ ۽ اوير سوير مڇي موري نيٽ جوان ٿي پوندي ۽ ٻنا ٻوڙ ڪري ڇڏيندي. پر 'سوناري جا سؤ ڏڪ لوهار جو هڪڙو ڏڪ' هيترا سال سڏ ڄڻ دت هنيو سُٽي پئي هئي. نہ ماڻهن جي ڪلڙ جي، نہ خواريءَ جي. عزت جن جي هوندي تن جي ويندي' وانگر بي پرواهہ ٽيو پئي هليا سين. چئو تہ ڪر آهي ٽي ڪانہ. پر ڇهن ڏينهن جي همت، جي اڳيون پويون ڪسرون نہ ڪڍيون آهن تہ ۽ دنيا جون اکيون پٽي وڌيون آهن ۽ ماڻهن کي خبر پيئي آهي تہ هن پاسي سڏ ولايت ۽ ڪا آهي. سڏ ۾ چوطرف گرفتارين، لائي چارجن، ڪوڙها آٿيندڙ ڪٿس ۽ باهين جي ڏم لڳل ٿي ٻڌجي. شهيدن جي جنازي نماز پڙهڻ واري ڀالهه ۽ ٿي آهي، اڄ 'نوائي وقت' سڏ تي- "سنده ڪي سياست مين نيا انقلاب" جي عنوان سان هڪڙو چڱو موچارو مضمون ڇاپيو آهي. جنهن ۾ سڏ ۾ نئين سجاڳي بابت حيرت جو اظهار ڪيل آهي. وچ ۾ لکيو اٿس، "سڏ جي تعليمي ادارن جا شاگرد ۽ هن تحريڪ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اهڙي ريت سڏي عوام تحريڪ ۽ گرفتارين جي مهر ۾ پيش پيش آهي. هن تحريڪ جو سربراهہ رسول بخش پليجو ڪوٽ لکپت جيل ۾ نظر بند آهي، ان جي قائم مقام عهديدار فاضل راهوءَ کي ۽ گرفتار ڪري ورتو ويو آهي. هو ايم - آر - ڊي سڏ جو جوائنٽ سيڪريٽري آهي. اندروني سڏ ۾ ايم - آر - ڊي کي منظم ڪرڻ ۾ فاضل راهوءَ جو ۽ اهم ڪردار آهي" اڇوڪي جنگ لاهور جي

هڪڙي سرخي آهي، "خيرپور ناٿن شاهه ۾ سرڪاري ملڪيت ۽ جيل تي حملو. پوليس فائرنگ جي ڪري ٻه ماڻهو زخمي. ڪيترن هنڌن تي گرفتاريون، لاٺي چارج ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس وسيلي حالتن تي قبضو ڪيو ويو آهي. گهوٽڪي لڳ ريل لائين کي نقصان پهچڻ جي ڪري ڪاڌين جي اڄ وڃ ۾ دير. غلام مصطفيٰ جتوئي جي پٽ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل نواب شاهه جي چيئرمين شپ تان استيفا ڏئي ڇڏي. ڪوئٽا ۾ لياقت مارڪيٽ جي جلسي ۾ سنڌ جي تحريڪ کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو آهي."

23/8/83

صبح -

چڪر ڏيئي سيويون ڪائي ويئو آهيان. موتئي جو به هڪڙو گل ٽڙيو ٻيئو هو. سو ۽ گلاب جو هڪڙو گل پٽيم. مزو موتئي ۾ وڌيڪ آهي. گلاب گهٽو آهي پر حيدرآباد ۽ ٽنڊي وارن گلن واري خوشبو ڪانهيس. يا الائي آءُ خوش فهميءَ وچان ٿو سوچيان. صبح جو سويل اٺي بي- بي- سي ڪان راتوڪي خبر جا تفصيل ٻڌا. رائو رشيد اڳ ۾ ئي لڳو پيو هو. انگريزي خبرون پئي آيون، چيائون "خيرپور ۾ 50 هزار ماڻهن جو جلوس نڪتو آهي، قيادت راڄپور جي پير پئي ڪئي." خيرپور سرڪاري آفيسن وغيره جو ڪم لاٿائون، لاٺي چارج ٿي، ڳوڙها گئس استعمال ٿي، آخر گولييازي ٿي، ٻه مڙس شهيد ٿي ويا ۽ ڪيئن مڙس ڏکجي پيا. وري موٽندي راڄپور ۾ ساڳي هاج لاٿائون ۽ ريل جي پٽن جي سارسنيال لڏائون، وري فائرنگ ٿي، هڪڙو مڙس شهيد ٿيو ۽ ڪيترا ڦٽيا. لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن به مظاهرا ڪيا آهن، انهن تي به ڳوڙها آڻيندڙ گئس استعمال ڪئي وئي آهي. سياسي موسم ۾ تبديلي کان پوءِ ماڻهو اسان تي به اڳي کان به وڌيڪ مهربان ٿي پيا آهن.

ڊاڪٽرن پيرو ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ڪلهه سپرنٽينڈنٽ صاحب ڊپٽيءَ سان گڏ آيو. ويئو. چيائين، "ٻين سمورن همراهن کي جيل بدلي ڪيائون ته رائو صاحب کي به ڪيائون پر مون چيو ته توهان اڪيلا ٿيندا ان ڪري چيم ته 'نه، رائو صاحب هتي هجي' نٽي مڃيائون پر مڃيائون نٽ." مون اڳ ئي سوچيو. دل ۾ هو ته هڪڙي رائو رشيد جي بدلي نه ٿيڻ جو سبب اهو ئي هوندو. چيومانس ته اسان کي به وارڊ کان ٻاهر چڪر هڻڻ جي اجازت ڏي، ان جي عيوض هڪڙي ٻي نندي ۾ نهايت عجيب آفرڪيائين. ڏسون پوري ٿئي ٿي يا نه. ناول موڪلڻ جو به واعدو ڪري ويو آهي. اهو به چيائين ته منهنجو پٽ تنهنجو معائنو ڪرڻ ايندو. رات جناب عظمت صاحب آيو. پوءِ گلزار آيو. عظمت ماکيءَ جهڙو مڙو آهي، هڪڙي مهرباني به ڪيائين. زرينه جو خط مليو. لکيو اٿس؛

17/8/83

"من! اڄڪلهه حيدرآباد ۾ ڏاڍي گرمي آهي ۽ حيدرآباد ۾ هر روز گهوٽ پيا پڙڻجن. ڪلهه به چار پنج گهوٽ، ڏاڍن دهلن دمانن سان اسان جي اسڪول جي سامهون واري بلڊنگ ۾ سرڪس تي چڙهي آيا، ڏاڍي ڇڄ هئي. ڪنواريتا ڪافي هئا، ڪنواريتن گهوٽيتن جو وڏو آڏر ياڻ ڪيو. چوڏهين جي رات جو اها ڪنواريتي ڇڄ اسان وٽ به آئي هئي. اديءَ مريءَ جو پٽ ۽ ٻيا به ڇڄ ۾ شريڪ ٿي ڪنواريتن ۾ ويا آهن. خبر نه آهي ته وري ڪڏهن اچن. گندليءَ جو ٻيءَ گوهين ۾ آهي. چو ته هي موسر ڏاڍي گرميءَ واري آهي. مون به سوچيو ته 'تون' هجين ها ته آڏ به پيٽ گذر ڇڏي ڪٽي ڇڄ ۾ شريڪ ٿيان ها. پر ڇا ڪريان اڪيلي آهيان ۽ ٻيو صحيح علاج جي خبر ڪنهن کي به نه ٿي پوي. ٿي سگهي ٿو ته (توکي) پاڻهي خبر پوندي هجي پر اِهو 'تون' به ته خط نٿو لکين. اِتي جي موسر ٻڌاء، ڪي مينهن پيا ڪِي ايڏا گرمي آهي. سونهن چوي ٿي ته 'بابا ڪي آڪاڻي اچيس به نٿي.' تنهنجي نالي وٽ سان عجيب نموني مرڪندي آهي. اِها مُرڪ ڏسڻ وٽان هوندي آهي. مون سان گڏ اسڪول ايندي آهي، پر ڪلاس ۾ ڪونه ويهندي آهي. ٻيءَ ڪٽي ويندو اٽس ته گهٽو گوڙ ڪندي آهي، وري پٽس مون وٽ ڇڏي ويندو آهي. هاڻي تون هڪڙي سڻي نندڙي آڪاڻي سونهن لاء لکي موڪل. امرتا به وڏي ٿي وئي آهي. اڄ به وڏي ڇڄ آئي جنهن کي ڪنواريتا وڻي ويا."

صبح جو چڪر ڏيندي هي بيت جهونگارينڊو رهيس ۽ پنهنجي ديس ۾ سمجهه، سڃاڪيءَ ۽ مڙسيءَ جي برساتن بابت سوچيندو رهيس.

سڄ ڪَ انا مينهن مونهان پوء مليرِ ۾؟!
ڪالهه سڄو ئي ڏينهن، منهنجي اکڙين اکيريو!

+

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگ مينهيون،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون جي سموند ۾، نئين سج نهارين،
پلر پيارين ته، سنگهارن سڪ ٽئي.

+

اڄ رسيلا رنگ بادل ڪڍيا برجن سين،
ساز سارنگيون سرندا وڄائي برچنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پدام تي.

+

پاڇاڻائان پئي، ٽيو آڳاٽيان اڳرو.
چڪس سڀ چئي، تڏهن مولي مينهن وسايا.

+

اڄ پڙ اتر پار ڏي ڪڪر ٽو ڪري،
وسيو سي پري، جي ڏر ڏينهن ڪانئيا،

+

آڳمجي آئيون، اتران ڪري اورَ ،
جي پرين هڏَا ڏور، سي مون کي مينهن ميڙيا.
(شاهه)

چشم نم، جان شوريده ڪافي نهين،
تهمتِ عشق، پوشيده کافي نهين.
آج بازار ميه پابجولان چلو،
دست افشان چلو، مست و رقصان چلو،
خاک برسر چلو، خون بہ دامان چلو،
راه تکتا هي سب شهرِ جانان چلو!
(فيض)

ايستالين نين ميدان مين، بلايا هي همين،
کسب اور جهد کا پيغام، سنايا هي همين ،
جَوئي پُر جوش بنو، برق کا سيلاب بنو!

اک دهکتي هوئي، پگهلي هوئي، لوهي کا سمندر بنکر،
غضب آلود بهنور بن جائو،
اور فاشست خنازير کو في النار کرو!
کيا مين اس جنگ کا خاموش تماشائي بنون؟

کيا مين جنت کو جهنم کي حوالي کردون؟
کيا مجاهد نہ بنون؟

کيا مين تلوار اٹهائون نہ وطن کي خاطر؟
ميري پياري، ميري فردوس بدن کي خاطر،
قرة العين! او ميري فرزندو!

تشنہ خون ميري تلوار کهان هي؟ لانا!
برق رفتار، ميرا رهورا کهان هي؟ لانا!
قازقستان! وطن! اٿهہ!
خيز باصد جاه وجلال!
اور پهونک دي دشمن ناپاک کي خاکستر کو!
(قاجک شاعر: بابر جنبول)

(ترجمو: مخدوم محي الدين)

" ڏنو کالهہ کهين، جهونجهارکو جهڳڙو،
هاڻين هڏ مچائيا، ريلو رت نئين،
پانڻين ساسنئين، جڻان جيءَ جوکو ٿئي!"
" کانڌا! کلارين کپڙين ور! وناهيو آءُ،
جت سانگين جي ستّ وهي، ات وک وڌندي پاءِ،
تان تان پئہ مرَ پاءِ، جان جان نونڌين نہ چڙهين."
- - - - - - -
"منهن مٽاهان جن جا، سي پٽيو کڻن پار،
جيڏيون هن جهونجهار، آجاري اچا کٹا!"

ڪراچيءَ ۽ لاهور ۾ اسان جي شهيدن شيرن جي جنازي نماز پڙهائي ويئي. پنجاب جَري رهيو آهي، جاڳ اٿيو. بلوچستان ۾ ۲۷ تائين هڙتال آهي، تحريک استقلال ڏڏو ڇڏيو آهي. نورانيءَ تي بندش وجهي جمعيت علماء پاڪستان تي سرڪار ۽ جماعت سامراجي مولاني نيازيءَ معرفت چاپو هٹ تا گهرن. نورانيءَ جماعت سامراجيءَ خلاف وري بہ بيان ڏنو آهي تہ اِها سرڪاري ايجنٽ آهي. سرڪاري چمچي سامراجي چيڙي، 'نواءِ وقت' نهايت پريشانيءَ جي عالم ۾ سرڪار کي ڪو سياسي رستو کڻڻ لاءِ ٻاڌايو آهي تہ جيئن شرپسند پنهنجي ناپاک ارادن ۾ ڪامياب نہ ٿين.

24/8/83

صبح.

هاڻي صبح جو پهڙيون ڪم آهي بي- بي- سي ٻڌڻ. اردو سروس تان پراڻا گانا ٻڌڻ لاءِ، جيڪي بي- بي- سي جي اردو خبرن وقت ٻڌائيندا آهن، اکثر بي -بي- سي جو هندي پروگرام ٻڌبو آهي، جيڪو اردو کان اڳ ٿيندو آهي. جي

هندي ۽ اردو ٻنهين کان اڳ خبرن ٻڌڻ جي اڻ تڻ هوندي ته پوءِ سويل ئي سويل بنگالي خبرون ٻڌبيون آهن، ۽ جي دير ٿي وڃي صفا ۽ ٻيا سڀ پروگرام هٽان هليا وڃن ته پوءِ پشتو يا فارسي پروگرام ٻڌبو آهي. ڪٽان ڪن، ڪٽان ڇڄ، مڙيئي ڪجهه نه ڪجهه پتو پئجيو وڃي ته ٿيو ڇا؟

ڪنڈ ڪوٽ ۾ ٿي ڪونڈر شهيد ٿيا آهن، دوبدو مقابلو ٿيو آهي گولين جو عوام ۽ پوليس وچ ۾. حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ ٻين بقول بي- بي- سي جي سنڌو ماٽري جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مظاهرا، جلوس، لائي چارجون وغيره ٿيون آهن. لاڙڪاڻي ۾ ضيا جو پٽلو جلايو ويو آهي. رات بي- بي- سي سنڌ جي تحريڪ تي تبصرو ڪيو ۽ ان جي ڪارڻن جي پنهنجي پر ۾ اپٽار ڪئي. هڪڙو سبب اهو به ٻڌايائين ته، "سنڌ ۾ مائوزي تنگ جا پوئلڳ به سرگرم آهن." ڇيائين "هن تحريڪ نه رڳو ضيا ۽ مغربي طاقتن پر خود ايم- آر- ڊي جي ليڊرن کي به حيران ڪري ڇڏيو آهي." مطلب ته "پنڪي خور"، "سست"، "نڪمي"، "بزدل"، "جاهل" ۽ سڄي جهان جي ٻڌ، سنڌي قوم، ماٿهن کي حيران ڪري ڇڏيو آهي ۽ کين مجبور ڪيو آهي ته ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏسن. کلهه- ويئي ڳالهه ڪئي "سر جي بي- بي- سي جي خبرن جو ٽائيم ٽيندو ته سڀ قيدي اچي ريڊين جي چوڌاري ميڙ ٽيندا. جيئن ئي پاڪستان بابت خبرون ٽيندڙيون ۽ سنڌ ۾ ماٿهن جي مڙسي جي ڳالهه نڪرندي تيئن ئي نعرا لڳڻ شروع ٽيندا. "جيئي سنڌ"! اصغر صبح جو پڇيو "ڪلهه ڇا ٿيو؟ اسان رات سنڌ جي ڊرامي ۾ غش هٽاسون. سو بي- بي- سي ٻڌيسون ڪونه" خبرون ٻڌايونمانس. اهو به ٻڌايومانس ته تعليمي ادارا بند ڪيا اٽن جو شاگردن گوڙ ڪيو آهي. ڇيائين "اوجي! او مندي ڪتهي رهڻ والي هين. اوتي پاوين مدرسي کهولو يا بند ڪرو، انهان نين تي لڙنا اي" "اي سائين! اهي ڇوڪرا (سنڌي) ڪٽي جهل ڏيڻ وارا آهن؟ تعليمي ادارا کوليو يا بند ڪريو، هن کي ته لڙائي ڪرٽي آهي." ڇڻ نڊيڻ کان سنڌي شاگردن جي بهادر ۽ سرفروش فطرت کان واقف هجي. اخبار آئي آهي. 'نوائي وقت' خناس آهي. نوراني واري جماعت، جميعت العلماء پاڪستان ايم- آر -ڊي ۾ شامل نه ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. البت جماعت سامراجي واري اتحاد بابت چيو اٽس ته ابتدائي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. حڪومت کان به مطالبا ڪيا اٽن ته ٣٠ سيپٽمبر تائين سياسي قيدي آزاد ڪريو. سياسي جماعتن تان پابندي لاهيو وغيره وغيره نه ته جميعت ملڪ ۾ شهري آزادين، جمهوري حقن جي بحالي ۽ نظام مصطفيٰ جي نفاذ لاء پهرين آڪٽوبر کان عملي جدوجهد جي شروعات ڪندي سڌو قدم ڪنندي. پنجاب جا وڪيل اڄ سنڌي عوام تي ٽيندڙ تشدد خلاف احتجاج جو ڏينهن ملهائي رهيا آهن . حفيظ لاکي چيو ته ٣-سيپٽمبر کان .....ڪراچي بار گرفتاريون پيش ڪندي .ضيائي حمايتين جون سامراج

پرست، آمريت پرست اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ٿي ويون آهن. درخواستي گروپ جو وفد ايس- ايم ظفر سان مليو آهي. تحريڪ تي، خاص ڪري سنڌ جي تحريڪ تي لعنت ملامت ۽ ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون ويون آهن. اڄ 'نوائي وقت' جون ڪي هيڊنگون آهن. "پٽي ۽ پاشاني وانگر جمهوريت جو رستو روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي." (ميان طفيل) "ڪوبہ محب وطن امن تباهہ ڪرڻ وارين ڪارواين جي حمايت نٿو ڪري سگهي." (فاروق مودودي.)"سنڌ ۾ هندو سرمايو جرائيم پيشہ ماڻهن ۾ ورهايو پيو وڃي. اهي ماڻهو پيپلز پارٽي جي جلوسن ۾ شامل ٿي قرلٽ ڪري رهيا آهن." (چوڌري محمود احمد) هي جماعت سامراج جو ماڻهو آهي. پنجاب جو سيڪريٽري جنرل آهي. ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار، ضيا ڪان بار، لاءِ ۵ لک روپيا ورتا آهن. سندن طرفان آمريت جي مجرمانہ خاموشي سان حمايت جو انعام! انهن ۾ ڪيترا اهڙا سنڌي مجرم بہ آهن. اڄ ڪان "امن" ملڻ جو بندوبست ٿيو آهي. ڪلهوڪي "امن" ۾ تفصيلي خبرون آهن. ٽيون ڏينهن جون خبرون آهن تہ راڻي پور، حيدرآباد، ٽنڈومحمدخان، دادو، ميرپور، شهدادپور، بدين، ماتلي، ڪنڊيارو، نٿو، ميرپورخاص، جيڪب آباد، سکر، لاڙڪاڻو، خيرپور، پائي خان ٽالپر، راجوخاناڻي، ميربجارخان ٽالپر، باقرنظاماڻي ۾ ماڻهن تحريڪ ۾ زور شور سان حصو ورتو. حيدرآباد ۾ ايل - ايم - سي جي شاگردن ۽ عوام ڏاڍيون ڪي مڙسيون ڪيون ۽ مقابلا ڪيا. سيئي تفصيل لکجن تہ ڪيئي ڪاپيون پرجي پون هڪڙي ئي مهيني ۾. عوامي تحريڪ جي هڪڙي پريس اعلان ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ" سول نافرماني جي تحريڪ ۾ ۲۰ آگسٽ تائين ۳۰۴ ڪارڪن عوامي تحريڪ طرفان گرفتاريون پيش ڪيون آهن. بدين جي ۲۱۰ ڪارڪن گرفتاريون پيش ڪيون. جن مان ۱۹۰ کي بدين کان ۴۰ ميل پري، ٽرپارڪر جي ٽر ۾ وڃي ڇڏي ڏنائون. نٿي مان ۳۲ لاڙڪاڻي مان ۸، ٽرپارڪر مان ۵، دادو مان ۸، سکر مان ۳، سانگهڙ مان ۸، خيرپور مان ۴، حيدرآباد مان ۴۲ ڇٽا پاڻهي گرفتار ٿيا. تنهن کان سواءِ محمد فاضل، نظام بلوچ، عبدالله ملاح، گل محمد ڪيڙاڻي، محي الدين ڪيڙاڻي، ايوب انڙ، علي محمد سوڍي، عبدالقادر راٽني، عبدالستار عباسي وڪيل، سليمان ڪيڙاڻي، عبدالشڪورعباسي، ضياڪٽي، صلاح چانڊئي، اصغر پٽي، احمدخان، جمال ۽ ڏهن ٻين ڪارڪن کي هڪ سال قيد هڪ لک روپيا ڏنڊ ۽ ويهن ڦٽڪن جي سزا ڏني ويئي آهي. ٻي خبر ۾ آهي حسين بخش ناريجي کي عوامي تحريڪ جو قائم مقام صدر ۽ ايم- آر- ڊي سنڌ جو قائم مقام جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي.

ڪراچي ۾ ٻارهن مزدور فيڊريشن جي، وفاقي تنظيم، "ٽريڊ يونين ايڪشن ڪميٽي" طرفان هڪڙو ڏينهن جلسو ڪيو ويو جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ ۲۴

تاريخ سڄي ملڪ ۾ "اندرون سنڌ تشدد خلاف احتجاج جو ڏينهن ملهايو ويندو." نوراني چيو آهي ته سول نافرماني جي تحريڪ کي قومي ۽ مذهبي فرض سمجهيو ويڃي. جنرل ضيا اڄ ملڪ جي عوام کي ڏمڪي ڏني آهي ته هو سول نا فرماني جي تحريڪ کي ڪچلي ڇڏيندو. معلوم ٿو ٿئي ته هو عوام خلاف اڳي کان به وڌيڪ سنگين جرم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ويٺو آهي ۽ عوام کي ايجان به وڌيڪ ڏکين آزمائشن مان پار پوٽو پوندو. لڳي ته سڀ خون جي درياهن مان لنگهڻ کان پوءِ ئي قومون پنهنجي ڳڇيءَ مان قومي طبقاتي غلامي جو ڳٽ لاهي ڇڏي ڦٽو ڪري سگهنديون آهن. ۽ چار سال ٻيا سخت آزمائش جا ئي سهي. آخر دنيا جون ٻيون قومون به ته انهي آزمائش مان لنگهيون آهن ۽ ٻيون ايجان به لنگهين ڇڏيون.

25/8/83

اياز لکيو آهي " ----- بابا هيڏانهن ڏاڍو جوش آهي، ٿي سگهيو ۽ جي همراهن چيو ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ آڻون به منجهه هوندس، ۽ منهنجي لاءِ واحد مسئلو آهي ته منهنجا آڪٽوبر يا نومبر ۾ امتحان ٿيندا. هڪ پيپر ڊراپ ڪيل اٿم. جي ٻارهن مهينا رکيائون ته مسئلو ٿي پوندو. بهرحال ڏٺو ويندو. هتي گهر آيا هئا پر آءُ ۽ ----- ٻئي کو نه لڌاسين. بنيادي طور منهنجي ڇڏي ڪيائون."

مون جواب ۾ لکيو اٿس ----- "تنهنجو نانائن(۱) جي ڳوٺ وڃي رهڻ جو خيال معلوم ڪري بيحد خوشي ٿيو. ان سلسلي ۾ درپيش مشڪلاتن تي به ويچار ڪيو. علم وڏي نعمت آهي. پنهنجي گذر بنا به دنيا ۾ جيئڻ خواري آهي. سئو امتحان ڏيڻ، پاس ٿيڻ، دل گهري عزت واري نوڪري حاصل ڪرڻ بخت وارن جو ڪم آهي. (البت) کي ڪي ڳالهيون امتحان ۽ نوڪري ۽ بلڪ زندگي کان به اعليٰ ۽ اوليت جون حقدار هونديون آهن. ڪي ڪهڙيون ۽ پل سالن ۽ صدين تي حاوي هوندا آهن. صحيح نمونو ڳوٺ رهڻ جو تجربو زندگي جو عجيب تجربو آهي. اهو ضرورت مهل جيڪي صحيح ماڻهو MISS ڪندا آهن سي سڄي عمر پڇتائيندا رهندا آهن."

ڪلهه شهدادپور ۾ پڇ ڳاهه. لائي چارج ۽ هوائي فائرنگ جا واقعا ٿا ٻڌجن. ڪن هٿياربندن تيل جون ٽرڪون جلايون آهن. ڪراچي ۾ به ڪافي وٽ پڪڙ آهي. هتي ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر ۾ ماڻهن گرفتاريون ڏنيون آهن. بي پي ۽ جا سر مهرا هتي وارا ايجان گهرن ۾ لڪا ويٺا آهن. ڏسجي. دولتانه ۽ ايس ايم ظفر عوام

(۱) نانائن = جيل

جي خاص ڪري سنڌي عوام جي جدوجهد جي حمايت ۾ ضيا خلاف زبردست بيان ڏنا آهن. وڪيلن جنازي نماز پڙهي هڙتال ڪئي ۽ جلسا ڪيا، ڪورٽن جي احاطي اندر. سنڌ جي جدوجهد سرڪاري چمچن ڪالر نگارن جي، بقول عالم شاهه بادشاهه جي، " ڦوس تي لت ڏيئي چڏي آهي ۽ سندن ٽيون منجهي پيون آهن." هڪڙو خاص سي - آئي - اي جو ايجنٽ نظر ايندڙ صحافي اچوڪي جنگ ۾ لکي ٿو"چوندن جي رٽيل (سرڪاري) پروگرام ۽ سرڪاري ملڪيتن خلاف ايم - آر- ڊي جي تحريڪ جاري آهي. حڪومت ۱۴-آگسٽ ڪان اڳ چوندون ڪرائيندي. هڪڙي نه چار چوندون ڪرائيندي. پر ايم -آر-ڊي وارن (اهاڳالهه بڌي اڻ بڌي ڪري) ۱۴-آگسٽ ڪان پنهنجي تحريڪ شروع ڪري چڏي جيڪا بي- بي- سي جي مدد سان هلي پيئي. ايم. آر. ڊي جي ڪيترين جماعتن مثلا جميعت العلماء اسلام ۽ تحريڪ استقلال وغيره وارن قومي ملڪيتن کي تباهه ڪرڻ جي هن تحريڪ تان هٽ ڪٽي چڏيو آهي. فقط پيپلزپارٽي ۽ اهي عنصر جيڪي هن ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي جي امڪانن کي ختم ڪرڻ ۽ ببرڪ ڪارمل جي امڪانن کي روشن ڪرڻ چاهين ٿا اڄ ڪلهه پوليس مقابلي ۾ مصروف آهن ------- هڪڙي پاڪستانيء جي ادب واري گذارش آهي ته " صدر صاحب جن فوراً سنڌ تشريف ڪٽي وڃن. اتي مسئلو مقامي وڏيڪ آهي ان کي حل ڪن. سنڌ جي انتظاميه ۾ مناسب تبديليون ڪن. سندن ذات ۾ هڪڙو خاص اعتماد ۽ ڪشش آهي. سندن دليون موهڻ جي ريت جو زمانو قائل آهي. هو حالتن کي سنيالي سگهن ٿا. اندروني سنڌ جي ڪنهن جڳهه تي پنهنجو تخت گاهه ڪٽي وڃي رهن. هڪ وڪ اڳتي وڌندا ته قوم هزارين وڪون اڳتي وڌي سندن استقبال ڪندي."

28/7/83

حالتون اهڙيون سرگرم آهن جو ڪجهه لکڻ لاء جيڪا ٿهر ڪپي سا حاصل ڪانهي. اجهو ڪالهوڪي 'امن' اچي ويئي. پهرين اها پڙهان ته ٽيون ڏينهن ڇا وهيو واپريو پوء ٻي ڳالهه.

حسين بخش ناريجي پريس ڪانفرنس ڪري وضاحت ڪئي آهي ته" عليخدگيءَ جا اعلان ڪرڻ وارا سورما، ضيا حمايت تحريڪ ٿيا وينا آهن. ۽ يونيورسٽين ۾ ايم- آر- ڊي خلاف جلسا جلوس ڪيڻ جون ڪوششون بہ ٿا ڪن." ۽ "رب رسي ته مت ڪسي هٿي ڪو نہ هٿيارا" عوامي تحريڪ جا ماڻهو پاڻ کي گرفتار ڪرائيندا رهن ٿا. مخدوم خليق الزمان عوام کي چيو آهي ته "وڏي تعداد ۾ پاڻ کي گرفتار ڪرائين. هو سندن استقبال لاء سينٽرل جيل ۾ انتظار پيو ڪري" پلو ڪر ! اهڙيون فلڪون هجن ته باقي ڇا ڪپي. تحريڪ ۾ ڪلهه ڪنهن

جي ۽ شهيد ٿيڻ جي ڳالهه ڪانه آئي آهي. لائي چارج وغيره جو واقعو ۽ ڪونه ٿيوآهي. پر ماٿهو جلوس ڪڍن پيا ۽ پاڻ کي گرفتار ڪرائين پيا. ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار چونڊن ۾ حمايتن جو تختو اونڌو ڪري جمهوريت پسند ڪامياب ٿيا آهن. واهه جو ڪر ٿيو. سنڌ جي وڪيلن نيٺ پاڻ تان اهو داغ ڌوئي ڌيکاريو.

پارٽ هڪڙو سياسي ڏماڪو ڪيو آهي. ڪلهه نرسمهارائو طرفان پاڪستان جي سياسي صورتحال تي تشويش ۽ ڏک جو اظهار پريس ۾ آيو.رات وزير اعظم اندرا طرفان نهايت ڪليل ۽ سخت لفظن ۾ پاڪستان ۾ جمهوريت پسند عوام جي قتلام کي غير انساني فعل ٺهرائيندي چيو اٿس ته" اسين پارت اندر توڙي ان کان ٻاهر جمهوريت جي حمايت ۽ غيرانساني قتلامن وغيره جي مذمت ڪندا رهيا آهيون، ۽ ڪنداسين. پاڪستان جي صورتحال جو اثر پارت تي ۽ پئجي سگهي ٿو ۽ اسين اکيون بند ڪري ويهي رهي نٿا سگهون." پارت توڙي پاڪستان جا سرڪاري ۽ رجعت پرست سامراج پرست حلقا پاڻ ۾ سَرَ سان سَرَملائي ان بيان کي ملڪ جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي، اڪرائي، چئلينج ۽ الائي ڇا ڇا سڏيندا؟

پر هي جو سامراجي ليڊر روز ٻيڙ هڏيو پاڪستان ڏانهن ڊوڙندا آهن ۽ جڏهن پاڪستان جي عوام جو وات رت سان ڀريل آهي ۽ هو ماتم ۾ آهن تڏهن عوام دشمن فوجي ٽولي جي حمايت ۾ ۽ سندن افغان جمهوري انقلاب خلاف پاڪستان دشمن جنگ جي حمايت ۾ بي شرميءَ سان ڪڪيون هڻندا ۽ جهمريون پائيندا ۽ ضيا جا گيت ڳائيندا رهن ٿا، ڇا اها پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ عوام خلاف مداخلت ڪانهي؟ ضيا ۽ ٻيا رجعت پرست ۽ سامراج پرست سڄو ڏينهن سڪن کي ڪاڙڻ ۽ خراب ڪرڻ لاءِ سڪ ياترين اڪيان ٽمريون کو نه پيا ڳائيندا رهن ٿا؟ ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرستن جي سڄي دنيا مذمت پئي ڪري ته اهو به کو نه پيو چئي ڇا ته 'اها اسان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت آهي؟'

دراصل دنيا هينئر هڪ آهي، سڄي دنيا جا عوام دشمن سامراجي ڇاڙتا پاڻ ۾ ٻڌ آهن. ڪٿي ڪي رجعت پرست سرڪاريون آهن ته سڀ، پارت جي جنتا سرڪار ۽ هتي جي ضيا ٽولي جي سرڪار وانگر هڪ ٻئي مان ڳراڙيون نٿا ڪڍن. جي ڪٿي ڪنهن ٿوري گهڻي عوام دوست سرڪار خلاف سامراج پرست بغاوت آهي ته سڀ ڪورس ۾ ان جي حمايت ڪن ٿا، جيئن افغان انقلاب خلاف هلندڙ سودخورن، الائي ڪيرن، عورتون وڪڻندڙ جي حملن جي سڄي دنيا جا رجعت پرست، سامراج پرست چيلهه هڏيو مدد پيا ڪن.

اڄ جمهوريت، آزاديءَ ۽ سماجي انقلاب جي جدوجهد سڄي دنيا ۾ يڪي هڪڙي ۽ ناقابل تقسيم Indivisible آهي. سڄي دنيا جي عوام جي جدوجهد هڪڙي جسر وانگر آهي. اسان جون انفرادي ملڪي جدوجهدون ان جسر جا

عضوا آهن. هڪڙي عضوي کي ڪنڌو لڳندو ته سڄي جسم تي ان جو اثر پوندو. سياڻي خدا نہ ڪري پارٽ تي آمريڪي سامراج جو قبضو ٿي وڃي ۽ ڪو سامراجي پٽو فوجي ٽولو پارٽي عوام جي ڇاتيءَ تي چڙهي ويهي رهي ته اسان جي جمهوريت پسند عوام جو حق ۽ فرض ٿيندو ته پارٽي جمهوريت پسند عوام جي پٽو ٽولي خلاف مدد ڪري. هڪيئي جي مدد ڪرڻ جو حق رجعت پرست سامراجي ۽ سندن ڇاڙتا رڳو پاڻ لاءِ محدود ۽ محفوظ رکڻ گهرن ٿا. عوام کين ايئن ڪرڻ نہ ڏيندا.

29/8/83

ڪلهه مينهن پيو. هڪ ٽيو آهي. رائو رشيد 'امن'، 'جنگ'، 'نوائي وقت' پڙهي هينئر باهر ٽنگ ڏڪي ڪرڻ ويو آهي. باهر معنيٰ ڪمري کان باهر واريءَ اندر! سڄو ڏينهن ٿا اخبارون پڙهون ۽ تبصرا ڪريون. سڄي دنيا ۾ اخبارون وڌيڪ پڙهندڙ ماڻهو انهن جيلن ۾ لينداجتي سياسي قيدي بند آهن. تبصرا به سڀ کان وڌيڪ اتي. اڪي هڪڙي دفعي فاضل جيل مان باهر نڪري اچي سياسي تبصرا ڪيا. هڏي حيران ٿي ويس. اِچيءَ پِچيءَ جي واقفيت ۽ ان تي به خبر کان وڌيڪ تبصرو! سو هتي به اسان جو ساڻيو ڪم آهي. پارٽي وزير اعظم جي بيانن تي رون رون چالو آهي. جڏ پاڪستان جي معصوم حڪمران طبقي جي بي داغ سياسي عصمت سان مائيءَ هٽ چراند ڪري وڏي آهي. ڪيڏا ٿا ويچارا معصوم رانياڻ کن! هئو! حڪمران طبقا، اوهان جي منافقي ۽ مڪاريءَ پاڻ سڄو ڏينهن خالصتان جا ڪِيچ ڪائيندا وتن سوچڻ ته ڪجهه به ڪونهي!

اڄ 'نواءِ وقت' جون ڪجهه هيڊنگون هي آهن. "ملڪي معاملن بابت صدر ضيا سان جماعت اسلاميءَ جي ليڊرن جي ڪالهه ٻولهه" "دهليءَ ۾ پاڪستاني سفير جي رهائش جي سامهون پارٽي شاگردن جو مظاهرو." "لنڊن ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي ٻاهر علحدگي پسندن جو مظاهرو." "عطاالله مينگل ۽ چام صادق جون باغيانہ تقريرون." اخبارن ۾ سجاول، ڪڙهي خدابخش، ٺٽون ديرو، ٽنڊو چام، شهدادپور ۾ مظاهرن جلوسن ۽ حيدرآباد، ڪراچيءَ، ملتان، سرگوڌا، ٻين ڳٺن هنڌن تي گرفتارين جون خبرون آهن. اڄ 'نواءِ وقت' هيءَ خبر به شايع ڪئي آهي. سرخي آهي. "سول نافرمانيءَ جي قيادت ڪاهي ڏر جون جماعتون ڪري رهيون آهن." خبر آهي. حيدرآباد ۲۸ آگسٽ (نامہ نگار) لنڊن جي اخبار گارجين پنهنجي ۲۳ آگسٽ جي پرچي ۾ هڪ رپورٽ ڇاپي آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي "سنڌ ۾ سول نافرمانيءَ جي تحريڪ جي عملي رهنمائي ڪاهي ڏر جي، سنڌي عوامي تحريڪ ڪري رهي آهي." وڏي پارٽي پيپلزپارٽي آهي. هونئن هر پارٽي پنهنجي وت آهر جدوجهد ڪري رهي آهي. جي. ايم. سيد صاحب اخباري اعلان

ڪري ايئر- آر- ڊيءَ کان لاتعلقي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ۱۴ آگسٽ کان اڳ عوامي تحريڪ پنهنجو پارٽ ادا ڪري پيئي. دراصل هيءَ تحريڪ سموري سنڌي عوام جي آهي جنهن ۾ هرڪو پنهنجي پتيءَ جي ڏيوڻي ڏئي ٻيو.

گوشت هينئر آيو آهي ڏيڍ ٻجي. هاڻ ٻوڙ رڌبو (يا ٻوڙ رڌجي) تڏهن مظلوم عوام کائيندو. ڊاڪٽر سويل ٽي ويا. ڊاڪٽر نيازي ۽ ڊاڪٽر امتياز. امتياز کي نظريه پاڪستان جي ڏاڍي ڳڻتي آهي. بس ويچارو مريو نريو رهي. اڄ به وڏو بحث هليو. اسلامي نظام جي نفاذ، مذهب ۽ سياست، اقبال ۽ موجوده حالتن تي. هتي جا حڪمران طبقن جا پوئلڳ اڪثر پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو به نظرياتي ۽ سياسي معاملن بابت اهڙيون آسرپوٽاٽيون ڳالهيون ڪندا آهن جو ماڻهو نه پائئي ته هن جي حال تي قياس ڪريان يا مٿن ڪاوڙجان. هڪڙو اسر اعظم ٿهيو پيو آهي. "فلاڻو غدار، فلاڻو ڪافر، اسلام، پاڪستان، اسلام مڪمل نظام حيات آهي. نفاذ اسلام، علامه اقبال، قائداعظم، سالميت ۽ استحڪام، جا نعرا هٿندا ۽ ملڪ کائيندا رهو." هي ويچارا پائئين ٿا ته سڄي عمر انهيءَ اسر اعظم جي ڦيٽي سان. سڄي پاڪستان، بلڪ سڄي دنيا جي عوام کي بيهوش ڪري سڄو ملڪ، سڄي دنيا پيلي ڪلر ٽي- ويون، وي- سي- آر ونندا، بنگلا ٿهرائيندا، بئنڪ بئلنس وڌائيندا، پٽ ڏيئون آمريڪا ۽ يورپ ۾ پڙهائيندا، پرڻائيندا، اعليٰ عهدا هٿ ۾ ڪندا، بادشاهيون ڪندا ۽ الوليون ماڻيندا رهنداسون. متان ڪنهن ڏينهن اهو مسمريزم ڪم نه ڪري، متان ڪنهن ڏينهن بيهوش پيل، ڪاري ڍڳي جا ڏڍي جاڳي نه پون ۽ اڳيان پويان حساب نه ڳهرن. اها ڳالهه بظاهر سندن وهم ۽ گمان ۾ به ڪانهي. ويچارا ماڻهو!

30/8/83

12 بجه ڏينهن.

وهنجي اچي ويئو آهيان. رائو رشيد باهر ويئو جوٽس کي خط لکي. مائي کا طالع تتي آهي. هتي ڪجهه ماڻهن نافرمانبردار قيدي مڙسن کي سڏو ڪرڻ لاءِ هڪڙو مجرب نسخو ايجاد ڪيو آهي. جيل ۾ ايندڙيون ملاقات تي ته جڏهن گهٽا ماڻهو گڏ ڏسندڙيون تڏهن ونڊي مڙسن سان مقابلو شروع ڪندڙيون. اهو ڏڪرپو شروع ڪندڙيون جو راڄ مڙي اچي گڏ ٿيندا. ڪي مڙس ويچارا بي وسيءَ وچان ڏند شيڪيو ويٺا هوندا ته ڪي ڀڄي جيل ۾ وڃي لڪندا آهن. چوندا آهن هر ڳالهه وقت ۽ مهل ڏسي ڪبي آهي. هنن ماڻهن کي به جڏهن خاطري آهي ته مڙس ٻنهي طرفن کان سوگهو آهي ۽ نه جسمانيءَ طور وڙهي سگهندو يا ڀڄي سگهندو نه خواريءَ سوران زباني طرح ڀڄي سگهندو. تڏهن پنهنجي ڪاروائي شروع ٿيون ڪن.

هونئن پنهنجيءَ تي اچن تہ مڙسن جون مڙس. هتي قيدين جي زال معنيٰ، پاءُ جي پرواهہ نہ پيءُ جي. مايون لٺ ڪٽي اختياريءَ وارن جي پويان پئي. ڪاريون ڏيئي، جهيڙا ڪري، فساد ڪڙا ڪري، مڙسن جي ملاقات جون، بي ڪلاس ۾ ڪتابن جون ۽ ٻيون هر طرح جون سهولتون ۽ منظوريون وٺي ايندیون. جنهن جي زال آهي تنهنجو ڇڙ وڏو مائٽ ويٺو آهي پٺيان. ۲۴ ڪلاڪ رئيءَ ۾ هوندیون. مجال آهي جو ڪير منجهن اک ڪٽي واڙائيءَ سان نهاري ٻہ سگهي. چمپلن سان مٿو ٽوڙهو ڪري ڇڏيندس. اهڙن ڪئين يارن ٽپٽيون ڪنايون آهن اهڙين ماين هٿان. باقي ڪنهن ڪالهہ ۾ پنهنجيءَ تي آيون ۽ ناناڻي نک ڇڪيائون تہ پوءِ 'جوڳي نہ ڪنهن جا مِتَ.' رب ڏئي بندو سهي. تنهن کان شايد اسان وارو موڳو لڏو ڪاشوَ 'نہ دشمن ڪي پٺو نہ سڃڙ ڪي آسرو.'

ضيا ڪالهہ ڦٽڪارا ڏيئي ٽرڪي ويو آهي ۽ هن سندن صحيح قدر سڃاڻي ڪيس ٻڪري، ٻليون ۽ ڪتا تحفي طور ڏنا آهن ۽ سي ٻہ پاليل! هتي سامراج جي پاليل ٻلين ۽ ڪتن جي ڪوٺ آهي جو ايجا ٻيا مليا آهن! سامراجي رينگ ماشٽر ڏنڊي گهمائي آهي. اشاري ملڙ تي هڪڙي پاسي سڪ ۽ آسامي سامراج پرست حضرات تہ ٻئي پاسي هند پاڪ جي سامراجي سياسي سرڪسن جا ڪئين پالتو شير ڪڇڪوڙيون ڪرڻ لڳا آهن. هيڏانهن جماعت سامراجي جا تربيت يافتہ البدر ۽ الشمس وارا هوڏانهن جن سنگهيا ۽ جنتائي، چي، "اندرا گانڌيءَ وڏو ڏوهہ ڪيو آهي. تباهي ٿي ويئي." جيئن جن سنگهيا ۽ جنتائي سامراجي ڇاڙتا هندستان ۾ پنهنجي سامراج دشمن حڪومت خلاف ٻڪون پيا ڪن تئين جي ڪو هتي جي حڪومت جي افغان پاليسي خلاف صاف صاف ڪالهائي تہ هتي ڪيڏو نہ ڪهرام مچي وڃي جيڪر؟!

ضيا ڏمڪيون ڏيئي ويو آهي تہ جمهوري تحريڪ کي ڪچلي ڇڏيندس. چئي ٿو ڏميوار سياستدانن سان ملان پيو. باقي ٻين Rifraff (ٽٽون ٽوپٽن) سان نہ ملندس. اها ڪالهہ ٻڌي ڪن همراهن کي غيرت آئي آهي. نيازيءَ ٻہ ڪالهايو آهي. رفيق باجوه جماعت اسلاميءَ جا ڇڪا پول پڌرا ڪيا آهن. ڪيس تعاون - فروش بي ضمير سرڪاري ڇاڙتا ثابت ڪيو اٿس. پاڪاري ڇيو آهي تہ "ساڃي ڏر جو اتحاد ڇا جو؟" ايس- ايم ظفر چئي ٿو تہ "ايجا دير آهي." سنڌ ۾ تحريڪ جاري آهي ۽ پنجاب ۾ ٻہ ڦهلجي پيئي. سرحد، پشاور، بلوچستان ۽ ڪوئيٽا ۾ ماٺهو پاڻ کي گرفتار ڪرائين پيا. تحريڪ شايد گهٽجڻ بدران وڌيڪ ڦهلجي. بهرحال ڇا ٻہ ٿئي ان في الحال تہ سامراجي ڇاڙتن جون رڌيون ڪنيون اونڌيون ڪري ڏيڪاريون آهن. جتوئي صاحب جو پٽ ٻہ روپوش آهي. چئي "تحريڪ منظم ٿيو ڪريان!" لنڊن پيپلزپارٽي جي ماٺهن ڪائونسل ناهي آهي تحريڪ هلائڻ لاءِ.

هالينڊ ۾ هتي جي حڪومت خلاف مظاهرا ٿيا آهن.

31/8/83

صبح اٺ.

صبح جو بي بي سي ۽ آل انڊيا ريڊيو تي خبرون ٻڌي ويٺو آهيان. هالن ۾ ۴۰ کن ماڻهو زخمي ٿيا آهن. ڪراچيءَ جي هڪڙي وڪيل کي هڪ سال قيد ۱۵ ڦٽڪا ۽ ۱۵ لک ڏنڊ وڌو ويو آهي. فوجي عدالتون ڏڙا ڏڙ سزائون ڏيئي رهيون آهن. سال سال ڏنڊ، ڦٽڪا ۽ هزارين لکين روپين جا ڏنڊ.' امن' ڪراچي جنهن تي سينسر شپ لڳائي وئي آهي. تنهن جي چوڻ پٽاندر ڪلهه هن شهرن ۾ تحريڪ جي سلسلي ۾ سرگرميون هليون. دادو، شهدادڪوٽ، خيرمحمد ٻهر، ٽنڊو الهيار، هالا، گجرانوالہ، شهدادپور، ڪوئٽا، ملتان، شڪارپور، لاهور، حيدرآباد، فيصل آباد، ٽنڊوجام يونيورسٽي، نواب شاهہ، نئون ديرو، لاڙڪاڻو، سکر، بدين، ميهڙ، ٽٺو. اڄ 'جنگ' لاهور جي هيڊنگ هيءَ آهي "لاڙڪاڻي ويجهو ريلوي اسٽيشن کي باهہ لڳائي ويئي. هالن ۾ سرڪاري عمارتن کي نقصان پهچايو ويو آهي. ايم- آر- ڊي تحريڪ سترهين ڏينهن ۾ جاري رهي...." اڄ ٻين سان گڏ مزدور ليڊر گلزار بيگر جي پاڻ گرفتار ڪرائڻ جي ۾ خبر آئي. هن چيو تہ 'جي مزدورن تحريڪ ۾ حصو نہ ورتو تہ ملڪ غلام رهندو.' اخبارن لکيو آهي "هالن ۾ اڄ ڪالعدم پيپلزپارٽي ۽ سنڌي عوامي تحريڪ جي ڪارڪن جي وڏي جلوس جي پٿربازيءَ جي ڪري ڇهہ سپاهي ۽ هڪڙو انسپيڪٽر زخمي ٿي پيا." آل انڊيا ريڊيو اڄ ۾ ٿي ٻڌايو هو تہ "ان ٽڪر ۾ ۴۰ ماڻهو زخمي ٿيا آهن." ڪلهہ سرگوڌا، ملتان، فيصل آباد، پشاور، سکر، حيدرآباد، سکرنڊ، ميهڙ ۽ نوشهروفيروز ۾ ماڻهن گرفتاريون پيش ڪيون. چام شوري، هالن، نوشهرو فيروز، سکرنڊ، ميهڙ ۽ ٻين هنڌن تي ماڻهن جلوس ڪڍيا. جيڪب آباد ۾ ماڻهن لڪ چوري مارشل لا جي هيڊڪوارٽر کي باهہ ڏني جا پوءِ وسائي ويئي. پاڪاري چيو آهي تہ، "هي حالتون حڪومت جون پيدا ڪيل آهن. ضيا ناتجربيڪار آهي" هن هڪڙي ڏاڍي اهم ڳالهہ چئي تہ، "ماڻهو دين نہ پر دنيا ٿا گهرن. پنهنجا پيدائشي حق ٿا گهرن." ايس- ايم- ظفر ۽ چيو آهي، "سنڌ جا ماڻهو پلا آهن. پاڪستان ٺاهڻ ۾ ۽ سيني کان اڳرا هيا پر کين اجايو ستايو ويو تہ پوءِ خبر ناهي ڇا ڪن." حيدرآباد ۾ ڪن "قومپرستن" پمفليٽ ورهائي موجوده جمهوري تحريڪ جي مخالفت ڪئي آهي. ٽيون ڏينهن فيصل آباد جي هڪڙي جيلر ٻڌي ڪي جيل جي ماڙيءَ اندر گولي هڻي اڇت ماري وڌو. چون ٿا مرڻ واري سياسي قيدي جي ملاقاتين کي ملاقات ڪرڻ نٿي ڏني. ان تان مارڻ وارو ڪاوڙجي پيو. گرميءَ هن دفعي هاڻي ٿي اکيون ڏيکارڻ شروع ڪيون آهن. ۵ ڀر شام، گرميءَ ڪٿي

ڏنو آهي. وهنجي اچي ويئو آهيان. صبح جو اول اسٽورڪيپر شاهه آيو. مون کي به گهٽي عزت ڏيندو آهي. پر رائو رشيد جي مڙسي، وفاداري ۽ قربانيءَ جون خبرون اخبارن ۾ پڙهي مٿس پريٽ عاشق آهي. مٿانئس قربان قربان پيو ٿيندو آهي. رائو حضور شرم ماٺهو آهي. ڪم ڪونه ڇئيس. پر هو جڏ پير پر بيٺو هوندو آهي. ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي معلوم ٿيو ته شاهه ايئر- اي انگريزي، لا ڪري ويئو آهي. پڇيو مانس ته "ناول ۽ شعر ڪورس ۾ هئا!" چيائين "هائو." نالا پڇيامانس. ڪي ٻڌايائين. چيومانس ته ڪي مون کي ڏي. سو هينئر به ڪتاب ڏياري موڪليا اٿس. هڪڙو آهي جين آسٽن جو ناول "ايما" ٻيو آهي شيڪسپيئر جو "ڊرامو ٻارهين رات". ڊرامو پڙهيل اٿر Pride and Prejudice ۽ Sence and sensibility سندس هي ۽ به ٻيا ناول ڪونه پڙهيل اٿر. مزا ٿي ويا. ايئن لڳو جڏ پراڻا وڇڙيل دوست ملي ويا! سڀا ڪتاب به سچ پچ دوست ٿين ٿا. انهن جي به يادگيري اچي ٿي ۽ انهن سان وري ملڻ جي اکير به ٿئي ٿي!

بيگن مس مس استعيفا ڏني آهي. سامراجي پروپئگنڈا مشينري ايئن ٿي ڳالهه ڪري جڏ اسرائيل جا حڪمران طبقا بيگن کان پوء بگهڙن مان ڦري گهيتا ٿي پوندا. پر "جهڙي چالي تهڙي پني!" 'ادو مٺو ادي ڄائي، اسين اوتري جا اوترا' آمريڪا لبنان ۾ جهڙوڪر ڦاسي پيو آهي. دروزن ۽ شيعن مسلمانن سان ساڻئي وقت جنگ چيڙي ويئو آهي. ٻنهي خلاف ڇتا حملا ۽ طاقت جا مظاهرا پيو ڪري، جڏ ڪنهن وڏي طاقت سان منهن پيو ڏئي. اهي ڏنڊا ڪيائين ته ٿي سگهي ٿو ته لبنان سندس واسطي مختصر عرصي لاء هڪڙو نديڙو ويٽنام بنجي پوي. مرڪزي آمريڪا ۾ السلويڈور ۽ نڪاراگوا ۾ آمريڪا گوريلا جنگ جي ميدان ۾ هارايل بازي سفارتي ٽيبل تي وري کٽڻ جون انڪلون پيو ڪري. بهرحال جي باعزت ناهه ٿي ويو ته پلو ڪر ٿيندو. ويٽنام ۾ به ٽيٽ ناهه ئي فتح جو ميدان تيار ڪيو. زمبابوي ۾ به ائين ٿيو. اهو انگريزي نسخو آهي اٽانگين جاين تي عزت سان جان ڇڏائڻ جو. ڏسون ڇا ٿو ٿئي.

اهڃاڻن مان ڏسجي ٿو ته سنڌ ۾ ماحول سخت گرم آهي. حڪومت ظلم زبردستيءَ سان حدون ڪري ڇڏيون هونديون. ايس- پي اڪبان لاهي نوان رکيا اٿن. ڪي خٽڪ ڪي ٻيا.

".....اچي سنڌو کوڙي تن،
ڪارا ڪڪا ڪابلي، جيئن چيلاڻا چهتن!"

پاڻ وارا راڄ وسڻون کونه گهٽائيندا. باقي 'بي وس اٽن بار ڇڏيا.' سا ڳالهه

تہ آهي ٿي. خدا کندو چگي ٿيندي. هتي چگو ماندڻ متل آهي. اخبارن ۾ کجهہ ڊراما، کجهہ حقيقي خوف تہ کاڏن ۽ خوراکن جو ڇا ٿيندو. اڄ ڊاکٽرن سان ڏاڍو بحث ٿيو. ڳالهہ تہ اهڙي کئي ڊاکٽر نيازيءَ! چئي، "سنڌي گهر مان ٻاهر ٿي نٿا نڪرن. فوج ۾ اچن ٿا تہ دانهون کريو پڇيو وڃن." کيس چگي قوالي ٻڌائي پئي. پر هر وقت ڊپ اٿر تہ متان اسلامي جوش ۾ اوور ڊوز نہ ڏيئي وجهان ۽ همراهہ کڙيءَ تي اهڙو زور ڏين جو وري هٽ ٿي نہ اچن. هڪڙا يار اڳ ٿي پڇائي ويٺو آهيان.

جنهن يار کي ۱۵ لک ڏنڌ وڏو اٽن ۽ سندس ملکيت نيلام کرڻ جو حڪم ڏنو اٽن سو آهي صديق کرل وکيل سکر جو.

سويل ملکہ پکراج ۽ ڊيٽس طاهرہ سيد جو هڪڙو زبردست پهاڙي لوڪ گيت ٻڌم.

الله بيلوٹا هوا مولا بيلوٹا هوا ڏن کا هئي چا!

غريب زال، مڙس پورهئي لاءِ پرديس ڏانهن موڪلي ٿي. چئي ٿي تہ گهر ۾ داڻا کونهن. ٻاجهريءَ جي مانيءَ جا سڪل ٽکر جهڙا پٽر. مڙس مون کي چڏي ويو کمائڻ. منهنجي زور ۾رڻ تي کاوڙجي، رُسي پرديس کمائڻ لاءِ ويو آهي. خدا سندس ٻيلي ۽ مددگار هجي. شال سلامتيءَ سان ۽ کاميابيءَ سان موٽي.

الله بيلوٹا هوا مولا بيلوٹا هوا!

2/9/83

جمع 2 بجہ ٻہ پهر.

وهنجي اچي ويٺو آهيان. سڄو ڏينهن برباد ٿي ويو. اڇوکي صبح جو هڪڙو بزرگ اچي ويٺو تہ کلاکن جا کلاک نہ ڳالهہ ڪٿي، نہ وڃي. خدا خدا کري اهو ويو تہ مٽان ٻيو آيو. ازجي وياسين. اهو اٽيو آهي تہ لائوڊ اسپيڪرن جي لڙائي چالو ٿي ويئي آهي. نڙيءَ کان ٿا ڦاٽن رانپاڙ کريو. مولانا روميءَ شايد اهڙن واعظن جو ذکر کيو آهي. پنهنجي حڪايتن ۾.

ٽيون ڏينهن سنڌ ۾ موري، ٽٽي، سکرنڊ، سکر، دادو، حيدرآباد، هالن، سعيدآباد، پنج موري ۽ ٽنڈوآدم ۾ مظاهرا ٿيا ۽ گرفتاريون ڪيون ويون. ڊگهڙيءَ ۾ لائي چارج ٿي. ميرپور بٹوري ۾ پوليس تي ماڻهن پٿربازي کئي ۽ هڙتال کئي. ٽنڈوجام جون هاسٹلون خالي کرايون ويون. مينگهو فقير ۾ جلوس کڍيو ويو. لائي چارج ٿي. نصيرآباد ۾ جلوس کڍيو ويو.

سرڪاري عمارتن تي پٿربازي ڪئي وئي. ٽيليفون ايڪسچينج کي باهه ڏني ويئي ۽ ڪوڙها آفيندڙ گڏس استعمال ٿي. ڪلهه جي باري ۾ بي- بي- سيءَ ٻڌايو ته "ويهن هنڌن تي مظاهرا ٿيا. پوليس ماٿهن کي پريس ڪلب ۾ اچي مظاهرن وغيره جون خبرون ڏيئ کان روڪي ٿي. ان لاءِ هن پريس ڪلب تي پهرو بيهاري ڇڏيو آهي. جيڪو ٿو خبرون ڏيئ اچي ان کي ٻڌن ٿا" پريس سينسرشپ جو اهو نئون بي حيائيءَ وارو طريقو ايجاد ڪيو اٿن. ڪلهه هتي هڪڙي مائيءَ پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو. ڪلهه بزنجي پاڻ کي گرفتار ڪرايو. سائس گڏ هڪڙي عوامي تحريڪ جي جوان ۽ گرفتاري ڪرائي. سياڻي وڪيل جلوس ڪڍندا.

نبي احمد وارا مزدورن ۾ تقريرون ڪن پيا ڪراچيءَ ۾. ڪلهه هتي مزدور ڪسان پارٽيءَ وارن جلوس ڪڍيو ۽ مٽس لٽ بازي ٿي.

گرفتاريون بہ ٿيون. مير علي احمد تالپر جمهوري جدوجهد هلائڻ وارن خلاف زهريلي تقرير ڪئي آهي. سندس لهجو وسهڻ کان باهر آهي. سندس آخري تقرير جيڪا مون ۽ فاضل ٻڌي هئي، تنهنجا لفظ هئا" مير علي احمد ڪڏهن بہ مارشلا جي حمايت نہ ڪئي آهي ۽ انشاالله هاڻي بہ نہ ڪندو! " مهيني کان پوءِ مارشل لا جا وزير ٿيا! واعتبرو يا اولي الابصار! (اي اکين وارا عبرت حاصل ڪريو!) شل خدا گهٽ ۾ گهٽ جمهوريت ۽ انقلاب جي سمورن کوڙن سچن دعويدارن جي عاقبت موچاري ڪري، هڙن حالن کان پناهه ۾ رکي. آمين! .

اڄ لاهور جي 'نواءِ وقت' جون ڪجهه سرخيون آهن " روس کوريا جو مسافر هوائي جهاز ماري ڪيرائي وڌو. ۹۴۹ ماٿهو مري ويا." "تشدد ۽ ٽوڙ ڦوڙ سان حالتون خراب ٿي ويندیون. سياسي بحران سمجهڻ سمجهائڻ سان حل ٿي سگهي ٿو." "جمهوريت جي بحالي جي جدوجهد جو سنڌوديش سان کوبہ واسطو ڪونهي طالب المولي." آمريڪا لبنان ۾ قاسي پيو ٿو ڏسجي. فرانس بہ آمريڪا وانگر پنهنجو طياره بردار جهاز آڻي لبنان جي ڪناري جي ويجهو بيهاريو آهي. دروزن ۽ شيعن جي ٽورڙن مٽ جيترن گوريلن سان وڙهڻ لاءِ اهي عالمي طاقتون ميدان ۾ اچڻ ضروري ٿيون سمجهن.

اڃوڪين اخبارن ۾ انهن شهرن جا نالا ڏنل آهن جن جي ۾ سان چناب جو ٻوڏ جو پاڻي لنگهي رهيو آهي انهن ۾ بہ نالا آهن "نهتهہ قريشان" "نهتهہ سيالان" اسان مان ڪيترا محقق دنيا ۾ نيري آسمان هيٺ پنهنجي هر شيءِ هر ڳالهہ ۽ هر ماٿهو جوبڻ بنياد عرب سڀوري يا گهٽ ۾ گهٽ ايران سڀوري منجهان ثابت ڪرڻ لاءِ بي چين آهي. ان ڪري نتي جو مطلب نهہ نهہ ورتو ويو. حالانڪ نتا پنجاب ۾ درجن ڪن آهن ۽ ڪيترا، ڪن ماٿهن يا قبلين ڏانهن منسوب آهن. ظاهري طرح ان جي صاف معنيٰ آهي فلاڻن جو لٽ يا نگر يا ٻني يا شهر

"ٽٽ متائي ناکرو" واري ست ۾ ٽٽ ڦري ڪهري ان معنيٰ ۾ ڪتب آندل آهي.

3/9/83

صبح سوا ست.

اڄ صبح جو پنجين بجي اٿي چڪر ڏنم. رات بي. بي.سيءَ ٻڌايو تہ سنڌ ۾ جدوجهد آهستي آهستي مائي ٿي رهي آهي." چيو سون "وري ٻئي پيري، لاهين چاڙهين ۾ ورن وڪڙن واري جدوجهد چئبو ٿي ان کي آهي. ماڻهن وانگر تحريڪون ب ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن پاڪريم. صبح جو وائيس آف آمريڪا ٻڌايو تہ پني عاقل، ڪشمور، اباوڙي ۽ ٻين هنڌن تي پوليس سان جهڙپون ۽ گرفتاريون ٿيون آهن. اڪبر بگٽيءَ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. بي بي سيءَ ٻڌايو تہ ب فوجي بار برداري جون خاص ٽرڪون ساڙيون ويون آهن. اڪبر بگٽيءَ گرفتاري کان پوءِ چيو آهي تہ "سنڌ ۽ بلوچستان جو مقدر هڪڙو ئي آهي" غلام مصطفيٰ شاهہ صوبائي ڪائونسل جي ميمبرن کي چيو آهي تہ"احتجاجي طور ڪائونسل تان استعيفا ڏين دادوءَ جو هڪڙو پوليس وارو وردي سميت ٽاڻي تي ويو ۽ چيائين "مون بيگم پٽي جي اپيل ٻڌي پاڻ کي گرفتار ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، مون کي گرفتار ڪريو"- هن گرفتار ڪونہ ڪيس تہ چيائين تہ "مون کي گرفتار نہ ڪندا تہ آءٌ بک هڙتال ڪندس!" ڏکڻ ڪوريا جي جهاز بابت آمريڪا جو نچکارو پيو پوي. روس جو چوڻ آهي تہ"اهو جهاز ب ڪلاڪ روسي علائقي اندر جاسوسي اڏامون ڪري رهيو هو. اسان جي ڀالهہ ٻڌڻ کان انڪاري هو . سو اسان ڇتاءِ طور ڪجهہ فائر ڪيا پوءِ الائي ڪيڏانهن ويو هليو. اسان کي ڪلمي سان ايتري خبر آهي." مسافر جهازن جي آڙ ۾ جاسوسي ڪرڻ سامراجين جو پراڻو غنڊاگردي وارو ڏنڈو پٽي رهيو آهي. هينئر تہ خاص ڪري جنيوا ۾ ٽينڈڙ هٿيارن گهٽائڻ جي ڀالهہ ۾ وڌيڪ هٿرادوگهوٽالي پيدا ڪرڻ جي خاص ضرورت آهي .

پنجاب ۽ آسام ۾ سي.آئي. اي واري اندرا خلاف تحريڪ في الحال پانيان تہ ٺش ! ٿي رهي آهي. پروگرام هو تہ گوڙ شور ڪجي تہ جيئن پاڪستان جي جمهوري جدوجهد ڏانهن ڪنهن جو ڌيان نہ وڃي، ۽ قصو گهٽو هليو ڪونہ ويچارن جو.

ٽيون ڏينهن (۱/۹) جي باري ۾ 'امن' ٻڌائي ٿي تہ لاهور، ڪراچي، ميرپوربٺوري، نندي شهر، فيض گنج، پني عاقل ۽ ڪشمور ۾ جلوس ڪڍيا ويا ۽ لاٺيبازي ۽ ڳوڙها گيس استعمال ڪئي ويئي. اباوڙي ۽ شاگردياڻيون ب جلوس ۾ شريڪ هيون.

..... پني عاقل،خيرپور ،ڏوکري، شهدادپور، سکرنڊ، حيدرآباد، ديره

غازي خان، ڪپري ، هالن، شڪارپور، سکر، ٽنڊي، ڪوئيٽا، ڪراچي، نندوشهر، فيض گنج، بدين،راڻي پور، اباوڙي، ڏهرڪي، ٽري ميرواهه، ميرپوريٿوري، جهوڪ شريف، ڪشمور ۽ ماٿهن پاڻ کي گرفتار ڪرايو ۽ جلوس ڪڍيا. دادو جيل ۾ به سياسي قيدين بک هڙتال ۽ هنگامه آرائي ڪئي. ڪن هنڌن تي سنڌي هاري ڪميٽي(١) گرفتاريون پيش ڪيون. عوامي تحريڪ دستور موجب گرفتاريون پيش ڪري رهي آهي. ٽئي ۾ عوامي تحريڪ مظاهرو ڪيو آهي.

اڄ جي اخبارن ۾ ڪالهه جي باري ۾ نهايت مختصر خبرون آهن. شايد حاڪمن جو حڪم آهي. 'نواءِ وقت' فقط لاهور، ڪراچي، سرگوڌا، لاڙڪاڻو، ملتان، سکر، خيرپور ۽ حيدرآباد ۾ گرفتارين جي ڳالهه لکي آهي.

..... ڪراچي ۾ انور سومري جي عوامي تحريڪ طرفان گرفتاري ڏيڻ ۽ تقرير ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي. پاڪ پتن جي ميونسپل ڪاميٽي جي ٻن ڪائونسلرن هڪ لکيل بيان ۾ سنڌ ايڊوائزر تي ٽيڻ واري تشدد ۽ قيد ۽ سزائن جي شديد مذمت ڪئي ۽ احتجاجي طور استعيفا ڏيندي ايڈوائزر جي حمايت جواعلان ڪيو آهي. بنون، ڪوئيٽا،سکرنڊ، ڪنڊيارو، خيرپورناٽن شاهه، ميهڙ پدعيدن، ٽنڊي، سجاول ۽ جاتي ۾ جلوس نڪتا ۽ گرفتاريون پيش ڪيون ويون. ميهڙ ۾ ماين جلوس ڪڍڻ وارن کي گلن جا هار پارايا.

پرويز صالح اخبارن ۽ بي بي سي لاءِ چيو آهي ته اهي حڪومت جي طرفداري ڪري صحيح خبرون نٿيون ڏين. هن چيو ته" جڏهن ڪان بي بي سي ۽ مغربي اخبارن کي خبر پيئي آهي ته سنڌ ۾ سول نافرماني جي تحريڪ جي اڳواڻي نوجوان انقلابي ڪارڪنن جي هٿ ۾ آهي، تڏهن ڪان هنن تحريڪ جون خبرون ڏيڻ بند ڪري حڪومت جي فائدي ۾ پروپئگنڈا شروع ڪري ڇڏي آهي. هاڻي جيڪڏهن جلوس جون خبرون نه اچن ته مايوس ٿيڻ نه گهرجي. اخبارن کي سرڪاري ۽ سندن نمائندن کي مقامي پوليس ڊيڄاري ڇڏيو آهي." ڪوئيٽا ۾ پي پي جي هڪڙي ڪارڪن ڪلهه بجلي جي ڪنيي تي چڙهي جمهوريت جا نعرا لڳايا. پوءِ هيٺ پاڻ کي اڇي گرفتار ڪرايائين. ڪين ڏسي هجوم تاڙيون وڄايون. علي احمد تالپرصاحب وفاداري جوحق وڌيڪ ادا ڪندي ٻيو جوشيلو بيان ڏنو آهي جمهوري جدوجهد جي خلاف.

سوا چار شام. ٻاهر مينهن پيو پوي. 'صبح ڪان سنبت ۾ هو. هاڻ وٺو آهي. رائو رشيد ناديا جي مڙس جو احوال پيو پڙهي. انور چانهه پيو تيار ڪري ۽ رات جي ماني لاءِ تياري ڪري.اصغر وراندي ۾ ستو پيوآهي. ٽيون چوٽون ڏينهن منو

---

(١) سنڌي هاري ڪميٽي - سنڌي هاري تحريڪ

پائي ۽ ٻين ڪيترن پنجابي عالمن دانشورن ۽ اديبن سنڌ جي عوام سان سات ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ انهن تي ٽيندڙ ظلمن خلاف آواز بلند ڪيو. اڄ انهن خلاف ليک آيو آهي. مائي اندرا جيڪو تازو پاڪستان جي جمهوري تحريڪ جي حمايت ۾ بيان ڏنو ان بابت "جنگ" طرفان هڪڙي مذاڪري جو بندوبست ڪيو ويو. مذاڪري وارن عجيب ڪالهيون ڪيون آهن. سڄي ڪالهه جو تت هو ته "سنڌ ۾ هندو رهن ٿا. اندرا انهن کي استعمال ڪري پاڪستان تي حملو ڪندي . ان ڪري سول حڪومت بحال ڪئي ويڄي. پنج هندو يا مسلمان هتان ويندا ته پارت پنجاهه هزار پنهنجا ماڻهو منجهن ڪڍي چوندو ته اهي سڀ پاڪستان مان آيل مهاجر آهن. اهو بهانو ڪري يا ڪشمير تي حملو ڪندو يا مورڳو سنڌ کي ڪٽي پاڻ سان ملائي ڇڏيندو."

رات ۹ بجي. اجهو هينئر بي بي سي ٻڌي ويٺا آهيون. ان جي چوڻ موجب موري ۾ غلام مرتضيٰ جتوئيءَ جي اڳواڻي هيٺ جلوس نڪتو جنهن ۾ گوليبازيءَ ڪري ٻه پوليس آفيسر ۽ ٽي سپاهي مٺا. هڪڙو اعليٰ پوليس آفيسر سخت زخمي ٿيو. ڪلهه سکر طرف پوليس گوليبازي جي ڪري ۱۷ ماڻهو زخمي ٿيا هٿا. هوڏانهن ضيا چيو آهي ته سنڌ ۾ جيڪي ٿئي پيو سا معمولي ڪالهه آهي. هاڻ ڏسجي ته اڃڻ کان پوء هن پوليس وارن جي موتن کي بهانو بنائي سنڌ ۾ تشدد چوٽ چاڙهي ٿو يا ٻيون کي چالاکيون ٿو ڪري. منهنجي خيال ۾ هاڻي ساڳي سطح جي پوليس تشدد مان ڪم شايد نه هلي. هوڏانهن بي بي سيءَ جي چوڻ مطابق لاهور ۽ ڪراچي ۾ وڪيلن جلوس ڪيا. ٻين هنڌن تي ٻه جلسا ٿيا وڪيلن جا. ٽئي طرف ڊاڪٽرن ڦٽڪن جي سزائن خلاف، ملڪي توڙي بين القوامي سطح تي مهر شروع ڪئي آهي. سرڪاري ملازمن بابت ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته هن نوان اسڪيل رد ڪري ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌڻ شروع ڪيون آهن. باقي مزدور ۽ شاگرد پوئتي رهيل آهن. اهي آيا ته پوء سرڪار بهادر جو ٽنبو ڇڪي طرح ڪٽبو. ڏسو مهينو اڳ ماڻهو اهو سوچي ٻه سگهيو ٿي ڇا ته هڪ مهيني اندر حالتن ۾ هيڏي تيزيءَ سان، هيڏي زبردست اٽل پٽل اچي ويندي!

ڪڃ وقت مون ۽ رائو رشيد پاڻ ۾ ان ڪالهه تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ته هاڻ ڇا ٿيندو هن واقعي کان پوء ؟ ڇا جتوئيءَ جي پٽ کي خون جي ڪيس ۾ ڦاسائي سزا ڏيڻ جو ڊپ ڏيئي جتوئيءَ کي بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا؟ ڇا ان ۾ ڪامياب ٿيندا ؟ جي ها ته ڪيتري قدر ؟ فوج استعمال ڪندا؟ ڪيتري قدر؟ ڇا فوج جي استعمال کان پوء تحريڪ مڪمل طرح دٻجي ويندي؟ ان جو رد عمل ڪهڙو ٿيندو؟

'امن' ۾ ڪالهه بابت هن شهرن ۾ ٻه تحريڪ هلڻ جي خبر آهي . ڪپرو،شڪارپور، نيو جتوئي، پنوعاقل، اباوڙو، ڪشمور،ٽري ميرواهه، ڪوٽڙي

،هالا،ٽنڊوجام، مورو،ڊگهڙي،شهدادپور، ٽنڊوآدم،ڪوٽ ڪمپ درٻو، لاڙڪاڻو، ٻنون، گهوٽڪي، پشاور، ٽنو، ڪوئيٽا. نوان جتوئيءَ ۾ عورتن ۽ جلوس ڪڍيو.

اڃوڪين اخبارن مان معلوم ٿيو ته ڪلهوڪي موري واري جلوس ۾ ۽ عورتن جو وڏو تعداد هو. معلوم ٿيو ته اسماعيل سوهو ۽ پٽر سنڌي ۽ في الحال خيرن سان قيد آهن. چئبو ته سنڌ جي جيلن ۾ هينئر وڏو ميڙو متل هوندو. انهي ڪالهه ڪندي آڻون هتي جهڙو ڪانگن ۾ چپ! هت جيڪي جيل وارا ملڻ اچن سي ويچارا ۽ ذري گهٽ 'محب وطن.' ڪالهائجي ڪنهن سان سواءِ رائو رشيد جي؟

ڪلهه وڪيلن هتي جلوس ڪڍيو، پوءِ پريس ڪانفرنس ڪيائون. عابد حسين منٽو، افضل حيدر ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ۾ منهنجو ۽ عوامي تحريڪ جو ذڪر هڻي لفظن سان ڪيو آهي. "رسول بخش پليجو گذريل ۴ سالن کان قيد آهي. سندس جماعت عوامي تحريڪ سنڌ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. ڪيس هڪدم آزاد ڪيو ويجي." صديق ڪرل کي ڏنل سخت سزائن جو ۽ ذڪر ڪيائون. ڇيائون ته سنڌ تي علحدگي پسندي جا الزام سرڪاري ايجنٽن جا بهتان آهن. اڃوڪو جلوس سنڌ جي عوام سان يڪجهتي ظاهر ڪرڻ لاءِ هو. 'امن' هڻي شهرن ۾ وڪيلن جي جدوجهد جي ڪالهه ڪئي آهي. ڪراچي، بدين، اٽڪ، پشاور، حيدرآباد، سکر، لاهور، موري ۾ فوج پهچي ويئي آهي.

'امن' ڪالهه هڻي شهرن ۾ تحريڪ جو اطلاع ڏنو آهي: ٽنڊوآدم، خيرپور، بدين، سانگهڙ، سکرنڊ، مورو، شهداد پور، خيرپورميرس، ڪهڙا، ٺري ميرواهه، ڪمبٽ، لاڙڪاڻو، لاهور، فيصل آباد، گهوٽڪي، ڪراچي، ڊگهڙي، هالا، حيدرآباد، پٽ شاهه، سعيدآباد، جهول، نئون آباد، پيرومل، ڪنڊياري، ڪپرو، ڪيبر، ڪنڊو. سيپٽمبر ۳ تاريخ جي 'ٽواءِ وقت' ۾ سنڌ جي حالتن بابت هڪڙو ڊگهو ليک شايع ٿيو آهي. عنوان آهي. "سنڌ ۾ هنگامي جا اصل ڪارڻ" ان ۾ هڪڙو ڪارڻ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي جي هڪ شاگرد جي شهادت کي ۽ شمار ڪيو ويو آهي. هڪڙو ٻيو ڪارڻ سنڌ ڪريجوئيٽ ائسوسيشن تي وڏل بندش ۽ چاڻايو ويو آهي. اهڙو هڪڙو ڪارڻ بيان ڪندي هيءَ ڪالهه ۽ لکي ويئي آهي:-

"سنڌي عوامي تحريڪ"

"ايم - آر- ڊي ۾ ..... سنڌ سطح تي ايم - آر- ڊي جي ڏانچي ۾ سنڌي عوامي تحريڪ کي ۽ شامل ڪيو ويو آهي. جنهن جو ليڈر رسول بخش پليجو اڄ ڪلهه جيل ۾ نظر بند آهي. هن تحريڪ جو هڪڙو سرگرم اڳواڻ فاضل راهو ايم - آر- ڊي سنڌ جو جوائنٽ سيڪريٽري آهي. اندروني سنڌ ۾ ايم - آر- ڊي کي

منظر ڪرڻ ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ گرفتارين جي مهم ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جاڪارڪن اڻيان آهن. نئي ۽ بدين ۾ هن تحريڪ جا اهم اثر آهن. ۱۴آگسٽ کان اڳ بدين ۾ ايم - آر- ڊي جو جلوس ۽ سنڌي عوامي تحريڪ ئي ڪڍيو هو. ان کي معراج محمد خان خطاب ڪيو هو. رسول بخش پليجو پهرين جي - ايم - سيد جي گروپ ۾ هو. چيو وڃي ٿو ته پوءِ جي - ايم - سيد سان سندس نظرياتي اختلاف ٿي پيا. هو وڏيرڪي قوم پرستي کان الڳ ٿي ويو. هاڻي پليجو گروپ ايم - آر- ڊي ۾ ڀرپور طريقي سرگرم عمل آهي."

5/9/83

اڄ وري نظر بلوچ جي ڏيوٽي لڳي آهي. ۽ ٽي ڏينهن لاپتا ٿي ويو هو. الائي ڪهڙي نڪونج جي ڪن ۾ وڃي هنيو هٿائونس. اڄ هڪڙي بند وارڊ جي قيدي، سپرنٽيڊنٽ جي منهن تي پيشاب سان ڀريل لوٽو هڻي ڪڍيو. ڪيس ڦٽڪا هٿندا پر اهو سڀڪجهه سهسائي جڏهن هو بنهه تنگ ٿين ٿا تڏهن آخري قدم ڪٽن ٿا. "انسان ڪهه کان ۽ ڪونڙو ۽ لوهه کان ڏاڍو" اجهو ايئن آهي!

ڪجهه ڏينهن اڳ هڪڙي نوجوان کي ڦاسي ڏنائون. ڪلهه هڪڙي ۱۲ سالن جي ٻار کي ڦٽڪا هنيائون. دهشت ويهارڻ چاهيائون، پر ورندن ڪجهه ۽ ڪونه. موري ۾ پنج نه ست پوليس جا ماڻهو مڙيا آهن. پر عام پوليس وارا ۽ غريبن جا ٻار آهن. پيٽ گذر لاء اچيو هن گندي ڪر ۾ پاڻ کي ڦاسائين ۽ هن نظام جي اشڪنجي ۾ ڦاسي ڪڏا ڪر ۽ عوام خلاف سنگين جرم ڪن. وڏا آفيسر مزن سان پيا بنگلن ۾ الوليون ڪن. مڙيا ٻنهي طرفن غريبن جا ٻار. مرتضيٰ جتوئي ان باري ۾ ٺيڪ ٺاڪ بيان ڏنو آهي.

غلام مرتضيٰ جتوئي، جو ٽيپ ٽيل بيان ڪافي جاندار آهي. اهڙيون فلڪون پٽي جي جيئري ٿين ها ته پٽي کي ڪير ماري سگهي ها؟ انهن ڏينهن اسان جا وڏيرا يار جماعت اسلامي ۽ ٻين سنڌ دشمنن کي ڳرانڙيون وجهيو سنڌ جي پورهيت عوام خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيو بيٺا هٿا. اڇڪلهه ڪجهه ڏينهن کان ونڊي بهرحال پلو ڪر پيا ڪن. خدا ساڃاهه ڏين جو ڪاميابي کان پوءِ وري ساڃيا اڳوٽا ڏنڊا شروع ڪري نه ٻيهي رهن؟ جنهن عوام جي زور تي ڪيپ ڪٽجي تنهنجي وري ٻه نڙي تي لت رکي ٻيهي نه رهن. هاڻوڪي آرام دهه نظربندي ۽ بيان بازي ذريعي حاصل ڪيل ڪجهه مقبوليت کي شل عوام جو ساهه قبض ڪرڻ جو پروانو ڪري ڪتب نه آڻڻ جي ڪوشش ڪجي، نه ته ان جا نتيجا سڀني لاء تباهيءَ وارا نڪرندا. وري ٻه ڪنگون منگهاڻي ويندیون. وڏيرڪي سول ڊڪٽيٽرشپ جون ۽ وري ٻه فوجي ڊڪٽيٽرشپ اچي ملڪ کي ڳڙڪ کان وٺندي. چيو وڃي ٿو ته موري

واري جلوس ۾ عورتن جي قيادت جتوئي صاحب جي والده صاحبہ ڪري رهي هئي. ٻنهي ماءُ پٽ کي سلام!

لاهور جي هڪڙي اردو رسالي' تخليق' جو هڪڙو پرچو ويٺو پڙهان. مشهور پنجابي اديب ۽ شاعر ۽ سابق سينيٽر فخر زمان موڪليو آهي. ٻين رسالن سان گڏ هڪڙي جاپاني نظم ڏاڍي وٺير. هڪڙي محبوبہ پنهنجي محبوب کي خط لکي ٿي:

"توکي موڪليم "پرين!
بهارجو پهريون گل ٽڙيو،
تہ ان جي ٻنل خوشبو،
ڪاڙهي ليار جي پٽن ۾ لکائي،
هڪڙي نندڙيءَ ٻيڙي ۾ رکي توکي موڪليم."
"

جڏهن اونهاري جي مند جو پهريون پکي! بانسن جي ٻيلي مان ٻاهرنڪتو،
تہ ان جي نِيرن سليٽي پرن تي، پنهنجي چپڙن جي ماکي سجائي توکي موڪليم."
پن ڇڻ جو اداس تارو
جڏهن پهرين شام جو چمڪيو هو،
تڏهن پنهنجي آلين اکين جي لالاڻ،
ان تاري جي اکين ۾ رکي،
توکي موڪليم.
"سياري جي ٻن پهرن جو جڏهن،
سج ڇت جي ول مٿان ڏکيو،
تڏهن پنهنجي بدن جي سموري گرمائش،
سج جي پيالي ۾ رکي،
توکي موڪليم."

رات. لندن مان آيل ستن جوانن کي هوائي اڈي تي قيد ڪيو ويو آهي. بهرحال واعدي موجب آيا ۽ پاڻ گرفتار ڪرايائون، اها وڏي ڳالهہ آهي. ايجا ٻيا اچڻ وارا آهن. ضيا چيو آهي تہ "جمهوري تحريڪ وارا پئسا ونڻي تحريڪ پيا هلائين." چئبو تہ ماٿهو ڏاڍا ڪي قابل ڪاروباري آهن جو ۵۰۰ روپيا ونيو اهڙا ڪر ڪن جن ۾ سال قيد ۽ ڏهن ڦٽڪن کان سواءِ ويهن هزارن کان ونڻي ڏهہ لک ڏنڊ جي سزا بہ ملي ٿي! 'هڏڻون ڏيئي هٽائي تہ مالڪ ڏيئي مجرا!' ضيا جي هاڻ مت بہ جواب ڏيندي وڃي نہ تہ اهڙيون پوڪپائي جون ڳالهيون ڪونہ ڪري ها.

سنڌ ۾ ڪا ٻيلي کي باهه لڳل ٿي ڏسجي! 'چري ڪيئن ؟ چي وايران ويو ودا' "امن" هنن شهرن ۾ ڪالهه تحريڪ هلڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. ڪري ميرواهه، ڪشمور، راڻي پور، سيوهڻ، دادو، محراب پور، ڪنڊ ڪوٽ، جهوڪ، سڪاول، جاتي، هالا، ميهڙ، ملتان، مظفرڳڙهه، ڪراچي، پشاور، جيڪب آباد، لاهور، پنوعاقل، ڏهرڪي، ميرپورماٽيلو، حيدرآباد، ڪئين هنڌن تي هڙتالون ٿيون. جلوس نڪتا. لائي چارجون ٿيون، روڊ بند ڪيا ويا. ڪري ميرواهه ۾ پهرين هاريائين ۽ پوء هارين جلوس ڪڍيو. لٺبازي ٿي، ڳوڙها آٿيندڙ گئس استعمال ٿي. ماٺهن پوليس کان لٺيون کسي ورتيون. انسپيڪٽر پوليس زخمي ٿي پيو. ڪنڊ ڪوٽ ۾ شاگردن ۽ شاگرياٿين جلوس ڪڍيو. ميهڙ ۾ زبردست بارش هوندي ماٺهن گرفتاريون ڏنيون، پني عاقل ۾ رينجرز گهرايا ويا. ميرپورماٽيلي ۾ آمريڪي جهنڊو سازيو ويو. عوامي تحريڪ ۾ لڳي پيئي آهي.

ضيا چيو آهي ته سندس ڏنل ڊانچي مطابق، عام چونڊون مارچ ۱۹۸۵ کان گهٽو اڳ ڪرايون ويندیون. هُن هِن جدوجهد کي نندڙي پر خطرناڪ هلچل ڪوٺيو آهي ۽ ان لاء غيرملڪي قوتن پارت وغيره کي ذميوار ٺهرايو آهي. جماعت اسلامي سنڌ، ڦٽڪن نه هٽڻ جو مطالبو ڪيو آهي. نوراني وارن جي شايد ڪالهه ميٽنگ هئي. فيصلو ته الائي ڪهڙو ٿيو. پاڪاري جي مرڪزي ڪميٽي مٽس ٽيون ڏينهن سخت تنقيد ڪئي. چيو ويو ته ايم - آر-ڊي ۽ پاڪاري ليگ جا مقصد ساڳيا آهن! لاڙو اهو ٿي ڏئو ته حڪومت جي اکيون پوري حمايت ڪرڻ بند ڪئي وڃي. بيگم مشرقي وارن به ايم - آر- ڊي سان ملڻ جو لاڙو ڏيکاريو آهي.

6/9/83

اڄ هتي عورتن جي تنظيمن اعلان ڪيو آهي ته هو جدوجهد ۾ حصو وٺنديون. هوڏانهن سنڌ ۾ عوامي تحريڪ جي برادر تنظيم سنڌياڻي تحريڪ اعلان ڪيو آهي ته اها به سياڻي ۷ تاريخ کان ميدان ۾ ايندي. ڏسون ڇا ٿيون ڪن. دانهن سان اسان به ڪونه ڪهتايو هو. امان مس مس خط لکيو آهي. لاڙ جي لهجي ۾ لکائي موڪليو اٿس :-

" نيوات

منهنجا پيارا پٽ شال خوش هجين. تنهنجو خط پهتو..... هتي مينهن خاص ڪري نيوات ۾ گهٽا ڪو نه پيا. مڙيئي ٿورو ملڪ سائو ٿيو آهي. گاهه پٽا ڄڄها ڪونه ٿيا آهن. ماٺهن ويڇارن جي ٻرن جي مند به ڪري ويئي آهي. ابا! الله ڪري شل ڪامياب ٿئين! آزاد ٿي اچين. مونکي لکڻ ڪونه اچي. هي نياڳيون ڏيڙيون به مون کي اهڙو روح رڇندو خط ڪو نه ٿيون لکيو ڏين. مون کي ته الاهي ڳالهيون ڪرٿيون آهن. جي لکڻ اچي ته ڪو دفتر پري موڪليئين. آئون ته رڳو

ان انتظار ۾ آهيان ته تون ڪڏهن ٿو اچين. منهنجي لاءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي خوشي اها ته توکي تکڙو ڏسان. هينئر به ڪوٺان آئي آهيان. حور جي جاءِ تي. چير چورين کان خط لکائي توڏانهن رواڻيان. آيس ته چوريون ٻئي ستيون پيون آهن. مسرت ۽ سوجي ويچارين عظيم کان کير وٺي چائڻ ڪاڙهي پياريم. چائڻ تي حور ۽ مني به اٽيون. تيسين اچي وچيون ٽيون آهن. جهڙالو ڏينهن آهي. واءُ تڏو پيو لڳي. تو خوراڪ جو لکيو آهي. جهجيون خوراڪون، الاهي خوراڪون! گهٽو ڪري جيڪو به ماڻهو پهرين ايندو تنهن هٽان موڪليندس. آئون توڏانهن اچڻ ۾ گهٽو راضي آهيان. جي مونکي گل وٺي ايندو ته دعا ڪندي سينس. گهٽو ڪري گل مون کي وٺي ايندو. هيروڪين حالتن ۾ گل تي به مڏالو ٿي پيو. پر پاڻ وجي منيءَ وٽ ترسيو آهي. اتي هائي ڏوئي ڪانهي. بي سَورو آهي. آئون به ٻڌي ڏينهن چاڪ ڪو نه هيس. پر گل مون سان الاهي ڪئي. پاڻ وٽ ٽڪائي جدا جدا اسپيشل ڊاڪٽرن کي ڏيکاري منهنجي دوا ڪرايائين. شاباس هجيس. چورين اچي چچر مچر ڪئي آهي. مني لکي پيئي پر ڏيان چورين جي گوڙ ۾ هٽيو وجيس. سلام ماڳهين پچار ئي کا نه ٿو ڇڏي. چوي ٿو 'رپيو پورو خرچي ڏي' مون اٺ آنا ڏنس. نٿو وٺي. ٻار ماين بتال ڪري ڇڏيا آهن. مني وري محمد حسن سان مار کي ۽ پوري ٿي ويئي.

ابا آئون توکي روز خط لکان پر لکيو نٿي ڇاڻان. ياد هر پل آهين. رات ڏينهن توکي دعا پيئي ڪريان ته شل تون اچي وطن جي وٽن کي ڏسين. پر ابا تو جو هير نالو آهي. جتي تون هير آهين اتان ڪتاب ڇاپيئون آهي. ان ۾ تو واري سنگت جي ۽ نالي جي وڏي ڏاڪ ٿي آهي. ملڪان ملڪ نالو پکڙجي ويو آهي. آئون ڏاڍي خوش ٿي آهيان. کي اٽيا ته سهي. وڌيڪ خير

توجي ماءُ.

مسرت ۽ سورج به خط لکيا آهن. نسير به خط لکائي موڪليو آهي.

ڪلهه ڪن ماڻهن قاضي فضل الله کي ڪٽڙ ڪان وٺي ڪار مان لاهي ڪائنس "جيئي پتو" جا نعرا هٽايا. اچي ڏاڙهي انو خوار، ان کي چٻو آهي. هن عمر ۾ به اسان جن ماڻهن کي چتو حوس نٿو چڙي. مرڻ ڪنڊيءَ تي به اقتدار جي هڏي کپي. چاهي ڪهڙي به بي غيرتيءَ سان ملي. هڪڙو ويچارو محترم قاضي فضل الله کونهي. راڄ آهن رضاڪار غدارن جا جيڪي هڪ ٻئي سان انهي چٽاپيٽيءَ ۾ ڪٽا نٿي پُنا ته هي چئي ته "آءٌ قبول پوان غداريءَ جي ڊيوٽي سپرد ٿيئ لاءِ" ۽ هو چوي ته "آئون."

جماعت سامراجيءَ به چيو آهي ته قتڪن جون سزائون نه ڏنيون وڃن. چٻو ته انهن کي به محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته دال ۾ ڪجهه ڪالا آهن. رڳو حاڪمن جي زور تي ڏڻ مان ڪم نه هلندو. هاڻ بولي ڪجهه ڪجهه بدلائڻي پوندي. پير

صاحب پاڻ ڪاري ۽ ساڻي ڳالهه ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي.

محمود بٽ عوامي جمهوري اتحاد جي ميٽنگن ۾ منهنجو الاهي آڏر ياءُ ڪندو هو. اهو ٻڌجي اچي پاڙي ۾ رهيو آهي. شيءِ شڪل چئي ٿو ته ڪا نه ڪپي. باقي اخبار موڪل. اها اڄ ڪان موڪلڻ شروع ڪئي اٽئون. هاڻوڪي ڏکهي، اٿانگي ورن وڪڙن ۾ لاهين چاڙهين واري جهموري جدوجهد جي اسٽيج تي ايندڙ هفتن ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا منظر پيش ٿيندا.

مختيار اعوان ڪالهه وڏيون همتون ڏيکاري گرفتاري ڏني. هڪڙي بلڊنگ تي چڙهي، هڪڙي ڪمري ۾ گهڙي در دريون بند ڪري پوءِ بالڪني ۾ اچي ميگافون تي هجوم کي خطاب ڪيائين. پوليس در ٻيڑ ۾ ناڪام ٿي ته هڪٻئي تي چڙهي اچي بالڪني مان ڪيس لٽڪائي هيٺ لاهي آيا ۽ ڪيس خوب ماريائون ڪٽيائون. پوليس تي پٿر بازي ٿي. پوليس لٺ بازي ڪئي. مطلب ته شوٽ جو نڪ وڌيائين. پوليس کي ڪافي جڪ مارايائين ۽ عوام کي چرپر ۾ آندائين.

7/9/83

٨ بجي وهنجيس پئي ته هارن جا خط قميس جي خيسي مان هيٺ ڪري پيا. نسيم لکيو آهي:

تاريخ 29

پيارا بابا سائين شال خوش هجو. بابا هي آئون خط بابا هسوءِ ڏاران لکايان پئي. منهنجو نالو نسيم آهي. آئون پهريون ڪلاس پڙهان پيئي. تنهنڪري آئون ڪو نه لکي ڄاڻان. بابا ڪوٺ ڏاڏو مزو آهي. نئي به آهي. هار سڄو ڏينهن نئي ۾ پيا آهن. امان وڏي توکي سلام ڏنا آهن. بابا تون ڪڏهن ايندين هي مزا ڏسندين. بابا آئون مسرت، گندلي ۽ ادي عظيمان مولينيي (پير) پير تي ويا سين. اتي مسرت تو جي لاءِ دعا ڪئي.

تنهنجي پياري نسيم

٦ تاريخ واري 'امن' ۾ جيڪا اڄ ملي آهي، تنهنجي اطلاعن مطابق ۵ سيپٽمبر تي هن شهرن ۾ هلچل هئي. ڪراچي، نوابشاهه، ڪنڊيارو، سکر، پشاور، حيدرآباد، ٽنڈو جام، موسيٰ ڪٽياڻ، هالا، دولت پور صفن، ڪشمور، ڪنڊ ڪوٽ، ٺري ميرواهه، دڙو، فيض گنج، پنو عاقل، لاهور، شهداد پور، ٽنڈو آدم، ملتان، خيرپور، لاڙڪاڻو، انهن مان نوابشاهه، سکرنڊ، ڪنڊيارو، ٽنڈي جام، موسيٰ ڪٽياڻ، هالن، دولت پور صفن، ڪشمور، ڪنڊ ڪوٽ، ٺري مير واهه، فيض گنج ۾ جلوس ڪڍيا ويا. خيرپور ۾ شاگردن جلسو ڪيو. عوامي تحريڪ

حيدرآباد، شهداد پور، ٽنڈي آدم ۾ گرفتاريون پيش ڪيون. ڪشمور، ڪنڊ ڪوٽ، فيض گنج، پنو عاقل ۾ معاملو تيز هو. ڪنڊ ڪوٽ ۾ جلوس ۾ عورتون به شامل هيون. پوليس لٺبازي ڪئي ۽ ڪوڙها آئيندڙ ڪئس اچلايو. ٺري مير واهه ۾ جلوس طرفان پوليس تي پٿر بازي ڪئي ويئي. فيض گنج ۾ لٽ بازي ۽ پٿر بازي ٿي. هڪڙو سپاهي به زخمي ٿيو. پني عاقل ۾ هڙتال رهي. رينجر گشت ڪري رهيا هئا. ڪشمور ۾ مظاهري ڪندڙن ۽ پوليس جي وچ ۾ ٽڪر کان پوء شهر رينجرن حوالي. ڪيترا ماڻهو لٽ بازي، جوابي پٿر بازي ۾ زخمي ٿي پيا. انهن ۾ رينجرن جو هڪڙو انسپڪٽر ۽ هڪڙو ڊي-ايس - پي به زخمي ٿي پيا.

'جنگ' جي چوڻ مطابق ڪلهه حيدرآباد ۾ جلوس ڪڍيو ويو. پوليس تي پٿر بازي ٿي ۽ پوليس آنسو گيس ۽ لٺبازي استعمال کيا. ۽ شاگرد زخمي ٿيا. "عورتن به هڪڙو جلوس ڪڍيو جنهن جي اڳواڻي رسول بخش پليجي جي پيٽ غلام فاطمه پليجو ڪئي. سائس گڏ ام ڪلثوم ڪيڙاني به گرفتاري ڏني." اسلام آباد جي انگريزي اخبار "مسلم" جي چوڻ مطابق جلوس امريڪي سينٽر ڏانهن وڌي رهيو هو جنهن کي بچائڻ لاء پوليس اهي سڀ ڪرتب کيا. مسلم جو چوڻ آهي ته نيو جتوئيء جو، پوليس ۽ بين ادارن (غالباً فوج سميت) گهيرو ڪري رکيو آهي. بجلي ۽ پاڻيء جي سپلائي بند ڪري ڇڏي وئي آهي. هو ٣ تاريخ واري واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ تا گهرن.

ڪلهوڪي 'مسلم' اخبار ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو پريس بيان آيو آهي جنهن ۾ ميان طفيل ۽ سندس پارٽي جي منافقي ۽ بدمعاشي توڙي فوجي ٽولي ۽ ڪائنئن اڳين اهڙن ٽولن جي چڪي لاڪ لاڻي اٽس. شاهه صاحب "سنڌ ڪوارٽرلي" رسالي ۾ به ڪي ڪي اهڙا عاليشان مضمون لکندو رهيو آهي جو پڙهي دل بهار بهار ٿيو وڃي. هن بيان ۾ دشمن جون حاجون لاڻيون اٽس ۽ ڊڪيل لفظن ۾ ڪنفيڊريشن جي ڳالهه ڪري ويو آهي. ههڙا مجاهد ۽ قابل وطن دوست دانشور سنڌ ۾ اڻي پيا هجن ته پوء ڊپ ڇا جو؟

9/9/83

"پڙي ٻر ڪها پهوهار،
ڪري جيئرا پڪار،
دکهه جانا نا همار،
بيرن رت برسات ڪي!
لتا شروع آهي صبح سان ٿي.

سورج لکيو آهي "..... بابا هسوء جي گهر بجلي لڳي آهي. بابا ڪن (ڪين)

جيڪي (جيڪا) لٽ تجلي وانگر هرندي آهي پر تڏي آهي. اهو (اها) بابا هسوءَ جي گهر لڳل آهي. بابا پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪڏهن ڪڏهن وي - سي -آر ايندي آهي. مٽي (مٽائين) ڳوٺ جون مايون چوندیون آهن ته اردو فلمون ڏسي ٽڪي پيا آهيون ۽ ايتري سمجهه (هر) به ڪا نه ٿي اچي هاٿي ڪٽي سنڌي فلمون آٿيون پر بابا سنڌي فلم ملندي ڪو نه (آهي).... بابا اسين ڪينجهر وياسين..... نوري مسرت هو چن (هوچي منهه) اسان تقرير ڪئي ۽ ادي حور جي نسيم ان ڪونه ڪئي ۽ مون، نوري، مسرت ٿنهي ناچ ڪيو..... مسرت کي ڪيسٽ انعام ملي آهي.

مسرت لکيو آهي" ..... بابا ڳوٺ ۾ نئي آئي آهي. اسين سڀ وهنجياسين. دل ڪو نه پئي چوئي (چوي) ته ڪٽي نڪرون. بابا ڳوٺ ۾ ڳاگيون (ڳاگيون)، ڪتا، سنگرالون ۽ ملیرو وغيره موريا آهن. بابا آئون توکي هڪڙي ڳجهارت ڏيان. هيڏو آهي مرچ به ناهي. هيڏو آهي انب به ناهي. هيڏي آهي ته لٽ به ناهي. هينئر چمڪي سون ٻري، آگر رک ته پاڻ مري. هن جو جواب تون خط ۾ ڏج.... بابا آئون سورج، نوري، نسيم هوچن ڪينجهر ۾ نندن ٻارن جي جلسي ۾ (وياسون) اسان سيني تقريرون ڪيون. مون، نوريءَ، مورو قومي گيت ڳايو ۽ نچياسين. بابا ڪينجهر ۾ ڏاڍا مزا هٿا. بابا ڪينجهرجي ڪليءَ ۾ ڪهمياسين پئي ته سليمان ڪينجهرائي جو پاءُ اسان کان پڇيو ته "اوهين.... پليجي صاحب جون ڇا ٿيو؟" اسان چيو"اسان جو مامو ٿئي." پوءِ اسان کي پنهنجي گهر وٽي ويو. اسين رات ڪياسين صبح سان (جو) اسان کي سيون (سيويون) سوجيون کاڌا پيتا کائي (کارائي) پوءِ اسانکي تيل سوئيرو (سرمو) پائوڊر وغيره هٽي تيار ڪري پوءِ اسان کي چئو (چيائون) ته اوهين (پنهنجي) تقرير ڪري اسان کي ٻڌايو. اسان هن کي تقريرون ڪري ٻڌايون پوءِ اسان کي خرچي ڏنئون. بابا اسين مائي بک (بختاور) جي جلسي ۾ وياسين. مون تقرير ڪئي، نسيم تقرير ڪئي ۽ سورج تقرير ڪئي. ڪندلي تقرير ڪئي، ڪليلي تقرير ڪئي. شبانه، رکيا (رقيه) گيت ڳايا. پرهه گيت ڳايو. بابا، بابوءَ هڙتال ڪيا. هاٿي ڪاٿي جو مهمان آهي...." زرينه ۽ زيب النساء جو دوگانو پيو اچي "السلام عليڪم جانيئڙا وعليڪم السلام جانيئڙا"

زرينه لکيو آهي 3/9/83

"منا

اميد ته خوش هوندين. هي خط ماڊل اسڪول جي نندڙي لان جي ڇپر تي ويٹي لکان. سامهون اسان جي سائي بس هفتي ڪن کان اداس بيٹي آهي. به ڪوٽلون پاڻ ۾ هولين پيون ۽ وڙهن پيون. نندڙا جهرڪ جهرڪيون هڪڙي وٽ جي هيٹان مٽيءَ ۾ پر هٹيو مٽيءَ سان وهنجن پيا.....

"تو لکيو آهي ته هي خط اختلاف هوندي به اياز کي ڏج. مون کي ڪڏهن به

اهڙين ڳالهين سان اختلاف کو نہ رهيو آهي.... مون تہ ايازڪي پنهنجي هٿن سان کيس تيار ڪري پهرين سيپٽمبر نانائي(١) ڳوٺ موڪلي ڏنو.... حالانڪ بيمار هو. کيس خارش جي بيماري هئي ۽ پير جي مُري تي هڪڙو ڏڪ لڳل هوس، جو ٽن مهينن جي علاج جي باوجود نٿي ڇڏو ۽ ٽيون تہ هٽ مُڙي پيو هوس. جنهن ڪري ڪنير کان پٽي ڪرائي هٽائين. ياد اٿئي....ڪي خارش جي بيماري ڪيترو تنگ ڪيو هو. پر هن وقت مٽي تي آهي. انهن ڳالهين کي کو نہ ڏسبو آهي. هاڻي ٻئي پائر نورن ۽ اياز۽ سندس چاچو يوسف کيڙانو ٻہ ساٿس گڏ ۽ ٻيا کيترا سندس مائٽ هڪڙي ڳوٺ ۾ گڏ رهن ٿا. خير چوڪري کي نانائن ڏاڍو ماريو آهي. هو بيهوش آهي. نڪ ۽ ٻانهن ڀچي ڇڏي اٿن. ٻيو ٻڏڻ ۾ آيو آهي جيڪي ٻہ نانائي ويا آهن تن کي کوئيٽا يا پنجاب گهمائڻ وٺي ويندا ڇو تہ جيترو پري هوندا اوترو سياري ۾ سٺي پکنڪ ٽيندين.

آءٌ ۽ بجليءَ جي پيٽ شهناز، ايازڪي اماڻي پوءِ ڳوٺ ويا‌سين جتي ٻڪيءَ وارن سندس سٺي مهماني ڪئي. مون شهناز کي چيو تہ تون نہ هلندينءَ تہ ڪجهہ کو نہ ورندو. منهنجي ٻہ اتي هئي.... نو ڇٽيون هلڻ لاءِ تيار ٽيون آهن. جيڪي اڄ ايندينون..... سڀني جو دليون وڌيون آهن. .... ٽي سڳهي ٽو تہ آءٌ ٻہ نانائي ويان".... ڪلهوڪي "امن" مطابق ٽيون ڏينهن حيدرآباد، ڪراچي، سکرنڊ، قاضي احمد، سٽ ميل، هالن، نواب شاهہ، ڪنڊياري، پريا روڊ، فيصل آباد، لاڙڪاڻو، ٺري ميرواهہ، شڪارپور، خيرپور، کهڙا، جيڪب آباد، سکر، موسيٰ ڪتيان، ٽنڈو ڄام، پشاور، لاهور، ملتان، دادو، کوئيٽا، سبي، سجاول، شهداد پور، ٽنڈو آدم، ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ جهموري تحريڪ جون ڪارواين ٽيون، حيدرآباد ۾ سول اسپتال جي ٻاهر ڪجهہ ماڻهن آمريڪن جهنڊي کي ساڙيو، پٿر بازي، لٺ بازي ۽ ڳوڙهن واري گٽس جو استعمال ٽيو.... اسڪول جا ٻہ ٻار نازڪ حال ۾ اسپتال داخل ٽيا.

"پيپلزپارٽي، پي اين پي، عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن کان سواءِ هڪڙي اسڪول ماستر۽ هڪڙي ايڪسائيز انسپيڪٽر ٻہ سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفا ڏيئي تحريڪ ۾ شامل ٿي گرفتاريون پيش ڪيون آهن. ريشم گليءَ جي ويجهو پڪي پير چاڙهيءَ تي ٻہ اڄ عورتن جو هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن جي اڳواڻي سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ غلام فاطمہ پليجو ڪري رهي هئي جيڪا رسول بخش پليجو جي پيٽ آهي. هيءَ جلوس ڊار ڊار هنڌن تان ٽيندو گاڏي ڪاتي جي حيدر چوڪ تي پهتو تہ ڪيترائي ماڻهو ان ۾ شامل ٿي ويا. پوليس جلوس کي چڙوچڙ ٽيڻ جا حربا استعمال ڪيا پر هو نہ مڙيا، جنهن تي پوليس وارن پٿر

(١) نانائي = جيل

بازي ڪئي. غلام فاطمہ پليجو ۽ اُم ڪلثوم کي گرفتاري ڏيڻي هئي. جڏهن زنانا پوليس آئي تڏهن ٻنهي خواتين اڳواڻن گرفتاريون ڏنيون. اڄ رات کين سينٽرل جيل سکر منتقل ڪيو ويندو. هتي اڄ هڪڙي نابينا شخص به گرفتاري پيش ڪئي. ڪراچيءَ ۾ درگاهہ عبدالله شاهہ ڪلفٽن تي گرفتاريون جاري. هالا جتي هر اڳاري جي ڏينهن وڏو جلوس نڪري ٿو، مڪمل هڙتال هوندي آهي اُتي هڪڙو وڏو جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ هڪڙي گڏهہ تي هڪڙو پتلو رکيل هو. پوءِ انکي اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس جي احاطي ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. خيرپور سينٽرل جيل ۾ جڳهہ نہ هئڻ ڪري ايم - آر - ڊيءَ جي چاليهہ ڪارڪن کي آزاد ڪيو ٿي ويو پر هنن جهموريت جي بحاليءَ تائين آزاد ٿيڻ کان انڪار ڪيو. ڪين ڪوٽ ڏيجي جيل موڪليو ويو. ٽنڊو جام يونيورسٽيءَ جي ملازمن به ڪم ڪار ڇڏي تحريڪ ۾ شموليت ڪئي. پانن وٽ ريلوي جا سليپر سازڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

لاهور ۾ اڄ ملڪ حاڪمين سابق وزير وڏي تاج تجمل سان گرفتاري پيش ڪري مختيار اعوان کان پوءِ لاهور ۾ رکارڊ رکيو ويو. ملڪ حاڪمين وڏي جلوس سان آيو. فٽ پاٽ تان لوهي جهنگلا اکيڙي سڙڪ بند ڪئي وئي. ڪن عورتن به ڏڏو ڪيو. لٺ بازي ۽ جوابي پٿر بازي ٿي [illegible] ماٿهو گرفتار ٿيا. لاهور ۾ هڙي جلوس جو پهريون مثال هو. لاهور ۾ مائي ڪورٽ ۽ لاهور ڊسٽرڪٽ بارن وري به مطالبو ڪيو آهي تہ سنڌ جي قيدين کي پنجاب مان واپس موڪليو وڃي.

چئبو تہ غلام فاطمہ سرڪاري خرچ تي سکر گهمڻ وئي آهي.

اڄ ڏاڍي گرمي آهي. ہہ ٽي ڏينهن گرميءَ جو آزار، وري بارش، وري گرمي، وري بارش، اها آهي هتي جي آبهوا.

ايندڙ هفتن ۾ مهين ۾ چا ٿيندو؟

معلوم ٿيو تہ صبح جو هتي جي قيدي عورتن جن ۾ ڪيترين ئي 'سياستياڻيون' ہہ آهن. تن ضيا خلاف زبردست نعريبازي ڪئي. نعرا جيل جي ڪچ حصي ۾ ٻڌڻ پئي آيا. ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ ڊوڙندو ويو. پوءِ الائي چا ٿيو؟

اڇوڪي 'امن' جي چوٽ مطابق ڪلهہ هن هنڌن تي تحريڪ هلي، ڪراچي، خيرپور، راڻي پور، ست ميل، ڪنڊيارو، قاضي احمد، مورو، سڪرنڊ، پشاور، حيدرآباد، ٽنڊو جام، هالا، سکر، ٽنڊو آدم، خيرپور ناٿن شاهہ، ميهڙ، لاهور حيدرآباد ۾ "مدرسة البنات سخي پير وٽان عورتن جو جلوس ڪڍيو ويو. سنڌياڻي تحريڪ جي عورتن جي هٿن ۾ بينر ۽ پوسٽر هٿا جن تي نعرا لکيل هٿا. جلوس نعرا هٿندو ڊومڻ واهہ روڊ تي پهتو. پوليس عورتن جو گهيرو ڪري جلوس کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر عورتن جو جلوس اڳتي وڌندو رهيو. جلوس جڏهن

شهاب سئنيما جي سامهون پهتو. تڏهن مرير راهو جلوس کي خطاب ڪيو. هن موقعي تي سڙڪ جي ڪناري تي بيٺل ماڻهن ۽ عورتن جو ساٿ ڏيندي نعرا هنيا. جلوس جڏهن گلشن هوٽل پهتو ته زنانہ پوليس ۽ن عورتن کي گرفتار ڪري ورتو. ماڻهن تاڙين جي گونج ۾ ڪين رخصت ڏني. ان کان پوءِ جلوس جڏهن واپس موڙيو ته پوليس گهيرو وڌو. عورتن ٻيهر گهيرو ٽوڙيو. خواتين جي جلوس کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ ڊويزنل ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر، ايس - پي واردات تي پهچي ويا ۽ جلوس کي منتشر ڪيائون..... گرفتار عورتن کي سکر جيل موڪليو پيو وڃي."

سکر ۾ آمريڪن جهنڊو ساڙيو ويو. ٽنڊو آدم جو وڏو جلوس ٽاٽي تي وڃي هڪڙي وڏي اجتماع ۾ تبديل ٿي ويو. عوامي تحريڪ جي ۽ن ڪارڪنن گرفتاري پيش ڪئي.

11/9/83

ڪلهہ لکڻ ڪو نہ پڳو.

بي - بي - سيءَ رات ٻڌايو ته دادوءَ ۾ ضيا خلاف زبردست مظاهرا ٿيا ۽ سندس ڪار تي پٿر اڇلايا ويا. ڇيو ويو ته ڪيس "گارين جهڙا اشارا" ۾ ڪيا ويا! اها ڳالهہ بي - بي - سيءَ انگريزي سروس ۾ ڪئي. اردوءَ ۾ ڪائي ويئي.

سکر ۾ ريل گاڏيءَ تي فائرنگ ٿي. ڊسٽرڪٽ جيل خضدار مان اٺ قيدي زبردستيءَ آزاد ڪرايا ويا آهن. اڄ 'جنگ' لاهور جون ڪي هيڊنگون هي آهن. "اختلاف دور ڪرڻ جو مهذب طريقو مذاڪرات آهي. ضيا - سياسي ڏانچو آخري حرف ڪونهي. جي ڪنهن وٽ مون کان بهتر پروگرام آهي ته ان تي غور ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. اختلاف هڪڙي خاندان جي سڳن يا ٽرن ۾ ۽ ٿي سگهن ٿا. سنڌ جي ايجيٽيشن ۾ هڪڙي کان وڌيڪ غير ملڪي طاقتون ملوث آهن. تشدد جي ذميوار ماڻهن سان سختي ڪئي ويندي. سنڌ جي صورتحال کان مطمئن آهيان ۽ اعتماد ۽ اطمينان سان واپس اسلام آباد ويندس. زرعي سڌارن کان محفوظ رهڻ وارن جو احتساب ڪيو ويندو. چونڊون ۾ پيرا ملتوي ڪيون اٿر هاڻ نہ ڪندس. پيپلز پارٽيءَ جا ماڻهو امن امان تباهہ پيا ڪن پر لکت ۾ ثبوت موجود ڪونهي." "صدر ضياءُ الحق سنڌ جي مسئلي تي سياسي مذاڪرات ڪندو. مذاڪرات هن هفتي جي آخر ۾ شروع ٿيندا. وائيس آف آمريڪا." "پير پڳاري طرفان حرن کي ڪراچيءَ ۾ حيدرآباد پهچڻ جي هدايت." "لاهور جي ستن عورتن کي نظر بند ڪيو ويو." "۱۹۷۳ جي آئين جي جاءِ تي پاڪستان جي ٻهراڙ جي روشني ۾ نئون دستور بنايو وڃي..... نئون دستور بنائڻ لاءِ چارسؤ ميمبرن جي دستور ساز اسيمبلي چونڊي وڃي. ۱۹۷۳ جو آئين ناڪام ٿي چڪو آهي. حفيظ

پيرزادي جي ياءِ جي رٽ." "مرڪزي جميعت المشائخ حڪومت ۽ مخالف پارٽين پر ناهه ڪرائڻ جي آڇ ڪئي." 'نواءِ وقت' جون ڪجهه هيڊنگون آهن. "سنڌ جا واقعا. صدر سياڻي اعليٰ سطح جو اجلاس ڪهرايو." "سنڌ جو عوام تشدد جو حامي ناهي پرڪين تشدد تي مجبور ڪيو ويو آهي. بيگم اشرف عباسي." بيگم عباسيءَ لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي آهي. اهو ڪم پلو. ٻين کي ٻه اڇڻ گهرجي. ٽيون ڏينهن سنڌ جي واقعن بابت مباحثي ۾ ڪن دانشور حضرات جنسي ٻوڙ هاريو. ڊاڪٽر مبشر سنڌ جي تاريخ بابت حيرت انگيز اڻ ڄاڻائي بلڪ جهالت ڏيکاري. عجيب آسرپوناٽيون خبرون ڪيائين.

هاڻ ڪلهوڪي 'امن' پڙهان. ناشتو ڪريان قاصد کي اماٽيان. پوءِ جون خبرون پوءِ.

ڪنهن دوست اسلام آباد جي روزاني اخبار 'مسلم' جو ٢٢ - آگسٽ وارو پرچو ڏياري موڪليو آهي. هڪڙي ليک تي نشان هٽي موڪليو اٽس. عنوان آهي. "احتجاج ڪالهه ٻولهه جي ضرورت طرف ڏيان ڇڪائين ٿا." چوٽون عنوان آهي "ايم - آر - ڊيءَ جي ويڙهو ڪارڪن جو حيرت انگيز ڪم - نين قوتن جو ڪردار." لکندڙ مشاهد حسين - چهه ڪالمي سرخيءَ واري هن تجزيي ۾ سنڌ جي موجوده جهموري تحريڪ جي ڪارڻن ۽ محرڪ قوتن ۽ سندن ڪردارن جي چند ڇاڻ ڪئي ويئي آهي. اڪٽي هلي هيئن چيو ويو آهي:-

"سنڌي عوامي تحريڪ

جيتريقدر سنڌ جي هلچل ۾ حصو ونڊڻن جو سوال آهي تہ هلچل جي اڳواڻي پي - پيءَ جي هٿن ۾ ئي آهي. تنهن کان سواءِ پي - پيءَ جي سنڌي وڏيرن ۾ پيڙهه ٻه مضبوط آهي. سنڌ پي - پي جا مکيه اڳواڻ ٻه ٽي آهن. هڪڙو غلام مصطفيٰ جتوئي جنهن کي قومي سطح تي اڳواڻيءَ جون تمنائون آهن. ٻيو ممتاز علي ڀٽو جيڪو ٽورڙو سنڌي قوم پرستن ڏانهن جهڪيل آهي. ايم - آر - ڊي هلچل جي ٻي ڌر، ڪاپي ڌر جا ويڙهو آهن. هن جي نمائندگي سنڌي عوامي تحريڪ S-A-T ڪري ٿي. جيڪڏهن پي - پيءَ کي سنڌ ۾ عوامي تائيد حاصل آهي تہ پوءِ ان جي تنظيمي قوت سنڌي عوامي تحريڪ مهيا ڪري ٿي.

هر هلچل نئين قيادت پيدا ڪري ٿي ۽ نين قوتن کي ميدان ۾ آڻي ٿي. موجوده هلچل ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جدوجهد جي مهڙ ۾ شامل آهي. سندس ڪارڪن هلچل کي منظم ڪن پيا ۽ ان جي اڳواڻي پيا ڪن. بدين، ٽٽي ۽ ٻين هنڌن جي جدوجهد جي اڳواڻي گهٽو ڪري سنڌي عوامي تحريڪ ڪري رهي آهي، سنڌي عوامي تحريڪ جي اڳواڻي رسول بخش پليجو ڪري ٿو. جيڪو هڪڙو مشهور .... دانشور آهي. هو ..... سالن کان ڪوٽ لکپت جيل لاهور ۾ بند آهي ۽

ايمنسٽي انٽرنيشنل کيس ضمير جو قيدي قرار ڏيئي چڪي آهي. سندس زال زرينہ بلوچ هڪ مشهور معروف سنڌي لوڪ فنڪاره آهي. سنڌي عوامي تحريڪ جو نظريو بنيادي طرح مارڪسي آهي. اها مائوزي تنگ جي فڪر کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿي. خود پليجي 'مائو' جا ڪيترا ترجما ڪيا آهن. سنڌي عوامي تحريڪ جي قوت جو سر چشمو ٻهراڙيون آهن. جتي ان هارين ۾ نظرياتي ڪم ڪيو آهي.

سندس محاذن ۾ سنڌي هاري ڪميٽي، سنڌياڻي تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ سنڌي مزدور تحريڪ شامل آهن. اهي سڀ عوامي تنظيمون آهن ۽ انهي نظرياتي طرح باشعور ڪارڪن تي مشتمل آهن. انهن جو زور صبر سان ڏکهي عرصي تائين سياسي پورهيو ڪرڻ تي آهي. سنڌي عوامي تحريڪ، جي ايم سيد جهڙن سنڌي قوم پرستن تي بہ نڪته چيني ڪندي رهي آهي تہ اهي قومي سوال سان گڏ طبقاتي سوال کي اهميت نٿا ڏين.

جيتوڻيڪ علائقائي تنظيم هڻڻ ڪري کيس ايم - آر - ڊيءَ جي ميمبر شپ کا نہ ملي پر اها ايم - آر - ڊيءَ جي سنڌ صوبائي تنظيم ۾ سرگرم حصيدار آهي. سنڌي عوامي تحريڪ ۾ پليجو کان پوءِ ٻيو نمبر اڳواڻ فاضل راهو سنڌ ايم - آر - ڊيءَ جو جوائنٽ سيڪريٽري آهي ۽ هڪڙو سرگرم تنظيم ڪندڙ آهي. پنجاب ايم - آر - ڊيءَ جي صفن ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جهڙي منظم نظرياتي شعور رکندڙ ڪارڪن جي تنظيم ڪولي لهڻ مشڪل آهي. البت سرحد ۾ مزدور ڪسان پارٽي..... کيس ويجهي اچي ٿي. بلوچستان ۾ جيڪڏهن ان جي ويجهو تنظيم ڪولبي تہ بي - ايس - او نظر ايندي."

"امن" مان معلوم ٿو ٿئي تہ ١٧ - آگسٽ تي يوسف ڪيڙاني سان گڏ نور نبي صاحب بہ گرفتاري پيش ڪئي هئي. پڙهڻ لاءِ نہ ڇڏيوس. باقي اهڙن ڪمن لاءِ نورن ٢٣ ڪلاڪ تيار! فاضل بہ پهرين پور ۾ ئي پتڻ اڪري وڃي ناناڻن پيڙو ٿيو! ذڪريہ جي پٽ رشيد ١٦- تاريخ تي ڪيٽ ورتي هئي. ڪيئي ساٿي سفر تي روانا ٿي چڪا آهن. محترم نظر علي صاحب بہ ٢٢- تاريخ روانو ٿيو.

16/9/83

سنڌ ۾ ٽيون ڏينهن، امن جي چوڻ مطابق دادو، ميهڙ، هالن، ٽنڊي باگي، خيرپور، راڻي پور، ٿري ميرواهہ، فيض گنج، حيدرآباد، ٽنڊي الهيار، ڪراچي، ٽنڊي جام، ڪسيانہ موري، ٽنڊو قيصر، موسيٰ ڪٽياڻ، تاج پور، جيڪب آباد، سکر، لاڙڪاڻي، ٿتي ۽ جنگ شاهي ۾ هلچل هلي.

جنگشاهيءَ ۾ "ڪارڪن جو جلوس بن ڪلاڪن تائين شهر جو گشت ڪندو رهيو. هن موقعي تي شهر جي دڪاندارن ۽ هوٽل وارن علامتي هڙتال

ڪئي. پوليس ناڪ بندي ڪري جنگشاهي سجاول مان ڪرندڙ جلوسن کي ڪٿي پهچڻ کان روڪيو. ڪالهه اخبارن ۾ هو ته "جنگشاهي جي ٽن عورتن کي. ٻين عورتن کي گرفتاري پيش ڪرڻ لاءِ چوندي گرفتار ڪيو ويو. عورتون حيدرآباد ۾ گرفتاريون پيش ڪري رهيون آهن. ڏسون ته ڪهڙا ڏينهن ٿيون هلن. پوليس عوامي تحريڪ جي گرفتاري پيش ڪندڙ ڪارڪنن کي تحريڪ کان روڪڻ لاءِ سندن مائٽن کي گرفتار پڪي ڪري ۽ سندن مال کي ٻه ڪاهيو وڃي. حيدرآباد ۾ وڪيلن خاموش مظاهرو ڪيو." شڪر ٿيو.


ٽيون ڏينهن خيرپورناٿن شاهه ۾ فوج گوليون هڻي ماڻهو ماري وڌا. ڇهرين چيائون ته شهيد پنج هئا. رات بي- بي- سيءِ ٻڌايو ته ۱۲ هئا. زخمي الڳ، ڪلهه هالن ۾ ٽي مڙس گولين سان ماريائون. ٻيا زخمي آهن.....

"ڪير گاروڙين سين وڏو وڏه ويـر،
نانگ نه ويندين نڪري تو ڏر مٿي پير،
هي تنين جو ڏير جن جهونا ڪڙهه جلائيوا"


ڪلهه لاهور ۾ ٻر جو ڏماڪو ٿيو. مزدورن جلسا ڪيڀا. ٻيون ٻه سنهيون ٽلهيون هڙتالون هلن پيون. قصو رڙهي پيو ۽ وڏي ٻه پيو.

ٽيون ڏينهن هن وارڊ جي آبادي اوچتو وڏي ويئي. مختيار اعوان گرفتاري ڏني ته مون سپرنٽينڈنٽ کي اڳوات چئي ڇڏيو ته ڪيس هن وارڊ ۾ رکجو. مختيار ٻه آيو ۽ پاڻ سان ملڪ حاڪمين ڪٽملپور وارو جيڪو اڳي جيلن جو وزير هو سو ٻه ولي آيو. خوب بحث مباحثا چالو ٿي ويا آهن.


ٻه تن ڏينهن کان اداس آهيان. هڪڙو ته ڪارڪنن جي شهادت جي ڪري ٻيو نوان جتوئيءَ جي گهيري جي ڪري. اسان جي ماڻهن جو الائي ڪهڙو حال هوندو؟ اهو سوچي دل بي چين ٿيو وڃي. چون تا ان پاڻي بند ڪريو ويڻا آهن. مروان. دنيا ۾ شور مچڻ گهرجي هن سفاڪيءَ خلاف. گهربل بيان بازي ٻه نٿي ٿئي. سينسر شپ ٻه آهي پر ان ڳالهه جو پورو نوٽيس ٻه ڪو نه ورتو پيو وڃي. آخر ماڻهو انسان آهي. ڪاڏو ڪيي. پاڻي ڪپي. ناڪي بندي هوندي ته ڇا حال ٿي ويو هوندو؟




جنوري 92ع ۾ قومي لانگ مارچ جي سکر کان ڪراچي پهچڻ تي محترمہ بينظير ڀٽو پليجي صاحب جو استقبال ڪري رهي آهي. وچ ۾ شگفتہ جماڻي نظر اچي رهي آهي.



آل پارٽيز ڪانفرنس ڪانپور پليجو صاحب، نوابزاده نصر الله ۽ اعتزاز احسن.




سائين پليجي صاحب سان گڏ محترم محمد ابراهيم جويو ۽ طارق اشرف پس منظر ۾ نصير مرزا.



پليجو صاحب مزدور ڪارڪن کي ليڪچر ڏيندي. محمد خان ير‌ڪڙي، اياز خاصخيلي، امداد پهنور ۽ ٻيا.



پليجو صاحب، مصطفيٰ قريشي، سيد عالم شاهه، اياز لطيف پليجو، عنايت بلوچ، خادم شاهه، نور الهدي شاهه، زرينه بلوچ، روبينه قريشي ۽ ممتاز نظاماڻي.



قومي لانگ مارچ جي قيادت ڪندي پليجو صاحب، جويو صاحب، خالد سنڌي، نور نبي راهوجو، عارب ڪيڙانو ۽ مشتاق راڄپر.



1989ع اي اين پي جي ڪنوينشن ۾ پليجي صاحب سان گڏ ولي خان، غلام احمد بلور ويٺل جڏهن ته حبيب جالب شعر پڙهي رهيو آهي.



حيدرآباد ۾ شهيد فاضل جي ورسيءَ جي موقعي تي پليجي صاحب سان گڏ استيج تي محمد خان پرڳڙي، گلزار جماڻي، نواز پٺاڻ، زاهده شيخ، خير محمد خاصخيلي ۽ ريحانه شيخ




SEARC جي رهاڻ ۾ پليجي صاحب سان گڏ نورالهدي شاهه، زرينه بلوچ، آڪاش انصاري، نزهت پٺاڻ، ايياز لطيف پليجو، عنبرين هيسباڻي، فيروز ميمڻ ۽ جلال.




ماهتاب محبوب جي گهر هڪ دعوت ۾ پليجو صاحب، قادر جوڻيجو، مصطفيٰ قريشي ۽ آغا سليم.




هڪ ادبي فنڪشن ۾ پليجي صاحب سان ڪڊ شيخ ايياز، ابراهيم جويو، سوپيو گيانچنداڻي ۽ ٻيا.



هڪ سياسي اجلاس ڪانپوءِ پليجو صاحب، غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ فاضل راهو.



SEARC جي پروگرام جنوري 93ع ۾ پليجو صاحب، ابراهيم جويو، امداد حسيني، اياز لطيف پليجو، يعقوب مغل، مقصود ميمڻ، سندر چانڊيو، اعجاز منگي ۽ ڊاڪٽر نياز چنا.



سنڌ ايجوڪيشن اينڊ آرٽ ريسرچ ڪائونسل جي پروگرام ۾ پليجي صاحب سان گڏ ڊاڪٽر يعقوب مغل، نثار حسيني، اياز لطيف پليجو، زيب نظاماڻي، منظور سولنگي، اشرف بلوچ، رزاق ،ند ۽ مقصود.



هالينډ ۾ پليجو صاحب سان گڏ ڪرامت ۽ ميزبان.



نسيم ڊيلڪس ۾ پليجو صاحب سان گڏ سيد عالم شاهه، قادر رانٽو، عنايت بلوچ، ايياز لطيف پليجو ۽ حافظ قريشي.

نيو فيلڊس جا جلد ايندڙ ڪتاب

١- بندر ديسان ديس ۾ چا جو ديس چا جو وديس (سفرنامو)	الطاف شيخ
٢- اوڙاهه (ناول)	غلام نبي مغل
٣- قومي غدارَ ۾ حساب ڪتاب	لياقت عزيز
٤- سورج مکيءَ سانجهه (شاعري)	شيخ اياز
٥- نئون شهر- عورت ۾ پيار	غلام نبي مغل
٦- منهنجو وطن، منهنجا ماڻهو	لوڪرام ڏوڏيجا
٧- رد ڪيل ڪهاڻيون	امر جليل
٨- اوچا ڪاٺ پهاڙن جا	نجم عباسي
٩- ديسي آڏاڻو پرديس (سفرنامو)	آدم خان لغاري
١٠- گرپ وتي	نورالهدي شاهه
١١- اندر جنين آج (سفرنامو)	ماهتاب محبوب
١٢- پيار تنهنجو انتظار	اياز لطيف پليجو
١٣- شيخ اياز جو چونڊ ڪلام	مرتب: نور محمد

نيو فيلڊس طرفان رسول بخش پليجي جا ڇپيل ڪتاب

ڪوٺ لڪيت جو قيدي (ياگو I): سنڌ جي چوٽيءَ جي ڏاهي سياستدان ۾ مهان اديب رسول بخش پليجي جي لاهور جي بدنام جيل ۾ گهاريل ستن سالن جي قيد جا ڪڙا مٺا داستان * سنڌ ۾ عالم جي سياست جو چرڪائيندڙ آپريشن. * ملڪ جي برڪ سياستدانن، اديبن ۾ عالمن جي باري ۾ توريل تڪيل رايا. * قيد تنهائي جي انهن نازڪ ۾ تڪليف دهه گهڙين جا احوال جڏهن زندگي ۾ موت جي وچ ۾ چند انڇن جو مفاصلو رهجيو وڃي. * سنڌي ادب جي سڀ کان اثرائتي ۽ سڀ کان نرالي جيل جي ڊائري. صفحا 354- قيمت -/130 پڪي جلد سان.

پسي ڳاڙها گل: ڊڇسپ ۾ اٺ وسرندڙ ڪهاڻين جو مجموعو. جنهن جا ٻه ايڊيشن نڪري چڪا آهي. خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/45 رپيا.

وهڻ مون نه وڙاءُ: مضمونن، خطن، تبصرن ۾ 100 صفحن جو طويل انترويو تي مشتمل ڪتاب- صفحا 260 قيمت -/55 رپيا.

نيوفيلڊس جا ڪتاب ڪراچي ۾ هيٺين هنڌن تان ملي سگهن ٿا

* پاڪ آمريڪن بوڪ ڊپو زيب النساء اسٽريٽ * ٽامس اينڊ ٽامس ريگل چوڪ * ڪيپيٽل نيوز ايجنسي زيب النساء اسٽريٽ * الماس بوڪ هائوس صدر * ايوري مين بوڪ هائوس عبدالله هارون روڊ صدر * مڪتبهء برهان اردو بازار * ڪائناواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار * نادر بوڪ هائوس متين سينٽر طارق روڊ * بوڪ اوشيئن بلاول هائوس ڪلفٽن * راحت بوڪ اسٽال اسٽيل ٽائون شپ * عباسي ڪتب خانه جونا مارڪيٽ * مڪتبهء اسحاقيه جونا مارڪيٽ * اقبال ايجنسي لي مارڪيٽ، * آفيس يا هوم ڊليوري سروس لاءِ نيشنل نيوز ايجنسي فون ٥٦٨٨٨٢٨- ٥٦٨١٥٢٠

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

سانگهڙ

مصنف: محمد عثمان ڏيپلائي

هيءَ ناول سنڌ جي انهي زبردست انقلابي هلچل جي حالات تي مشتمل آهي، جا ۱۹۳۸ع کان ونئي ۱۹۴۷ع تائين نهايت زورشور سان هلندڙ هئي. هن ۾ انگريزن ۽ سندن چاڙڻن طرفان انڪل ويهارو هزار سنڌي ماريا ويا، لک کن قيد ٿيا، پنج لک دربدر ٿيا ۽ سندن هڪ ارب کان وڌيڪ ملڪيتون لٽيون ويون. بهادر سنڌين ۾ انهي جي جواب ۾ "وطن يا ڪفن" جو نعرو لڳائي، انگريزي ملٽريءَ ۽ پوليس جا هزارين فرد ماريا، ڦٽيا ۽ ڪافي مالِ غنيمت هٿ ڪيو. هن هلچل کي "ٽين حر هلچل" سڏيو ويجي ٿو، جا مجاهد اعظم، امام الاحرار حضرت پير سيد حاجي صبغة الله شاه رحم جي سرڪردگيءَ هيٺ شروع ٿي هئي. هن ناول ۾ اوهان کي لڙڪ ۽ مرڪ، ٽهڪ ۽ ڇهڪ، حيرت ۽ عبرت، غم ۽ غصو، جوش ۽ هوش، محبت ۽ وحشت، فرض ۽ عزازت، رحم ۽ قهر، عقل ۽ عشق، حب الوطني ۽ غداريءَ جا عجيب و غريب نظارا نظر ايندا. پاڪستان رائٽرز گلڊ ۾ هن کي سنڌي زبان جو بهترين ناول ٺهرائي پنج سؤ روپيه انعام ڏنو آهي. هيءَ تاريخي ناول 656 صفحن تي مشتمل آهي. نئين ٽائيٽل سان سينگاريل- قيمت صرف -/120 رپيا آهي.

تاريخ جو سفر

ڊاڪٽر مبارڪ علي جو هيءَ ڪتاب تاريخ کي سمجهڻ ۾ نهايت اهر ڪردار ادا ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾، تاريخ ۽ انساني زندگي جي ڳانڍاپن ۽ پوندڙ اثرن جو تجرباتي ۽ سائنسي بنيادن تي تجزيو ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب هر پڙهيل لکيل ۽ سڃاڻ ڏهن کي مطالعو ڪرڻ گهرجي- جو ته مستقبل جو رستو ماضيءَ جي حقيقتن مان ئي تخليق ڪري سگهجي ٿو. خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/45 رپيا.

نند وليون (شاعري)

شيخ اياز جو هي شاعريءَ جو نئون ڪتاب آهي. ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل. خوبصورت ٽائيٽل سان سينگاريل. قيمت -/55 رپيا.

ارائونڊ دي ورلڊ (سفرنامو)

الطاف شيخ جو هيءَ سفر نامو مصر، ڊنمارڪ، ڪئناڊا، آمريڪا، جپان، ناروي، سري لنڪا ۽ ٻين ملڪن تي مشتمل آهي. خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/45 رپيا

تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون

زرينه بلوچ جي هن ڪهاڻين جي مجموعي ۾ سنڌس ۱۶ دلچسپ، يادگار ۽ اثرسرندڙ ڪهاڻيون شامل آهن. خوبصورت ٽائيٽل- قيمت 55 رپيا.

سَرَ لوهيڙا ڪيا

شيخ ايار جو هيءُ نئون ڪتاب نثري نظمن تي مشتمل آهي. 40 صفحن جو مهاڳ علاوه اٽس. ڪل صفحا 408. آفسيٽ پيپر تي چپيل خوبصورت ٽائيٽل قيمت -/100

ورهاڳي جو ورجاءُ ليکڪ: ماهتاب محبوب

مضمونن، ڪالمن ۽ مقالن تي مشتمل هڪ بهترين ڪتاب. ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ريا ٽيل. ٽائيٽل تي ليکڪا جي خوبصورت پنجن رنگن ۾ چپيل تصوير- قيمت -/45 رپيا.

لندن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفر نامو) مصنف: طارق عالم ابڙو

هن ڪتاب مان ڪنيل ٽڪرو: اسان جي ڪار جڏهن ويسٽ منسٽر برج جي پڇاڙيءَ تي پهتي تہ اوچتو رڙيون ٻيون. مان پنهنجي ڪاپي پاسي واري دريءَ مان نهاريو، ساڳي 'هنڌا سوڪ' بيٺي هئي ۽ ڪار جا سيئي در ڪليل هئا. چوڪرين اسان کي ڏسي هٿ لوڏيا. اويس کي الائجي ڇا سجهيو جو ان ڪار کي روڪي ڇڏيو. ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي هن چوڪرين پنهنجا سوئيٽر، بريزيئر، قميصون لاهي ڪٽي اسان ڏانهن ڊوڙ وڌي. پنج ڇهه منٽ ۾ ٽپ چيلهه تائين الف اگهاڙيون چوڪريون ٽيمس نديءَ جي هڪ پاسي کان اسان ڏانهن ڊوڙنديون اچي رهيو هيون. اوچتو مان رڙ ڪئي.... خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 310- قميت -/80 رپيا.

ساهيوال جيل جي ڊائري مصنف: شيخ ايار

ڪتاب مان ڪنيل ٽڪرا: مان ايڏا تائين سنڌيءَ ۾ لکي رهيو آهيان ۽ اميد تہ آخر تائين سنڌيءَ ۾ لکندو رهندس. سنڌيءَ جو هر لفظ مون سان صديون ساڻ رهيو آهي، جڏ منهنجي وجود جو حصو آهي. ● مان سنڌي جي باري ۾ سوچي رهيو هوس ۽ من ۾ چئي رهيو هوس، "خدايا! ڇا نہ قوم آهي هيءَ! ڪيترو نہ صبر ڏنو آهي تو ان کي! ان ارغون ڏنا، ترخان ڏنا، تالپر ڏنا،... ان کي هليون وڌيون ويون... آن جا ماڻهو صديون گهوڙا گهوڙا ڪندا رهيا.... ساريون عقوبتون برداشت ڪري وئي.... سيئي ختر ٿي ويا پر هيءَ ايڏا زنده آهي.... ڪيترو نہ صبر، ڪيتري نہ طويل عمري ملي آهي هن کي....." صفحا 264 -خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/60 رپيا.

قيديائيءَ جون اکيون ۽ چند ليکڪا: نورالهدي شاهہ

سنڌي هوليءَ جي بي باڪ ۽ بهادر ليکڪا، نورالهدي شاهہ افسانوي ادب ۾ 'جلا وطن'، 'ڪربلا' ۽ 'رڻ ۽ رڄ جو اتهاس' جهڙا مجموعا ڏئي چرڪايو هو. هاڻي پنهنجي هن شعري مجموعي ذريعي نثري نظم جي صنف ۾ هوءَ هڪ الڳ سڃاڻپ ڪٽي ظاهر ٿي آهي. سندس جرئت پريا نثري نظم، سنڌ سميت سڄي ٽرڊ ورلڊ جي مظلوم ماڻهن جا هڏ ڏوکي ۽ دوست نظم آهن. سنڌ جي پيڙائن جي تاريخ جو مطالعو آهي. ڪمپيوٽر تي خوبصورت انداز ۾ ڪمپوز ٽيل صفحا 232. خوبصورت ٽائيٽل. قيمت -/55 رپيا. پڪي جلد سان -/75 رپيا.

نيو فيلڊس جا ايندڙ ڪتاب

الطاف شيخ جا

هي ڪتاب

هڪ سفرنامو

هڪ ئي ڪتابي صورت ۾

بندر ديسان ديس

چا جو ديس چا جو وديس

اوڙاهه

مصنف: **غلام نبي مغل**

سر' جي ناولن کان پوءِ تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل هڪ اهڙو ناول جنهن ۾ سنڌين کي پنهنجي بقا لاءِ روزانو سوين جوڌا قربان ڪرڻا پوندا ها، پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻا پيا، دربدر جون ٺوڪرون کائڻيون پيون، پنهنجون عزتون اکين اڳيان لٽجندي ڏسي بيوسيءَ جي عالم ۾ سواءِ رت جا ڳوڙا ڳاڙڻ جي ڪجهه به نه ڪري پي سگهيا. موت سنڌين سان پاڇي وانگر هر وقت گڏ هوندو هون. ڪابه جاءِ سنڌين لاءِ محفوظ نه رهي هئي. اهڙين حالتن ۾ جڏهن سنڌين متحد ٿي يڪراءِ فيصلو ڪيو ته .....

قومي غدارَ ءِ حساب ڪتاب

مصنف: **لياقت عزيز**

هن ڪتاب ۾ چا هوندو؟

؟



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.